الفت پريو عبيد

پروفيسر عبيدالله لاڪير جي علمي، ادبي ۽
سماجي خدمتن جو تحقيقي جائزو



محقق
ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر

شاد
SHAD PUBLICATION

الفت پريو عبيد
محقق ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر
شاد
SHAD PUBLICATION



پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي والد محمد بچل
ڀاءُ اسدالله ۽ وڏي پٽ ثناءُالله سان گڏ گهر ۾



پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي
پٽن ثناءُالله ۽ حماد الله سان گڏ



ٽيٽيهن سالن بعد 1989 بيچ جي ڪلاس فيلوز
جي گڏجاڻي وقت ـ انگلش ڊپارٽمنٽ



ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر جي ڪتاب
جي مهورت ۽ رهاڻ وقت



پٽ، پيٽوا، ڀائٽيا ۽ ڀاڻج (ڪٽنب سان گڏ)



21 جنوري 1990 ۾ ايم اي فائينل
جو آخري ڪلاس

Print by: Advance Press Hyd.
0300-0815982

شعوري لاٽ جو تسلسل
شاد
SHAD PUBLICATION

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اُلفت پريو عُبيد

(پروفيسر عبيد الله لاڪير جي سوانح ۽ خدمات)

مُحقق


ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر

(پي ايچ ڊي ميهڙ)

چپائيندڙ

(عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم – ميهڙ(SPEED))

2026ع



ڪتاب جو نالو	:	اُلفت پريو عُبيد
مُحقق	:	ڊاڪٽراعجاز علي سوڍر
ڇاپو پهريون	:	فيبروري 2026ع
ڪمپوزنگ	:	ڪرم اللّٰه سولنگي
ٽائٽل / لي آئوٽ	:	بلاول خان سولنگي
سَهڪار	:	سنڌ سُجاڳ شاعر تنظيم ميهڙ
تعداد	:	500
قيمت	:	1800 روپيا

چپائيندڙ

(عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم، ميهڙ)

(SPEED) 2026ع

ڇپيندڙ

شاد پبليڪيشن حيدرآباد



آفيس ايڊريس

شاد پبليڪيشن حيدرآباد

عبرت پريس واري گهٽي حيدر چوڪ حيدرآباد

0304-3018400

ارپنا

مان پنهنجي هيءَ ڪاوش علم جي
اُجارن کي ارپيان ٿو

چاهت کي چُمڻ چڏيان، عشق عبادت ڪرڻ ڇڏيان؟
محبت کي مَڃڻ ڇڏيان، رُوح راحت ڪرڻ ڇڏيان؟
بي رِيا بندگي ڪپي پوري زندگي ٿِي "انمول" اُتي پِي
الفت کي اُجارڻ ڇڏيان، اهڙي عادت ڪرڻ ڇڏيان؟

Ulfat Bhariyo Ubaid

Professor Ubedullah Lakhiar's

Biography & Services

Written By
(***Dr. Aijaz Ali Sodhar, PhD***)
03013349366
aijazsodhar58@gmail.com

خراج تحسين

علم جو هِي عاشق ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
قرب جو هِي قاصد ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
لُطف اٿس لفظن ۾، خوشبوءِ اٿس خيالن ۾
محبت جو هِي مَداح ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
"عُبيد" سارو اُلفت آهي، "لاکير" سارو لائِق آهي
پريت جو هِي پياسَو ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
"عُبيد" استاد علم اُجارن جي ٿو اُج اجهائي
علم جو هَي اَبَر ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
رب جي رحمت ٿو پانئِيان هِن کي پائو
سِڪَ جو هي سالِڪ ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
سماجي ڪمن ۾ سُڪون سمجهي ٿو سائين
پلائي جو هِي پَرمُ ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
عوامي خدمت کي پنهنجو ايمان مَڃائِين
الفت جو هي عادِي ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
ڀهراڙيءَ جي ٻارن مَنجهه جاڳرتا ٿو جاڳائي
پيار جو هِي پيالو ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
ٿو قلم جي هٿيار هلائڻ جي مَهارت بخشي هِي
قوم جو هِي ڪَريم ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾
"عُبيد"، الله جي عِنايت آهي اسان مٿان "انمول"
عشق جو هِي اَنبار ماٺهو رهي ٿو ميهڙ ۾

فهرست

پروفيسر عبيدالله لاکير

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو نالو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سماجي تاريخ ۾ اهڙي خوشبو جيان پکڙيل آهي، جيڪا وقت گذرڻ سان وڌيڪ پختي، وڌيڪ معطر ۽ وڌيڪ معنىٰ خيز ٿيندي وڃي ٿي. سندس زندگي ڪنهن عهدي، منصب يا سرڪاري حيثيت جو حوالو نه پر هڪ دائمي سفر آهي. سفرِ علم، سفرِ اخلاق ۽ سفرِ خدمت. اهڙو سفر جنهن جي هر قدم تي محبت، هر موڙ تي سچائي ۽ هر منزل تي انساني عظمت جي روشني ساڻ هوندي آهي. سنڌ جي مِٽي صديون گذرڻ باوجود اهڙن معزز استادن تي فخر ڪندي آئي آهي، جيڪي پنهنجون راتيون علم جي روشنيءَ لاءِ ۽ ڏينهون ڏينهن پنهنجي سماج جي مُستقبل لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. پروفيسر لاکير صاحب به انهيءَ ئي عظمت ڀريل قافلي جي اڳواٽن مان هڪ آهي جن جو مقصد علم جي ڀلاري روشنِي ڦهلائڻ، شاگردن جي سوچن کي بيدار ڪرڻ ۽ ڳوٺن، وسندين ۾ شعور جا ڏيئا ٻارڻ آهي.

ميهڙ جي ڀرپاسي بخش لاکير واري مِٽيءَ ۾ جنم وٺندڙ عبيدالله لاکير صاحب ٻالڪپڻ کان ئي هڪ سادگي ڀريل، احترام واري ۽ نيڪ گهر ۾ پلجي وڏو ٿيو. سندس ابتدائي رويو ٻين ٻارن کان الڳ، وڌيڪ سنجيده، وڌيڪ متوازن ۽ وڌيڪ پختو محسوس ٿيندو هو. ڳوٺ جا بزرگ اڪثر چوندا هئا: ”هي ٻار وڏو ٿي استاد ٿيندو“، ۽ وقت اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته سندس احساس نه فقط درست، پر دور انديشيءَ جو روشن مثال رهيا. سندس اکين ۾ سدائين هڪ اهڙو روشن خاڪو رهيو، جتي استاد ۽ شاگرد جو رشتو عبادت جيترو پاڪ ۽ سماج جي بقا لاءِ اوترو ئي ضروري سمجهيو ويندو آهي. تعليمي سفر مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن پاڻ تدريس جي مقدس در تي قدم رکيو، تڏهن جڻ سندس دل جي اٽپوري خواهش پنهنجي مڪمل صورت اختيار ڪري وئي. سندس پهرين مقرري فقط هڪ سرڪاري نوڪري نه هئي، پر هڪ اهڙي علمي دور جو آغاز هو، جنهن هزارين شاگردن جون زندگيون بدلجڻيون

هيون. سندس تدريس جو سمورو عرصو ميهڙ ۽ ٻين علائقن وارن جي لاءِ سَونهري باب بڻجي ويو. شاگرد سندس شخصيت کي فقط استاد نه پر فڪر جي سفر جو سچي معنىٰ ۾ رهنما سمجهندا آهن. سندس نرم آواز، سنجيده چهرو ۽ پختي گفتگو نوجوانن جي دلين ۾ سوچ جا ڏيئا ٻاريندي رهي آهي ۽ مُثبت سوچڻ ئي انسان کي سچي معنىٰ ۾ انسان بڻائيندو آهي. پريٽ آباد ڪاليج، حيدرآباد ۾ اچڻ سان ڪيس نئون ماحول، نيون فضائون ۽ نوان تجربا نصيب ٿيا. شهر جي صورتحال، سياسي تحريڪون، طبقاتي فرق ۽ شهري مسئلا، اهي سڀ تجربا هن کي وڌيڪ گهرو استاد، وڌيڪ حساس ذهني رهنما ۽ وڌيڪ باشعور فڪر وارو انسان بڻائڻ ۾ مددگار ٿيا. اِڍائي سالن جي مختصر عرصي ۾ پاڻ نه فقط پنهنجو مقام ناهيو، پر شاگردن جي دلين ۾ احترام جو اهڙو قلعو قائم ڪيو، جيڪو وقت سان ٽُٽڻ بدران وڌيڪ مضبوط ٿيو. مَٽياري جهڙي روحاني ۽ ادبي مرڪز ۾ هڪ سال گذارڻ سندس مزاج ۾ وڌيڪ نرمي، فڪر ۾ وڌيڪ گهرائي ۽ علمي روين ۾ وڌيڪ وقار پيدا ڪيو. 2001ع ۾ جڏهن هو خيرپور ناٿن شاهه ۾ آيو، تڏهن جڻ سندس تدريسي سفر پنهنجي مڪمل اوج تي داخل ٿيو. هن هنڌ ڪيترائي سال گذاريا ۽ انهن سالن ۾ سندس نالو علم، شائستگي ۽ عزت جي هڪ علامتي نشاني بڻجي ويو. سندس ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ جو مطلب فقط ڪتاب پڙهڻ نه هوندو هو، بلڪه زندگي کي سمجهڻ هوندو هو. پاڻ ڪتابن کان اڳ انسانيت، اخلاق، ذميواري ۽ محنت بابت درس ڏيندو رهيو. ڪيترائي شاگرد سندس هٿ هيٺ پنهنجو شعور، پنهنجي سڃاڻپ ۽ پنهنجو مستقبل تراشڻ ۾ ڪامياب ٿيا. 2006ع ۾ کيس اسسٽنٽ پروفيسر طور ترقي ملي. اها ترقي سندس محنت جو سرڪاري اعتراف هئي، پر لاکير صاحب جو مقصد ڪڏهن به عُهدي، مرتبي يا ظاهري مقام تائين محدود نه رهيو. 2013ع ۾ مستقِل پرنسپل ٿيڻ سندس خدمتن جي توثيق هئي، پر سندس عظمت عهدي ۾ نه پر رَوَيَن ۾ رهي. يعني روين جي نرمي، گفتگو جي وقار ۽ انسانيت سان ڀريل اندر جي شفافيت ۾.

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ پرنسپل جي حيثيت

سان بہ هن علم جي فضا کي وڏيڪ تازگي بخشي. "ڪُهنگ" نالي مئگزين جو اجراء سندس تخليقي ذهنيت، شاگردن سان محبت ۽ ادبي شعور کي فروغ ڏيڻ جي جذبي جو روشن مثال آهي. SPLA ۾ سندس سرگرم موجودگي استاد برادري لاءِ همٿ، حوصلي ۽ اتحاد جو سرچشمو رهي. پنهنجي ڳوٺ بخش لاکير ۾ ”ڳوٺ سڌار سنگت“ قائم ڪري پاڻ ثابت ڪيائين تہ سماج ۾ تبديلي تقريرن سان نہ پر مثالي عمل، سچي خدمت ۽ شعوري رهنمائيءَ سان اچي ٿي. سندس طبيعت ۾ نرمي، بردباري، اخلاق ۽ محبت جا رنگ ايترا تہ گهرا آهن، جو پاڻ سخت لفظ ڳالهائڻ کان اڳ هزار ڀيرا سوچيندو آهي. ڪيترن ئي شاگردن جو چوڻ آهي تہ ڪيس ڪاليج ۾ ڪڏهن بہ غصي ۾ نہ ڏٺو ويو، اختلاف کي بہ پاڻ فڪر جي نئين واٽ سمجهي قبول ڪندو رهيو. سندس نظر ۾ استاد جو آواز خوف نہ پر اعتماد ۽ تنقيد نہ پر اصلاح جو آئينو رهيو. ادب سان سندس محبت اهڙي تہ سچي ۽ اونهي آهي، جو لفظن کي فقط پڙهندو ناهي، پر انهن جي ڌڙڪندڙ دل بہ محسوس ڪندو آهي. سندس لکت سچائيءَ جي سر، سوچ جي کوٽائي ۽ سنڌ جي مِٽيءَ جي خوشبوءَ سان ڀرپور رهي آهي. سندس تنقيد ڪاوڙ نہ هئي، پر وضاحت هئي، گهٽتائي نہ پر رهنمائي هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي شاگردن جي ڪاميابين کي پنهنجي ذاتي خوشي جي برابر سمجهندو آهي. ڪيترائي شاگرد، جيڪي اڄ مُحقق، استاد، شاعر يا ليکڪ آهن، اهي پنهنجي نالي جي پٺيان سندس تربيت جو روشن پاڇو محسوس ڪن ٿا. اهڙو پاڇو جيڪو روشنيءَ مان نهندو آهي، اونداهيءَ مان نہ. سنڌ سان سندس محبت غير معمولي آهي. پاڻ چوندو آهي: ”سنڌ کي ڪتابن سان نہ، دل سان پڙهو.“ ان ڪري سندس هر لفظ ۾ ڌرتيءَ جو درد، عشق ۽ سچائيءَ جو رنگ نمايان رهيو آهي.

اڄ بہ پاڻ پنهنجي ئي شان ۾ مصروف، بيدار، باوقار ۽ پختو آهي. وقت سندس وار سفيد ڪيا، پر سندس فڪر کي پوڙهو ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. هن جي همت، سندس عشقِ علم ۽ سندس محبت شاگرد اڄ بہ ساڳي شدت سان موجود آهن. حقيقت اها ئي آهي تہ اهڙا

ماڻهو مَرَڻا ناهن. اهي فقط نظر کان اوجهل ٿي دلين ۾ رهجي وڃن ٿا. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو نالو اڄ بہ ادب کي ادب ٻڌائي ٿو، چاڪاڻ تہ اهو نالو لفظن جي عزت، علم جي حُرمت ۽ انسانيت جي عظمت آهي.

سنڌ جيڪڏهن اڄ تعليمي زوال تي سوچيندي آهي، تڏهن اهڙا استاد ئي اميد جي صورت ۾ سامهون بيٺل نظر ايندا، جيڪي پنهنجو وقت، فڪر ۽ ڪوششون ٻين کي روشني رسائڻ خاطر قربان ڪري ڇڏين ٿا. استاد فقط پڙهائيندا ناهن، استاد نسلن کي بچائيندا آهن ۽ پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب انهن روشن مينارن مان هڪ آهي، جنهن جو نالو سنڌ جي تعليمي تاريخ ۾ هميشہ احترام، عزت ۽ عظمت سان لکيو ۽ پڙهيو ويندو.

منهنجي دعا آهي تہ الله سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب کي هميشہ سلامت، شاد آباد، باوقار ۽ ڪامياب رکي. آمين

ڊاڪٽر نعمت الله سومرو
نارو شاهہ
20 نومبر 2025ع

علمہ بصيرت ۽ انسان دوستيءَ جو درخشنده مينار

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير اهڙو نالو آهي، جنهن جي ذڪر سان فڪر جي تازگي، علم جي روشني، محبت جي خوشبو ۽ خدمت جي حرارت هڪ گڏيل شعاع بڻجي دلين تي پکڙجي وڃي ٿي. سندس شخصيت فقط هڪ استاد يا ليکڪ جي حدن ۾ قيد ناهي، بلڪ هو اُن درويشانہ فڪري قافلي جو شاندار سالار آهي، جيڪو پنهنجي وجود سان روشني ورهائيندو ۽ پنهنجي فڪر سان ايندڙ نسلن جي سوچ کي نئون سوجهرو ڏيندو هلندو آهي. سندس حياتيءَ جو هر ورق ڪنهن نہ ڪنهن مقصد، عمل ۽ سچائيءَ جي روشن مُسرت سان ڀريل نظر اچي ٿو. سائين پروفيسر صاحب جو فڪر انسانيت، علمہ اخلاق ۽ روحانيت جي اهڙي دِلنواز آبشار جيان آهي، جيڪا ويران روح کي سيراب ڪري ٿي. سندس فڪري نظام ۾ فطري سادگي، فڪري شائستگي ۽ اخلاقي رِفعت جو اهڙو سنگم موجود آهي، جيڪو وڏي محنت ۽ گهري شعور کانسواءِ ممڪن نہ ٿو ٿئي. هو يقين رکي ٿو تہ انسان جي ڪاميابي رڳو علم جي وسعت ۾ نہ، بلڪ اخلاق جي اُونهي سچائي ۽ عمل جي سچپڻ ۾ لِڪل آهي. سماج ۾ تبديلي تڏهن پيدا ٿئي ٿي، جڏهن ماڻهو پاڻ کي صَحيح رُخ ڏانهن ڦيريندا ۽ اهو ئي فڪر سائين جي زندگيءَ جو بنيادي محور رهيو آهي. ادب، فلسفي ۽ سماجي علوم تي سندس دسترس ڪنهن علمي خزاني کان گهٽ ناهي. سائين پروفيسر صاحب جو علم فقط ڪتابن جي سطحن تائين محدود نہ رهيو آهي، بلڪ تجربي، مشاهدي، فڪري تلاش ۽ عملي مشاهدن جي روشنيءَ مان ڦٽي نڪتل آهي. هو انهن مُفڪرن مان آهي، جيڪي نظرئي کي رڳو سوچ تائين نہ رکندا آهن، بلڪ ان کي سماجي حقيقيت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندا آهن. سندس ذهن ۾ اهو خيال هميشہ موجود رهيو آهي تہ علم جي سچي خدمت تڏهن مڪمل ٿئي ٿي، جڏهن هو ڪنهن ٻئي جي زندگيءَ ۾ بہ نئون اُجالو ڀري. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جو تدريس سان تعلق فقط پيشو نہ پر

عبادت جي درجي جو عمل آهي. ڪيترن ئي ادارن ۾ پڙهائيندي هن جنهن محنت سان شاگردن جي فڪر، ذهني وقار، اخلاقي شعور ۽ سماجي ذميواريءَ کي اُجاگر ڪيو، اهو سندس شخصيت جو سڀ کان روشن پهلو آهي. سندس شاگرد علمي ۽ ادبي دنيا ۾ پنهنجي استادن جو نالو جتي بہ وٺندا آهن، اتي سائين صاحب جي محبت، شفقت ۽ علمي عظمت جو ذڪر خاص احترام سان ڪندا آهن. ادب جي دنيا ۾ سائين هڪ معزز فڪري آواز آهي. سندس لکيل مهاڳ رڳو ابتدائي صفحا نہ پر مڪمل فڪري منظرناما هوندا آهن، جن ۾ موضوع جو پس منظر، ليکڪ جو فڪر ۽ ڪتاب جو روحاني ۽ علمي مقصد وڏي نفاست سان اُجاگر ٿيل هوندو آهي. پاڻ ادب جي پانڌيئڙن سان هر مَوڙ تي هر مُمڪن سهڪار ڪرڻ ۾ وَسان گهٽائي ڪين ٿو، جيڪو عمل اڄ جي دور ۾ نهايت ناياب ۽ دل کي ڇُهندڙ ۽ مثالي آهي. جتي گهڻا ماڻهو علم کي پنهنجي ڪمائي ۽ روزي روٽيءَ جو وسيلو بڻائين ٿا، اتي سائين پروفيسر صاحب ان کي خدمت جو ذريعو بڻايو آهي. ڪيس انگريزي ۽ اردو ٻولين تي ڀرپور مَهارت حاصل آهي، پر پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ لاءِ سندس محبت ۽ فڪري وابستگي انتهائي دِلسوز آهي. پاڻ مادري ٻولي کي فڪر جي ڀرين آزادي ۽ قومي سُڃاڻپ جي بنيادي ڇڻائي سمجهي ٿو. تدريس ۾ بہ هن اهڙا طريقا اختيار ڪيا، جيڪي عام ماڻهن ۽ شاگردن تائين علم کي سَنجيدگي سان، پر سادگيءَ سان پهچائين. سندس اهو فڪر اڄ بہ سنڌ جي تعليمي حلقن ۾ هڪ روشن تحريڪ طور موجود آهي. سائين عبيدالله لاکير جي سماجي ۽ تنظيمي خدمتن جو سلسلو بہ وڏو ۽ روشن رهيو آهي. پاڻ فلاحِي ادارن ۾ اهڙو قائدانہ ڪردار ادا ڪيو اٿائين جيڪو محبت، انصاف، مشاورت ۽ اجتماعي ڀلائيءَ جو آئينو نظر اچي ٿو. پاڻ پنهنجون ڪاوشون محروم طبقي لاءِ صَرف ڪيون اٿائين، شاگردن لاءِ رهنمائيءَ جا در کوليائين ۽ سماجي سطح تي فڪر ۽ عمل جي تحريڪ پيدا ڪيائين. شخصيت جي لحاظ سان سائين پروفيسر صاحب محبت جو خوشبودار مرڪز، اخلاق جو صاحبِ وقار نمائندو ۽ انسان دوستيءَ جو اڻٿڪ مسافر آهي. سندس گفتگو ۾ نرم

لهجو، سندس رويي ۾ وقار ۽ سندس مُسڪراهٽ ۾ اطمينان نظر اچي ٿو. نوجوانن لاءِ پاڻ هڪ سَچي رهنما، هڪ مُشفق بزرگ ۽ هڪ فڪري مشعل راهہ جي مثل رهيو آهي. اڄ ڪيترائي شاگرد، ليکڪ ۽ سماجي ڪارڪن سندس فڪر مان روشني وٺن ٿا. سائين پروفيسر صاحب جو فڪر محبت، رواداري، علم ۽ انسانيت جي بنياد تي بيٺل آهي. پاڻ اهڙين خوبين سان سَلهاڙيل رهيو آهي جيڪي هر زماني ۾ قيمتي ۽ قابلِ قدر رهن ٿا. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير فقط هڪ فرد نہ پر هڪ فڪري تحريڪ، هڪ علمي ڪائنات ۽ هڪ روشن سوچ جو مِينار آهي. اهڙيون شخصيتون وقت جي دز ۾ گم نہ ٿينديون آهن، بلڪ وقت جي گذرڻ سان سندن روشني وڌيڪ چمڪندي آهي. اسان جو ارڏو ساٿي ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر جيڪو سندس سوانح ۽ خدمت کي تاريخي سچائيءَ سان گڏ علمي رنگ ۾ پيش ڪري رهيو آهي، اهو ڪم يقيناً سائين پروفيسر صاحب لاءِ خالص خراجِ محبت ۽ خراجِ عقيدت جي صورت ۾ حڪمت ڀريو تحفو آهي.

ڊاڪٽر حافظ صبغت الله ڀٽو
اسسٽنٽ پروفيسر
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
19 نومبر 2025ع

پنهنجي پاران

ڪنهن بہ انسان کي تاريخ جي ورقن ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ تاريخ جي ورقن ۾ داخل ٿيڻ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو آهي. ايئن هرگز ناهي تہ هر رُطب ۽ يابس ڪردار وارو انسان تاريخ ٻڻجي ايندڙ نسلن جي دلين مَنجهہ ڌڙڪي سگهي ٿو. اهو بہ سچ آهي تہ قومون پنهنجي مُحسنن کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪري موجوده ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مثالي زندگي جو نمونو پيش ڪري زنده دل قوم هجڻ جو ثبوت ڏينديون آهن. انسان جڏهن هن دنيا ۾ ايندو آهي تہ سندس هر بنيادي اَنا واري شين ۾ بين جو ئي عمل دخل هوندو آهي. جيئن پيدا ٿيڻ ۾ انسان جي پنهنجي ڪا تمنا ناهي هوندي، اها خالق جي مَنشا تي مبني فيصلو هوندو آهي، پنهنجي لاءِ پنهنجي جنس پسند ڪرڻ يعني مرد يا عورت هجڻ جو اختيار بہ وٽس ناهي هوندو، پنهنجي لاءِ پنهنجو جسماني رنگ، پنهنجي عُضون جي بناوٽ لاءِ بہ پنهنجي فرمائش ڪرڻ جو ڪو اختيار نہ هوندو اٿس. ڪائنات جي هڪ ئي هَستِي هئي جنهن لاءِ حضرت حسان بن ثابتؓ فرمائي ٿو :

وَاَحۡسَن مِنۡکَ لَمۡ تَرَقّٗطُ عَیۡنِیۡ!   وَاَجۡمَل مِنۡکَ لَمۡ تَلِدِ النِّسَآءُ
خُلِقۡتَ مُبَرّءًا مِّنۡ کُلِ عَیۡبٍ!   کَاَنَّکَ قَدۡ خُلِقۡتَ کَمَا تَشَآءُ[1]

ترجمو: اي (الله جا حبيب) توهان کان وڌيڪ حُسن ۽ جمال وارو منهنجي اکِ ڪڏهن ڏِٺو ئِي ناهي ۽ توهان کان وڌيڪ ڪاملِ ڪمال پٽ ڪنهن عورت ڄَڻيو ئي ناهي، توهان کي هر عيب کان پاڪ پيدا ڪيو ويو، گويا جيئن توهان چاهيو توهان کي تيئن ناهيو ويو.

مطلب تہ هن دنيا ۾ اچڻ جو بہ انسان کي پاڻ کي ڪو اختيار حاصل ناهي هوندو. جنهن خاندان ۾ پيدا ٿيندو آهي انهيءَ جي چوند

1. حافظ نثار مصطفٰی، ہومیو پیتھی ڈاکٹر، مداح رسول ﷺ سیدنا حضرت حسان بن ثابت رضی اللہ عنہ کے نعتیہ اشعار میں موجود نقوش سیرت، ص۱۶، سیالکوٹ، شعبہ نشرو اشاعت مرکزی جمعیت اہل حدیث۔

ڪرڻ بہ سندس چاهت ۾ ناهي هوندي، پنهنجي لاءِ رشتن جو انتخاب جيئن فلاڻو منهنجو بابا هجي، فلاڻي منهنجي امڙ بڻجي، فلاڻو ڀاءُ، فلاڻي ڀيڻ، فلاڻو چاچو، فلاڻي ڦڦي، فلاڻو مامو، فلاڻي ماسي، فلاڻو ڏاڏا ۽ فلاڻو نانا ٿئي. يعني رشتن جي معاملي ۾ بہ انسان بلڪل بي وَس هوندو آهي. مطلب تہ انسان کي اهو سڀ خالق جي طرفان ئِي عطا ٿيندو آهي. ايتري قدر جو انسان بعد ۾ جنهن نالي تي فخر ڪندو آهي، اهو نالو بہ ڪيس ٻين جي ئي طرفان مليل هوندو آهي. مطلب تہ انسان شروع ۾ پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ ناهي هوندو نہ ئي سندس چاهت جو ڪو خيال رکيو ويندو آهي ۽ نہ ئي وري سندس پسند يا ناپسند جي ڪا پرواهہ ڪئي ويندي آهي. جڏهن انسان شعور جي عمر کي رَسندو آهي تہ پوءِ پنهنجو ڪردار ۽ عمل بنائڻ ۾ هو خودمختيار هوندو آهي. اها سندس ئي چاهت ۽ مرضي هوندي آهي تہ هو هر دلعزيز ٿيڻ وارو ڪردار ادا ڪري دليون فتح ڪري يا ٻين جي اکين ۾ آب ڏئي معاشري جو ناسور بڻجي عوام لاءِ آزار بڻجي يا وري درميان وارو رستو اختيار ڪري بس پنهنجي ڌُن ۾ مَگن ٿي پنهنجي لاءِ ئي جيئڻ کي پنهنجو مقصد حيات بڻائي. انسان مُتضاد صفتن جو مجموعو آهي. سندس انا، وڏائي ۽ فخر اجايو آهي. اهو ئي حضرت انسان آهي جنهن کي پنهنجي مخلوقات منجهہ شرف واري مخلوق جو اعزاز عطا فرمايائين. الله رب العزت فرمائي ٿو:

وَلَقَدۡ كَرَّمۡنَا بَنِيۡٓ اٰدَمَ وَحَمَلۡنٰهُمۡ فِي الۡبَرِّ وَالۡبَحۡرِ وَرَزَقۡنٰهُمۡ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلۡنٰهُمۡ عَلٰي كَثِيۡرٍ مِّمَّنۡ خَلَقۡنَا تَفۡضِيۡلًا ﴿۷۰﴾[1]

ترجمو: ۽ اسان بني آدم کي عزت بخشي ۽ ان کي خشڪي ۽ پاڻي ۾ سُواري عطا فرمائي ۽ پنهنجي ڪيتري ئي مخلوق تي فضيلت ڏني.

اهو ئي حضرت انسان ڪڏهن مُعتبر بڻجي خدا بنجڻ جي دعوىٰ ڪندي بہ ذرو برابر ناهي ڊڄندو. فرعون جي خدائي دعوىٰ جي

1. سورة بني اسرائيل آيت نمبر ۷۰.

باري ۾ ارشاد باري تعالىٰ آهي:

فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ الۡاَعۡلٰى ﴿۲۴﴾[1]

ترجمو: ۽ (فرعون) چيو مان توهان جو وڏي درجي جو پروردگار (رب) آهيان.

دهرين ۽ مُلحدن پاران الله جي الٰہ هجڻ ۽ مَعبوديت جو انڪار بہ انسان جي پنهنجي خالق خلاف بغاوت ۽ وڏي جهالت جو ثبوت آهي. ڪمال تہ اهو آهي جو ايترو مُعتبر ٿيڻ وقت هو پنهنجي اصليت وساري ويهندو آهي. حالانڪ سندس ابتدا گندي پاڻيءَ مان ٿيل آهي ۽ وري پيدا ٿيڻ وقت ڪيترو نہ بي وَس، لاچار ۽ ڪمزور هوندو آهي جوڪائڻ، پيئڻ، پائڻ، سردي گرمي کان بچڻ، دشمن کان حفاظت ۽ زندهہ رهڻ جي لاءِ خود ٻئي جو محتاج هوندو آهي. نحيف الجسم جڏهن ان پالڻهار جو انيڪ رزق کائي هٽي ڪٽي جسم وارو تندرست جَوان ٿئي ٿو تہ بغاوت تي لهي اچي ٿو. وري اهو ئي حضرت انسان بهادر ۽ دلير ايترو ٿيندو آهي جو جبلن جا ۽ درياهن جا سِينا چيري رستا ناهي ٿو. هوشيار ۽ ذهين ايترو آهي جو فاصلن کي طئي ڪرڻ لاءِ هوائن جو سِينو بہ چيري تمام سَهنجو ۽ گهٽ وقت خرچ ڪري مڪمل ڪرڻ جو هنر سکي ورتائين. دنيا کي گلوبل وليج بڻائي سڄي ڌرتيءَ جي انسانن کي پاڻ سان جوڙي رکيائين. بزدل ۽ بي وَس وري ايترو آهي جو ننڊ ۾ بہ ڇرڪ ڀري اٿي پوندو آهي، اونداهہ کان خوف کائيندو آهي، نہ گهڻي سَردي سَهَي ۽ نہ وري گهڻي گرمي سَهَي، جسماني جوڙجڪ جي ٿورڙي بہ خرابي گوارا ناهي ڪندو، اگر ننهن ٿورڙو وڏيڪ ڪٽجي پوي يا ڪو هڏو ٿورڙو ڪريڪ زده ٿي پوي، اُف ان وقت سندس دانهون ۽ تاثرات ڪهڙا هوندا آهن؟ اهو ماڻهو جيڪو اهڙي تڪليف منجهان گذريو هجي انهيءَ کي چڱي ريت خبر هوندي.

انسان هن دنيا منجهہ امتحان ڏئي شقِي يا سعيد ٿيڻ جي فيصلي جي حجت تام ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. الله رب العزت فرمائي ٿو:

1. سورة النازعات آيت ۲۴.

يَوْمَ يَاْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَّ سَعِيْدٌ ﴿۱۰۵﴾ 1

ترجمو: جڏهن اهو ڏينهن ايندو ته ڪير به الله جي اجازت کانسواءِ ڳالهائي نه سگهندو، پوءِ انهن ۾ ڪو بدحال هوندو ۽ ڪو خوشحال.

هر انسان ڪي انهيءَ جستجو ۾ رُڌل رهڻ گهرجي ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان بس پنهنجي مالڪ کي راضي ڪري هن دنيا منجهان رُخصت ٿي آخرت ۾ هميشه جي ڪاميابي سان همڪنار ٿئي. مون زندگيءَ ۾ جيڪي انسان ڏٺا آهن انهن منجهان ڪي ته انهيءَ قسم جا به ماڻهو رهيا جيڪي آخرت جي انجام کان بلڪل لاپرواهه ٿي بس دنيا ۾ عياشي ڪرڻ کي زندگيءَ جو اصل معراج سمجهي پنهنجي عاقبت برباد ڪري ويٺا، ڪي اهڙا به ماڻهو آهن جيڪي آخرت جا انڪاري رهي دنيا جي زندگي کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي جيئڻ جي جستجو ۾ رهيا، ڪي وري آخرت کان لاعلم بڻجي بس جيئن سمجهه ۾ آيو تيئن زندگي گهاري دنياوي عمر گذارڻ لڳا، ڪي وري آخرت ۾ ڪاميابيءَ جي ڪوڙي اميد رکي بس ڪڏهن گناهه ته ڪڏهن ثواب ڪرڻ کي پنهنجي جيون جو مقصد بڻائي ويٺا ۽ ڪي جوان اهڙا به ڏٺا جيڪي دنياوي زندگيءَ کي آخرت سَنواري خاطر سَهولتن ۽ موقعن کي وجائي آخرت ۾ سُٺي انجام جا اميدوار بڻجي پنهنجي خوشين مٿان ٻين جي آساني ۽ خوشيءَ کي ترجيح ڏئي جيئندا رهيا. مون پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب سان جيترو وقت گڏ گهاريو آهي، ڪڏهن هُجوم ۾ گڏ رهيو آهيانس ته ڪڏهن چند ماڻهن جي ميڙ ۾ ته ڪڏهن وري تنهائي ۾ ڪچهري ڪئي آهي. انهيءَ سموري وقت ۾ مون ڪيس عاقبت جي ڪاميابي لاءِ پراميد رهي انسانيت جي خدمت ڪندي، ٻين جي فلاح و بهبود لاءِ فڪرمند رهندَي، معاشري ۾ نيڪيءَ جي فروغ، انسانيت جي پاڻ ۾ محبت، هڪٻئي جي ڪم اچڻ، پنهنجي وِت ۽ وَس آهر بنا تفريق مذهب، مَسلڪ ۽ ذات پات جي مدد ڪرڻ، علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ جتن ڪرڻ، علم جي اُجارن جي هر ممڪن سَهڪار لاءِ هر وقت تيار رهڻ، علم جي عُشاقن لاءِ پنهنجي سَهائتا پيش ڪرڻ، مهمان جي ميزباني

1. سورة هود آيت نمبر ۱۰۵.

کي پنهنجو فرض سمجهي دل جي خوشيءَ سان ادا ڪرڻ، پنج وقتا نماز جي پابندي ڪرڻ ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهي آخرت لاءِ ثمر ڪَٺي ڪرڻ لاءِ ڪوشان ئي ڏٺو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير مولويانه ڏيک ويک وارو ديندار نه سَهي پر حقيقت ۾ سچي مسلمان جي عملي تصوير آهي. پاڻ ڪو ديني عالم يا ديني اسڪالر نه آهي ۽ مان اڪيلو شخص اهڙو ناهيان جيڪو سندس ڪردار ۽ عمل جا قصيدا ڳائيندو هجي پر اهڙا ڪيترائي ارواح موجود آهن جيڪي منهنجي ڳالهين جي تصديق ڪندا. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي ڪردار ۽ عمل جي باري ۾ اگر لکجي ته يقيناً سندس تعريف ڪرڻ وارن جي هڪ ڊگهي فهرست موجود آهي. مون پنهنجي هن ڪتاب ۾ مٿس لکيل شاعري ۽ مختلف ماڻهن جا تاثرات شامل ڪيا آهن جيڪي منهنجي ڳالهين جي تصديق آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي زندگيءَ تي لکڻ منهنجو ديرينه خواب هيو. الحمدلله اهو خواب اڄ سانپيان ٿي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هر انسان جي زندگيءَ جا ٻه رخ هوندا آهن. هڪ مَنفي ۽ هڪ مُثبت. اها ٻه هڪ حقيقت آهي ته هر انسان جا هڪ طرف چاهيندڙ به موجود هوندا آهن ته ٻئي طرف ڪانئس نفرت ڪرڻ وارا به موجود هوندا آهن. مون ڪوشش ڪئي آهي ته پنهنجي هن ڪتاب ۾ سائين جي زندگيءَ جا ٻئي پهلو سامهون رکان. ايئن ڪندي مون کي ذرو به خوف يا جَجهڪ محسوس نه ٿي چاڪاڻ ته مون کي خبر آهي ته سندس زندگيءَ جا ٻئي رخ صاف سُٿرا ۽ انسانيت جي ڀلائي سان ڀريل آهن. سائين عبيدالله لاکير جي زندگي، خدمتن، ڪردار ۽ عمل تي لکيل هي منهنجو مجموعو الحمدلله ۽ ان شاءالله حقيقت ۽ سچ تي مبني آهي.

هر هڪ انسان پنهنجي ڪردار سان سُڃاتو ويندو آهي. ڪنهن جو ڪردار انسان جي موت پڄاڻان ختم ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهن جي دلين تان تمام جلد مَيسارجي ويندو آهي. ڪن ماڻهن جو ڪردار صدين تائين ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهجي ويندو آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي جيون کي تعليم ۽ تعلم،

نئين ٽهي ۽ مستقبل جي مَعمارن جي تربيت، ادبي ۽ سماجي خدمت لاءِ وقف ڪري خدمت ۾ مَگن رهيو آهي. سائين پروفيسر صاحب جي باري ۾ مون جيڪو ڪجھ هن ڪتاب اندر لکيو آهي مان انهيءَ جو عيني گواهه آهيان. سالن کان وٺي سائين جن سان مُستقل مزاجيءَ سان ملاقاتون ٿينديون رهيون آهن. سندس ڪردار، سوچ، ذِهانت، طبيعت، علم، احساس، ڪچهري، پسند، ناپسند مطلب تہ سندس دل مَنجھ جهاتي پائي ڏٺو اٿم. هرو ڀرو ڳالھ ۾ وڌاءُ ڪري ڪنهن جي تعريف ڪرڻ وارو مزاج منهنجو بہ ناهي مگر هن شخصيت مٿان لِکندي ڪڏهن خوشي محسوس ڪيم تہ وري ڪڏهن پنهنجي لاءِ سعادت سمجهيم، ڪڏهن بي ساختہ دل منجهان آفرين جو آواز آيو تہ ڪڏهن اکين ۾ آب تري تي آيو، ڪڏهن لکڻ وقت زبردستي قلم کي روڪڻو پيو تہ ڪٿي منهنجي احساسن ۽ جذبات کي وڌاءُ نہ سمجهيو وڃي، تہ وري ڪڏهن لفظن جي چونڊ ڪرڻ مَهل سادگيءَ کان ڪم ورتم. هن شخصيت تي لکڻ پنهنجي لاءِ رب جو احسان ۽ نعمت مڃان ٿو. هن شخصيت جي ڪردار، علم ۽ احساس جا قائل ۽ گواهه ڪيترائي ماڻهو موجود آهن. خاص ڪري سائين جن وٽان تعليم پرائڻ وارا منهنجي سمورين ڳالهين سان سَهمت ضرور هوندا. اگر مان ائين چوان تہ مون جيڪو ڪجھ لکيو آهي اهو سائين پروفيسر صاحب جي شاگردن ۽ چاهيندڙن جي دل جي ترجماني ڪئي آهي يا جيڪو لکيو اٿم اهو ڪيترن ئي ماڻهن جي گمان موجب تمام گهٽ ڪري لکيو اٿم تہ بہ شايد اهو ڪو وڌاءُ نہ هوندو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب هر هڪ شاگرد ۽ مِلڻ واري انسان کي چند لمحن ۾ ئي پنهنجو گرويده بنائڻ وارو، سيني کي پنهنجي دل جي ويجهو رکڻ وارو ۽ سيني کي پنهنجو مڃڻ وارو مهربان مَنش آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب ٻين جي خيرخواهي خاطر قرباني ڏيڻ کي پنهنجي لاءِ خوشيءَ جو سبب سمجهندو آهي. پاڻ ديني اعتبار سان صوم و صلوات جو پابند، مذهبي شعارن جي تعظيم ڪرڻ وارو، خوف خدا هر وقت مُستحضر رکڻ وارو ۽ انسانيت جي ڪردار کي هٿي ڏيارڻ وارو ماڻهو آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب گهٽ ڳالهائڻ کي پسند

ڪندڙ، گهڻو ڳالهائڻ کان وڌيڪ گهڻو ٻڌڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. سائين پنهنجي آفيس ۾ اچڻ واري ٻئي علائقي جي ماڻهوءَ پوءِ بيشڪ اهو ڪنهن جو بہ مهمان هجي مگر ان جي خاطر مَدارت ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي ڏاڍي دلچسپيءَ سان ڪري دوستن کي پنهنجو بنائي ڇڏي ٿو.

الله رب العزت ۾ اها اميد اٿم سندس هڪ پياري شخصيت جي زندگيءَ جو مثالي نمونو، سندس سُهڻو ڪردار ۽ خدمت انساني عوام اڳيان آڻي ايندڙ نسل لاءِ هڪ مثالي زندگي جو حقيقي روپ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، جنهن جي بدلي ۾ مالڪِ ڪائنات منهنجي ڪَمِيُن ۽ ڪوتاهيُن کي بہ معاف فرمائي منهنجي بہ عاقِبَت سَنواري جو ذريعو بڻائيندو. آمين. الله رب العزت کان دعا جو طالب آهيان تہ سائين پروفيسر عبيدالله لاکير کي ڊگهي صحتمند زندگي عطا فرمائي تہ جيئن خلقِ خدا جي خدمت ڪندو رهي ۽ سندس شفقت ڀريو سايو اسان جهڙن مٿان تادير قائم ۽ دائم رهي. آمين ثم آمين

ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر
ميهڙ

ڳوٺ بخش لاکير جون مذهبي ۽ علمي شخصيتون

ڳوٺ بخش لاکير لڳ ڀڳ 200 سال اڳ ڪڇي ۾ وڏي ٻوڏ اچڻ کان پوءِ لڏپلاڻ جي سبب آباد ٿيو. جيئن ته هي ڳوٺ ان وقت مٽانهين تي هو، ان ڪري ”ڏڙو“ به مشهور ٿيو. هي ڳوٺ پيروز شاهه ۽ شاهه پنجو سلطان جي وچ ۾ صرف هڪ يا ٻه ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آباد آهي .ڳوٺ جي اتر ۾ بزرگ سيد فتح شاهؒ صاحب جو مُقام (قبرستان) موجود آهي. فتح شاهؒ جي قبر مبارڪ بچاءَ بند جي اندران هئي. جڏهن درياهه جي گهٽي سوڙهه ٿي وئي ته ڪيترن ئي ماڻهن کي سيد صاحب خواب ۾ اشارو ڪيو ته: ”مون کي درياهه تنگ ٿو ڪري، تنهن ڪري مون کي ڪٽي هجرت ڪرائي ٻاهر رکو.“ پوءِ ماڻهن سندن قبر کي کوٽيو ۽ سندن لاش، جيڪو ورهين کان دفن ٿيل هو، ٻاهر ڪٽي اچي ڳوٺ بخش لاکير جي پرسان دفن ڪيو. ان واقعي کان پوءِ انهيءَ سيد جي نالي سان مُقام (قبرستان) کي سيد فتح شاهؒ جو مُقام سڏجڻ لڳو. سيد فتح شاهؒ جي خليفي ٻڍل جي عمر غالبًا هڪ سؤ سال هئي. هو ايمان جي سلامتيءَ وارو زاهد، عابد ۽ خدا ترس ٻانهو هو. سندس موجب: ”مان بفضله تعالیٰ تهجد جي هر رڪعت ۾ يٰس شريف پوري ڪندو هيس. 12 رڪعتن ۾ 12 دفعا يٰس پڙهڻ جو وظيفو سالن کان مقرر هو. هاڻي پيريءَ جي ڪري اها طاقت نه رهي آهي، تنهن ڪري هاڻي مزمل شريف شروع ڪئي اٿم.“

ڳوٺ ۾ سيد فتح شاهؒ ۽ سندن خليفي ٻڍل جي ڪرامتن جا قصا به وڏي عقيدت سان ٻُڌايا وڃن ٿا. خاص ڪري ڏکين گهڙين ۾ ماڻهن کي خوابن ۽ اشاري وسيلي رهنمائي ڪرڻ جا واقعا مشهور آهن. سندن درگاهه تي اڄ به هر سال ميلو لڳندو آهي، جتي نه صرف ڳوٺ واسي پر پاڙي واري ڳوٺن مان به ماڻهو زيارت لاءِ ايندا آهن. ان کان علاوه، ڳوٺ بخش لاکير ۾ وقت بوقت ڪيترائي عالم، حافظِ قرآن ۽ صوفي بزرگ پيدا ٿيا جن پنهنجي علم، تعليم ۽ ديني خدمت سان علائقي ۾ نيڪ نالو ڪمايو. ڳوٺ جا بزرگ نه صرف عبادت ۽

رياضت ۾ اڳيرا رهيا پر ماڻهن جي اخلاقي ۽ سماجي تربيت به ڪندا رهيا.

الحاج عبدالقادر چاڪي

الحاج عبدالقادر چاڪي جو مقبرو ڳوٺ بخش لاکير جي قبرستان ۾ آهي، جتي هو هميشه لاءِ آرامي ٿيو. هو فقط قرآن پاڪ پڙهيل هو پر روحاني فيض ۽ الله تعالیٰ جي عطا ڪيل اسرار سان مالامال شخصيت رکندو هو. سندس بيعت غلام صديق بزرگ شهدادڪوٽ وارن سان هئي. عبدالقادر چاڪي جي زبان ۾ ايترو اثر ۽ برڪت هئي جو جيڪي به لفظ هو چوندو هو، الله تعالیٰ جي حڪم سان ائين ئِي ٿي ويندو هو. سندس دعائن وسيلي ڪيترائي ماڻهو، جن ۾ رئيس سوڀو خان مگسي به شامل هو، ڪامياب ۽ بلند مرتبي وارا ٿيا. ساڳي وقت، جيڪي ماڻهو ڪيس تنگ ڪندا هئا، تن لاءِ سندس بددعا سبب سندن حالتن ۾ سُڌارو نه ايندو هو. ڳوٺ وارا اڄ تائين سندس چوڻِيُن ۽ روايتن کي ياد ڪن ٿا. عبدالقادر چاڪِي گهڻو وقت ڳوٺ بخش لاکير ۾ گذاريندو هو، تنهنڪري ئي کيس هتي دفن ڪيو ويو.

جڏهن بخش لاکير نالي زميندار هن ڳوٺ جو بنياد وِڌو، تڏهن ڪيترا ئي قبيلا ۽ ذاتون لڏي اچي هتي آباد ٿيا. انهن ۾ ملاح برادري به شامل هئي، ڪي پار طرف جي ”ياڳو“ نالي ڳوٺ کان لڏي، ڪي سنڌي ٻنڙا ۽ ڪي ڪنديارو مان لڏي اچي هتي رهائش پذير ٿيا. ملاح قبيلي جي هڪ نامور شخصيت خانصاحب محمد الياس ملاح هئي، پاڻ شروعاتي دور ۾ استاد (ماستر) هو، پوءِ سرڪاري طور بيٽ عملدار مقرر ٿيو. خانصاحب محمد الياس ملاح نهايت نيڪ، پرهيزگار ۽ قدردان انسان هو. پنهنجي مِسڪين ۽ غريب ملاح برادري لاءِ هن هميشه ڪوششون جاري رکيون ۽ انهن جي بهتري لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. سندس جدوجهد جو ئي نتيجو آهي جو اڄ ڳوٺ جا گهڻائي ماڻهو تعليم سان جڙيل ۽ نوڪرين ۾ آهن. سندس اولاد ۾ وڏو فرزند محمد دائود هو. وري انهن جي اولاد

۾ محمد عثمان (ڊرائيور، مرحوم)، الطاف حسين (ڊرائيور، مرحوم)، خان ۽ خادم حسين (حال حيات) شامل آهن. اهي سڀئي پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي پنهنجي برادري ۽ ڳوٺ جي خدمت ڪندا رهيا.

مولانا محمد يوسف ۽ سندس اولاد

ڳوٺ بخش لاڪير جي هڪ روشن ۽ نامور ديني شخصيت مولانا محمد يوسف جي گذري آهي. پاڻ شڪل ۽ صورت ۾ حَسين ۽ نوراني نينگر هو. لڳ ڀڳ پنجن سالن جي عمر ۾ ڪيس سندس والدين جناب حضرت مولانا الحاج عطاءُ اللهؒ جي خدمت ۾ پيش ڪيو. جڏهن مولانا عطاءُ اللهؒ ڪانئس سندس نالو پڇيو ته ننڍڙي يوسف چيو ته: ”منهنجو نالو الله ورايو آهي.“ ان مهل ئي مولانا صاحب فرمايو: ”نه، تنهنجو نالو يوسف آهي“، ۽ پوءِ يوسف ئي ڪيس سڏيو ويو. جلد ئي حضرت مولانا عطاُ اللهؒ وفات ڪري ويا. ان وقت حضرت مولانا محمد هاشمؒ (نواب شاهه وارا) شاگردن ڪي قرآن ۽ ديني تعليم ڏيندا هئا، جن وٽ مولانا يوسف پڻ تعليم حاصل ڪئي ۽ قرآن پاڪ مڪمل ڪيو. بعد ۾ جڏهن حضرت مولانا محمد اسماعيلؒ سومري سوڀو خان مگسي ۾ مدرسو ”دار الفيوض“ قائم ڪيو ته مولانا يوسف اتي پڙهڻ لاءِ ويو ۽ شرح وقايه تائين تعليم حاصل ڪيائين. مولانا اسماعيلؒ جي وفات ڪان پوءِ مولانا يوسف تعليم لاءِ همايون شريف روانو ٿيو، جتي مولانا محمد هاشمؒ پڙهائيندا هئا. هتي مولانا سيد الحاج امير محمد شاهؒ (اميناڻي وارو) به ساڻس هم سبق هو. اتي ئي مولانا يوسف پنهنجي ديني تعليم مڪمل ڪري دستار فضيلت حاصل ڪئي. تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ هو پنهنجي ڳوٺ واپس آيو ۽ بخش لاڪير جي جامع مسجد ۾ درس شروع ڪيائين. بعد ۾ جڏهن ڏوڪري ۾ حضرت مولانا فيض محمد صاحب هجرت ڪري افغانستان ويو ته سندن جاءِ تي مولانا يوسف ڪي مقرر ڪيو ويو. اتي وڏي پيماني تي درس و تدريس شروع ٿي. سرهندي بزرگن جا قاضي صاحب ۽ ٻيا ديندار ماڻهو

سندس مددگار بڻيا ۽ مولانا يوسف جي ڪوشش سان هڪ وڏو ديني ادارو قائم ٿيو. افسوس جو جوانيءَ ۾ ئي اجل اچي ويو ۽ هو الله سائين جي سڏ تي لبيڪ چئي هتان هميشه لاءِ رُخصت ٿي ويو. مولانا يوسفؒ ڪي هڪ فرزند غلام رسول پيدا ٿيو. سندس وفات ڪان پوءِ سندس اهليه جي شادي ماستر حمز علي سان ٿي، پر اولاد نه ٿيو. ان ڪري غلام رسول ڪي وڏي ناز ۽ محبت سان پاليو. غلام رسول انگريزي تعليم حاصل ڪئي ۽ زرعي ڪاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو. هو ديندار ۽ شريعت جو پابند هو ۽ حضرت مولانا منظور حسين مدني جو مُريد پڻ هو. ماڻهن ۾ سندس شهرت ”مولانا غلام رسول“ جي نالي سان هئي. هن پنهنجي ڳوٺ ۽ برادريءَ لاءِ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪيترن ئي ماڻهن ڪي زرعي ڪاتي ۾ نوڪريون وٺي ڏنائين ۽ ڪيترائي ماڻهو جن ڪي هو سفارش جو خط ڏيندو هو، آفيسرن طرفان عزت سان قبول ڪيا ويندا هئا. مولانا غلام رسول جڏهن به ڳوٺ ايندو هو ته نماز، ذڪر ۽ الله جي اطاعت جي تلقين ڪندو هو. سندس اولاد ۾ هڪ پٽ ميان ضياءُ الدين پيدا ٿيو، جيڪو پهرين شاهه پنجو مڊل اسڪول ۾ انگريزي استاد رهيو، پوءِ ميونسپل ڪاتي ۾ نوڪري ڪئي. ميان ضياءُ الدين جون ٻه شاديون هيون. پهرين شادي پنهنجي ڳوٺ ۾ مائٽن مان ڪئي، جنهن مان هڪ پٽ محمد يوسف ناريجو پيدا ٿيو، جيڪو اڄ ڳوٺ بخش لاڪير ۾ رهائش پذير آهي ۽ پرائمري اسڪول ۾ استاد پڻ آهي. بقول سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جي: ”هو منهنجو ذاتي دوست آهي ۽ شايد اسان جي وڏڙن جي پراڻي دوستيءَ سبب اهو ناتو اڄان تائين مضبوط آهي. خاص طور تي بابا سائين محمد بچل ۽ ميان ضياءُ الدين جي گهري دوستي هئي. بابا سائين اڪثر ڪري سندس ڏانهن دادو ويندو رهندو هو.“

مولانا محمود صاحبؒ

ڳوٺ بخش لاڪير جي هڪ ٻي ممتاز ديني ۽ علمي شخصيت مولانا محمود صاحبؒ هو، جيڪو مولانا محمد يوسفؒ جو سالو به هو.

پاڻ ابتدائي ۽ اعليٰ ديني تعليم سنڌ جي مختلف نامور عالمن وٽان حاصل ڪئي. انهن ۾ مولانا عبدالرحمٰن فيروز شاهي، مولانا محمد اسماعيل (سوڀو خان مگسي وارا)، مولانا الهه بخش (پپريءَ وارا) ۽ مولانا عبدالڪريم ديروي (ڏيرو) شامل آهن. مولانا محمود صاحب خلافت تحريڪ ۾ پڻ سرگرم ڪردار ادا ڪيو، جنهن ڪري ماڻهن ۾ ”واعظ الاسلام“ جي لقب سان مشهور ٿيو. پاڻ هڪ ڏاهو حڪيم به هو، طب جي شعبي ۾ ماڻهن جي خدمت ڪندو هو. تدريس جي حوالي سان ڪوٽي ڪوڪر ڳوٺ ۽ سنڌي ٻنڙا ۾ درس ڏيندو ۽ امامت به ڪندو هو. پنهنجي علمي ۽ روحاني فراغت کان پوءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي وعظ ۽ تبليغ ڪندو هو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ رهائش واري جاءِ تي بيمارن جو علاج ڪندو هو. زندگيءَ جي آخري حصي ۾ جڏهن پيرسَن ٿيو، تڏهن پنهنجي ڳوٺ بخش لاکير (دڙو) ۾ ئي رهائش اختيار ڪيائين ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. مولانا محمود پنهنجي دور ۾ امراءَ ۽ بااثر ماڻهن جي مجلسن ۾ به ويندو هو، پر حق ڳالهه چوڻ ۾ ڪڏهن به نه گهٻرائيندو هو. سندس حق گوئي اڪثر ڪري ظرافت ۽ طنز جي انداز ۾ هوندي هئي، جنهن سان ڳالهه دل ۾ لهندي هئي. سندس اولاد ۾ ٽي پٽ هئا: غلام قادر، محمد روشن ۽ غلام نبي. غلام قادر جي اولاد ۾ رفيق احمد، منير احمد، خليل احمد ۽ حاجي الله بخش شامل هئا. انهن مان ٽي پٽ فوت ٿي چڪا آهن، فقط حاجي الله بخش اڄ به ڳوٺ بخش لاکير ۾ زنده سلامت آهي. رفيق احمد جي شادي وڏيري پير بخش وٽان ٿي، جنهن مان هڪ پٽ محمد امين پيدا ٿيو، جيڪو اڃان به حيات آهي. محمد روشن جو پٽ زاهد حسين شاهه پنجو سلطان هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر رهيو. پاڻ نهايت قابل، مهربان ۽ بهترين استاد طور سڃاتو ويندو هو. هو به وفات ڪري ويو آهي. غلام نبي جو به وڏي گهراڻي جي صورت ۾ اولاد آهي، جن ۾ غلام شبير (اوستو)، عبدالله مرحوم ۽ ٻيا شامل آهن. هن خاندان ۾ محمد روشن جو سوٽ محمد يعقوب پڻ هڪ نمايان شخصيت هو. پاڻ پيشي جي لحاظ سان ٽپيدار هو، پر مقامي سطح تي ڪيس رئيس سڏيو ويندو هو. محمد يعقوب وڏي سخاوت ۽ مهمان نوازي جي ڪري مشهور هو. ڳوٺ

۾ داخل ٿيندي ئي سندس اوطاق هئي، جتي هر وقت ڀرَي ڀرَي ڪان مهمان اچڻ جو سلسلو جاري رهندو هو. هو ياررويس، ڪليل دل ۽ سخاوت ۾ بي مثال شخصيت هو.

آخوند عبدالله ۽ الحاج ماسٽر شمس الدين شمسيؒ

ڳوٺ بخش لاکير جي ديني ۽ علمي خدمتن ۾ هڪ اهم نالو آخوند عبدالله جو آهي، جيڪو فيروز شاهه جي مدرسي مان تعليم حاصل ڪري آيو. پاڻ ڳوٺ ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندو هو ۽ امامت جا فرض به سرانجام ڏيندو هو. نهايت ئي نيڪ ۽ سادو شخص هو، جيڪو 85 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. سندس زندگي عبادت ۽ خدمتِ خلق ۾ گذري. ان کان پوءِ ڳوٺ ۾ ديني خدمتن جي حوالي سان هڪ ٻيو وڏو نالو الحاج ماسٽر شمس الدين شمسيؒ آهي. پاڻ وڏو شاعر به هو ۽ پنهنجي وقت ۾ علمي ۽ ادبي ذوق رکندڙ شخصيت طور سڃاتو ويندو هو. ابتدائي ديني تعليم حاصل ڪرڻ بعد مدرسه دارالفيوض، سوڀو خان مگسي ۾ تعليم جاري رکيائين ۽ فارسي ۾ ”سڪندرنامه“ تائين پڙهيو. ڳوٺ ۾ قرآن پاڪ پڙهائڻ ۽ امامت جا فرض ادا ڪندو رهيو. سائين عبيدالله ڪي به سندس شرف تلمذ نصيب ٿيو. 1985-86ع ۾ جڏهن ڌاڙيلن جو دور هو، تڏهن ڪجهه وقت لاءِ دادو هجرت ڪري هليو ويو، پر جلد ئي واپس اچي پنهنجي ڳوٺ بخش لاکير (دڙو) ۾ رهائش اختيار ڪيائين. آخرڪار اتي ئي زندگيءَ جو سفر پورو ڪري دارالبقا طرف روانو ٿي ويو. سندس اولاد ۾ هي نالا نمايان آهن: ممتاز علي، زرعي بينڪ ۾ مينيجر رهيو. آفتاب احمد، واپڊا اسڪارپ ۾ سب ڊويزنل آفيسر دادو طور خدمتون سرانجام ڏنيون. محبوب علي، آءِ جي پوليس آفيس ۾ آفيس سپرنٽينڊنٽ رهيو، پر ڳوٺ ۾ برادريءَ جي تڪرار دوران شهيد ٿي ويو. عطاءُ المصطفيٰ، ڊائريڪٽر فشريز جو عُهدو سنڀاليو ۽ 2023ع ۾ رٽائر ٿيو. هاڻي ڳوٺ ۾ رهائش پذير آهي. سائين شمسيؒ جو اولاد نه رڳو اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ رهيو، پر اهم عهدن تي به فائز ٿيو. سندس نئين نسل به پڙهيل لکيل آهي.

آفتاب احمد جو فرزند مفيد احمد دادو ۾ وڪالت جي پيشہ سان لاڳاپيل آهي ۽ پنهنجي خاندان جي علمي ۽ ادبي ورثي کي اڳتي وڌائي رهيو آهي.

مولانا قاري محمد عيسىٰؒ تجويد ۽ قراءت جو ماهر

ڳوٺ بخش لاڪير جي هڪ روشن ۽ نمايان ديني بزرگ شخصيت مولانا قاري محمد عيسىٰؒ ولد آخوند محمد يامين هو. پاڻ ۽ سندس والد صلاح جتوئي جي ڳوٺ ۾ امامت جا فرض ادا ڪندا رهيا. سندس گهرواري بہ وڏي ديني خدمتن ۾ شامل هئي، جيڪا سڄي ڳوٺ جي ڇوڪرين کي قرآن پاڪ پڙهائيندي هئي. سندن گهر ۾ ڏينهن رات قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ تعليم جو سلسلو جاري رهندو هو ۽ قرآن پاڪ جو آواز هر وقت ٻڌڻ ۾ ايندو هو. مولانا قاري محمد عيسىٰ پنهنجي ابتدائي ۽ اعلىٰ ديني تعليم "مدرسہ دار الفيوض" سوڀو خان مگسي مان حاصل ڪئي. تجويد ۽ قراءت ۾ مَهارت حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ خاص طور تي گهوٽڪي ويو ۽ اتي مولانا سيد قاري شير محمد شاه مدنيؒ وٽ تعليم حاصل ڪيائين، جيڪي پنهنجي دور جا وڏا ماهر قاري ۽ استاد هئا. سندن صحبت ۾ قاري محمد عيسىٰ تجويد ۽ قراءت ۾ ڪمال حاصل ڪيو. تعليم مڪمل ٿيڻ کان پوءِ کيس دستار فضيلت سان نوازيو ويو ۽ پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ درس ڏيڻ لڳو. پوءِ استادن جي حڪم سان سوجهرو ڳورڙ ۾ درس ڏيڻ لاءِ موڪليو ويو، جتي ڪجھ عرصو تعليم ڏنائين. ان کان پوءِ پاڻ ڳوٺ ڳنواس، متصل نصيرآباد ۾ تدريس جي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. روحاني طور پاڻ مديجي جي بزرگ خليفہ ميان عبدالرحمٰنؒ ۽ خواجہ فضلي قريشي مسڪين پوري (پنجاب) جو مريد هو. سلوڪ ۾ پاڻ نقشبندي طريقي کي مڪمل طور اختيار ڪيائين. سندس ذڪر بابت مشهور آهي تہ پاڻ هڪ ئي دم ۾ 101 ڀيرا نفي اثبات (لا إلہ إلا الله) پڙهندو هو، جيڪو سندس باطني رياضت جو ثبوت هو. افسوس جو مولانا قاري محمد عيسي جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري

ويو. وفات کان اڳ وصيت ڪيائين تہ سندس جنازي نماز مولانا عبدالڪريم مگسي (سوڀو خان مگسي وارا) پڙهائن ۽ سندس ڪتب خانو بہ انهن جي حوالي ڪيو وڃي. پاڻ نهايت خوش الحان قاري، ماهر ڪاتب ۽ سُهڻي تلاوت ڪندڙ شخص طور سڃاتو ويندو هو. سندس وفات کان ٿورو پوءِ سندس حاملہ گهرواريءَ کي هڪ فرزند پيدا ٿيو، جيڪو سندس يادگار طور هن دنيا ۾ زندھ رهيو. جنهن جو نالو شمن هو، جيڪو ملو شمن جي لقب سان سڏيو ويندو هو. شمن کي اولاد ٿيو. سندس وڏي پٽ جو نالو شاهنواز هو. شمن هتان لڏي ڏابيجي ويو. پاڻ ۽ سندس وڏو پٽ شاهنواز وفات ڪري چڪا آهن، شمن جو باقي اولاد هن وقت اتي ئي رهائش پذير آهي[1].

1. هي سموري معلومات سائين پروفيسر عبيدالله کان حاصل ڪئي آهي.

تعارف

عبدالله بن محمد بچل بن قادر بخش لاڪير بن محمد هاشم

سائين ماستر محمد بچل لاڪير ڳوٺ بخش لاڪير جو هڪ معزز شخص هو. پنهنجي زميني زمينداري سان گڏ ناليوارو پرائمري استاد ۽ ڳوٺ جي ننڍين وڏن فلاحي ڪمن ۾ وڏي اڳرائي ڪرڻ جي ڪري ڳوٺ ۽ تر وارن ۾ عزت ۽ احترام جي نِگاهه سان ڏٺو ويندو هو. 27 جون 1965ع 27 صفر 1385 هجري بروز آچر تي سائين محمد بچل لاڪير جي گهر ۾ سندس پهرين نمبر ٻار جو جنم ٿيو. انهيءَ ٻار جو نالو عبدالله رکيو ويو. عبدالله جي پرورش عام رواجي طريقي سان خالص ٻهراڙيءَ واري ماحول ۾ ٿي. ان وقت اسان جي ٻهراڙيءَ منجهه هر شيءِ تقريبًا خالص هوندي هئي. اڄ واري دؤر جيان چانهن، بوتل، سگريٽ، موبائل، ٽي وي ۽ ڪمپيوٽر جو استعمال عام جام نه هوندو هو، بلڪ انهن شين جو وجود ئي نه هوندو هو. ٻهراڙيءَ منجهه هر هڪ شيءِ خالص ميسر هوندي هئي. اتان جي آبهوا سان گڏ اتان جي ٻولي ۽ دلين منجهه محبت ۾ ڪا ملاوٽ نه هوندي هئي. ادب ۽ احترام اتان جي ماڻهن جو شيوا هو. وڏن جي عزت ۽ ننڍن سان محبت عام جام هئي. حيا شرم عورتن سان گڏ مردن جو به زيور هوندو هو. هر ڪنهن جي معاملي ۾ بنا دعوت جي سمورو ڳوٺ ڪاهي پوندو هو. ايئن پيو محسوس ٿيندو هو ڄڻ ته سڀ ڳوٺ وارا هڪ ئِي پيءُ جو اولاد هجن. ڪنهن فرد جو غم پوري ڳوٺ بلڪ سموري تر جو غم بڻجي ويندو هو ۽ فرد جي خوشي به سيني لاءِ خوشي بڻجي ويندي هئي. فرد جي ڪاميابي تي هرڪو فخر محسوس ڪندو هو، ڄڻ ته اها ڪاميابي ڪيس ملي هجي. گويا ڳوٺ هڪ گهر ۽ اطراف ۾ موجود ڳوٺ هڪ ئي ڳوٺ جي گهرن جي مِثل هئا. ڪنهن هڪ گهراڻي جو مهمان پوري ڳوٺ جو مهمان هوندو هو. ڪنهن ماڻهو جو دشمن پوري ڳوٺ جو دشمن هوندو هو. ڳوٺ ۾ موجود گهرن ۾ اچڻ وڃڻ جام هوندو هو. عمر رسيده ماڻهو پوري ڳوٺ جي مجيل گڏيل مِيراث هوندا هئا. جيئن ٻار پنهنجي گهر جي وڏن ڪان هر وقت ڊنل رهندو هو ۽ سندن اڳيان باادب رهندو

هو، تيئن ڳوٺ جي ڪنهن به وڏي جي اڳيان ويهڻ يا ادب جي خلاف حرڪت ڪرڻ جي جرئت ڪرڻ جو دم ڪنهن ۾ به نه هوندو هو. اگر ڪنهن گهر ۾ ڪو خوشيءَ جو پروگرام هوندو هو ته سيني ڪاوڙيل مٽن مائٽن ۽ دوستن ڪي پرچائڻ لاءِ پئي هر هر پنجائت ڪبي هئي. جيسيتائين ان ڪاوڙيل عزيز يا دوست ڪي راضي ڪري انهيءَ پروگرام ۾ شريڪ نه ڪبو هو تيسيتائين پورو ڳوٺ بي چيني ۾ رهندو هو. خوشيءَ جي موقعي تي هفتو ڏهه ڏينهن اڳ سموري گهر ڪي حَجْلَهٔ عَرُوسي (ڪنوار لاءِ سينگاريل ڪمرو) جيان سِينگاريو ويندو هو. اوطاق سَجائي ويندي هئي. مَنهَن جوڙيا ويندا هئا. ڪافي ڏينهن اڳ پري پري جي مائٽن ۽ دوستن جي خاندان سميت آمد شروع ٿي ويندي هئي. راتيون ڪچهرين، سَهِرن ۽ ٽهڪن ۾ گذرنديون هيون. ايئن پيو محسوس ٿيندو هو ته خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ وارا مهمان سموري ڳوٺ جا گڏيل مهمان هجن. عزت ۽ احترام وارو اهڙو ماحول اڄ اسان جي ڳوٺن منجهان به عُنقاءُ ٿي چڪو آهي. اهڙي طرح اگر ڪنهن فرد ڪي ڪو غم رَسندو هو ته سمورو ڳوٺ ان لاءِ سَهارو بڻجي اٿندو هو. اگر ڪا فوتگي ٿيندي هئي ته پوري ڳوٺ ۽ تر وارن ڳوٺن ۾ غم ۽ ڏک جي لهر ڇانئجي ويندي هئي. افسوس واري ڪيفيت ۾ انهيءَ تر ۾ خوشيءَ جو رٿيل پروگرام اگر مهينو بعد جو به هوندو هو ته ان ڪي تبديل ڪيو ويندو هو. هر گهر هر فرد انهيءَ ڏک ۾ برابر جو شريڪ هوندو هو. گهرن ۾ ريڊيو يا ٽي وي جو آواز به بند هوندو هو. ايندڙ مهمان ڪي بنا ماني کارائڻ جي اجازت ڏيڻ بي ادبي سمجهي ويندي هئي. اَوَيلي ٽائيم تي اچڻ واري مهمان ڪي مرد نه هجڻ جي صورت ۾ ڪنهن ٻار ڪي موڪلي اوطاق يا چاپري ۾ ويهاري لَسِي ماني کارائڻ هر ماڻهوءَ جي فطرت ۾ شامل هو. اوطاقن جو سسٽم ڳوٺ وارن جي لاءِ شادي هال، ميٽنگ هال، ڪميونٽي هال ۽ ڪورٽ جو ڪم ڏيندو هو. اوطاقن ۾ روايتي ڪچهريون ٿينديون هيون. انهن ڪچهرين ۾ ڪِل پَوڳ، قصا ڳوئي، بيت پڙهڻ، ڳجهارت، ڏور، گيت غزل پڙهڻ، زماني جي گردش ۽ حالات تي تبصرا ڪرڻ، مُلڪي حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ، چوڪرن توڙي نياڻين جي رشتن جون ڳالهيون به اوطاقن ۾

ئي طئي ٿينديون هيون. ننڍن وڏن جي درميان محبت ۽ عزت ۽ احترام جو نظارو بہ ڏسڻ لاءِ خوب ملندو هو. اڄ جي سوشل ميڊيا يا اليڪٽرانڪ ميڊيا جي اهڙي مصيبت نہ هئي. پراڻيون اخبارون پيون هر هر پڙهبيون هيون. ريڊيو تيBBC (بي بي سي) تي نشر ٿيندڙ خبرون ٻڌڻ لاءِ ريڊيو جي اردگرد جمع ٿبو هو. نہ ايترو جدت سان چاھ هو نہ ئي ڪا وڏائي ۽ فخر واري ڳالھ هوندي هئي. مَيٺ ۽ محبت جو ماحول هوندو هو. اهڙي ماحول ۾ اک کولَي هن دنيا ۾ اچڻ وارا ڏاڍا خوش نصيب رهيا. سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جو جنم بہ اهڙي ئي ماحول ۽ دؤر ۾ ٿيو. انهيءَ وقت ۾ جيئن ٻار کي مِٺ مائٽ گڏجي پاليندا هئا، تيئن سائين عبيدالله بہ پرورش پائڻ لڳو. ان وقت ۾ مِٺ مائٽن ۾ گهٽي حجت بہ هوندي هئي ۽ ٻارڙن سان سيڻ جو پيار هوندو هو. هر هڪ عزيز مٽن پيو گهور ويندو هو. ڪڏهن ڪٿان دڙڪو ملندو هو تہ وري ڪٿان جَجهو پيار ۽ سَرسُ محبت پڻ مِلندي هئي. عام رواجي طور طريقن سان ڪيڏندي، ڪُڏندي، ڪڏهن ٽِڙندي، ڪڏهن ٿاٻڙجندي، ڪڏهن ڏِڪو کائِيندي، ڪڏهن سَنيلجندي، ڪڏهن ڪِري پوڻ کان بعد وري اٿي هلندي جيون جو سفر شروع ڪيائين. اهڙي ريت خالص ڀهراڙيءَ واري ماحول ۾ عبيدالله جي پرورش ٿي ۽ بخش لاڪير جي مِٽي ۾ ڪيڏندي پروان چڙهڻ لڳو.

پيائر ۽ ڀينر

1. **قادر بخش** بن محمد هاشم (سائين عبيدالله جو مائيتو پياءُ) (جنم 30 جولاءِ 1959ع)،
2. پروفيسر **عبيدالله** (جنم 27 جون 1965ع)،
3. **مرحومہ مُراد خاتون** (جنم 5 فيبروري 1968ع) زوجه علي اصغر لاڪير،
4. **مرحوم اسدالله** (جنم 2 اپريل 1974ع، وفات 25 ڊسمبر 2015ع، ڪينسر سبب وفات ڪيائين)،
5. **رُخسانہ بيگم** (جنم 5 فيبروري 1978ع) زوجه ڪريم

بخش لاڪير،

6. **فرزانہ بيگم** (جنم 4 جنوري 1981ع) زوجه گلزار علي لاڪير،
7. **سميع الله** (جنم پهرين فيبروري 1983ع) (اولاد: محمد زين، محمد آريان ۽ مريم عرف خديجه)،
8. **نعمت الله** (جنم پهرين اپريل 1984ع) (اولاد: نقيب الله، آيت ۽ نِمسا)

امڙ: مريم (جنم پهرين جولاءِ 1943ع **مطابق** 29 **جمادي الثاني** 1362**هجري بروز خميس، وفات** 27 **اپريل** 2019ع 21 **شعبان** 1440**ھ** وقت 11:15 **رات جو، تدفين** 28 **اپريل** 2019 **منجهند** 12 **بجي**)

والد: سائين **محمد بچل** لاڪير (جنم 5 **جنوري** 1936ع، وفات 24 جنوري 2019ع وقت 3:45 ڏينهن، ڊاڪٽر عبدالحق عباسي جي اسپتال ميهڙ ۾، **تدفين** 25 **جنوري** 2019ع **صبح** 10:30)

اولاد

پنج نياڻيون ۽ ٽي پٽ

ثناءُالله(M.A English 2024) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو،

حماد الله 1 B.SC جو شاگرد (جنم 15 جولاءِ 2006ع)

۽ **مبين علي** (جنم 18 جون 2010ع) ڏهين ڪلاس جو شاگرد

وڏي نياڻي اِرم (جنم 29 نومبر 1994ع) زوجہ ڪرم الله لاڪير (B.Sc K.N Shah 2014) پاس.

ٻيو نمبر نياڻي انيلا (جنم 5 جنوري 1998ع) زوجہ صدام حسين لاڪير مئٽرڪ 2013ع ۽ انٽرميڊئيٽ 2015ع

ٽيون نمبر نياڻي ثنا (جنم 7 فيبروري 2002ع) زوجه فهيم لاڪير Intermediate

چوٿون نمبر نياڻي قرة العين (جنم 5 فيبروري 2004ع ADS B.Sc / Graduate 2024 گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف.

پنجون نمبر نياڻي ڪُلثوم (جنم 15 جنوري 2008ع Intermediate گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول شاهه پنجو سلطان مان 2025ع ۾ پاس ڪئي اٿائين. هن وقت ADS-1 ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ داخلا اٿس.

شادي: 21 مارچ 1992ع

زوجه: غلام فاطمه (ماروٺ) بنت علي نواز لاڪير (جنم 20 ڊسمبر 1971ع)

تعليم

عبيدالله لاڪير جڏهن پڙهائي جي عمر کي رسيو ته کيس ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو ويو ۽ انهيءَ سان گڏ ديني تعليم پرائڻ لاءِ ڳوٺ جي بزرگ سائين شمس الدين شمسي ناريجو وٽ سندس گهر اندر پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. پرائمريءَ جي تعليم پوري ڪرڻ کان بعد شاهه پنجو سلطان جي مِڊل اسڪول جيڪو بعد ۾ هاءِ اسڪول بڻيو ۾ ڇهين ڪلاس ۾ داخلا وٺي پڙهڻ لڳو. سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جي هاءِ اسڪول شاهه پنجو ۾ نائين ڪلاس جي پهرين بيچ هئي. خير سان گورنمينٽ هاءِ اسڪول شاهه پنجو مان 1982ع ۾ سي گريڊ (C) ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ميهڙ ۾ ڊگري ڪاليج نه هجڻ سبب گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۾ 1983ع ۾ فرسٽ ايئر (يارهين ڪلاس) ۾ داخلا ورتائين. انٽر ميڊيئيٽ تائين پاڻ سِيتا اسٽيشن تي سيٺ عبداللطيف لاڪير (سائين محمد بچل لاڪير جو سوٽ) وٽ رهندو هو. هو اتان جو مشهور مِنائي جو واپاري هو. کيس به دڪان هئا، سِيتا روڊ جي شاهي بازار ۾ مسجد جي سامهون. سندس پر ۾ سندس ناني سيٺ محمد سليمان لاڪير جو به مِنائيءَ جو دڪان هوندو هو. عبداللطيف لاڪير سيٺ لطيف يا لطيف حلوائي طور سڃاتو ويندو هو. سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير اتان روزانو جي بنياد تي لغاري برادرس جي بَسن ۾ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۾ پڙهڻ ويندو هو.

هفتي هفتي پنهنجي ڳوٺ اچڻ لاءِ ڇنڇر جي شام جو سِيتا کان شاهه پنجو ريل جو سفر ڪندو هو. سِيتا اسٽيشن کان شاهه پنجو اسٽيشن جي وچ ۾ فقط بالي شاهه اسٽيشن هوندي هئي. آچر تي ريل ذريعي شاهه پنجو اسٽيشن کان سِيتا ايندو هو. اتان 1984ع ۾ سي گريڊ ۾ انٽرميڊيئيٽ پاس ڪيائين. سائين عبيدالله لاڪير پري انجنيئرنگ ۾ انٽر پاس ڪئي هئي. انهيءَ ڪري پاڻ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ بي اي (B.E) ايگريڪلچر ۾ داخلا لاءِ اپلاءِ ڪيو. ان دوران سندس ڳوٺ جا دوست جيئن سليم رضا ناريجو، رفيق احمد ناريجو ۽ عطاءُ المصطفىٰ ناريجو اڳ ۾ ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ هئا. سائين عبيدالله لاڪير صاحب انهن ڏينهن ۾ وٽن سنڌ يونيورسٽيءَ جي هوشو هاسٽل ۾ ترسيل هو. اتي ئي کيس خبر پئي ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ به داخلا جاري آهي. سو اتي دوستن سان ڪچهري دوران ئي سندس ذهن تبديل ٿيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا لاءِ ڪاغذ جمع ڪيائين. انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ٿيڻ کان پوءِ ايگريڪلچر يونيورسٽي ۾ فيس جمع نه ڪرايائين. سائين عبيدالله لاڪير صاحب کي پرائمري ۽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ دوران سنڌي ادب جو مطالعو ڪندي ادب سان لاڳاپو ٿي ويو هو. اهو ئي سبب هو جو پاڻ انگريزي ادب ۾ پڙهائيءَ کي ترجيح ڏنائين.

اساتذه ڪرام

پرائمري پهريون درجو سائين محمد قاسم ساند وٽ، ٻيو درجو سائين محمد صالح ناريجو وٽ، ٽيون درجو سائين شمس الدين شمسي ناريجو، چوٿون درجو سائين امير الدين قاصر ناريجو ۽ پنجون درجو پنهنجي والد محترم سائين محمد بچل لاڪير وٽ پڙهيو. سائين محمد بچل لاڪير سنڌي ۽ حسابن جو مَڃيل استاد ۽ ماهر هو. سائين سنڌي ست درجا فائنل پاس استاد هو.

مدل ۽ هاءِ اسڪول ۾ استاد

سائين عبدالستار "عبد" مگسي، سائين عبدالله خان لاکير (سوڀو مگسي)، سيد علي حسن شاه (شاه پنجو)، سڪندر علي سميجو (شاه پنجو)، نذر محمد چنا پيروزشاهي، رضا محمد ساهڙ (مَسُو ساهڙ)، جلال الدين ناريجو (بخش لاکير)، علي بخش جوڻيجو (شاه پنجو)، خادم حسين جوڻيجو، مولانا محمد حسن چنا پيروزشاهي، محمد پريل سميجو (سنڌي ٻُٽڙا)، فيروز الدين ناريجو (بخش لاکير)، امير الدين لاکير (بخش لاکير).

سنڌ يونيورسٽي ۾ استاد

انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهڻ وقت سندس استاد محترم جناب ڊاڪٽر اسدالله لاڙڪ، پروفيسر خير محمد (KM) لاڙڪ، پروفيسر ارجن لال، پروفيسر عبدالغني شيخ، پروفيسر محمد حسن بودلو زرداري، پروفيسر خالده سليم فاروقي، سيد قلندر شاه لڪياري، غلام حيدر بلوچ، پروفيسر آصف علي سُهاڳ، ميڊم نرگس قاضي، ميڊم شهله، ميڊم عارفه ۽ ٻيا استاد رهيا.

پاڻ جڏهن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ماسٽرس آنرس جو شاگرد هو ان وقت سندس ڪلاس فيلوز ۾ چند گهرا ۽ گهاٽا دوست هي رهيا:

پير حماد الله (ضلعي نوابشاه ۾ خياروي شريف جي درگاه جو موجوده سجاده نشين ۽ گادي نشين)، اسحاق سومرو (ڪراچيءَ ۾ NGOsجو هيڊ ۽ صحافي آهي)، قربان ڪِيريو (نوابشاه)، قاضي سعادت (رٽائرڊ ڪرنل ۽ پنو عاقل ڪيڊٽ ڪاليج جو پرنسپال)، مرحوم عبدالعزيز مگسي (سوڀو مگسي جو اسسٽنٽ پروفيسر انگلش، ميهڙ ڪاليج)، غلام حُسين مگسي (رٽائرڊ پروفيسر نوابشاه)، اقبال مگسي (شڪارپور)، مهربان باجڪاڻي (جهٽ پٽ، بلوچستان)، فياض تنيو (زميندار، ٻير شريف)، شبانه (رٽائرڊ ايسوسي ايٽ پروفيسر ڪراچي)، ذوالفقار اُنڙ (نوابشاه)، مرحوم ضياءُ الدين ڪنڊ سابق اسسٽنٽ پروفيسر انگلش ڊپارٽمنٽ شاه

لطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس (خيرپور ميرس)، عنايت الله ميمڻ، امدادالله ميمڻ، غزاله ابڙو (لاڙڪاڻو)، قادر بخش رند (پروفيسر انگريزي ادب ۽ ڊپٽي سيڪريٽري سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ چيئرمين بيورو آف ڪريڪيولم ڄام شورو) (شهدادپور، سانگهڙ)، فريده پهنور (رٽائرڊ ڊائريڪٽر IELL انگلش ڊپارٽمينٽ)، رفيق ميمڻ (VC ميرپور خاص يونيورسٽي)، ابراهيم لُنڊ (رٽائرڊ پرنسپال صادق ميمڻ ڪاليج ٽنڊو الهيار)، غلام حيدر ڪِيريو (وائيس پريزيڊنٽ / حبيب بئنڪ سينيئر مئنيجر) (سڪرنڊ)، غلام نبي ڪِيريو(SSPسڪرنڊ)، شبانه (رٽائرڊ ايسوسي ايٽ پروفيسر انگلش، ڪراچي ڪاليج)، نياز ڏيپر (ايسوسي ايٽ پروفيسر انگلش، ڊگري ڪاليج نصيرآباد)، سُنيتا، سڪندر گانگهچو (رٽائرڊ ايسوسي ايٽ پروفيسر، پرنسپال ڊگري ڪاليج نصيرآباد)، شارق احمد (موجوده سيڪريٽري سنڌ گورنمينٽ)، محمد اقبال ميمڻ (پرنسپال پبلڪ اسڪول حيدرآباد) ۽ امبيلا جوڻيجو سرفهرست آهن .

انهيءَ کان علاوه يونيورسٽي ۾ جن ٻين شاگردن سان سندس دوستي رهي انهن ۾ رمضان لاکير(ايسوسي ايٽ پروفيسر ڪيمسٽري، پرنسپال گورنمينٽ هايرسيڪنڊري اسڪول سِيتا) (هي سائين پروفيسر عبيدالله لاکير سان چار سال هاسٽل ۾ گڏ رهيو) (ڪنيارا لاکير خيرپور ناٿن شاه)، شمن لاکير (صفر لاکير نزد ڪولاچي)، منظور لاکير (ڪنٽرولر زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام)، پروفيسر خليل بروهي، پروفيسر الهداد جمالي، پروفيسر سجاد تنيو (قمبر)، عمر زنئور (ڪنٽرولر SPSC حيدرآباد) ۽ بشير پٽي شامل آهن.

وڏيرو قادر بخش لاکير

محمد هاشم لاکير جا ٻہ فرزند هئا. هڪ وڏيرو قادر بخش لاکير (وفات 1942ع) ۽ ٻيو محمد بچل لاکير. قسمت جو اهو فيصلو ٿيو جو محمد بچل جوانيءَ ۾ ئي وصال ڪري ويو، پر سندس نالو محبت، اخلاص ۽ علم جي روشنيءَ سان هميشہ زندهہ رهيو. وڏيرو قادر بخش ڳوٺ بخش لاکير جي باني بزرگ، وڏيري بخش جو سوٽ هو. سندس شخصيت پنهنجي دور ۾ عزت، زمينداري ۽ اثر و رسوخ جي علامت هئي. علائقي ۾ سندس اڍائي سؤ جريبن کان وڌيڪ زمين هئي، جيڪا نہ رڳو سندس دولت ۽ شان جي علامت هئي، پر سندس سخاوت ۽ ماڻهن سان پيلائيءَ جو بہ ثبوت هئي. ان وقت جي قانون مطابق، پرائمري پاس ۽ زميندار ماڻهو لوڪل گورنمينٽ جي چيئرمين شپ لاءِ ووٽ ڏيڻ جو حق رکندا هئا. وڏيري قادر بخش کي بہ اهو حق حاصل هو. هو پنهنجو ووٽ گهارو ڳوٺ جي زميندار وڏيري الله رکيو لاکير کي ڏيندو هو، جيڪو ٽرڙي محبت يونين ڪاؤنسل جو چيئرمين رهندو هو. 1974ع ۾ جڏهن جناب ذوالفقار علي ڀٽو (شهيد) ڳوٺ گهارو ۾ وڏيري الله رکيو جي اوطاق تي دعوت ۾ آيو، تڏهن پروفيسر عبيدالله لاکير جي والد سائين محمد بچل لاکير کي ان ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ خاص دعوت ڏني وئي. جڏهن سائين ماستر محمد بچل لاکير اوطاق تي پهتو تہ وڏيري الله رکيو کيس ڏسي خوش ٿي چيو: وڏيرو محمد مَلوڪ ڪونہ آيو ڇا؟ سائين محمد بچل جواب ڏنو: سائين! محمد مَلوڪ اسان جو وڏو آهي. مون کي چيائين تہ اگر تون دعوت تي وڃين ٿو تہ بس ڪافي آهي، مان نہ ٿو هلان. وڏيري الله رکيو کي منهنجا سلام چئجان. وڏيري الله رکيو ان ڳالهہ تي مُرڪندي چيو: اوهان وڏيري قادر بخش جا فرزند آهيو ۽ وڏيرو قادر بخش هميشہ مون کي ئي ووٽ ڏيندو رهيو. هو ٻين زميندارن جا ووٽ بہ وٺي ڏيندو هو، جنهن جي ڪري مان ٽرڙي محبت جو چيئرمين ٿيندو هئس. تنهن جي ٻي حيثيت آهي. وڏيرو محمد مَلوڪ بيشڪ اوهان جو سُهرو آهي، پر هو ميان عبدالرحمٰن سومرو ۽ خانصاحب عبدالحميد جتوئي

سان ويجهو آهي، جيڪي سياسي طرح اسان جا مخالف آهن. تنهن ڪري هو نہ آيو، مون کي ان جو اندازو اڳ ۾ ئي هو. تنهنڪري مون تو ڏانهن الڳ خاص دعوت موڪلي هئي. تنهنجي اچڻ سان مون کي خوشي ٿي.

وڏيري قادر بخش جا ٻہ پٽ هئا: محمد هاشم ۽ محمد بچل. محمد هاشم سان وڏيري محمد مَلوڪ جي نياڻي محترمه مريم جو نڪاح ٿيو. ان زوجه محترمه مان کيس هڪ فرزند قادر بخش پيدا ٿيو. افسوس جو محمد هاشم پنهنجي فرزند جي پيدائش کان ٿوري ئي عرصي بعد T.B. جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿيو ۽ جلدي ئي وفات ڪري ويو. سندس نوجوان بيوه ۽ معصوم ٻچڙي لاءِ خاندان جي وڏڙن ۽ دوستن وڏي غور ويچار کان پوءِ محمد بچل لاکير کي مِنٿون ڪري چيو تہ هو پنهنجي مرحوم ڀاءُ جي بيوهہ سان نڪاح ڪري، جيئن خاندان جو سهارو قائم رهي ۽ ائين ئِي ٿيو. وڏيري قادر بخش جي پنهنجي شاديءَ جو قصو بہ ڏاڍو دلچسپ ۽ تاريخي اهميت وارو آهي. گڙنگ پير (نزد مِنياڻي) جا ساند، جيڪي شاهہ پنجو سلطان جي مشهور بزرگ سيد پيرل شاهہ جا مريد هئا، سندن خاندان مان محترمه مومِنت، سندس ماءُ ۽ ناني، پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ محمد قاسم سان گڏ سيد پيرل شاهہ وٽ دانهين ٿيا تہ سندن مائٽن سندن زمين تي قبضو ڪيو آهي ۽ هاڻي وڙهڻ تي تيار آهن. سيد پيرل شاهہ ڪوشش ڪئي تہ صُلح ٿئي، پر مخالف ڌر مڃڻ کان انڪار ڪيو. ان وقت اهي عورتون سيد سڳورن جي امڙ وٽ ترسيل هُيون. سيد پيرل شاهہ، تر جي زميندار ۽ شريف انسان وڏيري قادر بخش لاکير لاءِ مومِنت جي ماءُ ۽ ناني کي رشتو ڪرڻ جي صلاح ڏني، جيڪا کين پسند آئي ۽ آخرڪار اهو رشتو ٿي ويو. شاديءَ کان پوءِ محترمه مومِنت، سندس ماءُ، ناني ۽ ننڍو ڀاءُ محمد قاسم ڳوٺ بخش لاکير ۾ رهڻ لڳا. مخالف ڌر ان ڳالهہ تي ڪيس داخل ڪرايو تہ: ”لاکيرن اسان جون عورتون اغوا ڪيون آهن.“ جڏهن اها خبر سيد پيرل شاهہ صاحب کي پهتي، تہ هن ڳالهہ وڏي اطمينان سان قادر بخش لاکير کي ٻُڌائي. وڏيري قادر بخش چيو: نيڪ آهي سائين، هاڻي اهو ڪَيس وڙهنداسين ۽ ڪورٽ ۾ وڃي انصاف وٺنداسين.

وڏيري قادر بخش لاکير اهو ڪيس وڙهڻ لاءِ پنهنجي زمين جو ٽڪرو وڪرو ڪيو. ڪورٽ ۾ جڏهن مقدمو هليو ته محترمه مومِنت ۽ ساٿس گڏ رهندڙ عورتن سچائيءَ سان پنهنجي بيان ۾ چيو ته تڪرار جو اصل سبب زمين آهي، اغوا جو الزام بي بنياد آهي. اسان پنهنجي جان بچائڻ لاءِ سيد سڳورن وٽ پناهه ورتي هئي ۽ اتي رهندي پنهنجي رضا خوشيءَ سان وڏيري قادر بخش سان رشتو ڪيو. اهي بيان ٻڌڻ بعد ڪيس ختم ٿي ويو. محمد قاسم ساند تعليم حاصل ڪئي ۽ سيد پيرل شاهه ڪيس پرائمري استاد جي نوڪري ونرائي ڏني. جڏهن وڏيري قادر بخش جو وڏو فرزند محمد هاشم پڙهيو ته ڪيس به پرائمري استاد جي نوڪري سيد پيرل شاهه ونرائي ڏني. وڏيرو قادر بخش لاکير پنهنجي وقت جو مُعتبر، نيڪ، بهادر ۽ بااثر زميندار هو، جنهن نه رڳو سياسي شعور رکيو پر سماجي انصاف جو علمبردار به هو. سندس شخصيت سنڌي روايت، غيرت، فيصلاڪاري ۽ اخلاص جو آئينو هئي. سندس خاندان علم، خدمت ۽ سماجي قيادت ۾ نمايان رهيو.

مَڱيو خان لاکير

مَڱيو خان لاکير هڪ سادگي پسند، نرم مزاج ۽ شريف النفس انسان هو، جنهن پنهنجي سموري حياتي وقار، ايمانداري ۽ خلوص سان گذاري. پاڻ سچائيءَ، خدمت ۽ خانداني قدرن سان جُڙيل شخصيت هو، جنهن پنهنجي خاندان ۾ عزت، محبت ۽ اتحاد جا مثال قائم ڪيا. مڱيو خان لاکير جون به شاديون ٿيون. پهرين شادي هن پنهنجي سوٽ سان ڪئي، جنهن مان ڪيس ٽي فرزند، محمد ملوڪ، محمد حسين ۽ محمد قاسم پيدا ٿيا. پهرين زوجہ جي وفات کان پوءِ، هن ٻي شادي بروهي خاندان مان محترمه ناز خاتون سان ڪئي. هن نيڪ زوجه مان ڪيس پنج پٽ شاهه محمد، غلام نبي، محمد علي، غلام مصطفیٰ ۽ علي نواز نمبر وار پيدا ٿيا، جڏهن ته ٽي نياڻيون محترمه راستي، محترمہ خانزادي ۽ محترمہ فاطمہ ڄايون.

محمد ملوڪ کي ٽي پٽ ٿيا. وڏو علي نواز، پوءِ محرم، پوءِ محبوب المعروف منظور (جنم 26 ڊسمبر 1963ع، حال حيات)، ۽ ٻه نياڻيون محترمه مريم (جيڪا پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي والده محترمه آهي) ۽ محترمه حرمت. محمد ملوڪ جي ٻي شادي محترمه مومنت سان ٿي، جنهن منجهان ڪيس فقط هڪ نياڻي اميرزادي پيدا ٿي.

محمد حسين لاکير کي مراد خاتون مان چار پنج ٻار ڄاوا، پر قسمت جو لکيل ائين هو جو اهي سڀ معصوم ٻار ٿورڙا ڏينهن ئي هن دنيا ۾ زنده رهيا. پنهنجي ڀاءُ محمد ملوڪ جي اصرار تي، محمد حسين ٻي شادي خيرپور ناٿن شاهه جي ڳوٺ ٽلهو پرسان پرڳڙين جي ڳوٺ "فضل پُرڳڙي" مان مرحوم ڏٽي بخش لاکير جي نياڻي محترمه سانئڻ (جنم پهرين جنوري 1956ع) سان ڪئي، پر هن زوجه مان ڪيس ڪو اولاد نه ٿيو. محترمه سانئڻ اڃان حال حيات آهي.

مَڱيو خان جي ٽئين نمبر فرزند **محمد قاسم** کي جيڪي اولاد ٿيو، اهو ننڍي عمر ۾ ئي وفات ڪري ويو. فقط هڪ نياڻي محترمه "جيئڻ" خاتون زنده رهي، جنهن جي شادي وڏيري محمد ملوڪ جي فرزند محرم سان ٿي. شاديءَ جي ڪجهه سالن کان پوءِ محرم وفات ڪري ويو، پاڻ ايپيليپسي (مرگيءَ) جي مرض ۾ مبتلا هو، جيڪو سندس وفات جو سبب بڻيو. ڪيس ڪو اولاد نه ٿيو. بعد ۾ محترمه جيئڻ خاتون جو ٻيو نڪاح وڏيري محمد ملوڪ لاکير جي پاڻٽي علي گوهر بن شاهه محمد سان ٿيو، جنهن مان ڪيس ڪافي سالن کان پوءِ هڪ پٽ محمد امين ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿي. محترمه جيئڻ خاتون ڪافي سال اڳ رحلت ڪري چڪي آهي.

مَڱيو خان جي چوٿين پٽ **شاهه محمد** کي ٽي پٽ محمد عالم، عبدالله ۽ علي گوهر (جنم 1963ع) پيدا ٿيا. محمد عالم جو هڪ فرزند شاهه محمد (ڏاڏي جي نالي سان سُڃاتل) موجود آهي، جيڪو هن وقت رٽائرڊ فوجي آهي ۽ حال حيات آهي. ڪوٽڙيءَ ۾ رهي ٿو ۽ ڪنهن پرائيويٽ فيڪٽريءَ ۾ سيڪيورٽي گارڊ طور ڊيوٽي ڪري

ٿو. عبدالله کی ٽی پٽ عرفان، ڪامران ۽ فرحان ۽ پنج نياٽيون آهن، جيڪی سڀ پنهنجی خاندان لاءِ فخر جو باعث آهن.

مَڱيو خان جي پنجين پٽ **غلام نبی** کي اٺ پٽ ٿيا. انور علي، غلام سرور (جنم 2 جنوري 1966 ع)، شمن، بشير احمد (جنم 5 فيبروري 1967 ع)، ذوالفقار علی، سليم، نظير ۽ امير. کيس ٽی نياٽيون بہ آهن: هڪ زوجه محمد عثمان ولد ٺارو خان (ڳوٺ محراب لاکير)، ٻی نياٽی زوجه شاھ محمد بن محمد بخش، ٽين نياٽي زوجه ممتاز علی بن غلام مصطفیٰ.

مَڱيو خان جي ڇهين پٽ **محمد علي** جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪئی. اڃان شادي بہ نہ ڪئی هئائين. پاڻ گهڻو ڪري بيمار رهندو هو ۽ هميشہ چوندو هو: ”منهنجی طبيعت نيڪ ناهی، مان بيمار آهيان.“ ڪنهن کی خبر نہ پئي تہ سندس دل ۾ ڪهڙا ارمان ۽ خواهشون سمايل هيون.

مَڱيو خان جو ستون نمبر پٽ **غلام مصطفیٰ** هو، جنهن کي چار پٽ ممتاز علی، سڪندر علی، لياقت علی ۽ محمد علی (جنهن جو نالو غلام مصطفیٰ پنهنجی پاءُ جی وفات کان پوءِ سندس ياد ۾ پٽ تی رکيو) ۽ بہ نياٽيون ٽيون، هڪ زوجه بشير احمد ۽ ٻی زوجه عنايت الله بن بخشل لاکير. سندس شادي اگهاماٽی ڳوٺ مان راهِب لاکير بن محمد اسماعيل جی ڌيءُ محترمه ”فتح خاتون“ سان ٿی. راهِب لاکير جی شادي محمد ملوڪ جي پاٽج سڪينہ بنت محمد بخش لاکير سان ٿی.

مڱيو خان جو اٺون پٽ **علي نواز** هو، جيڪو جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو. سندس وفات تی وڏيري محمد ملوڪ لاکير پنهنجی مرحوم پاءُ جی ياد ۾ پنهنجی پٽ جو نالو علی نواز رکيو.

مَڱيو خان جي وڏي ڌيءُ **راستي** زوجه وزير احمد (ڳوٺ محراب لاکير، يونين ڪائونسل نئون ڳوٺ) هئي. کيس بہ پٽ دين محمد ۽ محمد يعقوب ٿيا.

ٻي نياٽي **خانزادي** زوجه محمد بخش هئي، جنهن کي چار پٽ الاهي بخش، غلام قادر، شاھ محمد ۽ علي اصغر ۽ چار نياٽيون

ٽيون: هڪ زوجه راهِب لاکير (اگهاماٽی)، ٻی زوجه محمد سُليمان بن علی شير لاکير (ڳوٺ فضل پُرڳڙي)، ٽين زوجه غلام مصطفیٰ (اگهاماٽی)، چوٿين زوجه غلام سرور بن غلام نبی لاکير (بخش لاکير). الاهی بخش ۽ غلام قادر وفات ڪري چڪا آهن. الاهی بخش کی چار پٽ علی اڪبر، اياز علی، مظفر علی ۽ صدام حسين ۽ هڪ نياٽی محترمه خانزادي زوجه اسدالله (پروفيسر عبيدالله لاکير جی پاڄائی) آهن. صدام حسين پروفيسر عبيدالله لاکير جو نياٽو (ڄاٽو) آهی ۽ فوج ۾ نوڪري ڪري ٿو. مظفر علی ٽيلر ماسٽر آهی ۽ سندس شادي پنهنجی چاچی شاھ محمد جی نياٽی سان ٿيل آهی. غلام قادر بن محمد بخش کی ٽی پٽ رفيق احمد (فوجی)، محمد بخش ۽ رشيد احمد ۽ چار نياٽيون آهن. شاھ محمد بن محمد بخش کی پنج پٽ عمران، عامر، عُمير، وقار ۽ ثاقب ۽ پنج نياٽيون آهن. علی اصغر بن محمد بخش جی شادي پروفيسر عبيدالله لاکير جی ڀيڻ مرحومه مراد خاتون سان ٿی، جنهن مان کيس چار پٽ سُهيل، اويس، انيس، مزمل ۽ هڪ نياٽی پيدا ٿی.

وڏيري محمد ملوڪ جی پهرين گهر واري محترمه صفوران (جيڪا پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جی امڙ محترمه مريم خاتون جی امڙ آهی) محمد بخش جی سڳی ڀيڻ هئی ۽ محمد بخش جی زوجه محترمه خانزادي وڏيري محمد ملوڪ لاکير جی ڀيڻ هئی.

مَڱيو خان جي ٽين نياٽي محترمه **فاطمه** زوجه ٻُڍو خان لاکير هئي. کيس هڪ پٽ رحمت الله (پروفيسر عبيدالله لاکير جی پُڦی امير زاديءَ جو مڙس) ٿيو. رحمت الله کي چار پٽ گلزار علی (پروفيسر عبيدالله لاکير جو پيٽريو)، عزيز الله، حبيب الله ۽ شفيع الله ۽ بہ نياٽيون ٿيون: جن منجهان هڪ قادر بخش لاکير جی زوجه آهی. (پروفيسر عبيدالله لاکير جی پاڄائی). ٻُڍو خان کی محترمه فاطمه جی بطن مان ٽی نياٽيون ٿيون: محترمه خُديت (پروفيسر عبيدالله لاکير جی سَسُ ۽ مامِی)، محترمه رحمت خاتون زوجه عبدالله لاکير (ڳوٺ لَکو لاکير) ۽ محترمه حُسنہ زوجه الاهی بخش ولد محمد بخش لاکير. انهن نياٽين مان محترمه حُسنہ حال حيات آهي، جڏهن تہ سندس ٻئي ڀينر دارالبقا ڏانهن رُخ ڪري چڪيون آهن.

مَگھيو خان لاکير نہ رڳو هڪ خاندان جو سربراهہ هو، پر هڪ اهڙو شخص بہ هو جنهن محبت، اتفاق ۽ عزت جي روايت کي قائم رکيو. سندس اولاد، نياڻيون ۽ پوٽا، پوٽيون، ڏهٽا ۽ ڏهٽيون سندس نيڪي، ڪردار ۽ خانداني عظمت جا زندهہ مثال آهن. مَگھيو خان لاکير پنهنجي وقت جو اهڙو شخص هو، جنهن پنهنجي خانداني وقار، عزت ۽ نيڪيءَ کي نہ رڳو برقرار رکيو، پر پنهنجي نسل لاءِ هڪ روشن مثال بہ قائم ڪري ويو. سندس سچي حياتي سادگي، ايمانداري، شفقت ۽ خلوص سان جُڙيل رهي. هو خاموش طبيعت پر گهري فڪر رکندڙ شخص هو، جنهن جي گفتار ۾ نرمي ۽ روين ۾ بردباري هئي. سندس وجود پنهنجي خاندان لاءِ هڪ ڇانوَ، پناهہ ۽ اميد جو سرچشمو هو. پنهنجي اولاد ۽ پائرن سان سندس رشتو رڳو رت جو نہ هئو، پر ان سان گڏ محبت، ساجاهہ ۽ ذميواريءَ جو بہ هو. مَگھيو خان لاکير انهن ماڻهن مان هو، جيڪي دنيا ۾ شور نہ مچائيندا آهن، پر پنهنجي عمل سان اهڙو اثر ڇڏي ويندا آهن، جيڪو نسلن تائين محسوس ٿيندو آهي. سندس زندگيءَ جي سادگيءَ ۾ بہ هڪ شانُ هو ۽ سندس خاموشيءَ ۾ بہ فڪر جي روشني موجود هئي. هن پنهنجي خاندان کي نہ رڳو وُسعت ذِني، پر محبت ۽ همدرديءَ جي اهڙي روايت ڇڏي، جنهن تي اڄ بہ سندس نسل فخر ڪري ٿو. سندس اولاد، پوٽا، نياڻيون ۽ نياڻا سندس تربيت جا زندهہ مثال آهن. مَگھيو خان لاکير جي شخصيت اهڙي گهري ۽ پاڪيزه هئي، جيڪا ڪنهن ڪتاب جي صفحن تي نہ پر دلين تي لکجي ٿي. هو پنهنجي خاندان جو فڪري سُتون ۽ اخلاقي ماڳ هو. سندس زندگيءَ جو هر باب هڪ سبق آهي تہ عظمت، نالو ۽ عزت رڳو دولت سان نہ، پر انسانيت ۽ اخلاص سان حاصل ٿيندا آهن. سندس نالو لاکير خاندان جي تاريخ ۾ هميشہ عزت، شرافت ۽ وقار سان ياد رکيو ويندو.

الله رب العزت سندس روح کي پنهنجي رحمتن ۾ جايون عطا فرمائي ۽ سندس اولاد کي سندس نيڪين، اصولن ۽ خلوص جو امين بڻائي. آمين

وڏيرو محمد مَلوڪ لاکير

پروفيسر عبيدالله لاکير جو نانو، وڏيرو محمد مَلوڪ لاکير، پنهنجي دور جو هڪ جاکوڙي، محنتي، باهمت ۽ ذهين هاري انسان هو. پاڻ زندگيءَ جي ابتدا ۾ زمينن جا ٺيڪا ڪٽي گذر بسر ڪندو هو، پر پنهنجي محنت، سچائي، ايمانداري ۽ لڳن سان آخرڪار هڪ سنو زميندار ۽ عزت مآب سماجي شخصيت بڻجي ويو. علمي لحاظ کان جيتوڻيڪ ٿورو پڙهيل لکيل هو، پر فڪر، بصيرت ۽ وِجدان ۾ وڏو سالڪ هو. سندس گفتا دانائيءَ پريا، تجربن جي گهرائيءَ سان ڀرپور ۽ عمل جي خوشبو سان مَهڪيل هوندا هئا. علائقائي فيصلا هجن يا سماجي مسئلا، اڪثر ڇڳا مڙس ۽ مُنصف ساڻس مشورو ڪرڻ لاءِ اچي سندس اوطاق تي گڏ ٿيندا هئا. سندس اوطاق علم، گفتگو، فيصلي ۽ محبت جو مرڪز بڻيل هوندي هئي، جتي علم ۽ تجربو گڏجي هڪ فڪر جو درياهہ بڻجي وهندو هو. سندس اوطاق تي بيٺڪون نہ رڳو مسئلن جو حل هيون پر نسلن جي فڪري تربيت جو مرڪز پڻ هيون. لاکير برادريءَ جو معزز سردار جناب احمد خان لاکير بہ ڪيس بيحد احترام ۽ عقيدت جي نِگاهہ سان ڏسندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ سندس اوطاق تي ڪچهريءَ لاءِ ڪَهي ايندو هو. وڏيري محمد ملوڪ جي اوطاق تي وقت جي معززن جو ميلو مَتل هوندو هو، جن ۾ ميان عبدالرحمٰن سومرو، وڏيرو محمد صادق لاکير، وڏيرو مقبول احمد بن الله رکيو لاکير، غلام قادر لاکير (جنهن جو فرزند محترم رٽائرڊ بريگيڊيئر طارق قادر لاکير آهي)، سائين شمس الدين لاکير، وڏيرو اڪرم لاکير ۽ ٻيون ڪيتريون ئي عزت مآب شخصيتون شامل هونديون هيون. پاڻ بہ وقت بوقت انهن دوستن سان ملاقات لاءِ انهن وٽ ويندو هو ۽ انهن ڪچهرين ۾ علم، محبت ۽ ادب جو رنگ رچيل هوندو هو.

وڏيري محمد ملوڪ جي ملڪيت ۾ ڪچي ۽ پڪي ٻنهي طرح جي زمين شامل هئي. پيروز شاهہ ڳوٺ ڀرسان سندس هڪ شاندار باغ هو، جيڪو 32 جريبن تي پکڙيل هو. ان ۾ زيتون، انب، نارنگيون، مالٽا، ليما، توت ۽ ٻيا خوشبودار ۽ ميويدار وڻ پوکيل

هئا. باغ کي سيراب رکڻ لاءِ ٽيوب ويل لڳل هو، جيڪو سندس محنت، ذوق ۽ زمين سان سندس وابستگيءَ جي علامت هو. عمر جي آخري حصي ۾ سندس دل باغ سان اهڙي لڳي وئي جو ڏينهن جو گهڻو حصو انهيءَ باغ ۾ نهيل لانديءَ ۾ گذاريندو ۽ شام جو ڳوٺ موٽي ايندو هو. گرميءَ جي موسم ۾ هڪ پيرو ان وقت جو مشهور ڏاڙيل مرحوم محمد پريل عرف (پرو) چانديو پنهنجي ٽولي سان سندس باغ ۾ آيو. وڏي ادب ۽ احترام سان اچي کيس چيائين: "چاچا، اڄ توهان جي ٽيوب ويل تي وهنجڻ جي خواهش ۾ آيا آهيون، اجازت ڏيو ته وهنجي وڃون". وڏيري محمد ملوڪ مُرڪندي چيو: "ابا، توهان هيترا سارا ماڻهو هٿيارن سان آيا آهيو، هاڻي توهان کي روڪڻ جي جُرئت ڪير ڪندو؟" اهو ٻُڌي هڪ ڏاڙيل سندس پيرن تي هٿ رکي چوڻ لڳو: "چاچا، شرمنده نه ڪيو، توهان اسان جا وڏا آهيو. ايئن نه چئو"! انهن وهنجڻ کان پوءِ نيڪيدار کان زيتون جي پيٽي ورتي ۽ ان جا پئسا به ادا ڪيا. اهو واقعو سندس عزت، شخصيت جي رعب ۽ نيڪ نيت هجڻ جو زنده مثال آهي.

پروفيسر عبيدالله لاکير جي آبائي زمين به انهيءَ باغ پرسان هئي. هو هر آچر جي ڏينهن پنهنجي دوستن سان گڏ اتي ويندو هو، گڏجي موسمي ميون جا مزا وٺندا هئا. جيڪڏهن ڪو مذاق ۾ چوندو هيس ته: "ادا، پرائي باغ ۾ بنا اجازت آيو آهين"! ان تي سائين کلندي چوندو هو: "ڇو، پرايو ڪنهن جو؟ هي ته منهنجي بابا وڏي جو باغ آهي، سندس ملڪيت آهي ۽ مان سندس دادلو پٽ آهيان"! هي جملا فقط محبت جو اظهار نه هئا، پر عقيدت ۽ فخر جي علامت هئا، جيڪي ناني ۽ ڏهٽي جي لاڳاپي کي عزت، محبت ۽ روحانيت جي سطح تي ڪٽي ويندا هئا. پروفيسر عبيدالله لاکير اڪثر ٻُڌائيندو هو ته سندس نانو نه فقط هڪ زميندار پر هڪ درويش دل انسان هو، جنهن وٽ مادِي دولت سان گڏ روحاني دولت جو خزانو پڻ موجود هو. وڏيري قادر بخش لاکير، جنهن وٽ چڱي خاشي وڏي زمينداري ۽ ڪافي چوپايو مال هو، پنهنجي ملڪيت جي سنڀال لاءِ پنهنجي دوست وڏيري محمد ملوڪ لاکير تي اعتماد رکي کيس وصيت ڪندي انهيءَ کي سنڀالڻ لاءِ چيائين. ٻنهي جي

دوستي شاهه پنجو سلطان جي مَيلي واري مُلاقاتن کان شروع ٿي ۽ گهرائي تائين پهتي. پهريان محمد ملوڪ لاکير شاهه پنجو سلطان جي ميلي تي مستقِل مِزاجيءَ سان ايندو هو ۽ وڏيري قادر بخش لاکير جي اوطاق تي اچي ترسندو هو. خوب ڪچهريون ٿينديون هيون. انهن ڪچهرين کين پاڻ ۾ بهترين دوست بڻائي ڇڏيو. وڏيري قادر بخش لاکير جي وفات کان پوءِ سيد پيرل شاهه آف شاهه پنجو سلطان، سائين محمد صديق ناريائي عرف سائين وڏو، علي بخش ناريجو (سائين غلام قادر ناريجو جو والد) ۽ گلڻ لاکير آف مالهي لاکير جي مسلسل ڪوشش ۽ سمجهائڻ کان پوءِ وڏيري محمد ملوڪ جي ٻي شادي وڏيري قادر بخش لاکير جي بيواهه مسمات مومِنت سان ٿي. محمد ملوڪ لاکير راڌڻ پرسان ڳوٺ سلطان لاکير، جيڪو "نارو" به سڏبو هو، جو باشندو هو. اتان پوءِ لڏي اچي ڳوٺ بخش لاکير ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين. سندس لڏي اچڻ جي ڪري سندس ڀائر محمد حسين، غلامِ مصطفيٰ ۽ غلام نبي به لڏي اچي گڏ وينا. بعد ۾ وڏيرو محمد ملوڪ پنهنجي پيٽويي محمد بخش کي به آخر ۾ لڏائي وٺي آيو. وڏيرو محمد ملوڪ جڏهن ڳوٺ بخش لاکير ۾ لڏي آيو، ان وقت کيس پهرين زوجه محترمه صفوران منجهان ٻه ٻار محترمه مريم (پروفيسر عبيدالله لاکير جي امڙ جيجل) ۽ علي نواز (سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جو سُهرو ۽ مامو پڻ آهي) ڄاول هئا، باقي ٻيا ٻار ڳوٺ بخش لاکير ۾ پيدا ٿيا. ٻي گهر واري محترمه مومِنت منجهان کيس هڪ نياڻي محترمه امير زادي پيدا ٿي، جنهن جو نڪاح پنهنجي ڀاڻج رحمت الله سان ڪرايائين.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي نانا سائين جو ڪافي دادلو رهيو. پاڻ گهڻو ڪري پنهنجي نانا ۽ ناني جي صحبت ۾ رهندو هو. جڏهن هن انٽرميڊيئيٽ پاس ڪيو ۽ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا لاءِ تيار ٿيو ته سندس والد سائين محمد بچل لاکير کيس موڪلڻ لاءِ راضي نه هو. ان وقت سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي بابا وڏي محترم محمد ملوڪ لاکير پنهنجو ڪردار نڀايو ۽ چيو: "ڇوڪرو هوشيار آهي، علم جو شوق به رکي ٿو، کيس

یونیورسٽي وچڻ ڏیو، جیئن ٻین ٻارن لاءِ بہ علم جو در کلي. جڏهن هي وڌيڪ تعليم حاصل ڪري موٽندو تہ خاندان جي ٻين ٻارن ۾ بہ اڳتي وڌڻ جو شوق بہ پيدا ٿيندو ۽ انهن لاءِ رستو هموار ٿي ويندو".

پروفيسر صاحب پنهنجي يادگيرين ۾ ٻڌائيندو آهي تہ: "بابا وڏو نہ رڳو همٿائيندو هو، پر قلبي چاهت ۽ خوشيءَ سان مالي مدد بہ ڪندو هو. سندس دعائون، سندس ساٿ ۽ سندس يقين ئي منهنجي ڪاميابيءَ جو سرچشمو آهن". سائين عبيدالله لاکير پنهنجي نانا جي باري ۾ چوندو آهي تہ: "هو منهنجو رڳو نانو نہ، پر منهنجي زندگيءَ جو روحاني استاد هو، جنهن مون کي محنت، عاجزي ۽ سچائيءَ سان جيئڻ جو سبق سيکاريو". هي محنت، عزت، محبت ۽ دانائيءَ جو مينار 17 مارچ 1995ع تي جمعي جي شام 7:45 بجي پنهنجي ڳوٺ بخش لاکير ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. ان وقت سندس عمر 82 سال هئي. سندس زندگيءَ جو هر باب قرب، محبت ۽ خدمت جي خوشبوءَ سان ڀرپور هو. سندس نالو اڄ بہ ڳوٺ جي هر دل ۾ عزت، صداقت ۽ بزرگيءَ جي علامت طور زنده آهي. وڏيري محمد ملوڪ لاکير جو نالو فقط هڪ شخصيت جو حوالو نہ، پر هڪ دور، هڪ فڪر ۽ هڪ اخلاقي ورثي جي علامت آهي. هو انهن ماڻهن مان هو، جن جي زندگيءَ جو مقصد رڳو ذاتي ڪاميابي نہ، پر ٻين لاءِ روشني پيدا ڪرڻ هو. سندس وجود هڪ اهڙي درسگاه هو، جتي محنت، ايمانداري، وفاداري ۽ انسان دوستيءَ جا سبق ورهائبا هئا. سندس اوطاق فقط ڪچهرين جي جاءِ نہ هئي، پر فڪر، فيصلي ۽ اخلاص جي هڪ علامت هئي، جتي دلين کي سُڪون ۽ ذهنن کي روشني ملندي هئي. وڏيري محمد ملوڪ لاکير پنهنجي عمل، قول ۽ سادگيءَ سان اهو ثابت ڪيو تہ عزت ڪا وراثتي شيءِ نہ، پر محنت، نيڪ نيتي ۽ انسانيت سان حاصل ٿيندي آهي. هن وٽ دولت ضرور هئي، پر ڪڏهن بہ غرور جو نشان نہ ڏٺيو. هو پنهنجي ماڻهن ۾ رهي، انهن جي خوشين ۽ ڏکن ۾ شريڪ ٿي، سندن خدمت کي عبادت سمجهندو هو. سندس آواز ۾ وقار، نگاه ۾ محبت ۽ دل ۾ ايمان جي روشني هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير لاءِ وڏيرو محمد ملوڪ فقط نانو نہ پر زندگيءَ جو رهنما، الهام جو سرچشمو ۽

فڪر جي ابتدا هو. پروفيسر صاحب جي علمي سفر ۾ سندس ناني ۽ نانيءَ جو ڪردار بنياد جي حيثيت رکي ٿو ۽ اها ئي فڪري وراثت پوءِ علم، ادب ۽ فڪر جي صورت ۾ نئين نسل تائين پهتي. سائين عبيدالله لاکير جي علمي عظمت دراصل ان بزرگ جي دعائن، تربيت ۽ محبت جي خوشبوءَ جو تسلسل آهي، جيڪو پنهنجي ڏهٽي جي دل ۾ اڄ بہ جيئرو آهي. وڏيرو محمد ملوڪ لاکير پنهنجي نالي سان نہ، پر پنهنجي عمل سان امر ٿي ويو. سندس ياد صرف لفظن ۾ نہ پر ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهي. ڳوٺ بخش لاکير جي هر ڪُنڊ ۾، هر اوطاق ۾ ۽ هر نسل جي ڳالهه ۾ سندس نالو احترام سان ورتو وڃي ٿو. هو هڪ اهڙو انسان هو، جنهن جي زندگيءَ مان روشني نِڪتي ۽ ٻين لاءِ مشعلِ راه بڻجي وئي. وڏيرو محمد ملوڪ لاکير نہ رڳو سماجي وقار ۽ شرافت ۾ نمايان هو، پر پاڻ سچي معنیٰ ۾ عاشقِ رسول ﷺ بہ هو. هر سال ربيع الاول جي آخري جمعي يا ستاويهين تاريخ تي جيڪو عرسِ شريف سندس سرپرستيءَ ۾ منعقد ٿيندو هو، سو سڄي علائقي ۾ مشهور ۽ برڪت وارو ميلو بڻجي ويندو هو. اهو روحانيت سان ڀريل عُرس صبح سوير کان شام تائين جاري رهندو هو، جنهن ۾ لنگر ۽ مانيءَ جو سلسلو لڳاتار هلندو هو. علائقي جا غريب، مسڪين، نادار، معزز ماڻهو، دوست ۽ دين سان لاڳاپيل بزرگ وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيندا هئا. انهن معززن مان خاص طور تي جناب عبدالحميد خان جتوئي هر سال خاص محبت ۽ عقيدت سان شرڪت ڪندا هئا. عرس شريف جي تياري پاڻ اڳواٽ وڏي اهتمام سان ڪندو هو. بہ سگهارا جانور، خاص ڪري ٿهاڻ يا پاڏو انهيءَ خيرات لاءِ مخصوص ڪندو هو. ڪاڏي لاءِ بهترين سُڳداسِي چانور خريد ڪندو هو، جيڪي ان وقت ۾ ذائقي ۽ خوشبوءَ ۾ مثالي سمجهيا ويندا هئا. ان زماني ۾ سونا بنديءَ جو ٻيلو پنهنجي سرسبزيءَ ۾ مشهور هو. اتان پاڻ اڳواٽ سرڪاري اجازت حاصل ڪري، ٻيل گاڏين جو وڏو قافلو موڪليندو هو، جيڪي سُڪل ڪاٺيون ڀري آڻيندا هئا، تہ جيئن عرس جي لنگر لاءِ ڀرپور انتظام ٿي سگهي. ان موقعي تي دعوت رڳو خاص ماڻهن تائين محدود نہ هوندي هئي، پر علائقي جي عام

خلق لاءِ بہ کُليل ۽ عام دعوت هوندي هئي. دوست، مائٽ، پاڙيسري ۽ غريب سڀ گڏجي ان لنگر ۾ شامل ٿيندا هئا ۽ اهو منظر علائقي ۾ محبت، اتحاد ۽ سخاوت جو عجيب مثال بڻجي ويندو هو. اڄ بہ علائقي جا ماڻهو ان وڏي خيرات، لنگر ۽ مهمان نوازيءَ کي ياد ڪن ٿا ۽ مثال طور پيش ڪن ٿا. اها روايت ۽ برڪت سندس وفات کان پوءِ ختم ٿي وئي، جيتوڻيڪ مال، ملڪيت ۽ ظاهري وسيلن ۾ ڪا گهٽتائي نہ آئي، پر شايد اها برڪت، خلوص ۽ سخاوت اهي روحاني نعمتون آهن، جيڪي هر ڪنهن کي پنهنجي نيت، نصيب ۽ لِڇڻ آهر ملنديون آهن. اسان جڏهن سندس زندگيءَ تي نظر وجهون ٿا تہ اهو احساس ٿئي ٿو تہ اڄ جي زماني کي بہ اهڙن ئي انسانن جي ضرورت آهي، جيڪي رڳو ٻاهرين دولت نہ پر اندر جي سچائيءَ سان امير هجن. سائين جو نالو، سندس ڪم، سندس تربيت ۽ سندس فڪر سدائين زندهہ رهندو. الله رب العزت ڪيس جنت الفردوس ۾ اعلیٰ مقام عطا فرمائي، آمين.

محمد حُسين ولد مَگِيو خان لاڪير

محمد حسين ولد مَگيو خان لاڪير(جنم 1922ع)، پروفيسر عبيدالله لاڪير جي ناني، وڏيري محمد ملوڪ لاڪير جو سڳو ننڍو ڀاءُ هو. پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ سان نِهايت وفاداريءَ، اطاعت ۽ خدمت جو رشتو رکندو هو. محمد حسين لاڪير پنهنجي ڀاءُ وڏيري محمد ملوڪ جو هر ڪم ڪار ۾ ٻانهن ٻيلِي ۽ سچو مددگار رهيو. ٻَنِي ٻارَي جي سنڀال کان وٺي دنياوي مُعاملن تائين، جيڪو بہ حڪم ڪيس مليل هوندو هو، ان جي فورًا ۽ دل سان تعميل ڪندو هو ۽ ان کي پنهنجي لاءِ باعزت ذميواري ۽ فخر جو ڪم سمجهندو هو. وڏيري محمد ملوڪ وٽ انبن جو وڏو باغ هوندو هو. هڪ ڏينهن ڀاءُ ڪيس چيو: ”ادا! رات جو باغ ۾ وڃي رهہ، چو تہ پيروز شاهہ جي پر وارا باغ ڏوهاري ماڻهن جي اچڻ جو هنڌ آهن ۽ اتي اڪثر چوريون ٿين ٿيون.“ محمد حسين لاڪير پنهنجي ڀاءُ جي حڪم تي بنا تڪرار ۽ بنا تڪلُف جي راتين جو باغ ۾ وڃي سنڀال ڪندو هو. سندس

وفاداري ۽ خدمت جو اهو سلسلو زندگيءَ جي هر موڙ تي جاري رهيو. زمينن جي ڏيک وَيک، پاڻيءَ جي وِرڇ، ٻج ۽ پاڻ جي ڇٽائي، حفاظت ۽ فصل جي هر مرحلي تي پاڻ اڳيان اڳيان بيٺل رهندو هو. جنهن وقت فصل تيار ٿيندو هو، تڏهن محمد حسين جو سمورو وقت زمينن ۽ ٻارِيُن جي سار سنڀال ۾ گذرندو هو. پاڻ ڏينهن رات ٻنين تي موجود رهندو هو، جيئن ڪا بہ غفلت يا نقصان نہ ٿئي. پلي سارين جو فصل هجي، ڪٽڪ جو يا ڪمند جو، هر حالت ۾ پاڻ محنت سان پيو ڪم ڪندو هو. سارين جو فصل هجي توڙي ڪٽڪ يا ڪمند جو فصل هجي پر پاڻ پَيهَو ناهي ڪانياٽي ڪٽِي سڄو ڏينهن وينو جهار هَڪلِيندو هو. سندس اها محنت، سچائي ۽ زمين سان اُنس جو رشتو ئي سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڏو فخر هو. پروفيسر عبيدالله لاڪير ٻُڌائي ٿو تہ سندس پُڦِي مُراد خاتون جي شادي بہ محمد حُسين سان ٿي هئي. جڏهن پروفيسر صاحب کان پڇيو تہ چيائين: ”اسان پنهنجي پُڦِي مُراد خاتون کي نہ ڏٺو هو، چاڪاڻ تہ سندس شادي جي اسان کي سانيَر ناهي. باقي ٻچپن کان وٺي پنهنجن عزيزن کان ۽ گهر وارن کان اهو ئي ٻُڌوسِين تہ اسان جي پُڦِي هئي، ڏاڍي سُگهڙ ۽ سَلِيقي واري عورت هئي.“ مراد خاتون جي شادي 1960ع واري ڏهاڪي ۾ محمد حسين سان ٿي، پر افسوس جو جلد ئِي شاديءَ کان پوءِ هوءَ وفات ڪري وئي. سندس موت هڪ المناڪ حادثو هو. مُراد خاتون حامله هئي ۽ جڏهن وضع حمل جو وقت ويجهو آيو تہ ڪيس تڪليف ٿي. صحت جي سَهولتن جي کوٽ سبب هڪ عطائِي ڊاڪٽر کي گهر وٺي آيا، جنهن علاج دوران غلط انجيڪشن لڳائِي، نتيجي ۾ محترمه مراد خاتون تڙپي تڙپي دم ڌڻي حوالي ڪيو. اهو صدمي ڀريو حادثو نہ فقط سندس زندگيءَ جو رُخ بَدلائي ويو، پر سندس پيٽ ۾ موجود مَعصوم ٻَچڙو بہ دنيا ۾ اچڻ کان اڳ ئِي اجل جو شِڪار ٿي ويو. محمد حُسين جي پنهنجي زوجه مُراد خاتون سان تمام گهٽي دل هوندي هئي. سندس زوجه ۽ پيٽ ۾ موجود معصوم ٻچڙو ٻئي وفات ڪري ويا. انهيءَ حادثي جو محمد حسين لاڪير تي گهرو اثر ٿيو. انهيءَ وِڇوڙي جي غم سبب ڪافي عرصو شادي نہ ٿي ڪيائين. جڏهن بہ سندس سامَهون شادِيءَ

جو ذڪر ٿيندو هو تہ پاڻ پنهنجي زوجه جي حادثي ڪي ياد ڪري اُداس ٿِي ويندو هو. ڪافي سال وڏي ڀاءُ محمد مَلوڪ جي سمجهائڻ بعد نيٺ ڳوٺ فضل ڀُرڳڙي ۾ وينل لاڪيرن وٽان ڏٽي بخش لاڪير جي ڌِيءُ سانئِڻ سان سندس شادِي ٿي. پروفيسر عبيدالله لاڪير ٻُڌائي ٿو تہ: جڏهن اسان هاءِ اسڪول ۾ پڙهندا هُئاسِين، تڏهن لاڪير برادريءَ سان گڏ ڀائپي وارا ناريجا بہ بابي وڏي (وڏيرو محمد مَلوڪ لاڪير) سان گڏ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا. ان وقت بجلي نہ هئي. خادم حسين ناريجو ڪرائيءَ تي گولا ڪٽي هَلندو هو، جيڪو هو ڪٽِي هليو ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ اتي وِهانءُ ٿيو هو. پروفيسر صاحب چوي ٿو تہ ان رات وارو دونهَين، مَچرن ۽ ڳوٺ جي سادگيءَ وارو نظارو اڄ بہ ذِهن ۾ ڦِرندو آهي. برادريءَ جا ڪيترا مُعزز ماڻهو ناني جي ساٿ ۾ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا، جن ۾ چاچو غلام قادر بہ شامل هو. سڄي رات جاڳي گذاري ۽ صبح سوير عَصُرَ جو لانئون ڏِياري ڄَڃ واپس ٿي. پروفيسر عبيدالله لاڪير ڪي محمد حسين سان گهري محبت ۽ عقيدت هئي. پاڻ ڪيس پنهنجو وڏو سمجهندو ۽ ”بابو حسين“ چئي مخاطب ڪندو هو ۽ اڄ بہ سندس ذڪر ”بابو حسين“ چئي ڪندو آهي. اڪثر رات جو ٻئي گڏ ويهي ريڊيو تي خبرون ٻُڌندا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. محمد حُسين ڪي ريڊيو ٻُڌڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ اڪثر پاڻ سان ڪٽي هلندو هو. محمد حسين لاڪير 28 نومبر 1995ع تي، شام جو ساڍي چار وڳي، اربع جي ڏينهن هن فاني دنيا مان رخصت ٿيو. سندس وفات پروفيسر عبيدالله لاءِ وڏو سانِحو هُئي. پروفيسر صاحب ٻڌائي ٿو تہ: بابي محمد حسين ڪي پنهنجي وڏي ڀاءُ (محمد ملوڪ لاڪير) سان نهايت محبت هئي ۽ بابي وڏي ڪي بہ ساڻس ايتري ئي بي پناه محبت هئي. جڏهن بابي وڏي (محمد ملوڪ) جي وفات ٿي تہ ”بابي حسين“ مٿي ڪٿ تي سُمهڻ پسند نہ ڪيو. بابو حسين پاڻ هر رات هيٺ پٽ تي سُمهي روئندو رهندو هو ۽ سندس ياد ۾ گهڻو وقت اداس رهندو هو. نيٺ ڪجهہ عرصي بعد، بابو حسين بہ دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ پنهنجي پياري ڀاءُ سان مِلي جدائيءَ ڪي ابدي سَنگت ۾ بدلائي ڇڏيو. پروفيسر عبيدالله لاڪير ٻڌائي ٿو تہ: بابي حسين ڪي گهڻي وقت کان مَثاني ۾ پٿريءَ

جي تڪليف هوندي هئي. باوجود سخت سور جي، هو علاج ڪي هميشہ مَعمولي ڳالهہ سمجهي، بيماريءَ ڪي نظرانداز ڪندو رهيو. سائين پروفيسر عبيدالله ٻڌايو تہ: انهن ڏينهن ۾ مان سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم.اي فائنل جو شاگرد هئس. موڪلن ۾ جڏهن ڳوٺ آيس تہ ڏِٺو تہ بابو حسين سخت سُور ۾ مبتلا آهي. گهڻي منٿ ڪرڻ کان پوءِ هو راضي ٿيو تہ ڪيس لياقت ميڊيڪل ڪاليج (.L.M.C) ، ڄامشورو ۾ داخل ڪجي تہ جيئن آپريشن ٿي سگهي. ٽن ڏينهن تائين اسان اسپتال ۾ رهياسين، پر سفارش نہ هئڻ سبب ڊاڪٽر آپريشن ۾ دير ڪندا رهيا. ان دوران، هڪ ڏينهن مامو رحمت الله ٽرين ذريعي ڄامشورو اسپتال پهتو. مون ڪيس چيو تہ اسپتال جي فضا ۽ مريضن جي آنهُن ۽ دانهُن منهنجي طبيعت ڪي بي چين ڪري ڇڏيو آهي. رات جو ننڊ بہ نٿي اچي. مامي مهربانيءَ سان مون ڪي اجازت ڏني تہ تون ڳوٺ جو چڪر هڻي اچ، مان اسپتال ۾ رهندس. رات جو ٽرين ذريعي ڳوٺ راهي ٿيس ۽ صبح سوير شاهہ پنجو سلطان اسٽيشن تي لهي ٽانگيءَ ۾ سُوار ٿي ڳوٺ آيس. ان زماني ۾ ڳوٺن جا ٽانگا روزانہ اسٽيشن تائين سواري ڪٽي ايندا هئا. شام جو اوطاق ۾ چاچا غلام قادر لاڪير سان ملاقات ٿي، جيڪو رٽائرڊ برگيڊيئر طارق قادر لاڪير جو والد ۽ اسان جو ويجهو مائٽ بہ هو. سندس بابي وڏي (محمد ملوڪ) سان بہ گهري دوستي هئي ۽ اڪثر سندس اوطاق تي ڪچهريون ڪرڻ ايندو هو. ڳالهين دوران چاچا غلام قادر پڇيو: ڏي خبر، حسين جو آپريشن ٿيو ڇا؟ مون عرض ڪيو: نہ، اڃان تائين نہ ٿيو آهي. چاچا غلام قادر فورًا چيو: هل تہ توکي خط لکي ڏيان. پاڻ وڏو علم دوست، فصيح اللِسان ۽ ذهين انسان هو. ڪيس سنڌي ۽ انگريزي ٻولين تي مڪمل عبور حاصل هو. پاڻ عبدالغفور سِيتائي سان گڏ ”الوحيد“ اخبار ۾ ڪالم بہ لکندو هو. ڪيس انهيءَ ڪري عام طور تي ايڊيٽر چئي مخاطب ڪندا هئا. سندس تعلق سنڌ جي وڏن زميندارن ۽ سرڪاري آفيسرن سان پڻ هو. چاچي غلام قادر وٽ هميشہ چيپل ليٽر پيڊ رکيل هوندي هئي، جنهن تي انگريزيءَ ۾ لکيل هوندو هو:

Lakhiar. G.Q
Village Bux Lakhiar – Mehar – Dadu

انهيءَ پيڍ تي پاڻ هڪ خط انگريزيءَ ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي رجسٽرار لاءِ لکِي ڏنائين، جيڪو سندس پراڻو دوست هو. مون اهو خط کٺي رجسٽرار سان ملاقات ڪئي. شام تائين ڊاڪٽرن جي پوري ٽيم بابي حسين جي بيڊ وٽ اچي بيٺي. ڊاڪٽرن حيرت منجهان پڇيو: هي ڪهڙو مريض آهي، جنهن لاءِ ايتري زور واري سُفارش آئي آهي؟ مون کين ٻڌايو: هي منهنجو بابو آهي، پاڻ پنهنجي زمين سنڀاليندو آهي، ڪنهن جو نوڪر ناهي. البت، اسان جو مائٽ اوهان جي رجسٽرار جو دوست آهي. بابي حسين کي سادَي سُفيد پَهراڻ ۾ اچي پَٽڪَي ۾ ڏِسي، ڊاڪٽرن کي پهرين لڳو ت ڪو صوفِي مِزاج درويش هوندو ۽ حقيقت ب ائين ئي هُئِي. بابو حسين سادگيءَ جو زندھ مثال هو. ڊاڪٽرن چيو: بابا، رات نائين بجي توهان جو آپريشن آهي، ب بوتلون رت جون بندوبست ڪيو. رت چيڪ ڪرڻ تي معلوم ٿيو ت بابي حسين جو B Positive گروپ آهي، جڏهن ت منهنجو O Positive ڪراس مَيچ ٿيڻ کان پوءِ مون پاڻ هڪ بوتل رت ڏنو، پر ٻي لاءِ پريشاني رهي. سِج لهڻ تائين ڪو رستو ن نڪتو. ڄامشوري ڦاٽڪ وٽ اوچتو منهنجي ملاقات يونيورسٽي جي شاگرد سيد بقادار شاھ سان ٿي، جيڪو سيد عبدالغفار شاھ جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ خيرپور ناٿن شاھ پرسان ڪنيارا لڳ سندن ڳوٺ آهي ۾ رهندو هو. جڏهن مون کيس سڄي صورتحال ٻڌائي، ت: منهنجي بابي جو پٿريءَ جو اڄ رات آپريشن آهي هڪ بوتل جو بندوبست ڪيو آهي پر ٻي لاءِ پريشان آهيان. يونيورسٽي ب بند آهي، ن ت ڪوڙ دوست مِلِي وڃن ها. پاڻ مون کي آٿت ڏِنائين ۽ هوٽل تي وٺي چانھ پياري، پيادل ايل ايم سي اسپتال هلڻ جو ارادو ڏيکاريائين. جتي هلي رت چيڪ ڪرايائين ت بي پازيٽو هو پوءِ هڪ بوتل ڏِنائين، جنهن ڪري ان رات بابي حسين جو آپريشن ٿيو ۽ تمام وڏي پٿري نڪتي جيڪا خود حيرت ۾ وجهندڙ هئي. ڊاڪٽرن جڏهن پٿري ڪڍي، ت سڀ حيران ٿي ويا. اها پٿري آني جيتري وڏي ۽ سخت هئي. ڊاڪٽرن چئي ڏنو ت: اهڙي تڪليف کي سُڪون سان برداشت

ڪرڻ، صبر ۽ استقلال جي اعلىٰ مثال آهي. ڇا ن تڪليف بابا حسين ڪاٽِي هوندي!!!!

هيءَ سچِي ۽ جذبن سان ڀرپور يادگيري ن فقط انساني همدرديءَ جو نقش ڪٺي اچي ٿي، پر سنڌي سماج جي انهن قديم قدرن کي ب زندھ ڪري ٿي، جتي خلوص، سادگي ۽ مائٽيءَ جو رشتو هر تڪليف کي محبت ۾ بدلائي ڇڏيندو هو.

سائين ماسٽر محمد بچل لاڪير

سائين محمد بچل لاڪير 5 فيبروري 1936ع تي ڳوٺ بخش لاڪير جي معزز ۽ مُحترم شخصيت، وڏيري قادر بخش لاڪير جي گهر ۾ جنم ورتو. وڏيري قادر بخش لاڪير جو گهرو ماحول انساني همدردي، محبت، خلوص ۽ احساس جي پاڪ فضا سان مَهڪيل هو. هن بزرگ گهراڻي ۾ اخلاص، سَخاوت ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ جو جذبو نسل در نسل مُنتقل ٿيندو رهيو، جيڪو سندس تربيت جو اهم حصو هو. اهڙي پاڪيزه تربيت ۽ اخلاقي سرشتي ۾ پلجندڙ محمد بچل لاڪير پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ئي علم ۽ خدمت جي ارادن سان ڪئي. پاڻ ابتدائي تعليم جا مرحلا جيڪي ان وقت جي رائج نصاب، يعني "سنڌي فائنل" تائين ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيائين. جيئن ئِي نوجوانيءَ جي سرحد تي قدم رکيائين ت کيس تعليم کاتي ۾ سرڪاري ملازمت حاصل ٿي وئِي. ان وقت سندس عمر اڃان نوجوانيءَ جي شروعاتي منزل ۾ هئي. ان دور ۾ تعليم کاتي ۾ سائين آخوند عبدالرسول لاڪير جهڙا نيڪ صِفت، علم دوست ۽ ولايت جي خوشبوءِ سان ڀرپور ماڻهو موجود هئا. جيڪي پنهنجي خوشين کي قربان ڪري ٻين جي تعليم ۽ تربيت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري چڪا هئا. سائين محمد بچل لاڪير کي تدريس جهڙي نبوي پيشي ۾ شامل ٿيڻ جو آرڊر ب اهڙي ئي بابرڪت هستيءَ، يعني سائين آخوند عبدالرسول لاڪير صاحب جي هٿن سان مليو. هي حڪم سندس سڄي زندگيءَ تي روحاني ۽ عملي اثر ڇڏي ويو. انهيءَ وقت شاھ پنجو سلطان جي نامور شخصيت ميان

عبدالرحمٰن سومرو، جيڪو ضلع ڪائونسل دادو ۾ اڪائونٽنٽ طور خدمتون سرانجام ڏيندو هو ۽ ساڳئي وقت پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جي ناني، وڏيري محمد ملوڪ لاڪير جو قريبي دوست به هو، هڪ ڏينهن سائين آخوند عبدالرسول لاڪير سان ملاقات دوران ذڪر ڪيو ته ”ميان قادر بخش لاڪير جو فرزند، محمد بچل، سنڌي فائنل امتحان ڪاميابيءَ سان پاس ڪيو آهي.“ اهو ٻُڌي آخوند عبدالرسول لاڪير صاحب وراڻيو: ”ادا، اسان کي هن وقت ايماندار استادن جي تمام سخت ضرورت آهي.“ اهو چوندي ئي پاڻ ٽڪڙو آرڊر تيار ڪرايائين، جنهن ۾ محمد بچل لاڪير کي ”سنڌي استاد (S.V. Teacher)“ طور مقرر ڪيو ويو ۽ اهو آرڊر مِيان عبدالرحمٰن سومرو صاحب جي حوالي ڪيو ويو ته جيئن هو پهچائي ڏئي. جڏهن ميان عبدالرحمٰن سومرو صاحب اهو آرڊر آڻي محمد ملوڪ لاڪير (جيڪو بعد ۾ سائين محمد بچل لاڪير جو سُهرو بڻيو) کي ڏنو، تڏهن محمد ملوڪ لاڪير صاحب ٿورو فڪرمند ٿي چيو: ”ادا، محمد بچل اڃان نوجوان آهي، ايترو پري ڪوٺ ٻاروچو اسڪول سيوهڻ طرف ڪيئن وڃي نوڪري ڪندو؟ رستا ڏکيا آهن، علائقا پري پري آهن ۽ سُواريءَ جو به اڻ لڀ هجڻ عام ڳالهه آهي.“ اهو ٻڌي، ميان عبدالرحمٰن سومرو صاحب انساني همدرديءَ جي بنياد تي اهو حڪم تبديل ڪرايو. پوءِ سائين محمد بچل لاڪير کي تعليم کاتي ۾ S.V. Teacherجي حيثيت سان، پهرين جنوري 1949ع تي ٽرڙي محبت جي پرائمري اسڪول ۾ مقرر ڪيو ويو. ان وقت جي ريت موجب هر هڪ يا ٻن سالن کان پوءِ استادن جون بدليون ٿينديون هيون، ڇو ته اچڻ وڃڻ، رهڻ ۽ ٻين گهريلو مُشڪلاتن سبب استادن جي آساني کي نظر ۾ رکيو ويندو هو. انهن بدلين ۾ استادن جي پنهنجي رضامندي پڻ شامل هوندي هئي. سائين محمد بچل لاڪير ٽرڙي محبت ۾ به سال تدريسي خدمتون سرانجام ڏيڻ کان پوءِ پهرين اپريل 1951ع تي ڪنديور پرسان ڳوٺ شير محمد چانڊيو جي اسڪول ۾ بدلي ٿي ويو، جتي هڪ سال پڙهايائين. پوءِ پهرين اپريل 1952ع تي ڪيس ڳوٺ ڪوندي ۾ مقرر ڪيو ويو، جيڪو قاضي عارف کان ڏکڻ طرف به اڍائي ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع

آهي. پهرين مارچ 1953ع تي ٻيهر بدلي ٿي ۽ ڪيس ڳوٺ ٻُٽ سِرائي جي پرائمري اسڪول موڪليو ويو. پوءِ پهرين اپريل 1954ع تي راڌڻ اسٽيشن جي اسڪول ۾ ۽ پوءِ پهرين اپريل 1955ع تي ٻيهر ٻٽ سرائي ۾ موڪليو ويو. 14 اپريل 1956ع تي ڪيس ڳوٺ ڏاڪاٽي ۾ تدريسي خدمت لاءِ موڪليو ويو. پوءِ 7 اپريل 1957ع تي شاهه پنجو سلطان ۽ 7 مئي 1959ع تي ڳوٺ محبت لاڪير ۾ بدلي ٿي. اتي سندس ملاقات سردار احمد خان لاڪير سان ٿي، جيڪو اڳ ئي استاد طور اتي مقرر هو. ٻنهي استادن جي وچ ۾ رشتو صرف ساٿي استادن وارو نه رهيو، بلڪ اها وابستگي جلد ئي خلوص، عزت ۽ گهري دوستيءَ ۾ بدلجي وئي. سائين محمد بچل لاڪير جي شخصيت جتي فڪر، فن ۽ علم جي حوالن سان نرالي نظر اچي ٿي، اتي سندس گهراڻي جي تاريخ به سادگي، عزت ۽ اخلاقي قدرن سان ڀرپور ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سندس شاديءَ جو احوال به هڪ اهڙيءَ اخلاقي ۽ انساني روايت جو مظهر آهي، جنهن ۾ ذميواري، قرباني ۽ سماجي سُڌ جو روح لڪيل آهي. سائين محمد بچل لاڪير جي وڏي ڀاءُ محمد هاشم لاڪير جي شادي وڏيري محمد ملوڪ لاڪير جي نياڻي محترمه مريم خاتون سان ٿي. هيءَ شادي ٻنهي خاندانن لاءِ عزت ۽ محبت جي رشتن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو سبب بڻي. انهيءَ مقدس زوجه جي بطن منجهان محمد هاشم کي هڪ پٽ قادر بخش پيدا ٿيو. قادر بخش اڃان ننڍڙي عمر جو ئي هو ته قسمت پنهنجو لڪيل رستو وٺي آئي ۽ محمد هاشم لاڪير جو انتقال ٿي ويو. مريم خاتون پنهنجي يتيم پٽ سان گڏ زندگيءَ جو سفر وڏي همت ۽ صبر سان جاري رکيو. سندس دل ۾ سچائي، وفاداري ۽ خانداني عزت جا جذبا مضبوط هئا. اهڙي وقت ۾ جڏهن هن بيواهه عورت لاءِ سماجي طور زندگيءَ کي اڪيلي سر نڀائڻ ڏکيو نظر آيو، تڏهن سڄي خاندان ۽ برادريءَ جا وڏا ۽ سڄڻ گڏ ٿيا ته جيئن مريم خاتون ۽ سندس يتيم پٽ لاءِ ڪو مضبوط سَهارو پيدا ٿئي. انهن سڄڻ ۽ وڏڙن پنهنجي صلاح ۽ دانائيءَ سان فيصلو ڪيو ته سائين محمد بچل لاڪير، جيڪو پنهنجي علم، اخلاق ۽ ذميواريءَ ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو، مريم خاتون سان نڪاح ڪري، ته جيئن مريم

خاتون کي تحفظ ۽ عزت سان زندگي گذارڻ جو موقعو ملي ۽ قادر بخش کي پيءُ جي شفقت جهڙو سَهارو حاصل ٿئي. پر سائين محمد بچل لاکير لاءِ هي تجويز هڪ وڏو اخلاقي امتحان هئي. ڇو تہ سندس تربيت اهڙي ماحول ۾ ٿي هئي، جتي ڀاڄائيءَ کي ڀيڻ برابر عزت ڏني ويندي هئي. سندس دل ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ جي بيواهہ لاءِ نهايت احترام هو ۽ اهو تصور بہ سندس لاءِ ڏکيو هو تہ جيڪا عورت سندس ڀاءُ جي زوجه رهي، سا سندس زوجه بڻجي. سائين محمد بچل لاکير پنهنجي فطري شرم، سادگي ۽ اخلاق جي ڪري هي ڳالهہ قبول ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ راضي نہ ٿيو. پر جڏهن سندس وڏڙن، دوستن ۽ خيرخواهن بار بار پيار ۽ سچائيءَ سان کيس سمجهايو تہ هيءَ شادي نہ رڳو هڪ گهر جي بقا ۽ يتيم ٻار جي سَهاري لاءِ آهي، پر ٻن خاندانن جي عزت ۽ محبت کي بہ قائم رکڻ جو ذريعو بڻجندي، تڏهن سائين محمد بچل آخرڪار رضا جو اظهار ڪيو. هن فيصلي ۾ سندس دل جي اوڪائي ۽ اخلاقي عظمت صاف ظاهر ٿئي ٿي، ڇو تہ سندس رضامندي ڪنهن ذاتي خواهش تحت نہ، پر هڪ انساني فرض، خانداني ذميواري ۽ سماجي احترام جي احساس تحت هئي. اهڙي طرح سن 1964ع ۾ سائين محمد بچل لاکير جو نڪاح محترمه مريم خاتون سان ٿيو. هيءَ شادي هڪ اهڙو مثال بڻجي ويئي، جنهن ۾ اخلاص، عزت ۽ ذميواري گڏجي هڪ باعزت زندگيءَ جو نئون باب کليو.

ڳوٺ محبت لاکير جي اسڪول ۾ تدريسي خدمت وارو سمورو عرصو سائين محمد بچل لاکير سردار احمد خان لاکير جي اوطاق ۾ ئي رهيو ۽ ٻنهي استادن جو گڏيل وقت، علمي ۽ ادبي همت سان ڀرپور دور رهيو. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي والد محترم جي زباني بيان ڪري ٿو تہ: "جڏهن مان ۽ سائين احمد خان لاکير پرائمري اسڪول ٽيچر جي ٽريننگ (PTC) لاءِ مِنياٽي ۾ گڏ وياسين، تڏهن لاکير برادريءَ جا ماڻهو ايترو خلوص سان پيش آيا جو هو هاسٽل تي اسان لاءِ کٽون کڻي آيا، روز مانِي موڪليندا هئا ۽ رات جو دير تائين ڪچهريون هلنديون هيون. ان وقت دادو جي مشهور شخصيت، سيد احمد شاهہ المعروف استاد بخاري، جيڪو پاڻ

بہ هڪ پرائمري استاد هو ۽ ساڳي ٽريننگ ۾ شامل هو، جڏهن اها خدمت ڏِٺي تہ حيران ٿي پڇيائين: سائين! اوهان ڳوٺ ۾ ڇا ڪندا آهيو؟ ڇا اوهان وڏيرا آهيو! جو اوهان وٽ ڪچهري ۽ دعوتن جا دور پيا هلن؟ تڏهن مون وراڻيو: "سائين! هي (سائين احمد خان لاکير) اسان جي برادريءَ جو سردار آهي ۽ اها سڀ عزت ۽ محبت ان ئي جي ڪري آهي."

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي والد محترم جي زباني ٻڌائي ٿو تہ: محبت لاکير جي وڏيري مِنل لاکير جو فرزند، پروفيسر غلام نبي لاکير، منهنجو شاگرد رهيو آهي. پروفيسر عبيدالله لاکير ٻڌايو تہ: 1983ع ۾ جڏهن مون مئٽرڪ امتحان پاس ڪيو ۽ خيرپور ناٿن شاهہ ڪاليج ۾ يارهين جماعت ۾ داخلا لاءِ ويس تہ بابا سائين پاڻ مون سان گڏ هليو. اسان جڏهن استادن جي هال ۾ داخل ٿياسُون تہ اتي سائين غلام نبي لاکير صاحب ويٺل هو. سائين پروفيسر غلام نبي لاکير مُسلم هِسٽري سبجيڪٽ جو ايسوسيئيٽ پروفيسر هو. بابا سائين کي ڏِسڻ شرط پنهنجي جاءِ تان اٿي وڏي محبت ۽ تعظيم سان مليو، اسان کي ويهاريو، چانهہ پيش ڪئي ۽ پاڻ ئي داخلا فارم ڪٽي پريو. نہ رڳو پريو، پر پاڻ ئي ڪاليج جي آفيس ۾ جمع ڪرائي آيو. ان محبت ۽ عزت جو انداز منهنجي دل ۾ هميشہ لاءِ نقش ٿي ويو، جنهن مان مون محسوس ڪيو تہ بابا سائين کي علمي دنيا ۾ ڪيترو احترام وارو مقام حاصل آهي.

محترم سائين محمد بچل لاکير ڳوٺ محبت لاکير مان ٽن سالن کان پوءِ راڌڻ پرائمري اسڪول ڏانهن بدلي ٿي آيو، جتي پاڻ پهرين اپريل 1962ع تي تدريسي خدمتن جو سلسلو جاري رکيائين. ٻن سالن کان پوءِ پهرين جون 1964ع تي شاهہ پنجو سلطان پرائمري اسڪول ۾ بدلي ٿي آيو ۽ اتي ٽن سالن تائين پنهنجي علمي ۽ اخلاقي خدمتن جو سلسلو جاري رکيائين. پوءِ 12 مئي 1967ع تي پاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ بخش لاکير جي اسڪول ۾ بدلي ٿي آيو، جتي سندس خدمتن کي سرڪاري طور تسليم ڪندي کيس اسسٽنٽ ماسٽر (نائب ماسٽر) جي حيثيت سان پروموشن ڏنو ويو. وڏنڙ

تجربو، اخلاص ۽ شاگردن سان والهاڻو تعلق ڏسي پاڻ اڳتي هلي پهرين ڊسمبر 1975ع تي هيڊ ماستر مقرر ٿيو. پنهنجي تدريسي دور جي پڄاڻي تائين انهيءَ ذميواريءَ سان وابسته رهيو. آخرڪار، 31 ڊسمبر 1981ع تي پاڻ وقت کان اڳ سرڪاري ملازمت مان رٽائرمينٽ ورتائين، پر عملي زندگيءَ ۾ علم، خدمت ۽ اخلاص جو سفر رٽائرمينٽ کان پوءِ به جاري رکيائين. پروفيسر عبيدالله لاکير پنهنجي والد محترم جي زباني ٻڌائي ٿو ته: ڳوٺ شير محمد چانديو ۾ تدريسي خدمت دوران بابا سائين ڪنڊيوَر ۾ سائين چنيسر خاصخيلي سان ويجهڙائي ۽ دوستي سبب وٽس رهندو هو. هيءَ دوستي نئين نه هئي، پر پراڻي پائيپيءَ ۽ اعتماد تي ٻَڌل هئي. چنيسر خاصخيلي پهريان منڇر لڳ ڪنڊيوَر ۾ رهندو هو، پوءِ اُتان لڏي ويو ۽ آخر ۾ ٽرڙي محبت ۾ مُستقِل سُڪونت اختيار ڪيائين. اڄ به سندس گهر ٽرڙي محبت ۾ موجود آهي، پر افسوس جو محترم چنيسر خاصخيلي ۽ سندس اڪيلو فرزند شاهنواز خاصخيلي هاڻي هن فاني دنيا مان دارالبقا ڏانهن روانا ٿي چڪا آهن.

ڳوٺ شير محمد چانديو جي اسڪول ۾ هڪ ٻيو نمايان نالو، ڪنڊيوَر جو رهاڪو سائين محمد صالح خاصخيلي، جيڪو بعد ۾ وڏو تعليمي ماهر ۽ منتظم ٿيو، به ساڳئي دؤر ۾ ساڻس واسطيدار رهيو. پروفيسر عبيدالله لاکير جي زباني آهي ته: ”محمد صالح خاصخيلي نسيم نگر، حيدرآباد ۾ رهندو هو. جڏهن به منهنجو وٽس وڃڻ ٿيندو هو، ته پاڻ وڏي خوشيءَ ۽ احترام سان پيش ايندو هو. مون ڏانهن ڏسي چوندو هو ته: اوهين منهنجي آئيڊيل استاد، سائين محمد بچل لاکير صاحب جا فرزند آهيو.“ پروفيسر عبيدالله لاکير ٻڌائي ٿو ته جڏهن پاڻ ڪينٽ حيدرآباد ۾ آرمي پبلڪ اسڪول جو پرنسپال هو، ته هڪ دفعو مان وٽس اتي وڃي ملاقات ڪئي. اسڪول جي انتظامي ماحول، نظم ۽ تنظيم ڏسي حيران رهجي ويس. پاڻ نهايت سليقي وارو، خوش مزاج ۽ شاگرد دوست پرنسپال هو ۽ اهو سڀ ڪجهه پنهنجي استاد سائين محمد بچل لاکير جي تربيت ۽ اثر جو نتيجو هو. پروفيسر عبيدالله لاکير وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته: ”بابا سائين جڏهن ڪوندي جي پرائمري اسڪول ۾ تدريسي

خدمت ڪندو هو، تڏهن قاضي عارف ۾ قاضي جان محمد مهيسر (عارفي) جي ڪارخاني واري مٽي نهيل ڪمري ۾ رهندو هو. ساڳئي ڪمري ۾ اسان جي ڳوٺ جا ٻيا استاد، سائين نورالدين ناريجو ۽ سائين شمس الدين (شمسي) ناريجو به گڏ رهندا هئا. جلد ئي سائين شمس الدين شمسي صاحب اتان چڙي رهڙو شريف جي مدرسي ۾ رهائش اختيار ڪئي، چاڪاڻ ته سندس ڊيوٽي رهڙي شريف جي اسڪول ۾ هئي. اها سندن هڪ خوبصورت روايت رهي ته پاڻ هفتو مڪمل ٿيڻ تي سڀ استاد گڏجي سائيڪلن تي واپس پنهنجي ڳوٺ ايندا هئا. اتي گڏ ڪچهرين، علمي ڳالهين ۽ پائيپيءَ جو روحاني سلسلو جاري رهندو هو.“

سائين محمد بچل لاکير جي ملازمت واري عرصي ۾ سندس ساٿ ڪيترين ئي علم دوست ۽ باوقار شخصيتن سان رهيو، جن مان سائين الله رکيو ڳورڙ ۽ سائين نواب خان ڪولاچي خاص طور تي سندس گهرا دوست ۽ هم خيال ساٿي هئا. ٻنهي حضرات جو شمار ميهڙ جي تعليمي ۽ سماجي حلقن جي باوقار ماڻهن ۾ ٿيندو هو. سائين الله رکيو ڳورڙ اوپر بيٺ جو سپروائيزر هو، جنهن ۾ بخش لاکير وارو اسڪول پڻ شامل هو، جڏهن ته سائين نواب خان ڪولاچي ميهڙ جي اولهه بيٺ جو ذميوار هو، جيڪو قاضي عارف ۽ فريدآباد تائين پکڙيل علائقو هو. ان وقت جا سپروائيزر صرف اداري جا منتظم نه، پر تعليمي قابليت جا جيئرا جاڳندا اَهڃاڻ هوندا هئا. امتحاني عمل دوران هو پنهنجي فرض شناسيءَ ۾ اهڙا پُختا هوندا جو امتحان وقت ڪڏهن به ڪنهن استاد يا ڳوٺ واري جي ماني نه کائيندا هئا. البته ڪڏهن ڪڏهن ذاتي دوستن جي اصرار تي، هڪ قسم جي اخلاقي اجازت طور، امتحان ختم ٿيڻ کان پوءِ گڏ ويهڻ جي اجازت ڏيندا هئا. سائين محمد بچل لاکير جي خلوص ڀري اصرار تي، اهي معزز سپروائيزر، امتحاني ڪم مڪمل ڪرڻ بعد، ٽانگي يا موٽر سائيڪل تي سفر ڪري سائين محمد بچل جي اوطاق تي پهچندا هئا، جتي ڪين پنهنجي مخلص دوست جي هٿان پيار ۽ احترام سان ماني پيش ڪئي ويندي هئي. اهو منظر علم، ادب، خدمت ۽ اخلاص جي روايتن سان ڀرپور هوندو هو. سائين الله رکيو

ڳورڙ ۾ سائين نواب خان ڪولاچي پاڻ بہ وڏا زميندار ۽ علم پرور ماڻهو هئا. سندن علمي ذوق ۽ سڃاڻپ جي ڪري هو سائين محمد بچل لاکير کي نہ رڳو هڪ بهترين استاد ۽ مُنظم مُنتظِم طور سُڃاڻيندا هئا، پر سندس اخلاق، مهمان نوازي ۽ علمي سڄاڳيءَ سبب کيس انتهائي احترام ۽ محبت سان ڏسندا هئا. سائين محمد بچل لاکير جي اوطاق علم دوستن جو مرڪز هئي، جتي استادن، شاگردن ۽ تعليمي عملدارن لاءِ علمي گفتگو، اخلاقي تربيت ۽ سماجي شعور جو سلسلو جاري رهندو هو. اهو دور، واقعي، ميهڙ جي علمي فضا جو سُنهري دور هو.

سماجي عزت ۽ اوطاق جون محفلون

سائين محمد بچل لاکير رڳو علم شناس استاد نہ، پر هڪ سماجي ۽ اخلاقي اڳواڻ بہ هو. سندس اوطاق تي هميشہ دوستن، استادن ۽ ڳوناڻن جي اچ وڃ رهندي هئي. پاڻ وڏي بااصول زندگي گذاريائين. نرم گفتاري، انصاف ۽ خيرخواهي سندس شخصيت جو حصو هئي. هر ماڻهوءَ لاءِ سچائي، محبت ۽ عزت جو جذبو رکندو هو، جنهن ڪري معاشري ۾ کيس وڏي عزت ۽ احترام حاصل هو. پروفيسر عبيدالله لاکير ٻڌائي ٿو تہ: ”جڏهن مان پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هئس، تڏهن پنجين ڪلاس ۾ منهنجو استاد بابا سائين ئي هو. ڳوٺ ۾ جڏهن بہ مان ڪنهن دڪان تان گهر جو سامان وٺڻ ويندو هئس، تہ دڪاندار مون کي بين کان اڳ ترجيح ڏيندا هئا. سامان ڏيندي خوشيءَ سان چوندا هئا: هي اسان جي استاد محترم سائين محمد بچل جو پٽ آهي ۽ پوءِ پيار مان منهنجي کيسي ۾ بغير پئسا وٺڻ جي ڪجهہ ريوڙيون، پڳڙا يا بسڪيٽ وجهي ڏيندا هئا ۽ مٿي تي هٿ رکي دعائون ڏيندا هئا.“ اهو سماج ۾ هڪ سچي استاد جي عزت ۽ اثر جو عملي مثال هو جتي استاد جو نالو ئي احترام جي علامت بڻيل هو. سائين محمد بچل لاکير جي زندگيءَ جا اهي پهلو نہ رڳو سندس تدريسي خدمتن جو عڪس آهن، پر سنڌ جي تعليمي ۽ سماجي روايت جو روشن باب پڻ آهن. پاڻ علم کي خدمت، خدمت خلق کي عبادت ۽ انسان سان محبت کي زندگيءَ جو

اصل مقصد سمجهندو هو. سندس فڪر ۽ عمل جو تسلسل اڄ بہ سندس فرزند پروفيسر عبيدالله لاکير ۽ لاکير خاندان جي علمي ۽ سماجي خدمتن ۾ زندهہ آهي. سائين محمد بچل لاکير پنهنجي خداداد صلاحيتن، خلوص ۽ خدمت جي جذبي سان تعليم جي ميدان ۾ داخل ٿيو تہ جڻ تدريس لاءِ پيدا ٿيو هجي. سندس تدريس رڳو نوڪري نہ پر عبادت ۽ فريضو هئي. پاڻ استاد کي نہ رڳو علم جو ذريعو پر انسان ساز ڪارخاني جو معمار سمجهندو هو. سندس هر سبق ۾ نہ رڳو حرفن جو علم هوندو هو، پر دلين کي روشن ڪرڻ جو پيغام بہ لِڪيل هوندو هو. سائين محمد بچل لاکير پنهنجي خدمتن جي شروعات ٿرڙي محبت جي پرائمري اسڪول کان ڪئي ۽ پوءِ مختلف اسڪولن ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيندي جتي بہ ويو، اتي علم، اخلاق ۽ محبت جا نقش ڇڏي آيو. سندس شاگردن جي يادگيرين ۾ اڄ بہ سندس شفقت، نرم گفتاري ۽ محنت جون ڪهاڻيون زندهہ آهن. پاڻ استاد جي حيثيت ۾ وقت جو پابند، پڙهائڻ ۾ انتهائي ايماندار ۽ شاگردن سان محبت ۾ والدانہ جذبو رکندو هو. پاڻ اڪثر چوندو هو: استاد جو ڪم رڳو پڙهائڻ ناهي، پر ٻارن جي اندر روشنيءَ جا ڏيئا ٻارڻ بہ آهي. انهن لفظن تي پاڻ پوري زندگي عمل ڪندو رهيو. هر اسڪول ۾ سندس آمد هڪ علمي تحريڪ جي صورت اختيار ڪندي هئي. پاڻ اسڪولن کي رڳو تدريس جا مرڪز نہ پر سماجي اصلاح ۽ اخلاقي تربيت جا ادارا بڻائي ڇڏيندو هو. سندس نگرانيءَ هيٺ شاگرد نہ فقط پڙهندا هئا پر سنا ۽ تهذيب يافتہ انسان بڻجندا هئا.

اخلاقي تربيت ۽ شاگردن سان رشتو

سائين محمد بچل لاکير شاگردن سان والدانہ شفقت سان پيش ايندو هو. ڪيترن غريب ۽ نادار شاگردن کي ڪتاب پاڻ خريد ڪري ڏيندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندن گهر ويندي والدين کي پڙهائيءَ جي اهميت بابت قائل ڪندو هو. ڪيس اهو يقين هو تہ قوم جي ترقي اسڪول جي چوڪيءَ کان شروع ٿئي ٿي ۽ استاد ئي ان بنياد جو معمار آهي. انهيءَ عظيم سوچ سبب سندس شاگرد بعد ۾ مختلف

شعبن ۾ وڏا نالا ڪٽيا ۽ اڪثر پنهنجي ڪاميابين جو سبب استاد محمد بچل لاکير جي دعائن ۽ تربيت کي چوندا رهيا آهن. سائين محمد بچل لاکير فطري طور تي ادبي ذوق رکندڙ هو. پاڻ ڪتابن سان عشق ڪندڙ، مطالعي جو عادي ۽ علم جي خوشبوءِ ۾ رهڻ کي پسند ڪندڙ انسان هو. شام جي وقت سندس اوطاق يا اسڪول جي ورانڊي ۾ اڪثر ڪچهريون هلنديون هيون، جتي علم، ادب ۽ فڪر تي ڳالهيون ٿينديون هيون. سندس گفتگوءَ مان هميشه هڪ اخلاقي روشني، علمي نرمي ۽ فڪري پختگيءَ جو احساس ٿيندو هو.

تعليم سان گڏ سائين محمد بچل لاکير سماج جي بهتريءَ ۾ به سرگرم رهيو. ڳوٺ جي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائڻ، مصيبت ۾ مدد ڪرڻ ۽ پائيچاري جو درس ڏيڻ سندس روزمره جي زندگيءَ جو حصو هو. سندس اوطاق نه رڳو استادن ۽ شاگردن جي لاءِ مرڪز هئي، پر مسافرن، ضرورت مندن ۽ غريبن لاءِ به پناهه گاهه هئي. ڪيترا ماڻهو چوندا هئا ته: سائين محمد بچل وٽ وڃو، خالي هٿ نه موٽندؤ، چاهي صلاح وٺو يا مدد. سندس رويو هميشه نرميءَ، بردباري ۽ شفقت سان ڀريل هوندو هو. اختلافن کي ڳالهين سان حل ڪرڻ، ماڻهن کي گڏ رکڻ ۽ ڳوٺن ۾ محبت جو ماحول پيدا ڪرڻ سندس خاص خوبي هئي. سائين محمد بچل لاکير کي سندس هم عصر استادن ۾ وڏي عزت ۽ احترام حاصل هو. سندس خدمت، سادگي ۽ علمي ڪردار سبب تعليم کاتي جا وڏا عملدار به کيس عزت سان ياد ڪندا هئا. پاڻ نندين استادن کي هميشه تلقين ڪندو هو ته: علم سان گڏ اخلاق سِکو، ڇو ته علم بغير اخلاق انسان کي وڏو نه پر خطرناڪ بڻائي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سندس خدمت جو اثر رڳو سندس شاگردن تائين محدود نه رهيو، پر ساٿي استادن تائين به پهتو، جيڪي کيس پنهنجي زندگيءَ لاءِ مشعلِ راهه سمجهندا هئا. سائين محمد بچل لاکير جو ورثو رڳو درجنين شاگرد نه، پر علم، محبت ۽ خدمت جو فلسفو آهي. سندس زندگي هڪ ڪتاب آهي جنهن جي هر ورق ۾ اخلاص ۽ ايمانداري لکيل آهي. پاڻ پنهنجي عملي زندگيءَ سان اهو ثابت ڪيائين ته هڪ سچو استاد سماج کي بدلائي سگهي ٿو. سندس فرزند پروفيسر عبيدالله لاکير ۽ لاکير

خاندان جون علمي خدمتون سندس فڪر ۽ تربيت جو تسلسل آهن. سائين محمد بچل لاکير سنڌ جي انهن بزرگ استادن مان هڪ هو، جن تدريس کي عبادت ۽ خدمت کي سعادت بڻايو. سندس زندگيءَ جو هر مرحلو خلوص، ايمان ۽ علم جي روشنيءَ سان ڀريل هو. اهي ماڻهو اڄ جي دنيا ۾ مشعلِ راهه آهن، جن پنهنجي محنت سان نه رڳو ڪتابن جا صفحا روشن ڪيا، پر دلين کي به علم جي روشنيءَ سان منور ڪيو.

سائين محمد بچل لاکير پنهنجي حياتيءَ جو سفر 24 جنوري 2019ع جي شام، 3:45 تي، ڊاڪٽر عبدالحق عباسي جي اسپتال ميهڙ ۾ پورو ڪيو. بيماريءَ جي دوران به پاڻ همت، وقار ۽ صبر جو مظاهرو ڪندو رهيو. سندس وصال سان نه رڳو گهراڻي، پر سڄي برادريءَ ۾ اُداسي ڇانئجي وئي. سائين محمد بچل جي جنازي جون رسمون نهايت عقيدت ۽ احترام سان ادا ڪيون ويون ۽ 25 جنوري 2019ع جو صبح ساڍي ڏهين وڳي، کيس آبائي قبرستان فتح محمد شاهه بخش لاکير ۾، مٽيءَ جي آغوش ۾ آسودهِ خواب ڪيو ويو.

هي خبر جڏهن علم ۽ ادب سان واسطو رکندڙ حلقن تائين پهتي، تڏهن علم جي فضا ۾ هڪ خاموشي ڇانئجي وئي. شاگرد، دوست، ساٿي ۽ چاهيندڙ سڀئي دلگير ٿي پيا. هزارين آلين اکين سان سندس جسدِ خاڪي کي ڳوٺ بخش لاکير جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو، جتي پاڻ ابدي آرام لاءِ سمهي رهيو.

اِنَّالِلّٰهِ واِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن۔

سائين محمد بچل لاکير صاحب جي وڇوڙي سان رڳو هڪ شخص نه پر هڪ عظيم استاد، هڪ فڪر جو علمبردار ۽ هڪ علمي باب پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. پر الله ربّ العزت جا احسان آهن جو علم، اخلاق ۽ خدمت جو اهو سلسلو منقطع نه ٿيو. سندس تربيت جو تسلسل ۽ فڪر جو اُجالو سندس ئي فرزند، پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي صورت ۾ جاري ۽ ساري رهيو. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جن پنهنجي والد بزرگوار جي نقشِ قدم تي هلندي نه رڳو تدريسي دنيا ۾ عزت ماڻي، پر علمي ميدان ۾

پنهنجي محنت، اخلاص ۽ خدمت سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ”پٽ پيءُ جو راز هوندو آهي“[1] جيئن سياڻن چيو آهي، ته فرزند جيڪڏهن والد جي عمدا خُلقن، علم ۽ عمل جو پَرتو بڻجي وڃي، ته اها ئي اصل زندگيءَ جي ڪاميابي آهي. پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب پنهنجي زندگيءَ جو هر لمحو علم، اخلاق ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ وقف ڪيو. پاڻ پنهنجي والد جي اُن روشن روايت جو وارث بڻيو، جنهن ۾ علم سان عشق، فرض سان ايمانداري ۽ شاگردن سان محبت بنيادي حيثيت رکي ٿي. جيئن سائين محمد بچل لاڪير صاحب جي دور ۾ اوطاق علمي مِحفلن، اخلاص ڀريل گڏجاڻين ۽ دوستن جي آمد و رفت سان آباد رهندي هئي، تيئن پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جي زندگي به علمي سرگرمين، تدريسي ذميوارين ۽ سماجي خدمت سان ڀرپور رهي آهي. منهنجو يقين آهي ته جيڪڏهن اڄ به ڪو مُنصف مزاج شخص سائين محمد بچل لاڪير ۽ سندن فرزند پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جي ڪردار، تربيت ۽ خدمتن جو تقابلي جائزو وٺندو، ته هو ضرور چوندو ته: ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر تو سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب بابت جيڪو لکيو آهي، اهو اڃان ٿورو لکيو آهي، تون انهن بابت لکڻ جو پورو حق ادا نه ڪري سگهيو آهين. جو ته اهڙن شخصيتن جو حق لفظن ۾ ادا ئي نٿو ٿي سگهي. اهڙا انسان پاڻ ۾ هڪ درسگاهه، هڪ فڪر ۽ هڪ روشن مثال هوندا آهن، جن جو اثر وقت جي وهڪري سان به ختم نٿو ٿئي. سائين محمد بچل لاڪير جو نالو علم، اخلاص ۽ خدمت جي اُن روايت سان ڳنڍيل آهي جيڪا نسل در نسل جاري رهندي، ايندڙ دورن جي روشنيءَ جو سبب بڻجندي ۽ پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب اُن روايت جي جيئري جاڳندي علامت آهي، جنهن ۾ والد جي تربيت، فڪر ۽ روح جو ساڳيو نور اڄ به چمڪندڙ نظر اچي ٿو.

[1]. عربي زبان ۾ مشهور چوڻي آهي ”الولدُ سِرٌّ لِاَبِيه“.

نصرالله بن عبدالهادي لاڪير

نصرالله لاڪير هڪ باوقار، محنتي ۽ ايماندار شخصيت جو مالڪ هو، جيڪو پنهنجي دور ۾ سادگي، عزت ۽ نيڪيءَ جي علامت سمجهيو ويندو هو. سندس رهائش ڳوٺ اگهاماڻي ۾ هئي، جيڪو ڳوٺ بخش لاڪير کان تقريبًا ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اولهه طرف واقع آهي. نصرالله پنهنجي وقت جو ڏاهو، نرم مزاج ۽ محنتي انسان هو، جنهن جي زندگي محنت ڪندي ڏاڍي عزت ۽ احترام سان گذري. نصرالله کي ٽي پُٽ ۽ ٻه نياڻيون هئا : بخشل، عبدالهادي (المعروف مُلو) ۽ قمرالدين، جڏهن ته نياڻين ۾ محترمه ياڳ پري ۽ محترمه حاجران شامل هيون. نصرالله جو هر هڪ ٻار پنهنجي والد جي اخلاقي وراثت ۽ عملي زندگيءَ جو عڪاس بڻيو. نصرالله جو وڏو پٽ بخشل هو، جيڪو علم، محنت ۽ خلوص سان ڀرپور انسان هو. سندس زوجه محترمه حرمت بنت وڏيرو محمد ملوڪ (پروفيسر عبيدالله لاڪير جي ماسِي) اڄ به حيات آهي. بخشل جي پيدائش 1 جنوري 1945ع تي ٿي ۽ وفات 26 مارچ 2023ع تي ٿي. سندس زندگي نيڪي، ايمانداري ۽ محبت سان گذري. بخشل کي اولاد ۾ چار پُٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون، جن ۾ هر هڪ پنهنجي والد جي سادگي ۽ خانداني قدرن جو پَرتُو آهي. بخشل جو وڏو پٽ هدايت الله هو، جنهن جو جنم 8 سيپٽمبر 1970ع تي ٿيو ۽ وفات 12 فيبروري 2022ع تي ٿي. ڪيس هڪ پُٽ عصمت الله ۽ ٽي نياڻيون محترمه ڪائنات، محترمه مُرڪ ۽ محترمه اقصىٰ آهن. ٻيو نمبر پٽ عنايت الله آهي، جيڪو 10 مارچ 1983ع تي ڄائو. پاڻ ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورسز (ASF) ڪراچي ۾ سب انسپيڪٽر جي عهدي تي خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي. ڪيس به پُٽ علي زمان ۽ محمد حسين ۽ هڪ نياڻي لاريب ڪوثر آهي. ٽيون پٽ عزيزالله آهي، جيڪو 5 مئي 1985ع تي ڄائو. پاڻ پاڪ آرمي ۾ خدمت انجام ڏئي رهيو آهي ۽ ڪيس ڇهه پُٽ ۽ هڪ نياڻي آهي. چوٿون پٽ ڪرم الله آهي، جنهن جو جنم 7 نومبر 1992ع تي ٿيو. پاڻ ASF ڪراچي ۾ لوئر ڊويزن ڪلارڪ طور ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڪيس اها نوڪري

20 مارچ 2017ع ۾ ملي. ڪرم الله جي زوجه محترمه ارم خاتون آهي، جيڪا سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جي وڏي نياڻي آهي. ڪيس هڪ پُٽ محمد عزير ۽ هڪ نياڻي يسرىٰ ٻيبي آهي.

نصرالله جو ٻيو نمبر پٽ عبدالهادي (نصرالله پنهنجي والد محترم جو نالو پنهنجي هِن فرزند تي رکيو) المعروف ڏاڏو مُلو (جنم 8 سيپٽمبر 1970، وفات 12 فيبروري 2022ع) هو، جيڪو پنهنجي والد وانگر سچو، نرم دل ۽ محبت ڀريو انسان هو. عبدالهادي کي اولاد ۾ ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيون: پٽن ۾ غلام نبي ۽ غلام رسول، جڏهن ته نياڻين ۾ محترمه سڪينه ۽ محترمه زرينه شامل هيون. عبدالهادي پنهنجي خاندان لاءِ شفقت ۽ سهاري جو پَيڪر هو.

بخشل جون نياڻيون به پنهنجي خاندان جي عزت ۽ خانداني قدرن جي حفاظت ڪندڙ آهن. وڏي نياڻي محترمه سِياڻي جي شادي عبدالله لاڪير (اگهاماڻي) سان ٿي. ٻي نياڻي محترمه پناڻي جي شادي عبدالله بن شاهنواز لاڪير (بخش لاڪير) سان ٿي. ٽين نياڻي محترمه راڻي جي شادي ارباب علي المعروف عيسن لاڪير سان ٿي. جڏهن ته چوٿين نياڻي محترمه نماڻي (جنم 1 جنوري 1980ع) جي شادي غلام مرتضىٰ بن علي نواز لاڪير سان ٿي، جيڪو پروفيسر عبيدالله لاڪير جو سالو ۽ ماروٽ آهي.

نصرالله جي ٽئين نمبر پٽ قمرالدين کي ٽي پُٽ علي گوهر، ظفر ۽ شهزور، ۽ هڪ نياڻي آهي، جيڪي سڀ پنهنجي والد جي محبت ۽ سادگيءَ جا امين آهن. نياڻين مان محترمه ڀاڳ ڀري بنت نصرالله جي شادي محمد قاسم ساند سان ٿي، جيڪو پروفيسر عبيدالله لاڪير جي ڏاڏي محترمه مومنت جو ڀاءُ هو. هيءَ شادي ٻن خاندانن جي محبت ۽ عزت جي ڳانڍاپي جي علامت هئي. ٻي نياڻي محترمه حاجران بنت نصرالله جي شادي شمن لاڪير سان ٿي، جنهن مان کيس ٽي پُٽ ممتاز، شاهنواز ۽ محمد رمضان ۽ ست نياڻيون پيدا ٿيون. نصرالله لاڪير پنهنجي علائقي ۽ خاندان لاءِ هڪ روشن مثال هو. سندس زندگي نيڪي، سادگي ۽ انسانيت جي خدمت سان ڀرپور هئي. هن نه صرف پنهنجن اولاد لاءِ پر ايندڙ نسلن لاءِ به

محبت، محنت ۽ حوصلن جو سبق ڇڏيو. اڄ سندس نسل ۽ برادري سندس نالي تي فخر ڪن ٿا ۽ ڳوٺ اگهاماڻي ۾ جڏهن سندس نالو احترام سان ورتو آهي، ته ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ نصرالله لاڪير جي سچائي ۽ خلوص جي خوشبو اڃان تائين هوائن ۾ رچيل هجي.

غلام مصطفىٰ لاڪير

غلام مصطفىٰ لاڪير، وڏيري ملوڪ جو ننڍو ۽ آخري ڀاءُ هو. سندس جنم 21 جنوري 1943ع ۾ ٿيو. ننڍي عمر هجڻ ڪري، غلام مصطفىٰ سڀني ڀائرن جي دل جي ڌڙڪن ۽ پيار ۽ محبت جو مرڪز رهيو. هو ڏاڍو دادلو، نرم دل ۽ محبت ڀريو انسان هو. پنهنجي وڏي ڀاءُ محمد ملوڪ کي هميشه "بابا وڏو" سِڏيندو هو، ڪڏهن به ڀاءُ نه سَڏيو هئائين. اهو ئي وڏيرو محمد ملوڪ هو، جنهن کيس سلطان لاڪير مان وٺي اڄ ڳوٺ بخش لاڪير ۾ پاڻ سان گڏ رهايو. والد صاحب مگهيو خان جي وفات کان پوءِ، ننڍڙي عمر سبب غلام مصطفىٰ يتيمي واري زندگي گذاري، پر وڏيرو محمد ملوڪ کيس ڀاءُ سان گڏ پيءُ جو پيار به ڏنو ته جيئن کيس بابا سائين جي جدائي جو درد محسوس نه ٿئي. وڏيرو محمد ملوڪ سندس لاءِ شفقت ڀريو سايو، محبت ڀريو مضبوط سَهارو ۽ سندس ڪُل ڪائنات هو. غلام مصطفىٰ چوندو هو ته: "بابا محمد ملوڪ منهنجو ڀاءُ به آهي ۽ پيءُ به، جنهن مون کي پنهنجي اولاد کان وڌيڪ ناز سان پاليو آهي."
هڪ دفعي غلام مصطفىٰ پنهنجي وڏي پُٽ ممتاز علي کي چيو ته "وڃ ڏسي اچ، ته بابا وڏو اوطاق ۾ وينو آهي يا نه." ممتاز علي ٻاراڻي معصوميت سان چيو: "بابا! اهو ته اسان جو "بابا وڏو" آهي، توهان جو ته ڀاءُ آهي، پوءِ "بابا" چو ٿا سڏيو؟" تڏهن غلام مصطفىٰ پيار منجهان جواب ڏنو: "پٽ! منهنجو پيءُ جڏهن گذاري ويو، تڏهن مان ننڍڙو هئس. مون کي پنهنجي پيءُ جو چهرو به ياد ناهي، پر جڏهن مون دنيا ڏٺي، مون کي پنهنجي پيءُ جي جاءِ تي بابا وڏو نظر آيو، جنهن مون کي پنهنجي اولاد کان به وڌيڪ ناز سان پاليو آهي.

سو، منهنجو وڏو ياءُ بہ اهو آهي ۽ پيءُ بہ اهو ئي آهي.“ اهو جذباتي اظهار سندس فطري محبت، شڪرگذاري ۽ انساني عظمت جو ثبوت هو، جيڪو سندس شخصيت ۾ نمايان نظر ايندو هو. غلام مصطفىٰ جي زندگي پيار، خدمت ۽ قربانيءَ سان ڀرپور هئي. هو مينهُنِ (چوپائي مال) جو شوقين ۽ زمين سان انتهائي محبت ڪندڙ هو. چوندو هو تہ: هي ٻہ ڳالهيون ياد رکو ۽ انهن تي عمل ڪجو تہ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ تڪليف يا مونجهارو نہ ايندو. پهرين ڳالهہ: زمين کي آباد ڪريو، ان سان اولاد وانگر پيار ڪريو. ”زمين چوندي آهي تہ مون کي جهنگ ۾ آباد ڪري سينگاريو، تہ مان توهان کي شهرن ۾ سينگاريندس.“ ٻي ڳالهہ مينهن بابت چوندو هو تہ:”سنڌ ۾ عام چوڻي آهي تہ غريب وڃي ماءُ سان عشق ڪري ۽ جيڪڏهن ماءُ کان سواءِ ٻي ڪا ماءُ آهي تہ اها مينهن آهي، جيڪا کير پياري ٿي ۽ زندگيءَ ۾ سچي مددگار ٿئي ٿي.“ غلام مصطفىٰ علم ۽ اخلاقيت جو درس ڏيندڙ هو. پنهنجي اولاد کي ويهاري نصيحت ڪندو هو ۽ چوندو هو: هي منهنجي وصيت آهي، ان تي هميشہ عمل ڪجو. پوءِ نصيحت ڪندو هو: پاڙي سان سنو سلوڪ رکو، غريب ۽ مسڪين جي مدد ڪريو، ڏکئي وقت ۾ هر انسان جي ڪم اچو، پنهنجي ڳوٺ ۾ جيڪا بہ ذات رهندي هجي، ان کي پنهنجن رشتيدارن کان بہ وڌيڪ عزت ڏيو، هر عورت، نياڻي سمجهي پنهنجي ماءُ، ڀيڻ ۽ ڌيءَ جو درجو ڏيو، جيڪڏهن ڪا نياڻي ڪنهن ڏک يا تڪليف ۾ توهان وٽ اچي، تہ انجام جي پرواهہ نہ ڪري ان جي مدد ڪريو. پاڻ وڌيڪ نصيحت ڪندي چوندو هو: ”زندگيءَ ۾ جيڪڏهن جسماني، مالي يا سماجي ڪمزوري اچي، تہ اچي، پر ڪڏهن بہ حوصلي ۾ ڪمزور نہ ٿيو، ڇو تہ جيڪو حوصلي ۾ ڪمزور ٿي وڃي، اهو ڪنهن ڪم جو انسان نہ ٿو رهي.“ غلام مصطفىٰ پنهنجي نصيحتن سان اولاد جون دليون روشن ڪيون. افسوس جو آخر ۾ پاڻ ٿي ٻي جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ 16 سيپٽمبر 1998ع ۾ وفات ڪري ويو. الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ اعلىٰ مقام عطا فرمائي. آمين.

غلام مصطفىٰ جو خانداني احوال

غلام مصطفىٰ کي اولاد ۾ چار پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. پٽن ۾: ممتاز علي، سڪندر علي، لياقت علي ۽ محمد علي. نياڻين ۾: شمشاد بيگم زوجه مرحوم بشير احمد لاڪير ۽ ناز خاتون زوجه عنايت الله لاڪير سب انسپيڪٽرASF .

غلام مصطفىٰ جو وڏو پٽ ممتاز علي (جنم 10 نومبر 1969ع) پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ ريٽائرڊ ٿيو. ممتاز علي کي ٽي پٽ آهن، جن مان وڏي پٽ جو نالو پنهنجي والد جي ياد ۾ مير غلام مصطفىٰ رکيو، جيڪو سنڌ يونيورسٽي مان لائبريري سائنس ۾ ماسٽر ڪري رهيو آهي. ٻيا ٻہ پٽ مير مهتاب علي ۽ مير محسن علي آهن، جيڪي ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

ٻيو پٽ سڪندر علي آهي، جنهن جي شادي لاڪير قوم جي سردار فدا حسين لاڪير جي پوٽي ۽ سردار قربان خان جي وڏي نياڻي تحمينہ بيگم سان ٿي. سڪندر علي کي چوپايو مال ۽ زمين سان انتهائي محبت آهي ۽ بلڪل پنهنجي والد وانگر زندگي گذاري ٿو. هن کي چار پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون آهن، وڏي نياڻي زوجه جونيئر مير غلام مصطفىٰ آهي، باقي ٻار اڃان ننڍا آهن.

ٽيون پٽ لياقت علي آهي، جيڪو پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ ميڊيڪل بورڊ مان ريٽائر ٿيو. هن کي ٻہ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون آهن، جيڪي اڃان ننڍا آهن ۽ اسڪول ۾ پڙهن ٿا.

چوٿون پٽ محمد علي آهي، جيڪو ڪراچي ۾ ٺيڪيداري جو ڪم ڪري ٿو ۽ پنهنجي خاندان جي ڀرپور خدمت ۾ مشغول آهي. غلام مصطفىٰ لاڪير جي وفات 16 سيپٽمبر 1998ع ۾ ٿي. سندس نالو ۽ نصيحتون اڄ بہ سندس اولاد ۽ برادري جي دلين ۾ زندهہ آهن. هو فقط هڪ والد نہ پر هڪ فڪر، هڪ روحاني درس ۽ هڪ اخلاقي مِثال هو جنهن پنهنجي زندگيءَ سان اهو ثابت ڪيو تہ محبت، محنت، ايمانداري ۽ حوصلو ئي انسان کي امر بڻائن ٿا.

امڙ مريم لاکير

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي والده محترمه، امڙ مريم بنت محمد ملوڪ لاکير، انتهائي سادي، پر باوقار، بااخلاق ۽ باڪردار عورت هئي. جيئن گهر، تيئن گهراڻو، جهڙي پرورش ۽ پالنا، تيئن سندس تربيت، جهڙو ماحول کيس بابا سائين ۽ امڙ جيجل وٽ جنم کان وٺي جوانيءَ تائين مليو، تهڙو ئي ماحول کيس شاديءَ کان وٺي موت تائين نصيب ٿيو. يعني ٻين سان ڀلايون ڪرڻ، بلا غرض ڪنهن سان نيڪي ڪرڻ، ٻين جي مدد ڪري سچي دل جي خوشي حاصل ڪرڻ، عزت، عظمت، ايمانداري ۽ خلوص واريون خوبيون کيس پنهنجي والد بزرگوار وڏيري محمد ملوڪ لاکير کان ورثي ۾ مليون ۽ پوءِ ساڳيون ئي خصلتون کيس ساهراڻي گهراڻي ۾ به نصيب ٿيون. وڏيرو محمد ملوڪ لاکير اهڙو شخص هو، جيڪو ٻين جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي تلاش ڪندو هو. سندس مِڙني سُٺين خوبين کي سندس اولاد پنهنجي اباڻي مِيراث طور اختيار ڪيو. امڙ مريم لاکير کي جيڪو ساهراڻو گهراڻو نصيب ٿيو، سو به فضيلت، شرافت ۽ عزت سان ڀريل هو. سائين وڏيري قادر بخش لاکير جون خوبين ڀريون روايتون ان خاندان ۾ اڄ به چمڪندڙ آهن. الله رب العزت به فرمايو آهي: وَ هُوَ الَّذِیْ خَلَقَ مِنَ الْمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّ صِهْرًا ؕ وَ كَانَ رَبُّكَ قَدِیْرًا ﴿۵۴﴾ [1]

ترجمو: ۽ هو اُهو ئي آهي، جنهن پاڻيءَ مان انسان کي پيدا ڪيو، پوءِ ان کي خاندان ۽ ساهرن جا رشتا عطا ڪيا ۽ تنهنجو پروردگار بيحد قدرت وارو آهي.

بيشڪ، امڙ مريم لاکير کي به اباڻو خاندان ۽ ساهراڻو خاندان ٻئي الله رب العزت جي نعمت طور نصيب ٿيا. اگرچ انهن جي دولت ۽ وجاهت جا آواز پري پري تائين نه به پکڙيل هئا، پر سندن شرافت، سخاوت ۽ نيڪ ناميءَ جا چرچا ضرور زبان زدِ عام هئا. امڙ مريم لاکير پنهنجي خانداني اثر ۽ تربيت کي قبول ڪندي آخري دم

1. الفرقان 25:54

تائين انهن ئي خوبيُن سان سرشار رهي. سندس پهرين شادي سائين ماستر محمد بچل لاکير جي وڏي ڀاءُ محمد هاشم لاکير سان ٿي. 1961ع ۾ کيس هڪ فرزند، قادر بخش، پيدا ٿيو، قادر بخش جي ڄمڻ کان ٿوري ئي عرصي بعد محمد هاشم تپ دق (T.B) جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي پيو، جنهن مان هو صحتياب نه ٿي سگهيو. انهيءَ دور ۾ ٽي بي جو اهڙو مؤثر علاج موجود نه هو، جهڙو اڄ جي دور ۾ ميسر آهي. وڏڙن جي صلاح سان، سندس ۽ معصوم پٽ جي ڀلائيءَ خاطر، محترمه مريم جو ٻيهر نڪاح سائين ماستر محمد بچل لاکير سان ڪيو ويو. هن مقدس رشتي منجهان کيس چار فرزند: عبيدالله، اسدالله، سميع الله ۽ نعمت الله ۽ ٽي نياڻيون: مراد خاتون، رخسانه ۽ فرزانه پيدا ٿيون. ٻارن جي ڄمڻ کان پوءِ امڙ مريم جي ڪُل ڪائنات پنهنجي اولاد جي تربيت، تعليم ۽ ڀلائيءَ ۾ سمائجي وئي. هوءَ گهريلو معاملن ۾ سگهڙ، سمجهدار ۽ محنتي هئي. وٽس مينهون به هونديون هيون، جن جي سار سنڀال کيس خوشيءَ جو وسيلو لڳندو هو.

جڏهن ٻار وڏا ٿيا، ته سندس اولاد کيس گهريلو ذميوارين کان آزاد رکيو، ته جيئن هوءَ عبادت، خيرات ۽ آخرت لاءِ ثواب ڪمائڻ ۾ مصروف رهي. سخاوت سندس فطرت ۾ پَيوَند ٿيل هئي. جيڪا کيس امڙ جي ٿڃُ سان ئي نصيب ٿي هئي. غريب عورتون جڏهن وٽس اينديون هيون، ته هوءَ ماني کارائي، ڪپڙا ڏيندي هئي ۽ مالي سهائتا پڻ ڪندي هئي ۽ اهڙي مدد ۾ کيس روحاني سُڪون ملندو هو. امڙ مريم ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڌِيئرن ۽ پٽن کي به اهڙن نيڪ عملن ۾ شامل ڪندي هئي، انهن جي هٿان مدد ڪرائيندي هئي ته جيئن انهن ۾ به انسان دوستي ۽ خدمتِ خلق جو جذبو پيدا ٿئي. هوءَ مدد ڪندي ڪنهن جو احساسِ برتري مجروح نه ٿيڻ ڏيندي هئي. عبادت، نماز، روزا، تلاوت ۽ ذڪر سندس روزمره جي زندگيءَ جو حصو هئا. اهو وقت سچائيءَ ۽ خلوص سان ڀرپور هو، جتي ڪو به مَسلڪي اختلاف يا تنگ نظري جو تصور نه هو. سڀ نيڪيون فقط رب کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪبيون هيون، نه کي ڪنهن مسلڪ جي لاءِ. ڪو به ڪنهن کي ڪافر چوڻ جو تصور به نه ڪندو هو. ربيع

الاول جو مهينو سندس گهر ۾ روحانيت ۽ سخاوت جو مهينو هوندو هو. محرم ۾ خاموش غم ۽ نيڪيءَ جي مشق، شبِ معراج تي سجدي ۽ تلاوت ڪندي، روئندي دعائون گهرندي رات بسر ڪندي هئي. شبِ براءت تي عبادت ۽ ٻارن جي خوشين سان ڀريل منظر، عيدن تي ميل ملاقات، رُٺلن کي پرچائڻ، عزيزن کي مِنايون، پت، ٻوڙ ۽ سَيون موڪلڻ. اهي سڀ رسمون سندس دل جي صفائيءَ ۽ رب جي رضا لاءِ هيون.

ائين چئجي ته امڙ مريم لاکير پنهنجي زندگيءَ جو هر لمحو نيڪي ڪمائڻ، رب کي راضي ڪرڻ ۽ خلقِ خدا جي خدمت ڪرڻ لاءِ وقف ڪيو. نفل، تلاوت، ذڪر، خيرات، صدقو، مهمان نوازي ۽ عفو و درگذر سندس عادت نه، بلڪ عبادت هئي. پر پوءِ تقدير جي امتحانن ڪيس سخت آزمايو. 2015ع ۾ جوان پٽ اسدالله جي اوچتي وفات ۽ پوءِ 2016ع ۾ سندس يتيم پوٽو فائق علي جو ڪار حادثي ۾ فوت ٿيڻ، سندس دل کي جهوري وڌو. لڙڪ وهندڙ اکين سان به عبادت، صبر ۽ حمد ۾ مشغول رهندي هئي، هوءَ زندگيءَ جا ڏک پنهنجي رب سان ڳالهيون ڪندي ڀوڳيندي رهي. پوءِ 2019ع ۾ سندس جيون ساٿي، سندس هم راز ۽ همسفر، سائين ماستر محمد بچل لاکير به رب ڪريم جي سڏ تي لبّيڪ چئي ويو. اهو صدمو امڙ مريم لاءِ ناقابلِ برداشت ثابت ٿيو. هوءَ اندروني طور ٽُٽي چڪي هئي، پر صبر جو پهاڙ بڻجي ظاهر ۾ همٿ ڏيکاريندي رهي. سائين محمد بچل جي وڇوڙي کان ٿوري ئي عرصي کان پوءِ، هوءَ به پنهنجي رب جي سڏ تي 27 اپريل 2019ع (21 شعبان 1440ھ) رات جو 11:10 تي پنهنجي گهر ڳوٺ بخش لاکير مان دارالبقا ڏانهن رواني ٿي. ٻئي ڏينهن 28 اپريل تي منجهند جو 12 وڳي ڪيس ڳوٺ جي فتح محمد شاه قبرستان ۾ ابدي آرام لاءِ سپردِ خاڪ ڪيو ويو. سندس ٻنهي گهراڻن جي عظمت کي ڏسندي پاڻ جڏهن عمر رسيده ٿي ته ڪيس پنهنجي ڳوٺ وارا ۽ عزيز نهايت ئي عزت وارو مقام ڏيندا هئا. وٽس دعائون وٺڻ لاءِ به عورتن جو اچڻ وڃڻ جام هوندو هو. سندس صدقو ۽ خيرات ڪرڻ واري خوبي انهيءَ آمد و رفت ۾ اضافي جو سبب پڻ هئي. هوءَ هر ڪنهن لاءِ خير ۽ دعا جو سرچشمو

هئي. ابو امان عمر جي جنهن به حصي ۾ هجن مگر پنهنجي ٻچڙن لاءِ ڇپر ڇانوَ هوندا ئي آهن. امڙ مريم لاکير به پنهنجي اولاد لاءِ ائين ئي باعث سُڪون رهي. سائين پروفيسر عبدالله لاکير پنهنجيون ساروڻيون ساري ٻڌائيندو آهي ته: ”جڏهن به گهر کان ٻاهر نڪرندا هئاسين ته امڙ کان دعا پني پوءِ نڪرندا هئاسين ۽ اسان کي ائين محسوس ٿيندو هو ته ڄڻ سموري سفر ۾ امڙ جي دعائن جو حفاظتي حصار آهي. جڏهن امڙ اسان کان وڇڙي ته اسان جي لاءِ اهو دعائون پنڻ وارو عظيم در بظاهر بند ٿي ويو. پر اڄ به امڙ جيجل جي ملاقات لاءِ سندس مَرقد تي ويندا آهيون ته ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ امڙ جي آغوش ۾ اچي ويا هُجون ۽ وڃڻ مَهل اسان کي پنهنجي دعائن سان رخصت ڪري ٿي.“ اها ڳالهه ٻڌائيندي سائين جي اکين ۾ لڙڪ تري ايندا آهن. الله رب العزت امڙ مريم لاکير کي پنهنجي جوارِ رحمت ۾ اعلیٰ مقام عطا فرمائي ۽ جنت الفردوس ۾ سندس ٻچڙن کي سندس پاڙيسري بڻائي رهائي. آمين يارب العالمين.

علي نواز لاکير

وڏيري محمد ملوڪ لاکير کي قدرتِ باري تعالیٰ طرفان ٽي پٽ عطا ٿيا: علي نواز، محرم ۽ محبوب علي عرف منظور. هن ٽنهي ڀائرن مان محرم کي اپيلپسي، يعني مرگيءَ جي بيماري هئي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن هو ٻنيءَ تي گاه ڪري رهيو هو، ته اوچتو ڪيس دورو پيو ۽ پنهنجي خالق سان وڃي مليو. محرم شادي شده هو، پر تقدير ڪيس زندگيءَ جي بهارن جو مڪمل مزو نه وٺڻ ڏنو. وڏو پٽ علي نواز لاکير پهرين ڊسمبر 1952ع تي ڳوٺ سلطان لاکير ۾ پيدا ٿيو، جيڪو آبساٽيءَ جي پرسان واقع آهي. هيءَ جاءِ سندس والد محمد ملوڪ لاکير جي شروعاتي رهائشگاه هئي. علي نواز تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ تدريس جو شعبو اختيار ڪيو ۽ پرائمري اسڪول ۾ استاد طور مقرر ٿيو. سندس علم سان لڳاءُ، شاگردن سان محبت ۽ اخلاص ڪيس ڳوٺ ۾ هڪ مثالي استاد بڻايو. علي

نواز 21 سال مسلسل تدريسي ميدان ۾ خدمت سرانجام ڏني، پوءِ 14 اپريل 1992ع تي اڳواٽ رٽائرمينٽ ورتي. تدريس مان رٽائرمينٽ وٺڻ کان پوءِ هن پنهنجو پاڻ کي زمينداري، ٻنين ۽ باغن سان وابسته ڪري ڇڏيو. زمين سان سندس انسيت ۽ محبت شاعريءَ جي رنگ جيان محسوس ٿيندي هئي. گوگڙو، پالڪ، ٿوم، بصر، واڱڻ، ڏاٽا ۽ گوبي جهڙيون ڀاڄيون نه صرف زمين مان اُپرنديون هيون، پر خوشبوءِ ۽ رنگ سان سندس محنت جو اظهار به ڪنديون هيون. چون ٿا ته هو صبح جو سج نڪرڻ کان اڳ ئي ٻنيءَ ۾ پهچي ويندو هو ۽ شام تائين زمين سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو. سندس زندگي محنت، ايمانداري، قناعت ۽ خدمت سان ڀرپور رهي. علي نواز جي گهراڻي ۾ محبت ۽ اتحاد جو وڏو اثر رهيو. کيس ڇهه پٽ ۽ ٻه نياڻيون نصيب ٿيون.

ڪريم بخش: ڳوٺ بخش لاکير ۾ هلڪو دڪان هلائي ٿو ۽ ٻنيءَ جو ڪم سنڀالي ٿو.

غلام مرتضيٰ: ٻني ٻاريءَ ۾ مصروف آهي.

رحيم بخش: نوري آباد ۾ هڪ فيڪٽري ۾ ايڊمن اڪائونٽنٽ جي حيثيت سان ڪم ڪري ٿو.

غلام مجتبيٰ: فوج ۾ ڪلارڪ جي حيثيت سان ملازمت ڪري ٿو.

محمد ملوڪ عرف شعيب: عُمان ۾ روزگار سان مصروف آهي.

احمد نواز: احمد نواز ٻين مائٽن ۽ دوستن سان گڏ پنجگور بلوچستان لڳ ايران ۾ روزگار ڪري ٿو.

غلام فاطمه: پروفيسر عبيدالله لاکير جي زوجه محترمه.

نورجهان: فدا حسين لاکير جي زوجه محترمه

محترمه خُديت

محترمه خُديت، علي نواز جي گهرواري، پنهنجي سادگي، خلوص، بردباري ۽ خدمت جي جذبي سبب سڄي برادريءَ ۾ مَڃيل هئي. هن پنهنجي مڙس سان زندگيءَ جا سڀ مرحلا وقار ۽ محبت سان گذاريا. سندس شخصيت ۾ نرمخوئي، شفقت ۽ عزت جو اهڙو

ميل هو جو ڳوٺ جون عورتون ۽ مرد ٻئي سندس احترام ڪندا هئا ۽ عورتون خاص طور تي ساڻس ملاقات لاءِ اينديون هيون. محترمه خُديت پروفيسر عبيدالله لاکير جي مامِي ۽ ساڳئي وقت سندس سَسُ به هئي، جو ته سندس نِياڻي غلام فاطمه، پروفيسر عبيدالله لاکير جي زوجه آهي. ماءُ ۽ نياڻيءَ جو تعلق صرف خون جو نه، پر روحاني محبت، سمجهداري ۽ هڪ ٻئي لاءِ احترام تي ٻَڌل هو. پروفيسر عبيدالله لاکير پنهنجي يادگيرين ۾ ٻڌائي ٿو: "مامِي خُديت مون سان اولاد جيان محبت ڪندي هئي. جڏهن به مان ڳوٺ ويندو هئس، هوءَ بي صبريءَ سان منهنجو انتظار ڪندي هئي. مون کي پنهنجي پٽ وانگر ڏسندي هئي ۽ منهنجي زال غلام فاطمه کي هميشه نصيحت ڪندي هئي ته عزت، صبر ۽ شڪر زندگيءَ جا زيور آهن. مڙس جي اطاعت ۾ ئي تنهنجي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي." محترمه خُديت پنهنجي نِياڻي غلام فاطمه سان بيحد پيار ڪندي هئي. جڏهن غلام فاطمه شاديءَ کان پوءِ گهر ۾ رهي، ته محترمه خُديت جي اکين ۾ هر پيري خوشي ۽ فخر جو عکس ڏسڻ ۾ ايندو هو. نياڻي غلام فاطمه، ماءُ جي محبت ۽ نصيحت سان پنهنجي زندگيءَ ۾ اخلاص، ايمانداري ۽ شائستگيءَ جو نمونو بڻجي وئي. زندگيءَ جي آخري سالن ۾، جڏهن محترمه خُديت سخت بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي، ته غلام فاطمه ۽ پروفيسر عبيدالله لاکير سندس خدمت ۽ دعا لاءِ هر وقت حاضر رهيا. آخرڪار پنهنجي گهر ۾ 16 فيبروري 2019ع جي رات، اٽڪل 2:30 وڳي، سندس روح پرواز ڪيو. ساڳئي ڏينهن شام جو 4:30 وڳي جنازي نماز ادا ڪئي وئي ۽ تدفين وڏي عزت ۽ احترام سان ڪئي وئي. الله رب العزت محترمه خُديت جي مغفرت فرمائي ۽ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري، سندس اولاد کي به نيڪين ۽ محبتن جو وارث بڻائي. آمين. علي نواز لاکير اڄ به ڳوٺ بخش لاکير ۾ حال حيات آهي. سندس زندگي محنت، ايمانداري، قناعت ۽ خاندان سان محبت جو نمونو آهي. سندس وجود اڄ به اولاد ۽ ڳوٺ لاءِ عزت، برڪت ۽ دعا جو سرچشمو آهي.

قادر بخش ولد محمد هاشم لاکير

پروفيسر عبيدالله لاکير جو وڏو (مائيتو) ڀاءُ، قادر بخش لاکير، 30 جولاءِ 1959ع تي علم، تهذيب ۽ خلوص جي مرڪز ڳوٺ بخش لاکير ۾ جنم ورتو. پاڻ فطري طور تي ذهين، نرم دل ۽ علم دوست شخص آهي. ابتدائي تعليم مڪمل ڪرڻ بعد هن اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ بي.اي (گريجوئيشن) سان گڏ پي.ٽي.سي ۽ سي.ٽي ڪورس به ڪيا، جيڪي سندس تدريسي مَهارت ۽ پيشورانه قابليت جو ثبوت آهن. قادر بخش لاکير کي پهريون سرڪاري آرڊر پهرين آگسٽ 1982ع تي مليو، جنهن تحت کيس ٽيچر اسسٽنٽ طور فِڪسڊ پگهار 300 رپيا ماهوار تي مقرر ڪيو ويو. هي آرڊر فورٿ ايجوڪيشن پروجيڪٽ، گورنمينٽ آف سنڌ طرفان جاري ٿيو. سندس پهرين پوسٽنگ (مقرري) گورنمينٽ پرائمري اسڪول داؤد ديرو ۾ ٿي. آرڊر ۾ واضح هدايت ڏنل هئي ته جيڪڏهن هو 7 آگسٽ 1982ع تائين نوڪريءَ تي حاضر نه ٿيو ته سندس آرڊر منسوخ تصور ڪيو ويندو. هي آرڊر ان وقت جي ڊپٽي ڊائريڪٽر رانجهو خان زرداري جي صحيح سان جاري ٿيو، جڏهن ته نامور ۽ علم دوست شخصيت سچل شاهه بخاري ان وقت پروجيڪٽ ڊائريڪٽر طور فرائض سرانجام ڏئي رهيو هو. ڪجهه سالن جي ايماندارانه خدمت کان پوءِ کيس تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد طور ريگولر ڪيو ويو. سندس تدريس دوران علم سان عشق، شاگردن سان محبت ۽ فرض سان سچائي سندس سڃاڻپ بڻجي وئي. سڄي سروس دوران هو صرف ٻه سالن لاءِ پنهنجي ڳوٺ بخش لاکير جي پرائمري اسڪول ۾ رهيو، باقي سڄي زندگيءَ جي خدمت ۽ علمي مشقت داؤد ديرو اسڪول سان منسلڪ رهي. سندس محنت، بردباري، وقت جي پابندي ۽ شاگردن سان پيار پريو رويو کيس علمي حلقن ۾ عزت ۽ احترام جو مستحق بڻايو. استاد قادر بخش لاکير هڪ اهڙو نيڪ دل ۽ بااصول انسان آهي، جنهن پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ ايمانداريءَ، خدمت ۽ اخلاص کي اوليت ڏني. الله رب العزت کيس ٻن پٽن: محمد هاشم ۽ عبدالمنان ۽ ٻن نياڻين سان نوازيو. پاڻ پنهنجي اولاد

لاءِ هميشه اخلاق، علم ۽ انسانيت جا قدر اُجاگر ڪرڻ وارو مثالي والد رهيو آهي. استاد قادر بخش لاکير 2017ع ۾ سروس مڪمل ٿيڻ کان هڪ سال اڳ عزت ۽ وقار سان رٽائر ٿيو. سندس نالو تعليم، ايمانداري ۽ خدمت جي تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکجڻ جو حقدار آهي.

اسد الله لاکير

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو ننڍو ۽ نهايت پيارو ڀاءُ اسد الله لاکير 2 اپريل 1974ع تي ڳوٺ بخش لاکير سائين محمد بچل جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ ذهين، محنتي، بااخلاق ۽ نيڪ سيرت شخصيت جو مالڪ هو. سندس فطرت ۾ سادگي، شرافت، ايمانداري ۽ انسان دوستي جو حسين امتزاج موجود هو. تعليم سان خاص شغف رکندي، ابتدائي تعليم پوري ڪرڻ بعد هن بي ايس سي (B.Sc)جي ڊگري حاصل ڪئي، جيڪا سندس علم پَروَرِي، ذهني پُختگي ۽ محنت پَسنديءَ جو واضح ثبوت آهي. سندس شادي 1997ع ۾ الاهي بخش لاکير جي وَڏوَرَ ڌِيءُ محترمه خانزاديءَ سان ٿي، جيڪا بردبار، نيڪ نيت ۽ وفادار خاتون هئي. هي جوڙو محبت، عزت، پَروسي ۽ اخلاص جو بهترين مثال هو. الله رب العزت کين چئن فرزندن سان نوازيو: فائق علي، شيراز علي، حسنين علي ۽ بلاول. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته 2016ع ۾ سندس وڏو پٽ فائق علي مانجهند ويجهو هڪ ڪار حادثي ۾ فوت ٿي ويو، جنهن سبب سڄو خاندان گهري غم ۽ اداسيءَ ۾ مبتلا ٿي ويو. اسد الله لاکير پنهنجي پيشاورانه زندگيءَ جي شروعات 22 جون 1995ع تي سنڌ سمال انڊسٽريز کاتي ۾ جونيئر ڪلارڪ جي حيثيت سان ڪئي. هو ڊپٽي ڊائريڪٽر آفيس، قاسم آباد روڊ، حيدرآباد (سامهون سنڌِي لئنگئيج اٿارٽي) ۾ پنجين اسڪيل ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. کيس آفيس پرسان سرڪاري ڪوارٽر مليل هو، جتي هو پنهنجي فيملي سان گڏ ڪيترن ئي سالن تائين پُرامن ۽ خوشگوار زندگي گذاريندو رهيو. ترقيءَ جي جذبي ۽ علائقي جي ويجهو

نوڪري ڪرڻ جي خواهش تحت هن پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ تبديليءَ لاءِ درخواست ڏني، جنهن بعد کيس 8 آگسٽ 2006ع تي پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ جونيئر ڪلارڪ طور آرڊر مليو. پهرين پوسٽنگ 1 سيپٽمبر 2006ع تي ٽنڊو ايس پي آفيس ۾ ٿي، جتي هڪ سال خدمتون انجام ڏيڻ کان پوءِ 5 اپريل 2007ع تي ايس پي آفيس دادو ۾ بدلي ٿي آيو. دادو ۾ ڪيترن ئي سالن تائين هن ايمانداري، ذميواري ۽ خلوص سان پنهنجا فرض نڀايا. بعد ۾ کيس 7 ڊسمبر 2013ع تي ٻيهر ٽنڊو ايس پي آفيس ۾ بدلي ڪري موڪليو ويو. اتي رهندي ڪجهه عرصي بعد سندس طبيعت ناساز رهڻ لڳي. علاج لاءِ Seven Days Hospital ڪراچي ۾ طبي جانچون ڪرايون ويون، جتي کيس ڪينسر جي بيماريءَ جي تشخيص ٿي. ٻه آپريشن ڪرائڻ باوجود سندس حالت ۾ بهتري نه آئي، پوءِ کيس نورين اسپتال نوابشاهه ۾ ڪيموٿراپي لاءِ ريفر ڪيو ويو. اسدالله لاکير حياتيءَ جا آخري ارڙهن مهينا ڪينسر جهڙي موذي بيماري سان جاکوڙيندي گذاريا. پاڻ همت، صبر ۽ حوصلي سان بيماريءَ جو مقابلو ڪندو رهيو، پر آخرڪار تقدير جو لکيل پورو ٿيو. 25 ڊسمبر 2015ع جي صبح جو لڳ ڀڳ ڇهين وڳي، پاڻ 41 ورهين جي عمر ۾ پنهنجي خالقِ حقيقي سان وڃي مليو. سندس جسدِ خاڪي کي نهايت ادب ۽ عقيدت سان آبائي قبرستان، فتح محمد شاهه (بخش لاکير) ۾، پنهنجي والدِ بزرگوار جي پيرن وٽ سپردِ خاڪ ڪيو ويو. سندس وفات نه صرف خاندان، پر سموري برادري لاءِ انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ سانحه خيز ثابت ٿي. پاڙي وارن، دوستن ۽ مٽن مائٽن ۾ به گهري اداسي ڇانئجي وئي. خاص طور تي سندس وڏو ڀاءُ سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب کي پنهنجي پياري ڀاءُ جي وفات جو انتهائي گهرو صدمو رسيو، جيڪو اڄ به سندن دل ۾ زنده آهي. پاڻ اڪثر پنهنجي يادگيرين ۽ ساروڻين ۾ اسد الله لاکير جو ذڪر فخر، عقيدت ۽ محبت سان ڪندو آهي، جيڪو سندس رشتن سان سچائيءَ جو ثبوت آهي. اسد الله لاکير جي شخصيت خلوص، شفقت، وفاداري، خدمت ۽ اخلاق جي اعليٰ قدرن سان ڀرپور هئي. هو کِلڻو مِلڻو، نرم دل، باوقار ۽ دوست نواز انسان هو. فضول

ڳالهائڻ يا ٻين جي ڪچهري ۾ مداخلت ڪرڻ کان پاسو ڪندو هو. هن ۾ ڳالهين کي سمجهڻ، صبر سان ٻُڌڻ ۽ دانائيءَ سان اظهار ڪرڻ جي صلاحيت موجود هئي. سندس سنجيدگي، متانت ۽ فڪر جي پختگي کيس ٻين کان نمايان بڻائيندي هئي. اگر چئجي ته هن لاکير خاندان ۾ هو سڀ کان وڌيڪ سنجيده، بااخلاق، ذميوار ۽ فڪر مند انسان هو، ته اها ڳالهه بلڪل بجا آهي. سندس زندگي محنت، ايمانداري، وفاداري ۽ انسان دوستيءَ جو مظهر هئي. اسد الله لاکير جي ياد سندس خاندان ۽ دوستن جي دلين ۾ هميشه زنده رهندي، ڇوته اهڙا ماڻهو جسماني طور ته رخصت ٿين ٿا، پر پنهنجن حُسنِ اخلاق، خلوص ۽ انسانيت جي خوشبوءَ سان هميشه لاءِ امر ٿي ويندا آهن.

جدائی ادي اسدالله جی وِڏا روئاري ٻيا ٻار،
رنا راڄ رِينهُون ڪري، ماڻهو سڀئی معمار،
لٿی پورل پائرن جا وئين تون هار سِينگار،
اڄ پی تنهنجون سپنی کی هت يادون آهن يار،
هلی تنهنجی پائر پائٽين ۽ پٽن منجهه پَچار،
تو بن کهڙا پائی گهمون ڳچیءَ سونا هار،
ساري تو کی سڀ رهيا ٿئی دوست مٺا دلدار،
ٽٽا وسرن تنهنجا ڪنهن کان اُهی قرب پريا ڪِردار،
بيوس ٿی ويهی رهين، ڏِيونءِ کهڙي مُحب مَيار،
جدائی جا جانی وجهی وئين بيحد وڏا ٻار،
روئی سڀئی ويهی رهيا اڄ ساري تنهنجی سار،
موٽی نہ لٽئی محبوب ڇئی ڪنهن جی سهٽا سار سنپار،
رکيا تنهنجا اکين تی اسان سڀئی انگل آر،
لاکير کبو لوڪ کی ائين دلبر ناهی ڏار،
ايڏا هوند هزار، ڏک نہ ڏين ها ڏيپر ڇئي.

اسدالله اسان کان جدا ٿی ويو يارو،
موذي مرض تنهن کان کيو کونہ ٽارو،

فرق ڦکين کو تر جو نہ کيو آ،
مرض مهمان ٿی تنهنجو پيو آ،
مڙيو موت کين کي ڏئي ويو ڏارو،

ويهی کنهن سان دل جو نہ سگهيو حال اوري،
ابی ۽ امڙ جو جیءُ وڏئی جهوري،
غمن ۾ کري ويو تن جو گذارو،

سدا تنهنجی خالی گهر کائڻ اچی پيو،
جدائی جو مانڌاڻ من ۾ مچی پيو،
ويندي ويندي اَکن تي وجهي ويو پارو،

اڄ يادون تنهنجون وينا آهيون ساري،
خوشيون ويو سڀ جون پل ۾ بهاري،
پائرن پٽن کان کري ويو کنارو،

هر کوئی هلندو نہ رهندو کو راڻو،
پر جدائی هن جی کيو آهی ساڻو،
هلاياسين حيلا پر بچو کونہ پيارو،

رنا ڏيپر، لاکير ۽ گوٺ تر وارا،
اڄ پی کنهن کی سارن پيا سارا،
چئي محبوب موت کيو ڏيهہ کي ڏکارو،

اسدالله هيٺی ٻولی کانہ ٻولی،
آيا ڏک پڄندا جهلی بيٺو جهولی،
ڏئی مات موت کی هٽی ويو نعرو،
موذي مرض تنهن کان کيو کونہ ٽارو،

غلام فاطمہ زوجہ پروفيسر عبيدالله لاکير

اسان جي مشرقي عورت قرباني ۽ وفاداريءَ ۾ مغربي عورت جي مقابلي ۾ سَرسُ رهي آهي. بلڪ ايئن چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ مغربي عورت مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ مِلائي هلڻ ۽ آزاديءَ جي ڪُوڙي جار ۾ ڦاسي پنهنجو اصل مقام بہ وڃائي ويٺي آهي. عورت جيڪا عزت جي اعلیٰ مقام تي هئي ان پنهنجي پردي کي ديوار سمجهي پنهنجو وقار ئي وڃائي ڇڏيو. اسلام جيڪو عورت کي مَقام ڏنو آهي ان کي سامهون رکي اگر ٿورڙو موازنو ڪجي تہ اسان کي عورت کي مليل مَقام سمجهہ ۾ اچي ويندو. اگر عورت زال جي روپ ۾ آهي تہ قابل احترام هجڻ سان گڏ سُڪون مهيا ڪندڙ آهي. سندس هر قسم جو خرچ يعني کيس کارائڻ، پيارڻ، پارائڻ، رهائڻ ۽ ٻين ضروريات زندگيءَ کي پورو ڪرڻ جو ذمو سندس مڙس مٿان ئِي آهي. اگر ڀيڻ آهي تہ انهيءَ جو سمورو ذمو ڀاءُ تي آهي. ڀاءُ سندس عزت جو محافظ پڻ هوندو آهي. ڀيڻ ڀاءُ جي غيرت ٿيندي آهي. اگر ڌِيءُ آهي تہ سراپا رحمت آهي، اگر ناني، ڏاڏِي، ماسِي، پُڦي، ڀاڻِجِ ۽ ڀائٽِي آهي تہ سراپا مَانُ ۽ احترام آهي. اگر ماءُ آهي تہ جنت جو حصول سندس خدمت ڪرڻ ۾ رکيو ويو آهي. جنت جيڪا انعام جي جاءِ آهي ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماءُ جي قدمن هيٺان رکي وئي. امام الانبياءِ ﷺ جن جو فرمان آهي:

وَيْحَكَ الْزَمْ رِجْلَهَا فَثَمَّ الْجَنَّةُ. 1

ترجمو: هن جي (امڙ جي) قدمن ۾ پيو رهہ جنت اتي آهي .

مطلب تہ عورت هر هڪ روپ ۾ قابل احترام آهي. هڪ ئِي وقت ۾ ڪيترن ئي مردن مٿان کيس حڪومت عطا ڪئي وئي آهي. ڌيءُ آهي تہ بابي جي جان، بابي جو شانُ، بابي جو مانُ آهي، ڀيڻ آهي تہ مٿس جان فِدا ڪرڻ وارو ڀاءُ، سندس عَصمت جو محافظ، سندس لاڏ لڏائڻ وارو ۽ سندس سَهارو ڀاءُ هوندو آهي، ماءُ آهي تہ پٽ

1. سنن ابن ماجه، جلد 4، ڪتاب: جهاد جا فضائل ۽ احڪام، باب: ماءُ پيءُ جي زندگيءَ ۾ جهاد ڪرڻ جو حڪم، حديث نمبر 2781.

سندس غلام، سندس هر حڪم اڳيان سَرخم تسليم ٿيڻ وارو ۽ سندس خدمت چاڪري ڪرڻ وارو پٽ موجود هوندو آهي. هڪ عورت جي عزت، عظمت، عَصمت ۽ احترام جا محافظ مڙس، پيئر، پيئنيا، پٽ، پاٽج، پوٽا، ڏهٽا ۽ ٻيا اهڙا رت جا رشتا موجود آهن. عورت گهر جي مَلڪہ هوندي آهي. مغرب جي عورت پاڻ کي گهر ۾ قيد سمجهي بغاوت جو عَلم بلند ڪيو ۽ ان جي نتيجي ۾ هوءَ نہ ماءُ رهي، نہ ڌِيءُ رهي، نہ ڀيڻ رهي، نہ زال رهي، نہ پيئٽي رهي، نہ پاٽِج رهي، نہ ماسِي رهي، نہ پڦِي رهي، نہ ڏاڏِي رهي ۽ نہ ئي نانِي رهي. بس محض هڪ رانديڪو سمجهي وقتي طور ڪيڏي ڪيس ڦٽو ڪيو وڃي ٿو. ٽِشو پيپر جيان ڪيس استعمال ڪيو وڃي ٿو. يورپ جي عورت اڄ پنهنجو اهو رتبو وڃائي چڪي آهي. مغرب جي عورت اڄ قرباني ڏئي مَلڪہ بڻجي راڄ ڪري ٿي. اڄ بہ مشرقي عورت مٿان مرد سِر قربان ڪرڻ کي فخر سمجهن ٿا. اسان جي عورت اڄ بہ اوتري ئي مُقدس مڃي وڃي ٿي. مجان ٿو تہ جهالت سبب اسان وٽ اڄ بہ ڪٿي ڪٿي عورت سان جانورن وارو سلوڪ روا رکيو وڃي ٿو مگر اڪثريت عورت کي عزت ۽ احترام جو اعلىٰ مقام ڏئي ٿي. عورت گهر جي مَلڪہ بڻجي گهر ۽ نسل سَنواري ٿي. ڪيس عطا ٿيل هيڏي عظمت جي بدلي ۾ الله رب العزت ڪائنس وڏو امتحان نسل جي پرورش ڪرڻ ۽ سَنوارڻ جو وٺي ٿو. اسان جي سنڌ جي نياڻي اڄ بہ پاڻ کي امان عائشہ صديقہؓ جي نياڻي سمجهي ٿي، اڄ بہ پاڻ کي فاطمة الزهراءؓ جي غلام سمجهي پنهنجي عزت ۽ عظمت جي چادر سنڀاليون اچي پئي.

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جي زوجه محترمه جو جنم 20 ڊسمبر 1971ع مطابق 3 ذوالقعد 1391هجري بروز سومر محترم علي نواز لاڪير (رٽائرڊ پرائمري استاد) جي گهر ۾ ٿيو. محترم علي نواز لاڪير سائين عبيدالله لاڪير صاحب جو رشتي ۾ سڳو مامو آهي. غلام فاطمه جي امڙ خُديت هئي. جيڪا سُگهڙ، گهر ڏياڻي ۽ ديندار عورت هئي. پاڻ اسلام جي سچي پيروڪار ۽ پنهنجي زندگي اسلامي احڪامات مطابق گذارڻ کي ترجيح ڏيڻ واري عورت هئي. جنهن پنهنجي اولاد جي تربيت نهايت با اخلاق ۽

مذهبي ماحول ۾ ڪئي. پنهنجي اولاد ۾ عمده اخلاق وارا گڻ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي. غلام فاطمه اسان جي سنڌ جي انهيءَ سَونهري ثقافت سان ٽِمٽار دؤر ۾ جنم وٺي انهن خوبين ۽ خصلتن سان پُر ٿي. سندس پالنا ۽ پرورش خالص ٻهراڙيءَ واري مَيٺ، محبت، عزت، احترام، پابوهہ ۽ سچائيءَ واري ماحول ۾ ٿي. ڪيس سچائي، ديانتداري، محبت، بلند حوصلا، ٻين ڪارڻ جيئڻ، پنهنجي خوشين مٿان ٻين جي خوشين کي ترجيح ڏيڻ، رشتن جي تقدس کي برقرار رکڻ خاطر قرباني ڏيڻ ۽ سخاوت ورثي ۾ ملي. گويا هي خوبيون ڪيس چنيءَ جي ڪير ۾ نصيب ٿيون. ٻهراڙيءَ واري خالص سچائيءَ سان پريل ماحول ۾ پلجندي جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسي تہ ڪيس پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ عصري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو ويو. اتي سندس استاد عظيم ڪردارن وارا ان دؤر جا مثالي ماڻهو رهيا. عصري تعليم سان گڏ ديني تعليم پرائڻ لاءِ ڪيس ڳوٺ ۾ ئي ابتدائي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو ويو. پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ غلام فاطمه لاڪير شاهہ پنجو سلطان جي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺي پڙهڻ لڳي. اتان 1991ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. مارچ 1992ع ۾ سندس شادي سندس پُڦاٽ سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب سان ٿي. 1993ع ۾ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان پاس ڪيائين. انهيءَ کان بعد 1995ع ۾ PTC جو امتحان پاس ڪري ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ نرم مزاج طبيعت جي عورت آهي، جنهن ڪري سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جي گهر کي پنهنجي ڪُل ڪائنات سمجهي گهر کي سَنوارڻ ۾ جنبي وئي. پهريان تہ گهر جي سنڀال ۽ مڙس جي ذميواري سندس ڪُلهي تي هئي. پاڻ سچو سچو ڏينهن گهر ۾ محنت مشقت ڪري مشرقي عورت جيان صرف سَپنا ئي ڊِسندَي ڏينهن گذارڻ لڳي. پنهنجي گهر کي سَجائي رکڻ سان گڏ پنهنجي مڙس جي خوشيءَ خاطر بندوبست ڪندي رهي. ڪيس ايئن لڳو تہ هي گهر ئي سندس ذاتي سلطنت آهي جتي پاڻ پنهنجي مڙس کي بادشاهي بڻائي رکڻ جي ڪوشش ۾ رهي تہ جيئن بادشاهہ جي زال راڻي هوندي آهي تہ پاڻ بہ اها ئي عزت حاصل ڪري. اسان وٽ

ڪجھ اھڙي ذھن جون عورتون بہ ھونديون آھن جيڪي غلط سوچ جي ڪري پنھنجي مڙس مٿان پنھنجو رُعب ۽ دَٻدٻو ڄمائي رکڻ جي جتن ۾ رھنديون آھن. نتيجي ۾ جڏھن مڙس غلام بڻجي ويندو آھي تہ پاڻ بہ غلام جي ئي زال سڏبي آھي. پر ھن عظيم عورت غلام فاطمه پاڻ کي تہ امان سائڻ فاطمة الزھراءؑ جو غلام ئي سمجھيو ۽ انھيءَ غلاميءَ ۾ پنھنجي عاقبت جو بھتر انجام ئي ڏٺو پر پنھنجي مڙس کي پنھنجي گھر جي ننڍڙي سلطنت جو سلطان بڻائي رکڻ جي ڪوشش ڪئي. پاڻ ھميشہ انھيءَ ڌُن ۾ مَگن رھندي ھئي تہ ڪيئن بہ ڪري ۽ ڪھڙي بہ طرح مڙس جي دل خوش رکجي. انھيءَ لاءِ بيشڪ پنھنجي ڪجھ خواھشن ۽ ڪجھ سَپنن جو خون ڪرڻو پيو تہ بہ خير آھي. پاڻ پنھنجي مڙس جي خوشيءَ ۾ خوش رھڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳي. جڏھن کيس پھريون اولاد نِياڻي ارم ٿي تہ سندس ڏِيان حصن ۾ ورھائجي ويو. ھڪ طرف گھر جي سَنڀال، مُڙس جي خوشي خاطر پنھنجو پاڻ نِڇاور ڪرڻ ۽ پنھنجي نِياڻيءَ جي بھتر کان بھتر نموني پرورش ڪرڻ سندس زندگي جو مقصد بڻيو.

غلام فاطمه پاڻ کي واقعي غلام فاطمہؑ سمجھي ۽ بڻائي زندگي گذارڻ لڳي. پاڻ نھايت مذھبي عورت رھي. شاھ پنجو جي معزز ۽ مذھبي خاندان سيد قطب علي شاھ جي گھر واري ۽ نياڻين ۽ ٻين مذھبي عورتن سان وقتًا فوقتًا ملاقاتن ۽ اصلاحي تبليغ جي اثر ھيٺ مذھب تي عمل ڪندي رھي. پاڻ صوم صلواۃ جي پابند، ھر مھيني ۾ ھڪ بہ مرتبہ اجتماعي ذڪر جي مجلس منعقد ڪرائڻ واري عورت آھي. پاڻ قرآن مجيد جي تلاوت بہ بلا ناغہ روزانو جي بنياد تي ڪندڙ آھي. سندس ديني ذھنيت جي ڪري پوري گھر جو ماحول خالص مذھبي رھيو. سندس اولاد بہ سندس زير تربيت رھڻ ۽ سمجھائڻ ڪري صوم صلواۃ جو پابند، مذھبي خيالن وارو آھي. پاڻ سگھڙ گھر ڌياڻي رھي آھي. ڀرت، سلائي ڪرڻ ۽ رِليون ناھڻ واري سُگھڙ عورت بہ رھي آھي. شاديءَ کان ڪافي وقت بعد بہ گھر ۾ مينھون پاليندي رھي. انھن جي سنڀال بہ دل جي خوشيءَ سان ڪندي رھي. پاڻ پڙھيل لکيل ھئڻ ڪري پنھنجي اولاد جي پڙھائيءَ ۾ مدد بہ ڪندي رھي. جيئن تہ پاڻ ڳوٺ جي معزز خاندان جي ڇوڪري

ھئي جنھن ڪري شروع کان ئي باپرده رھي. ھونئن بہ ڳوٺ بخش لاکير جي اھا خصوصيت رھي آھي تہ ھن ڳوٺ وارا اڪثر صوم و صلوات جي پابنديءَ سان گڏ ذڪر و فڪر ڪرڻ جا بہ پابند رھيا آھن. ھن ڳوٺ ۾ رھڻ واريون تقريبًا سڀ عورتون باپرده رھنديون آھن. پوري ڳوٺ ۾ پردي جو ماحول آھي.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب سان ملاقاتن ۽ ڪچھرين دوران ڪجھ ڳالھين منجھان اھو اندازو ٿيو تہ ڪيس ڪئي دفعا اھڙا موقعا بہ مليا، ڪئي دفعا اھڙيون ڪي عورتون بہ ٽڪرائيون ھيون جن ڪانئس سندس چاھت گھري پر ھن فقير صفت مَنش کي ھر وقت خوف خدا ۽ پنھنجي زوجہ محترمہ جو احساس ھوندو ھو تہ جنھن عورت مون سان ھيتري وفا ڪئي، پنھنجو پورو جيون منھنجي نالي ڪري ڇڏيو، الله سائين سندس بطن منجھان مون کي منھنجي جان کان وڌيڪ عزيز اٺ ٻارڙن جو اولاد عطا ڪيو ۽ ھن انھن جي بھترين انداز ۾ پرورش ڪئي، منھنجو ھر حال ۾ ساٿ ڏنو، منھنجي گھر جون سموريون ذميواريون پنھنجي ڪُلھن تي کڻي مون کي ذھني سُڪون ڏنو اھڙي باوفا ۽ عمده ڪردار واري ھمسفر جيون ساٿيءَ سان بي وفائي نہ ٿي ڪري سگھجي. انھيءَ خوف خدا ۽ زوجه محترمه جي وفا جي احساس ڪري ئي پاڻ پنھنجي حق تائين ئي محدود رھيو ۽ الله رب العزت سندس حفاظت فرمائي.

مطلب تہ الله رب العزت طرفان کيس ھڪ مخلص، مذھبي خيالن واري، مذھب تي سختي ۽ دل جي خوشيءَ سان عمل ڪرڻ واري، باوفا، سليقہ شُعار، سَيبتي، سُريلي، اعليٰ اخلاق ۽ اُتم ۽ پاڪيزه ڪردار واري عورت ھم سفر جي روپ ۾ نصيب ٿي. الله رب العزت کيس سندس زوجه محترمه جو ساٿ تادير عطا فرمائي آمين ثم آمين

واحد بخش بن پانڌي خان ناريجو

ڳوٺ بخش لاکير آباد ٿيڻ کان پوءِ ڪيترائي ڳوناٽا مختلف پاڙن ۾ وسندين مان لڏي اچي بخش لاکير، المعروف دڙو، ۾ اچي وينا. انهن مان هڪ معزز ۽ بردبار بزرگ واحد بخش بن پانڌي خان ناريجو به هو، جيڪو سنڌي ٻنڙا ڳوٺ مان لڏي اچي هتي آباد ٿيو. پاڻ وڏي پيماني تي ڪرياني جو دڪان هلائيندو هو، جنهن جي شهرت ۽ ساک پوري علائقي ۾ سُڃاتي ويندي هئي. سندس پٽ غلام سرور ۽ قمرالدين به هميشه هن جي سات ۽ روزگار ۾ ٻانهن ٻيلي ٻٽيل رهندا هئا. واحد بخش جي پوئين عمر ۾ دڪان جا سمورا معاملا سندس پٽن جي حوالي هئا ۽ پاڻ گهڻو ڪري فقط دخل تي ويهندڙ بزرگ جي حيثيت ۾ نظر ايندو هو. دڪان جي ٻاهران چوديواري ۽ ان جي اندر هڪ وڏو نِم جو وڻ هو، جنهن جي ٿڌي ڇانوءَ ۾ سندس هڪ خوبصورت ۽ اعليٰ نسل جي گهوڙي ٻڌل هوندي هئي. کيس گهوڙن سان خاص شغف هو. ڇوته ان دور ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ گهڻو ڪري گهوڙا، اٺ يا ٻَيل گاڏيون ئي استعمال ٿينديون هيون. پاڻ دڪان جي لڳ ورانڊي ۾ چلم دُکايون ويٺو هوندو هو. اتي به ٿي ڪٿون پيل هونديون هيون، جتي سندس دوست، معزز مهمان يا ڳوناٽا گڏجي ڪچهريون ڪندا هئا. واحد بخش جي سڃاڻپ سندس هلڪي ڏاڙهي، پَٽڪي، متانت سان ڀرپور گفتگو ۽ وقار ڀريل رَوَيَو هو. سياري جي موسم ۾ هو لائِي، سَون وَڙو پاڻ هٿن سان تيار ڪري دڪان تي رکندو هو، جنهن ڪري ڳوٺ جا ٻار تهذيب ۽ محبت سان سندس دڪان تي شيءِ وٺڻ لاءِ جام ايندا رهندا هئا. سندس اولاد ۾ ٻه پٽ: وڏو پٽ غلام سرور، ٻيو نمبر قمرالدين ۽ هڪ نياڻي، جيڪا حاجي خان جي گهرواري هئي (جيڪو واحد بخش جو رشتي ۾ ماسات پڻ هو).

غلام سرور کي اولاد ۾ صرف ٻه نياڻيون ٿيون: هڪ زوجه الهڏنو بن قمرالدين (ڀائٽيو ۽ نياٽو)، ٻي زوجه علي احمد (جيڪو به سندن عزيز ۽ ڪورٽ ۾ ملازم هو). قمرالدين کي اولاد ۾ پنج پٽ ٿيا:الهڏنو، جلال الدين، شمس الدين، ممتاز علي (جيڪو 1994ع ۾

فرسٽ ايئر جو شاگرد هو ۽ جوانيءَ ۾ ئي وڇڙي ويو)، نجم الدين ۽ ٻه نياڻيون: هڪ زوجه خان محمد عرف الياس، ٻي زوجه غلام شبير بن غلام نبي (اوستو).

اڄ به جلال الدين ڳوٺ بخش لاکير ۾ ڪرياني جو دڪان مڪمل ايمانداري، محنت ۽ الله تي توڪل سان هلائي رهيو آهي، ۽ پوري ڳوٺ ۾ پهريون نمبر ڪامياب دڪاندار سمجهيو وڃي ٿو. سندس ڪاميابيءَ جا بنيادي سبب: صاف گوئي، سٺي نموني سان ڳالهائڻ، گراهڪن سان مطمئن ڪندڙ سُلوڪ ۽ معياري شين جي موجودگي آهن. جلال الدين نه رڳو دڪان هلائڻ ۾ ماهر رهيو آهي، پر پاڙي واري مسجد جو پراڻو خدمتگار، نيڪ نمازي، باشريعت ۽ مسجد جو پيش امام پڻ آهي. پاڻ پرائمري زماني ۾ سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو گهرو دوست رهيو، جڏهن ته سندس والد قمرالدين سائين محمد بچل لاکير جو دوست هو. جلال الدين جو ننڍو ڀاءُ به ڳوٺ ۾ پرائمري استاد هو ۽ دڪان هلائيندو هو، جيڪو تازو دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. هاڻي سندس پٽ طاهر علي ۽ سرتاج دڪان هلائي رهيو آهي ۽ سندس ڪاروبار پڻ ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي. جلال الدين جو پٽ غلام محمد حافظِ قرآن آهي ۽ پنهنجي والد جي دڪان جي سمورن معاملن ۾ ساڄس ٻانهن ٻيلي وارو ڪردار نڀائي رهيو آهي.

غلام نبي ولد مَڱيو خان لاکير

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب ٻڌائي ٿو ته فقير غلام نبي لاکير پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ سادگي، ايمانداري ۽ خدا ترسيءَ جو مجسم مثال رهيو. پاڻ هڪ اهڙو انسان هو، جيڪو دنيا جي شور ۽ ظاهري چَمڪ کان پري، روحاني سُڪون ۽ سچائيءَ جي واٽ تي هليو. زندگيءَ جي آخري دور ۾ جڏهن به اسان کيس ڏٺو، سندس هٿ ۾ هميشه تسبيح هوندي هئي، مٿي تي سادو پَٽڪو پاتل، چهري تي نور ۽ زبان تي ذڪرِ الٰهي. پنج وقتن جي نماز جو پابند، نرم گفتار ۽ بلڪل بي ضرر طبيعت جو مالڪ هو. پاڻ ڪنهن

لاءِ بہ تڪليف جو سبب نہ بڻيو، بلڪ چڱائي ۽ سچائيءَ جي ڳالهه ڪرڻ سندس عادت هئي. فقير غلام نبي کي ڪوڙ، فريب ۽ ٺڳيءَ کان سخت نفرت هئي. سندس گفتگو هميشہ مختصر پر معنيٰ خيز هوندي هئي. جڏهن ڳالهائيندو هو تہ بلڪل سچ ڳالهائيندو هو. ڪنهن جي غلطي ڏسندو هو تہ بي خوف ۽ بنا رَکُ رَکاءَ جي جي طنزيہ پر سچي لهجي ۾ کيس ياد ڏياريندو هو. سندس ڳوٺ بخش لاکير جا اڪثر ماڻهو کيس فقير غلام نبي جي نالي سان سڏيندا هئا، چاڪاڻ تہ سندس سچي زندگي فقر، درويشي ۽ اخلاص سان ڀرپور هئي. غلام نبي لاکير کي الله رب العزت اٺ پٽن ۽ ٽن نياڻين سان نوازيو.

پٽن مان وڏو پٽ مرحوم انور علي لاکير هو، جنهن کي ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون: منير علي، ضمير علي ۽ ٽيون غلام نبي (جنهن جو نالو پنهنجي والد جي ياد ۾ رکيو)، جڏهن تہ نياڻيون پيار ۽ عزت سان پنهنجي خاندانن ۾ آباد ٿي ويون. ٽيون نمبر پٽ غلام نبي جنهن کي محبت منجهان رميز راجا سڏيو ويندو آهي.

ٻيو پٽ مرحوم غلام سرور لاکير هو، جنهن کي ٻہ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون عطا ٿيون. وڏو پٽ سجاد علي ڪراچيءَ ۾ ريسڪيو 1122 ۾ ملازمت ڪري ٿو، جڏهن تہ ٻيو پٽ عبدالرحمٰن حيدرآباد ۾ پڙهي رهيو آهي ۽ انٽر ڪلاس ۾ داخلا اٿس. سندس نياڻيون زوجه وسيم راجا لاکير ۽ زوجه شمن علي لاکير آهن، جيڪي پنهنجي گهرن ۾ خوشحال زندگي گذاري رهيون آهن.

غلام نبي جو ٽيون پٽ شمن علي لاکير جوانيءَ ۾ هڪ حادثي سبب وفات ڪري ويو، سندس شادي نہ ٿي هئي.

چوٿون پٽ بشير احمد لاکير هو، جيڪو آڪٽوبر 2025ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس ٻہ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. وڏو پٽ وسيم راجا ۽ ٻيو شمن علي (جنهن جو نالو هن پنهنجي ڀاءُ جي ياد ۾ رکيو)، جڏهن تہ نياڻيون بہ پنهنجن گهرن ۾ خوش آهن.

پنجون پٽ ذوالفقار علي لاکير آهي، جيڪو پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ هيڊ ڪانسٽيبل طور خدمتون سرانجام ڏيڻ ڪانپوءِ رٽائر ٿيو. فالج ۽ بيماريءَ سبب اڳواٽ ئي نوڪريءَ تان رٽائرمينٽ ورتائين.

کيس الله رب العزت چار پٽ ۽ ٻہ نياڻيون عطا ڪيا. وڏو پٽ محمد حسين (پنهنجي چاچا جي ياد ۾ رکيل نالو)، ٻيو ظهور احمد، ٽيون عباس علي ۽ چوٿون حسن علي.

ڇهون پٽ سليم احمد لاکير آهي، جنهن کي ٻہ پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي. وڏي پٽ جو نالو شاهہ زمان آهي، جيڪو معذور آهي، جڏهن تہ ٻيو پٽ شهزاد علي آهي. سليم احمد پنهنجي والد جيان انتهائي سادي ۽ نرم طبيعت جو آهي، تنهنڪري ماڻهو کيس پيار مان "فقير سليم" چون ٿا.

ستون پٽ نظير احمد آهي، جنهن پنهنجي وڏي ڀاءُ جي ياد ۾ پنهنجي پٽ جو نالو انور علي رکيو آهي، ٻيو پٽ فرمان علي آهي .

اٺون ۽ ننڍو پٽ امير علي آهي، جنهن کي هڪ نياڻي عطا ٿيل آهي.

غلام نبي لاکير جي زوجه محترمه مريم، عبدالله ۽ بخشل لاکير جي ڀيڻ هئي. پاڻ نهايت بردبار، صابر ۽ همدرد عورت هئي. سندس زندگيءَ جو مقصد ٻين جي مدد ڪرڻ، غريبن کي ڪارائڻ، ڪپڙا پهرائڻ ۽ هر ممڪن طريقي سان ماڻهن جي دل کٽڻ هو. پاڻ چاهيندي هئي تہ دنيا ۾ جيترو ٿي سگهي، ٻين جي خدمت ڪجي، جيئن آخرت ۾ ان جو اجر ملي. سندس هميشہ اها ڪوشش هوندي هئي تہ ماڻهن جي زبانن مان پنهنجي لاءِ دعائيہ جملا حاصل ڪري. فقير غلام نبي ۽ سندس گهراڻي جي ڪهاڻي رڳو هڪ خاندان جي تاريخ نہ پر انسانيت، صبر، سچائي ۽ خدمت جي علامت آهي. اڄ بہ سندس نالو ٻڌبو تہ ماڻهن جي ذهن ۾ هڪ اهڙي شخصيت جو تصور اُڀري ٿو، جنهن دنيا کان لاپرواهہ ٿي، دل جي سُڪون ۽ الله رب العزت جي رضا کي زندگيءَ جو مقصد بڻايو. بيشڪ، اهڙا ماڻهو مٽيءَ ۾ تہ دفن ٿي وڃن ٿا، پر سندن فڪر، سندن خلوص ۽ سندن نالو صدين تائين زندهہ رهندو آهي.

منظور احمد بن محمد خان بن محمد عرس ناريجو

منظور احمد جو نسبتي سلسلو ڳوٺ جي معزز ۽ علم دوست خاندان سان وڃي ملي ٿو. سندس ڏاڏو محمد عرس، مولانا غلام

رسول جو چاچو هو ۽ هن خاندان جي علمي سُجاڳپ پوري علائقي ۾ مُعتبر سمجهي ويندي هئي. محمد خان بن محمد عرس پنهنجي نياڻي جي شادي ضياءُ الدين بن غلام رسول سان ڪرائي، جنهن مان ميان ضياءُ الدين کي محمد يوسف ڄائو. محمد يوسف بعد ۾ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول جو سينيئر استاد بڻيو ۽ سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جو بچپن جو ويجهو دوست رهيو آهي. منظور احمد پڻ پروفيسر عبيدالله لاکير جو گهرو ۽ دلي دوست هو. پاڻ 17 گريڊ ۾ اسٽيٽسٽيڪل آفيسر، ميهڙ، جي حيثيت سان سرڪاري ذميواري نڀائيندو رهيو ۽ تازو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وفات سان نه رڳو خاندان پر سمورو علائقو، هڪ سُلڇڻي، شائسته ۽ محبت ڀري شخصيت کان محروم ٿي ويو. منظور احمد پنهنجي والدين جو اڪيلو پٽ هو، جنهن کي قدرت 8 ڀينرون عطا ڪيون. انهن مان: هڪ ڀيڻ جوانيءَ ۾ وفات ڪري وئي، ٻي زوجه احمد مستري، ٽين زوجه قمرالدين بن واحد بخش، چوٿين زوجه محمد عمر (جيڪو پرائمري استاد هو)، پنجين زوجه احمد (اوستو)، ڇهين زوجه سيف الدين، ستين زوجه محمد عالم، اٺين زوجه شمس الدين (جنهن نياڻيءَ جي وفات پهرين ڊليوري ۾ ٿي). هي سمورو گهراڻو زرخيز روايتن، ورثن ۽ انسانيت جي لڙهي سان جڙيل خاندان جو حصو رهيو، جنهن ۾ محبت، رشتن ۽ اخلاقي قدرن جو امتزاج نمايان نظر اچي ٿو.

اميرالدين بن محمد يوسف بن مهر علي ناريجو

محترم سائين اميرالدين "قاصر" ناريجو جو نالو ڳوٺ بخش لاکير جي علمي، ادبي ۽ تعليمي تاريخ ۾ روشن نالي طور لکجي ٿو. پاڻ هڪ ناليوارو پرائمري استاد ۽ بهترين شاعر هو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جو چوٿين درجي ۾ استاد رهڻ سندس علمي عظمت کي وڌيڪ نمايان ڪري ٿو. سندس وڏڙا به سنڌي ٻنڌا مان لڏي اچي ڳوٺ بخش لاکير ۾ آباد ٿيا هئا ۽ هي خاندان پنهنجي اخلاق، سادگي ۽ علمي لاڳاپن سبب هميشه عزت ڀريو رهيو. سائين

اميرالدين قاصر ۽ پروفيسر عبيدالله لاکير جو والد محترم سائين محمد بچل، سائين محمد صديق ناريجو المعروف "سائين وڏو" جا شاگرد پڻ رهيا ۽ هي سلسلو علمي ماحول ۽ استاديءَ جي سَندَ طور اڄ به ياد ڪيو وڃي ٿو. سائين اميرالدين "قاصر" ناريجو جو جنم 10 سيپٽمبر 1931ع تي ٿيو. کيس 1949ع ۾ پرائمري استاد جي حيثيت ۾ آرڊر جاري ٿيو ۽ سندس پهرين پوسٽنگ پرواري ڳوٺ اگهاماڻي ۾ ٿي. سندس آخري درسگاهه، ڳوٺ بخش لاکير جو پرائمري اسڪول هو، جتي پاڻ 52 سالن جي عمر ۾ اڳ واٽ رٽائرمينٽ ورتائين. سندس انتقال بروز اربع 26 شعبان 1427ھ مطابق 20 سيپٽمبر 2006ع تي 75 سالن جي عمر ۾ ٿيو. سندس مزار ڳوٺ جي پرواري قبرستان سيد فتح علي شاهه (فتن شاهه) ۾ موجود آهي، جتي اڄ به سندس دوست ۽ شاگرد عقيدت ۽ محبت سان سندس مرقد تي حاضري ڀرڻ لاءِ ويندا آهن.

سائين اميرالدين قاصر کي الله رب العزت ڇهه پٽ ۽ ٽي نياڻيون عطا ڪيون. پٽن ۾: مرحوم منصور احمد (رٽائرڊ پوليس ملازم)، مسعود احمد (هاءِ اسڪول ٽيچر)، مرحوم مقصود احمد (پرائمري استاد (وفات 6 مئي 2018ع)، مطلوب احمد (پرائمري استاد، هن وقت هيڊ ماستر گورنمينٽ پرائمري اسڪول بخش لاکير)، امتياز احمد (اليڪٽرانڪ مستري)، سرفراز احمد (ڪوريئر سروس (TCS)۾ ملازم). هي سڀئي اولاد پنهنجي والد جي علم، محنت، ايمانداري ۽ خدمت جي روايت کي اڳتي وڌائيندا رهن ٿا.

محمد حسن مِستري

محمد حسن مِستري نالي سان سڏبو هو، ڇاڪاڻ ته ان وقت هو ريڊيا ناهيندو هو ۽ کيس حڪمت سان به خاص لڳاءُ هوندو هو. سندس گهر ۾ ڪنوار ٻوٽي (Alovera) جو وڏو ٻوٽو پوکيل نظر ايندو هو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير ٻڌائي ٿو ته جڏهن اسان ننڍپڻ ۾ کيس ڏٺو، ته هو اڳ ۾ ئي عمر رسيده ٿي چڪو هو ۽ سندس گهر واري گذاري وئي هئي. پاڻ حج تي ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

ڪيس جنت المعلیٰ، مکي پاڪ ۾ دفن ڪيو ويو. ان وقت ڳوٺ جي ماڻهن، جيڪي ان سان حج تي ويا هئا، واپسيءَ تي پنهنجن عزيزن کي اطلاع ڏنو، پر وڏي تصديق پير غلام جهانيان ڪئي، جنهن چيو: "مون ڪيس اتي ئي دفن ڪرايو".

پير غلام جهانيان ان وقت باشريعت، نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار بزرگ هو، جيڪو علائقي ۾ دين جي تبليغ ڪندو رهندو هو. ڳوٺ بخش لاکير ۾ اڪثر ايندو رهندو هو. سندس تعلق اُچ شريف (پنجاب) سان هو، سرائڪي ڳالهائيندو هو. پاڻ اڪثر چوندو هو ته: "فقیری بہت دور ہے، لمبی کھجور ہے، چڑھ گیا تو بیڑا پار، گر پڑا تو چکنا چور" ۽ اڪثر سعودي عرب ويندو رهندو هو، تنهنڪري اتي به ڪيس اثر رسوخ حاصل هو. آخر ۾ شادي به سعودي عرب ۾ ڪيائين.

پروفيسر عبيدالله لاکير ٻڌائي ٿو ته جڏهن هو پيدا ٿيو، ته سائين محمد بچل لاکير پير غلام جهانيان کان سندس نالي لاءِ مشورو ورتو. پير غلام جهانيان چيائون ته سندس ماءُ جو نالو مريم آهي، ان ڪري سندس نالو محمد عيسیٰ رکڻ بهتر رهندو. سائين محمد بچل پنهنجي دوستن سان صلاح مشورو ڪري رڪارڊ ۾ سندس نالو عبيدالله درج ڪرائي ڇڏيو. پروفيسر عبيدالله لاکير کي سندس مٽ مائٽ ۽ ڳوٺ وارا هاءِ اسڪول جي عمر تائين محمد عيسیٰ جي نالي سان سڃاڻيندا هئا. مستري محمد حسن، منظور احمد جي والد محمد خان جو مامو هو. مِستري محمد حسن جا ٻه نياڻا هئا: هڪ محمد دائود بن محمد الياس ۽ ٻيو منشي محمد صابر (جنهن کي غلام رسول ۽ محمد امين پٽ ٿيا). هن وقت محترم مشتاق الرسول بن غلام رسول ناريجو حيات آهي ۽ حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي ۽ هيلٿ کاتي ۾ نوڪري ڪندو آهي.

محمد دائود جي اولاد ۾ وڏو پٽ محمد عثمان (ڊرائيور)، الطاف حسين، خان محمد (الياس) ۽ خادم حسين ٿيا. الطاف حسين ۽ خادم حسين هن وقت حيات آهن. نياڻين ۾ زوجه منظور احمد، زوجه مظهر علي بن ڏٽي بخش. ڏٽي بخش جو اولاد: نور حسين، مظهر حسين، سرفراز حسين عرف خادم حسين، اياز حسين عرف فوجي ۽ نياڻين

۾ زوجه محمد امين شامل آهن.

واحد بخش جو والد پانڌي خان، وڏيري پير بخش ۽ غلام محمد جو والد، وڏيرو گل محمد ۽ مِستري محمد حسن جو والد الهه جڙيو پاڻ ۾ ڀائر هئا.

وزير احمد بن غلام رسول لاکير

غلام رسول محراب لاکير جو رهواسي هو. ڪيس اولاد ۾ وزير ۽ محمد ابراهيم هئا. وزير کي اولاد ۾ دين محمد ۽ محمد يعقوب ٿيا. دين محمد کي پهرين گهر واريءَ مان هڪ پٽ ۽ نياڻيون آهن. نياڻين ۾ هڪ زوجه ذوالفقار بن غلام نبي لاکير (رٽائر پوليس جمعدار، وينٽل ڳوٺ بخش لاکير)، ٻي زوجه نواب بن محمد ابراهيم ۽ ٽين زوجه اختيار بن محمد عثمان. دين محمد جي پهرين زوجه محترمہ جيڪا نارو خان جي نياڻي هئي، گذاري وئي ته پاڻ ٻي شادي اڪبر ڏيڏائي لاکير وٽان ڪيائين. انهي زوجه منجهان ڪيس ٽي پٽ نعمت الله، ڪاشف ۽ عبدالقدير پيدا ٿيا.

وزير احمد جي ٻئي پٽ يعقوب کي اولاد ۾ هڪ پٽ نديم ۽ چار نياڻيون ٿيون. نياڻين ۾ هڪ زوجه اختيار علي (ڳوٺ واڍا)، ٻي زوجه طارق بن محمد ابراهيم، ٽين زوجه زاهد ولد محرم (واڍا) ۽ چوٿين زوجه وحيد ولد ارباب عرف عيسن بن نارو خان.

غلام رسول لاکير کي ٻيو پٽ محمد ابراهيم هو. جنهن کي ٽي پٽ محمد موسیٰ، نواب ۽ طارق آهن.

گلڻ لاکير

پروفيسر عبيدالله لاکير جي ڏاڏي قادر بخش جو دوست ۽ ويجهو عزيز گلڻ لاکير ايل ايس بند سان لڳ ڳوٺ مالهي لاکير جو رهواسي هو. پاڻ هاري ماڻهو هو انتهائي سچو يارويس انسان هو. پنهنجي زمين آباد ڪري گذر سفر ڪندو هو. سندس زندگي سادگي ۽ سچائي جو مثال هئي. ڪيس اولاد ۾ ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. هڪ پُٽ جو نالو محمد خان جيڪو پنهنجي والد وانگر ٻني ۽ پوکي

راهي ۾ دلچسپي رکي ٿو. هڪ باغ بہ اٿس جنهن جي سار سنڀال ڪندو آهي .ڪيس اولاد ۾ ٽي پٽ. امجد علي. وحيد علي ۽ نويد علي سان گڏ ٻن نياڻين جو بہ اولاد اٿس.

جڏهن تہ گلڻ لاڪير جو ٻيو پٽ علي احمد آهي جيڪو ريلوي ڪاتي مان اسٽيشن ماسٽر طور سروس پوري ڪري رٽائر ٿيو آهي ۽ اڄ ڪالهہ حيدرآباد ۾ گهر وٺي رهائش پذير آهي.ڪيس اولاد ۾ بہ پٽ ۽ پنج نياڻيون آهن. پٽن جا نالا سجاد علي ۽ علي رضا اٿس.

ماستر محمد قاسم ولد علي بخش ساند

پروفيسر عبيدالله لاڪير جي ڏاڏي وڏيري قادر بخش جڏهن مسمات مومنت بنت علي بخش ساند سان شادي ڪئي تہ انهيءَ وقت مسمات مومنت پنهنجي ناني ۽ ننڍي ڀاءُ محمد قاسم سان گڏ گڙنگ پير جي ويجهو ڳوٺ جان محمد ساند جيڪو ٺارو شاهہ جي پرسان هو مان لڏي اچي وڏيري قادر بخش لاڪير وٽ ڳوٺ بخش لاڪير ۾ رهائش اختيار ڪئي. مسمات مومنت جي مائٽن سندن زمينن تي ناجائز قبضو ڪري ڦٻائڻ چاهيو ٿي. مسمات مومنت جيڪا بي سهارا ڇوڪري هئي ۽ پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ سان گڏ پنهنجي نانيءَ وٽ رهندي هئي .انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ ڪين مخالف مائٽن طرفان موتمار ڌمڪيون ڏنيون ويون .ٻيو ڪو سهارو نہ سمجهندي شاهہ پنجو جي بزرگ سيد پيرل شاهہ جيڪو مسمات مومنت وارن جو خانداني مرشد هو. ڀاڻ پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ ۽ نانيءَ سان گڏجي سيد صاحب جي امڙ وٽ پناهہ ورتائين ۽ ڪيس پوري ماجرا ٻڌائي دانهن ڏنائين. سيد پيرل شاهہ ڌرين ۾ ٺاهہ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر بي سود رهي . انهيءَ ڪان ڪين پنهنجي امڙ وٽ پناهہ ۾ رهايو. انهيءَ دوران مسمات مومنت جي شادي وڏيري قادر بخش لاڪير سان ڪرائڻ جو مشورو بہ سيد سڳوري ڏنو. سندس انهيءَ دور انديشي سبب مسمات مومنت جي شادي وڏيري قادر بخش سان ٿي ۽ زمينن تي قبضي جو ڪيس بہ وڏيرو قادر بخش وڙهيو. انهيءَ ڪان پوءِ انهيءَ زمين کي ڪورٽ ذريعي مسمات مومنت ۽ سندس ڀاءُ محمد قاسم کي واپس ڪرائي.
محمد قاسم بن علي بخش جي ولادت1927 ع ۾ ڳوٺ جان محمد

ساند ۾ ٿي ۽ سندس وفات 14 جون2007 ع ۾ ڳوٺ بخش لاڪير ۾ ٿي.

وڏيري قادر بخش لاڪير جي وفات ڪان بعد جڏهن بيوهہ مسمات مومنت ساند جي شادي وڏيري محمد ملوڪ لاڪير سان 2 مارچ 1943ع ۾ ٿي تہ محمد ملوڪ پنهنجي نياڻي مسمات حرمت نصرالله لاڪير جي فرزند بخشل کي پرڻائي ڏني ۽ نصر الله ڪان سندس نياڻي ڀاڳ پري جو سنگ وٺي محمد قاسم جي شادي ڪرائي.

محمد قاسم پرائمري اسڪول ٽيچر ٿيو. ڀاڻ تمام گهڻو عرصو ڳوٺ بخش لاڪير جي پرائمري اسڪول ۾ استاد رهيو. جنهن ڪري ڳوٺ بخش لاڪير جا اڪثر ماڻهو سندس شاگرد رهيا آهن. ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ پروفيسر عبيدالله لاڪيربہ پهريون ڪلاس وٽس پڙهيو. انهيءَ دور ۾ ڪاٺ جي پٽيءَ تي ميٽ هڻي سڪائي، سنڌي الفا بيٽ پڙهائڻ ڪان بعد سليٽ تي لکڻ سيکاريو ويندو هو. پروفيسر عبيدالله لاڪير کي محمد قاسم سليٽ تي لکڻ سيکاريو. ان ڪان سواءِ لفظن جا اُچار ۽ آواز ڪيس سيکاريائين. ڀاڻ انتها درجي جو محنتي ۽ قابل استاد هو. طبيعت انتهائي مانيٽي ۽ صابرين هئس. پنهنجي مال جو گاهہ يا گهر لاءِ ڪاٺيون بہ ڀاڻ گڏ ڪندو هو. ڳوٺ بخش لاڪير پرسان تمام وسيع سوين ايڪڙن تي مشتمل ٻيلو موجود هوندو هو، جنهن کي ناري ليفٽ ٻيلو سڏبو هو. ناري ٽپو هو ۽ ليفٽ جو مطلب دادو ڪئنال جي ڪاٻي پاسي واقع هو. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي چواڻي موجب پنهنجي پٽ قربان يا مختيار سان گڏ ڪيس بہ ٻين پاڙي جي ٻارن سان ٻيلي ۾ ڪاٺين لاءِ وٺي ويندو هو. خاص طور تي سياري جي موسم ۾ سڪل ڪاٺين جي ضرورت گهڻي پوندي هئي. ان دور ۾ ڳوٺن ۾ ٻارڻ لاءِ ذريعو صرف سڪل ڪاٺيون هونديون هيون. گئس جي سهولت اٺويهہ سو اناسي(1988) ع ۾ آئي. جڏهن ميهڙ جو مرحوم رفيق احمد مهيسر چونڊيل قومي اسيمبليءَ جو ميمبر هو ۽ تيل ۽ گئس جو پارلياماني وفاقي سيڪريٽري ٿيو هو ته هن ميهڙ جي ڀهراڙين ۾ گئس کي پهچايو. محمد قاسم گهڻو عرصو ڳوٺ بخش لاڪير ۾ رهيو، اتان لڏي وڃي ڪجهہ سال دادو ۾ رهيو. اتان پوءِ ڳوٺ اگهاماڻي ۾ وڏيري شمن

لاکير جي پاڙي ۾ رهندو هو. چاڪاڻ تہ وڏيري شمن لاکير جي گهر واري ۽ ڏاڏي قاسم جي گهر واري پاڻ ۾ سڳيون ڀينر هيون جيڪي نصرالله جون ڌيئر هيون .ڪيس اهو رهائشي پلاٽ بہ وڏيري شمن ڏنو هو، جتي پاڻ پنهنجو گهر ٺهرايو هئائين. ڳوٺ اگهاماڻي سندس زوجہ محترمہ ڀاڳ ڀري جي جنم ڀومي ۽ والدين ۽ مائٽن جو ڳوٺ هو. محمد قاسم يڪو انهيءَ ڳوٺ ۾ رهيو .سندس وفات بہ اگهاماڻي ۾ ٿي. ڪيس ڳوٺ بخش لاکير جي قديمي قبرستان" فتح محمد شاهہ " ۾ ٿي. جتي بعد ۾ سندس قبر جي ڀيراندي ڪان سندس زوجہ محترمہ کي دفن ڪيو ويو. هن ئي قبرستان ۾ محمد قاسم ساند جي ڀيڻ مسمات مومنت ۽ سندس ناني بہ دفن ٿيل آهن. محمد قاسم جو مامو صوفي فقير عاقل صوفي مزاج وارو فنڪار هو، جيڪو اڪثر پنهنجي امڙ ۽ پاڻيجي ۽ پاڻج وٽ ايندو هو ۽ شاهہ پنجو سلطان جي ساليانہ ميلي ۾ صوفي راڳ ڳائيندو هو. سندس وفات بہ ڳوٺ بخش لاکير ۾ ٿي ۽ تدفين بہ ڳوٺ جي قبرستان ۾ ٿي. ماستر محمد قاسم ساند کي اولاد ۾ بہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون .وڏي نياڻي حاڪم زادي زوجہ محمد رمضان ساند (جيڪا ڳوٺ جکرو لڳ خانپور تعلقو خيرپور ناٿن شاهہ ۾ رهائش پزير هئي)، ڪيس اولاد ۾ پٽ جاويد، اظهر، آصف، واجد، علي ۽ بہ نياڻيون نصرت ۽ شمع آهن. مسمات حاڪم زادي ۽ سندس مڙس محمد رمضان ساند فوت ٿي چڪا آهن ۽ ڳوٺ جکرو ۾ سندن تدفين ٿيل آهي. ماستر محمد قاسم ساند جي ٻيو نمبر نياڻي غلام زهران زوجہ شاهن ساند آهي، جيڪا حال حيات آهي ۽ ڳوٺ جکرو ۾ رهائش پزير آهي. ڪيس اولاد ۾ زاهد، شاهد علي، راجا ۽ بہ نياڻيون فردوس ۽ نغمہ آهن. ماستر محمد قاسم ساند جي ٽيون نمبر نياڻي حاجاڻي زوجہ تصور ساند ڳوٺ جان محمد ساند نزد ڳڙنگ پير ٺارو شاهہ ۾ رهائش پزير آهي. ڪيس اولاد ۾ ٽي پٽ منور علي، اقبال، معين ۽ چار نياڻيون نجمه، معراج، دادلي ۽ پوري آهن. سندس وڏو پٽ منور علي سعودي عرب ۾ انجنيئر آهي.
ماستر محمد قاسم ساند کي چوٿون ٻار قربان علي پيدا ٿيو. سندس جنم 23 جون1964 ع ۾ ٿيو. هن وقت ڳوٺ اگهاماڻي ۾ رهائش پزير آهي. ڪيس اولاد ۾ وسيم اڪرم جيڪو ڪراچيءَ ۾ نارڪوٽڪس

ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪري ٿو، ٻيو محمد سليم جيڪو 20 سالن جي عمر ۾ 2012 ع ۾ وفات ڪري ويو، ٽيون افضل علي ۽ چوٿون مهراڻ علي اٿس.ڪيس نياڻين ۾ سلمہ جيڪا2015 ع ۾ 22 سالن جي عمر ۾ فوت ٿي وئي ۽ ٻي نياڻي صائمہ پنهنجي والدين سان گڏ رهي ٿي.

ماستر محمد قاسم ساند جو پنجون نمبر آخري ٻار مختيار علي ٿيو .سندس جنم 13 مارچ1968 ع ۾ ٿيو .هن وقت ٽيڪساس (Taxas) آمريڪا ۾ فيملي سميت مقيم آهي .ڪيس اولاد ۾ بہ پٽ منير مختيار) جنم 22 مارچ1999 ع (۽ وارث مختيار(جنم 29 نومبر 2000ع) ۽ چار نياڻيون ڀاڳ ڀري، بختاور، ماروي ۽ مهوش آهن.

مختيار علي بن محمد قاسم ساند ڳوٺ بخش لاکير ۾ پنهنجي والد محترم محمد قاسم ۽ سندس گهر واري جيڪا سندس ڀيرن ڪان دفن ٿيل آهي، مٿان پڪو چبوترو ڪافي سال اڳ ٺهرايو آهي، جيڪو اڄ بہ سندن قبرن مٿان ٺهيل آهي ۽ چوديواري بہ ڏنل اٿن. پروفيسر عبيدالله لاکير جڏهن ڪانئس پڇيو تہ هي چو پيو ٺهرائين؟ انهيءَ تي مختيار کلي چيو تہ بابا اڪثر مون کي چوندو هو تہ تون وري ڪهڙا منهنجي قبر مٿان قُبا اڏيندي! ان ڪري ٿو ٺهرايان. پاڻ اگهاماڻي ۾ بہ پنهنجي والد جي گهر پرسان جتي سندس وڏو پاءُ قربان رهي ٿو، پنجاهہ لک ڪان مٿي خرچ ڪري بنگلو ٺهرايو هو، جتي پاڻ رهندو هو. وري اَسِي لک روپين ۾ قاسم آباد حيدرآباد ۾ بنگلو ورتائين. ڏهہ سال اڳ جتي سندس فيملي رهندي هئي. هاڻي سال اڳ سڄي فيملي آمريڪا گهرائي اٿس. ماستر محمد قاسم ساند هڪ بهترين استاد، همدرد ۽ نيڪ نيت انسان هئڻ سان گڏ حڪمت ۾ بہ وڏي دلچسپي رکندو هو. اڪثر مختلف علائقن ڪان حڪيم وٽس ايندا رهندا هئا. پاڻ اوطاق ۾ جهنگلي ٻيٽا گڏ ڪري رکندو هو. جن جي باهہ ۾ نسخا پچائيندا هئا. سندس گهر ۾ ڪنوار ٻوٽين جا ٻوٽا ٻينل هوندا هئا.

پاڻ جڏهن بہ ڳوٺ بخش لاکير ۾ آخري عمر ۾ گهمڻ ايندو هو تہ ڪافي ماڻهون ساڻس ملڻ ايندا هئا. چاڪاڻ تہ عمر جا آخري وِيهہ سال اگهاماڻي وجي رهيو هو.

نارو خان بن ڪرم خان لاڪير

نارو خان جا وڏا ايل ايس بچاءَ بند جي اندر ڪچي ۾ وينل هئا. وڏي ٻوڏ کان پوءِ محراب لاڪير ۾ اچي ويٺا. نارو خان کي اولاد ۾ ٽي پٽ هئا. حاجي محمد اسماعيل، محمد عثمان، ارباب عرف عيسن ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. نياڻيون: هڪ زوجه حاجي دادن (وينل ڳوٺ لَکو لاڪير)، ٻي زوجه دين محمد بن وزير ۽ ٽين نياڻي جي شادي انور بن غلام نبي سان ٿي، انور جي وفات کان بعد سندس ننڍڙن ٻارڙن کي سهارو ڏيارڻ خاطر سندس شادي سليم بن غلام نبي سان ڪرائي وئي. حاجي محمد اسماعيل کي اولاد ۾ پنج پٽ مختيار، عاشق علي، مظهر، مرتضىٰ، عمران ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. نياڻيون: پهرين زوجه محرم لاڪير (نئون ڳوٺ)، ٻي زوجه ممتاز بن مير لاڪير (لکو لاڪير) ۽ ٽين زوجه محمد عالم بن شفن لاڪير (لکو لاڪير.) محمد عثمان کي اولاد ۾ نو پٽ اختيار علي، نثار علي، الطاف، رياض، مسعود، نادر علي، راشد علي، نصير علي، شاهد علي ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. نياڻيون: پهرين زوجه هدايت الله بن بخشل لاڪير (بخش لاڪير)، ٻي زوجہ محمد اسماعيل بن ٿُوهه لاڪير (ڳوٺ واڍا) ۽ ٽين زوجه نويد علي بن دين محمد لاڪير (محراب لاڪير).

نارو خان جي ٽئين پٽ ارباب علي عرف عيسن کي چار پٽ نارو خان المعروف رشيد، سعيد، وحيد (سعيد ۽ وحيد ٻئي جاڙا پائر آهن)، مير ساجد علي ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. جن منجهان پهرين نياڻي زوجہ عصمت الله بن هدايت الله ۽ ٻيون ٻہ غير متزوج آهن. ارباب علي عرف عيسن جي زوجہ محترمہ راڻي بنت بخشل لاڪير پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جن سڳي ماسات آهي.

وڏيرو پير بخش بن گل محمد ناريجو

وڏيرو پير بخش ڳوٺ بخش لاڪير (دڙو) جي هڪ انتهائي معزز شخصيت هئي. ڳوٺ آندل تنيو پرسان کيس زمينداري هئي. پاڻ پنهنجي سواريءَ لاءِ سنا گهوڙا ڏاريندو هو. پاڻ ٻَنڪو ٻَڌي

گهوڙي تي چڙهي پنهنجي زرعي زمينن تي اڪثر ويندو هو. سندس ٻہ اوطاقون هيون. هڪ ڳوٺ بخش لاڪير ۾ ۽ ٻي ڳوٺ آندل تنيو ۾. پاڻ ڏاڍو مهمان نواز، سخي جوان ۽ همدرد انسان هو. کيس اولاد ۾ وڏو پٽ بخشل جيڪو ضلع ڪائونسل دادو مان آفيس سپرنٽينڊنٽ 17 گريڊ جي پوسٽ تان ڪجهه سال اڳ رٽائر ٿيو آهي. پاڻ ٻہ ڏاڍو بهترين طبيعت انسان آهي. کيس ٻہ پٽ گل محمد جيڪو گلاب سان مشهور آهي ۽ ٻيو گل زمان آهن. گلاب ضلع ڪائونسل ۾ ملازم آهي ۽ گل زمان تازو IBA جي ڪميشن پاس ڪري پرائمري استاد ٿيو آهي. بخشل کي ٻہ نياڻيون ٿيون، جن منجهان هڪ زوجه امير محمد بن محمد عمر (پوليس ۾ ملازم آهي ۽ رشتي ۾ سندس پاڻڄ پڻ آهي) ۽ ٻي زوجه محمد امين بن رفيق احمد بن غلام قادر بن مولوي ميان محمود (جيڪو هارپو ڪندو آهي ۽ رشتي ۾ سندس پاڻڄ پڻ آهي) آهن.

وڏيري پير بخش جو ٻيو پٽ مولا بخش ناريجو جيڪو ڪجهه سال اڳ تعليم کاتي مان رٽائر ٿيو آهي. پاڻ بهترين استاد ۽ منتظم رهيو آهي. گورنمينٽ پرائمري اسڪول دائود ديرو جو وڏو عرصو هيڊ ماستر رهيو ۽ اتان رٽائر ڪيائين. هن وقت يونين ڪاؤنسل سوڀو خان مگسي جو چونڊيل وائيس چيئرمين آهي. کيس اولاد ۾ پنج پٽ محمد امين، محمد سليم، محمد فهيم (هيلٿ کاتي ۾ 17 گريڊ ۾ ميل نرسنگ سپروائيزر تعلقہ ميهڙ)، محمد حنيف، محمد مقيم ۽ ٻہ نياڻيون هڪ زوجہ نزاڪت علي بن امداد علي ناريجو ۽ ٻي زوجہ امتياز حسين بن امداد حسين ناريجو.وڏيري پير بخش جو ٻيو پاءُ وڏيرو غلام محمد هو. جنهن کي هڪ پٽ وڏيرو عبدالعزيز هو. جنهن جي شادي رئيس محمد يعقوب وٽان ٿيل هئي. کيس ٻہ نياڻيون ٿيون. هڪ زوجہ امداد علي بن محمد حسن ناريجو ۽ ٻي زوجہ علي محمد المعروف علڻ ناريجو. وڏيري غلام محمد جون ڀينر: زوجه واحد بخش، زوجه محمد يعقوب (رئيس/تپيدار)، زوجہ محمد خان بن منظور احمد ناريجو ۽ زوجہ مولانا غلام رسول هيون.

مولوي محمود ناريجو

مولوي محمود ناريجو دين اسلام جو بهترين مبلغ ۽ شريعت جو پابند بزرگ هو. سندس پٽ محمد روشن، غلام نبي ۽ غلام قادر هئا. محمد روشن بهترين اوستو (جڳهن ناهڻ جو ڪاريگر) هو. ڪيس اولاد ۾ زاهد حسين، اياز حسين، رياض حسين (راجا) پيدا ٿيا. غلام نبي ڪي اولاد ۾ مظهر حسين، لياقت حسين، عبدالستار، غلام شبير (اوستو)، عبدالله، عبدالمجيد، عبدالحق، عبدالحميد ۽ عبدالحفيظ ٿيا. مولوي محمود جي ٽيون نمبر پٽ جنهن ڪي اولاد ۾ منير احمد، خليل احمد، رفيق احمد، الله بخش ۽ نياڻيون، جن ۾ زوجه مظهر حسين (سئي گئس ۾ ملازم)، زوجه مولا بخش بن وڏيرو پير بخش ناريجو، زوجه نياز حسين بن خير محمد (رٽائرڊ پرائمري استاد) ۽ زوجه خادم حسين بن محمد آچر ناريجو ٿيا.

امداد علي بن محمد حسن ناريجو

امداد علي ناريجو پروفيسر عبيد الله لاکير جي والد سائين محمد بچل لاکير جو گهرو دوست هو. ٻئي گڏ هڪ ئي اسڪول ۾ استاد به رهيا. امداد علي ڪافي جاين تي پرائمري استاد رهيو، جن ۾ آندل تنيو، اگهاماڻي ۽ بخش لاکير جي پرائمري اسڪول ۾ آخر ۾ هيڊ ماستر به رهيو. ڪيس اولاد ۾ خالد حسين، نادر علي، نزاڪت علي، صداقت علي ۽ ٻه نياڻيون، هڪ نياڻي زوجه عبدالله بن غلام نبي ناريجو ۽ ٻي نياڻي زوجه فرمان بن غلام قادر ناريجو پيدا ٿيا.

محمد ادريس ناريجو

ڳوٺ بخش لاکير جي تاريخ ۽ سماجي سڃاڻپ ۾ محمد ادريس ناريجو جو نالو هڪ سادي، محنتي ۽ باوقار انسان طور احترام سان ورتو وڃي ٿو. هو انهن ماڻهن مان هو، جن زندگيءَ کي شور ۽ نمائش بدران محنت، صبر ۽ قناعت سان گذاريو. سندس کهول ماشاءالله اڄ به وڏي انگ ۾ موجود آهي، جيڪو سندس سٺي

تربيت، خانداني مضبوطي ۽ محنتي ورثي جو زنده ثبوت آهي.
محمد ادريس ناريجو فطرتاً سڌو سادو انسان هو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين محنت کان ڪناره ڪشي نه ڪيائين. جڏهن عمر جا سال ڳڻپ ۾ وڏي چڪا هئا، تڏهن به ٿانگو هلائي پنهنجي گذر سفر جو بندوبست ڪندو رهيو. سندس اولاد به ساڳئي راه تي هلي، عزت سان محنت مزدوري ڪري زندگي گذارڻ کي ترجيح ڏني. هن خاندان لاءِ محنت صرف روزگار نه، پر عزت ۽ خودداريءَ جي نشاني هئي.
مرحوم محمد ادريس کي ٻه شاديون هيون. پهرين گهر واريءَ مان کيس ڪافي اولاد عطا ٿيو. سندس پٽ محمد صالح زراعت کاتي ۾ آپريٽر طور نوڪري ڪندو هو، جيڪو هاڻي هن دنيا ۾ موجود ناهي. محمد صالح جي اولاد مان وڏو پٽ خالد حسين ۽ ٻيا پائر اڄ به ڳوٺ ۾ رهن ٿا. ساڳئي گهر واريءَ مان نور حسين پيدا ٿيو، جنهن جا پٽ عبدالجبار، عبد الخالق ۽ عبدالحڪيم آهن. ان کان سواءِ علي اصغر، نثار احمد (ڪائونسلر)، نياڻين ۾ زوجه محمد عثمان (جنهن جو پٽ عاشق حسين هن وقت ڏاٻيچي ۾ مقيم آهي)، زوجه امير الدين قاصر ناريجو، زوجه مولانا محمد حسن (جنهن جو پٽ عبدالقدوس آهي)، زوجه عبداللطيف بن محمد سومر ناريجو ۽ زوجه محرم (جنهن جو پٽ شوڪت علي آهي) شامل آهن.

محمد ادريس ناريجو جي ٻي گهر واريءَ مان پڻ اولاد پيدا ٿيو. پٽن ۾ علي انور، عبدالحليم، عبدالغفار ۽ زاهد حسين شامل آهن، جڏهن ته نياڻين ۾ زوجه اوستو منظور احمد بن خير محمد، زوجه عبدالستار بن محمد ۽ زوجه عبدالحميد بن محمد ابراهيم بن غلام حسين ناريجو شامل آهن. هي سڀئي رشتا محمد ادريس ناريجو جي خانداني ڍانچي کي وڌيڪ مضبوط ۽ وسيع بڻائين ٿا. اڄ مرحوم محمد ادريس ناريجو جو گهڻو اولاد پٽ، پوٽا، نياڻيون ۽ ڏوهٽا حيات آهن. روزگار ۽ محنت مزدوريءَ جي سلسلي ۾ ڪيترائي ڪوٽڙي ۽ ڏاٻيچي جهڙن علائقن ۾ ڪافي عرصي کان مقيم آهن، جڏهن ته ڪجھ فرد اڄان تائين پنهنجي اباڻي ڳوٺ بخش لاکير ۾ رهائش پذير آهن. جتي به آهن، اتي پنهنجي محنت، سادگي ۽ خانداني وقار کي زنده رکيو ويٺا آهن. محمد ادريس ناريجو جي زندگي

اسان کي اهو سبق ڏئي ٿي تہ عزت دولت سان نہ، پر محنت، سچائي ۽ صبر سان حاصل ٿيندي آهي. اهڙا ماڻهو تاريخ جي ڪتابن ۾ شايد وڏن عنوانن سان درج نہ ٿين، پر ڳوٺن جي مٽي، ماڻهن جي دلين ۽ نسلن جي ڪردار ۾ هميشہ زندھ رهندا آهن.

دوست محمد ناريجو

دوست محمد ناريجو کي اولاد ۾ خير محمد (خيرل)، شير محمد (شيرل)، محمد ۽ احمد هئا. خير محمد کي اولاد ۾ اوستو منظور، اوستو قربان، حاڪم علي ۽ اياز علي (فوجي). شير محمد کي اولاد ۾ نزاڪت ۽ مظفر حال حيات آهن. نياڻين ۾ زوجہ عبدالغفار، زوجہ انور علي، زوجہ عبدالحليم.

محمد جو اولاد اوستو عبدالستار، ارشاد علي، زوجہ مسعود احمد بن امير الدين قاصر ناريجو، زوجہ عبدالقدوس بن مولانا محمد حسن ناريجو

احمد جو اولاد اشفاق احمد، نياڻي زوجه عبدالستار ناريجو (هوتي ناريجو).

پروفيسر عبيدالله لاڪير مون جيئن ڏٺو

انسان جو عمل انسان کي اُتم ۽ اعلىٰ بڻائيندو آهي يا ڪيس ڪمتر يا گهٽيا بڻائيندو آهي. عمل انسان جي سُڃاڻپ ٿئي ٿو. سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب پنهنجو جيون بنا عمل گذارڻ جو حامي بلڪل بہ نہ آهي. ڪيس هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن ڌُن ۾ مَگن ڏٺو آهي. پاڻ ادبي خدمت، سماجي خدمت ۽ عبادت ۾ زندگي بَسر ڪري انهيءَ تي خوشي بہ محسوس ڪندو آهي ۽ ڪيس پنهنجي عمل تي مُطمئن ڏسبو. پاڻ پنهنجي مصروفيتن جي باوجود آذان ٻُڌڻ کان بعد اٿي ڪڙو ٿيندو ۽ نئون وضو ڪري نماز پڙهي پوءِ وري پنهنجي رهيل ڪم ۾ مَصروف ٿيندو آهي. ڏينهن جو ڪاليج يا پنهنجي آفيس ۾ دوستن سان ڪچهري ۾ مصروفيت يا ٻئي ڪنهن ڪم ڪار ۾ مصروفيت جي ڪري ذڪر ڪرڻ لاءِ گهڻو وقت ناهي ڪيدي سگهندو، انهيءَ ڪري پاڻ عشاءَ جي نماز کان بعد پابنديءَ سان ذڪر ڪندو آهي. پاڻ سُمهڻ کان پهريان معمولات ۾ شامل تسبيحات کي باقاعدگيءَ سان ۽ پابنديءَ سان پورو ڪري پوءِ سُمهندو آهي. سائين طبيعت ۾ بہ تمام گهڻو مانيٽو، بحث مباحثي ڪرڻ کان تمام پري ۽ اجايو ڳالهائڻ کان بہ ڪوهين دور رهڻ وارو آهي. سائين وٽ جڏهن ڪافي دوست وينل هوندا آهن تہ اگر ضرورت پوندي آهي تہ ڪجهہ دوستن جو تعارف ڪرائڻ کان بعد انهن کي پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو موقعو ڏئي پاڻ انهن جي ڪچهريءَ مان مَحظوظ پيو ٿيندو آهي. سائين پروفيسر صاحب انگريزي ادب بہ ڪافي حد تائين پڙهيو آهي. ڪمال تہ اهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن موقعي جي مُناسبت سان ڪنهن انگريز ليکڪ جو قول، شعر يا نثري ٽڪرو انگريزي زبان ۾ ٻڌائي وري ان جو ترجمو ۽ تشريح سولي سنڌي ۾ ڪري حيران ڪري ڇڏيندو آهي. نہ صرف انگريزي جملا بطور دليل ٻُڌائيندو آهي بلڪ انهيءَ جو ليکڪ ۽ جنهن ڪتاب ۾ اهو لکيل هوندو آهي ان ڪتاب جو نالو بہ ٻڌائيندو آهي. اهو مون اڪثر پاڻ ٻُڌو آهي ۽ ڪچهريءَ ۾ سائين انگريزي جو حوالو ڏيڻ وقت اڪثر مون ڏانهن ڏسي مخاطب ٿيندو

آهي. مان به وري کيس غور سان ٻڌندو آهيان. انهيءَ وقت حيرت ٿيندي آهي ته سائين ماشاءالله هينئر رٽائرمينٽ جي بلڪل ويجهو هجڻ باوجود انگريزي زبان ۽ ادب جا ايترا قول ۽ جملا اهي به مڪمل حوالن سان ياد رکيون وينو آهي. جيئن ڪڏهن ڪنهن ٻهراڙيءَ جي ڪنهن بزرگ عمر رسيده ماڻهوءَ کي ڏسي کيس عام ماڻهوءَ جيان سمجهندا آهيون ۽ وري جڏهن ساڻس ڪچهري ڪندا آهيون ته سندس شعور، عقلمندي ۽ ذِهانت اچرج ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. انهيءَ ڪان پوءِ اهو احساس ٿيندو آهي ته هي عام سادو ماڻهو پنهنجي اندر ڄاڻ جو هيڏو وڏو ساگر سَمايون وينو آهي. ساڻس ڪچهري ڪرڻ به پنهنجي لاءِ غنيمت سمجهندا آهيون ۽ دل چوندي آهي ته جيڪر ساڻس وري وري مِلي اهي مَوتي حاصل ڪري قلمبند ڪري ايندڙ نسل لاءِ به محفوظ ڪري رکجن. بلڪل اهڙي طرح سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب لاءِ ان وقت منهنجي به ساڳي سوچ هوندي آهي ته جيڪر سندس ڪچهريءَ ۾ ٻڌايل هَهڙا دليل ۽ حوالا به رقم ڪري محفوظ ڪجن. سائين پروفيسر صاحب ادب جي معلومات جو ساگر پنهنجي سِيني منجهه سَمايو وينو هوندو آهي. پاڻ جڏهن تاريخ جي موضوع تي ڳالهائڻ شروع ڪري، اسلام جي تاريخ، سيرت رسول ﷺ يا سنڌي ادب ۽ هند سنڌ جي تاريخ تي ڳالهائڻ شروع ڪري ته چڱا چڱا اهل علم خاموش ٿي کيس ٻڌندا ته آهن پر انهيءَ سان گڏ سندس علمي ذخيري جا مُعترف پڻ ٻڌجندا آهن.

پروفيسر عبيدالله لاکير پنهنجي زندگيءَ کي شروع کان ئي ڏاڍو مصروف رکيو آهي. پاڻ فضول ويهي وقت وڃائڻ کي ڏوهه سمجهندو آهي. پاڻ ڪتاب پڙهڻ جو شوق شروع کان ئي جاري رکيون پيو اچي. جڏهن کيس ڪو ڪتاب ملندو آهي ته جيسيتائين پاڻ ان کي پڙهي پورو نه ڪري تيسيتائين کيس سُڪون ناهي ملندو. اڄ به سائين خاص موضوعات تي مبني ڪتاب اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچي وغيره مان آن لائن پوسٽ يا ٽي سي ايس وغيره ذريعي گهرائيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان جڏهن سائين سان گڏ سندس آفيس ۾ وينا هوندا آهيون ته پاڻ ڏاڍي خوشي ۽ پابوهه

منجهان اسان کي آن لائن آيل ڪتاب ڏيکاريندو آهي. سائين پروفيسر صاحب ڪتابن سان عشق رکي ٿو. سندس آفيس اسان دوستن جي لاءِ بينڪ هجڻ سان گڏ گهڻو ڪجهه سِکڻ جي درسگاهه پڻ آهي. پاڻ ڪاليج جو منتظم هجڻ سان گڏ ۽ اڪثر پنهنجي کيسي منجهان خرچ ڪري ڪاليج جي ضرورت جون شيون وٺي ڏيندو آهي. انهيءَ ۾ ڪڏهن ڪاليج جي بجيٽ هجڻ يا نه هجڻ طرف ڌيان ئي نه ڏنو اٿائين. ڪاليج کي پنهنجو ذاتي گهر ۽ انهيءَ ۾ پڙهندڙ هر شاگرد کي پنهنجو اولاد سمجهي انهن جي لاءِ آساني پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. هڪ دفعي سائين جي ميهڙ واري آفيس جو پرنٽر خراب ٿي پيو هو. اتفاق سان انهيءَ وقت ڪاليج جا به پرنٽر جيڪي وڏي سائيز جا هئا سي به نهرائڻ لاءِ ميهڙ منجهه مِستري وٽ رکيل هئا. جڏهن اهي ڪجهي سائين جي آفيس ۾ آيا ۽ انهيءَ وقت سائين کي پنهنجي لاءِ ذاتي ڪجهه پنا پرنٽ ڪرائڻا هئا. ميهڙ واري آفيس جو پرنٽر خراب هجڻ سبب مون کي چيائين ته سائين هي پيپر مون کي پرنٽ ڪرائي ڏيو. مون جڏهن سندس انهيءَ آفيس ۾ ڪاليج جا اهي به پرنٽر رکيل ڏٺا ته سائين پروفيسر صاحب کان پڇيو ته سائين هي خراب آهن ڇا؟ منهنجي استفسار تي سائين وراڻيو ته هي بئي خراب هئا. اهي نهرايا آهن. هاڻي ڪاليج موڪليندس. مون کي اهو موقعو هو سو مون سائين کي عرض رکيو ته سائين پوءِ مان هي اوهان جا گهربل پنا پرنٽر هلائي پرنٽ ڪري وٺان. منهنجي ڳالهه جو مطلب سمجهندي سائين پروفيسر صاحب چهري تي ناگواريءَ وارو تاثر آڻي مون کي سختيءَ سان منع ڪئي. چيائين ته بابا هي ڪاليج جي مِلڪيت آهي ۽ هي پنا منهنجي ذاتي استعمال جا آهن. انهيءَ ڪري ڪاليج جي شيءِ کي پنهنجي ذاتي ڪم لاءِ استعمال ڪرڻ مون کي مناسب نه ٿو لڳي ۽ نه ئي مان انهيءَ لاءِ تو کي اجازت ڏيندس. الله اڪبر! انهيءَ وقت مون کي ڪجهه ايماندار شخصيتن جا عمل منهنجي ذهن جي تصور تي تري آيا. ڪڏهن پڙهيو ۽ ٻڌو ته فلاڻي جج صاحب پنهنجي رٽائرمينٽ وقت چيو ته منهنجي پَين منجهان هيءَ مَسُ ڪڍي ڪورٽ جي مَسُ ڪُپڙي ۾ وجهو. پَين منهنجي ذاتي آهي پر مَسُ ڪورٽ جي آهي.

جڏهن ڊيوٽي تي هيس ته ڪورٽ جي ڪم لاءِ هِيءَ مَسُ استعمال ڪندو هئس. هاڻي جڏهن مان هن ڪورٽ منجهان هميشه وڃان پيو ته هن پَين ۾ پيل مَسُ ڪورٽ جي امانت آهي. انهيءَ ڪري ان جو ذاتي استعمال مون لاءِ جائز ناهي. اهڙي طرح حضرت فاروق اعظم عمر بن خطابؓ جو مشهور قصو آهي ته پاڻ بيت المال جو ڪو ڪم ڪري رهيا هئا. انهيءَ دوران حضرت علي ڪرم الله وجهه وٽن آيا. فاروق اعظمؓ استفسار ڪيو ته بيت المال جي ڪم سان اچڻ ٿيو آهي يا مون منجهه ڪو ذاتي ڪم آهي. پاڻ فرمايائون ته اوهان سان منهنجو ذاتي ڪم آهي. اها ڳالهه ٻڌي فاروق اعظمؓ هڪ ڏيئو وسائي ٻيو ٻاريو. حضرت علي ڪرم الله وجهه مطلوبه ڳالهه ڪان بعد حضرت فاروق اعظمؓ ڪان پڇيو ته توهان هڪ ڏيئو وسائي وري ٻيو ٻاريو! ان جي وجه ڪهڙي آهي؟ حضرت فاروق اعظمؓ جواب ڏنو ته مان پهريان بيت المال جو ڪم ڪري رهيو هئس ۽ هي ڏيئو بيت المال جي امانت آهي. توهان جڏهن مون وٽ آيا ته انهيءَ مهل مون اهو ٿي سوچيو ته ذاتي ڪم لاءِ بيت المال جو ڏيئو استعمال ڪرڻ جائز ناهي. انهيءَ ڪري بيت المال جو ڏيئو وسائي ٻيو پنهنجو ذاتي ڏيئو ٻاريم. اسان جي ميهڙ جو عظيم استاد، سنڌ ۽ ٻين صوبن ۽ مُلڪن ۾ علم تجويد کي عام ڪرڻ وارو حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب به جڏهن ميهڙ وارو مدرسو ڇڏي سعودي عرب وڃي رهيو هو ته جڏهن مدرسي ڪان ٻاهر نڪتو ته اچانڪ سندس نظر پنهنجي کيسي تي پيئي ته هڪ پين تي نظر پيس. يڪدم اها ڪڍي مدرسي جي هڪ استاد کي ڏنائين ته ادا هي پَين مدرسي جي آهي هن سان مدرسي جو ڪم ڪندو هيس. هاڻي جڏهن مدرسي ڪان ٻاهر پنهنجي ڪم لاءِ وڃان پيو ته هن جو استعمال ڪرڻ منهنجي لاءِ جائز ناهي. انهيءَ ڪري هيءَ پَين مدرسي ۾ رکجو. سائين عبيدالله لاڪير صاحب جي ايمانداري ڏسي پنهنجي اسلاف ۽ اڪابر جي سوچ ۽ ڪردار جو عَڪس مَنجهس نظر آيم. انهيءَ وقت ڪيس دل سان سلام پيش ڪيم ۽ دل منجهان اها ٿي دعا نڪتي ته: يا الله! سائين عبيدالله جي زندگي، علم ۽ عمل ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ سندس سايو اسان مٿان تادير قائم رک.

انسانيت جو اُنس

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب کي الله رب العزت تمام گهڻي عزت عطا فرمائي آهي. سندس عزت ۽ احترام ڪرڻ وارن جي به هڪ ڊگهي فهرست آهي. ماڻهو سائين سان دلي عقيدت ۽ محبت رکن ٿا. جڏهن ڪانئس اهڙي وڏي پوسٽ تي رهندي به ملڪيت نه ڏارڻ جي شڪوه ڪيم ته پاڻ چوڻ لڳو ته بابا ٻُڌ! جڏهن هي زندگي عارضي آهي، هتي رهڻ تمام ٿورڙو آهي. ان جي مقابلي ۾ آخرت جي زندگي ابدي آهي. اتي جي ڪاميابي ئي اصل ڪاميابي ۽ اتي جي ناڪامي ئي اصل ناڪامي آهي. هن ڪجهه وقتي زندگيءَ جي خاطر آخرت جي نه ختم ٿيڻ واري زندگي قربان ڪرڻ ڪٿان جي دانشمندي ۽ عقلمندي چئبي؟ مون ڪوشش ڪئي آهي ته پنهنجي طرفان جيتري مُمڪن هجي ۽ برداشت ڪرڻ جوڳي هجي ته قرباني ڏيان. منهنجي ڪري اگر ڪنهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪا ٿورڙي به آساني پيدا ٿئي ٿي يا منهنجي ڪري ڪنهن ماڻهوءَ جي پريشانيءَ ۾ ڪا گهٽتائي اچي ٿي ته اها هڪ وڏي سعادت سمجهان ٿو. دنيا جي لالچ ڪبي ته ان جي ڏٻڻ ۾ ڦاسندو وڃبو، پر اگر انهيءَ ڏٻڻ کان ڪنارو ڪري لنگهبو ته اميد آهي ته ڪا پريشاني پيش نه ايندي. مون هميشه پنهنجي ماروئڙن جي پنهنجي وِت ۽ وَسَ آهر خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ کان بعد منهنجو ضمير مطمئن ۽ پر سُڪون آهي. الحمدالله ڪڏهن ڪنهن سان هروڀرو بي واجبي نه ڪئي هوندم، ڪڏهن ڪنهن سان ناحق اڳرائي ڪرڻ جو تصور به نه ڪيو هوندم، ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي حق ڪائڻ جو سوچيو به نه هوندم ۽ نه ئي وري ڪڏهن ڪنهن جي دل آزاري ڪري بعد جي پشيماني ڪنئي اٿم. انهيءَ ڪري الحمدالله پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن آهيان ۽ پنهنجي گذاريل زندگيءَ تي پشيمان ناهيان. پنهنجي ضمير کي هميشه زنده رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. اڄ منهنجو ضمير بلڪل مطمئن آهي ته مون ڪڏهن ڪنهن جو حق بي واجبي ناهي کاڌو، ڪنهن جي دل آزاري ڪري پٺون ۽ پاراتا ناهن ڪنيا، ڪنهن ماڻهوءَ

ڪي نڳيو يا ڏوکو ناهي ڏنو. اميد آهي تہ موت تائين منهنجي ڪري ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڳوڙها نہ هوندا، بلڪ اها ئي اميد اٿم تہ مون لاءِ ماڻهن جي اکين ۾ آب هوندو. مون هيئنر تائين دلين کي کٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن ماڻهو دل سان مون کي عزت ڏين ٿا ۽ بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي مون سان محبت ڪن ٿا تہ اهو ڏسي خوش ٿيندو آهيان ۽ انهيءَ کي پنهنجي لاءِ وڏي ڪاميابي مڃان ٿو.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير واقعي اهڙيون انيڪ دليون پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار سان مَوهي وِڌيون آهن. سندس ڪردار ۽ اخلاق تي قاضي عارف جي محترم مِهمان مهيسر طرفان لکيل مَنقبت پيش خدمت آهي:

اهي سڀ فضيلتون آهن هن جوان ۾،
جيڪي هُنُڻ ڪپنديون آهن ڪنهن انسان ۾،
کلڻو بہ آ، ملڻو بہ آ، هر دم هي مَسرور آ،
عبيدالله صاحب عظيم ماڻهو ڪاليج ۾ مشهور آ،
ادب شناس، اديبن جو آهي قدردان،
محبت وارو ڏاڍو منڙو ماڻهو آهه مَهان،
صورت سيرت ۾ آهي، پنهنجو مٽ پاڻ،
ڪاليج اندر سڀ کان بهتر رکندو آهي ڄاڻ،
طلبہ، طالبات، اساتذه لاءِ آهي مهربان،
هر ڪو چوي ٿو، سائين آهي ماڻهو عاليشان،
سيئي صلاحيتون صاحب ۾ آهن مخلصانہ،
طبيعت لاکير صاحب جي آ سڀ کان جداگانہ،
سدائين سکيو ۽ ستابو رهيو،
هر فڪر و غم کان آجو رهيو،
مالڪ در "مِهمان" جي آهي التجا،
حياتي وڏي ڪيس ڏيندو خدا.

انسان کي هن دنيا ۾ عارضي طور رهڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. هيءَ دنيا امتحان گاهه آهي. انسان کي هيءَ زندگي عطا ڪري مٿس

ڪجھ ذميواريون وِڌيون ويون آهن. انسان جڏهن هن دنيا منجھ پيدا ٿيندو آهي تہ هو زنده رهڻ جي لاءِ بہ ٻين انسانن جو محتاج هوندو آهي. کيس کائڻ، پيئڻ ۽ پائڻ لاءِ بہ ٻئي انسان جي محتاجي هوندي آهي تہ وري گرمي سردي کان بچڻ جي لاءِ بہ ٻئي انسان جو محتاج هوندو آهي. انسان کي ان وقت مُحافظ جي سخت ضرورت هوندي آهي. ان سمورين ذميوارين کي پورو ڪرڻ وارا ماءُ، پيءُ، وڏي ڀيڻ، وڏو ڀاءُ، ماما، چاچا، ماسِيون، پڦيون ۽ ٻيا قريبي رشتيدار شامل آهن. جيئن جيئن هو وڏو ٿيندو آهي تيئن تيئن ان محتاجي ۾ گهٽتائي ايندي رهندي آهي. اهو وقت بہ ايندو آهي جڏهن هو ڦڙتيلو جوان ٿي جبل سان مُهاڏو اٽڪائڻ لاءِ سِينو تاڻي بيهندو آهي. ان وقت هو ڪافي محتاجين کان بچيل هوندو آهي. جوڀن ۽ جواني جي جذبي ۾ ايترو تہ مَگن هوندو آهي جو کيس ٻئي تي اکِ ئي نہ بَڏندي آهي. ڪنهن بہ انسان کي پنهنجو مَٽُ يا ثانِي ناهي سمجهندو. "هَلَ مِنَ بَارِز" جا هَوڪا ڏيندو وَتندو آهي. اهو وقت بہ ٿوري دير بعد موڪلائي ويندو آهي. ان وقت جي موٽڻ سان ئي مٿس آهستي آهستي ذميوارين منجھ اضافو اچڻ شروع ٿيندو آهي. پھريان هن جون ذميواريون ٻين مٿان هُيون ۽ هاڻي هن مٿان ذميوارين جا بار پوڻ شروع ٿيندا آهن. پوءِ اهو وقت بہ اچي ويندو آهي جڏهن مٿس ذميوارين جا انبار پئجي ويندا آهن. انهن ذميوارين کي احسن طريقي سان نڀائڻ هر ڪنهن انسان جي وَسَ جي ڳالھ ناهي هوندي. ڪي ويچارا تڙپي لُڇي بہ پنهنجين انهن ذميوارين کي نِڀائڻ جا جتن ڪندا رهندا آهن تہ وري ڪي پاڻ کي ٽڪائي ان فرض کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪي ويچارا انهن ذميوارين کي پورو ڪندي پنهنجا پساهہ پورا ڪندا آهن. ڪي انسان اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي انهن ذميوارين کان پنهنجي جند ڇڏائڻ جي چڪر ۾ هوندا آهن تہ وري ڪي انهن ذميوارين کي نِڀائڻ کان بالڪل نابري واري ويهندا آهن. جيئڻ جا جتن هر ڪو ڪري ٿو. ڪو روئي زندگي گذاري ٿو تہ ڪو تڙپي لڇي جيئڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪو حرام ڪارين مان ڪمائڻ جي چڪر ۾ پنهنجي عاقِبت خراب ڪري ويهي ٿو تہ وري ڪو حرام طريقي سان حاصل ڪيل ملڪِيت عياشين ۾

أڏائي ٿو. ڪو صرف پنهنجي لاءِ جيئي ٿو تہ وري ڪو ٻين جي خوشين جو سامان ڪرڻ جي ڌُن ۾ مَست رهي ٿو. تو دنيا جي عارضي زندگيءَ ۾ جنت جا مزا ماڻڻ چاهي ٿو تہ وري ڪو هت ڏکيائيون ڏسي آخرت ۾ جنت جي اميد لڳائي ٿو. مطلب تہ هر ڪنهن انسان جي جيئڻ جو الڳ الڳ رنگ ۽ ڍنگ آهي. ڪنهن شاعر سچ چيو آهي تہ:

ڪو گناهن کي ٿو ڳولهي،
ڪنهن کي ثواب ويني ملي ٿا وڃن،
ڪو ڪنهن سان ڪري حجاب ٿو،
ڪنهن جا ڪنهن اڳيان ڪلي نقاب ٿا وڃن.

يعني انسان هن زندگيءَ کي پنهنجي مَنشا موجب گذاري پنهنجي هن حياتيءَ کي خوشگوار گذارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن دنيا ۾ درد، سُور، صدما ۽ سُهوبتون سَهڻ ئي زندگي آهي. اسان جي آقا امام الانبياءِ خاتم النبيين محمد مصطفىٰ احمد مجتبىٰ ﷺ جن فرمايو: الدُّنْيَا سِجْنُ الْمُؤْمِنِ وَجَنَّةُ الْكَافِرِ۔[1]

ترجمو: دنيا مؤمن جو قيد خانو (جيل) ۽ ڪافر جي جنت آهي.

هن دنيا ۾ مؤمن کي تڪليفون سَهڻ يا مشڪلاتن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي. هيءَ دنيا هڪ مسافر خانو آهي. هن دنيا ۾ ڪجهہ عرصو ئي رهڻو آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو: كُنْ فِي الدُّنْيَا كَأَنَّكَ غَرِيبٌ ، أَوْ عَابِرُ سَبِيلٍ۔[2]

ترجمو: دنيا ۾ اهڙي طرح ٿي جڻ تون مسافر يا رستي ويندڙ هجين.

جڏهن هن دنيا رهڻو ئي تمام ٿورڙي وقت جي لاءِ آهي، اڳتي

---

1. مسلم، ابوالحسن بن الحجاج بن مسلم بن ورد قشيري نيشاپوري، صحيح مسلم، جلد 6، ڪتاب: زهد ۽ رقت انگيز ڳالهيون، باب: دنيا مؤمن جي لاءِ قيد خانو ۽ ڪافر لاءِ جنت آهي، حديث نمبر .7417

2. بخاري، امام ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بن ابراهيم بن مغيره بن بردزبہ الجعفي البخاري، جلد 7، ڪتاب: دل کي نرم ڪرڻ وارين ڳالهين جي بيان ۾، باب: رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو فرمان تہ دنيا ۾ ايئن زندگي گذاريو جيئن توهان مسافر هجو يا عارضي طور تي ڪنهن رستي سان ويندڙ هجو، حديث نمبر .6416

لامُتناهي زندگي آهي. جيئن الله رب العزت ازلي ۽ ابدي آهي. سندس نہ ڪا ابتدا آهي ۽ نہ ئي سندس ڪا انتها ئي آهي. بلڪل ايئن انسان کي بہ هن دنيا ۾ عارضي وقت لاءِ موڪليو ويو آهي. هن دنيا کان بعد جڏهن انسان عالم مَحشر ۾ پهچندو تہ الله رب العزت پنهنجي هڪ صِفت کيس عطا ڪندو. يعني سندس زندگي بہ ابدي ٿي ويندي. کيس ڪڏهن بہ موت نہ ايندو. علماءِ ڪرام لکن ٿا تہ جڏهن جنتي جنت منجهہ پيو مزا ماڻيندو ۽ دوزخي دوزخ ۾ پيو سزا ڪائيندو. اگر ان وقت کين اهو چيو وڃي تہ هن زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪا وٿي آهي (زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ 500 نوري سال 500 Light years آهي، جڏهن تہ اهو معلوم آهي تہ روشني هڪ سيڪنڊ ۾ ڌرتيءَ جا ڇهہ چڪر لڳائي سگهي ٿي تہ پنج سؤ سالن ۾ روشني ڪيترو مفاصلو طئي ڪندي. ان ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي سوچجي) ان وِٿي کي وَاريءَ جي ذرڙن سان ڀري ڇڏجي. سؤ سالن کان بعد هڪ پکي اچي ۽ اهو صرف واري جو هڪ ئِي ذرو کڻي هليو وڃي. وري سؤ سالن کان بعد اچي ٻيو ذرو کڻي. اهڙي طرح جڏهن زمين ۽ آسمان جي وچ واري پريل وٿي ۾ موجود واريءَ جو آخري ذرو اهو پکي کڻي تہ پوءِ جنت وارن ۽ دوزخ وارن کي موت ايندو. اگر جنت ۽ جهنم وارن کي ايئن چيو وڃي تہ جنت وارن جون سڀ خوشيون ڪافور ٿي وينديون، هر لذت بي ذائقہ ٿي ويندي ۽ کين جنت بہ نہ وڻندي. وري دوزخ وارن جي خوشيءَ جي انتها نہ رهندي. جنت وارن کي وري موت اچڻ کان پوءِ نعمتن جي کسجڻ جو غم هوندو ۽ دوزخ وارن کي دردناڪ تڪليف مان نجات ملڻ جي خوشي هوندي. مگر ايئن ٿيڻو هرگز هرگز ناهي. جنت جي يا جهنم جي زندگي ابدي آهي. اتي موت کي خود ماريو ويندو. هميشہ هميشہ جي زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ وقتي زندگيءَ کي ذريعو بڻائجي. علماء ڪرام اهو بہ ٻڌائن ٿا تہ اگر ڪنهن انسان کي حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي قيامت تائين جي زندگي عطا ڪئي وڃي. کيس هر قسم جي عياشي مُيسر هجي، پوري دنيا تي حڪومت بہ حاصل هجيس، مگر قيامت ۾ سندس لاءِ جهنم جو فيصلو ٿيو تہ گويا هن ڪو بہ مزو نہ ماڻيو. ان جي برعڪس اگر ٻيو

شخص اهڙو هجي جنهن جون ٻئي ڄنگهون، ٻانهون، ڪَن ۽ نڪُ ڪَٽيا وڃن، سندس ٻئي اکيون ڪَڍيون وڃن، سندس زبان به ڪَٽي وڃي، ڪيس دنيا جي هر لذت کان محروم رکيو وڃي. ڪيس حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي قيامت تائين جي زندگي عطا ڪئي وڃي ۽ هو هر هڪ شيءِ لاءِ تڙپندو لُڇندو رهي پر ڪيس ڪجھ به مُيسر نه ٿئي. پر اگر آخرت ۾ ڪيس جنت انعام ۾ ملي ته ڄڻ هن ڪا ڏکيائي ڏٺي ئي ڪانہ. ڪائنس هر غم وسري ويندو. ايئن ڪرڻ عقلمنديءَ جي نشاني هرگز ناهي ته وقتي زندگيءَ ۾ عياشيون ڪري، ٻين کي آزاري، ڌوڪا، فريب، ٺڳيون ڪري، حرام طريقي سان مال ڪمائي پنهنجي هميشگيءَ واري زندگيءَ کي تباه و برباد ڪري ويهجي. اڳتي جي ابدي زندگيءَ کي هِن دنياوي زندگي جي بدلي قربان ڪرڻ بي وقوفي آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي عاقبت کي سامهون رکي هن زندگيءَ منجھ ڪجھ ڪمائڻ جو خواهان آهي. پاڻ هر قيمت تي آخرت ۾ ڪامياب و ڪامران ٿيڻ جا جتن ڪندو رهي ٿو. پاڻ نهايت سادگي پسند انسان آهي. سندس سادگي منجهان ڪي ناجائز فائدا پڻ وٺن ٿا. ڪي وري سندس رحمدل طبيعت کي سندس ڇريائي سمجهندا آهن. هوئنن به مُخلص انسان ٻين جي نظر ۾ ڇريو ۽ بيوقوف هوندو آهي. اهڙن مُخلص ماڻهن کي جيڪي اڻوجھ سمجهي ڌوڪو ڏئي خوش ٿيندا آهن ته اسان پنهنجي عقل سان ڪيس بي وقوف بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. اهي ڇريا پاڻ اها ڳالھ هرگز نه سمجهندا آهن ته اڳلو ماڻهو سمجهي سڀ ڪجھ ٿو مگر پنهنجي خلوص جي ڪري هي سڀ ناجائزيون برداشت ڪري ٿو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير به سمجهندو سڀ ڪجھ آهي مگر پنهنجي طبيعت جي سادگي ۽ خلوص جي ڪري ڪُڇندو ڪجھ به ناهي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي دل جون اهڙيون ڳالهيون ڪندو رهندو آهي ته ادا بس ڇا ڪريان؟ سمجهان سڀ ٿو پر درگذر ڪريان ٿو ته جيئن اڳتي معاملو خراب نه ٿئي، ڪنهن جي مون طرفان دل آزاري نه ٿئي. هر ڪنهن جي سوچ جو پنهنجو پنهنجو زاويو آهي.

سماجي خدمتون

ابتدائي دور کان ئي سماجي جذبو

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي شخصيت ۾ ننڍپڻ کان ئي سماجي خدمت جي شمع روشن رهي آهي. ڪيس ناناڻي ۽ ڏاڏاڻي خاندان طرفان به اهڙي ئي تربيت ملي. شاگرديءَ جي دور کان وٺي، هو هميشہ معاشري جي مَحروم، وِساريل ۽ مُحتاج ماڻهن لاءِ سوچيندو رهيو. هو پنهنجي هم عمر ڇوڪرن کي پڙهڻ لاءِ اُتساهيندو، اسڪولن ۾ صفائيءَ جي مُهمن ۾ حصو وٺندو ۽ بيمارن لاءِ چندو گڏ ڪري اسپتالن تائين رسائيءَ ۾ مدد ڪندو رهيو. اهو ئي جذبون وقت سان گڏ پختو ٿيندو ويو ۽ پوءِ سندس شعور، تعليم، تجربو ۽ اثرائتي شخصيت هن جذبي کي باقاعده تنظيم، مُهم ۽ مُسلسل خدمتي تحريڪ ۾ بدلائي ڇڏيو.

سماجي تنظيم جو بنياد: مقصد، مشن ۽ جدوجهد

سندس قائم ڪيل سماجي تنظيم جو بنيادي مقصد ”سماجي سُجاڳي، تعليم جي واڌاري، صحت جي سَهولتن تائين رسائي ۽ انساني وقار جي تحفظ“ تي ٻَڌل آهي. هو تنظيم جي پليٽ فارم تان بي شمار منصوبا هلائي چڪو آهي، جن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿا:

تعليم لاءِ جدوجهد، غريب ۽ يتيم شاگردن لاءِ فِيس، ڪتاب، يونيفارم ۽ اسڪالرشپس، نِياڻين جي تعليم لاءِ خاص مُهم، والدين سان مُلاقاتون، سرڪاري اسڪولن جي بحالي ۽ سُڌاري ۾ عَملي مدد، طبي ڪئمپن جو بندوبست، ٻارن لاءِ حفاظتي ويڪسين مُهم، عورتن جي صحت بابت آگاهي مُهم، ماهر ڊاڪٽرن جي ذريعي سيمينار، بلڊ ڊونيشن ڊرائيوز، خاص طور تي ٿيلسيميا ۽ ايمرجنسي لاءِ، ڪميونٽي سروس، رمضان ۾ راشن، عيد تي ڪپڙا، سِياري ۾ گرم لباس، مَعذورن لاءِ ويل چيئرز ۽ سماجي مُشاورت، ٻَوڏ، وبائن ۽ لاڪ ڊائون جي دور ۾ بي مثال رليف آپريشن، نياڻين جي شادين لاءِ امداد ۽ سامان، ثقافتي تقريبن، ڪتابي ميلن ۽ مَڪامي ڪتاب گهرن لاءِ تعميراتي مدد ۽ ٻين ادارن ۽ تنظيمن سان

رابطه وغيره شامل آهن.

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو ڪردار صرف مقامي سطح تائين محدود ناهي، پر هو ضلعي، صوبي ۽ ملڪي سطح تي به مختلف ادارن، نجي تنظيمن (NGOs) ۽ حڪومتي شعبي سان رابطو رکي ڪري گڏيل سماجي ڪم سرانجام ڏيندو رهيو آهي. سندس سيني سان شفقت ڀريو رابطو، واضع خيال ۽ مُثبت رَوَيَو انهن ادارن سان ڀرپور سَهڪار جي فضا قائم رکندو آيو آهي. ڪيترن ئي ادارن هن جي تجويزن کي اپنائي پنهنجي پاليسين جو حصو بڻايو آهي.

انساني وقار جي بحاليءَ لاءِ مسلسل ڪوشش

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو يقين آهي ته ڪنهن به سماجي خدمت جو اصل روح "انسان کي عزت سان جيئڻ جو حق مُهيا ڪرڻ" آهي. تنهن ڪري پاڻ خدمت ۾ ڪڏهن به تڪلُف، نمائش يا تصويري مُهم کي گهڻو پسند نه ڪيو اٿائين. سندس مدد هميشه بي آواز، پر اثرائتي هوندي آهي.

سماجي اصلاح لاءِ علمي اڳواٽي

پروفيسر عبيدالله لاکيرصاحب جي خدمت جو هڪ نئون رُخ اهو به آهي ته هو سماج ۾ سوچ جي تبديلي آڻڻ لاءِ علمي ليڪچرن، تربيتن ۽ لکڻين ذريعي ماڻهن جي ذهنن تائين رسائي حاصل ڪري ٿو. ڪيترن ئي علائقن ۾ هن ماڻهن کي مُنظم ڪري، تعليمي اڻ ڏٺل اهميت بابت شعور ڏئي، انهن جي سوچ بدلائي آهي. هن جي ڪيل مَجلسن، ليڪچررن ۽ گفتگوءَ جو مَحور سدائين اخلاص، انسانيت، ڀائيچاري ۽ انفراديت کان بالاتر قومي سوچ رهي آهي.

ڳوٺ سڌار سنگت ڳوٺ بخش لاکير

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي زندگي جو هڪ غير معمولي ۽ شاندار پهلو سندس سماجي خدمت آهي، جيڪا هن بغير ڪنهن سياسي يا ذاتِي مَفاد جي ڪئي آهي. پاڻ نه صرف علمي ۽ تدريسي شعبي جو انسان آهي، پر سماج جي سچي خدمتگاريءَ جي جذبي سان سرشار هڪ باضمير، حساس ۽ فعال انسان به آهي، جنهن

پنهنجي ذات، وقت، علم، وَسِيلن ۽ زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي سماج جي ترقيءَ، سُڌاري ۽ ڀلائي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. سائين تمام گهڻو سَخِي ۽ مِهمان نواز رهيو آهي. پاڻ پنهنجن مِهمانن، دوستن ۽ هر ضرورت مند کان پنهنجي وَسِيلن کي ڪڏهن به بچائي ناهي رکندو. دل کولي مدد ڪرڻ ۽ سماج جي مَسئلن ۾ اڳڀرو رهڻ سندس فطرت ۾ شامل آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر طبقي جا ماڻهو سندس عزت ڪندا آهن ۽ سندس صلاح مَشوري کي اهميت ڏين ٿا. سماجي خدمتن ۾ سندس دلچسپي صرف لفظن تائين محدود ناهي، پر عمل سان ثابت ٿيل آهي. ڪيترن ئي سماجي ادارن ۽ تنظيمن ۾ سندس ڪردار نمايان رهيو آهي، جتي پاڻ پنهنجو وقت، وَسِيلو ۽ توانائي ڏيندي سماجي تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. پاڻ هميشه عوام جي بنيادي ضرورتن، انساني حقن ۽ سماجي ناانصافين جي خلاف آواز اٿاريندو رهيو آهي. سندس خدمتون هڪ عام مددگار جي نه، پر سماج جي مڪمل تبديليءَ لاءِ ڪم ڪندڙ فڪري رهنما جي حيثيت رکن ٿيون. پاڻ مختلف وقتن تي اهڙن علائقن جو دورو ڪندو رهيو آهي، جتي ماڻهو بنيادي سَهولتن کان محروم رهيا. صحت، تعليم، پاڻي، ماحولياتي صفائي، غذائي کوٽ ۽ عورتن جي حمايت جهڙن مسئلن تي پاڻ نه صرف ليڪچررن، سيمينارن ۽ مضمونن ذريعي آگاهي پيدا ڪندو رهيو، پر ذاتي طور تي مالي مدد، دوا، ڪتابن ۽ تنظيم سازي ذريعي به اڳڀرو رهيو. سندس هي سماجي لاڙو، انساني همدرديءَ جو اعلىٰ مثال آهي. پاڻ قرآن جي ان فرمان تي يقين رکندڙ آهي:

"وَتَعَاوَنُوا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوَىٰ[1]"

ترجمو: "نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪيو".

اها سن 1984ع جي شروعات هئي جڏهن سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ گريجوئيشن ۾ داخلا وٺي پنهنجي تعليم جاري رکي. پڙهائي دوران هڪ ڏينهن سندس استاد خان محمد پنهور (جيڪو ڳوٺ سڌار سنگت تنظيم جو

1. المائدة، آيت 2

صوبائي صدر ۽ ماس ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين هو) ڪانئس اهو پڇيو تہ بابا ڏي حال احوال؟ پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي ابوجهہ عوام جي اصلاح ۽ فلاح لاءِ ڪو ڪم ڪار بہ ڪريو پيا يا ڪو پروگرام سوچيو پيا؟ استاد محترم جي انهيءَ سوال تي سائين عبيدالله صاحب عرض ڪيو تہ سائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي حيثيت آهر هڪ ننڍڙي لائبريري (شاهہ لطيف پبلڪ لائبريري بخش لاڪير ميهڙ) جو قيام عمل ۾ آندو آهي، جتي تعليم جو شعور پيدا ڪرڻ ۽ تعليم ۾ ترقيءَ جي لاءِ سَهڪاري ڪتاب رکيا آهن. بس في الحال ايترو ئي ڪري سگهيو آهيان. اهو جواب ٻُڌي استاد محترم فرمايو تہ پٽ توهان پنهنجي ڳوٺ ۾ "ڳوٺ سڌار سنگت تنظيم" جو بنياد رکو. پوءِ انهيءَ تنظيم جي پليٽ فارم تان ڳوٺ وارن ۽ علائقي وارن جي مدد ڪرڻ شروع ڪريو. توهان شروعات ڪريو، ان شاءالله جلد هڪ قافلي جي صورتحال جڙي ويندي ۽ توهان پنهنجي علائقي جي عوام جي سٺي نموني خدمت ڪري سگهندا. انهيءَ ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي سائين عبيدالله لاڪير پنهنجي ڳوٺ بخش لاڪير يونين ڪائونسل شاهہ پنجو تعلقہ ميهڙ ۾ " ڳوٺ سڌار سنگت ڳوٺ بخش لاڪير" جو 1984ع ۾ ئي بنياد رکيو. انهيءَ تنظيم جو پهريون صدر سائين عبيدالله لاڪير صاحب ٿيو. سائين عبيدالله لاڪير پنهنجي هن تنظيم کي
(Voluntary Social Welfare Agencies (Registration and Control) Ordinance 1961)
تحت رجسٽريشن نمبر "DSW (Hyd) - 126" ۾ رجسٽر ڪرايو.

هن تنظيم جي طرفان ڳوٺ ۾ فلاحي ڪم ڪيا ويا. عيدگاهہ قائم ڪيو ويو، قبرستان جي سنڀال ڪئي وئي، عورتن لاءِ اسپتال قائم ڪئي وئي ۽ ٻيون لا تعداد فلاحي خدمتون سرانجام ڏنيون ويون جيڪي هاڻي تاريخ جو حصو آهن.

2002ع ۾ ضلعي ليول تي عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم (Society for People's Education and Environment Development) جو بنياد وڌو ۽ سوشل ويلفيئر ڪان رجسٽرڊ ڪرايو. اسپيڊ طرفان 2010ع جي سُپر فلڊ ۾ پروفيسر عبيدالله لاڪير ڏينهن رات

محنت ڪري عالمي ادارن کان مدد وٺي (Non Food Items NFI) تي ڪم ڪيو. سُپريو بند کان وٺي خيرپور ناٿن شاهہ ۽ ڪڇي ۾ 50 ٽرڪن کان مٿي سامان IOM جي مدد سان ورهايو. ڳوٺ بخش لاڪير ۾ قائم 800 گهرن جي ڪئمپ ۾ ورلڊ فوڊ آرگنائيزيشن/ گورک ويلفيئر دادو جي تعاون سان کاڌ خوراڪ جو سامان ۽ IOM جي تعاون سان ٽينٽ (خيما)، ٽانوَ ۽ ٻيو سامان فراهم ڪيو. ساڳيو عمل 2022ع جي مَها برسات ۽ ٻوڏ ۾ زور شور سان ڪيو ۽ سوين خاندانن تائين امداد پهچائي سرخرو ٿيو.

سنڌ سلامت فورم

پنهنجي علائقي ۽ پنهنجي عوام جي فلاح و بهبود جي لاءِ سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب پنهنجي دوستن سان گڏجي هڪ پليٽ فارم ناهيو. ان جو نالو سنڌ سلامت فورم رکيو ويو. هن فورم جو بنياد فيبروري 2012ع ۾ پيروز شاهہ ۾ عمومي باڊي چونڊي رکيو ويو. ان کان بعد مئي 2012ع ۾ ٻن سالن جي لاءِ هن فورم جي ساڳي باڊي کي برقرار رکندي جمهوري طريقي سان فورم جي عهديدارن کي ذميواريون ڏنيون ويون. هن فورم جي بنيادي باڊي هن ريت چونڊي وئي:

چيئرمين: ڊاڪٽر خادم حسين سومرو
وائيس چيئرمين: پروفيسر عبيدالله لاڪير
جنرل سيڪريٽري: شوڪت علي سهارڻ
جوائنٽ سيڪيٽري: نور محمد لاڪير
خزانچي: آفتاب احمد چنا
پريس سيڪريٽري: ارشاد علي سومرو
آفيس سيڪريٽري: سائين ممتاز علي لاڪير [1]

هن پليٽ فارم تان سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب پنهنجي دوستن ڊاڪٽر خادم حسين سومرو ۽ ٻين سان گڏجي پنهنجي علائقي جي عوام جي هر ممڪن مدد ڪري جاڳرتا پيدا

1. سنڌ سلامت فورم (سماجي جاڳرتا سرگرميون)، سنڌ سلامت فورم جو مختصر جائزو، ص 9، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.

ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اڳتي هلي ٻن سالن (2021، 2020) تائين سنڌ سلامت فورم جو چيئرمين بہ رهيو. هن فورم جي پليٽ فارم تان سائين عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي سنگت سان گڏجي جيڪي پروگرام ڪرايا انهن جي مختصر فهرست هن ريت آهي.

دستوري گڏجاڻيون 39، جنرل باڊي جون 13 گڏجاڻيون، مزدورن جو عالمي ڏهاڙو هر سال باقاعدگيءَ سان 11 ڀيرا، سنڌ بمبئي کان عليحدگيءَ جا پروگرام 2 ڀيرا، هڪ پروگرام استاد بخاريءَ جي باري ۾، ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جا پروگرام 3 ڀيرا، تعليم جي بهتري ۽ جاڳرتا متعلق پرائمري اسڪولن ۾ 12 پروگرام، ڏين پور ۾ انساني ترقيءَ جي جاڳرتا لاءِ ڳوناٽي سطح جو هڪ پروگرام، ڪتابن جا مهورتي پروگرام 4 ڀيرا، 4 ليڪچر پروگرام ۽ ان کان علاوه علائقي جي مختلف سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتن جون ورسيون، سالگراهون، عيد ملن پارٽيون، وٽڪاري مُهم ۽ آدمشماري لاءِ عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ، رهاڻيون، ثقافتي پروگرام، ريليون، ڌرڻا، ميڊيڪل ڪئمپون، مختلف راندين جا مقابلا منعقد ڪرائڻ ۽ ٻيا اهڙا سماجي ڪم ڪندو رهيو آهي. انهن پروگرامن ۾ مختلف ننڍا وڏا انعام، گفٽ ۽ تحفا بہ شامل ڪيا ويا تہ جيئن حوصلا افزائي ڪري سگهجي. انهن ۾ شاگردن لاءِ درسي ڪتاب، ادبي ڪتاب، پينيون، پينسلون، ربڙ، سانچا، ڊريسون، يونيفارم، اسڪولي بيگز، بوڪ، ڪپ، ميڊل، شيلڊون، استادن لاءِ ڪتاب، شيلڊون ۽ اهڙي قسم جون ننڍڙيون ننڍڙيون شيون اتساهہ پيدا ڪرڻ لاءِ ڏيندا رهيا .

سنڌ سلامت فورم جي خدمتن متعلق ڇپيل ڪتابچي ۾ لکيل پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جن جو پنهنجو مضمون جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو تہ جيئن ڪجهہ هن پليٽ فارم تان ڪيل خدمتن جو اندازو ٿي سگهي.

سنڌ سلامت فورم هڪ شعوري پليٽ فارم

سنڌ سلامت فورم هڪ غير سياسي، غير سرڪاري، غير مذهبي فورم آهي. جنهن جو مقصد سنڌ سڳوريءَ جي وسيلن، حقن،

شخصيتن، ادارن جي عزت افزائي ۽ واڌ ويجهہ متعلق جاڳرتا پهچائڻ آهي. هي هڪ ٿنڪ ٽئنڪ ٽائيپ فورم آهي. جنهن جو مقصد نوجوانن ۽ عام عوام ۾ شعور جي ڦهلاءَ ۽ سوچ جو دائرو لاءِ ڪم ڪرڻ آهي. مثال طور: محترم سائين الهہ رکيو ڳورڙ تعلقي ميهڙ سان تعلق رکندڙ دادو ضلعي جو وڏو تعليمي ماهر ۽ سماج سڌارڪ هو. جنهن جو سپروائيزري کان وٺي ضلعي تعليمي آفيسر (ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر) جي سفر ۾ هن علائقي جي ٻي لَوث خدمت ڪئي. اهڙي شخصيت جي وڇوڙي تي هاءِ اسڪول نمبر ون ميهڙ ۾ وَيهڪ ڪئي وئي. جنهن جي صدارت وري هڪ ٻئي تعليمي ماهر ۽ نالي واري آفيسر ۽ استاد محترم سائين سعد الله سومرو جن کان ڪرائي ويئي. هن پروگرام جو مقصد نوجوانن کي اهو پيغام ڏيڻ هو تہ جيڪي شخصيتون محنت ڪري اعلىٰ منصب تي پهچڻ کان پوءِ بہ قوم جي خدمت عبادت سمجهي ڪن ٿيون، انهن ڪردارن کي وسارڻ نہ گهرجي. اهڙي طريقي سان سُگهڙ ديدار سيال (مرحوم) لاءِ ويهڪ تہ جيئن سندس ڳوٺ وارن کي ديدار سيال جي شخصيت، سندس فن ۽ فڪر جي ڄاڻ پوي. هو بظاهر تہ انتهائي مِسڪين ماڻهو هو، جنهن جي تعليم بہ پوري ساري هئي پر هو علم، شعور ۽ ڏاهپ ۾ ڪيترو اُتم هو، ان جا لکيل چار ڪتاب شاعري ذريعي وڏو پيغام ڏين ٿا. اهڙي طرح سائين عبد الستار "عبد" مگسي سان گورنمينٽ هاءِ اسڪول شاهہ پنجو سلطان ۾ سندس شاعري جي ڪتاب "صحرا ۾ سچ" جي عاليشان مَهورت ڪرائي اهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ سائين عبد مگسي جيڪو نہ صرف بهترين شاعر پر بهترين استاد ۽ رهنما بہ رهيو، جنهن مون سميت ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا. هن جون خدمتون ياد ڪرڻ سان نوجوان پنهنجي اصل هِيرن کي سُڃاڻي سگهندا، اهو پيغام ڏيٺو هو. ان کان سواءِ مزدورن جو ڏهاڙو مَلهائڻ جو مقصد مزدورن جي حقن لاءِ بين الاقوامي سطح تي مزدورن جي حقن ۽ حالتن کي سمجهائڻ جي هڪ ڪوشش پئي ڪئي ويئي آهي. جنهن مزدور اڳواڻ ۽ پورهيت جي حقن لاءِ ڊائلاگ ڪرائي جاڳرتا ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هاءِ اسڪول شاهہ پنجو سلطان ۾

محترم محمد يوسف شيخ جيڪو ان وقت ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سکر هو، کان ليڪچر ڪرايو ويو. (ياد رهي ته محمد يوسف شيخ پروفيسر عبيدالله لاکير جو ميھڙ ڊگري ڪاليج ۾ شاگرد به رهيو آهي. انهيءَ ڪري نوجوانن جي اُتساھ لاءِ کيس ليڪچر ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي.) ليڪچر جو موضوع "اسان جو سماج ۽ نوجوانن جون ذميواريون" هو. هاڻي ان جو مقصد اهو هو ته جيڪي پڙهيل يا اڻ پڙهيل بيروزگاريءَ ۽ مايوسي جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل آهن کين همٿ ۽ حوصلو ڏئي جيئڻ جو گس ڏجي ته جيئن هو بيڪار ويهڻ کان ڪجھ ڪرڻ کي ترجيح ڏين ۽ پاڻ کي بيڪار سمجهڻ بجاءِ ڪارآمد سمجهن. محترم محمد يوسف شيخ CSS پاس هڪ انتهائي جاکوڙي ۽ برجستو آفيسر ثابت ٿيو. ان ڪري کيس مَدعو ڪري نوجوانن سان ڊائلاگ ڪرايو ويو. مقصد ته سنڌ سلامت فورم اهو سمجهي ٿو ته اسان جي سنڌ وسيلن ۽ اهليتن سان مالا مال پرڳڻو آهي، پر اسان جي لاعلمي اسان کي اوندھ ۾ اڇلايو ڇڏيو آهي، ان لاءِ فورم اها ڪوشش ڪري ٿو ته نه صرف سنڌ جي وسيلن، حقن ۽ شخصيتن کي اجاگر ڪجي، پر نوجوانن کي انهن جي نقش قدم تي هلي سنڌ جي بقا لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي. سنڌ سلامت تڏهن هوندي جڏهن اسان جو علم ۽ صحت سلامت هوندي. ان لاءِ فورم بهترين شاگردن، بهترين استادن کي به اهميت ڏيندو رهي ٿو. انهن کي ياد ڪرڻ اسان جو نصب العين پڻ آهي. هي مختصر ڪتابچو 2009ع کان سنڌ سلامت فورم جي ڪيل ڪوشش ۽ جدوجهد جو هڪ اُولڙو آهي. اسان ڪوشش ڪئي ته ان کي هڪ ڊاڪيومينٽ جي شڪل ۾ آڻيون، جنهن ۾ اسان ڪيترا ڪامياب ويا آهيون پڙهندڙ پنهنجي راءِ ڏيندا ۽ هن شعور جي ڦهلاءَ لاءِ ڪيل ڪوشش ۾ اسان جو ساٿ ڏيندا .

مان آخر ۾ پنهنجي ساٿين خاص طور ڊاڪٽر خادم حسين سومري جو جنهن هن فورم جو آئيڊيا يا خيال 2009ع ۾ سنگت آڏو پيش ڪيو ۽ اسان سڀ ساٿس ٻانهن ٻيلي ٿي ميدان ۾ لهي پياسين. سين کي مبارڪباد ڏيان ٿو ته سندس هي خيال هاڻي طاقتور تحريڪ جو رُخ اختيار ڪري چڪو آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ سماج ۾

مُثبت تبديلين ۾ هن فورم جو به ڪردار ڳڻيو ويندو.

سنڌ سلامت.......... ساٿ سلامت

پروفيسر عبيدالله لاکير

چيئرمئن

سنڌ سلامت فورم [1]

ڪانفرنس ۽ ورڪشاپس ۾ شرڪت

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي علمي، سماجي ۽ تنظيمي سرگرمين ۾ نه صرف سرگرم رهيو آهي، پر هميشه شاگردن، سماج ۽ قومي ترقي لاءِ اهڙا پروگرام چونڊيا جيڪي عملي اثر رکن. سندس شرڪت مختلف ڪانفرنسن، ورڪشاپن ۽ ٽريننگ پروگرامز ۾ سندس علمي ۽ عملي صلاحيتن جي عڪاسي ڪندي آهي. هنن شرڪت ڪيل پروگرامز ۾ موضوعات گهڻ رخي رهيا آهن، جن ۾ ڳوٺاڻن جي ترقي(Rural Development) ، سماجي خدمتون، عورتن جي سياسي شعور، انساني حقن جي فروغ، ماحولياتي تحفظ، قومي منصوبابندي، ڊيموڪريٽڪ ۽ شهري شعور ۽HIV/AIDS جي روڪٿام شامل آهن. اهي پروگرام عام طور تي قومي سطح تي پاليسي ناهڻ، مقامي سطح تي ترقياتي ڪم ۽ انساني ۽ سماجي شعور جي حوصله افزائي لاءِ منعقد ڪيا ويا.

1. Participated All Sindh Goth Sudhar Convention held at Naz Bagh, Qazi Ahmed District Nawabshah, organized by SGSS and Rural Development Foundation (RDF) Islamabad, in November 1987.

هن ڪانفرنس ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي سنڌ جي ڳوٺاڻن جي سماجي بهتري لاءِ ٿيندڙ ڪوششن کي گهرو سمجهڻ جو موقعو حاصل ڪيو. هي پروگرام خاص طور تي تعليم، صحت ۽ معاشي ترقي تي ڌيان ڏيڻ لاءِ ترتيب ڏنل هو. ڪانفرنس

1. سنڌ سلامت فورم (سماجي جاڳرتا سرگرميون)، سنڌ سلامت فورم جو مختصر جائزو، ص 17، 18، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.

دوران مقامي ماڻهن جي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ، ڳوٺاڻن لاءِ صحت جي سهولتن جي فراهمي ۽ عورتن ۽ ٻارن جي تعليم تي زور ڏنو ويو. پروفيسر لاکير شرڪت ڪندي مقامي مسئلن جو تجزيو ڪيو ۽ اين جي اوز ۽ مقامي تنظيمون ڪيئن گڏجي ڳوٺاڻن جي زندگي بهتر بڻائي سگهن ٿيون، اهو سکڻ ۾ حصو ورتو. هن شرڪت سان نہ صرف نظرياتي ڄاڻ ملي پر عملي طور تي مقامي سطح تي ترقياتي منصوبن جي عملدرآمد لاءِ نوان طريقا پڻ سمجهيا، جيڪي مستقبل ۾ ڳوٺاڻن جي زندگي تي مثبت اثر وجهي سگهن.

2. Participated Rural Development is key to National Development conference held at Hyderabad, organized by SGSS in 1988.

هيءَ ڪانفرنس قومي ترقي ۾ ڳوٺاڻن جي بهتري جي اهميت تي ڌيان ڏيڻ لاءِ منعقد ڪئي وئي هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي ڳوٺاڻن جي اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي ترقي لاءِ ٿيندڙ ڪوششن کي سمجهڻ جو موقعو حاصل ڪيو. پروگرام دوران زرعي ترقي، مقامي هُنرن جي فروغ ۽ روزگار جي موقعن تي بحث ڪيو ويو. هن شرڪت سان اهو سمجهڻ ۾ مدد ملي تہ ڪيئن مقامي ترقي قومي سطح تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي ۽ ڪيئن منصوبابندي، وسيلن جي مناسب استعمال ۽ ڪميونٽي جي شعور ۾ اضافي سان ملڪ جي مجموعي ترقي کي تيز ڪري سگهجي ٿو. هي پروگرام مقامي ليڊرن، اين جي اوز ۽ رياستي نمائندن کي گڏ آڻڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو.

3. Participated All Sindh Goth Sudhar Convention held at Gachero Old Moro on February, 1994.

هيءَ ڪانفرنس ڳوٺاڻن جي بهتري، تعليم، صحت ۽ سماجي شعور ۾ اضافي تي ڌيان ڏيڻ لاءِ منعقد ڪئي وئي هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي مقامي مسئلن تي تفصيلي تجزيو ڪيو، جهڙوڪ ٻارن جي تعليم ۾ گهٽتائي، عورتن جي حقن جي اهميت ۽ مقامي صحت جي سهولتن جي کوٽ. ڪانفرنس دوران مقامي ليڊرن ۽ اين جي اوز سان گڏجي منصوبابندي ڪرڻ جا طريقا سکيو، جيڪي مقامي سطح تي ترقياتي سرگرمين جي اثرن کي

وڌائي سگهن. هن شرڪت سان نہ صرف علمي پر عملي تجربو پڻ مليو، جنهن سان هو ايندڙ منصوبن ۽ پاليسين ۾ بهتري آڻڻ لاءِ بهتر فيصلو ڪرڻ جي قابل بڻيو.

4. Attended Aurat Foundations (AF) Political Education Programs (PEP) at Larkana from March, 1997 to April, 1998.

PEPپروگرام عورتن جي سياسي شعور ۾ شموليت وڌائڻ لاءِ ترتيب ڏنل هو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي عورتن جي حقن، مقامي حڪومت ۾ انهن جي نمائندگي ۽ سياسي شعور بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. هن پروگرام ۾ نظرياتي معلومات سان گڏ عملي مشقون پڻ شامل هيون، جيئن مقامي سطح تي سياسي اڳواڻن کي تيار ڪرڻ ۽ عورتن جي شموليت وڌائڻ. شرڪت دوران پروفيسر لاکير مقامي ڪميونٽي سان رابطو وڌائڻ، عورتن کي سياسي ۽ سماجي طور فعال بڻائڻ ۽ ڪين مختلف سطح تي اڳواڻي لاءِ تيار ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو.

5. Participated LBOD Orientation Work-shop for Provincial NGOs at Hyderabad on October 16, 1997.

LBOD پروجيڪٽ بابت ورڪشاپ ۾ مقامي اين جي اوز کي پاڻي جي انتظام، ماحولياتي اثرن ۽ انساني سماجي اثرات بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وئي. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي مقامي مسئلن جي سڃاڻپ، منصوبابندي ۽ وسيلن جي بهتر استعمال جا طريقا سکيو. هن ورڪشاپ ۾ شرڪت سان هو مقامي سطح تي اين جي اوز جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ، ڪميونٽي کي پاڻي جي اهميت بابت آگاهہ ڪرڻ ۽ ماحولياتي تحفظ کي فروغ ڏيڻ ۾ مؤثر ثابت ٿيو.

6. Participated in the workshop of Role of NGOs in Management of Natural Calamities organized by Sindh Goth Sudhar Sangat in collaboration with OXFAM at Hotel City Gate, Hyderabad on 14th December, 1997

هن ورڪشاپ جو مقصد قدرتي آفتن، جهڙوڪ ٻوڏ، زلزلو ۽ ٻيون هنگامي حالتن ۾ اين جي اوز جي اهم ڪردار کي سمجهڻ هو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي ريسڪ مينيجمينٽ، ايمرجنسي ريسپانس ۽ ڪميونٽي تيار ڪرڻ جا عملي طريقا سکيا.

هن ورڪشاپ دوران ڪميونٽي ليڊرن ۽ اين جي اوز سان گڏجي منصوبابندي، تياري ۽ گڏيل تعاون جا طريقا سيکاريا ويا، جيڪي مقامي سطح تي آفتن ڪي منهن ڏيڻ ۽ انساني نقصان کي گهٽائڻ ۾ اهم مددگار ثابت ٿيا.

7. Participated in workshop on Role of NGOs in National Drainage Program (NDP) held at Hyderabad on April 05, 1998, organized by SPO & SINGOF.

هي ورڪشاپ نيشنل ڊرينيج پروگرام ۾ اين جي اوز جي شموليت، پاڻي جي انتظام ۽ ڪميونٽي جي تحفظ تي ڌيان ڏيڻ لاءِ هو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي ڊرينيج پلاننگ، مقامي ڪميونٽي جي ضرورتن ۽ زرعي زمينن جي تحفظ جا عملي طريقا سکيو. هن پروگرام سان مقامي ماڻهن ۾ پاڻي جي استعمال، ذهني آگاهي ۽ منصوبابندي جي اهميت وڌي، جيڪا ڊرينيج پروگرام جي اثرائتي ڪي يقيني بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي.

8. Attended Pakistan NGO Forum Workshop on Guiding Principles for PNF organized by Punjab NGOs Co-ordinating Council (PNCC) on the behalf of PNF at SPO Office, Lahore, on 13th April 1998.

هن ورڪشاپ ۾ اين جي اوز جي اثرائتي، شفافيت ۽ ذميواريءَ جا اصول سيکاريا ويا. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي اين جي اوز جي ڪم ۾ معيار، قانوني گهرجون ۽ سماجي ذميواري ڪي بهتر بڻائڻ جا طريقا سِکيو. هي ورڪشاپ مقامي اين جي اوز جي ڪم ڪي وڌيڪ منظم ۽ اثرائتو بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ شرڪت ڪندڙن ڪي عملي مثالن سان اين جي اوز جي شفاف ۽ جوابده طريقيڪار بابت ڄاڻ ڏني وئي.

9. Attended first conference on Pakistan Network of Rivers, Dams and People held on September 02, 1998 at Islamabad, organized by SUNGI Development Foundation and Sustainable Development Policy Institute (SDPI).

هيءَ ڪانفرنس پاڻي جي وسيلن، دريائن ۽ ڊيمز جي انتظام بابت هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي ماحولياتي تحفظ، پاڻي جي منتقلي ۽ انساني ضرورتن جي توازن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. ڪانفرنس ۾ پاڻي جي مناسب استعمال، ڊيمز جي

سماجي ۽ ماحولياتي اثرن ۽ وسيلن جي تحفظ تي تفصيلي تجزيو ڪيو ويو. هن شرڪت سان پروفيسر لاکير ڪي ماحولياتي پاليسين ۽ مقامي منصوبابندي جي اثرن ڪي سمجهڻ ۾ مدد ملي، جيڪا ڪميونٽي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

10. Attended workshop on Preventive Measures Against Flood in Dadu District held at Gymkhana Club Dadu on dated 31st July, 1998, organized by Sindh Goth Sudhar Sangat (SGSS) and Goth Sudhar Sangat Coordinating Council Mehar.

هن ورڪشاپ جو مقصد ٻوڏ کان بچاءَ، ايمرجنسي تياري ۽ مقامي سطح تي حفاظتي قدم سيکارڻ هو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي مقامي ڪميونٽي لاءِ ريسڪ اسيسمينٽ، ايمرجنسي پلاننگ ۽ حفاظتي حڪمت عملي بابت عملي ڄاڻ حاصل ڪئي. ورڪشاپ دوران عملي مشقون ۽ ڪيس اسٽڊيز پڻ ڪيا ويا، جن سان مقامي سطح تي اثرائتي تياري ۽ ريسپانس ڪي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ملي. هن پروگرام مقامي ماڻهن ڪي پنهنجي خطري کان آگاهه ڪرڻ ۽ حفاظتي تدابير اپنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

11. Attended one-day workshop Implementation Strategy for National Plan of Action (NPA) at Hotel Metropol, Karachi on November 1998, organized by Beijing Follow-up Unit (BFU), department of Social Welfare, Women Development and Environment, Government of Sindh.

هن هڪ ڏينهن واري ورڪشاپ ۾ قومي سطح تي عملدرآمد لاءِ حڪمت عملي تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي مختلف شعبن، خاص ڪري سماجي ڀلائي، عورتن جي ترقي ۽ ماحولياتي تحفظ لاءِ موثر منصوبابندي جا طريقا سکيا. هن پروگرام دوران شرڪت ڪندڙن ڪي عملي مثالن ۽ ڪيس اسٽڊيز ذريعي ٻڌايو ويو ته ڪيئن قومي پاليسين ڪي مقامي سطح تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو. هي شرڪت مقامي اين جي اوز ۽ حڪومت جي ادارن جي وچ ۾ تعاون ڪي مضبوط ڪرڻ ۽ قومي منصوبن جي اثرائتي ڪي وڌائڻ ۾ اهم ثابت ٿي.

12. Attended Pakistan NGO Forum two days workshop on Strategic Planning against Challenges for NGOs in Pakistan at Holiday Inn, Islamabad 11-12 December, 1998, organized by CORIN.

هن ٻه ڏينهن واري ورڪشاپ ۾ اين جي اوز کي درپيش چيلنجز ۽ انهن سان مُنهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي تي ڌيان ڏنو ويو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي اين جي اوز جي منصوبابندي، مالي انتظام ۽ انساني وسيلن جي بهتر استعمال جا طريقا سکيا. هن شرڪت سان اين جي اوز کي پنهنجي ڪم کي وڌيڪ منظم، موثر ۽ شفاف بڻائڻ ۾ مدد ملي ۽ مقامي سطح تي اين جي اوز جي اثر کي وڌائڻ جا عملي تجربا حاصل ٿيا.

13. Selected for Advanced Course of Political Education Program (PEP) Group-1 by Aurat Foundation at National level and attended first workshop from 1st May to 7th May, 1999 at Lahore.

هي اعليٰ سطح جو سياسي تعليم پروگرام قومي سطح تي عورتن جي سياسي شعور ۽ شموليت وڌائڻ لاءِ ترتيب ڏنل هو. پروفيسر عبيدالله لاکير جي شرڪت سان هن نه صرف نظرياتي ڄاڻ حاصل ڪئي پر عملي مشقون ۽ ليڊرشپ ڊولپمينٽ جي سرگرمين ۾ پڻ حصو ورتو. هن پروگرام ۾ سياسي نظام، مقامي حڪومت جي ڍانچي ۽ عورتن جي شموليت بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وئي. پروگرام دوران شرڪت ڪندڙن کي عملي مهارتون ۽ حڪمت عمليون سيکارڻ تي زور ڏنو ويو، جيڪي مستقبل ۾ ڪميونٽي جي اڳواڻن ۽ اين جي اوز جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون.

14. Attended three days Sindh NGOs Federation (SINGOF) Future Planning Work shop at NGORC Karachi.

هي ٽي ڏينهن وارو ورڪشاپ اين جي اوز جي مستقبل جي منصوبابندي، حڪمت عملي ۽ ڊگهي مُدي وارن مقصدن تي ڌيان ڏيڻ لاءِ منعقد ڪيو ويو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي اين جي اوز جي ڪم کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ جا طريقا سکيو، جهڙوڪ منصوبا بندي، وسيلن جي ورڇ ۽ مقامي ڪميونٽي سان رابطو وڌائڻ. ورڪشاپ دوران شرڪت ڪندڙن کي اين جي اوز جي مستقبل جي ترقي لاءِ اسٽريٽيجڪ پلان ناهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جا عملي طريقا سيکاريا ويا.

15. Attended two days Non Formal Education Conference in

Lahore conducted by SAHE, Lahore.

هي ڪانفرنس غير رسمي تعليم جي فروغ، ٻارن جي تعليم ۽ بالغ تعليم تي ڌيان ڏيڻ لاءِ هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي غير رسمي تعليمي پروگرام جي اهميت، ان جي اثرائتي ۽ ڪميونٽي ۾ تعليم جي شعور وڌائڻ جا طريقا سکيو. هن شرڪت سان ڪميونٽي ۾ تعليمي سرگرمين کي بهتر ڪرڻ، ٻارن جي تعليم لاءِ نيون حڪمت عمليون اختيار ڪرڻ ۽ سماجي شعور ۾ اضافو ڪرڻ ۾ مدد ملي.

16. Attended PNF workshop on Code of Conduct and Accountability Frame-work for NGOs on April 09, 1999 organized by PNCC at SAP-Pakistan, Lahore.

هي ورڪشاپ اين جي اوز جي اخلاقي معيار، شفافيت ۽ جوابده هجڻ تي ڌيان ڏيڻ لاءِ هو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي اين جي اوز جي ڪم کي منظم ڪرڻ، ضابطن تي عمل ڪرڻ ۽ مقامي ڪميونٽي ۾ اعتماد وڌائڻ جا طريقا سکيو. هن شرڪت سان اين جي اوز جي اثرائتي ۽ ڪم جي معيار ۾ بهتري آئي، جيڪا ڪميونٽي جي ترقي ۽ سماجي ڀلائي لاءِ اهم آهي.

17. Attended Political Education Program (PEP) Phase II Second National Workshop (Group I) Islamabad, on 09-13 April, 2000 on the topic National consultation on Devolution of power Organized by Aurat Foundation.

هي قومي سطح جو ورڪشاپ مقامي حڪومت ۽ اختيارن جي ورڇ تي مرڪوز هو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي مقامي حڪومت ۾ اختيارن جي منتقلي، شفافيت ۽ عوامي شموليت بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. ورڪشاپ دوران عملي مثالن ۽ بحثن ذريعي مقامي سطح تي سياسي شعور وڌائڻ، ڪميونٽي جي ماڻهن کي پنهنجي حقن بابت آگاهه ڪرڻ ۽ اثرائتي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جا طريقا سکيو.

18. Organized and conducted Conferences on Hamal Lake at Mehar District Dadu on December 15, 1999 with collaboration of Sindh Goth Sudhar Sangat (SGSS) and Goth Sudhar Sangat Co-ordinating Council (GSSCC) Taluka Mehar.

پروفيسر عبيدالله لاکير هن ڪانفرنس جو انعقاد ڪري مقامي

ماحولياتي تحفظ ۽ قدرتي وسيلن جي اهميت تي ڌيان ڏنو. ڪانفرنس دوران حمل ڍنڍ جي تحفظ، پاڻي جي معيار ۽ مقامي معيشت تي ان جي اثر بابت بحث ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن کي مقامي ڪميونٽي سان گڏجي تحفظ ۽ شعور وڌائڻ جا طريقا سيکاريا ويا، جنهن سان ماحولياتي استحڪام ۽ سماجي شعور ۾ اضافو ٿيو.

19. As a Member of General Body of Sindh AIDS Control Program Government of Sindh conducted walks, programs and attended workshops on prevention and Control of HIV/AIDS Strategy Plan for NGOs of Sindh organized by Sindh AIDS Control Program Government of Sindh on 27th March, 2000 at PC, Karachi.

هن پروگرام ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي HIV/AIDSجي روڪٿام، علاج ۽ ڪميونٽي ۾ شعور وڌائڻ بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. شرڪت دوران اين جي اوز سان گڏجي حڪمت عملي تيار ڪئي وئي، معلوماتي پروگرام ترتيب ڏنا ويا ۽ مقامي ماڻهن کي محفوظ رويي بابت آگاهه ڪيو ويو. هن پروگرام سان مقامي ڪميونٽي ۾ بيماري بابت شعور وڌڻ، روڪٿام لاءِ عملي قدم کڻڻ ۽ اين جي اوز جي ڪردار کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ملي.

20. Attended one day training workshop about women Legal awareness Program on 10th April, 2001 at Gymkhana Dadu, organized by SDS.

هن ورڪشاپ ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي عورتن جي قانوني حقن، تحفظ ۽ سماجي شعور بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. پروگرام دوران عملي مثالن ۽ ڪيس اسٽڊيز ذريعي عورتن جي حقن جي بحالي ۽ مقامي سطح تي شموليت جا طريقا سکيا. هي پروگرام مقامي عورتن کي پاڻمرادو تحفظ ۽ قانوني شعور ۾ اضافو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو.

21. Attended two days workshop on the topic Promotion and Implementation of Human Rights in the perspective of Child Labour on April, 18-19, 2001 at PILER Centre Karachi.

هي ورڪشاپ ٻارن جي محنت خلاف قانون، انساني حقن ۽ ڪميونٽي شعور وڌائڻ تي مرڪوز هو. پروفيسر عبيدالله لاکير

شرڪت ڪندي ٻارن جي حقن جي تحفظ، مقامي ليڊرن سان رابطو ۽ عملي حڪمت عملي تي ڪم ڪيو. شرڪت دوران ڪيس اسٽڊيز ۽ گروپ ڊسڪشن ذريعي ٻارن جي حقن کي فروغ ڏيڻ جا عملي طريقا سيکاريا ويا، جيڪي مقامي ڪميونٽي ۾ اثرانداز ٿي سگهندا.

22. Worked as a District Focal Person for District Dadu with PILER/Asia Foundation and responsible for organizing Democratic Rights and Citizens Education Program (DRCEP), 2000-2001, conducted orientation workshop at Dadu on 5th of May, 2001 and District Forum on 22nd of May,2001 at Dadu people from all Taluka of District Dadu participated in the program. This program was supported by Asia Foundation collaborated with PILER, Karachi.

هن پروگرام ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير ضلعي دادو ۾ ڊيموڪريٽڪ رائٽس ۽ سٽيزنز ايجوڪيشن پروگرام جو فوڪل پرسن رهيو. هن مقامي ماڻهن لاءِ شعور وڌائڻ، ورڪشاپس ترتيب ڏيڻ ۽ ضلعي فورم منعقد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پروگرام ۾ مقامي ماڻهن، اين جي اوز ۽ تعليمي ادارن کي شامل ڪيو ويو، جنهن سان ضلعي سطح تي جمهوري شعور ۽ سماجي شعور ۾ نمايان اضافو ٿيو.

23. Worked as a District Field Coordinator, District Coordinating Committee (DCC) Dadu with the support of Aurat Foundation for Citizens Campaign for Women Representation (CCWR) in local Government Elections 2000-2001.

پروفيسر عبيدالله لاکير ضلعي ڏاڊو ۾ عورتن جي نمائندگي وڌائڻ لاءِ ضلعي فيلڊ ڪوآرڊينيٽر طور ڪم ڪيو. هن مقامي عورتن کي سياسي شموليت، ووٽنگ جي اهميت ۽ ليڊرشپ جا طريقا سيکاريا. هن پروگرام سان مقامي سطح تي عورتن جي شموليت ۽ سياسي شعور ۾ نمايان اضافو ٿيو، جيڪو ضلعي ۽ علائقائي سطح تي مثبت اثر وجهي ٿو.

24. Attended 2nd Islamic Orientation Course for Community Leaders of Sindh from 28-03-2002 to 03-04-2002 arranged by DAWAH Academy, International Islamic University Islamabad at Malir, Karachi.

هن اسلامي اورينٽيشن ڪورس ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي مقامي ليڊرن لاءِ اسلامي تعليم، سماجي ذميواري ۽ ڪميونٽي اڳواڻي بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. پروگرام دوران اسلامي اصولن ۽ معاشرتي قدرن کي ڪميونٽي جي ترقي سان ڳنڍڻ تي ڌيان ڏنو ويو، جنهن سان مقامي اڳواڻن کي موثر ۽ اخلاقي ليڊرشپ لاءِ تيار ڪيو ويو.

25. Attended strategic workshop for 5 years strategy pertaining to Coalition against Child Labor (CACL) at Sunfort Hotel Lahore from 01, 02 June 2002 arranged by Society for Protection and Rights of the Child (SPARC) Islamabad.

هي اسٽريٽيجڪ ورڪشاپ ٻارن جي محنت خلاف 5 سالن لاءِ حڪمت عملي تي مرڪوز هو. پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي عملي حڪمت عملي، پاليسين جي نفاذ ۽ ڪميونٽي ليڊرن کي شامل ڪرڻ جا طريقا سکيو. هن پروگرام سان ٻارن جي محنت خلاف ڪوششن ۾ مضبوط شموليت، مقامي ڪميونٽي ۾ شعور وڌائڻ ۽ پاليسين جي اثرائتي کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ملي.

هنن سڀني شرڪتن ۽ ٽريننگز مان حاصل ڪيل سکيا ۽ تجربو پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب کي نه صرف علمي ۽ پيشه ورانه طور تي مضبوط ڪيو، پر سندن سماجي، انساني ۽ قومي ذميوارين جي شعور کي پڻ وڌيڪ پروان چڙهيو.

TRAINING COURSES AND ORIENTATIONS

1. Attended three days Financial Management Training arranged by SPO Sindh organized by GSSCC, Taluka Mehar in 1994.

هيءَ ٽريننگ مالي انتظاميا (Financial Management) جي بنيادي اصولن ۽ عملي حڪمت عملين تي مرڪوز هئي، جنهن جو مقصد NGOs ۽ مقامي ادارن جي مالي نظام کي مضبوط ڪرڻ هو. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ٽريننگ ۾ شرڪت ڪندي نه صرف مالي رپورٽنگ، بجٽ سازي ۽ وسيلن جي موثر استعمال بابت سکيا حاصل ڪئي، پر انهن سکيا کي پنهنجي ڪم ڪندڙ اداري ۽

ڳوٺاڻن سماجي پروگرامز ۾ پڻ لاڳو ڪيو. هن ٽريننگ ذريعي هو مالي شفافيت ۽ ذميواريءَ جي اهميت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جيڪا انهن جي ايندڙ سماجي ۽ فلاح واري منصوبن لاءِ بنياد بڻجي وئي.

2. One-Week mid-level Family Planning Management Training at Hyderabad form 23.02.1997 to 27.02.1997, conducted by Training academy of Pakistan Voluntary Health and Nutrition Association (PVHANA) Karachi, organized by Sindh NGOs Federation (SINGOF).

هيءَ هڪ هفتي واري ٽريننگ فيملي پلاننگ مئنيجمينٽ تي مرڪوز هئي، جنهن ۾ صحت جي شعبي ۾ منصوبابندي، ڪميونٽي آگاهي ۽ غذائيت جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو. پروفيسر لاکير هن ٽريننگ ۾ شرڪت ڪندي معاشرتي صحت ۽ خاندان جي منصوبابندي بابت نئين ڄاڻ حاصل ڪئي، جنهن ڪيس پنهنجي علائقي ۾ مقامي ماڻهن جي صحت جي شعور کي وڌائڻ ۾ مدد ڏني. هن ٽريننگ ذريعي پاڻ منصوبابندي، ريسورس مئنيجمنٽ ۽ مقامي ڪميونٽي جي مشغوليت جي مهارتن ۾ اڳڀرو ٿيو.

3. Attended National Training Course on Community Mobilization, from 20th July to 24th July, 1998 at Social Welfare Training Institute, Islamabad, conducted by Ministry of Social Welfare and Special Education Division, Government of Pakistan.

هيءَ قومي سطح جو ٽريننگ ڪورس ڪميونٽي موبيلائيزيشن تي مرڪوز هو، جنهن ۾ مقامي سطح تي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ، عوامي شعور پيدا ڪرڻ ۽ سماجي منصوبن ۾ شموليت کي فروغ ڏيڻ جي حڪمت عملين بابت سکيا ڏني وئي. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ۾ شرڪت ڪندي نه صرف جديد ڪميونٽي مئنيجمينٽ ٽيڪنڪس سکيو، پر پنهنجي علائقي ۾ سماجي منصوبن ۽ فلاح و بهبود جي سرگرمين کي موثر بڻائڻ لاءِ پڻ نيون حڪمت عمليون اختيار ڪيون.

4. Attended Workshop on Addressing Environmental Issues through Community Participation aimed at raising awareness about environmental issues and exploring the possibility of community-based solutions between June 5-7, 2000, organized

by IUCN at Karachi.

هي ورڪشاپ ماحولياتي مسئلن ۽ ڪميونٽي جي شموليت ذريعي انهن مسئلن جو حل ڳولڻ تي مرڪوز هو. پروفيسر صاحب هن ۾ شرڪت ڪندي ماحولياتي آگاهي ۾ اضافو حاصل ڪيو ۽ سکيو تہ ڪيئن مقامي ماڻهن کي شامل ڪري ماحولياتي مسئلن جو حل ڪاميابيءَ سان ڪڍيو وڃي. هن ٽريننگ ذريعي هن ڪميونٽي تي ٻڌل منصوبن ۽ ماحولياتي تحفظ ۾ عملي تجربو حاصل ڪيو.

5. Participated in the workshop of Monitoring & Evaluation (M&E) from June 20-21, 2002 at Green Palace Hotel, Larkana, Sindh arranged by Trust for Voluntary Organizations (TVO) Regional Office Larkana.

هي ورڪشاپ مانيٽرنگ ۽ اي ويليويشن (Monitoring & Evaluation) جي اهميت تي مرڪوز هو. پروفيسر لاکير هن ٽريننگ ۾ شرڪت ڪندي منصوبن جي ڪارڪردگي کي جانچڻ، ريسرچ ۽ رپورٽنگ جا طريقا سکيو، جنهن سان هن پنهنجي منصوبن جي اثرائتي ۽ معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد حاصل ڪئي.

6. Participated in Project Management (PM) training held from May, 13-14, 2003, at Green Palace Hotel, Larkana, arranged by Trust for voluntary Organizations (TVO)

هيءُ پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽريننگ منصوبن جي منصوبابندي، عملداري ۽ ريسورس مئنيجمينٽ تي مرڪوز هو. پروفيسر لاکير هن ٽريننگ ۾ شرڪت ڪندي هر قسم جي سماجي ۽ فلاح واري پروجيڪٽ جي موثر عملداري ۽ وقت جي پابنديءَ سان منصوبن کي مڪمل ڪرڻ جا طريقا سکيو، جيڪي هن پنهنجي ايندڙ منصوبن ۾ استعمال ڪيا.

7. Participated in the Financial Management (FM) Training held from August, 07-08, 2003, at Green Palace Hotel, Larkana, arranged by Trust for voluntary Organizations (TVO).

هيءَ ٽريننگ مالي انتظاميا جي وڌيڪ ترقي يافتہ حڪمت عملين تي مرڪوز هئي، جنهن ۾ بجيٽ تي ڪنٽرول، وسيلن جي منظم ورڇ ۽ مالي رپورٽنگ جا جديد طريقا شامل هئا. پروفيسر لاکير هن ٽريننگ ۾ شرڪت ڪندي پنهنجي مالي مهارتن کي

وڌيڪ مضبوط ڪيو ۽ پنهنجن ادارن ۾ مالي شفافيت ۽ ذميواري کي فروغ ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

8. Participated in the training of Resource Mobilization held at Population Welfare Training Institute (PWTI) at Karachi on April 14-15, 2004, arranged by National Trust for Population Welfare (NATPOW) with collaboration of Ministry of Population Welfare, Government of Pakistan.

هيءَ ٽريننگ وسيلن جي حصول ۽ استعمال تي مرڪوز هئي، جنهن ۾ فنڊ ريزنگ، مقامي وسائل کي موثر استعمال ۽ ڪميونٽي جي شموليت جا طريقا شامل هئا. پروفيسر لاکير هن ٽريننگ ذريعي سکيو تہ ڪيئن وسيلن کي موثر ۽ شفاف طريقي سان گڏ ڪري منصوبن کي ڪامياب بڻائي سگهجي ٿو، جنهن جو فائدو هن جي سماجي ۽ فلاح و بهبود واري منصوبن ۾ وڏي پيماني تي ٿيو.

9. Attended one day workshop on Capacity Building of NGOs and Government Officials on dated November 20th, 2004, organized by District Officer (Social Welfare) Community development Department District Dadu with collaboration of National Council of Social Welfare, Islamabad.

هي ورڪشاپ NGOs ۽ حڪومت جي آفيسرن جي صلاحيت وڌائڻ تي مرڪوز هو، جنهن ۾ منصوبن جي منظم عملداري، عملي قيادت ۽ ڪميونٽي سان رابطن کي بهتر بڻائڻ جا طريقا شامل هئا. پروفيسر لاکير هن ٽريننگ ذريعي پنهنجن ادارن جي صلاحيت وڌائڻ ۽ مقامي ڪميونٽي کي بهتر طريقي سان منظم ڪرڻ جو عملي تجربو حاصل ڪيو.

10. Attended training course on Managing Reproductive Health Program on dated December 30th, 2004 organized by NATPOW at PWTI, Karachi.

هيءَ ٽريننگ نسلي صحت ۽ صحت جي منصوبن جي انتظام تي مرڪوز هئي، جنهن ۾ ڪميونٽي جي شعور ۾ اضافو، صحت جي منصوبن جي موثر عملداري ۽ رپورٽنگ جا طريقا شامل هئا. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ٽريننگ ذريعي نہ صرف صحت جي شعور کي بهتر بڻايو، پر پنهنجي علائقي ۾ مقامي ماڻهن جي صحتيابي ۽ فيملي پلاننگ جي پروگرامن کي بہ مؤثر بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿو.

11. Attended five days workshop on Basic Information and Knowledge on HIV/AIDS, from October 26-30, 2005 at Karachi, organized by Sindh NGOs Network on HIV/AIDS (SNNHA).

هي پنجن ڏينهن وارو ورڪشاپ HIV/AIDS بابت بنيادي ڄاڻ ۽ شعور وڌائڻ تي مرڪوز هو. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندي HIV/AIDS جي روڪٿام، تشخيص، علاج ۽ ڪميونٽي تي اثرات بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. هن سکيا ذريعي مقامي ڪميونٽي ۾ صحت جي شعور کي بهتر بڻائڻ ۽ نوجوانن کي HIVAIDSبابت آگاهه ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار وڌيڪ اثرائتو بڻايو. اهڙي سکيا هن جي سماجي ڪم کي نئون رخ ڏنو ۽ صحت جي شعور ۾ اضافو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو.

12. Attended five days training of trainers held at NIPA, Karachi from March, 20-24, 2006, arranged by Pakistan National AIDS Consortium (PNAC).

هيءَ ٽريننگ خاص طور تي ٽرينرز جي تربيت لاءِ هئي، جنهن ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير شرڪت ڪندي نه صرف پنهنجو علم وڌايو، پر ٻين لاءِ تربيت ڏيڻ جون صلاحيتون پڻ حاصل ڪيون. هن سکيا ذريعي هو ٻين سماجي ڪارڪنن کي موثر تربيت ڏيڻ، آگاهي مهم هلائڻ ۽ ڪميونٽي ۾ صحت ۽ تعليم جي پروگرامز کي بهتر طريقي سان نافذ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

13. Attended six days Capacity Building Training Workshop for PAIMAN partner NGOs of District Dadu & Sukkur held at Karachi, from July, 10-15, 2006, organized by HANDS & JSI, Karachi.

هي ڇهن ڏينهن وارو ورڪشاپ PAIMAN پروگرام تحت مقامي NGOs جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ منعقد ڪيو ويو. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ۾ شرڪت ڪندي تنظيم سازي، منصوبن جي اثرائتي عملداري ۽ ريسورس مئنيجمينٽ ۾ مهارت حاصل ڪئي. هن ٽريننگ ذريعي مقامي سطح تي منصوبن جي نفاذ، گڏيل ڪم ڪرڻ جي حڪمت عملي ۽ ڪميونٽي جي شموليت کي فروغ ڏيڻ ۾ وڏي مدد حاصل ڪئي. USAID جو پروجيڪٽ جنهن ۾ پاڪستان مان 10 ضلعا کنيا ويا، جنهن ۾ دادو به شامل هو. دادو منجهان ڳوٺ

سڌار سنگت بخش لاکير چوندي وئي. ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي 15 يونين ڪائونسلن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت لاءِ شعور اجاگر ڪرڻ هو. جنهن ۾ پارٽنر تنظيمن جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ تربيت ڏني وئي.

14. Attended five days provincial training workshop on Project Cycle Management from 2nd to 6th, May, 2006 at Hotel Mehran, Karachi, organized by Pakistan National AIDS Consortium.

هي ورڪشاپ پروجيڪٽ سائيڪل مئنيجمينٽ تي مرڪوز هو، جنهن ۾ پروجيڪٽ جي منصوبابندي، عملداري، مانيٽرنگ ۽ رپورٽنگ جي مڪمل عمل بابت سکيا ڏني وئي. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ۾ شرڪت ڪندي منصوبن جي بهتر تنظيم ۽ نتيجن جي اثرائتي ماپ ڪرڻ جي صلاحيت وڌائي، جيڪا انهن جي ايندڙ منصوبن ۽ ڪميونٽي پروگرامن لاءِ بنياد بڻجي وئي.

15. Participated in six days Capacity Building Training Workshop Phase II for PAIMAN Partner NGOs of District Dadu & Sukkur held at Karachi from August 07-12, 2006, organized by HANDS with JSI/ PAIMAN collaboration.

هيءَ ٽريننگ PAIMAN پروگرام جي حصي طور NGOs جي صلاحيت وڌائڻ تي مرڪوز هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ۾ شرڪت ڪندي اڳئين مرحلي ۾ حاصل ڪيل ڄاڻ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ۽ عملي منصوبن ۾ پنهنجي قيادت، تربيت ڏيڻ جي صلاحيت ۽ ڪميونٽي سان رابطن کي وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

16. Participated in two days training program on Leadership for local Governance and Development, organized by USAID/Pakistan Districts that work project implemented by the Urban Institute, from 07-08, June, 2007 in District Dadu.

هيءَ ٻه ڏينهن واري ٽريننگ قيادت ۽ مقامي حڪمراني تي مرڪوز هئي، جنهن ۾ قيادت جا اصول، حڪومتي ادارن سان تعاون، ۽ ڪميونٽي ترقياتي منصوبن ۾ اثرائتي قيادت جو طريقو سيکاريو ويو. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ٽريننگ ذريعي پنهنجي قيادتي صلاحيتن کي مضبوط ڪيو، مقامي سطح تي ترقياتي ڪم کي منظم ڪرڻ ۽ ڪميونٽي ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ وڌيڪ موثر بڻجي ويو.

17. Attended three days training on Governance & leadership

from 25th to 27th of July, 2007 at Larkana, arranged by Sindh NGOs Network on HIV/AIDS.

هيءَ ٽريننگ خاص طور تي حڪمراني ۽ قيادت جي مهارتن تي مرڪوز هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ۾ شرڪت ڪندي جديد قيادتي طريقا، منصوبابندي ۽ موثر انتظام بابت سکيا حاصل ڪئي، جنهن جو فائدو هن کي NGOs ۽ سماجي ادارن جي بهتر انتظام ۾ مليو. هن سکيا ذريعي هو پنهنجي عملي منصوبن کي وڌيڪ اثرائتي طريقي سان هلائڻ جي قابل ٿيو.

18. Attended three days training on Resource Mobilization from 21st to 23rd August, 2007 at Karachi, organized by Sindh NGOs Network on HIV/AIDS.

هيءَ ٽريننگ وسيلن جي حاصل ڪرڻ ۽ استعمال تي مرڪوز هئي، جنهن ۾ فنڊ ريزنگ، ڪميونٽي جي شموليت ۽ وسيلن جي موثر ورڇ جا طريقا شامل هئا. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ۾ شرڪت ڪندي پنهنجي وسيلن جي انتظام جي مهارت کي وڌيڪ بهتر بڻايو ۽ پنهنجي سماجي ۽ فلاح و بهبود وارن منصوبن لاءِ مضبوط بنياد قائم ڪيو.

19. Attended five days training on Community Based Disaster Risk Management organized by HANDS and sponsored by UNICEF on November 4-8, 2008, at Karachi.

هيءَ ٽريننگ ڪميونٽي تي ٻڌل آفتن جي خطري کي منظم ڪرڻ تي مرڪوز هئي. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ۾ شرڪت ڪندي بحران جي وقت ڪميونٽي جي تياري، خطري جي تشخيص ۽ ايمرجنسي منصوبن کي نافذ ڪرڻ جا طريقا سکيو. هن سکيا ذريعي مقامي ڪميونٽي ۾ تحفظ ۽ تياريءَ جي شعور کي وڌائڻ ۾ مدد ملي ۽ فلاح و بهبود جا منصوبن وڌيڪ مؤثر بڻيا.

20. Participated in Poster Presentation Ceremony held at Islamabad on April 22nd, 2010, organized by USAID funded Pakistan Initiative for Mothers & Newborns (PAIMAN).

هيءَ تقريب خاص طور تي PAIMAN پروگرام جي سرگرمين ۽ ڪاميابين کي پيش ڪرڻ لاءِ منعقد ڪئي وئي. پروفيسر عبيدالله لاکير هن ۾ شرڪت ڪندي پروگرام جي اثرائتي پيشڪش، علمي ۽ عملي تجربن کي ٻين سان شيئر ڪرڻ جو موقعو حاصل ڪيو.

هن شرڪت ذريعي هو ٻين سماجي ڪارڪنن سان رابطي ۽ تعاون جا نوان طريقا سکيا، جنهن جو فائدو مقامي سطح تي منصوبن جي نفاذ ۽ ڪميونٽي آگاهي ۾ ٿيو.

پروفيسر عبيدالله لاکير جي شرڪت مختلف تربيتن، ڪورسز ۽ ورڪشاپن ۾ نہ رڳو علمي حيثيت جي علامت آهي، پر اهو هڪ اعزاز ۽ وقار جو پڻ ثبوت آهي. هن پنهنجي زندگي ۾ هميشہ علم حاصل ڪرڻ ۽ ٻين تائين علم پهچائڻ کي ترجيح ڏني ۽ انهن پروگرامز ۾ شرڪت ڪندي پنهنجي علمي ۽ عملي مهارتن کي وڌيڪ پروان چڙهايو. اهڙين تربيتن ۽ ڪورسز ۾ حصو وٺڻ سان هن نہ رڳو انتظامي ۽ سماجي مهارتون حاصل ڪيون، پر فلاح و بهبود، صحت، تعليم ۽ انساني حقن جي شعبن ۾ پڻ نمايان ڪردار ادا ڪيو. پروفيسر لاکير جي شرڪت، شاگردن، ساٿين ۽ سماج لاءِ هڪ روشن مثال آهي، جيڪو ڏيکاري ٿو تہ علم ۽ خدمت گڏجي ڪيئن سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهن ٿا. هن جي محنت، دلچسپي ۽ لگن انهن تربيتن مان حاصل ڪيل ڄاڻ کي عملي زندگي ۾ لاڳو ڪرڻ جو ثبوت آهي ۽ اهو هر ڪنهن لاءِ هڪ مشعل راهہ آهي، جيڪو علم جي قدر ۽ سماجي خدمت جي اهميت کي سمجهڻ چاهي ٿو. اهو اعزاز پروفيسر عبيدالله لاکير کي فقط هڪ علمي شخصيت طور نہ، پر هڪ سماجي اڳواڻ طور پڻ نمايان ڪري ٿو، جنهن جي شرڪت ۽ سکيا ٻين لاءِ هميشہ متاثر ڪندڙ ۽ رهنمائي ڪندڙ رهي آهي.

EXPERIENCE AS A DEVELOPMENT WORKER

1. Established a Public Library with the name of Shah Latif Adabi Library at Village Bux Lakhiar, Taluka Mehar District Dadu, on November 15th, 1984.

پروفيسر عبيد الله لاڪير پاران 15 نومبر 1984ع تي ڳوٺ بخش لاڪير، تعلقو ميهڙ، ضلعي دادو ۾ قائم ڪيل شاھ لطيف ادبي لائبريري هڪ اهڙو علمي ۽ ادبي مرڪز آهي جيڪو نہ صرف شاگردن ۽ نوجوانن لاءِ، پر سڄي ڪميونٽي لاءِ علم، ادب ۽ تحقيق جو اهم ذريعو بڻجي ويو. هي لائبريري پروفيسر لاڪير جي بصيرت ۽ علمي جذبي جي مظاهري طور قائم ڪئي وئي، جنهن جو مقصد مقامي سطح تي تعليمي شعور، ادبي دلچسپي ۽ تحقيقاتي سوچ کي فروغ ڏيڻ هو. پروفيسر لاڪير جي قيادت ۾ هي لائبريري علمي مطالعو، ادبي مباحثو ۽ تحقيق لاءِ هڪ اهڙو پليٽفارم بڻجي وئي، جتي شاگرد ۽ نوجوان پنهنجي علمي صلاحيتن کي وڌائي سگهن ۽ سماجي ذميوارين جي اهميت کي سمجهي سگهن. لائبريري ۾ سنڌي ادب، شاھ لطيف جو ڪلام، تاريخي ڪتاب، سائنسي مواد ۽ تعليمي رسالا موجود آهن، جيڪي شاگردن ۽ نوجوانن کي تحقيق ۽ علمي مطالعي لاءِ وسيع موقعا فراهم ڪن ٿا. پروفيسر لاڪير هميشہ ان ڳالھ تي زور ڏنو تہ علم رڳو ڪتاب پڙهڻ تائين محدود نہ هجي، پر ان کي عملي زندگي ۾ استعمال ڪري سماج کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار بڻايو وڃي. هن لائبريري ذريعي شاگردن ۽ نوجوانن ۾ نہ رڳو مطالعو ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو، پر فڪري مباحثا، سيمينار، ادبي گڏجاڻيون ۽ تعليمي سرگرميون پڻ ٿيون، جنهن سان مقامي ڪميونٽي ۾ علم ۽ ادب جو ماحول پيدا ٿيو. شاھ لطيف ادبي لائبريري جو قيام ڳوٺ بخش لاڪير ۽ پرپاسي علائقن جي تعليم ۽ ادبي شعور لاءِ هڪ انقلاب ثابت ٿيو. پروفيسر لاڪير جي محنت ۽ قرباني جي بدولت، هي ادارو شاگردن لاءِ هڪ اهڙو مرڪز بڻجي ويو جتي اهي ڪتابن ۽ علم ذريعي پنهنجا خيال وسيع ڪري سگهن، علم ۽ ادب جي اهميت سمجهي سگهن ۽ سماجي شعور ۾ حصو وٺي سگهن. لائبريري ذريعي شاگردن ۾ تحقيق ڪرڻ، نئين

علمي معلومات حاصل ڪرڻ ۽ ادبي پروگرام ۾ حصو وٺڻ جو شوق پيدا ٿيو، جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ علمي ورثو بڻجي ويو.

پروفيسر عبيدالله لاڪير جو فلسفو اهو رهيو آهي تہ علم، ادب ۽ ثقافت جو ميلاپ سماج کي تبديلي ۽ ترقي جي راھ ڏيکاري سگهي ٿو. شاھ لطيف ادبي لائبريري ذريعي هو نہ رڳو تعليمي ترقي تي ڌيان ڏنو، پر مقامي ماڻهن ۾ علم جي اهميت، ادبي شعور، اخلاقي قدرن ۽ سماجي ذميوارين کي پڻ اجاگر ڪيو. هي ادارو هڪ اهڙو مرڪز بڻجي ويو جتي شاگردن، نوجوانن، استاد، ادبي شخصيتن ۽ سماجي ڪارڪنن گڏجي علم، ادب ۽ تحقيق جي سرشتي ۾ حصو وٺندا رهيا، جنهن سان ڳوٺ بخش لاڪير ۽ علائقي ۾ علمي ۽ ثقافتي ترقي کي هڪ مستحڪم بنياد مليو. شاھ لطيف ادبي لائبريري پروفيسر لاڪير جي محنت، علمي بصيرت ۽ ڪميونٽي سان وابستگي جو روشن مثال آهي، جيڪو نہ رڳو تعليمي ۽ ادبي سرگرمين لاءِ مرڪز فراهم ڪندڙ، پر ڪميونٽي ۾ علم، ادب ۽ تحقيق جي قدر کي پڻ اجاگر ڪندو رهيو. پروفيسر لاڪير جي قيادت ۽ بصيرت سبب هن لائبريري شاگردن ۽ نوجوانن لاءِ هڪ اهڙو ماحول مهيا ڪيو، جتي اهي علم، ادب ۽ سماجي شعور کي گڏجي اپنائي سگهن ۽ سماجي بهتري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. هي ادارو ڳوٺ بخش لاڪير ۽ پرپاسي علائقن لاءِ علم، ادب ۽ ڪميونٽي ترقي جو هڪ اهم ۽ بهترين مرڪز بڻجي ويو، جنهن سان مقامي سطح تي سماجي، تعليمي ۽ ادبي ترقيءَ کي مضبوط بنياد حاصل ٿيو.

2. Founder & unanimously elected President of NGO named Goth Sudhar Sangat Bux Lakhiar (GSSB) from 1985 to date.

پروفيسر لاڪير کي 1985ع ۾ ڳوٺ سڌار سنگت بخش لاڪير (GSSB)جو باني ۽ متفقہ طور تي صدر چونڊڻ جو اعزاز حاصل ٿيو، جيڪو هڪ انتهائي اعزاز ۽ ذميواريءَ جو مظاهرو هو. هي چونڊ نہ رڳو پروفيسر لاڪير جي علم، بصيرت ۽ قائدانہ صلاحيتن جي تصديق هئي، پر هڪ اهڙي عزت پڻ هئي جيڪا مقامي ڪميونٽي، ضلعي دادو ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ انهن جي سماجي

خدمتن جي قدر کي ظاهر ڪري ٿي. پروفيسر لاڪير جي قيادت ۾ GSSB هڪ اهڙو ادارو بڻيو جيڪو ڳوٺاڻن لاءِ تعليمي، ثقافتي ۽ سماجي ترقيءَ جو مرڪزي نقطو بڻجي ويو. هن تنظيم تحت تعليمي پروگرام، ادبي محفلون، صحت جي شعور بابت مُهمون، عورتن جي حقن لاءِ تحريڪون ۽ نوجوانن ۾ قيادت پيدا ڪرڻ وارا پروگرام ڪاميابي سان هلايا ويا، جيڪي سماج ۾ هڪ نئون شعور پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا. هن اعزازي حيثيت ۾ پروفيسر عبيدالله لاڪير نه رڳو انتظامي ۽ قيادتي ذميواريون نڀايون، پر عملي طور تي پروگرام جي ترتيب، لاڳو ڪرڻ ۽ نگراني ۾ پڻ سرگرم رهيو. هي اعزاز هن جي سماجي خدمت جي عظيم سفر کي وڌيڪ معزز بڻائيندو رهيو، جنهن تحت مقامي ماڻهو تعليم، صحت، ثقافت ۽ ڪميونٽي ڊولپمينٽ ۾ پنهنجو حصو ونڻ لاءِ همٿائيندو رهيو. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي قيادت جو اثر اهڙو هو جو GSSB هڪ اداري جي صورت اختيار ڪري هڪ مضبوط، مستحڪم ۽ اثرائتي تنظيم طور مقامي ۽ علائقائي سطح تي سڃاڻپ حاصل ڪري نمايان رهيو. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي علم، بصيرت ۽ خدمتي جذبي جي ڪري GSSB تحت هلندڙ پروگرام صرف تعليمي يا ثقافتي سرگرمين تائين محدود نه رهيا، پر مقامي ڪميونٽي جي سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي ترقيءَ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيا. انهن سرگرمين ۾ نوجوانن جي تربيت، عورتن کي بااختيار بڻائڻ، صحت ۽ ماحولياتي شعور وڌائڻ جهڙا اهم منصوبا شامل هئا، جيڪي پروفيسر لاڪير جي قائدانه حڪمت عملي ۽ اعزازي قيادت جي نتيجي طور ڪامياب ٿيا. اهڙي اعزازي حيثيت ۽ فعال قيادت سبب، پروفيسر عبيدالله لاڪير نه رڳو مقامي سطح تي، پر ضلعي ۽ صوبي جي سطح تي به هڪ مثالي سماجي ڪارڪن ۽ اڳواڻ طور سڃاتا ويا. هن جي محنت، بصيرت ۽ عوام جي خدمت جو اعزاز GSSB جي هر پروگرام ۽ سرگرمي ۾ نمايان رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ هي تنظيم هڪ انتهائي اثرائتي، مستحڪم ۽ سڃاڻپ وارو ادارو بڻجي وئي. پروفيسر لاڪير جي اعزازي قيادت ۾ GSSB ماحولياتي تحفظ، ثقافتي ورثي جي حفاظت ۽ ڳوٺ جي

تاريخي شعور کي فروغ ڏيڻ وارا پروگرام به هلائيندي رهي، جيڪي مقامي سماج ۾ مثبت تبديلي ۽ ترقيءَ جو سبب بڻيا. هي اعزاز ۽ وقار پروفيسر عبيدالله لاڪير جي محنت، علم ۽ سماجي شعور جو مظاهرو آهي، جيڪو اڄ به ڳوٺاڻن ۽ ڪميونٽي لاءِ هڪ روشن مثال ۽ راهنما طور موجود آهي.

3. Elected and worked as Executive Committee Member Goth Sudhar Sangat Coordinating Council (GSSCC) Taluka Mehar, during 1988 to 1990 and 1995 to 1996.

پروفيسر عبيد الله لاڪير کي1988ع کان1990ع ۽1995ع کان1996ع تائين ڳوٺ سڌار سنگت ڪوآرڊينيٽنگ ڪائونسل (GSSCC) تعلقه ميهڙ ۾ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميمبر چونڊجڻ هڪ اعزاز کان وڌيڪ هڪ وڏو ذميواري وارو عهدو هو، جنهن سماج جي خدمت ۽ مقامي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. هن عرصي دوران پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي علمي، سماجي ۽ قيادتي صلاحيتن کي بروقت ۽ مؤثر طريقي سان استعمال ڪندي ڪميٽي جي ڪم کي منظم ڪيو ۽ ان کي هڪ ڪارگر، شفاف ۽ اثرائتي تنظيم ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن پنهنجي بصيرت ۽ حڪمت عملي سان ڪيترن ئي سماجي ۽ فلاح و بهبود وارن منصوبن کي لاڳو ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو، جنهن ۾ تعليم جي فروغ، ڳوٺاڻن لاءِ صحت ۽ صفائي جي سهولتن جي فراهمي، عورتن جي بااختياري ۽ مقامي سماج ۾ شعور جي وڌائڻ جهڙا اهم ڪم شامل آهن. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي شموليت سان ڪميٽي ۾ شفافيت، جوابدهي ۽ عوامي اعتماد جو معيار نمايان طور تي وڌي ويو، جنهن سان پروگرام وڌيڪ ڪارگر ۽ اثرائتي طور تي لاڳو ٿيا ۽ ڳوٺاڻن ۾ اعتماد ۽ همت پيدا ٿي. پروفيسر عبيدالله لاڪير نه رڳو حڪمت عملي ناهڻ ۾ سرگرم رهيو، پر ميدان ۾ به پنهنجو عملي ڪردار ادا ڪندي ماڻهن سان سڌو رابطو قائم رکيو. هن ڳوٺاڻن جي مسئلن ۽ ضرورتن کي سمجهي، انهن جي حل لاءِ منصوبابندي ڪئي ۽ هر سطح تي ماڻهن کي شموليت جي اهميت بابت آگاهي ڏني. هن جي اڳواڻي هيٺ ڪميٽي نون منصوبن، پروگرامز ۽ فلاح و بهبود جي سرگرمين کي

موثر انداز سان لاڳو ڪيو، جنهن سان ڳوٺاڻن کي روزگار، تعليم ۽ سماجي ترقي جا نوان موقعا مليا. پروفيسر عبيدالله لاڪير جو عملي تجربو، انسان دوست رويي ۽ بلند نظر سوچ ٻين ميمبرن ۽ مقامي سماج لاءِ هڪ روشن مثال بڻيو، جنهن انهن کي فعال، ذميوار ۽ سماج دوست بڻجڻ جي ترغيب ڏني. ان عرصي دوران پروفيسر عبيدالله لاڪير جي قيادت ۽ رهنمائي سان GSSCC صرف هڪ انتظامي ڪميٽي نہ رهي، پر ڳوٺاڻن لاءِ هڪ مضبوط سماجي ڍانچو بڻجي وئي، جيڪا تعليم، صحت، عورتن جي بااختياري، قدرتي وسيلن جي تحفظ ۽ معاشرتي بهتري لاءِ مستقل ۽ منظم ڪوششون ڪندي رهي. هن جو اهو دور نہ رڳو مقامي سماج لاءِ روشن مثال بڻيو، پر ايندڙ نسل لاءِ بہ هڪ مضبوط بنياد قائم ڪيو، جيڪو تعليم، سماجي شعور ۽ ترقياتي ڪم ۾ دلچسپي رکڻ وارن لاءِ هڪ ترغيب ۽ حوصلو جو ذريعو بڻيو. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي شموليت ۽ ڪوششون اسان کي اهو سيکارن ٿيون تہ سماجي خدمت صرف فرض نہ، پر هڪ اعزاز ۽ ذميواري بہ آهي، جنهن جي ذريعي سماج ۾ مثبت تبديليون آڻي سگهجن ٿيون ۽ مستقبل جي نسلن لاءِ بهتر موقعا مهيا ڪري سگهجن ٿا.

4. Elected Joint Secretary GSSCC Taluka Mehar, for two years from 1991 to 1992.

پروفيسر عبيدالله لاڪير کي 1991ع کان 1992ع تائين GSSCC تعلقہ ميهڙ جو جوائنٽ سيڪريٽري چونڊڻ هڪ وڏي عزت ۽ اهم ذميواري واري حيثيت هئي، جيڪا سندس قيادتي، انتظامي ۽ سماجي صلاحيتن جي تسليم طور ڏنو ويو. هن عهدن دوران نہ رڳو انتظامي معاملن کي سنڀاليو، پر ڪميٽي جي سرگرمين کي وڌيڪ شفاف، موثر ۽ مقصدن سان هم آهنگ بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي بصيرت، علم ۽ حڪمت عملي سان ڪميٽي جي اجلاس، پروگرام ۽ منصوبا ڪاميابي سان هلائڻ ۾ نمايان رهيو. هن جو عملي ۽ پرعزم رويو ٻين ميمبرن ۽ ڳوٺاڻن لاءِ هڪ روشن مثال بڻيو. هن هر پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن کي همٿايو، منصوبن جي نفاذ لاءِ تجويزون پيش ڪيون ۽

مقامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي پاليسين جي تياري ۾ مدد ڪئي. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي قيادت سان ڪميٽي جي ڪم ۾ نظم و ضبط، شفافيت ۽ جوابدهي جو معيار بلند ٿيو، جنهن سان ڳوٺاڻن ۾ اعتماد وڌيو ۽ سماجي پروگرام وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ لاڳو ٿيا. هن عهدي دوران پروفيسر عبيدالله لاڪير نہ رڳو انتظامي ذميواريون سنڀاليون، پر مقامي سماج جي ترقي ۽ ماڻهن جي بااختياري لاءِ پڻ اهم قدم کنيا. هن جي سرگرميون تعليم، صحت، سماجي شعور ۽ فلاح و بهبود جي شعبن ۾ نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيون. سندس اهو دور GSSCC لاءِ هڪ مثالي ۽ يادگار دور رهيو، جيڪو ايندڙ نسل لاءِ قيادت، خدمت ۽ سماجي ذميواري جو روشن مثال قائم ڪري ٿو.

5. Selected unanimously by the SINGOF Board and actively worked as an honorary coordinator to Sindh NGOs Federation (SINGOF) for District Dadu during 1997 to 1998.

پروفيسر عبيدالله لاڪير کي 1997ع کان1998ع دوران سنڌ اين جي اوز فيڊريشن (SINGOF) لاءِ ضلعي دادو ۾ اعزازي ڪوآرڊينيٽر طور چونڊڻ هڪ انتهائي اعزاز ۽ وڏي ذميواري واري حيثيت هئي. هي چونڊ مڪمل اتفاق سان ڪئي وئي، جيڪا سندس علم، تجربو، قيادت ۽ سماجي ڪم جي ساک جو روشن ثبوت آهي. پاڻ هن منصوبي ۾ نہ رڳو انتظامي ۽ تنظيمي ڪم سنڀاليائين، پر SINGOF جي پاليسين ۽ پروگرامن کي ضلعي سطح تي مؤثر طريقي سان لاڳو ڪرڻ ۾ پڻ نمايان ڪردار ادا ڪيو. پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي ذميواري جي ادائيگي دوران مختلف اين جي اوز ۽ سماجي تنظيمن سان رابطا وڌائڻ، تعاون جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۽ مقامي سماج جي ضرورتن کي سمجهندي منصوبابندي ۾ مدد ڪرڻ ۾ سرگرم رهيو. سندس اعزازي حيثيت سان گڏ سندس عملي ۽ متحرڪ رويو ٻين سماجي ڪارڪنن لاءِ پڻ هڪ روشن مثال بڻيو، جنهن سان ضلعي دادو ۾ اين جي اوز جي ڪم جي اثرائتي ۽ شفافيت وڌي. هن عهدي دوران پروفيسر عبيدالله لاڪير نہ صرف ضلعي سطح تي اين جي اوز جي ڪم کي منظم ڪيو، پر مقامي ماڻهن جي شعور، تعليم، صحت ۽ فلاح و بهبود جي منصوبن ۾ پڻ

اهم اضافو ڪيو. سنڌس محنت ۽ لگن سان SINGOF جو ضلعي دادو ۾ اثرائتو ۽ مستحڪم نيٽورڪ قائم ٿيو، جيڪو اينڊڙ وقت لاءِ سماجي خدمت ۽ قيادت جو روشن مثال بڻجي ويو.

6. Selected unanimously by the coalition units of Pakistan NGO Forum (PNF) and worked as a Secretary PNF from April 1998 to April, 1999.

پروفيسر عبيدالله لاڪير کي پاڪستان اين جي او فورم (PNF) جي ڪوئيليشن يونٽن پاران مڪمل اتفاق سان چونڊيو ويو ۽ اپريل1998ع کان اپريل1999ع تائين سيڪريٽري PNF طور ڪم ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين، جيڪو سنڌس سماجي خدمتن ۽ قيادتي قابليتن جو هڪ نمايان ثبوت آهي. هي چونڊ نه رڳو سنڌس علم ۽ تجربي جي تسليم هئي، پر اهو پڻ ڏيکاري ٿي ته مختلف تنظيمون ۽ ڪوئيليشن يونٽس سنڌس رويي، ايمانداري ۽ پيشه ورانه صلاحيتن تي مڪمل اعتماد آهي. هن عرصي دوران پروفيسر عبيدالله لاڪير PNF جي انتظامي ۽ پاليسي سطح تي اهم ذميواريون سنڀالڻ سان گڏ، اين جي اوز جي سرگرمين کي منظم ڪرڻ، حڪمت عملي سان منصوبابندي ۾ مدد ڏيڻ ۽ مقامي ۽ قومي سطح تي اين جي اوز جي ڪم کي فروغ ڏيڻ ۾ فعال رهيو. سنڌس محنت ۽ لگن سان PNF جو ضلعي ۽ قومي نيٽورڪ وڌيڪ مضبوط ۽ شفاف بڻيو، جنهن سان سماجي شعور، فلاح و بهبود ۽ اين جي اوز جي ڪارڪردگي ۾ نمايان بهتري آئي. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ جو دور نه صرف اعزاز جو وقت هو، پر مقامي ڪميونٽي ۽ سماجي تنظيمن لاءِ سکيا، رابطن ۽ تعاون جو هڪ مضبوط بنياد پڻ فراهم ڪيو، جنهن سان اينڊڙ منصوبن ۽ پروگرامز لاءِ هڪ مستحڪم ڍانچو تيار ٿيو.

7. Elected and worked as a General Secretary District Development Society Dadu, From 27th April, 1998 to April, 1999.

پروفيسر عبيدالله لاڪير کي ڊسٽرڪٽ ڊولپمينٽ سوسائٽي دادو جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو، جتي هن اپريل1998ع کان اپريل1999ع تائين پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪيو. هن عهدي دوران هن ضلعي جي ترقياتي منصوبن جي نگراني ڪئي، سماجي ۽

تعليمي پروگرامز کي اڳتي وڌايو ۽ مقامي ماڻهن کي شعور ۽ سهولتن تائين رسائي ۾ مدد فراهم ڪئي. سنڌس شموليت نه صرف ادارتي ڪارڪردگي کي بهتر بڻايو، پر مقامي ڪميونٽي ۾ اعتماد ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۾ به اهم ثابت ٿي. هن منصوبي ۾ شامل ٿيڻ سان پروفيسر عبيدالله لاڪير جي قيادت، تنظيم سازي جي صلاحيت ۽ ترقياتي شعور کي هڪ نئين اوچائي ملي، جيڪا ضلعي دادو جي عوام لاءِ هڪ روشن مثال بڻجي وئي.

Worked as a District Data Collector for District Dadu in SPO-SEF (Sindh Education Foundation) Project during April, 1998 to June, 1998. During this period visited and observed work of almost all the NGOs & CBOs of District Dadu.

پروفيسر عبيدالله لاڪير ضلعي دادو ۾ SPO-SEF (Sindh Education Foundation) پروجيڪٽ جي تحت اپريل 1998ع کان جون1998ع تائين ڊسٽرڪٽ ڊيٽا ڪليڪٽر طور پنهنجو اعلىٰ ۽ محنتي ڪردار ادا ڪيو. هن منصوبي ۾ ضلعي جي تقريبًا سڀني NGOs ۽ CBOs جو تفصيلي دورو ڪيو، جتي نه صرف انهن جي ڪم جو مشاهدو ڪيو، پر مقامي ڪميونٽي جي حقيقي ضرورتن، مسئلن ۽ چيلنجن کي به گهرو ڌيان سان سمجهيو. پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي وسيع علم، تجربي ۽ بصيرت جي بنياد تي هر تنظيم جي سرگرمين جو جامع تجزيو تيار ڪيو، جنهن ۾ انهن جي سماجي اثر، ڪم جي معيار ۽ مستقبل لاءِ بهتر منصوبابندي جا موقعا نمايان ڪيا ويا. اهي گڏ ڪيل ڊيٽا ۽ مشاهدا نه صرف شمارياتي معلومات تي مشتمل هئا، پر هڪ علمي ۽ عملي دستاويز جي صورت هئا، جيڪا ضلعي ۾ تعليمي، صحت ۽ سماجي ترقياتي پروگرامز کي وڌيڪ مؤثر، منصوبابندي سان ۽ مقامي ضرورتن مطابق نافذ ڪرڻ لاءِ هڪ اهم ذريعو بڻجي ويا. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي عميق تجزئي ۽ مشاهدي سان گڏيل معلومات مقامي ضرورتن، مسئلن ۽ چيلنجن جي عڪاسي ڪندي، ترقياتي ادارن، پاليسي سازن ۽ سماجي تنظيمون لاءِ هڪ قيمتي حوالو بڻجي وئي، جنهن سان ضلعي جي ترقياتي ڪم ۾ مضبوط بنياد رکيو ويو. ان دوران پروفيسر عبيدالله لاڪير نه صرف ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۾ مهارت

ڏيکاري، پر پنهنجي قيادتي صلاحيتن ۽ تنظيم سازي جي قابليت سان ضلعي جي سطح تي ڪيل منصوبابندي ۽ رپورٽون عملي طور تي مثبت تبديليون آڻڻ ۾ نمايان مددگار ثابت ٿيو. هن پنهنجي علم، وقت ۽ توانائي کي مڪمل طور ڪميونٽي جي ڀلائي لاءِ وقف ڪيو، جنهن سان ضلعي دادو ۾ هڪ روشن ۽ اعزازي مثال قائم ٿيو. پروفيسر عبيدالله لاکير جي محنت ۽ بصيرت سان نه صرف ضلعي جي مقامي تنظيمون وڌيڪ فعال ٿيون، پر سماجي شعور وڌڻ، مقامي مسئلن جي سڃاڻپ ۽ عوامي بهتري ۾ نمايان مدد ملي. سندس ڪوششن جي نتيجي ۾ مقامي نوجوانن، سماجي ڪارڪنن ۽ ڪميونٽي جي اڳواڻن ۾ شعور ۽ عملي جاڳ وڌي، جنهن سان ضلعي جي ترقياتي ڪم ۾ هڪ نئون رُخ آيو. پروفيسر عبيدالله لاکير پنهنجي عملي ۽ علمي قابليتن سان ڪميونٽي کي بااختيار بڻائڻ، تعليم ۽ صحت جي شعور کي وڌائڻ ۽ سماجي مسئلن جي حل ۾ هڪ فعال ۽ مثالي ڪردار ادا ڪيو. انهن تجربن ۽ ڪوشش سان پروفيسر عبيدالله لاکير نه صرف ضلعي دادو لاءِ، پر سڄي سنڌ جي ترقياتي شعبي ۾ هڪ اعزازي ۽ مثالي شخصيت طور پنهنجو مقام قائم ڪيو. سندس علمي تجزيو، عملي مشاهدات ۽ ڪميونٽي سان واسطو قائم رکڻ جو انداز نه صرف موجوده وقت ۾ مددگار ثابت ٿيو، پر مستقبل جي منصوبابندي ۽ پاليسي ٺاهڻ ۾ به هڪ اهم معيار بڻجي ويو. پروفيسر عبيدالله لاکير جو ڪردار هڪ روشن مثال آهي، جنهن سان مقامي ۽ قومي سطح تي سماجي شعور، تنظيم سازي ۽ ترقياتي ڪم کي هڪ اعليٰ سطح تي پهچايو ويو ۽ انهن جي محنت ۽ بصيرت سان ڪميونٽي ۾ مثبت ۽ پائدار تبديليون آيون. پروفيسر عبيدالله لاکير جي ڊسٽرڪٽ ڊيٽا ڪليڪٽر طور شرڪت هڪ اعزازي ۽ دلڪش تجربو هو، جنهن نه صرف ضلعي دادو ۾ ترقياتي ڪم کي بهتر بڻايو، پر مقامي تنظيمن، ڪارڪنن ۽ ڪميونٽي لاءِ سکيا ۽ ترغيب جو هڪ روشن ذريعو پڻ بڻيو.

تعليمي خدمتون ۽ قائدانه صلاحيتون

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي تعليمي سفر ۾ محنت، لگن ۽ ايمانداريءَ جو وڏو ڪردار رهيو آهي. پاڻ هميشه شاگردن جي ذهني، فڪري ۽ تعليمي ترقيءَ لاءِ جديد تعليمي طريقن کي اپنائڻ تي زور ڏيندو رهيو آهي. جيئن هو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جو پهرين فيبروري 2013ع ۾ پرنسپال بڻيو ته هن ادارتي انتظام، تعليمي معيار ۽ شاگردن جي مجموعي ترقي ۾ ڪيترائي اهڙا قدم کنيا، جيڪي ڪاليج کي هڪ نمايان تعليمي مرڪز بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا. سندس محنتن جو ئي نتيجو آهي جو هي ڪاليج اسان جي علائقي جي مڙني ڪاليجن ۾ نمايان رهيو. هي نئون ڪاليج هو. هر طرف عمارت ڪان سواءِ ويراني هئي پر رات ڏينهن محنت ڪري ويراني کي سبزوزار ۾ تبديل ڪري عمارت جو قدر وڌايو ۽ هي ادارو ڏسڻ وٽان ٿي ويو. هن ڪاليج ۾ باغيچن ۽ ساوڪ کي سجائي رکڻ ۾ به سائين پروفيسر صاحب جي محنت قابل تعريف رهي. سندس محنتن کي پنهنجي اکين سان ڏسي منهنجي ڳالهه جو ثبوت حاصل ڪرڻ لاءِ اچ به هن ڪاليج کي ڏسي هر ذي عقل سائين پروفيسر صاحب جي محنتن جو معترف بڻبو. سائين پروفيسر صاحب جنهن به ڪاليج ۾ رهيو ان کي پنهنجو گهر سمجهيو، شاگردن کي پنهنجو روحاني اولاد تسليم ڪري ڪين هر ممڪن سهولت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، شاگردن جي حقن لاءِ پاڻ هر پليٽ فارم تي ساٿن گڏ تي بيٺو، اجان به ان ڪان وڌي قدم اهو کنيائين جو هر محاذ تي شاگردن جي گروپ جي اڳواٽي ڪندو رهيو. گويا شاگرد کي پنهنجا جائز حق وٺڻ لاءِ هڪ سگهارو رهنما مليو. سائين پروفيسر صاحب شاگردن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پاڻ پتوڙڻ ۾ دلي سُڪون محسوس ڪندو رهيو.

سائين استاد هوندي پاڻ کي هميشه شاگرد ئي سمجهندو رهيو. الله رب العزت منجهس قائدانه صلاحيت به ڪجهه وافر مقدار ۾ رکي آهي. سائين پروفيسر صاحب جي قائدانه صلاحيتن جو سڀ کان وڏو مثال اهو آهي ته هو شاگردن، استادن ۽ ڪاليج جي انتظاميه جي

وچ ۾ هڪ مضبوط پل بڻجي رهيو. هو ڪاليج جي تعليم کي صرف هڪ سرڪاري فرض طور نہ ڏسندو هو، پر پنهنجي ذميواري ۽ فرض جي طور تي سمجهندو رهيو. پاڻ پنهنجي قيادت ۾ تعليمي نصاب کي بهتر بڻائڻ، نون موضوعن جو تعارف ڪرائڻ ۽ تحقيق جي حوصلا افزائي لاءِ خاص ڌيان ڏيندو رهيو آهي. پاڻ انهيءَ سلسلي ۾ دوستن، واسطي وارن کان ۽ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري ڪتاب وٺي ڪاليج اندر هڪ بهترين ۽ علمي خزاني سان ڀريل لائبريري جوڙيائين. سندس هيءَ لائبريري بہ ڏسڻ وٽان آهي. جنهن ۾ 8 المارين ۾ ٽي هزار کان مٿي چونڊ ڪتاب موجود آهن. جن ۾ ادب، تاريخ، سائنس، لطيفيات ۽ مذهب شامل آهي. راقم جڏهن ايم فل جو مقالو لکي رهيو هئس، ان وقت بہ ۽ جڏهن وري پي ايڇ ڊي جو مقالو لکي رهيو هئس ان وقت بہ هن ڪاليج جي لائبريريءَ منجهان ڪافي فائدو حاصل ڪيم. تحقيق جي سلسلي ۾ بہ سائين پروفيسر لاڪير صاحب جو سَهڪار قابل دِيد رهيو. ڪيس تمام گهڻي خوشي ٿي رهي هئي تہ منهنجي سَجايل هن گلشن منجهان علمي اُجارا پنهنجي اُج اُجهائڻ لاءِ اچي حاضر ٿين ٿا. پروفيسر لاڪير صاحب هر وقت شاگردن جي قابليت کي نِکارڻ ۽ سندن دلچسپي موجب تعليم ڏيڻ لاءِ نوان طريقا ڳوليندو رهيو، جيئن شاگرد ڪنهن بہ ميدان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهن. انهيءَ لاءِ بہ ڏاڍو حريص رهيو آهي .

سندس قيادت ۾ ڪاليج ۾ تعليمي، ثقافتي ۽ راندين جي سرگرمين کي وڏي اهميت ڏني وئي، جنهن سان شاگردن ۾ مجموعي ترقي ٿي ۽ انهن جي ذاتي قابليتن کي اجاگر ڪيو ويو. هر سال سچي سنڌ وانگر سنڌي ثقافت جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي ۽ هر سال راندين جا هفتا منعقد ڪري نوجوانن جي تربيت ڪئي ويندي آهي. پروفيسر لاڪير صاحب جي انتظامي قابليتن جو اهو بہ ثبوت آهي تہ هن وقت ڪاليج ۾ هڪ منظم ماحول آهي جتي شاگردن کي تعليم سان گڏ اخلاقي تربيت بہ ملي ٿي.

شاگردن لاءِ هڪ مثالي استاد ۽ رهنما

پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب شاگردن لاءِ رڳو استاد نہ، پر هڪ سچي رهنما جي حيثيت سان رهيو. سندس زندگي جو بنيادي مقصد شاگردن کي علم ۽ تربيت ڏيڻ رهيو، جنهن لاءِ هو پاڻ کي مڪمل طور وقف ڪري چڪو آهي. پاڻ شاگردن جي فڪرن، خواهشن ۽ مسئلن کي سمجهي انهن جي حل لاءِ پنهنجو هر وسيلو استعمال ڪندو رهيو آهي. شاگرد جڏهن ڪنهن مشڪل ۾ هجن تہ اتي پروفيسر لاڪير صاحب سندن مدد لاءِ هر وقت موجود رهيو آهي. سائين جن جو شاگردن سان رويو انتهائي مهربان، همدرد ۽ سُهڻو رهيو آهي، جنهن جي ڪري شاگرد پر اعتماد ۽ محبت وارو سايو محسوس ڪن ٿا. هو شاگردن کي نہ رڳو تعليمي معاملن ۾ مدد ڏيندو رهيو، پر زندگي جي مختلف ڏڪيائين ۾ بہ انهن جو ساٿ ڏيندو رهيو. سندس صحبت ۾ شاگرد پنهنجي شخصيت کي بهتر بڻائيندا رهيا، نئين سوچ سان روشناس ٿيندا رهيا ۽ زندگيءَ جي مُشڪلاتن کي مُنهن ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ڪندا رهيا. پروفيسر لاڪير صاحب شاگردن ۾ تحقيق ۽ تخليق جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ مختلف تعليمي ۽ ادبي پروگرام منعقد ڪرائيندو رهيو آهي، جن ۾ شاگرد حصو وٺي پنهنجي صلاحيتن کي مڃائيندا رهيا. سائين جو اهو انداز شاگردن کي پڙهندڙ کان وٺي هڪ سوچيندڙ ۽ تخليقي صلاحيتون اپارڻ وارو انسان بڻائي ٿو.

ادب جو عاشق ۽ ثقافت جو پاسبان

پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب سنڌي ادب ۽ ثقافت جو زبردست علمبردار آهي. سندس زندگي ۽ لڪڻين ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي محبت صاف جهلڪي ٿي. هو پنهنجي لکڻين ذريعي سماج ۾ موجود ڪيترين ئي سماجي مسئلن کي اجاگر ڪندو رهيو آهي ۽ شاگردن کي بہ ادب جي وسيلي سماجي شعور اجاگر ڪرڻ جو درس ڏيندو رهيو آهي. سندس ادب سان لڳاءُ صرف تعليمي حد تائين محدود ناهي، بلڪ هو سنڌي ٻولي جي بچاءَ ۽ فروغ لاءِ مختلف

ادبي سرگرمين ۾ پڻ سرگرم آهي. پاڻ سنڌي ادب جي تاريخ، قديم شاعرن ۽ نئين دور جي ليکڪن تي مکمل عبور حاصل ڪيو اٿائين، جنهن جي ذريعي شاگردن ۾ ادب جي محبت پيدا ڪري ٿو. ان ڪان علاوه پروفيسر لاکير صاحب انگريزي ادب ۾ پڻ پنهنجي ڄاڻ ۽ لکڻين ذريعي شاگردن کي عالمي ادب سان روشناس ڪرائيندو رهيو. انهن جي ادبي محفلن ۾ شاگرد نہ صرف پنهنجي ٻولي سان جڙيل رهندا آهن، پر عالمي ادب جي فڪر ۽ جماليات ڪان بہ واقف ٿين ٿا.

اخلاقيات ۽ دينداري جو بلند معيار

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي زندگي ۾ اخلاقيات ۽ دينداري کي بنيادي حيثيت ڏئي ٿو. هو پنهنجي شخصي زندگي ۽ تعليمي ڪيريئر ۾ ايمانداري، عاجزي ۽ انصاف جو پورو خيال رکندو آهي. سندس اخلاق جو معيار ايترو بلند آهي جو پاڻ شاگردن ۽ ساٿين لاءِ هميشہ هڪ مثال طور موجود رهيو آهي. پاڻ شاگردن کي صرف علمي سبق نہ پر زندگي جا اهم اخلاقي سبق بہ سَيکاريندو رهيو. پروفيسر لاکير صاحب ايمان، ايمانداري، برداشت ۽ محنت جي اهميت تي زور ڏئي ٿو، جيڪو هر انسان لاءِ لازمي هوندا آهن. سندس اخلاقي رويو تعليمي ماحول ۾ امن، محبت ۽ هم آهنگي کي وڌائيندو رهيو آهي. دينداري جي حوالي سان، پروفيسر لاکير صاحب هڪ باقاعده مذهبي زندگي گذاريندو آهي. هو پنهنجي مذهبي فرضن جي پابندي ڪندو آهي ۽ ان سلسلي ۾ شاگردن کي پڻ ترغيب ڏيندو رهيو آهي تہ هو پنهنجي دين ۽ ثقافت سان محبت ڪن ۽ پنهنجن فرضن کي نڀائين. سائين عبيدالله پنهنجي زندگي کي دوستن جي وچ ۾ گذارڻ کي ترجيح ڏني. سندس دوستيءَ جي حلقي کي اگر ڏسجي تہ ان ۾ اهل علم حضرات ۽ علمي ميدان اندر پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ وارن جي ڪثرت ملندي. پاڻ اهل علم شخصيت هجڻ سان گڏ اهل علم ۽ علم جي خدمت ڪندڙن جو ديوانو نظر اچي ٿو. پاڻ علم وارن چاهي اهو دوست هجي يا اڻ

واقف مگر دل جي چاهت سان خدمت ڪندو آهي. پاڻ اهڙين شخصيتن جي صحبت منجهان پرائڻ جو گهڻو حِرص رکي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سندس اڪثر وقت اهل علم جي صحبت ۾ گذرندو آهي. پاڻ انهن جو عاشق آهي. ڪتابن پڙهڻ جو بہ ڪيس جنون آهي. پاڻ پوسٽ يا ڪوريئر سروسز ذريعي ڏورانهن علائقن منجهان ڪتاب گهرائي پڙهڻ جو بہ گهڻو شوق رکي ٿو.

سماجي خدمت ۽ عوامي ڀلائي لاءِ وقف

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب نہ رڳو تعليمي شعبي ۾ بلڪ سماجي ميدان ۾ پڻ پنهنجي خدمتن لاءِ مشهور آهي. هو پنهنجي علائقي جي مسڪين ۽ مستحق عوام جي خدمت کي پنهنجي ذميواري سمجهي ٿو ۽ هميشہ ضرورت مند ماڻهن جي مدد لاءِ اڳيرو رهيو آهي. پاڻ ڪيترائي سماجي پروگرام ۽ رضاڪارانہ سرگرميون ڪيون اٿائين. جن ۾ مقامي علائقن ۾ تعليم، صحت ۽ ثقافت کي فروغ ڏيڻ شامل آهي. پاڻ پنهنجي اڻوجهہ عوام جي رهنمائي ڪندو رهيو آهي. پنهنجي علم ۽ عقل سان منجهيل ماڻهن کي بهترين ۽ ڪارگر مشورا بہ ڏيندو رهيو آهي. سندس هميشہ ڪان اها چاهت رهي آهي تہ اسان جي عوام اندر شعور کي بيدار ڪيو وڃي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب عورتن جي تعليم ۽ حوصلہ افزائي تي بہ محنت ڪئي، جيڪو سماجي ترقيءَ جو اهم حصو آهن. پنهنجي ڪاليج ۾ پڙهندڙ نياڻين جي حوصلا افزائي ڪندو رهيو. اهو وڏو ڪارنامو چئجي جو محدود وسيلن ۽ پڙهائڻ واري عملي جي گهٽ هجڻ باوجود نياڻين لاءِ جدا ڪلاس رکيا ويا ۽ رڳي ايترو نہ پر ان خدمت کي ڪاميابيءَ سان ٻارنهن (12) سالن ڪان وٺي جاري رکيو پيو وڃي. سائين انهيءَ سوچ تحت نياڻين جي تعليم تي خاص طور تي ڌيان ڏيندو رهيو تہ هڪ نياڻي جي پڙهڻ سان هڪ خاندان تعليم جي زيور سان آراستہ ٿيندو. اسان جي معاشري ۾ جتي عورتن کي تعليم ڪان محروم رکيو ويو آهي اگر نياڻين کي ڪاليج اندر هر ممڪن سهولت ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي تہ انهيءَ

جي ڪري والدين منجهه پنهنجي نياڻين ڪي پڙهائڻ جو رجحان وڌندو ۽ هو بي فڪر ٿي پنهنجي نياڻين ڪي پڙهڻ جي اجازت ڏيندا. ان ڪان علاوه پروفيسر لاڪير صاحب ثقافتي پروگرام منعقد ڪرائيندو رهيو، جن جي ذريعي نوجوانن ڪي پنهنجي ثقافت، ادب ۽ تاريخ سان جوڙڻ جو موقعو مليو. اهڙيون سرگرميون نوجوانن ۾ پاڻ تي اعتماد وڌائين ٿيون ۽ سندن شخصيت ڪي نکارين ٿيون.

جديد دور ۾ جدت پسندي

پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب پنهنجي تعليمي اداري ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ جديد تعليمي طريقن ڪي اپنائڻ جو اڳواڻ رهيو. پاڻ ڄاڻي پيو ته تعليمي نظام ڪي جديد دنيا جي تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ جديد طريقن ۽ اوزارن جو استعمال ضروري آهي. تنهنڪري پاڻ پنهنجي ڪاليج ۾ جديد ڪمپيوٽر ليب، آن لائن تعليمي وسيلن، بهترين لائبريري ۽ جديد تحقيقاتي سهولتن جو انتظام ڪيو آهي. سندس سوچ اها رهي ته جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪرڻ سان نه صرف تعليم جي معيار ۾ بهتري ايندي آهي پر شاگردن ڪي تحقيق، تجزيو ۽ نئين سوچ پيدا ڪرڻ جا موقعا به ملن ٿا. هو نون تدريس جي طريقن جهڙوڪ ورچوئل ڪلاسز، آن لائن ريسرچ ۽ جديد ليڪچرنگ ٽيڪنالاجي ڪي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش ۾ رهيو. پروفيسر لاڪير صاحب جو هڪ ٻيو اهم پهلو آهي ته هو پنهنجي استادن ڪي پڻ جديد تعليم ۽ تحقيق جي ميدان ۾ تربيت ڏيڻ تي زور ڏيندو رهيو ته جيئن سڀ استاد علم ۽ ڄاڻ جي دنيا ۾ هميشه اپڊيٽ رهن ۽ شاگردن ڪي بهترين تعليم ڏئي سگهن.

علم، ادب ۽ خدمت جو جامع سفر

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير هڪ اهڙي شخصيت آهي جنهن پنهنجي زندگيءَ ڪي علم ۽ ادب جي فروغ ۽ سماج جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. سندس زندگيءَ جو هر پهلو اسان لاءِ سبق آهي، جيڪو اخلاص، قرباني ۽ سخاوت جي بنياد تي قائم آهي.

شاگردن لاءِ روشنيءَ جو سرچشمو

پروفيسر عبيدالله لاڪير 35 سال تعليم جي شعبي ۾ ڪم ڪري چڪو آهي. پاڻ نه صرف هڪ استاد پر شاگردن جو سچو ليڊر ۽ رهنما پڻ رهيو. سندن تدريس جو انداز علمي لحاظ ڪان انتهائي اثرائتو ۽ دل ڪي ڇهندڙ هوندو هو، جتي پاڻ شاگردن ڪي نه صرف نصابي معلومات ڏيندو آهي پر زندگي جا اهم سبق، اخلاقي قدر ۽ سماجي ذميواريون پڻ سمجهائيندو رهيو آهي. سائين جي سکيا ۾ صبر، محبت ۽ محنت جا عنصر نمايان هوندا آهن. ڪيترائي شاگرد اڄ به سندس شاگرد هجڻ تي فخر محسوس ڪن ٿا. پروفيسر لاڪير جو ارادو هميشه اهو هوندو آهي ته هو شاگردن ڪي خودمختيار ۽ ذميوار شهري بڻائن، جيڪي سماج ۾ مثبت تبديليون آڻي سگهن. تعليم جي ميدان ۾ سندس اڻٿڪ محنت ۽ ايمانداري کيس هڪ مثالي استاد بڻائي ڇڏين ٿا. سندس لکيل تعليمي مقالا ۽ مضمون سنڌي تعليمي نظام ۽ ادب ۾ اهم اضافو آهن.

قلم سان سنڌي ٻوليءَ جي خدمت

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير نه فقط هڪ استاد آهي پر هڪ بهترين ليکڪ ۽ ادبي محقق پڻ آهي. سندس قلم سنڌي ٻوليءَ جي سُونهن آهي ۽ سنڌي ثقافت ڪي پڻ اجاگر ڪري ٿو. پاڻ ڪيترائي ادبي مضمون، مقالا، ٻه اکر ۽ مهاڳ لکيا اٿائين. پروفيسر عبيدالله لاڪير ڪيترائي ادبي پروگرام ۽ سيمينار پاڻ هلائيا آهن، جن جو خرچ پاڻ پنهنجي کيسي مان برداشت ڪندو رهيو آهي. اهڙي سخاوت جو معيار اڄ جي دور ۾ ڏاڍو گهٽ نظر اچي ٿو، جتي اڪثر ماڻهو ادبي پروگرام صرف نالي لاءِ هلائين ٿا. انهن جو مقصد صرف ادب ڪي عام ڪرڻ، نون ليکڪن ڪي موقعا ڏيڻ ۽ ثقافت ڪي بچائڻ آهي. هنن ادبي محفلن ۾ نوجوانن، شاعرن ۽ ليکڪن ڪي پنهنجا ڪم پيش ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، جيڪو سنڌي ادب جي نئين نسل لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. پروفيسر عبيدالله لاڪير جو هي رويو سنڌي ادب جي مستقبل لاءِ روشنيءَ جو سرچشمو آهي.

سادگي، قرباني ۽ اخلاص

پروفيسر عبيدالله لاکير جي زندگيءَ جو هڪ اهم پهلو سندس ذاتي سادگي ۽ قرباني جو درس آهي. 35 سالن جي ملازمت دوران به پاڻ ڪڏهن به ذاتي ملڪيت گڏ ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪيائين. سندس زندگيءَ ۾ مال و دولت جو قدر نه پر انسانيت ۽ خدمت جو مانُ مٿاهون رهيو. پاڻ پنهنجن وسيلن کي پنهنجي ذاتي زندگيءَ لاءِ گهٽ ۽ ٻين جي ڀلائي لاءِ وڌائي خرچ ڪندو رهيو آهي. ان قرباني ۽ خلوص جي ڪري سندس زندگي مثالي بڻجي چڪي آهي، جيڪا هر فرد کي غور ۽ فڪر لاءِ دعوت ڏئي ٿي. سادن ۽ بي لوث ماڻهن لاءِ پروفيسر لاکير هڪ روشن مثال آهي، جيڪو اسان کي سيکاري ٿو ته زندگيءَ جو اصل مقصد خدمت ۽ محبت آهي، نه ڪي صرف ذاتي فائدو حاصل ڪرڻ.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير هڪ اهڙي شخصيت آهي جنهن پنهنجي زندگيءَ کي علم، ادب ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ وقف ڪيو آهي. سندس زندگي اسان سڀني لاءِ هڪ بي مثال سبق آهي، جيڪو اخلاص، قرباني، سخاوت ۽ خدمت تي ٻڌل آهي. سائين جون تعليمي خدمتون، ادبي محفلون ۽ سماجي ڪردار سنڌي سماج جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سندس انسانيت دوست رويو ۽ ذاتي سادگي اسان کي زندگيءَ جا اصل مقصد ياد ڏيارين ٿا.

تعليمي فلسفو ۽ شاگردن سان تعلق

پروفيسر عبيدالله لاکير جو شاگردن سان رشتو استادن جي روايتي تعلق کان بالاتر رهيو. پاڻ شاگردن جي علمي ترقي، اخلاقي سنوار، نفسياتي سپورٽ ۽ سماجي بهتريءَ لاءِ هڪ "روحاني والد" وانگر ڪم ڪندو هو. پاڻ چوندو آهي ته: "جيڪو استاد شاگرد کي سوچڻ سيکاري ٿو، اهو شاگرد کي زندگيءَ لاءِ تيار ڪري ٿو." پروفيسر صاحب شاگردن جي مسئلن کي پنهنجو مسئلو سمجهي سندن مالي، اخلاقي، نفسياتي ۽ تعليمي مدد پڻ ڪندو رهيو. سندس ڪلاس روم آزادي، اعتماد ۽ فڪر جي تربيت لاءِ هڪ مثال هوندو هو.

پروفيسر عبيدالله لاکير جو تعليمي فلسفو صرف ڪتابي تعليم تائين محدود ناهي، بلڪ زندگيءَ جي علمي ۽ اخلاقي تربيت تي زور ڏنو اٿائين. سندس خيال ۾ استاد جو ڪم صرف سبق پڙهائڻ ناهي، پر شاگردن جي شخصيت ناهڻ ۽ انهن ۾ ذميواري جو شعور اجاگر ڪرڻ پڻ آهي. سندس تدريس جو انداز انتهائي پيارو، صبر وارو ۽ شاگردن کي سمجهڻ وارو هوندو آهي. پروفيسر لاکير شاگردن جي هر ننڍڙي مسئلي کي به پنهنجو فرض سمجهندي انهن جي مدد لاءِ هميشه موجود هوندو آهي. پاڻ شاگردن کي نه صرف تعليمي طور تي اخلاقي ۽ سماجي سطح تي به مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جيئن اهي زندگيءَ ۾ ڪاميابي سان قدم وڌائي سگهن. سائين جي اها سوچ آهي ته تعليم جو اصل مقصد شاگردن کي خودمختيار بڻائڻ آهي، جيڪي پنهنجي ۽ سماج جي بهتري لاءِ ڪم ڪري سگهن. انڪري، شاگردن ۾ گڏيل تعاون، ايمانداري ۽ انساني قدرن کي وڌائڻ تي خاص ڌيان ڏيندو رهيو.

ادبي ڪم جون خاصيتون ۽ اثر

پروفيسر عبيدالله لاکير جي ادبي ڪم ۾ سنڌي ٻوليءَ جو حسن، ثقافت ۽ سماجي حقيقتن جي عڪاسي وڏي خوبصورتيءَ سان ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پروفيسر صاحب جو قلم سماجي ناانصافين، تعليمي ضرورتن ۽ ثقافتي حفاظت جي موضوعن تي زور ڏئي ٿو. سندس ڪيترائي مقالاجات ۽ ادبي تحريرون سنڌي ادبي حلقن ۾ اعليٰ درجي جو مقام رکن ٿيون. پاڻ ادب جي ميدان ۾ نون ليکڪن ۽ شاعرن جي حمايت ڪيائين ۽ پنهنجي ادبي محفلن ذريعي انهن کي پنهنجا ڪم پيش ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيائين. پروفيسر عبيدالله لاکير جي ادبي تحريرن جو انداز سادو پر اثرائتو آهي، جنهن سان پڙهندڙ جو دل ۽ دماغ ٻنهي کي ڇهڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

علم، فڪر، ادب ۽ خدمت جو بي مثال نمونو

پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي علمي سفر جو آغاز صرف عام تعليم سان نه، پر پاڻ علم کي مقدس مِشن سمجهي ڪيائين. پاڻ تعليم کي معاشي ضرورتون پورو ڪرڻ لاءِ ذريعو نه پر فڪري نجات جي اوزار طور اپنايو. سندس تدريسي ۽ علمي زندگي جي روشنيءَ ۾ اهو واضح ٿئي ٿو ته پاڻ استاد هجڻ کي رڳو روزگار نه سمجهندو رهيو بلڪ انسانيت جي فڪري خدمت سمجهندو رهيو آهي. پاڻ هميشه ان ڳالهه جو قائل رهيو ته استاد جي ذميواري صرف نصاب پڙهائڻ تائين محدود ناهي، پر انهيءَ ذميواري ۾ شاگرد جي فڪر، شعور، اعتماد ۽ فني صلاحيتن کي وڌائڻ به شامل آهي. پاڻ شاگردن کي پنهنجي مستقبل جي ميراث مجي مٿن پنهنجي کيسي منجهان خرچ ڪرڻ کي پنهنجي لاءِ عبادت ئي سمجهندو رهيو. شاگردن جي ڪاميابي منجهه پنهنجي ڪاميابي تلاش ڪندو رهيو. اڪثر جڏهن سائين سان ڪچهريءَ ۾ وينو هوندو آهيان ۽ ڪيس اها خبر پوندي هئي ته فلاڻو شاگرد ڪا ڪميشن پاس ڪري ڪنهن نوڪريءَ جي لاءِ سِليڪٽ ٿيو آهي يا ڪا ٽيسٽ پاس ڪري ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ سِليڪٽ ٿيو آهي ته سندس خوشي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ايئن خوشيءَ منجهان پيو ٻڌائيندو آهي جڻ سندس ڪنهن پٽ اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو هجي. هڪ دفعي جرئت ڪري اها ڳالهه سائين کان پڇي ورتم. سائين چيو ته بابا اسان مُعلم آهيون، دنيا وارا اسان کي پيغمبري پيشي سان لاڳاپيل سمجهي اسان کي معاشري سڀ کان وڌيڪ معزز سمجهن ٿا ۽ انهيءَ ۾ به ڪو شڪ ناهي ته اسان کي نسلن جي سَنوارڻ جي ذميواري سَونپيل آهي. هنن ٻچڙن کي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو ذمو مليل آهي. اگر اسان هنن جي پنهنجي قلبي چاهت سان تربيت نه ٿا ڪريون ته اسان کي استاد چوائڻ جو به ڪو حق ناهي. هنن جي تعليم ۽ تربيت جي صدقي ئي اسان کي اسان جي ٻچڙن جي روزي ۽ معاشري ۾ جيئڻ لاءِ خرچ ملي ٿو. هنن جي ڪاميابي ئي دراصل اسان جي ڪاميابي آهي. هي ته وري به انسانن جا ئي ٻچڙا آهن. ماڻهو اگر گهر ۾ ڪنهن جانور يا پکي کي پاليندو ۽ سيکاريندو آهي ته انهيءَ سان سندس

ڪيتري محبت ٿي ويندي آهي. هي اسان کي پنهنجو روحاني ابو سمجهن ٿا ته اسان به موٽ ۾ کين پنهنجو روحاني اولاد ئي سمجهندا آهيون. هنن جي ڪاميابي اسان کي اسان جي اصل اولاد جي ڪاميابي جيان خوشي ڏئي ٿي. هنن جو ڏک به اسان جو اندر ڳاري وجهي ٿو، هنن جي رهنمائي ڪندي اسان کي دلي سُڪون ملندو آهي. هنن جي ڪاميابي ڏسي اسان سمجهندا آهيون ته: ها هاڻي اسان پنهنجي مقصد ۾ ڪجهه ڪامياب ٿياسين ۽ ٿورڙي سفلتا ماڻي ورتي. اهي ڳالهيون ٻڌي ايئن محسوس ٿيندو آهي ته گويا سڄو ڪاليج ئي سندس روحاني اولاد آهي. ڪيس هر هڪ ٻار جي اها ساڳي چنتا هوندي آهي جيڪا ڪيس پنهنجي اولاد لاءِ هوندي آهي.

سندس تدريس جو انداز انتهائي رواجي طريقي کان هٽي ڪري رهيو، پاڻ نوان فڪري لاڙا اختيار ڪندو هو. پاڻ ڪتابن جي تشريح ڪرڻ بدران، سوال اُٿاري شاگردن کي سوچڻ ۽ تجزيو ڪرڻ تي آماده ڪندو هو. هر سبق جي شروعات ۾ هو نه رڳو علمي پسمنظر بيان ڪندو، پر انهن مضمونن کي حالتن سان جوڙي، عملي زندگيءَ سان ملائڻ جي ڪوشش پڻ ڪندو هو. هي تدريس جو انداز تعليم کي آساني سان سمجهڻ لائق بڻائيندو آهي. پاڻ ڪتابي ڳالهين کان هٽي ڪري زندگي جي تجربن ۽ حقيقتن سان جوڙي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. ڪيس هميشه اها ڳالهه ذهن نشين رهي ته ڪٿي ايئن نه ٿئي جو شاگردن جي ذهنن ۾ اها ڳالهه رهجي وڃي ته: هي ته صرف ڪتابي ڳالهيون آهن. زندگيءَ جي حقيقتن سان هنن جو ڪهڙو واسطو آهي؟ يا هن تعليم کي زندگيءَ جي حقيقتن تي ڪيئن منطبق ڪري سگهجي ٿو .

پاڻ شاگردن لاءِ ڪڏهن به فاصلو نه رکندو آهي، بلڪ انهن سان ذهني ۽ اتساهه وارو لاڳاپو قائم ڪري انهن جي مسئلن کي سمجهي، انفرادي توڙي اجتماعي رهنمائي ڪندو رهيو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ئي ناهي ته ڪيترائي غريب، مفلس ۽ بيمار شاگرد سندس مهربانيءَ سان تعليم حاصل ڪري سگهيا. انهيءَ جي گواهي ڏيڻ وارو صرف مان اڪيلو نه بلڪ ٻيا ڪيترائي ملندا. ڪيس يقين آهي ته جيڪو علم کي عام ڪري، اهو ئي سچو استاد آهي.

زندگي جو روحاني سرچشمو

پروفيسر عبيدالله لاکير جي زندگي جو اهم ۽ بنيادي پهلو سندس دين سان بي مثال لڳاءُ آهي. سندس زندگي فقط ظاهري ديني عملن تائين محدود ناهي، پر پاڻ اسلامي تعليمات جي روح، معنيٰ ۽ مقصد کي پنهنجي روزمره جي عملن، روين ۽ فيصلن ۾ شامل ڪري ٿو. سندس ڪردار ۾ قرآن مجيد جو ائين رنگ آهي، جيئن نخلستان ۾ پاڻي جو. پاڻ هميشه نماز ۽ روزي جهڙن ظاهري عبادتن سان گڏوگڏ اخلاق، صبر، همدردي، عاجزي، انڪساري ۽ اخلاص کي به عبادت سمجهندو رهيو آهي. سندس گفتار نرم، رويو عاجزانه ۽ نيت صاف آهي. هو نيڪ نيت انسان هجڻ کي ئي سچو مسلمان هجڻ سمجهي ٿو. پروفيسر صاحب جا ليڪچر ڪچهريون ۽ لکڻيون هميشه اسلامي تعليمات سان مطابقت رکڻ واريون هونديون آهن. پاڻ تعليم کي عام ڪرڻ، ٻين جي غلطين کي معاف ڪرڻ، بُرائيءَ جي جواب ۾ ڀلائي ڪرڻ ۽ خالص انساني سلوڪ کي اسلامي عمل جو معراج سمجهي ٿو. سندس عملن ۾ هڪ خاص روحاني وقار نظر اچي ٿو، جيڪو سندس شخصيت ۾ نرمي، اخلاص ۽ سچائيءَ جي روشنيءَ ڀري ٿو.

ثقافتي سجاڳپ جي بقا لاءِ جدوجهد

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي شخصيت ادب کان الڳ نه ٿي سمجهي سگهجي. پاڻ نه فقط پڙهندڙ، بلڪ سچو تخليقڪار، تنقيد نگار، منتظم ۽ ادبي فڪر جو ترجمان پڻ آهي. پاڻ پنهنجي آفيس ۾ ۽ پنهنجي ڪاليج ۾ ادبي پروگرام به ڏاڍي شوق سان منعقد ڪرائيندو رهيو آهي. انهن پروگرامن ۾ شامل ٿيندڙ هر هڪ مهمان جي دل جي چاهت سان خدمت به ڪندو رهيو آهي. پاڻ ٿورو گهڻو لکندو رهندو پڻ آهي. سندس لکڻين ۽ تقريرن ۾ جديد شعور، انساني قدرن ۽ انقلابي فڪر جو به رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پاڻ ادبي محفلن، مشاعرن، ڪانفرنسن، ڪتابن جي مهورتن ۽ تنقيدي بحثن جو مستقل حصو رهيو آهي. سندس اهتمام سان ڪيترين ئي ادبي

تقريبن ۾ نون قلمڪارن کي پليٽ فارم مليو ۽ بزرگ شاعرن کي عزت پڻ ملي. پاڻ نثر توڙي نظم کي صرف جماليات جي نظر سان نه پر انساني درد سان وابستگي سمجهي ٿو. پاڻ ادب کي فڪر جي تبديلي، قومي سجاڳپ ۽ تاريخي شعور جي علامت سمجهي ٿو. سندس خيال آهي ته: ادب قومن جو روح آهي، جيڪڏهن ادب مري وڃي ته قوم فڪر کان خالي ٿي ويندي.

پروفيسر عبيدالله لاکير پنهنجي علم، ادب ۽ فڪر ذريعي سنڌ جي قومي سجاڳپ کي اجاگر ڪيو آهي. پاڻ سنڌي ٻولي، تاريخ ۽ ثقافت جو محافظ آهي. پاڻ لساني هم آهنگيءَ، بين الثقافتي ڳالهه ٻولهه ۽ مقامي شناخت جي حق ۾ آهي. سندس خيال آهي ته: ”قومون فقط سياست سان نه، پر ثقافت، زبان ۽ فڪر جي تسلسل سان به زنده رهنديون آهن.“

فڪري سجاڳپ جي بقا لاءِ انتهائي جذبو

علم ۽ اهل علم سان پروفيسر عبيدالله لاکير جي محبت صرف نعرن تائين ئي محدود نه رهي آهي. پاڻ علم کي نه فقط پڙهڻ، پر جيئڻ جو فلسفو به سمجهي ٿو. سندس ڪوشش رهي آهي ته علم ۽ ڪتابن تائين هر شاگرد، هر ڳوٺ ۽ هر گهر جي رسائي ٿئي. پاڻ پنهنجي ليڪچررن ۽ ڪچهرين دوران چوندو رهيو آهي ته: ڪتاب سان لاڳاپو انسان کي غلاميءَ جي زنجير مان آزاد ڪري ٿو. وٽس گهر ۾ پنهنجي هڪ ذاتي لائبريري پڻ آهي. انهي سان گڏ ڪاليج ۾ به هڪ بهترين لائبريري جوڙيائين جيڪا شاگردن لاءِ سدا کليل رهي آهي ۽ هن ڪيترن ئي شاگردن ۽ دوستن کي ڪتاب تحفي طور ڏنا آهن. مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪتابي ميلن ۽ ڪتابن جي مفت ورهاست جي مهمن ۾ هو اڳڀرو رهيو آهي. اهل علم سان سندس رويو ادب، عزت ۽ احترام تي ٻڌل هوندو آهي. سندس خيال آهي ته جنهن سماج ۾ استاد جي بي قدري ٿئي، اهو سماج پنهنجي زوال جي طرف وڃي ٿو. پروفيسر عبيدالله لاکير جو علمي، اخلاقي ۽ سماجي ورثو وقت جي ڪنهن به اهڙي استاد،

مفڪر يا رهنما ڪان گهٽ ناهي جيڪو قومن جي شعور کي بيدار ڪري سگهي. سندس اثر سندس شاگردن جي فڪر ۾، ادارن جي طرز تدريس ۾ ۽ ڪيترن ئي ادبي پروگرامن جي پسمنظر ۾ زنده آهي. پاڻ نہ رڳو بهترين استاد پر فڪر جو پرچارڪ، ادب جو محافظ ۽ انسانيت جو اصل سپاهي آهي. سندس فڪر اهو آهي تہ: "انسانيت، علم، اخلاص ۽ خدا سان سچو هجڻ ئي تعليم جي آخري منزل آهي".

سماجي خدمت ۽ انسانيت جو عظيم سبق

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جي زندگيءَ جو هڪ وڏو پهلو سندس سماجي خدمت آهي. پاڻ نہ فقط ادبي ۽ تعليمي ميدان ۾ سرگرم رهيو آهي، پر سماجي بهتري لاءِ بہ پنهنجا ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. سائين تمام گهڻو سخي ۽ مهمان نواز رهيو آهي. پاڻ پنهنجن مهمانن، دوستن ۽ هر ضرورت مند لاءِ پنهنجي وسيلن کي ڪڏهن بہ بچائي ناهي رکندو. دل کولي مدد ڪرڻ ۽ سماج جي مسئلن ۾ اڳڀرو رهڻ سندس فطرت ۾ شامل آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر طبقي جا ماڻهو سندس عزت ڪندا آهن ۽ سندس صلاح مشوري کي اهميت ڏين ٿا. سماجي خدمتن ۾ سندس دلچسپي صرف لفظن تائين محدود ناهي، پر عمل سان ثابت ٿيل آهي. ڪيترن ئي سماجي ادارن ۽ تنظيمون ۾ سندس ڪردار نمايان رهيو آهي، جتي پاڻ پنهنجو وقت، وسيلو ۽ توانائي ڏيندي سماجي تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين.

انساني درد ۽ لاچار طبقي سان جذباتي وابستگي

سندس شخصيت جو هڪ اهم پاسو سندس انسان دوستي آهي. پاڻ انسانيت جي هر طبقي سان خلوص، همدردي ۽ انساني وقار جي بنيادن تي جڙيل تعلق رکي ٿو. غريبن سان سندس جذباتي وابستگي روحاني مدد آهي. پاڻ ان اصول تي عمل ڪندو آهي تہ: "جيڪو انسان جي خدمت نٿو ڪري، سو خدا جي عبادت جو دعويدار نہ ٿو

ٿي سگهي." پاڻ معذورن، بيواهن، يارن ۽ مسڪين طبقي لاءِ بغير ڪنهن واپسي جي اميد جي خاموش سهارو بڻيل رهيو آهي.

فڪر جي غلاميءَ خلاف باوقار بغاوت

پروفيسر عبيدالله لاڪير جو علمي فلسفو تنقيدي فڪر جي بنيادن تي بيٺل آهي. پاڻ انهيءَ ڳالھ تي يقين رکي ٿو تہ علم اُن وقت زنده رهي ٿو، جڏهن سوال، تجزيو، اختلاف ۽ تبديليءَ جي جرئت موجود هجي. پاڻ شاگردن کي سيکاريندو رهيو آهي تہ: "جيڪو فڪر کي جامد ڪري ڇڏي، اهو علم کي دفن ڪري ڇڏيندو آهي."سندس تحريرن ۽ گفتگوءَ ۾ استحصالي نظام، رسمي تقليد ۽ فڪر جي غلاميءَ تي تنقيد موجود آهي. پاڻ علمي ادارن ۾ "سوچڻ جي آزادي ۽ اظهار جي آزادي ڏيڻ" لاءِ جاکوڙيندو رهيو ۽ علم کي خوف کان آزاد ڪرڻ لاءِ بي لوث جدوجهد ڪئي اٿائين.

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جي شاعري

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جوانيءَ ۾ ڪڏهن پنهنجي مُنهن ويهي شاعري جي صِنف تي طبع آزمائي پڻ ڪئي. انهيءَ طرف سندس ڌِيان گهٽ رهيو. ان باوجود سندس شاعري جو هڪ ٻَنو مون کي هٿ آيو جيڪو قارئين جي نظر ڪجي ٿو .

معاشرو

بک! بدحالي
طبقا امير
غريب خوشيون
ڏک ٿهڪ
روڄ انسان
ورهايل

خماريل نيڻ

نيڻ خمارين ڪٽِي ڏِنائِين
مُڏِيءَ ڪاتِيءَ ساڻ ڪُنائِين

دل ۾ ڌڪو مَچِي ويو
هِڪ پَلَ ۾ هَوش اُڏِي ويو

لَبن جي مُسڪراهٽ تي
دل جو چين لُٽجي ويو

سُهڻي سُندر گفتار پرينءَ جي
ماڪيءَ جي جڻ لار هئِي

سندس ناز انداز ۾
پريل ڏِيمو جڻ ساز هُيو

سندس اکڙين مان
تِيرَن جي بَرسات هئِي

دِل جا بُت پُورا پُورا تي پيا
گڏ تِيَل خيال ٽُٽِي پيا

مُرڪي ڏنائِين، هر هر ڪُنائِين
هر هر ڪُنائِين

دل ۾ جڻ ماتم مچي ويو
رڳ رڳ مان جڻ رت سَڙي ويو

ڪجهه بہ نہ دانُ ڏِنائين
عُبيد کي فقط بربادِيءَ
جو سامان ڏنائين

منهنجا ارمان

ڪير ڪنهن وٽ اچي رُڪجي پيو،
جڻ هَيڪلو مسافر ڪُسجي پيو.

رات جي سانت ۾ باھ ٻَري،
دَم جهلي نہ سَگهي دِلڙي ڇَري.

۽ پوءِ لفظن جا تير وَسندا رهيا،
۽ دل جا ڪيترائي گهر سَڙندا رهيا.

موت برحق آهي، مجان تو پر
منهنجا ارمان بار بار مَرندا رهيا.

اسڪول ۾ ٻارڙا!

اسڪول ۾ ٻارڙا!
مَيرڙا، ڪارڙا
رنگين هَيڊڙا
سُڪل سَڄا
ڊِنل اکيون
هِيسيل هِنيانءَ
ڪتاب ڪَنا
اڻ پورا خواب
ڳِيي جا ڳولها
اجهي جا متلاشي

دل ۾ اهڙي باھ ٻَري پَئي،
سِيني ۾ جڻ جوت جَلي پئي.
غم جي شِدت جي مِناس سان،
جان جي رَڳ رَڳ ٺَري پَئي.

درد وڪوڙيو آهي

ڪير هتي آ، ڪير ڪٿي آ؟
ڪير ٻہ ڪنهن جو ناهي،
درد وڪوڙيو آهي.

سُورن جي هِن سَڪرات ۾،
پاڇو ٻہ پنهنجو ناهي،
درد وڪوڙيو آهي.

رُڃ جي اٽانگي سفر ۾،
سِڄ ٻہ سامهون آهي،
درد وڪوڙيو آهي.

پيرن ۾ پٿون آهن،
وڃڻو ٻہ ضرور آهي،
درد وڪوڙيو آهي.

خواهشن جي صليب تي،
ڪو لاش ٽنگيل آهي،
درد وڪوڙيو آهي.

PEACE AND SOUL

By: Mr: UBEDULLAH. M. LAKHIAR
[M.A Final English Deptt: Sindh University]

Peace!
A longing of the human heart,
Today's tired and trembling man,
Wants no bombs, no cries of war,
Only fields of golden grain.

The world is burning everywhere;
Man destroys the self he bears,
And every soul, from near to far,
Echoes the same complaint again.

Truth lies fallen on the ground,
Falsehood wears the victor's crown;
Ancient feuds still rise around,
These are measures of the man.

Life is crushed beneath brute force,
Love is broken, torn, divorced;
Yet in the ruins, one last source
Whispers: save your soul again.

Peace!
A longing of the human heart,
Today's man wants no bombs, but grain.

دوستن ۽ واقفن جا ويچار

پروفيسر عبيدالله لاکير لاءِ دوستن ۽ واقفن جا ويچار ڪجھ هن ريت آهن:

پير حماد الله خياروي

سنڌ جا مشهور بزرگ خياروي شريف جا سجاده نشين پير حماد الله خياروي جيڪي سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جا سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ڪلاس فيلو ۽ دوست رهيا. پنهنجي يادگيرين ۾ سائين عبيدالله لاکير جي باري ۾ لِکن ٿا: ”عبيدالله لاکير جي تصوير منهنجي ذِهن ۾انهن چوڪرن ۾ شامل آهي جيڪي مون يونيورسٽي ۾ پهرين ڏينهن ڪلاس ۾ ڏِٺا هئا. عبيدالله جو شمار ڪلاس جي تمام شريف شاگردن ۾ آهي. بدمعاش ته ٻيا ٻه ڪونه آهن پر طبيعت جي لحاظ کان هر ڪو ماڻهو ڊار ڊار پَرڪِيو ويندو آهي. عبيدالله گهٽ ڳالهائيندڙ ۽ هوشيار. عبيدالله هروڀرو ڪنهن جي معاملي ۾ چاهه نه وٺندو هو. ڏسڻ جو ٻه مانيٽو ۽ آهي ٻه مانيٽو. پر چرچن واري ڪچهريءَ ۾ رکي رکي ڪنهن مهل زوردار چرچو هڻندو. سندس سنهو ٿهڪ مون کي پيارو لڳندو آهي.“[1]

سائين پير حماد الله جن جي اها گواهي 1985ع جي آهي. يونيورسٽيءَ کان بعد ۾ سائين پروفيسر صاحب جي خوبين ۾ اڃان اضافو ٿيندو رهيو آهي.

سائين عزيز مگسي، جيڪو عوام ۾ سرائي ذوالفقار جي نالي سان مشهور هو ۽ ڪيس انهيءَ نالي سان ئي سڏيو ويندو هو، سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جو انگريزي شعبي ۾ ڪلاس فيلو رهيو. سندس ڳوٺ سوڀو خان مگسي، بخش لاکير ڳوٺ کان لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلوميٽر جي فاصلي تي واقع آهي. افسوس جو سائين عزيز مگسي اسان جي درميان موجود نه آهي. سائين پير حماد الله هر سال هڪ ڀيرو ضرور سندس ملاقات لاءِ ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ ايندو هو.

1. خياروي، پير حماد الله (ح خ)، ڄامشوري جو الوداعي ڀاڪر، ص 97، 98، ڪراچي، وفائي پرنٽنگ پريس 2002ع

ٻن دفعا سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جي ساڻن اتي ملاقات ٿي، جتي دوستن گڏجي دلڪش ڪچهريون ڪيون ۽ پنهنجي شاگرديءَ جي ڏينهن جون پراڻيون يادون پيار سان تازيون ڪيون.

پروفيسر عبيدالله لاڪير (تحرير: آزاد انور ڪانڊڙو)

پروفيسر عبيدالله لاڪير قاضي الله بخش مهيسر ڊگري ڪاليج قاضي عارف جو پرنسپال آهي. ان ڪان اڳ ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ ڪي اين شاهه ۾ به استاد رهيو آهي.سماجي تنظيمن سان به لاڳاپيو اٿس. ڳوٺ سڌار سنگت بخش لاڪير ۽ اسپيڊ ميهڙ جو باني آهي. لکڻ پڙهڻ سان دلچسپي اٿس. ڪيترائي مضمون به لکيا اٿس.[1]

پروفيسر عبيدالله لاڪير (تحرير: مهمان مهيسر)

ميهڙ جي مَهان مٽي جنهن ڪيترائي علم جا گوهر پيدا ڪيا انهن ۾ محترم پروفيسر عبيدالله لاڪير موجوده پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف تعلقہ ميهڙ جن هڪ آهي. سندس جنم 27 جون 1965ع ۾ ٿيو. سندس والد بزرگوار محمد بچل لاڪير نه صرف ڪچي جو خانداني زميندار پر پرائمري اسڪول جو استاد به هو. استاد هجڻ ڪري مرحوم محمد بچل لاڪير جا به علم ۽ ادب جي دنيا جي ماڻهن سان تمام سنا لڳ لاڳاپا رهيا جن ۾ مرحوم سائين الله رکيو ڳورڙ، مرحوم نواب خان ڪولاچي، مشهور شاعر اسحاق راهي سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي علم ۽ ادب جا وڏا نالا سندس حلقئہ احباب ۾ شامل هئا.

پروفيسر عبيدالله لاڪير پرائمري تعليم سندس پنهنجي ڳوٺ بخش لاڪير مان حاصل ڪئي ۽ 1977ع کان 1982ع تائين هاءِ اسڪول جي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول شاهه پنجو سلطان مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته ڪاليج جي تعليم گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپورناٿن شاهه مان حاصل ڪيائين ان ڪان پوءِ سنڌ يونيورسٽي واڌاري تعليم لاءِ ويو. جتان انگريزي ڊپارٽمينٽ مان ايم.اي

1. ڪانڊڙو، آزاد انور، ميهڙ تاريخ ۽ شخصيتون، ص 586، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

انگريزي ادب ۾ حاصل ڪيائين. 1993ع ۾ ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرر طور ڪميشن جو امتحان پاس ڪري نوڪري حاصل ڪيائين. جتي هاڻي 28 سال سروس ڪري چڪو آهي ۽ هن وقت 19 گريڊ ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ پرنسپال آهي.

سندس شادي 1992ع ۾ پنهنجي مامي علي نواز لاڪير وٽان ٿي. جنهن مان کيس 5 نياڻيون ۽ ٽي پٽ ثناءُ الله، حمادالله ۽ مبين علي آهن. پاڻ شروعات کان علم ۽ ادب سان لڳاءُ رکندڙ شخصيت رهيو آهي. ڪاليج جي عمر تائين سندس سنڌي ادب جو مطالعو وسيع رهيو. جن ۾ امر جليل، آغا سليم، شيخ اياز، شاهه لطيف، سچل، ڪرشن چندر ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ليکڪ سندس مطالعي جو حصو رهيا. انگريزي ادب ۾ وليم شيڪسپيئر، روفل والڊو ايمرسن، وليم ورڊس ورٿ، جان ڪيٽس، ڊي.ايڇ.لارنس ۽ ٻيا لاتعداد اديب سندس مطالعي هيٺ رهيا آهن. علم ۽ ادب سان گهري لڳاءُ کان علاوه سندس سماجي ورڪر وارو ڪردار به شاندار رهيو آهي. پاڻ 1986ع ۾ ڳوٺ بخش لاڪير ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جو قيام عمل ۾ آندائين جنهن جي پليٽ فارم تان ڳوٺ ۾ تعليم، صحت، ماحول، انساني حقن متعلق ڪوڙ سارا پروگرام ۽ سرگرميون تاريخ جو حصو آهن. پاڻ ميهڙ تعلقي جي ڪوآرڊينيشن ڪميٽيءَ جو ٻه سال جنرل سيڪريٽري ۽ ٻه سال چيئرمين رهيو. ان ڪانسواءِ هڪ سال پاڪستان اي.جي.او فورم جو سيڪريٽري رهيو. هڪ سال ٻارڙن جي حقن جي تنظيم اسپاڪ جي پليٽ فارم تان سنڌ جو صوبائي ڪوآرڊينيٽر رهيو. لڳ ڀڳ 26 ننڍيون وڏيون علاقائي ۽ ملڪي ليول تائين مختلف موضوعن ليڊرشپ، سوشل موبلائيزين Behavior Change Communication تنظيمون ڪيئن ناهجن ۽ ٻيون تربيتون حاصل ڪري چڪو آهي. سندس شاگرد جو حلقو به وسيع آهي. جن ۾ ڪيترائي ليڪچرار، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ سي.ايس.ايس آفيسر ٿي چڪا آهن.

ته دوستو! هي هو مختصر تعارف اسانجي مانواري محترم ادب شناس دوست سائين مسٽر عبيدالله لاڪير صاحب جن جو، جنهن جي پيش ڪرڻ جي سعادت مهمان مهيسر کي حاصل ٿي. جيڪا

ساڻس چند گهڙين جي ملاقات دؤران ڪئي. شال الله تعاليٰ ڪيس درجن ۾ بلندي وڏي ڄمار، ڪامل صحت عطا ڪري ۽ پنهنجي ٻچڙن سان سدائين سکيو ۽ ستابو رکي. آمين ثم آمين.

پروفيسر عبيدالله جي زندگيءَ جو سفر، منهنجي نظر ۾ (تحرير: شفيق احمد شفيق چنا)

محترم دوستو!

پروفيسر سائين عبيدالله لاکير جو جنم 27 جون 1965ع ۾ ڳوٺ بخش لاکير لڳ شاهه پنجو سلطان تعلقه ميهڙ ۾ محترم سائين محمد بچل لاکير جي گهر ۾ ٿيو. سندن والد محترم پيشي جي لحاظ کان ته پرائمري استاد هو پر سندن پنهنجي علائقي ۾ معزز ۽ وچولي ليول جي زميندار جي حيثيت سان ٿَرَ جي سمورن معززين سان ڀائپي ۽ برادريءَ وارا تعلقات هئا ۽ آهن. سندن نانو وڏيرو محمد ملوڪ لاکير (مرحوم) نه صرف لاکير برادري پر علائقي ۾ هڪ منفرد حيثيت رکندڙ شخصيت هو. سائين عبيدالله لاکير جي تربيت ۾ سندن والد ۽ ناني محترم جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. پاڻ پنهنجي پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول بخش لاکير ۾ 1977ع ۾ مڪمل ڪيائون. مشهور شاعر ۽ استاد شمس الدين شمسي ناريجو سندن ٽئين ڪلاس جو استاد رهيو ۽ پاڻ قرآن مجيد جي تعليم پڻ محترم سائين شمسيءَ وٽ ورتائون، ڇاڪاڻ ته ان وقت سائين شمس الدين شمسي ناريجو جي گهر جو هڪ حصو ڳوٺ بخش لاکير ۾ ديني تعليم جي حوالي سان هڪ درسگاهه جي حيثيت رکندڙ هو. سندن چوٿين ڪلاس جو استاد وري مرحوم سائين امير الدين قاصر ناريجو هو، جيڪو پڻ ناليوارو استاد ۽ شاعر هو. ڪين پنجون ڪلاس پنهنجي والد محترم سائين محمد بچل لاکير پڙهايو. پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سائين عبيدالله لاکير پنهنجي انگريزي يا سيڪنڊري تعليم جو سلسلو گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول شاهه پنجو سلطان ۾ 1978ع کان شروع ڪيو ۽ 1982ع ۾ مڪمل ڪيو. جتي کين غلام قادر سومرو،

عبدالستار "عبد" مگسي، مرحوم سيد علي حسن شاهه، مرحوم عبدالله لاکير ۽ مرحوم علي بخش جوڻيجو جهڙا ناليوارا ۽ اعليٰ ظرف استاد ميسر ٿيا. سندن ڪاليج واري تعليم 1983ع کان 1984ع تائين گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۾ رهي. جتي پروفيسر غلام صديق سومرو (مرحوم)، پروفيسر محمد ابراهيم جتوئي (مرحوم) ۽ پروفيسر منظور سولنگي جهڙا استاد ڪين مليا. ان کان پوءِ پاڻ ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ايگريڪلچر انجنيئرنگ لاءِ داخلا ورتائون پر ڪين دلي اطمينان محسوس نه ٿيو ان ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي ادب واري شعبي ۾ داخلا ورتائون. اهو سندن ذاتي فيصلو هو جيڪو بعد ۾ والدين به تسليم ڪيو ۽ پوءِ جنوري 1985ع کان مارچ 1990ع تائين بي اي آنرس ۽ ايم اي انگريزي ادب ۾ ڪيائون. انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾ ان وقت شاندار يا Legend قسم جا استاد هئا جن ۾ خير محمد عرف ڪي ايم لاڙڪ، اسدالله لاڙڪ، محمد حسن بودلو زرداري، خالده سليم فاروقي، ميڊم نرگس قاضي، پروفيسر ارجن لال، ميڊم عارفه صديقي ۽ پروفيسر عبدالغني شيخ سندن استاد رهيا.

سائين عبيدالله لاکير پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز جونيئر اسڪول ٽيچر (JST) کان ڪيو. پاڻ گورنمينٽ مڊل اسڪول نئون ڳوٺ ۽ بعد ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڄامشورو ڪالونيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏنائون. اڄ تائين سندن ساٿي استاد يا شاگرد کين بهترين استاد ۽ انتهائي سرگرم ساٿي طور ياد ڪن ٿا. پاڻ ڄامشورو ڪالونيءَ ۾ اڍائي سال گسٽا جا جنرل سيڪريٽري پڻ رهيا. سندن سيڪنڊريءَ استاد وارو وقت اڄ به شاگرد ياد ڪندا آهن، جو سندن پڙهائڻ سان گڏ غير نصابي سرگرميون ڪرائڻ سندن مشغلو هئو. نئون ڳوٺ مڊل اسڪول ۾ سالياني انسپيڪشن تي هر سال مختلف خاڪا، ٽيبلوز ۽ ڄامشورو ڪالونيءَ ۾ ڪيل "جشن لطيف" پروگرام يادگار رهيا آهن.

1993ع ۾ پاڻ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري 17 گريڊ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيا ۽ سندن پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ ٿي جتي پاڻ پنج سال رهيا. ان

وقت جي ڪاليج جي پرنسيپال پروفيسر عبدالستار شيخ ڪين تعليمي ۽ غير نصابي سرگرمين ڪي هٿي وٺرائڻ جي حوالي سان هميشہ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو. پاڻ ميهڙ ڪاليج ۾ استادن جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪندڙ سنڌ جي تنظيم "سپلا" معنيٰ سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچررس ايسوسيئيشن يونٽ جا جنرل سيڪريٽري بہ رهيا. پاڻ زندگيءَ ڪي مسلسل جدوجهد ۽ جاکوڙ جو نالو ڏين ٿا. ان ڪري پاڻ ميهڙ ڪان پوءِ 1998ع ڪان 2000ع تائين گورنمينٽ ڪاليج پريٽ آباد حيدرآباد ۾ ۽ هڪ سال 2001ع وارو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٽياري ۾ انگريزي ادب جا استاد رهيا ۽ 2002ع ڪان 2013ع تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهہ ۾ پنهنجون خدمتون سر انجام ڏنائون. جتي نہ صرف هڪ پڙهائيندڙ استاد رهيا پر ڪاليج ۾ غير نصابي سرگرمين ۾ پڻ اثرائتو ڪردار ادا ڪيائون. اُتان جا ڪاليجي استاد سندن خدمتن جا معترف آهن تہ پاڻ خيرپور ناٿن شاهہ ڪاليج ۾ "سالاري ڪاليج مئگزين" جا بہ ڇاپا ڇپرائڻ ۾ ڪامياب ويا ۽ ڪاليج ۽ علائقي جي ذهانت ڪي مئگزين ذريعي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين متعارف ڪرايائون. ان ڪان سواءِ خيرپور ناٿن شاهہ ڪاليج ۾ ان وقت جي پرنسيپال پروفيسر علي اصغر برهماڻيءَ ڪي ڪاليج ۾ ڪمپيوٽر ليب قائم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيائون ۽ ڪراچيءَ تائين وڃي ڪمپيوٽر خريد ڪري عملي طور ڪمپيوٽر ليب جو بنياد وجهرائڻ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيائون.

پاڻ خيرپور ناٿن شاهہ ڪاليج ۾ استادن جي حقن لاءِ بہ سپلا تنظيم جي پليٽ فارم تان سرگرم رهيا ۽ نہ صرف ڪيترائي سال مسلسل يونٽ جا جنرل سيڪريٽري رهيا پر ضلعي دادو جا جنرل سيڪريٽري ۽ هڪ سال حيدرآباد ريجن تي جوائنٽ سيڪريٽري رهيا.

2013ع ڪان هن وقت تائين خيرپور ناٿن شاهہ ڪاليج ڪان بدلي ٿي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جا پرنسپال آهن ۽ سندن هن نئين ڪاليج ۾ خدمتون نہ صرف باني واريون رهيون آهن پر علائقي جا سڄاڻ ماڻهو جن بہ وقت بوقت ڪاليج وزٽ ڪيو آهي تہ سندن خدمتون مثالي ۽ نظر ايندڙ آهن. جنهن ۾ شاندار لائبريري جو

قيام، وٽڪاري ۽ ڪلاس روم نہ صرف بهتر نظر ايندا پر سندن محنت بہ مثالي نظر ايندي. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو هي مختصر خاڪو تعليمي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ جي باري ۾ هو پر سندن پنهنجي علائقي ۽ ميهڙ ۾ سماجي خدمتن وارو پاسو بہ شاندار ۽ مثالي رهيو آهي. پاڻ 1984ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ "شاهہ لطيف ادبي لائبريري" قائم ڪيائون ۽ پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر خان محمد پنهور جيڪو ان وقت ماس ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ جنهن ڪي جرنل ازم ڊپارٽمينٽ بہ چيو ويندو هو ان جو چيئرمين هو. ان سان ملاقات ٿي. ان نجي ڪچهريءَ ۾ پروفيسر پنهور صاحب ڪين همٿايو تہ ڳوٺ ۾ لائبريري ڪان بہ اڳتي وڌي ڪم ڪريو، ڇاڪاڻ تہ ملڪ ۾ ضياءُ الحق جي ڇتي مارشل لا هئي ۽ ڳوٺ ڏاڙيلن حوالي هئا. ماڻهو ڳوٺن مان لڏ پلاڻ ڪري رهيا هئا ان ڪري ڳوٺن ڪي آباد ۽ خوشحال رکڻ جي جدوجهد جي ضرورت هئي. ان ڪري پاڻ ڳوٺ بخش لاکير ۾ "ڳوٺ سڌار سنگت" جو بنياد وڌائون ۽ "سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت" سان الحاق بہ ڪيائون. 21 آگسٽ 1986ع ۾ سندن طرفان ڳوٺ بخش لاکير ۾ "ڳوٺ سڌار سيمينار" منعقد ٿيو. جنهن ۾ ان وقت قومي اسيمبليءَ جا ميمبر خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر قاضي شفيق احمد مهيسر شريڪ ٿيا. ان پروگرام ۾ پروفيسر خان محمد پنهور ۽ پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري خصوصًا شرڪت ڪئي. ان ڪان پوءِ علائقي ۾ جڻ تہ ڳوٺ سڌار سنگت جو ٻج ڇٽجي ويو ۽ هر ڳوٺ ۾ "ڳوٺ سڌار سنگت" شاهہ پنجو سلطان يونين ڪائونسل سطح تي ڪوآرڊينيشن ڪاميٽيءَ جا پڻ پاڻ بانيڪار ۽ عهديدار رهيا. ان ڪان پوءِ مرحوم رفيق احمد ايري ڪين 1988ع ۾ "ڳوٺ سڌار سنگت ڪوآرڊينيشن ڪائونسل ميهڙ" ۾ ميمبر ڪيائون، جتي جوائنٽ سيڪريٽري، جنرل سيڪريٽري ۽ آخر ۾ ٻن سالن لاءِ پريس ڪلب ميهڙ ۾ SDM ميهڙ جي نگرانيءَ ۾ ٿيل يادگار اليڪشن ۾ چيئرمين ٿي ويا. سندن سماجي خدمتون بہ تعليم، صحت، ماحول ۽ نوجوانن جي ڀلائيءَ جي حوالي سان بهترين رهيون آهن. ڪين نيشنل ۽ انٽرنيشنل ادارن جو تعاون حاصل رهيو آهي. پاڻ نہ صرف ڳوٺ

بخش لاکير ۾ پر نئون ڳوٺ ۾ اسپتالون قائم ڪيائون. ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاھ تعلقن ۾ لاتعداد "صحت جون ڪئمپون" لڳرايون ۽ داين جي تربيت ڪيائون تہ جيئن ماءُ ۽ ٻار جي موت جي شرح کي گھٽائي سگھجي. سندن تنظيم فيڊرل منسٽري آف اسپورٽس ۽ يوٿ افيئرس اسلام آباد سان رجسٽرڊ بہ رهي آهي جنهن تحت SEE Pakistanپروگرام تحت هتان جا ڪيترائي نوجوان اسلام آباد تربيت لاءِ موڪليا ويندا هئا. پاڻ 2010ع جي سپر ٻوڏ ۽ 2011ع جي تمام وڏي برسات کان پوءِ متاثرن جي لاءِ سپريو بند کان وٺي نئين ڳوٺ ۽ پيروز شاھ جي بند تائين، خيرپور ناٿن شاھ ۽ ڪيتريون ئي يونين ڪاؤنسل جن ۾ گوزو، ڪنڌِي چُڪي ۽ ٿلھو نمايان آهن ۾ بہ ڪم ڪيائون. جيڪو ان وقت جو يادگار ۽ شاندار رهيو. سندس جيڪي بہ ويجھا ساٿي رهيا هوندا اهي بخوبي واقف هوندا تہ ڪين IOMجو سامان ٽينٽ ۽ ٽانوَ ۽ ورلڊ فوڊ پروگرام طرفان خوراڪ ٻوڏ دوران ڏکين وقتن ۾ سائين عبيدالله لاکير جي متحرڪ ڪردار سبب ملي سگھيا. اڄ بہ هو سوسائٽي فار پيپلز ايجوڪيشن اينڊ انوائرونمينٽ ڊولپمينٽ (SPEED) جا باني ۽ چيئرمئن آهن ۽ وقت بہ وقت سرگرميون ڪندا رهن ٿا. ان کان سواءِ ميهڙ تعلقي ۾ متحرڪ سنڌ سلامت فورم جي بانيڪارن مان ۽ سرگرم ساٿي بڻجي هتان جي عوام کي ذهني شعور ۽ جاڳرتا ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهن. پاڻ سنڌي ادبي سنگت شاخ سوڀو خان مگسي جا ميمبر ۽ ڪائونسلر بہ رهيا آهن ۽ پاڻ سگھڙ ديدار سيال، سگھڙ ۽ شاعر محبوب ڏيپر جي ڪتابن لاءِ مهاڳ ۽ مقدما لکي چڪا آهن. ان کان سواءِ سندن تاثر مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن[1].

ڪرڪٽا لاهي سک نہ ستا ڪڏهين
ڪاهوڙين کي آهي ادا اوسيئڙو پنڌ جو

1. چنا، شفيق احمد، آس، ص 76 کان 80، ميهڙ، الشفيق ويلفيئر ايسوسيشن 2017ع.

عبيدالله لاکير (تحرير: الهہ رکيو ڳورڙ)

عبيدالله لاکير صاحب محمد بچل لاکير جي گھر ۾ 1965ع ۾ جنم ورتو. پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان پرائمري پنج درجا پاس ڪري مئٽرڪ امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول شاھ پنجو سلطان مان پاس ڪيو، بعد ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪيو. والد صاحب جي استاد هئڻ جي ورثي کي ورجائيندي جي ايس ٽي جي حيثيت سان خدمت خلق ڪندي عوام ۾ تعليم جي روشني پکيڙيندو رهيو. ان سان گڏ علم حاصل ڪرڻ ۾ بہ مشغول رهيو، نيٺ محنت ۽ جفاڪشي جي نتيجي ۾ سن 1993ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري انگريزي ادب ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. هينئر ارڙهين گريڊ ۾ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاھ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ پنهنجي والد صاحب جو اڌ ۾ ڇڏيل تعليم جو فرض نڀائي رهيل ڪَسر پوري ڪري رهيو آهي. جناب عبيدالله لاکير 44 ورهين جي ننڍي عمر ۾ سوچ ۽ لوچ ۾ وڏو لڳي رهيو آهي. پنهنجي سرڪاري ڊيوٽي ڏيڻ بعد ڳوٺ سڌار تنظيم ۾ سماجي خدمت سرانجام ڏيئي رهيو آهي. جنهن ۾ تعليم، صحت، زراعت ۽ معاشيات جهڙن ڪمن ۾ ڳوناڻن ماڻهن جي خدمت سرانجام ڏيئي رهيو آهي. ان کان علاوه هن سماجي خدمت جي ابتدا ڳوٺ ۾ لائبريري کولڻ ۽ ويم گھر قائم ڪرڻ سان ڪئي. سندس ڳوناڻي لانڍي واري اوطاق محبتي ماڻهن جي ڪچهري جو مرڪز آهي. عبيدالله لاکير صاحب محبتي ماڻهو، هٿ جو سخي، علم دوست ۽ سماجي ماهر آهي ۽ پنهنجي اولاد ۽ ٻائرن جي تعليم ۾ جذباتي طرح روح سان ڀرو وٺي ٿو. اميد آهي تہ مسٽر عبيدالله لاکير هن ڪاروان کي دل ۽ دماغ سان پار اڪاريندو رهندو. هھڙي باهمت نوجوان جي ضرورت آهي، جيڪو سات ۾ ٻيا ساٿي پيدا ڪندو رهي[1].

1. ڳورڙ، الهہ رکيو، جيون سفر سِڪَ جو، ڇاپو پهريون، ص 425، 426، دادو، سرجڻهار پبليڪيشن شاھ آباد محلو 2011ع.

محترم پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب

(تحرير: فيض محمّد چنجڻي)

سنڌ سونهاري ۾ ڪافي اهڙا انسان پيدا ٿيا جن ڪي ڪي صديون ياد ڪيو ويندو آهي. انهن ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير بہ هڪ آهي. هي تمام بهترين قابل، هوشيار ۽ ذهين آهي. وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ پاڻ هڪ بهترين پرائمري استاد محمد بچل لاکير جو فرزند ارجمند آهي. ان سان اوچتو ملاقات ٿي. پاڻ جيڪو مون سان رويو ڪيائين اهو وسارڻ جهڙو ڪونہ آهي. بقول شاهہ صاحب "جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سٽ آهہ ساٿ جي" مون پنهنجو احوال ڪيو. پاڻ منهنجي ڳالهہ پوري غور سان ٻُڌائين مُشڪنڌڙ مُنهن سان مون کي مرغوب ڪيائين ۽ چيائين تہ ان شاءالله مون کان جيترو ٿي سگهندو مان ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندس. توهان انهيءَ کان بي فڪر رهو. مان سندس احسان لاءِ مشڪور آهيان. واهہ جي سندس ڊيلنگ هئي. ان ڪري مون پنهنجو قلمي پورهيو سندس حوالي ڪيو. اهڙا انسان ڪنهن بخت واري خاندان ۾ ئي جنم وٺندا آهن. ان ڪري مان سندس خيال کان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان. ٻين جا ڪم ڪرڻ هميشہ ڏکيا هوندا آهن، مگر هي وري پنهنجي پنهنجي ڪم کان ٻين جي ڀلائي گهرندڙ آهي. مالڪ معبود ڪيس تا دير قائم ۽ دائم رکي. آمين يا اِلٰه العالمين[1].

فيض محمّد چنجڻي17-11-2017

1. چنجڻي، فيض محمّد، زندگيءَ جون مختصر يادگيريون، ص 25، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2017.

(تحرير: لياقت علي ڏيپر) 28 آگسٽ 2022ع

ڪرم نواز دوست، محترم المقام جناب سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پرنسپال GDC قاضي عارف شال هر پل خوش رهين جيئن بهارن ۾ گل.

ڪجهہ توهان جي باري ۾ محترم سائين:

شخصيتون پنهنجي اخلاقي هڳاءَ سبب محبتون اوتي پنهنجي مهمانن اڳيان محبتون آڇينديون آهن. جيئن توهان اسان ڪي پنهنجائپ جو ٿڌو احساس ارپيو آهي ان لاءِ وڏي مهرباني. محترم سائين توهان سان ڪچهري يا ويجهڙائي نہ رهي آهي پر هستين جو هڳاءُ ڪوهن تائين سُٽبو آهي. توهان جو فهم معلوم هيو ۽ قدرت طرفان غير ارادن ڪچهري بهتر رهي. رب سائين توهان جي مدبرانہ شخصيت کي سدا شاداب رکي. علي دوست عاجز جون سٽون آهن تہ " دل سان ٻيون بہ لڳيون مگر، تو تہ ڪُهي لاتو". ڪيترن ئي ملوڪ ماڻهن سان ملاقاتون رهيون آهن پر توهان تہ سادن ۽ مِنن لفظن ۾ عطر اوتيو. استاد بخاريءَ جون سِٽون آهن تہ "اکر اکر تي نظر نظر سان، هٽي چڙيو تو نشان جاني ". علمي، ادبي، اخلاقي ۽ تعليمي ملاقات رهي. رسول خدا ﷺ جن جو فرمان آهي تہ "وڏڙن سان وَيهو ۽ عالمن سان مِلو". توهان جي ملاقات مان علم جي خوشبوءِ، اداري سان محبت، اسٽاف سان رابطو ۽ خوشامدي استادن جي لَڏي کان پري آهيو ۽ وڏي عرصي کان ان ڪاليج ۾ ڪم ڪري رهيا آهيو. حُسنِ ڪارڪردگي، بهترين اخلاقي ثمر جو نتيجو آهي. مالڪ سائين توهان کي مُستقبل مزاجي نصيب ڪري ۽ آسانيون تقسيم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين. هي فارسي بيت جو ترجمو توهان جي نانءُ: "اي نگاهن کان لڪل پر منهنجي دل جي گهراين ۾ وينل منهنجا محبوب يقين ڪر تہ تون هر ساعت منهنجي اکين جي اڳيان آهين ۽ تو کي نيڪ تمنائن جون سوغاتون موڪلي رهيو آهيان ."

توهان بهترين ايڊمنسٽريٽر آهيو. سمورا اسٽاف ميمبر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وينل ۽ ڪم ۾ مشغول نظر آيا. اهو اوهان جي نظر

۽ نظريي جو ڪمال آهي. مالڪ توهان کي طاقت ۽ توفيق عطا فرمائي. توهان لچڪدار شخصيت جا مالڪ آهيو. توهان شين، لقائن ۽ ماحول کي نظر ۾ رکي انتظام هلائي رهيا آهيو. اهو توهان جو ڏانءُ آهي. توهان جيڪو اليڪٽرڪ پلانٽ مخير حضرات کان حاصل ڪيو ان لاءِ جَس لهڻو. ڪنهن کي متاثر ڪرڻ لاءِ علمي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ، پروردگار جي نظر قلب واري ڪعبي تي هجي ٿي. نيڪي ڪندا رهو، نيازمندي آچيندا رهو، خدا اوهان کي بلندي عطا فرمائيندو. توهان جو گرينري سان سَنواريل گرائونڊ ڏسي توهان جي شوق، جذبي ۽ سريلِي سُڏن، انڻ ٿڪ ڪوشش جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ۽ مون کي معلوم ٿئي ٿو ته هر ناگوار حالت کي خوش گوار بنائڻ جا قابل ۽ سمجهدار آهيو. مالڪ سائين توهان کي توفيق عطا فرمائي. هن بندي ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کان توهان جي لاءِ بيزاريءَ جي بُوءِ نه ٻُڌي آهي. ان لاءِ چوڻو ٿو پوي ته " تنهين سندي ڪا ڪري سگهان نه ڳالهڙي ."

ٻه لفظ قاضي صاحب لاءِ:

اسان جي تر ۾ جيڪي نامور سياسي هَستيون ماضيءَ کان حال تائين سياست ڪري رهيون آهن، انهن ۾ قاضي شفيق صاحب ڪم ڪرڻ ۾ تيز ترين رهيو. ڪم ڪرڻو آهي ته نَڪِ نَڪِ اتي جو اتي، فون ڦرندي، ڪم نه ٿيندو ته اُتي جو اُتي جواب. قاضي شفيق احمد صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ ٽي وڏا تعليمي ادارا قائم ڪري پاڻ کي تاريخ ۾ زنده ڪري ويو. جن ۾ گرلس هاءِ اسڪول، بوائز هاءِ اسڪول ۽ ڊگري ڪاليج پڻ شامل آهن. اهو سندن علم کي عام ڪرڻ ۽ روشن خيالي جو چٽو ثبوت آهي. حالانڪ هي بندو ڪڏهن ٻه سندن سان ملاقاتي نه رهيو. ان ۾ وڏاءُ نه ٿيندو ته قاضي صاحب نور محمد لاکير کان وٺي سيد علي اڪبر شاهه ۽ شمس الدين بلبل جهڙن جنتي ۽ ڪمائتن ماڻهن ۾ پنهنجو نالو لکرايو. مالڪ سندن قبر ڪشادي فرمائي. پونيرن جو ڇا حال آهي؟ دولت، درهم ۽ دينار جي حاصلات لاءِ پريسن تائين پهتا آهن. مالڪ سندن حال تي رحم فرمائي .

بايو ميٽرڪ جون پلايون:

بايو ميٽرڪ مشين جنهن توهان لاءِ انتظامي آساني پيدا ڪئي آهي. ڪنهن سان ٻه ٽڪراءَ ۽ چوڻ جي ضرورت نه ٿي رهي. ڇو ته پاڻ خوف خدا کان وڌيڪ خوفُ بايو ميٽرڪ ۾ وڌيڪ يقين رکون ٿا. ڇو ته ٽيچنگ کان وٺي نان ٽيچنگ اسٽاف تائين ملازم حاضر سروس نظر آيا. پاڻ رعايت پسند سماج جا ماڻهو آهيون. ادارن، شين، ڪمن ۽ نوڪرين ۾ رعايتن جي راهن جا هيراڪ آهيون. اهو ئي سبب آهي جو انصاف جا ادارا، تعليمي ادارا، صحت جا ادارا، فلاح ۽ بهبود جا ادارا ۽ سياسي ادارا سڀ رعايت پسندي جو شڪار آهن. ڏاها چون ٿا ته خوبصورتي چڱو بڻجڻ ۾ لڪل آهي. مالڪ سائين اسان کي سُنو بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي .

منهنجا سائين اهو مون کي حق ڏيو ته آءٌ توهان کي ياد ڪندو رهان. توهان ياد ڪريو يا نه ڪريو اها توهان جي مرضي. سدا رب جي ڪرم نوازي هيٺ رهو. زندگي رهي ته پيا ملنداسين.
سدا سُرخرو رهو.

لياقت علي ڏيپر

(HST GHS No 1 Mehar)

(تحرير: لياقت علي ڏيپر)

دلبهار ۽ دلبر انسان جناب سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ڪالهه توهان سان شفيق احمد چنا جي شاعري جي ڪتاب جي مهورتي تقريب جيڪا اوهان جي سرپرستيءَ ۾ ٿي گذري ۽ هنن گڏجاڻين ويهڪن ۽ علم دوستن کي دعوتون ڏئي معروف ڪرڻ ۽ معروف بنائڻ وسيع القلب، لائق ۽ فضيلت ڀرئي انسان جو ڪم هجي ٿو. عزت ڏيڻ ئي عزت دارن جو شيوو ۽ ڪِرت رهي آهي. عزت وصول ڪرڻ بعد جو ڪم هجي ٿو. سيئي صاحب هنر ۽ صاحب ڏانءُ ۽ ڏات ڏڻين کي گڏ ڪري سُنايون ورهايون ۽ محبتون ۽ عزتون وصول ڪيون اهو ڪم توهان ئي ڪري سگهو ٿا. هر ماڻهو پرڪشش ۽ ٻئي کي پاڻ ڏانهن توجه ڇڪائڻ جو هنر نه ٿو رکي. چمڙي جي سُونهن کان چاهت ۽

عزت جي سُونهن طاقتور هجي ٿي. طاقت جو محور دل جي كشادگي ۽ دل جي سادگي ۽ تَنُ صفا مَنُ صفا هجڻ ضروري آهي.

اچين جي هيڪار، مون سارينديِ سُپرين

سُپرين کي سارڻ ۽ انهن جي احترام ۾ پيار جون پنبڙيون وِڇائڻ ۽ انهيءَ ۾ وڏاءُ ناهي ته اهو هنر ۽ محبت ڏيڻ کو توهان کان سِکي. جتي دنيا ڪمرشل هجي ۽ هر کو ٻئي مان مِنٽي مُرڪ نه پر ڪاروباري مُرڪ ذريعي ڪم ڪڍڻ جو هنر عام هجي اتي توهان ”محبتن ۽ محبتي ڳوٺ ٻَڌجي هيڪڙو“ ان فلسفي ۽ ٿِيُوري تي وچ شهر ۾ عطر اوتين ادب سين، جهڙو ڪردار نڀائيندي ڪيترن سالن کان وني اوطاق نِما جاءِ دوستن جي مِلڻ جو مرڪز ”ايندي چَوَنِي آءُ، ويندي چونئِي وَيھ“، اهڙن ماڻهن جو موجوده ڪارپوريٽ دنيا ۾ ڏڪار پوندو پيو وڃي. ڏڪاريا ڏيھ مان مُوڏي شال مَرن، هرڪو ماڻهو پنهنجي دنيا ۾ قائم و آباد رهي ٿو. ڪنهن کي سارڻ ۽ ياد ڪرڻ اها خوبي سدائين ياد ڪرڻ ۽ رکڻ جي خوبي هجي ٿي. مالڪ توهان کي شاد آباد رکي. توهان جون اوطاقون ۽ احترامن جا ويڙها وَسندا رهن. دلبر هن دنيا ۾ رهندو واسُ. سُنيون ڳالهيون بهترين خيال، سخاوتون، سُنايون، نرم لهجا، لحاظ ۽ لڄداريون باقي رهنديون. تصوير جو تصور باقي رهندو. مِناس جي چاشني باقي رهندي. سُونهن جون يادون ۽ عڪس باقي رهندا، سُنيون سارون باقي رهنديون. وَڪر ۾ پيل جوهر ئي جهان کي جرڪائڻ جو سبب هوندو آهي. روحانيت ڪشش جو سبب هجي ٿي. خدا توهان کي سلامت رکي. آمين

جڏهانڪو ٿِيام، ساڃاهه سُپرين سِين
تڏهانڪو ترَ جيترو وَيل نه وسريام
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

نيازبند ۽ احقر

لياقت ڏيپر

5-02-2024

عبيدالله عظيم انسان

اسان جي سنڌ ڌرتيءَ تي الله جا اهڙا نيڪ بنده سدائين پيدا ٿيندا رهيا آهن، جيڪي بنا ڪنهن عيوض جي خلقِ خدا جي خدمت کي پنهنجو فرض سمجهندا آهن. اڄ به اهڙا چند ئي ماڻهو ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ انهن مان ميهڙ جو عزت ڀريو ۽ لائق نالو پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب وڏي احترام جو حقدار آهي. پروفيسر صاحب جو هر ماڻهوءَ سان شفقت، محبت ۽ خدمت جو جذبو ڪنهن کان ڳجهو نه آهي. وڏي ڳالهه اها به آهي ته پاڻ شاعر نه هجڻ باوجود ڪيترا ئي شاعر، اديب، عالِم، سگهڙ، بزرگ، امير ۽ غريب سڀئي سندن بيٺڪ تي اچي دل کولي ويهندا آهن. ڪيترائي ادبي ۽ علمي پروگرام به سندن آفيس ۾ سجندا آهن ۽ اسان ڪيترائي ڀيرا هن بااخلاق شخص کي ماڻهن جي بي لوس خدمت ڪندي ڏٺو آهي. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب هلڻ چلڻ ۾ نرم، ڳالهائڻ ۾ مهذب، دل ۾ نورِ عبادت ۽ طبيعت ۾ تعلق نڀائڻ جو حقيقي ڏانءُ رکندڙ انسان آهن. ڪيس نينهن نڀائڻ جو ملڪو حاصل آهي. دنيا ۾ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ ملن ٿا، جن جي ذهني ۽ اخلاقي پختگي ٻين جي دلين ۾ بي مثال احترام پيدا ڪري. الله سائين کان دعا آهي ته هو پروفيسر صاحب کي دراز عمر، مڪمل صحت ۽ پنهنجي رحمتن ۽ نعمتن سان گڏ سندن سموري ڪٽنب کي سدا خوش ۽ سلامت رکي. آمين.

هر دل عزيز، هر دم عبيدالله لاکير
پختو پکو پريتم عبيدالله لاکير
حضورِ شرم مُعظم عبيدالله لاکير
جعفر شاهه جيئي جم جم عبيدالله لاکير

ملتمسِ دعا: سيد جعفر شاهه

منياڻي، تعلقو نوشهروفيروز

26نومبر 2025ع

موازنو: هڪ منصب ۽ ڪردار!

هڪ شخص بلڪ دلربا شخص (تحرير: عدنان مخدوم)

(پرنسپال گورنمنٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف)

هن دلربا شخص جنهن وٽ اسان پڙهيا ته ناهيون پر جڏهن به هن سان ڪٿي ملڻ ٿيندو آهي ته سندس صحبت مان اسان کي گهڻو ڪجهه سِکڻ لاءِ مِليو، هي پنهنجي ڪِرت ۽ ڪم ۾ جُنون جي حد تائين ويندي ڏسڻ ۾ ايندو، قاضي عارف ڊگري ڪاليج ۾ هن ورهن تائين وڏڪاري مُهم هلائي. هڪ دفعي اسان جو به وڃڻ ٿيو ته سائين جن اسان جي هٿن ۾ وڻن جا ٻوٽا پڪڙائي زمين ۾ پنهنجي هٿن سان لڳائڻ جو چيو ۽ تعليمي سرگرمين ۾ به پاڻ نِپايو اٿس، شاگردن ۾ چٽاپيٽي جا مقابلا به هن جي سرپرستيءَ ۾ ٿيندا رهن ٿا، سندس کي علاقائي سرگرمين ۾ به بهرو وٺندي ڏٺو، وڏڪاري جي اهميت جا درس ڏيندي ته ورهن کان ڏسندا پيا اچون، سندس ڪچهريون علم، ادب، شاعري، دنيا جهان جي ادب سان شروع ٿينديون. اهو دلربا شخص گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جو پرنسپال محترم عبيدالله لاڪير صاحب آهي. جنهن لاءِ ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا![1]

سالار ڳوٺ سڌار سنگت بخش لاڪير

(تحرير: پاويل جوڻيجو)

هي تنظيم 1986ع ۾ قائم ٿي. جنهن جو افتتاح ملڪ جي ناميار سياستدان مرحوم خان صاحب عبدالحميد خان جتوئي صاحب جن ڪيو. هن تنظيم ڳوناٽي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيو. هن تنظيم پاران ماءُ ٻار صحت مرڪز، ٽي وي او جي تعاون سان ڪم ڪري رهيون آهن. هن تنظيم جو موجود صدر عبيدالله لاڪير آهي.

---

1. عدنان مخدوم، قاضي عارف

ڳوٺ سڌار سنگت رابط ڪائونسل تعلق ميهڙ

ڳوٺ سڌار سنگت رابط ڪائونسل ميهڙ 88-87 واري ڏهاڪي ۾ وجود ۾ آئي. ڪاڇي ۽ ڪڇي جي خطرناڪ ٻوڏن ۾ آڪسفيم جي تعاون سان علائقي جي تمام وڏي خدمت ڪئي. عالمي ڏهاڙا ملهائڻ، تعليم جي بهتري لاءِ ايس اي ايف جي تعاون سان نياٽين جي تعليم لاءِ ڪيترائي اسڪول هلندڙ آهن. ماڻهن ۾ سجاڳي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سيمينار، ورڪشاپ منعقد ڪرايا. ان ڪانسواءِ ٻاهريان ادارا گهرائي مختلف ڳوٺن ۾ CBOs, NGOs جي رهنمائي سان ٽريننگس منعقد ڪرائيندي رهي ٿي. هن تنظيم جا اهم ڪارڪن مرحوم رفيق احمد ابري، پاويل جوڻيجو، غلام مصطفيٰ عباسي، سرفراز عباسي، امان الله چانديو، اسلم لاڪير، رفيق مصطفيٰ عباسي، ذوالفقار سومرو، ڊاڪٽر محمد اعظم چانديو، ممتاز ڪرٽيو، عبيدالله لاڪير ۽ ٻيا شامل آهن. ڳوٺ سڌار سنگت رابط ڪائونسل ميهڙ کي ڪيترائي سرٽيفڪيٽ، ايوارڊ، گولڊ ميڊل ۽ سنڌ جي بهترين نيٽ ورڪ جا ايوارڊ مليا آهن[1].

پروفيسر عبيدالله: هڪ علمي ۽ سماجي شخصيت

(تحرير: مسعود احمد منگي، نئون ڳوٺ، ميهڙ)

سائين محترم پروفيسر عبيدالله لاڪير هڪ اهڙي سماجي ۽ علمي شخصيت آهي، جنهن نه فقط علمي دنيا ۾ پر سماجي ميدان ۾ به نمايان ۽ مؤثر ڪردار ادا ڪيو آهي. سائين پنهنجي علمي زندگيءَ جي شروعات سان گڏ پنهنجي علمي قابليت ۽ صلاحيتن جو اظهار ابتدائي تعليمي ڏينهن کان ئي شروع ڪيو. پاڻ پنهنجي ڳوٺ بخش لاڪير ۾ ”ڳوٺ سُڌار سنگت“ جهڙي سماجي تنظيم قائم ڪري ڳوٺ ۽ ان جي پسگردائيءَ جي غريب ۽ مستحق ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ عملي قدم کنيا. سائين علم حاصل ڪرڻ سان گڏ علم جي

---

1. پاويل جوڻيجو، سالار (جشن ميهڙ نمبر مئگزين)، ص 51، حيدرآباد، چيف ايڊيٽر پبلشر غوث جتوئي

روشني کي ٻين تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ لائبريري جو قيام عمل ۾ آندو، جنهن سان ڳوٺ بخش لاکير جي شاگردن ۽ علم دوست ماڻهن کي وڏو علمي فائدو حاصل ٿيو. جڏهن سائين سماجي سُڌارڪ تنظيم ۾ قدم رکيو، تڏهن پاڻ تعليم سان لاڳاپيل پيشو اختيار ڪيو ۽ جونيئر اسڪول ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. سائين جي پهرين مُقرري منهنجي ڳوٺ ”نئون ڳوٺ“ جي گورنمينٽ مڊل اسڪول ۾ ٿي. نوڪريءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي سائين پنهنجي علمي ۽ سماجي سفر جي ڀرپور شروعات ڪئي. اسڪول ۾ شاگردن لاءِ پڙهائيءَ جا مُقابلا ڪرائڻ، تقريري مُقابلا، تعليم سان گڏ راندين ۽ تفريحي موقعن جو اهتمام ڪرڻ، شاگردن ۾ ذهني ۽ اخلاقي شعور پيدا ڪرڻ، اهي سڀ سائين جي تربيت جا روشن مثال آهن. جڏهن سائين عبيدالله لاکير ليڪچرار جي حيثيت سان ڪاليج جي دنيا ۾ داخل ٿيو، تڏهن پاڻ اعلىٰ تعليم سان گڏ سماجي سُڌارڪ تنظيمن ۾ پڻ نمايان ڪردار ادا ڪيو. سائين انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ اهڙا ڪم سرانجام ڏنا، جيڪي هڪ سماجي اڳواڻ لاءِ فخر جو باعث آهن. انهن ڪمن ۾ عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ هنر سيکارڻ، عورتن جي حقن، صحت ۽ تعليم بابت آگاهيءَ لاءِ تربيت ڏيڻ ۽ وقت بوقت ميڊيڪل ڪئمپون لڳرائڻ جهڙا عمل شامل آهن. سائين پنهنجي ڳوٺ ۾ عورتن جي سَهولت لاءِ ڊليوري سينٽر قائم ڪيو، جنهن مان نه فقط بخش لاکير پر آس پاس جي ڳوٺن جي عورتن به فائدو ورتو. اهڙن سماجي ڪمن ۾ سائين پڙهيل لکيل ليڊي ورڪرن کي پڻ پنهنجي ساٿ ۾ شامل ڪيو، جنهن سان ڳوناٺي عورتن ۾ جاڳرتا پيدا ٿي ته عورت به سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ مرد جي ڀرسان بيهي خدمت سرانجام ڏئي سگهي ٿي. سائين وقت بوقت عورتن جي صحت ۽ سماجي آگاهيءَ بابت ليڪچر پروگرام ۽ سيمينار پڻ منعقد ڪرايا، جن سان عورتن ۾ نئون شعور ۽ سجاڳي پيدا ٿي.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير پنهنجي ڪاليج واري دور ۾ به علمي ۽ نصابي سرگرمين کي زنده رکيو. شاگردن لاءِ راندين ۽ سير و تفريح جا پروگرام مُنعقد ڪيا. پاڻ ڊگهي عرصي تائين

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه، ميهڙ ۽ قاضي الله بخش گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ علمي ۽ سماجي خدمتون سرانجام ڏنيون. سائين پنهنجي سرڪاري ڊيوٽي کي اداري لاءِ نه پر پنهنجي گهر جهڙي ذميواري سمجهندو آهي. سائين جو عملدارن سان سُلوڪ پڻ مثالي رهيو. ڪاليج جي ملازمن سان گهر جي فردن وانگر، ليڪچرارن سان ڀائرن جيان ۽ هيٺئين اسٽاف سان اولاد جيان پيار ڀري رويو رکندو آهي. منهنجو سائين عبيدالله لاکير سان تعلق جو آغاز 1989ع ۾ ٿيو، جڏهن هو گورنمينٽ مڊل اسڪول نئون ڳوٺ ۾ ڪم ڪري رهيو هو. ان ڪان اڳ منهنجو واسطو سائين جي انتهائي ويجهي دوست، سائين محمد يوسف ناريجو سان 1986ع ۾ ٿيو، جڏهن اسان ڪرڪيٽ جي ميدان ۾ گڏياسين. پوءِ ته سائين عبيدالله سان قرب ۽ محبت جو نئون ناتو جُڙي ويو. اسان جي علائقي ۾ جيڪي به ڪرڪيٽ جا ميڙاڪا يا ٽورنامينٽ ٿيندا هئا، سائين هميشه اسان سان ڀرپور سهڪار ڪندو هو ۽ فائنل تقريبن ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪندو هو. ٽن ڏهاڪن تائين ڳوٺ بخش لاکير ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو مرڪز رهيو ۽ هر ٽورنامينٽ، چاهي ڪرڪيٽ هجي يا والي بال، سائين ان جي فائنل تقريب ۾ هڪ انمول هيري جيان نظر ايندو هو ۽ انعامن جي ورهاست ۾ پڻ وڏو حصو وٺندو هو. سائين پنهنجي سماجي تنظيم جي پليٽفارم تان به راندين جا ٽورنامينٽ ڪرائيندو رهيو.

هاڻي اچون تا سائين جي ڪاليج واري زندگيءَ ڏانهن، جتي پاڻ علمي شعور کي اجاگر ڪرڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. سائين ڪاليج ۾ هڪ لائبريري جو قيام عمل ۾ آندو، جنهن ۾ ڪتابن جو وڏو ذخيرو رکيو ويو، جيڪو شاگردن لاءِ علم جو قيمتي خزانو بڻيو. سائين مسلسل تيرنهن (13) سال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ پرنسپال جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون، جيڪو سندس وڏو ڪارنامو آهي، چو ته هڪ نئين ڪاليج کي قائم ڪرڻ ۽ ان کي مُستحڪم بڻائڻ سائين لاءِ وڏو چئلينج هو، جنهن کي سائين ڪاميابيءَ سان نڀايو. ضلعي دادو جي ڪاليجن تي نظر وجهجي ته قاضي عارف ڪاليج هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ هجڻ باوجود

ضلعي جي ٻين ڪاليجن جي ڀيٽ ۾ بهترين ڪارڪردگي ۽ بهترين انتظام سان نمايان نظر اچي ٿو، جنهن تي اعليٰ عملدار سائين کي مبارڪباد ۽ ساراهه جا لفظ ادا ڪندا رهيا. سائين ڪاليج جي ذميوارين کي اهڙي سنجيدگيءَ سان نڀائيندو آهي، جيئن ڪو ماڻهو طوفان يا برسات ۾ به گهر پهچڻ کي ضروري سمجهي. ايئن ئي سائين روزانو گرمي، سردي، برسات يا طوفان ۾ به 26 ڪلوميٽر جو فاصلو طئي ڪري ڳوٺ کان ڪاليج پهچندو ۽ پوءِ ڪاليج کان ميهڙ جي اسپيڊ آفيس ۾ اديبن، ليکڪن، شاعرن ۽ علم دوستن سان گڏ مختلف علمي پروگرامن ۾ حصو وٺندو آهي. انهن پروگرامن ۾ ڪتابن جا اسٽڊي سرڪل، ڪتابن جي مهورت تقريبون ۽ مختلف ادبي ميڙاڪا شامل آهن. سائين ڪاليج ۾ هڪ خوبصورت پارڪ قائم ڪيو، جنهن جي سنڀال ۽ نِگراني پاڻ ڪندو آهي. پارڪ تي نظر پوڻ سان جهٽڪ اکين کي ٺار اچي وڃي. سائين هر سال ڪاليج ۾ اسپورٽس فيسٽيول جو اهتمام ڪندو آهي، جنهن ۾ شاگردن سان گڏ شاگرديائيون به مختلف راندين ۾ حصو وٺنديون آهن ۽ سائين انهن ۾ بين الاقوامي راندين جا مقابلا مُتعارف ڪرايا، جن کان شاگرد اڳ اڻ واقف هئا. ان کان علاوه جشنِ آزادي، عيد ميلادالنبي ﷺ، لطيف ڏي ۽ ٻين ثقافتي ڏينهن جون تقريبون شاگردن ۾ جوش، جذبو ۽ حب الوطنيءَ جو احساس پيدا ڪنديون رهيون. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي سماجي ۽ علمي خدمتن بابت منهنجا هي جملا ٿورا آهن، حقيقت ۾ سائين جي شخصيت تي هڪ جامع ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي، ته جيئن ايندڙ نسل ان شخصيت مان روشني حاصل ڪري سگهي.

خلوص، محبت ۽ انسانيت جو پيڪر

(تحرير: محمد يوسف زيد ناريجو)

جهڙو ماڻهو، تهڙو ناٽو،
هرڪو پنهنجي اڳهه اگهاٽو،
جيڪو ماڻهو ڪونه وڪاٽو،
سو ئي ماڻهو موتي داٽو.

چون ٿا ته دوست به طاقت هوندا آهن، پر مان ته چوندس ته دوست ته هِيرا هوندا آهن، جيڪي وقت جي تپش ۾ به پنهنجي چمڪ نه وڃائيندا آهن. منهنجو پاءُ، منهنجو سڄڻ، منهنجو محبتن سان پرپور، محترم سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب، بيشڪ اهڙي شخصيت آهي، جنهن تي فخر ڪرڻ سعادت لڳي ٿو. آءُ پاڻ کي خوش نصيب سمجهان ٿو، جو اهڙي عظيم، سچي ۽ مخلص انسان سان منهنجو تعلق آهي. سائين جن سان منهنجو رشتو رڳو محبت جو نه، پر روحاني قرب ۽ خانداني احترام جو پڻ آهي، ڇو ته سائين جن جي والدِ محترم سائين محمد بچل صاحب سان منهنجي والد سائين ضياءُ الدين ناريجو جو گهرو ناتو رهيو. اسان جا گهر ڄڻ ته هڪ ئي روح جي ٻن جسمن وانگر هئا ۽ آهن. سائين عبيدالله لاکير منهنجي لاءِ صرف دوست نه پر هڪ آئينو آهن، جنهن ۾ مان پنهنجي فڪر، ايمان ۽ سچائيءَ کي ڏسان ٿو. سائين جن ۾ مون ڪڏهن به وڏائي، غرور يا خودپرستي نه ڏٺي. فقيريءَ جي فطرت، نرم مزاجي ۽ هر ڪنهن جو خيال ڪرڻ سندن شخصيت جا اهڙا اوصاف آهن، جيڪي رڳو مخلص دلين ۾ هوندا آهن. سائين 19هين گريڊ جا پروفيسر هجڻ باوجود، عاجزيءَ جو مجسمو آهن. سندن دروازا محبت لاءِ هميشه کليل ۽ هٿ سخاوت لاءِ وڌيل رهندا آهن. سائين عبيدالله لاکير اهو وڻ آهن، جيڪو ڇانوَ به ڏئي ٿو ۽ ميوو به. ڳوٺ بخش لاکير ۾ ڪيترائي ماڻهو اعليٰ عُهدن تي فائز رهيا، پر سائين عبيدالله جو خاصو اهو آهي ته سائين ڪڏهن به رڳو پنهنجي لاءِ نه سوچيو، پر پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ جيئندا رهيا آهن. وڏو عهدو هئڻ جي باوجود سائين هميشه ماڻهن سان گڏ رهيا، سندن

اوطاق محبت ۽ ادب جو مرڪز رهيو. سائين جن جي مٽيءَ مان انسانيت جي خوشبو ايندي آهي ۽ سندن شخصيت علم ۽ اخلاق جو سنگم آهي. سائين جن ڳوٺ جي مسئلن جي حل لاءِ سدائين اڳڀرا رهيا. ڳوٺ جي پرائمري اسڪول سان تعاون، ثقافتي ڏهاڙا مَلهائڻ، شاگردن ۾ علم جو روح پيدا ڪرڻ، اهي سڀ خدمتون سندن روشن دل ۽ علم دوستيءَ جو ثبوت آهن. اسان جي نِماڻي ڪوٺ تي به سائين جن پنهنجا ضروري ڪم ڇڏي اچي شامل ٿيندا آهن. ايتري قدر جو اسڪولن جي پروگرامن لاءِ پينافليڪس به پنهنجي خرچ تي تيار ڪرائيندا آهن. اڄ جڏهن نفسا نفسيءَ جو زمانو آهي، تڏهن سائين جهڙا ماڻهو سماج جو ساهه بڻيا آهن. 1985ع ۾ سائين عبيدالله لاڪير ڳوٺ ۾ شاهه لطيف لائبريري قائم ڪئي ۽ ان سان گڏ ڳوٺ سڌار سنگت بخش لاڪير جو بنياد رکيو. اها تحريڪ صرف ادبي نه پر اخلاقي ۽ سماجي شعور جي به علامت هئي. مان ناچيز به انهيءَ وقت فنانس سيڪريٽري طور سائين جن سان گڏ رهيس ۽ هر صلاح مَشوري ۾ حصو وٺي فخر محسوس ڪيو. سائين قاضي عارف ڪاليج ۾ انتظامي ذميواريون نڀائڻ سان گڏوگڏ پاڻ ڪلاسز ۾ پڙهائڻ ۾ پڻ سرگرم رهيا. جنهن دور ۾ ڪجهه ماڻهن بنا سبب سائين کي پريشان ڪيو، تڏهن به سائين صبر، استقامت ۽ سچائيءَ سان اڳتي وڌيا. بيشڪ، جنهن جي نيت صاف هوندي آهي، تنهن لاءِ منزلون پاڻ ئي آسان ٿينديون آهن. سائين جي لاءِ ائين چوندس ته: مُرڪندڙ چهرا ڪڏهن به شڪست ناهن کائيندا، ڪاميابيءَ جا گل انهن جي رستن تي پاڻ ڦهلجندا ۽ ڦٽندا آهن.

تو ڪي ڪير وساري سائين،
تو ڪي وسارڻ اوکو هوندو،
منهنجو پاڻ سان ڌوکو هوندو،
تو ڪي ڪير وساري سائين.

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير بيشڪ اُنهيءَ نسل جو انسان آهي، جيڪو محبت سان خدمت ڪري ٿو، خاموشيءَ سان ڪم ڪري ٿو ۽ هر دل ۾ عزت جو ڏيئو روشن ڪري ٿو. اڄ جڏهن ساڻس ملجي ٿو، ته دل ادب سان جهڪي پوي ٿي ۽ زبان پاڻ چوي ٿي: "اِها

ئي مٽي اصل آهي، جنهن ۾ محبت ۽ انسانيت جا ٻج پوکيل آهن."

محبتن جو ڳوٺ ٻڌندڙ: سائين عبيدالله لاڪير

(تحرير: اظهر آدرش)

ڇا نعرا ها، ڇا نِينهن هيا، هئہ مڙس هيا شينهن هيا،
جي ڏونگر ڏيل ڏڪائي ويا، گجگوڙ ڪري گرمائي ويا،
جي پنهنجو نور نچوڙي ويا ۽ تنهنجي جوت جلائي ويا،
سي لڙڪ مٽيءَ ۾ لوئي ويا، پر ڇا ڇا موتي پائي ويا.
(شيخ اياز)

سائين عبيد لاڪير بهترين مزاج رکندڙ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ آهن. گهڻو پاسائين علمن، سياسي، سماجي، ادبي ۽ سائنسي علمن جي ڄاڻ رکندڙ شخص آهي. سندس شخصيت جا ڪيترائي پاسا ٿورڙي وقت ۾ مون اڳيان نمايان ٿيا آهن. جن ۾ سڀ کان پهريون:

فرض شناس استاد: پنهنجي نوڪريءَ جي ڏينهن ۾ مڪمل طور روزاني جي بنياد تي وقت جا پابند رهيا آهن. سندس ڊيوٽي سان ڪميٽيڊ هئڻ جو مثال آهي جو پنهنجي ڪيريئر جو آخري ڪلاس به نه ڇڏيائون. ڪلاس دوران پنهنجي سبجيڪٽ سان نياءُ ڪان علاوه، شاگردن کي ڪيريئر ڪائونسلنگ، سماجي، وڻج واپار ۽ معاشي پاسن تي گفتگو ڪري ڪين مستقبل ڪان روشناس ڪرائيندا رهيا. نمبر ٻيو:

سماجي ڪمن ۾ بهرو وٺندڙ شخص: پاڻ پنهنجي شاگردي واري زماني ڪان ڳوٺ سڌار سنگت جون شاخون کولي، پنهنجي ڳوٺن ۾ سماجي ڪمن جي شروعات ڪيائين. ڳوٺ ۾ لائبريري کولڻ سان ڳوٺ جي نوجوانن کي پڙهڻ لکڻ جا موقعو مليو، ۽ بزرگ حالات حاضرا ڪان واقف بڻيا ۽ پنهنجي علمي اڄ اجهائي. ڳوٺ جا ڪيترائي ترقياتي ڪم به تنظيم جي سري هيٺ ٿيا. پاڻ نه رڳو پنهنجي ڳوٺ بلڪ پنهنجي علائقي جي واهڻ وستين ۾ وڃي آگاهي ۽ شعوري لاٽ ٻاري. مختلف پليٽ فارمن تان سياسي،

سماجي، اقتصادي، معاشي، تعليمي ۽ اٿندڙ مسئلن تي ليڪچر ڪرائي عوام کي حالات حاضره کان روشناس پئي ڪرايو آهي. پاڻ مختلف دؤرن ۽ وقتن تي ايندڙ ٻوڏن، مصيبتن ۽ وبائن دوران عوامي سهولتڪار بڻجي ڏکايل ۽ متاثرين جو پرجهلو ٿي بيٺا آهن. نمبر ٽيون:

سنو منتظم: ڪل وقتي استادي پيشي سان وابستگي رکندي جڏهن پاڻ منتظم بڻيا ته نه رڳو اداري جا ڪل وقتي مالڪ بڻيا (نه ته عام طور منتظم ڪرسيءَ جي پرواهه ۾ هوندا آهن). درس و تدريس واري پاسي کي ترقي وٺائي، ترقياتي ڪم ڪرايا. جنهن ۾ ڪاليج جي لان، وٽڪاري، فرنيچر جي موجودگي، راندين جون سرگرميون. سيرو تفريح جي پروگرامن ذريعي شاگردن کي تاريخي ماڳ گهمائڻ، پر ڪاليج جو رنگ روپ ۽ ڊيڪورم اهڙو جو پٿيون به سبق سيکاري رهيون آهن. نمبر چوٿون:

ادبي پاسو: سائين عبيد الله لاڪير جي انگريزي لٽريچر ۾ اسپيشلسٽ ٿيل آهي، ان ڪري سندس ادبي پاسو به روشن ۽ قابل داد آهي. پاڻ جڏهن خيرپور ناٿن شاهه ڪاليج ۾ هئا تڏهن سالاري، مئگزين جو اجراء ڪري ڪاليج سان سلهاڙيل ڪيترن ئي شاگردن، استادن، سپورٽ اسٽاف جي قلمي پورهيي کي شايع ڪري جڻ ته اتان جي تاريخ کي سموئي رکيو.

ان کان پوءِ سندس ٻي ڪاوش سنڌ سلامت فورم جي پروگرامن کي ڪتابي شڪل ڏيارڻ ۾ فورم جي سائين سان اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ فورم جي رپورتاز کي شايع ڪرايو جيڪو پڻ تاريخ ساز ڪم آهي.

2024ع جي آخر ۽ 2025ع جي پهرين ڏهاڙن ۾ سائين امير الدين قاصر جيڪو هڪ ڪُهنه مشق شاعر، پختن خيالن جو مالڪ هو، جي ڪلام کي سهيڙي نه رڳو محفوظ بڻايو، پر جڻ ته شمس الدين بلبل، غلام محمد گرامي، دادن فقير، اسحاق راهي، ناظم منگي ۽ غلام نبي مهيسر جن جي محفل ۾ سائين امير الدين قاصر کي سڏي اسٽيج تي ويهاريو هجي.

ساڳي ڪڙي سان ڪڙي ملائيندي پنهنجي سرڪاري نوڪري

کي اختتام تي پڄائيندي، قاضي عارف ڊگري ڪاليج جي مئگزين کي ’ڪُهنگ‘ جي نالي سان شايع ڪري نه رڳو پنهنجي پرنسپل شپ جي دؤر جي تاريخ کي لاڪ Lock ڪيو آهي. پر ڪاليج سان منسلڪ اڄ جي شاگردن سياڻ جي اڳواٽن جون تحريرون، ڪهاڻيون، تصويرون ۽ استادن جون تحريرون، ليڪچر ۽ پيغام ترتيب ڏئي هميشه لاءِ يادگار بڻائي ڇڏيو آهي.

هتي هڪ ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته جهڙي نموني سالاري خيرپور ناٿن شاهه جي هڪ ديهه جو نالو ڪنيل آهي، اهڙي طرح ڪُهنگ پڻ هڪ تاريخي نالو ڪنيو ويو آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته ادارا پنهنجي علائقي جي تاريخ سان جڙيل رهندا ته علائقي جي عام ماڻهن ۽ شاگردن کي پڻ پنهنجا تاريخي ورثا ياد رهندا آهن.

ڪُهنگ مئگزين ۾ شامل مواد تاريخ، ڪيريئر ڪائونسلنگ، ڪهاڻيون، ٻولي، تاريخ ۽ تحقيق، ٽيڪنالاجي، تعليم، صحت، شعر و شاعري ۽ پيغامن تي مشتمل آهي. مئگزين ۾ جتي تحقيقي ۽ تاريخي مضمون ڪُهنگ آباد جي ڪهاڻي شايع ڪري علائقي ۾ ڪيئي سوال اٿاريا آهن، اتي تحقيق ۽ جاکوڙ لاءِ نوان دروازا پڻ کوليا آهن.

سائين جي شخصيت جو مزاج رڳو ڪنهن هڪ ڪلاس (طبقي) سان لڳاءُ رکندڙ ناهي، بلڪ پاڻ جيڏن 19 گريڊ جي ليڊرن سان به ساڳي انداز سان ملن ٿا ته پاڻ پنهنجي ڪاليج جي سپورٽ اسٽاف جي ٻن گريڊ جي ورڪر سان به ساڳي ڪِلمُڪ واري انداز سان ملن ته، شاگردن کي به عزت ۽ حوصلو ڏين ٿا.

سائين عبيد الله لاڪير هڪ ذميوار شهري ۽ سرگرم سماجي شخصيت هئڻ ۽ ايجوڪيٽر هئڻ ناتي سدائين سِکڻ ۽ سَيکارڻ وارن ڪمن ۾ جنبيل رهي ٿو. سندس آفيس اديبن، سماج سُڌارڪن، پورهيتن، عالمن ۽ استادن جو مرڪز رهيو آهي. جتي روز جي بنياد تي ماڻهو سِکڻ ۽ سَيکارڻ جي عمل ۾ مصروف رهن ٿا. پر هر آچر تي سيني جي مِڙي گڏجڻ جو گڏيل ڏينهن هوندو آهي. لطيف جي سِٽن جيان:

محبتي ميڙي ڳوٺ ٻَڌجي هيڪڙو،
تنين جي پاڙي، پاٺهي ايندو پاتشاهه.

سائين عبيد الله وٽ ايندڙ هر ماڻهو سُک جو ساهه کڻي ٿو، هتي سيني جا ڏک، سُور وندڙ ٿين ٿا:

ويني جنين وٽ ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سِين ڪٺ، اوڏا اڏي پکڙا.

ايتري شاندار پورهيي تي پاڻ جَس لهڻي. اهڙن قومي فرضن ۽ سماجي ڪمن تي آئون ڪيس سلام پيش ڪريان ٿو ۽ ڪيس دعا ٿو ڪريان ته پاڻ اجان به اڳ کان اڳرا ٿي ڪم ڪندا رهندا.

منهنجو بابا منهنجو آئيڊيل

تحرير: ثناءُالله لاڪير

مان، ثناءُالله بن عبيدالله بن محمد بچل بن قادر بخش بن محمد هاشم لاڪير، هڪ سادي، پر باوقار، علم پرور ۽ محبتن سان ڀرپور خاندان ۾ 13 نومبر 1998ع، جمعي جي روشن صبح تي دنيا ۾ اک کولي. منهنجو ٻالڪپڻ ڳوٺ جي سادگيءَ، پيار، محبت، احساس، پاٻوهه، همدردي، ڀائپي ۽ اخلاقي ماحول جي ڇانوَ هيٺ گذريو، جتي هر خوشي هڪ دعا وانگر هئي. سڪڻ جو هر لمحو دل کي روشنيءَ سان ڀري ڇڏيندو هو. مون پنهنجي ابتدائي تعليم چوٿين درجي تائين پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي، جتي تعليمي سهولتون تمام گهٽ ۽ مون وٽ به سوچ سمجهه تمام گهٽ هئي. زندگيءَ جو حقيقي موڙ تڏهن آيو، جڏهن بابا سائين ۽ چاچا سميع الله منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏئي، مون کي علم جي ان عظيم سفر ڏانهن روانو ڪيو، جيڪو صرف الفاظ جو نه پر روح جو سفر هو. انهن مون کي ميهڙ جي "Sindh Public School" ۾ داخل ڪرايو، جتي مون پهريون ڀيرو پنهنجو نالو صحيح لکڻ سکيو. اهو صرف الفاظ لکڻ جو عمل نه هو، پر هڪ نئين دنيا جو در کولي ڇڏيو، جتي هر قدم تي بابا سائين ۽ چاچا سميع الله جي محنت، محبت ۽ سرپرستي جو لمس محسوس ٿيندو هو. وقت گذرڻ سان گڏ محنت منهنجي ساٿي، استقامت منهنجي رهبر ۽ علم منهنجي روح جو سرور بڻجي ويو. مون ميهڙ مان گريجوئيشن

مڪمل ڪئي ۽ دل ۾ ماسٽرس ڪرڻ جو خواب پروان چڙهيو. اهو ئي خواب مون کي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي روشنيءَ ۾ آندو، جتي مون ان شعبي ۾ داخلا ورتي، جنهن ۾ منهنجي والد صاحب اعليٰ تعليم حاصل ڪئي هئي: Institute of English Language & Literature M.A English ساڳي ڊگري، ساڳيو ماحول، ساڳيو علمي ورثو.

منهنجي لاءِ اهو رڳو پڙهائي نه هئي، پر بابا جي نقش قدم تي هلڻ جو اعزاز، فخر، روحاني سرور، ۽ دل ۾ جميل محبت جو روشن چراغ پڻ هو. منهنجي زندگيءَ ۾ مون ڪيترائي اهم تجربا حاصل ڪيا آهن. رڳو پندرهن سالن جي ننڍڙي عمر ۾ مون پنهنجي هڪ ننڍڙي اڪيڊمي قائم ڪئي، جتي مون ڪمپيوٽر ۽ انگريزي جا ڪلاس هلائڻ شروع ڪيا. انهن ڏينهن ۾ منهنجو مقصد هڪ ئي هو ته مان پاڻ کي ايترو قابل بڻايان جو مون کي ڪنهن به ڳالهه لاءِ ڪنهن کان پڇڻ جي ضرورت نه پوي. مون چاهيو ٿي ته علم منهنجو ساٿي هجي، مهارتون منهنجي طاقت ۽ مون کي پنهنجي هر ڪم کان مڪمل واقفيت هجي. محنت، لگن ۽ حوصلن سان مون اهي سڀ مهارتون حاصل ڪيون، جيڪي زندگيءَ جي هر آفت کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ضروري هيون.

سن 2024ع ۾ مون ماسٽرس مڪمل ڪئي ۽ اپريل 2025ع ۾ ڊگري حاصل ڪئي. هاڻي مان هڪ اهڙي ڪاميابيءَ جي تلاش ۾ آهيان جيڪا نه صرف منهنجي زندگي بدلائي، پر منهنجن ڀائرن ۽ ٻين نوجوانن لاءِ به راهه هموار ڪري. منهنجي سڀ کان وڏي خواهش اها آهي ته مان پنهنجي بابا جو فخر بڻجي سگهان ۽ انشاءالله اهو ڏينهن به جلد ايندو، جڏهن هي خواب پورو ٿيندو. منهنجي دل جي سڀ کان وڏي خواهش سدائين هڪ ئي رهي آهي: "**بابا جهڙو ٿيڻ**". پر حقيقت اها آهي ته بابا جهڙا ماڻهو ورجائجن نه ٿا. اهي شخصيت جا اهڙا مينار هوندا آهن، جن جي روشني صدين کان پوءِ وري جنم وٺندي آهي. ممڪن آهي ته مان ڪڏهن مڪمل طور تي بابا جهڙو نه بڻجي سگهان، پر جيستائين منهنجي دل ۾ انهن جي تربيت جو نور، اخلاق جي خوشبو، محبت جي گونج ۽ علم جو شعور زنده

آهي، تيستائين منهنجي هر قدم ۾ انهن جي روشني جهلڪندي ۽ منهنجي هر ڪاميابيءَ ۾ انهن جي اثر جو لمس محسوس ٿيندو.

زندگيءَ جي هن طويل سفر ۾، هر انسان وٽ يادون، سکٽايون ۽ تجربا هوندا آهن، جيڪي صرف وقت سان نه، پر نسلن جي رهنمائي لاءِ مشعلِ راه بڻجن ٿا.منهنجو بابا سائين جنهن جي شخصيت محبت، محنت، ايمانداري ۽ بردباري جي روشن رنگن سان سينگاريل آهي، سندن زندگيءَ جو هر سبق، هر جذب ۽ هر جدوجهد کي سهيڙي اسان جو محترم دوست ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪري رهيو آهي. هي سوانح عمري رڳو واقعن جو مجموعو نه آهي، پر بابا سائين ۽ اسان جي وڏڙن جي اصولن، قدرن ۽ فڪر جو روشن آئينو آهي، جن تي بابا سائين هميشه عمل پيرا رهيو ۽ ٻين کي پڻ انهن جي تلقين ڪندو رهيو آهي. هن ڪتاب جا ورق رڳو ڪي يادون نه آهن، بلڪه هڪ سچي، باوقار، بلند اخلاق واري انسان جي زندگيءَ جو عڪس آهن. منهنجي لاءِ اها وڏي سعادت ۽ فخر جهڙي ڳالهه آهي ته مون کي به هن سوانح عمري جي ورقن ۾ پنهنجو مختصر نوٽ لکڻ جو موقعو مليو، جنهن کي مان پنهنجي لاءِ سعادت سمجهان ٿو. الله پاڪ کان منهنجي اها ئي دعا آهي: الله تعاليٰ منهنجي بابا سائين کي سلامت رکي، سندس زندگيءَ ۾ برڪت وجهي، سندس دل کي سڪون ڏئي ۽ سندس وجود کي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ هميشه محفوظ رکي.

هي ڪتاب سندن زندگيءَ جو سچو بيان آهي. هڪ اهڙو سفر، جنهن مان هر پڙهندڙ لاءِ اميد، حوصلو، ايمان ۽ محنت جو پيغام نڪري ٿو ۽ هر دل کي ڇهي، روشن مستقبل لاءِ مشعلِ راهه بڻجي ٿو.

سدا مور محفل جو مون سائين عبيد ڏٺو اکين سان

تحرير: سگهڙ شاعر محبوب علي محبوب ڏيپر ميهڙ

(سائين عبيد جي محفل جو هڪ ننڍڙو شاگرد)

هي سِڪ سچ تي ايري تي جڏهن به ميهڙ جي انهيءَ مقدس

اوطاق جو نالو ورنان ٿو، جتان محبت جو مينهن وسي ٿو، دوستيءَ جي خوشبو پکڙجي ٿي ۽ انسانيت جو درس هر پل ڏنو وڃي ٿو. سائين عبيدالله لاکير رڳو هڪ نالو ناهي، هڪ ادارو آهي، هڪ درسگاهه آهي، هڪ زنده روايت آهي، جيڪا پنهنجي بابا سائين جي اوطاق واري ورثي کي جياري رهي آهي. اڄ جي دور ۾ سنڌ ۾ اهڙيون شخصيتون گهٽ پيدا ٿين ٿيون، جن جي هٿ ۾ حاتميءَ جو دامن هجي، دل ۾ فقيريءَ جو نور هجي ۽ منهن تي هميشه مرڪ جو گلابي رنگ هجي. سائين عبيد انهن ناياب هيرن مان آهي، جن کي رب پاڪ پنهنجي خاص رحمت سان نوازيو آهي. سندس دل ايتري ڪشادي آهي جو سؤ کن دوست هڪ ئي وقت ساهه کڻي سگهن، ايتري ته ڪشادي آهي جو هر اچڻ واري کي لڳي ٿو ڄڻ هيءَ محفل رڳو سندس ئي لاءِ سينگاريل آهي.

جنهن هلي بخش لاکير کان چوريو اهڙو چنگ
هي وڏو رچائي رنگ، محبوب وينو آهي ميهڙ ۾

ڪورونا جي ان خوفناڪ دور ۾ به جڏهن ماڻهو هٿ ملائڻ کان ڊنل هئا، پري کان سلام ڪري واپس موٽندا هئا، تڏهن به سائين عبيد جو آستانو کليل هو، سندس پاڪر ڪليل رهيو، سندس دل جا دروازا بند ئي نه ٿيا. دوست دير ڪري ته فون ڪندو، "ڪٿي آهين؟ اڄ تنهنجي بغير محفل اداس آهي!" اهڙي محبت ڪٿي ٻي هنڌ نظر آئي آهي؟

چريا ڪريا پيي پاڻ سان هي ٻهڳڻ هلي پيو ٻَڪِي
مالڪ عزت شانُ هن جو بُلند پائو پيو رَکِي
محبوب نه سگهيو لِکِي، چئي ڏيپر هن ڏيهه ۾

ڪيترن ئي ماڻهن ڪيس چيو ته "سائين، هيءَ سنگت گهٽايو، وقت ۽ پئسو ضايع ٿو ٿئي." پر سائين جو جواب هميشه اهو ئي هو: "بابا سائين جو چوڻ آهي ته ابا اوطاق قائم رکجانءِ. هيءُ ميهڙ ۾ منهنجو آستانو آهي، منهنجو اوطاق آهي، مان ان کي ڪيئن ڇڏي سگهان ٿو؟"

هن جملي ۾ ئي سائين جي سچي شخصيت سمائجي وئي آهي،

وفاداري، روايت جي حفاظت ۽ محبت جي پختگي.

سخا ۾ سين ڪان هي ظاهر ڏٺم زور
سانديي سڀ ڪي ساهه ۾ هي مرڪندو رهيو مور
هن ڪان ڪو اور، مون نه ڏٺو محبوب چئي

سائين عبيدالله لاڪير جي ڪچهري رڳو دوستن جي ملڻ جو هنڌ ناهي، هڪ تربيت گاهه آهي، جتي ماڻهو پنهنجي اندر جي بيگانگي ختم ڪري، محبت ۽ ايڪي جا سبق سکي موٽن ٿا. هتي هر طبقي جو ماڻهو، هر عمر جو دوست، هر درد جو مريض پنهنجي دوا وٺي ٿو. هتي سماجيات کان ويندي ادب تائين، شاعريءَ کان ويندي سماجي مسئلن تائين، هر موضوع تي کليل دل سان ڳالهه ٿئي ٿي، پر ڪڏهن به دلين ۾ ڪندو نه ٿو چڀي. سائين جي شخصيت جو هڪ وڏو پهلو سندس رب تي پڪو يقين آهي. ابي امڙ جون دعائون، والد محترم جي تربيت ۽ پنهنجي خالص نيت سبب الله تعاليٰ کيس اهڙي طاقت ڏني آهي، جو هو هيتري وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي سنگت کي پنهنجي دل جي گرميءَ سان سنڀالي ٿو. اڄ جي دور ۾ جتي ماڻهو گهر ڀاتين لاءِ به وقت نه ٿا ڪڍي سگهن، اتي سائين عبيد گهر کان به وڌيڪ وقت پنهنجي دوستن کي ڏئي ٿو، انهن جا خيال ٻڌي ٿو، انهن کي ساڃاهه جا سبق ڏئي ٿو. سائين عبيدالله لاڪير جهڙا ماڻهو هاڻي ناياب ٿيندا پيا وڃن. اهڙا هيرا، اهڙا سچ، اهڙا چنڊ جيڪي رڳو روشني ڏين ۽ پاڻ سڙي سڙي به مرڪندا رهن. اسان سڀني تي الله جو احسان آهي جو اسان کي اهڙي شخصيت سان ويجهو ويهڻ جو موقعو مليو، جنهن وٽان هر دفعي ملڻ تي ڪجهه نئون سبق سِکڻ لاءِ ملي ٿو.

دعا آهي ته رب پاڪ سائين عبيدالله لاڪير کي هميشه صحت، سڪون ۽ سدا مرڪندڙ چهرو عطا فرمائي. سندس محفل کي قيامت تائين آباد رکي.

سڪيو ڳهاري سنسار ۾ ڏکيو ڏسي نه ڏينهن
سدا رب جي رحمت جو مٿان وسي مينهن
نياهي اهڙو نينهن، ڏسيو نه ڪنهن ڏيپر ڪي

الله سائين هن عظيم انسان کي طويل حيات ڏئي، سندس سيني کي هميشه دوستن سان پريل رکي ۽ اسان سڀني کي سندس ڪچهريءَ مان وڌيڪ پرائي وٺڻ جي توفيق ڏئي. آمين!

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير

سينيئر صحافي: الاهي بخش چانديو

سنڌ پريس ڪلب، ميهڙ

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب هڪ عظيم، اعليٰ فڪر رکندڙ ۽ انسانيت پريا دوست شخصيت جا مالڪ آهن، جن پنهنجي ساري زندگي علم، ادب، تعليم ۽ سماجي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. پاڻ هڪ مثالي استاد، سجاڳ فڪر وارا علم دوست، پيار ڪندڙ والد، وفادار دوست ۽ سماج سُڌارڪ انسان آهن. سندن زندگيءَ جو هر پهلو قرباني، خدمت ۽ انسانيت جي خلوص سان ڀرپور آهي. پروفيسر صاحب پنهنجي جوانيءَ جا بهترين سال تعليمي ادارن جي خدمت ۾ گذاريا آهن. پاڻ ڪيترن ئي شاگردن جي زندگين کي علم جي روشني سان روشن ڪيو اٿائون ۽ نسلن کي فڪر، اخلاص ۽ عمل جو پيغام ڏنو اٿائون. سندن تدريس فقط ڪتابن تائين محدود نه رهي آهي، پر شاگردن جي شخصيت ۽ اخلاق جي تعمير تائين پهتي آهي. بيشمار شاگرد اڄ به فخر سان چون ٿا ته سائين عبيدالله لاڪير صاحب انهن لاءِ هڪ استاد نه پر هڪ رهبر ۽ فڪر پور رهيا آهن. پروفيسر صاحب سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جا سچا عاشق آهن. پاڻ نه صرف علمي لحاظ کان هڪ وڏو نالو آهن، پر سنڌي سجاڳي ۽ فڪري ورثي جا به امين آهن. سندن آفيس علم ۽ محبت جو مرڪز رهي آهي، جتي اهل علم، شاعر، اديب، استادن، شاگردن ۽ فڪر وارن سان رهاڻيون مچنديون رهيون آهن. انهن رهاڻين ۾ علم جي خوشبو، فڪر جي روشني ۽ محبت جو درس ملي ٿو. ادبي محفلون، ثقافتي پروگرام ۽ سماجي گڏجاڻيون ڪرائڻ سندن سجاڳي جو حصو رهيون آهن. پاڻ نه صرف لفظن سان محبت ڪن ٿا، پر عملي طور به انهن کي سماجي ڀلائيءَ جي هٿيار بڻائن

تا. پروفيسر صاحب جي موجودگي هر ميڙ ۾ فڪر جي حرارت ۽ محبت جي خوشبو پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. سائين عبيدالله لاکير صاحب جي شخصيت اعليٰ اخلاق، بردباري ۽ عاجزيءَ سان ڀرپور آهي. پاڻ هميشه نرم گفتار، وسيع دل ۽ خالص انساني احساسن سان ٻين سان پيش ايندا آهن. سندن خوبيون اسان سڀني لاءِ مثالي آهن. سندن علم، اخلاق ۽ انسان دوستيءَ مان هر شاگرد، هر ساٿي ۽ هر دوست کي ڪجهه نه ڪجهه سکڻ لاءِ ملي ٿو.

اسان جي سماج ۾ اهڙا ماڻهو تمام ٿورڙا ملن ٿا، جيڪي پنهنجي وجود سان علم، ادب ۽ سماجي خدمت جو مثال بڻجن. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب بيشڪ انهن ناياب ماڻهن مان هڪ آهن، جيڪي پنهنجي فڪر، خدمت ۽ محبت سان معاشري کي روشني ڏين ٿا. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير اسان جو فخر، اسان جو سرمايو ۽ اسان جي فڪري سجاڳپ آهن. اهڙيون شخصيتون وقت گذرڻ سان وسرنديون ناهن، پر هميشه دلين ۽ ذهنن ۾ زنده رهنديون آهن، جيئن علم، محبت ۽ انسانيت جي خوشبو هميشہ زندھ رهندي آهي.

ماڻهو مٽيادار: سائين عبيدالله لاکير

ازقلم: غلام فاروق ملاح، ڳوٺ خالي چارو، ميهڙ

ميهڙ جي تاريخي سرزمين تي واقع ننڍڙو ڳوٺ بخش لاکير ڪيترن ئي علمي، ادبي ۽ اخلاقي شخصيتن سان سڃاتو وڃي ٿو. انهن معزز هستين ۾ سڀ کان نمايان نالو آهي، سچائي، ايمانداري، محبت ۽ مهمان نوازيءَ جو علمبردار محترم جناب سائين عبيدالله لاکير صاحب آهي. سائين عبيدالله لاکير صاحب هڪ اوطاقي، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، باشعور، نرم مزاج ۽ سُهڻي طبيعت رکندڙ انسان آهي. هو اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو پاڻ به هميشہ کِلندڙ ۽ ٻين کي کِلائيندڙ آهي. غريب، مسڪين ۽ يتيمن جو يار ۽ محبت جو اهڙو درياهه آهي، جنهن جا ڪنارا نظر نٿا اچن. سندس چَهري تي سدائين نرمي ۽ مهربانيءَ جي چمڪ موجود هوندي آهي، جيڪا

سندس باطن جي پاڪيزگيءَ جو ثبوت آهي. سائين جي ڪچهريءَ جو اهڙو جادو آهي، جو پري پري کان ڳوٺن جا ماڻهو صرف سندس ڪچهري ٻڌڻ ۽ محبت جو حصو بڻجڻ لاءِ ايندا آهن. سائين جن جي خلوص ۽ اخلاق ۾ ايتري ته مِٺاس آهي، جو ماڻهو پنهنجي ڳوٺن کان سوين رڪاوٽن باوجود، پنهنجي قيمتي وقت مان حصو ڪڍي، سائين جن جي صحبت ۾ ويهڻ کي پنهنجي قسمت سمجهن ٿا. مون پاڻ ڪيترائي اهڙا ماڻهو ڏِٺا آهن، جيڪي غريب آهن، جن وٽ سُواريءَ جي سَهولت به ناهي، پر پوءِ به صرف محبت ۾، ڪلوميٽرن جو مفاصلو پيرين پنڌ ڪري سائين جي اوطاق تي ايندا آهن. جتي سائين جي قرب، اخلاص ۽ محبت سان ڀرپور ڪچهريءَ ۾ ويهي، سُک ۽ سُڪون جو احساس ڪندا آهن. سائين عبيدالله لاکير صاحب جي ڪچهريءَ ۾ نه رڳو اديب، شاعر، استاد، ديني عالم، ليکڪ، صحافي، ڪالم نگار ۽ سوشل ورڪر شريڪ ٿيندا آهن، پر زميندار، هاري، فنڪار، نعت خوان ۽ علم دوست ماڻهو به اچي سندس صُحبت مان روحاني تسڪين حاصل ڪندا آهن. اها ڪچهري ڄڻ روح جي غذا آهي، جتي علم ۽ محبت جو سنگم گڏجي هڪ نئين دنيا تخليق ڪري ٿو. آءُ، عاجز نعت خوان غلام فاروق ملاح، پاڻ به سائين عبيدالله لاکير صاحب جي محبت جو پياسو آهيان. سُواري هجي يا نه هجي، آءُ سدائين سائين جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي تڙپ محسوس ڪندو آهيان. ڪيترائي دفعا ائين به ٿيو آهي جو سُواري نه هئڻ باوجود، آءُ به ڪلوميٽر پنڌ ڪري سائين عبيدالله لاکير صاحب وٽ پهتو آهيان، فقط ان لاءِ ته سندس قرب پري ڪچهريءَ ۾ ويهي ڪجهه گهڙيون گذاري سگهان. سچ ته آءٌ سائين عبيدالله لاکير صاحب کان نهايت متاثر ٿيو آهيان. سندس علم، اخلاق، عاجزي ۽ محبت انسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺي ٿي. مون کي پٺائي صاحب جا اهي املهه شعر ياد اچن ٿا، جيڪي ڄڻ خاص سائين عبيدالله لاءِ ئي لکيا ويا آهن:

"ماڻهون سڀ نه سُهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي".

سائين عبيدالله لاکير صاحب واقعي انهن ماڻهن مان آهي، جن مان بهار جي خوشبو اچي ٿي، جيڪي جتي به وڃن، اُتي محبت، سڪ ۽ اخلاص جا گل ڇڏي وڃن. سائين عبيدالله لاکير صاحب ميهڙ ۽ ان جي پرپاسيءَ وارن ڪيترن ئي ڳوٺن جي ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، محبت، علم ۽ فڪر جو هڪڙو مرڪز قائم ڪيو آهي. سندس اوطاق ميهڙ شهر جي وچ، ساهڙ بلڊنگ تي واقع آهي، جتي ايندڙ هر مهمان کي اهڙو احساس ٿيندو آهي، ڄڻ هو پنهنجي گهر ۾ ويٺو آهي. مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي ته ڪي جهونڙا، عمر جي پوئين پهر ۾ به، ٻه ماڙ ڏاڪڻيون چڙهي سائين جي محبت ڀري اوطاق تي ايندا آهن. اهو منظر ڏسي دل خوش ٿي ويندي آهي ته اڃان محبت زنده آهي ۽ محبت وارا ماڻهو به باقي آهن. آءُ پاڻ پنهنجي ڳوٺ خالي چارو مان به ڪيترائي دفعا پنڌ ڪري، سائين جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيو آهيان. سائين جي قرب ڀري اوطاق تان مون ادب، احترام ۽ زندگيءَ جي باريڪين بابت تمام گهڻو سکيو آهي. سچ ته سندس صحبت پاڻ ۾ هڪ درسگاهه آهي، جتي علم، اخلاق ۽ انسانيت جا سبق عملي نمونې پڙهايا وڃن ٿا. منهنجي الله پاڪ جي درگاهه ۾ دعا آهي ته سائين عبيدالله لاکير صاحب جي اها محبت ڀري اوطاق سدائين آباد، زنده ۽ قائم رهي. مولا پاڪ سائين عبيدالله لاکير صاحب کي هميشه سلامت، خوشحال ۽ باعزت رکي ۽ سندس محبت جي خوشبو سدائين ميهڙ ۽ ڪڇي جي هوائن ۾ مِهڪندي رهي.

سائين عبيدالله: علم، ادب ۽ شخصيت جو استعارو

(تحرير:آفتاب چنه، پيروزشاهي)

سائين عبيدالله لاکير ۽ مان ڄڻ ته هڪ ٻئي جا پاڙيسري آهيون. سائين عبيدالله بخش لاکير جو رهواسي آهي ۽ مان وري پيروز شاهه جي ڪنڊ وسايل آهيان. اسين ٻئي ڪڇي جا رهندڙ آهيون ۽ سنڌو درياهه سان اسان جو ساٿ ڏاڍو ويجهڙائي وارو رهيو آهي. اهو ئي درياهي لاڙو، ساڳس مَن موهيندڙ وابستگيءَ جو بنياد به

آهي. سائين عبيدالله لاکير اسان جي تر جي هڪ انتهائي مُعزز، علمي ۽ ادبي گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. اهوئي سبب آهي جو اڄ به سندس اين جي او واري آفيس ۾ شاعرن، اديبن ۽ علم دوستن جون ڪچهريون جاري ۽ ساري آهن. اها آفيس رڳو آفيس ناهي، بلڪ هڪ فڪري آستانو آهي، جتي علم، ادب، فڪر ۽ محبت جو سنگم موجود آهي. سائين عبيدالله جا والد محترم سائين محمد بچل لاکير ڪڇي جي مُعزز، هر دلعزيز ۽ علم دوست شخصيت هجڻ سان گڏ هڪ بهترين استاد ٿي رهيا آهن. پيشي جي اعتبار سان سائين عبيدالله لاکير به پنهنجي وڏڙن جي پير پاريندي ۽ سندن نقش قدم تي هلندي، تعليم کاتي ۾ معزز استاد طور شامل ٿيو. هو انگريزي ادب جو ليڪچرر رهيو ۽ نئين نسل جي تعليم ۽ تربيت جون ذميواريون ايمانداريءَ سان نڀائيندي پنهنجي عمر جا سٺ سال پورا ڪري جولاءِ 2025ع ۾ رٽائر ٿيو. سائين عبيدالله لاکير پنهنجي والد وانگر هڪ نهايت ئي بهترين، محنتي ۽ پنهنجي ڪم کي عبادت سمجهندڙ استاد رهيو آهي.

رٽائرمينٽ کان اڳ وارا ڪجهه سال هن ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ پرنسپال جي حيثيت سان گذاريا ۽ ان ئي عُهدي تان پنهنجي علمي سفر کي وقار سان مڪمل ڪيو. سائين عبيدالله لاکير خانداني، بااخلاق ۽ علم دوست انسان آهي. هن پنهنجي سڄي زندگي پنهنجي بابا سائين وانگر محنت، ايمانداري ۽ خدمت جي جذبن سان گذاري آهي. علم ۽ ادب سان گهري دلچسپي ۽ انگريزي لٽريچر جو استاد هجڻ جي حيثيت ۾ سندس دل شاعرن، اديبن ۽ فڪري ماڻهن سان گهڻو لڳندي آهي. سندس آفيس ۾ هر وقت شاعر، اديب، محقق ۽ علم و ادب سان چاهه رکندڙ ماڻهو گڏ ويٺل نظر اچن ٿا. سائين عبيدالله لاکير سادي طبيعت جو مالڪ، داناءُ، بردبار ۽ نرم خو انسان آهي. هو پنهنجي وڏڙن جي مهمان نوازيءَ واري روايت کي اڄ تائين زنده رکيو پيو اچي. سندس آفيس نه، پر هڪ علمي لائبريريءَ جو ڏيک ڏيندي آهي، جتي ڪتابن جي خوشبو، گفتگوءَ جي مِناس ۽ فڪر جي روشني گڏيل صورت ۾ محسوس ٿئي ٿي. مون سندس صحبت ۾ رهندي، سندس علم ۽

بصيرت مان گهڻو ڪجهه سِکيو آهي. اڄ جيڪي ٻه اکر لکڻ جي لائق ٿيو آهيان، سي ٻه سائين عبيدالله جهڙي مُعتبر، ماڻ واري ۽ علم دوست استاد جي صُحبت، ساٿ ۽ سنگت جو اثر آهي. سچ پڇ ته سائين عبيدالله لاکير جهڙيون شخصيتون ئي اسان جي سماج جي سُونهن ۽ سوڀيا آهن. هو پنهنجي علم، ڏاهپ، ادب، اخلاق، خلوص ۽ ايمانداريءَ سان معاشرن ۾ تبديلي آڻي سماجي جاڳرتا پيدا ڪن ٿا ۽ ماڻهن جي اصلاح ۽ اُتساهه جو سبب بڻجن ٿا. سائين عبيدالله لاکير جا اڻ ڳڻيا شاگرد اڄ وڏن وڏن عُهدن تي پهچي، هڪ طرف پنهنجي استاد جي نيڪ ناميءَ جو پرچار ڪري رهيا آهن، ته ٻي طرف سچائي، ايمانداري ۽ محنت سان انساني خدمت جي جذبي جي حقيقي تصوير بڻجي پنهنجي ملڪ ۽ مِٽيءَ جو ماڻ مٿاهون ڪري رهيا آهن. آءٌ پاڻ کي نهايت خوش نصيب سمجهان ٿو، جو مون کي سائين عبيدالله جهڙي تعليمي ماهر سان گڏ رهڻ ۽ سندس صُحبت مان فيض حاصل ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. سندس سنگت مون ۾ ٻه اهو حوصلو پيدا ڪيو آهي ته مان ٻه پنهنجي وس آهر معاشري ۾ اصلاح ۽ بهتري لاءِ ڪجهه ڪري سگهان. سچ ته سائين عبيدالله لاکير رڳو هڪ نالو ناهي، پر هڪ فڪر، هڪ روشني ۽ هڪ تحريڪ آهي. هو اسان جو اتساهه، اسان جو فخر ۽ اسان جي تر جي سڃاڻپ آهي.

ڪڇريءَ جو ڪوڏيو، سائين عبيدالله لاکير

(تحرير: جاني غفور چنو، فريدآباد / گهاڙي جاگير)

چون ٿا ته موبائل جي اچڻ کان پوءِ اسان وٽ جيڪي ڳوٺن ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون، سي هاڻي ختم ٿي ويون آهن، پر ائين ڪونه آهي. جيئن شاهه صاحب پنهنجي بيت ۾ سچ چيو آهي ته: "اڄان ڪي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي". جڏهن اوهان پاڻ ڪچهري وارا ماڻهو آهيو، ته پوءِ اوهان کي ڪچهري وارا ڪاپڙي مڙس ضرور ملي ويندا، پر صفا ٿورڙا. تن ٿورن ماڻهن منجهان سائين عبيدالله لاکير ٻه هڪ آهي. عبيدالله لاکير جو تعلق ميهڙ کان اوڀر طرف

سنڌو درياهه جي ويجهو، شاهه پنجو شهر پرسان ڳوٺ بخش لاکير سان آهي. عبيدالله لاکير اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ شامل ٿيو ۽ مختلف ڪاليجن ۾ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. نيٺ آخرڪار سن 2025ع ۾ هو پنهنجي علمي ۽ تدريسي سفر مان ڪاميابيءَ سان رٽائر ٿيو. عبيدالله لاکير يارن جو يار، ادب دوست ۽ محبتي ماڻهو آهي. هو پنهنجي ميهڙ واري آستاني تي ڪيترائي دوست، شاعر، اديب ۽ ليکڪ گهرائي، انهن سان ڪچهريون ڪندو رهندو آهي. سندس ڪچهريون علم، محبت ۽ فڪر جي خوشبوءِ سان مهڪيل هونديون آهن ۽ هن وٽ پري پري کان دوست ڪچهريون ڪرڻ ايندا آهن. هو پاڻ سنو مقرر، ڪالم نگار ۽ سالڪ ماڻهو آهي. سائين عبيدالله لاکير پنهنجي ميزبانيءَ ۾ پنهنجي آستاني تي مشاعرا ڪرائيندو رهيو آهي ۽ پنهنجي پراڻين ڪچهرين جي روايت کي اجاگر ڪندو رهيو آهي. عبيدالله لاکير جهڙن ماڻهن کي سنڌ ۾ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو سڏيو ويندو آهي، جو ته هو دلين کي ويجهو آڻڻ، ڳالهين ۾ محبت پوکڻ ۽ ساٿ کي زندهه رکڻ ڄاڻي ٿو. اسان ان لاءِ دعاڳو آهيون ته سائين عبيدالله لاکير هميشه شاد ۽ آباد رهي ۽ هن جون ڪچهريون قائم ۽ دائم رهن.

سائين عبيدالله: ميهڙ جو فخر، سنڌ جو سرمايو

(تحرير: زاهد ابڙو)

ماڻهو سُهڻو سيڪو آهي،
مَن موهيندو ڪو ڪو آهي،
هر ڪنهن هٿ ۾ گل هجي،
ڪنهن ڪنهن هٿ سُونهندو آهي.

دنيا جي تاريخ گواهي ڏيندي ته سنڌو ڌرتيءَ کي اهو فخر حاصل آهي ته هن جي چپڪي مِٽيءَ مان هميشه اهڙن ڪردارن جنم ورتو آهي، جن هر مَهل وس آهر پنهنجي ڌرتي، پنهنجن ماروئڙن ۽

پنهنجي ضمير سان سچو سات نڀايو آهي، اهي ماڻهو نہ رڳو پنهنجو ڪردار ايمانداري سان ادا ڪن ٿا، پر ٻين لاءِ بہ روشنيءَ جو سرچشمو بڻجن ٿا، اُنهن ئي روشن دلين مان هڪ نالو سائين عبيدالله لاکير جو بہ آهي، سچُ پڇو تہ انهن جهڙو مهمان نواز، سچو، مخلص، سخي ۽ دل جو امير ماڻهو مون پنهنجي سڄي ڄمار ۾ ٻيهر نہ ڏٺو، اهڙن ئي ماڻهن لاءِ ڀٽ جي ڀٽائي فرمايو آهي تہ:

ماڻهو سڀ نہ سُهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

منهنجي نظر ۾ حقيقت اها آهي تہ اهو شعر جڻ ڪو سائين عبيدالله لاکير جهڙن عظيم انسانن لاءِ چيو ويو هجي، جيڪي پنهنجي اخلاق، دانائي ۽ اعليٰ ڪردار سبب دنيا ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم ڪن ٿا. ڪي ماڻهو ننڍا هوندي بہ وڏا ٿيڻ جا خواب ڏِسن ٿا ۽ ڪي اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي وڏن عهدن ۽ مرتبن تي فائز هوندي بہ پاڻ ڪي هميشہ ننڍو ۽ عام ماڻهو سمجهندا آهن، اصل ۾ اهي ئي ماڻهو وڏو احساس رکندا آهن، جيڪي ٻين جي عزت ڪن ٿا، پنهنجا غم اندر ۾ لِڪائي ٻين لاءِ خوشيون ونڊين ٿا. اهي ئي ماڻهو قابلِ احترام، قابلِ داد ۽ خراجِ تحسين جا حقدار هوندا آهن. سائين عبيدالله لاکير اهڙن ئي انسانن مان هڪ آهن، جيڪي صدين ۾ هڪ پيرو پيدا ٿين ٿا ۽ پنهنجي محبت، خلوص ۽ انسان دوستيءَ جي مَهڪ سان ٻين جي زندگين ۾ بهار آڻين ٿا. پاڻ هميشہ پنهنجا ڏک ۽ سُور اندر ۾ لِڪائي ٻين کي خوشيون ارپيندا آهن. دنيا جهان منافقتون، مَڪاريون، تڪليفون، پريشانيون برداشت ڪري پاڻ تہ هر حال ۾ جيئندا آهن پر ٻين کي بہ جيئاريندا آهن، بقول اياز گُل:

احساس بنا اخبار پراڻي آ
هر شخص ڪهاڻي آ
ڏک جي تہ نہ پڄاڻي آ

اهڙن قيمتي اُملهہ ماڻهن جي دلين ۾ ٻين لاءِ درد هوندو آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ پاڻ کان وڌيڪ ٻين کي اهميت ۽ ترجيح ڏيندا

آهن ۽ هو ڪنهن بغير مطلب سماج جي سَيوا ڪندا آهن. ٻين جي تڪليف ۽ ڏک کي پنهنجي تڪليف ۽ ڏک سمجهندا آهن ۽ اهي حساس طبيعت هوندا آهن، تڏهن تہ ڪنهن شاعر چيو آهي.

تون ڳالهہ ڪرين ٿو زلفن جي
مان اٽين اٽين وارن جي،
تون ڪُوڪ سُٽين ٿو ڪوئل جي،
مان پيٽ بُکايل ٻارن جي،

سائين عبيدالله لاکير بہ اهڙن ئي ماڻهن مان هڪ آهي. جيڪو غريبن جو سَڏ وَرنائي ٿو ۽ ننڍن توڙي وڏن سڀني جو خيال رکي ٿو ۽ دل سان عزت ۽ احترام ڪري ٿو. سائين عبيدالله لاکير، روزانو معمول مطابق صبح جو سويل پنهنجي جنم ڀومي ڳوٺ بخش لاکير کان ميهڙ ۽ ميهڙ کان ڳوٺ قاضي عارف ڊگري ڪاليج اچي. پروفيسر/ پرنسپال جي عُهدي تي فائز رهڻ دوران روزانو جي بنياد تي احسن طريقي ۽ ذميواريءَ سان پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏئي، وري ساڳي طرح قاضي عارف ڊگري ڪاليج کان ميهڙ پنهنجي اسپيڊ، Society for Peoples Education & environment Development سوسائيٽي فار پيپلز ايجوڪيشن اينڊ انوائرنمينٽ ڊولپمينٽ آفيس پهچي خدمت ۾ مَصروف ٿي ويندو آهي. جتي سندس محبت ۽ سِڪ ۾ ميهڙ ۽ پري پري کان ڪَهي آيل دوست شاعر، ليکڪ، سگهڙ، صحافي، نعت خوان، فنڪار اداڪار. محقق، مرتب، پبلشر، تعليمدان، تحقيقدان، عام خاص ۽ ٻين مختلف سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن وغيره سان وابستہ ماڻهو اچڻ شروع ٿي ويندا آهن تہ ڪي وري اڳواٽ ئي سندس آفيس ۾ ويهي اچڻ جا دڳ نهاريندا آهن ۽ آفيس ۾ سائين عبيدالله لاکير جي اچڻ شرط ئي سندن دل خوش ٿي ويندي آهي ۽ پاڻ بغير ڪنهن لالچ، لوڀ، انا، مطلب ۽ مفاد جي دل جي گهراين سان سندن آڌر ڀاءُ ڪري دل ۽ جان سان چانهہ ۽ مانيءَ سان دوستن جي خدمت شروع ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ سندس خاطر تواضع جو اهو سلسلو شام جو سج لٿي تائين جاري رهندو آهي ۽ آخر سِج لهڻ کان ٿورڙو اڳ دوستن جو

موڪلائي هليو وڃڻ کان پوءِ ختم ڪري پاڻ به پنهنجي ساڳئي رُوٽين مطابق ميهڙ کان ڳوٺ موٽر سائيڪل تي روانو ٿي ويندوآهي. پاڻ پوري زندگي اِيئن ئي سيني جي خدمت ڪندو رهيو آهي. سخت سردي هجي يا گرمي طوفان هجي يا مِينهن پر پاڻ پنهنجي ا,سپيڊ, آفيس ميهڙ اچڻ نه وساريندو. جنهن ڏينهن پاڻ ضروري ڪم ڪار يا ڪنهن مجبوريءَ سبب آفيس نه اچي سگهيو، ان ڏينهن سيني دوستن جو سائين عبيدالله لاکير کانسواءِ ڏينهن اداس گذرندو آهي. پوري هفتي ۾ آچر خاص موڪل جو ڏينهن هوندو آهي ۽ هر ماڻهو آرام ڪرڻ چاهيندو آهي پر ان ڏينهن به سگهڙ، شاعر، ليکڪ يا ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ سان سندس روح رهاڻ، آجياڻو، سالگرهه يا ڪنهن ڪتاب جي مهورتي تقريب يا ڪو ٻيو ادبي پروگرام سندس آفيس ۾ رکيل هوندو يا ڪيس ڪا دعوت ضرور هوندي ۽ ان ڏينهن به شهر اچي ڪا نه ڪا سر گرمي پوري ڪري پوءِ ڳوٺ ويندو. پر ڪنهن کي ناراض نه ڪندو. پاڻ سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم يا پنهنجي ,اسپيڊ, جي پليٽ فارم تان ڪيترائي مختلف ادبي پروگرام ڪري شاعرن ۽ ليکڪن کي مڃتا ڏيندو رهيو آهي. ۽ پروگرامن جو اڪثر خرچ پاڻ ڪندو آهي .

ان کان علاوه پاڻ پنهنجي سوسائيٽي فار پيپلز ايجوڪيشن اينڊ انوائرنمينٽ ڊولپمينٽ ”اسپيڊ“، تنظيم پاران شاعرن، ليکڪن، سگهڙن ۽ ٻين ڪوڙ سماجي ۽ علمي ادبي ماڻهن کي خدمتن عيوض سرٽيفڪيٽ، شيلڊون، سنڌي ٽوپيون، اجرڪ هار ۽ ڪتاب اعزاز طور ڏئي سندن حوصلا افزائي ڪندو رهيو آهي. جڏهن قاضي عارف ڊگري ڪاليج نهيو ته ڪير به پنهنجن ٻارن کي داخلا وٺي ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. پوءِ سائين عبيدالله لاکير کي اتي پرنسپال مقرر ڪيو ويو پاڻ جتي به پوسٽ رهيو آهي. اتي ايمانداريءَ سان تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي پاڻ مڃائيندو رهيو آهي. ڳوٺ قاضي عارف ڊگري ڪاليج ۾ پرنسيپال پوسٽ ٿيڻ کانپوءِ سائين عبيدالله لاکير تمام گهڻي محنت ڪئي. علائقي ۽ آس پاس جي ماڻهن کي پنهنجا ٻار ان نئين قاضي عارف ڊگري ڪاليج ۾ داخل

ڪرائڻ لاءِ چيو ۽ سڀ کان اڳ ۾ تعليم جو معيار بهتر کان بهتر ڪيو. شاگردن لاءِ رانديون، ٽوئر ۽ ٻيا وِندر جا پروگرام منعقد ڪيا. سائين عبيدالله لاکير جي محنت رنگ لاتو ۽ ٿورڙئي عرصي ۾ ڳوٺ قاضي عارف ڊگري ڪاليج سنڌ جي تمام سٺن ڪاليجن ۾ شمار ٿيڻ لڳو ايتري قدر جو شهر ميهڙ ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۽ ٻهراڙين جا شاگرد به ميهڙ ڊگري ڪاليج کي ڇڏي ۽ پنهنجي شهر کي ڪراس ڪري ڳوٺ قاضي عارف ڊگري ڪاليج ۾ داخلا وٺي پڙهڻ لڳا. حالانڪ ميهڙ کان ڳوٺ قاضي عارف تقريبن سَت ڪلوميٽرن جو فاصلو آهي. اهو صرف سائين عبيدالله لاکير جي سچائي ۽ ايمانداريءَ جو چٽو ثبوت ۽ محنت آهي. جنهن پنهنجو فرض سمجهي قاضي عارف ڊگري ڪاليج کي عُروج تي پهچايو. ان جو سچو ڪريڊٽ سائين عبيدالله لاکير ڏي وڃي ٿو. پاڻ پوءِ سروس جو آخري ۽ وڏو عرصو قاضي عارف ڊگري ڪاليج ۾ پورو ڪري جون سال 2025ع ۾ عزت ۽ احترام سان 60 سال پورا ڪري رٽائر ٿيو آهي ۽ لڳ ڀڳ 40 سال پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل رهيو آهي. قاضي عارف ڊگري ڪاليج پاران سندس ڪيل خدمتن تي ڪُهنگ نالي رسالو ڇپرائي ڪيس هڪ وڏي اعزاز سان نوازيو ويو آهي. جڏهن ته ساڻس ڪيترائي الوداعي پروگرام ڪري ڪيس وڏي عزت ۽ مانُ مرتبو ڏنو ويو آهي. پاڻ سنڌ سلامت فورم سٽ، ڪلام قاصر ۽ ٻيا ڪافي ڪتاب سَهيڙي چڪو آهي. ان سان گڏوگڏ پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ ليکڪن ۽ شاعرن جي ڪتابن لاءِ مقالا، مضمون، پروفائيل، تعارف، تبصره، خاڪا، مهاڳ، ٻه اکر ۽ بيڪ ٽائيٽل لکي چڪو آهي. پاڻ ڪافي ليکڪن ۽ شاعرن جا ڪتاب شايع ٿيڻ وقت سندن مالي مدد به ڪندو رهيو آهي. پاڻ ,عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم، (اسپيڊ ميهڙ) سوسائيٽي فار پيپلز ايجوڪيشن اينڊ انوائرنمينٽ ڊولپمينٽ ۽ سنڌ سلامت فورم سٽ ۽ ٻين ڪوڙ سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ فلاحي تنظيمن ۾ رهي شهرن، ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ وڃي غريبن کي راشن، دوائون پئسا ۽ ضرورت زندگيءَ جو ٻيو سامان ۽ شيون ڏئي اچڻ کانپوءِ انهن لاءِ اسڪول جوڙائڻ ۽ ڪتاب مهيا ڪري ٻارن ۽ نياڻين کي تعليم

جهڙي زيور سان آراسته ڪرڻ ۽ ڪنهن به قدرتي مصيبت مينهن، طوفان يا وبا کان بچڻ لاءِ بروقت حفاظتي انتظام ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻيون بنيادي سَهولتون مهيا ڪري وڏو اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. پاڻ ڳوٺ جي بهتري، ترقي، ڀلائي،صحت ۽ تعليم لاءِ ,ڳوٺ سڌار سنگت، قائم ڪري پوري تعلقي ميهڙ ۾ هڪ وڏو اعلي مثال قائم ڪري چڪو آهي .

سائين عبيدالله لاڪير جي آفيس هڪ درسگاهه مثل آهي. جتي ڪيترائي شاعر، ليکڪ، سگهڙ سالڪ، محقق، مرتب، تحقيقدان، تعليمدان، صحافي، ترجمه نگار، نثر نويس ڏاها، ساجاهه وند ۽ باشعور لکيل پڙهيل ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ پوءِ اتي وڏا وڏا ادبي بحث مباحثا، مشاعره، ميڙاڪا ۽ ڪچهريون هر روز پيون ٿينديون آهن. آيل سيني دوستن جي دل باغ بهار ٿي ويندي آهي ۽ ڪچهري شروع ٿيڻ سان ئي سائين عبيدالله جي خدمت جو سلسلو به دوستن لاءِ چانهه، بسڪيٽ، ٿڌي پاڻيءَ وغيره سان شروع ٿي ويندو آهي. سائين عبيدالله لاڪير جي ويهڪ تي اهو ميلو سڄو سال متل هوندو آهي ۽ سندس آفيس صبح کان شام تائين کليل هوندي آهي. ڪراچي، حيدرآباد، مورو، دادو، گهوٽڪي، لاڙڪاڻي، سميت تقريبن پوري سنڌ مان شاعر، ليکڪ ۽ دوست سائين عبيدالله وٽ ڪچهريءَ لاءِ ڪَهي ايندا آهن. اسان جو جڏهن به ڳوٺ کان شهر اچڻ ٿيندو آهي. ته گهڻي ڪم ڪار سبب سائين عبيدالله ڏي وڃڻ جو ارادو گهٽ هوندو آهي. پر پوءِ به سائين عبيدالله جي محبت اسان سيني دوستن شاعرن ۽ ليکڪن کي زوري ڇڪي ويندي آهي ۽ سائين سان ملڻ کان پوءِ دل کي سُڪون ملندو آهي. اها سائين عبيدالله جي اسان لاءِ محبت آهي. اسان سائين عبيدالله لاڪير تي جيترو به لِکون ۽ ڪيس داد ڏيون اهو گهٽ آهي. اسان ڪيس زندگيءَ ۾ ڪڏهن به آرام ڪندي نه ڏٺو آهي. ٻيو ته نهيو پر اونهاري جي مئي، جون، جولائي، آگسٽ جهڙن سخت ترين گرم ڏينهن ۽ مهينن ۽ سياري جي ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروري جي سخت ترين ٿڌن ڏينهن ۽ مهينن ۾ به ڪِرنڊڙ ڪوهيڙي ۾ ڏينهن جو ٽائيم کان اڳ

گهر ويندي نه ڏٺو. يا ٿڌ ۽ گرمي سبب دوستن خاطر ڪڏهن شهر نه آيو هجي. سواءِ ڪنهن مجبوري جي باقي تتي توڙي ٿڌي مينهن يا هوا ۾ به شهر ضرور ايندو. ايتري قدر جو جڏهن به ڪيس دوست ڪال ڪري ڳوٺ اچي ملڻ لاءِ چوندس ته پاڻ انهن کي اهوئي چوندو ته اوهان ميهڙ منهنجي ,اسپيد، آفيس هليا اچو مان اتي آهيان. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن دوست ڪيس مذاقن چوندا ته سائين ڀلا اوهان عيد جي ڏينهن گهر هوندا آهيو؟ ان جو هرگز مطلب اهو ناهي ته ڪو سائين عبيدالله لاڪير پنهنجي گهر، ڳوٺ يا مٽن مائٽن کان يا وري مٽ مائٽ، ڳوٺ ۽ گهر وارا سائينءَ کان تنگ آهن. نه ائين بلڪل به ناهي ته سائين عبيدالله لاڪير انهن کان تنگ آهي ۽ نه ئي وري اهي ڪڏهن سائينءَ کان تنگ آهن. اها سائين عبيدالله لاڪير جي پنهنجي سُونهاري سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻولي، ڌرتي، ملڪ، قوم، عالمن، فاضلن، ليکڪن، شاعرن، سگهڙن، صحافين، تاريخدانن، تعليمدانن اديبن، اداڪارن، فنڪارن، دانشورن، استادن، ماروئڙن، سانگيئڙن، مزدورن، هارين، ۽ سنڌ جي ثقافت سميت پنهنجي شهر، علائقي، ڳوٺ مٽن مائٽن، عام خاص ۽ هر ننڍي وڏي سان سندس سچي اٿاهه گهراين سان محبت پيار حب ۽ سِڪ آهي.

سائين عبيدالله لاڪير پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ پاڻ کان وڌيڪ هميشه ٻين کي ترجيح ۽ اهميت ڏني آهي ۽ پنهنجي زندگي ٻين لاءِ وقف ڪري ڇڏي. سندس عوام ۽ دوستن لاءِ اهي ڪيل سموريون خدمتون ڪڏهن به فراموش نه ٿيون ڪري سگهجن.

هن ڌرتيءَ ڌرتيءَ وارن جي
هر پارت ٿئي هر پارت ٿئي
هن سُوليءَ جي سِينگارن جي
هر پارت ٿئي هر پارت ٿئي

سائين عبيدالله لاڪير سرڪش سنڌيءَ جي هن گيت جيان پيار ۽ پريت واري ريت قائم رکندو آيو آهي. ۽ شاهه سائين جي هن بيت مثل رهيو آهي.

سچڻ ۽ ساٿيھہ کنھن اُٿاسِي وِسرَي
حَيف تنِين ھوءِ وطن جن وِساريو

سائين عبيدالله لاکير هميشہ حق حلال کي اهميت ڏني. ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ ڪا بہ اهڙي غلط قسم جي لالچ نہ ڪئي. پاڻ گهڻو عرصو قاضي عارف ڊگري ڪاليج ۾ 19 گريڊ ۾ بطور پروفيسر / پرنسپال ٿي رهيو. اتي ڪروڙن جي هر سال بجيٽ ۽ فنڊ بہ ايندا آهن. شاگردن جي داخلائن ۽ فارم فيسن وغيره جا بہ پئيسا جمع ٿيندا آهن ۽ حڪمرانن جي مِلي ڀڳت سان اڪثر ڪروڙن جي ڪرپشن ٿيندي آهي ۽ ڪاليج ۽ يونيورسٽين جو ڪم تقريبن ڪاغذي ڪاروائي ۽ فائيلن ۾ اوڪي ٿي ويندو آهي. پر سائين عبيدالله لاکير ڪڏهن بہ پنهنجي ضمير جو سَودو نہ ڪيو ۽ ڪا بہ ڪرپشن نہ ڪئي ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ڊيوٽي دوران پارٽ ٽائيم ڪا بي نوڪري يا ڪاروبار جي لاءِ گهڻو سوچيو ۽ پريشان ٿيو يا پڇتايو هجي. جيئن، حاضر سروس سرڪاري استاد ۽ ڊاڪٽر پنهنجا پرائيويٽ اسڪول ۽ اسپتالون کوليون وينا آهن يا وري ڪاروبار پيا ڪن. بيو تہ ٺهيو پر هڪ ننڍڙو ملازم يا ڪم ڪندڙ مزدور بہ بہ ٽي، بہ ٽي ڌنڌا ۽ ڪاروبار ڪرڻ جو سوچيندو آهي.

سائين عبيدالله لاکير جيڪڏهن چاهي هان تہ نوڪريءَ سان گڏوگڏ ڪٿي بہ ڪاروبار يا ڪو بيو سائيڊ بزنس ڪري سگهي پيو. پاڻ انتهائي قابل آهي بيو نہ، تہ بہ هڪ پرائيويٽ اسڪول، ڪوچنگ سينٽر يا ٽيوشن سينٽر کولي سگهي پيو. پر زندگيءَ جو سندس مقصد پئسو ڪمائڻ ۽ دولت گڏ ڪرڻ ناهي. خلق خدا جي خدمت ئي سندس اهم مقصد آهي. سائين عبيدالله لاکير اهي سڀ قربانيون دولت، شهرت ۽ نالي ڪمائڻ جي ڪري نہ ڏنيون آهن. پر زندگيءَ جي اصل مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنيون آهن. ها ٿي سگهي ٿو مٿن مائٽن ڳوٺ يا گهر وارن جون پاڻ لاءِ ڳالهيون بہ ٻُڌيون هجن تہ اوهان هيڏي وڏي پوسٽ، رتبي ۽ عُهدي تي رهي بہ ڪجهہ نہ ڪيو. ان سوال ۽ ڳالهين جو جواب ڏيڻ ڪو ايترو مشڪل ناهي پر ڪو ٻُڌِي بہ ناهي سگهندو جڏهن هڪڙو سچو، ايماندار، وفادار، عوامي،

انقلابي، ذي شعور، سماج سُڌارڪ انسان ۽ استاد چوندو تہ مان ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض نڀايو آهي ۽ سماج جي سَيوا ۽ خدمت ڪئي آهي. ايمانداري ۽ وفاداريءَ سان ڪم ڪيو آهي ۽ سُنن سُنن ماڻهن ۽ دوستن جو وسيع هلڪو ٺاهيو آهي تہ جواب ملندو تون وڏو ايماندار سچو ۽ وفادار اچي ويو آهين. فلاڻي هو ٺاهيو فلاڻي هِي ورتو، فلاڻي هيئن ڪيو فلاڻي هونءَ ڪيو. تو ڇا ڪيو؟ تو ڪجهہ نہ ڪيو، ڪجهہ نہ ٺاهيو. بس پوءِ اهڙا عظيم انسان پنهنجو درد سِيني ۾ سَمائي وري بہ پيا جيئندا ۽ ايمانداري سان پيا پنهنجا فرض نڀائيندا آهن. حق حلال جي پگهار مان ماڻهو صرف گهر ئي هلائي سگهي ٿو. پوءِ نارمل ۽ عام ملازم پيشہ ماڻهو خبر ناهي بنگلا، گاڏيون، بينڪ بيلنس، پلاٽ زمينون ڪئين ٺا ناهن! ڪاڏانهن ٺا آڻين ايترو پئسو؟ صرف ڪرپشن، رشوت، وياج ۽ ٻہ نمبري جي ڪري اهو سڀ ڪمائين ٿا. جنهن کي الله پاڪ حرام قرار ڏنو آهي. سواءِ ان ماڻهو ۽ ملازم جي جيڪو خانداني امير آهي. اهو اهي شيون ڪري سگهي ٿو. پوءِ هاڻي سائين عبيدالله لاکير جهڙي شريف ۽ ايماندار ماڻهوءَ کي تو پنهنجي سروس ۽ زندگيءَ ۾ ڪجهہ نہ ڪيو! جهڙا لفظ چون تہ پوءِ اهڙا لفظ چوڻ کان اڳ انهن ماڻهن کي مٿين ڳالهہ تي غور ويچار لازمي ڪرڻ گهرجي ۽ اهو سوچڻ ۽ سمجهڻ گُهرجي تہ سڀ ماڻهو هڪجهڙا يا ڪرپٽ ناهن پر ڪجهہ سائين عبيدالله لاکير جهڙا ايماندار ۽ فرض شناس بہ آهن. سائين عبيدالله لاکير جو هميشہ اهو نظريو رهيو آهي تہ ايتري دولت گڏ ڪري ڇا ڪبي؟ ڪمائڻي آهي تہ عزت ڪمائجي ۽ حق حلال ڪائجي. سندس اهو بہ چوڻ آهي، تہ جي اسان قبر ۾ ويندا سين تہ وڏين وڏين گاڏين، بنگلن ۽ زمينن وارا بہ ساڳي قبر ۾ ويندا. مرڻو تہ انهن کي بہ آهي. جيڪو ماڻهو دنيا دولت واري سوچ نٿو رکي. اهو واقعي وڏي ڪمال جو ماڻهو آهي. پاڻ پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪو ايڏو وڏو امير ناهي، سندس سڄي گهر جو گذارو ۽ ٻارن جي پڙهائي جو خرچ وغيره صرف ان سرڪاري پگهار تي آهي. پاڻ هڪ ڏينهن مونکي چيائين اوهان يقين ڪيو تہ منهنجي گهر ۾ اي سي AC بہ

ناهي. سائين عبيدالله لاکير جا اهي لفظ ٻڌڻ شرط ئي منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. اهڙا خوددار ۽ايماندار ماڻهو اڄ به اسان وٽ موجود آهن. پاڻ دنياوي زندگيءَ سان گڏ دين طرف به مائل آهي. نماز ۽ صوم صلات ۽ روزي جو پڪو پابند آهي. ڪٿي به هوندو نماز لازمي پڙهندو ۽ جتي به هوندو سنگت جي خدمت ضرور ڪندو. پاڻ علمي زندگيءَ سان گڏ عملي زندگيءَ ۾ به بهترين ڪردار ادا ڪري چڪو آهي. پاڻ ڪتابن ۽ مطالعي جو گهڻو شوقين آهي. جڏهن به وٽس ڪتاب وڌيڪ هوندا يا اعزازي ملندا ته سڀني دوستن کي اهي ڪتاب ورهائي ڏيندو. اخبار به پڪ سان خريد ڪري روزانو پڙهندو.

پاڻ هڪ سٺو استاد ۽ تعليمي ماهر آهي. کيس انگريزي سبجيڪٽ تي وڏي دسترس حاصل آهي. پاڻ سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم، سنڌ سلامت فورم سٺ، سوسائيٽي فار پيپلز ايجوڪيشن اينڊ انوائرنمينٽ ڊولپمينٽ ۽ ٻين ڪيترن ئي علمي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان سَلهاڙيل آهي ۽ پاڻ انهن سمورين تنظيمن جي وڏن عهدن تي رهي چُڪو آهي. کيس علمي ادبي ۽ سماجي خدمتن عيوض ڪيترائي ايوارڊ انعام، سرٽيفڪيٽ، ٽوپيون ۽ اجرڪ مِلي چڪا آهن ۽ خوب پذيرائي حاصل ڪري چڪو آهي. مختلف تنظيمن پاران ساڻس گڏ ڪيتريون ئي روح رهاڻيون ادبي مشاعرا ۽ پروگرام ڪري کيس مڃتا ڏني وئي آهي. تازو ئي رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ مختلف تنظيمن، ادارن ۽ دوستن طرفان کيس لڳاتار آجياڻو ڏنو ويو آهي. پاڻ هڪ سُٺو ليکڪ به آهي ته شاعر به آهي. گڏوگڏ لکندو ۽ مطالعو به ڪندو رهي ٿو. پنهنجي حال آهر غريبن جي مدد پڻ ڪري ٿو. سائين عبيدالله لاکير جو اخلاق تمام سُٺو آهي. ڪڏهن به ڪنهن سان هرو ڀرو ڪاوڙ يا وڏائي نه ڪئي اٿائين. پاڻ گهڻ رخي شخصيت ۽ هڪ وڏو عظيم انسان آهي. اسان کي اهڙن انمول قيمتي هيرن جو قدر ڪرڻ گهرجي. پاڻ رٽائرمينٽ ڪانپوءِ اڃان وڌيڪ ڪوشان آهي ۽ صبح جو ٽائيم سان آفيس اچي ڪچهري شروع ڪري ڇڏيندو آهي. سندس لکڻ پڙهڻ ۽ گفتگو جو انداز تمام نرالو ۽ الڳ آهي. پاڻ بي مثال ۽ باڪمال با ڪردار ۽ با

ضمير، انيڪ خوبين جو مالڪ آهي. الله پاڪ سندس عمر دراز ڪري ۽ صحت تندرستي عطا ڪري. بس وري به اهوئي چوندس ته سائين عبيدالله جهڙو سچو ڪڙو جاکوڙي وفادار، ايماندار، مخلص ۽ مهمان نواز ماڻهو مان نه ڪڏهن ميهڙ ۾ ڏٺو ۽ نه ئي وري ڪڏهن پنهنجي زندگيءَ ۾. ڪي ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا وقت جي گهري ڇيخ ٿين ٿا. سائين عبيدالله لاکير ٻين کي مانُ، مرتبو ۽ عزت ڏئي هڪ وڏي تاريخ ٻڻجي ويو آهي. سائين عبيدالله لاکير دنيا دولت جي لالچ نه ڪئي ۽ نه ئي وري ڪڏهن اجايو حرص ڪيو. ها پر عزت ضرور ڪمائي، نالو ڪمايو ۽ معاشري ۾ هڪ عظيم ڪردار ادا ڪيو. جيڪو هميشه قائم رهندو. سائين عبيدالله لاکير نه صرف ميهڙ جو پر سڄيءَ سنڌ جو فخر ۽ سرمايو آهن، هو اُن روشن روايت جو حصو آهن، جتي انسان پنهنجي عظمت، سچائي ۽ خلوص سان ٻين لاءِ مثال ٻڻجي ٿو، سائينءَ جهڙا ماڻهو رڳو پنهنجي علائقي لاءِ نه پر سڄي ڌرتيءَ لاءِ رحمت هوندا آهن. انهن جي وجود مان نيڪي، محبت ۽ خدمت جي خوشبو پکڙندي آهي، جيڪا دلين کي سرشار ڪري ٿي ۽ سماج کي روشنيءَ جو احساس ڏئي ٿي، اهڙا ماڻهو وقت جي وهڪري سان ڪڏهن به نه وسرندا آهن، اهي پنهنجي قول ڪردار جي ڪري دلين ۾ رهندا آهن ۽ پنهنجي ڪردار سان سنڌ ڌرتيءَ جي تاريخ ۾ هميشه لاءِ امر ٿي ويندا آهن.

هڪ استاد سائين عبيدالله لاکير

(تحرير: مولوي حافظ بدرالدين اڳرو)

تقريبًا پنجويهه ٽِيهه سال اڳ ميهڙ جي ٻُرڙا هائوس ۾ هڪ اين جي اوز طرفان صحت ۽ صفائي متعلق هڪ پروگرام منعقد ٿيل هو. جنهن ۾ مون شرڪت ڪئي. ان پروگرام جو ماسٽر مائينڊ سائين پروفيسر عبيدالله لاکير هو. پهريون دفعو کيس ٻڌڻ ۽ ساڻس ملڻ جو موقعو مليو. حالانڪه سنڌن ڳوٺ بخش لاکير ۾ سائين شمس الدين شمسي سان ۽ سندس فرزند دلبر دوست محبوب سان ويجهڙائپ ۽ محبت جو رشتو قائم هو. بخش لاکير ۾ منهنجي

دوست ۽ ڪلاس فيلو صلاح الدين ناريجو سان بہ ڪافي دوستي رهي. ميهڙ ۾ جيڪي جوق در جوق ادبي سماجي پروگرام ٿيندا هئا تہ سائين عبيدالله سان ملاقاتون ويجهڙايون ٿينديون رهيون. پاڻ خَلق ۾ خُلق وارا آهن. ڇا جي ڪري جو سندن اخلاق هڪ سڄ جيان عَيان آهي. سنڌ جي مشهور و معروف بزرگ سائين حماد الله جن پنهنجي تصنيف "ڄامشوري جو الوداعي پاڪر" ۾ لکيو آهي تہ: سائين عبيد الله جو چهرو مَعصوميت ۽ نهٺائِي جو ڪم گفتن مَظهر آهي. سندن رهڻي ڪرڻي نِج ٻهراڙيءَ واري آهي. هي ان وقت جي گواهي آهي جڏهن سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي ۽ پنهنجي پڙهائي جاري رکي. سندن طبيعت ۾ ڪو نٽ نانگر بلڪل بہ نہ آهي. وٽس پاٻوهہ ۽ محبت جو انبار آهي. معاشري ۾ سماجي بيمارين ۽ برايون عورتن ۾ گهٽيون هونديون آهن. انهن کي ڳوٺ سڌار سنگت جي پليٽ فارم تان يا ڪنهن اين جي اوز جي توسل سان ڳوٺن ۾ سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير مختلف پليٽ فارمن جي صورت ۾ شروع ڪرايا. جن منجهان ڪافي ٻي پهچ ماڻهن کي ڪافي فائدو پهتو. جڏهن پاڻ تدريس جهڙي پيغمبري پيشي سان مُنسلڪ ٿيا تہ بہ هڙئون وڙئون خرچ ڪري ليڪچر پروگرام، اصلاحي پروگرام، جاگرتا مُهمون، تعليمي جاڳرتا يا بيمارين جي علاج لاءِ مفت دوائن جو ڪئمپون لڳرائي سماجي خدمت ڪندا رهيا. پاڻ هميشہ ڊيوٽي جا پابند، گرمي هجي يا سردي پر پهچڻو ضرور آهي. پاڻ مختلف اسڪولن، ڪاليجن ۽ شهرن ۾ ڊيوٽي ڪري چڪا آهن. آخر ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ پرنسپال جي عُهدي تي رهندي پنهنجي زندگيءَ جي سٺ سالن جي عمر جو عرصو پورو ڪري رٽائرمينٽ ورتي. سندن قلم جي. توسط سان ڪافي ڪتاب بہ ڳڏ ڪيا اٿن ۽ ڇپرايا بہ اٿن. پاڻ جتي بہ رهيا پنهنجي خلوص ۽ محبت سبب سنا دوست ٺاهيندا رهيا آهن. محبتي ميڙاڪا، مشاعرا، مهورتي تقريبون، رهاڻيون ۽ سانجهہ وندن سان شامون مَلهائي پنهنجي دل ۾ جايون ڏيندا رهيا آهن ۽ سندن اهو سفر جاري آهي. پاڻ وٽ ايندڙ هر ننڍي توڙي وڏي جي دل جي خوشيءَ سان خدمت

ڪندا رهن ٿا. انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ ناهي بلڪ اهو منهنجي اکين جو ذاتي مشاهدو آهي. منهنجا استاد گرامي سائين ڪريم بخش مگسيؒ جن فرمائيندا هيا تہ ابا هڪڙو سير جيڪڏهن نہ علم جو هجي تہ نو سير وري عقل جا هجن تڏهن علم هلندو. سو سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب منجهہ علم سان گڏ ذهانت، قابليت ۽ تربيت شامل آهي. سندن خلق ۽ عقل انهيءَ صورت ۾ نروار ٿيو جو پاڻ ڪيترائي اعزاز، مڃتائون، ڊگريون ۽ ايوارڊ ماڻي چڪا آهن. انهيءَ تعليم ۽ تربيت ۾ سندن والد محترم جو تدريسي پيشي سان منسلڪ هجڻ جو اهم ڪردار رهيو. پاڻ ٻڌائيندا آهن تہ خاص طور تي والد صاحب جن جو فرمان هو تہ نوڪري ۾ جتي بہ هجو، حق حلال سمجهي بنا ڪنهن معقول عذر جي ڪوتاهي نہ ڪندا ڪريو. پاڻ ڪافي ڪتابن جا مهاڳ، مقدما ۽ بہ اکر لکي چڪا آهن. انهيءَ سان گڏ ڪيترائي سندن مضمون لکيل ۽ ڇپيل آهن. اڻ لپ شاعرن جي اڻ لپ شاعري ڇپرائڻ ۽ انهن سان تعاون ڪرڻ ۽ اصلاحي تربيتون ڪرڻ سندن مشغلو رهيو آهي. هينئر اڳتي لاءِ بہ ضرور ڪجهہ سوچيو هوندو ۽ ڇا ارادو اٿن. باقي پاڻ هڪ گهاٽي وڻ جيان ڇانوَ ۾ انسانيت کي آسِيس ڏيندا رهن ٿا. ميهڙ هجي يا سندن ڳوٺ بخش لاڪير "دڙو" هجي، هر آئي وئي سان سندن وِرونهہ ٿي وئي آهي. خاص طور تي سندن سنگت ۾ سندن پراڻو سنڌ جو مشهور سگهڙ شاعر سائين محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جن جو پهريون ڪتاب هن عاجز راقم ميهڙ ۾ شاعري جي پروف ريڊنگ ۽ چيڪ ڪري ڪوشش ڪري ڇپرايوسين. ان ڪان پوءِ هي عاجز ميهڙ کي ڇڏي سرڪاري نوڪري ۾ درگاهہ سيدي موساڻيؒ آيس ۽ محبوب ڏيپر هينئر سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جي معيت ۾ سَترنهن ڪتابن جو خالق ٿي ويو. اها بہ سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جي تربيت آهي، ورنہ تہ محبوب ڏيپر هڪ غريب، مِسڪين ۽ بي روزگار شاعر ۽ سگهڙ آهي. بس سائين عبيدالله لاڪير جون دوستن سان رهنمايون گهٽيون آهن. محبتن جا چنگ پريا پيا اٿن، پيا ٿا ورهائن. شاه سائين فرمايو:

محبت پائي مَن ۾، رَندا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگهايو.

سائين سان جيڪي بہ گهڙيون گهاريون آهن تہ پاڻ بنا ڪنهن مَت ڀيد جي هميشہ سچائي جو ثبوت ڏنو آهي. اهڙا ماڻهو جڳ ۾ ٿورڙا آهن. رب ڪريم ڪين آباد رکي، ڪين صحت عطا فرمائي ۽ خضري حياتي عطا فرمائي آمين.

24 آڪٽوبر 2025ع

(تحرير: سلمان چانڊيو)

سائين عبيدالله لاڪير جي وڃڻ کانپوءِ، منهنجو ڪڏهن ڪڏهن ڪاليج ۾ وڃڻ ٿيندو رهيو آهي، اُتي مون کي ڳالهين ڳالهين ۾ اُهو محسوس ڪرايو پيو وڃي تہ ”هاڻي سائين عبيدالله لاڪير ڪونهي، سو هاڻي توهان کي پئسا ڪير ڏيندو؟“ ڪاليج جو اڌ اسٽاف ۽ ٻيا ڪيترائي ئي دوست اُهو سَمجهن پيا تہ مان ڪاليج ۾ ”ڪامريڊي“ جي زور تي سائين عبيدالله لاڪير کان پيسا وٺندو هئس. پر اڄ هن ڳالھ کي ڪليئر ڪجي تہ بهتر رهندو.

مان مڃان ٿو تہ مان غريب طبقي سان واسطو رکندڙ فرد آهيان، پر مان (قومي عوامي تحريڪ جي شاگرد وِنگ سنڌي شاگرد تحريڪ جو مرڪزي پريس سيڪريٽري) هوندي ڪڏهن بہ ڪاليج سميت ڪٿي بہ اُهو ڀتاخوري، بليڪ ميلنگ ڪامريڊن وارن سِسٽم ڪونہ رکيو......... نہ ئي مون ڪڏهن سائين عبيدالله لاڪير صاحب کي ڪامريڊي جي زور تي بليڪ ميل ڪري پئسا ورتا هوندا! باقيءَ! سائين سان اسان جو لڳاءُ اُن ڪري گهڻو هوندو هيو جو سائين ادبي، سماجي ۽ ترقيءَ پسند سوچ جا مالڪ آهن. تنهنڪري جيڪي مون کي اُنهن ڀتاخوري، قبضا مافيا ۽ بليڪ ميلنگ وارو ڪامريڊ سمجهن ٿا تہ اُنهن کي درخواست ڪندس تہ پنهنجي سوچ کي وسيع ڪيو. منهنجو ڪردار اوهان سڀني جي اڳيان آهي. باقيءَ جيڪو اسان کي عزت ڏيندو، پيار ڏيندو، اسان جو اصول آهي تہ اُن کي اکين تي ويهاريندا آهيون.

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جو شاگرد

علم ۽ اخلاص جو ريٽائرڊ ٿيندڙ مينار!....

(تحرير: غلام علي بروهي، فريد آباد)

استاد جي زندگي علم جي وِرڇ، اخلاص جي خدمت ۽ انساني تربيت جي وقف هوندي آهي. استاد جو ڪردار ڪڏهن بہ محدود نہ ٿيندو آهي، ڇو تہ هو نسلن کي اهڙو ورثو ڏئي وڃن ٿا، جيڪو ريٽائرمينٽ کان پوءِ بہ زندھ رهندو آهي. اسان جي ڪاليج جا پروفيسر سر عبيدالله لاڪير بہ هاڻي پنهنجي ڊگهي علمي خدمتن کان پوءِ ريٽائرڊ ٿي چڪا آهن، پر سندن نالو، سندن محبت ۽ سندن سيکاريل سبق اڄ بہ ساڳي طرح زندھ آهن. سر عبيدالله لاڪير پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات کان وٺي ريٽائرمينٽ تائين ڪاليج جي شاگردن کي رڳو نصاب جو علم نہ پر زندگيءَ جا اصول سيکاريا. هو هميشہ چوندا هئا تہ تعليم جو مقصد رڳو امتحان پاس ڪرڻ نہ آهي، پر انسانيت، اخلاقيات ۽ شعور سان سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ آهي. شاگرد اڄ بہ ياد ڪن ٿا تہ سر لاڪير هڪ سخت محنت ڪندڙ پر بيحد نرم دل استاد هئا. هو ڪڏهن بہ مايوسي ۾ ڇڏڻ نہ ڏيندا هئا، هر هڪ کي حوصلا، همٿ ۽ اعتماد ڏيندا هئا. سندن ڪمرو ۽ سندن ڪلاس روم اڄ بہ شاگردن لاءِ هڪ يادگار درسگاھ بڻيل آهي. ريٽائرمينٽ جي باوجود سر لاڪير جي شخصيت شاگردن ۽ ساٿين جي وچ ۾ هڪ علمي ورثي جي صورت ۾ زندھ آهي. ڪتابن سان سندن عشق، شاگردن کي پڙهڻ ڏانهن همٿائڻ ۽ علمي بحث مباحثي ۾ حصو وٺڻ سيکارڻ. اهي سڀ شيون اڄ بہ ڪاليج جي فِضائن ۾ محسوس ڪجن ٿيون. جيئن سج شام جو لهندو آهي، پر پنهنجي روشنيءَ سان سڄي ڏينهن کي يادگار بڻائي ويندو آهي، تيئن سر عبيدالله لاڪير جي ريٽائرمينٽ سندن ڪردار جي پڄاڻي نہ پر هڪ نئين مرحلي جي شروعات آهي. هاڻي بہ پاڻ پنهنجي علم، لکڻين ۽ نصيحتن ذريعي ايندڙ نسلن کي رهنمائي ڪندا رهندا. پروفيسر سر عبيدالله لاڪير ڪاليج مان تہ ريٽائرڊ ٿي ويا آهن، پر سندن نالو، سندن علمي خدمتون ۽ سندن انسان دوستي جو سبق هميشہ زندھ رهندو. هو هڪ اهڙو مينار آهن، جيڪو

ريٽائرمينٽ کان پوءِ بہ شاگردن ۽ سماج لاءِ روشنيءَ جو ذريعو بڻيل رهندو.

غلام علي بروهي، فريد آباد
انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي
عارف

(تحرير: علي اصغر چانڊيو)

اسان جي قاضي عارف جو سُهڻو ۽ سُريلو شاعر، بهترين ڪردار جو حامل، ڏاهو ۽ سُگهڙ انسان محترم علي اصغر چانڊيو سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جي رٽائرمينٽ جي الوداعي تقريب جيڪا سائين پروفيسر صاحب جي مانَ ۾ قاضي عارف ڪاليج جي نان ٽيچنگ اسٽاف طرفان منعقد ڪئي وئي، انهيءَ پروگرام ۾ علی اصغر چانڊيو پنهنجا تاثرات هِيئن پيش ڪيا......

الوداعی تقريب ۾ آيا مان پريا مِهمان،
سائين عبيدالله لاڪير تی آ مالڪ مِهربان،
مَنزل ماڻيائين خير سان خوبی رکی خان،
ڪري علي اصغر تي احسان ڪوٺ ڏنئين قرب سان.

اڄ الوداعی تقريب جو هر هنڌ آ وايو،
بہ سٿون لِکڻ تی منهنجی روح ڏنو رايو،
ڏئی واڌايون سائين کی آ ڳلی سان لايو،
چوي علي اصغر آيو آواز اهو ايوان مان.

پروفيسر عبيدالله لاڪير

منهنجي ڪتاب ”مَهان ماڻهو ميهڙ جا“ تان کنيل

ميهڙ جي مٽي جيڪي علمي افق جا روشن ستارا پيدا ڪيا اهي اسان جا آباء و اجداد رهيا آهن. پنهنجي انهن وڏڙن جي علمي مِيراث کي سنڀالڻ بہ هڪ انوکو ڪم آهي. وقت گذرڻ سان اسان ان

عظيم سرمايي کي وڃائي رهيا آهيون، پر ڪجھ اهل دل ۽ درد رکڻ وارا اڄ بہ پنهنجو اهو سرمايو بچائڻ ۾ پنهنجون ڀرپور ڪوششون وٺي رهيا آهن. اڄ اسان انهن وڏڙن جي ڳالھ ڳاٽ اونچو ڪري ٻڌائي سگهون ٿا. انهن جي علمي ورثي کي سنڀالڻ وارا جوڌا جوان اجان بہ هن مٽيءَ منجهان جنم وٺندا رهن ٿا. اهڙن جوڌن جوانن ۽ دل جو درد رکڻ وارن مُحسنن جي فهرست جي صفِ اول ۾ روشن ۽ چمڪندڙ نالو مُحترم پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جو بہ آهي. علمي ۽ ادبي ميدان جي جاکوڙيندڙن جي خدمت ۾ سندس نمايان نالو آهي. علمي ۽ ادبي ماڻهن جي لاءِ هڪ الڳ جڳھ مُهيا ڪري انهن جي خدمت ۾ بنا لالچ ۽ لوڀ جي پنهنجو مال ۽ وقت خرچ ڪرڻ سندس سُڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. جَس آهي هن جوان کي. مان ڪيس سندس محنت تي خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو ۽ ڪيس سلام پيش ڪريان ٿو. هن اُملھ ماڻڪ موتي شخصيت جو تعارف ڪجھ هن ريت آهي:

27 صفر 1385ھ مطابق 27 جون 1965ع بروز آچر ڳوٺ بخش لاڪير نزد شاھ پنجو سلطان جي معزز شخصيت محترم محمد بچل لاڪير جي گهر ۾ جنم ورتائين. محترم محمد بچل پرائمري استاد جي حيثيت سان پيغمبري پيشي سان وابستہ هو. ان سان گڏ سندس نيڪ ڪردار ۽ عمل جا معترف سڄي ڳوٺ ۽ تر جا ماڻهو آهن. سائين محمد بچل لاڪير نهايت ديناري ۽ ايمانداري جي زندگي بَسر ڪري علائِقي جي ماڻهن جي دِلين ۾ هڪ سُٺو مَقام حاصل ڪري چڪو هو. سندس هي فرزند پروفيسر عبيدالله سندس سُهڻي ڪِردار ۽ سُهڻي عمل جو زندھ ثبوت آهي. پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول منجهان 1977ع ۾ پوري ڪئي. پرائمري ۾ شمس الدين شمسي (ناريجو)، اميرالدين قاصر (ناريجو) ۽ سندس والد محمد بچل لاڪير صاحب رهيا. پاڻ قرآن مجيد جي تعليم سائين شمس الدين شمسي صاحب وٽان حاصل ڪيائين. پرائمري جي تعليم مڪمل ڪرڻ کان بعد گورنمينٽ بوائيز هاءِ اسڪول شاھ پنجو سلطان مان 1982ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اتي غلام قادر سومرو، عبدالستار

(عبد) مگسي، سيد علي حسن شاهه عبدالله لاکير ۽ علي بخش جوڻيجو سندس استاد رهيا. ان کان بعد 1984ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاھ منجهان انٽر جو امتحان پاس ڪيائين. اتي پروفيسر غلام صديق سومرو، پروفيسر محمد ابراهيم جتوئي ۽ پروفيسر منظور سولنگي سندس استاد رهيا. ان کان پوءِ پاڻ ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ايگريڪلچر انجنيئرنگ ۾ داخلا ورتائين، پر پوءِ سُتت ئِي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي ادب ۾ داخلا ورتائين. 1990ع تائين بي اي آنرس ۽ ايم اي انگريزي ادب جي ڊگري حاصل ڪيائين.

پروفيسر عبيدالله لاکير ايجوڪيشن ڊيپارٽمينٽ ۾ گورنمينٽ مڊل اسڪول نئون ڳوٺ ۾ بطور JST ڀرتي ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ گورنمينٽ بوائيز هاءِ اسڪول ڄامشورو ڪالوني ۾ بہ تدريسي خدمت ڪندو رهيو. 1993ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ 17 گريڊ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1998ع کان 2000ع تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج پريٽ آباد حيدرآباد، 2001ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مَٽياري ۽ 2002ع کان 2013ع تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاھ ۾ تدريسي خدمتون ڪندو رهيو. 2013 کان اڄ تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ تدريسي خدمت تي مامور آهي.

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي شروعاتي زندگيءَ کان وٺي سماجي سرگرمين ۾ خدمت ڪرڻ جي نيت سان ڏاڍي جوش سان حصو وٺندو رهيو. وري جڏهن ڪيس اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو تہ پاڻ پروگرام مُنعقد ڪرائِيندو رهيو، شاگردن کي سَماجي ڪمن جي طرف راغب ڪندو رهيو. ڪيس خدمت خلق ڪرڻ جو شوق جُنون جي حد تائين رهيو آهي. ڪاليجن ۾ لائبريرين جو قِيام ۽ لائبريرين جي نظام کي بهتر بنائڻ ۽ انهن ۾ ڪتابن جو اضافو ڪرڻ، هر سَماجي خدمت ۾ حصو وٺڻ، مختلف سماجي تنظيمون جوڙڻ، ٻوڏ ۽ قحط سالي ۾ غريبن ۽ بي سَهارا ماڻهن جي مدد ڪرڻ، تعليمي سَيمينار ڪرائڻ، ڪتاب پبلش ڪرائڻ، ڪتابن جا مهورتي پروگرام منعقد ڪرائڻ، تعليمي جاڳرتا لاءِ جاکوڙ ڪرڻ وغيره جهڙا انيڪ ڪم ڏاڍي خوش اسلوبيءَ سان ڪندو رهيو آهي ۽ ڪندو رهي ٿو. سندس ڪيل خدمتن ۽ سماجي سرگرمين تي لکجي تہ هڪ مڪمل ڪتاب ٿي ويندو. هي شخصيت پنهنجو پاڻ ۾ هڪ پوري انجمن آهي. ڪيس عوام جي خدمت ڪرڻ جو درد دل ۾ هر وقت رهندو آهي. ان ڪري پاڻ هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن خدمت ۾ مصروف رهندو آهي. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب ڪافي سماجي تنظيمن جو روح روان ۽ جوشيلو عُهديدار پڻ آهي. پاڻ عوامي خدمت سان گڏ ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ، بہ اکر ۽ تاثرات لکيا اٿائين. ان کان علاوه مختلف اخبارن ۾ پڻ سندس مضمون ۽ مقالا ڇپجندا رهن ٿا.[1]

علم، فڪر ۽ انسان دوستيءَ جو روشن مينار

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير هڪ اهڙو نالو آهي جيڪو علم، محبت، فڪر ۽ خدمت جي تسلسل سان جڙيل آهي ۽ اهي ئي خوبيون سندس سڃاڻپ آهن. پاڻ پنهنجي فڪر، علم، عمل ۽ اخلاص سان نہ رڳو پنهنجي زماني کي روشن رکيون پيو اچي، پر ايندڙ نسلن لاءِ بہ هڪ فڪري مشعل ٻڻجي چڪو آهي. پاڻ انهن شخصيتن مان هڪ آهي جن جي زندگيءَ جو هر لمحو ڪنهن نہ ڪنهن مقصد سان ڀريل آهي. سندس فڪر جو محور انساني بهتري، سماجي انصاف ۽ علمي ترقي رهيو، جڏهن تہ سندس عمل انهن خيالن کي حقيقي دنيا ۾ لاڳو ڪرڻ جو ثبوت ڀڄندو رهيو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جو فڪري ۽ اخلاقي نظام هڪ مڪمل فڪري مثال طور سامهون اچي ٿو. سندس سوچ ۾ روحانيت، انسانيت ۽ علميت جو حسين سنگم آهي . پاڻ انهيءَ تصور جو حامي آهي تہ انسان جي اصل ڪاميابي علم سان گڏ اخلاق ۾ لڪيل آهي ۽ سماج جي اصلاحي تبديلي تڏهن ممڪن ٿئي ٿي

1. سوڍر، مولانا، اعجاز علي، مَهان ماڻهو ميهڙ جا، ڀاڱو پهريون، ص 264 کان 266 تائين، حيدرآباد، شاد پبليڪيشنز 2021ع.

جڏهن ماڻهو پاڻ کي سُڌاريندا. سندس زندگي هڪ اهڙي عملي درسگاهه آهي جتي هر ملڻ وارو علم، ادب ۽ اخلاق جو سبق حاصل ڪري ٿو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير انگريزي ادب، فلسفي ۽ سماجي علوم ۾ نهايت گهرو علم رکندڙ شخص آهي. پاڻ علم کي رڳو پڙهائي تائين محدود نہ رکيائين، پر ان کي انساني بهبود ۽ سماجي تبديلي جو ذريعو بڻايائين. پاڻ انهن مفڪرن مان هڪ آهي جيڪي نظريي ۽ عمل جي وچ ۾ فرق کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سندس علم ڪتابي نہ پر تجربي ۽ مشاهدي تي ٻَڌل بہ آهي. سندس سوچ اها ئي رهي آهي تہ علم تڏهن ئي مڪمل ٿيندو جڏهن ڪنهن ٻئي جي زندگيءَ ۾ بہ روشني ايندي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير ڪيترن ئي تعليمي ادارن سان لاڳاپيل رهيو آهي ۽ پنهنجي تدريس ذريعي شاگردن ۾ فڪر، شعور ۽ اخلاقي ذميواريءَ جو احساس پيدا ڪيو اٿائين. سندس شاگرد اڄ سندس علمي ۽ اخلاقي تربيت کي پنهنجي زندگيءَ جي وڏي دولت سمجهن ٿا. ادب جي دنيا ۾ سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جو نالو انتهائي عزت وارو آهي. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ لکيا اٿائين ۽ سندس مهاڳ علمي ۽ فڪري اهميت جا حامل نظر اچن ٿا. سندس لکيل مهاڳ صرف تعارف نہ هوندا آهن، پر مڪمل فڪري جائزو پيش ڪندا آهن، جن ۾ موضوع، ليکڪ ۽ فڪر جي پس منظر تي تفصيلي روشني وڌل هوندي آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير ڪيترائي ڪتاب پنهنجي ذاتي خرچ تي ڇپائي پڙهندڙن تائين پهچايا آهن، جيڪو عمل سندس علم سان سچي وابستگي ۽ خلوص جي علامت آهي. اهو ڪم اڄ جي دور ۾ تمام گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جتي ماڻهو علم کي وسيلو بڻائين ٿا، پر سائين صاحب ان کي هميشہ خدمت جو ذريعو بڻايو آهي.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير کي انگريزي ۽ اردو ٻولين تي مڪمل عبور حاصل آهي پر هن پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ کي علم ۽ فڪر جو مرڪز بڻايو. سندس خيال ۾ مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ۽ فڪر جو اظهار ئي اصل فڪري آزادي آهي. هن سنڌي ٻوليءَ کي صرف ادبي اظهار جو ذريعو نہ پر قومي سڃاڻپ جو بنياد قرار ڏنو

آهي. سائين انگريزي زبان ۽ ادب کي پڙهائڻ، سمجهائڻ، سان گڏ سنڌي ۾ لکڻ ۽ ڳالهائڻ کي هڪ فڪري ذميواري سمجهندو رهيو آهي. پاڻ ڄاڻي واڻي اهڙو نصابي انداز اختيار ڪندو رهيو جنهن سان علم عام ماڻهن تائين پهچي سگهي. سندس اهو فڪر اڄ بہ تعليمي حلقن ۾ هڪ تحريڪ جي صورت ۾ موجود آهي.

سائين عبيدالله لاکير جي زندگيءَ جو هڪ اهم پهلو سندس سماجي ۽ تنظيمي خدمتون آهن. هن ڪيترن ئي فلاحِي ادارن ۾ قائدانہ ڪردار ادا ڪيو آهي، جتي پاڻ سماج جي محرومين خلاف ۽ شاگردن ۽ عام ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪيو. پاڻ هڪ متحرڪ تنظيمڪار رهيو آهي، جنهن ماڻهن کي گڏ ڪري فڪر ۽ عمل جي تحريڪ بڻايو. سندس قيادت محبت، مشاورت ۽ انصاف تي ٻڌل هوندي آهي ۽ هو ماڻهن کي گڏ رکڻ جو هنر ڄاڻي ٿو. سائين عبيدالله لاکير جي شخصيت محبت، اخلاص ۽ انسان دوستيءَ جو مرڪب رهي آهي. پاڻ هر شخص سان خلوص سان پيش ايندڙ آهي ۽ سندس صحبت ۾ ويهندڙ عام ماڻهو بہ پاڻ کي معزز ۽ پُرسڪون محسوس ڪندا آهن. سندس نرم لهجو، سادي مسڪراهٽ ۽ علمي گفتگو ماڻهن جي دلين کي ڇهي وڃي ٿي. پاڻ نوجوانن لاءِ مشعل راهه آهي، سندن حوصلا افزائي ڪرڻ، سندن لکڻين تي رهنمائي ڏيڻ ۽ کين اخلاقي طور مضبوط ٿيڻ سيکاريندو رهيو آهي. سندس دَرُ علم ۽ محبت ڀنهي لاءِ هميشہ کليل هوندو آهي. سائين عبيدالله لاکير جو فڪر اڄ ڪيترن ئي شاگردن، ليکڪن ۽ سماجي ڪارڪنن لاءِ روشن شمع مثل آهي. سندس فڪر جو محور هميشه محبت، علم، رواداري ۽ انسانيت هوندو آهي، جيڪو هر دور ۾ لاڳو ٿيندڙ بهترين ۽ قابل تعريف اصول آهي. پاڻ پنهنجي سماج ۾ اهو فڪر عام ڪيو اٿائين تہ تعليم ۽ ادب جو اصل مقصد اصل انسان ٺاهڻ آهي نہ صرف رڳو علم گڏ ڪرڻ. سائين عبيدالله لاکير هڪ فڪر نہ پر هڪ فڪري تحريڪ آهي. سندس زندگي علم، عمل ۽ محبت جو امتزاج آهي، سندس فڪر روشنيءَ جو سرچشمو آهي ۽ سندس عمل انسانيت جو سبق سيکاريندڙ آهي. اهڙيون عظيم شخصيتون وقت جي ڌڙ ۾ دفن نہ ٿينديون آهن، بلڪہ وقت سان گڏ وڌيڪ نروار ٿينديون آهن. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي ڪردار، اخلاق، خدمت ۽ احوال تي ڪتاب لکجڻ جي ضرورت آهي. اسان جي گهڻ گهرئي دوست ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب سائين جي

سوانح ۽ خدمات کي يڪجا ڪري تحقيقي انداز سان هي ڪتاب لکيو آهي. سندس ذات ۽ ڏانءَ کان واقف آهيان. پاڻ تصنيف ۽ تحرير جي ميدان جو غازي آهي. اميد ته سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جي سوانح ۽ خدمات تي لکيل سندس هي ڪتاب سائين پروفيسر صاحب جي خراج تحسين جو ڪجهه حق ضرور ادا ڪندو.

احمد رضا آڳرو

لب ڪڪول ميهڙ

منهنجو قابلِ فخر استاد (سائين عبيدالله لاڪير صاحب)

تحرير: عاجز عاشق تنيو (ميهڙ)

استاد اُن هستي جو نالو آهي، جنهن کي انسان جي زندگيءَ ۾ ماءُ پيءُ جهڙو مقام حاصل آهي. ڇاڪاڻ ته استاد پيغمبري پيشو هوندو آهي، جيڪو شاگرد کي فقط پڙهائڻ جو عمل نه پر انسان کي پنهنجي سڃاڻ، شعور ۽ دنيا ڏسڻ جي صلاحيت عطا ڪري ٿو. شاگرد استاد وٽان رڳو علم نه پر رويي، اخلاق، گفتگو ۽ انساني وقار جا سليقابندي جا سبق به حاصل ڪندو آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا استاد گذريا آهن جن جي تعليم ۽ تربيت فخر لائق رهي آهي، پر هڪ اهڙو استاد به ٿيو، جنهن مون کي فقط پڙهايو نه، پر مون سان اولاد جهڙو سلوڪ رکندي، هڪ سنو دوست ٿي، زندگيءَ جي هر موڙ تي منهنجو ساٿ ڏنو. ڏکين مرحلن ۾ سهارو بڻيو، حوصلا وڌايا ۽ نيائڻ جا ڏس سڪاريا. اهو منهنجو سائين، ميهڙ جي ڪچي جي علائقي سان تعلق رکندڙ، ڳوٺ بخش لاڪير جو عظيم فرزند سائين عبيدالله لاڪير صاحب آهي، جيڪو ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ منهنجو انگريزيءَ جو استاد رهيو. بيحد ڪوآپريٽو، سنجيده، فرض شناس ۽ پنهنجي ذميوارين کي ايمانداريءَ سان نڀائيندڙ هڪ اعليٰ قسم جو انسان.

استاد هڪ اهڙي نعمت آهي، جيڪا عام انسان کي انسانيت جي اوج تي پهچائي ٿي. روين جي سڌاري، ڀلي بُريءَ جي سڃاڻ ۽ انسانيت جي عظمت جو سبق ڏئي ٿي. سنو انسان جتي به هوندو،

محبتن، منزلن ۽ ڀلائين جي دنيا جوڙيندو آهي. سائين عبيدالله لاڪير به پنهنجي ماڻهن، شاگردن ۽ دوستن سان ساڳئي خلوص، ساڳئي محبت ۽ ساڳئي سچائي سان پيش ايندو رهيو آهي. سائين جي شخصيت ۾ شفقت، نرمي، ٻاجهه ۽ دلجائيءَ جو اُهو تهذيب يافته رنگ موجود آهي، جنهن جو نور ان جي هر ڳالهه، هر مسڪراهٽ ۽ هر عمل مان ظاهر ٿيندو آهي. سماجي خدمت ۾ به سائين قدم اڳتي رهيو. ڳوٺ بخش لاڪير ۾ اسپيڊ جي پليٽ فارم ذريعي اڻ ڳڻيا ترقياتي پراجيڪٽ شروع ڪري، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڀلائيءَ جون خدمتون سرانجام ڏنيون. سائين جي ٻي وڏي خوبي اها آهي ته ميهڙ لاءِ هو مشعلِ راه بڻيو. هن رڳو تعليم نه سنڀالي، پر انهن شاعرن ۽ اديبن کي به گڏ ڪيو جيڪي منجهيل، اڪيلائي ۽ ادبي محروميءَ جو شڪار هئا. نوان ۽ پراڻا شاعر، ڪهاڻيڪار، ليکڪ، سيني کي هڪ ڇت هيٺ گڏ ڪري ادبي ماحول ڏنو، محفلون منعقد ڪيون ۽ تخليق جي باهه کي ٻرندڙ رکيو. جيڪڏهن ميهڙ جي ادبي تاريخ تي نظر ڪجي ته اسحاق راهي ۽ ناظم منگي جهڙيون شخصيتون وڏو اتساهه بخشيندڙ ٿيون، انهيءَ کان پوءِ ادبي ڪم درباري ماڻهن جي هٿ چڙهي ويو، يا ايئن ڪٽي چئجي ته سياسي وڏيرن ان ايشيا جي عظيم تنظيم کي پنهنجي ماتحت ڪري ڇڏيو آهي. جتي اصل تخليقڪار تي مناسب ماحول نه ملڻ ڪارڻ ادب کي پڻ وڏو نقصان رسيو آهي. وري اهڙي ماحول ۾ سائين جن جو ان ڪم کي سنڀالي ونڻ به هڪ وڏو تاريخي ڪم آهي. تاريخ وڏي بي رحم آهي. ڪنهن جي به غلطين کي ڍڪيندي ناهي بلڪ ظاهر ڪري ڇڏيندي آهي. جن جا ڪشادي دل سان جيڪي به اڳيرا ۽ سنا قدم هوندا آهن انهن کي ميسارجڻ به ناهي ڏيندي. منهنجو مهربان سائين عبيدالله لاڪير صاحب پڻ اهڙي مانائتي ۽ شانائتي شخصيت آهي. هر آئي ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن شاعر، دوست، اديب يا ليکڪ جي سالگره، ڪتابي مهورت يا ثقافتي ڏهاڙي جي تاريخ منعقد ٿيل هوندي آهي. هر اديب پنهنجي ادب جي ٻاڙ لاهڻ سائين جن جي ٽاڪ ساهڙ هائوس لڳ گهڻا گهر ميهڙ پهچندو آهي. جتي مان به ملندو آهي ته ان جي چانهن پاڻيءَ سان خدمت پڻ ٿيندي آهي. سائين

روزانو ڳوٺان اچي ٿو ۽ شام جو واپس ڳوٺ وڃي ٿو. ميهڙ ۾ صرف دوستن جي خدمت لاءِ اچي ٿو. ان جذبي کي مان ڪيترو اهم سمجهان ٿو، اها هر ڏاهي ۽ قدردان کي به خبر هوندي. سائين عبيدالله لاڪير جتي به هوندو آهي اتي ميلا متل هوندا آهن. اهو سندس ڳوٺ جو ٿاڪ هجي يا ميهڙ جو ٿاڪ هجي. هينئر سائين تازو ڊگري ڪاليج قاضي عارف کان سروس تان رٽائرمينٽ ورتي آهي ۽ هاڻي سائين جو مڪمل وقت ادبي دوستن، ڳوٺ وارن ۽ پنهنجي فيملي سان گذري ٿو.

سائين عبيدالله جي طبيعت ئي اهڙي آهي. چڱائين جو ور، مناڻ جو مهراڻ. جنهن سان ملجي ته دلن جا وڙ جڙي پون.

چَڱا ڪَن چڱايُون، مَنايُون مَنَن؛
جو وَڙُ جُڙي جِن سين، سو وَڙُ سيئِي ڪَن.

سائين جي خدمت، سندس قرب، سندس خوبيون، اِهي سڀ وکر آهن، جيڪي وقت جي بازار ۾ ڪڏهن پراڻا نٿا ٿين، نه ئي ڪڏهن انهن جي قيمت گهٽجي ٿي.

وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئِي پُراڻو نه ٿِئي؛
ويچيندي وِلاتَ ۾، ڏرو ٿِئِي نه ضاءِ؛
سا ڪا هَٽَ هَلاءِ، آڳهُ جَنهنجي اُبَهين.

سائين جهڙا استاد علم کي رڳو لفظن ۾ نه پر دلين ۾ لاهين ٿا. شاگردن جي اصلاح ۽ اندر جي بيداريءَ لاءِ هر وقت ڪوشان رهندا آهن.

پَڙهيو تا پڙهنِ، ڪَڙهن ڪين قُلُوب ۾؛
پاڻان ڏوهَ چڙهنِ، جئن وَرَقَ ورائين وِترا.

سائين جي سادگي، تقويٰ ۽ سچائيءَ جو اصل روح به اهو آهي. يعني سڀ ڪم ربّ جي رضا لاءِ.

وَحدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، اِهو وِهائج وِئُ؛
ڳُتين جي هارائِين، هنڌ تُنهنجو هِئُ؛
پاڻان چوندءِ پِئُ، پري جام جَنّت جو.

بلڪل ائين جيئن سچن رهنمائن کی اونداهين ۾ به رستو ملندو آهی، سائين عبيدالله به ڏکن، ڏورانهين ۽ ڏاهپ جي راهن ۾ ماڻهن لاءِ رهنمائيءَ جو مينار بڻيو آهي.

وَڏا وَڻَ وَڻڪارِ جا، جِتِ نانگَ سُجَنِ نِيلا؛
اُتي عَبدُاللطِيفُ چئي، ڪيا هيڪلِيُنِ حِيلا؛
جِتِ ڪُڙمَ نه قَبِيلا، اُتِ رَسجِ، رَهبَرَ! راهَ ۾.

سائين جن جي عمر درازيءَ جي دعا گهرجي ٿي ته سائين کي الله ڪريم وڏي ڪشادي عمر عطا ڪري ته سائين پنهنجي باقي ڪمن کي به ايئن بخوبي نڀائي ۽ مُسڪراهٽون ماڻي. آمين.

ڪڏهن نه وسرندڙ استاد ۽ پرنسپال

(تحرير: ماجد علي چنّو)

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جو پرنسپال جنهن کي آئون هِيرو چوندس چو ته ڪجھ انسان اهڙا به هوندا آهن جيڪي ڪنهن ماڻهوءَ جو آئِيڊيل بڻجي ويندا آهن. آئون فخر سان چوان ٿو ته سائين عبيدالله لاڪير مُنهنجو به آئيڊل آهي. جڏهن به سائين سان ملاقات يا ڪچهري ڪندو آهيان ته مون کي ڪافي ڪجھ سِکڻ لاءِ ملندو آهي. ڪجھ ماڻهو اهڙا به هوندا آهن جيڪي پنهنجي لاءِ نه پر ٻين لاءِ جيئندا آهن. سائين عبيدالله لاڪير به انهن منجهان هڪ آهي. ڪاليج جي دوران شاگردن سان سائين جو رويو دوستي وارو ۽ شفقت پريو هوندو آهي. مون کي ياد ناهي ته سائين عبيدالله لاڪير ڪڏهن به ڪنهن شاگرد يا ڪنهن استاد يا ڪلارڪ، پٽيوالي سان به تيز ٿي ڳالهايو هوندو. ڪاليج ۾ سائين جي چهري تي هميشه مُرڪ ۽ طبيعت ۾ نرمي رهندي آهي. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ جيڪي بنيادي سهولتون مُيسر آهن. اهي سڀ سائين جي ڪري آهن. پاڻي، فرنيچر کان ويندي ڪتاب، لائبريري تائين انهن سڀني ۾ سائين جي محنت شامل آهي.

سائين عبيدالله لاڪير تعليم کاتي ۾ 28 سيپٽمبر 1993ع تي

ليڪچرار ٿيو هيو. سندس ڳوٺ تعلقي ميهڙ ضلع دادو ۾ بخش لاڪير آهي. سائين جي پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ ٿي. جتي سائين پنج سال استاد پڻ رهيو. سائين عبيدالله لاڪير 1998ع ۾ بدلي ڪرائي حيدرآباد پريٽ آباد ڪاليج ويو، اڍائي سال سائين اتي گذاريا. ان ڪان پوءِ سائين اتان بدلي ڪرائي مٽياري ڪاليج ويو. جتي هڪ سال رهيو. 2001ع ۾ سائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۾ آيو. جتي 2006ع ۾ ارڙهين گريڊ ۾ ترقي مليَس، جنهن ڪانپوءِ سائين اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. جنهن ڪانپوءِ سائين عبيدالله لاڪير فيبروري جي پهرين تاريخ انچارج پرنسپل ٿي آيو. نئين جوڙيل ڪاليج قاضي عارف ۾ گورنمينٽ ڊگري قاضي عارف ۾ 2017ع آڪٽوبر ۾ 19 گريڊ ۾ ترقي مليس ۽ مڪمل طور پرنسيپال طور مقرر ٿيو. سائين عبيدالله لاڪير استادن جي تنظيم سپلا ۾ به مختلف عُهدن تي پڻ رهيو ۽ سائين ڳوٺ سڌار سنگت بخش لاڪير جو باني صدر به رهيو آهي سائين پورا ٽيهه سال سماجي خدمت به ڪئي آهي جيڪا اجان تائين ڪندو پيو اچي ۽ ميهڙ شهر ۾ اڄ تائين سائين جي آفيس موجود آهي.

ڪاليج جي موڪل ڪانپوءِ سائين روزانو جي بنياد تي پنهنجي آفيس کي ٽائيم ڏيندو آهي. جتي سائين سان مِلڻ ڪافي اديب، شاعر، سُگهڙ، دانشور، استاد ۽ صحافي ايندا آهن ۽ جيڪو به ڪنهن ڪم سان سائين جي آفيس ويندو آهي ته سائين ڪڏهن به ان کي خالي ناهي موٽايو. ان جو ڪم ضرور ڪندو آهي. جيڪو جائز هجي بنا پارٽي، مذهب ۽ رنگ جي فرق جي. سائين عبيدالله لاڪير جو ادب ڪتابن سان وڏو چاهه آهي. آفيس ۾ ڪافي مواد مذهب اسلام تاريخ تي ڪتاب موجود هوندا اٿس. سائين پاڻ ڪافي شاعرن جا جن جو انسان ذات لاءِ خدمتون ٿيل آهن انهن جا ڪتاب سهيڙيا آهن ۽ سائين ڳوٺ بخش لاڪير ۾ شاهه لطيف لائبريري 1985ع ۾ قائم ڪئي. هاڻي سائين عبيدالله لاڪير 26 مئي2025ع تي 60 سال جي عمر ۾رٽائر پيو ٿئي. سائين جي رٽائرمينٽ ٿيڻ ڪانپوءِ خبر ناهي ته قاضي عارف جي ڊگري ڪاليج جو ڇا ٿيندو؟ چو ته سائين پنهنجي

ڊيوٽي دوران ڪاليج کي جيترو سِينگاريو آهي، سَنواريو آهي. سائين جي وڃڻ کان پوءِ ڪاش! شل! اهڙو ڪو پرنسپال مقرر ٿئي جيڪو ائين ڪاليج قاضي عارف کي سَنواريندو اچي. پر ڪنهن شاعر چيو آهي ته "ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي". سائين جي رٽائر ٿيڻ تي دل ڪافي اداس آهي، پر ظاهر ڳالهه آهي سنڌ حڪومت جا ڪجهه رُول آهن جيڪي ضرور فالو ڪرڻا پون ٿا. هر اهو استاد يا پرنسپل جيڪو به سرڪاري ملازم آهي اهو 60 سال کان پوءِ رٽائر ڪيو ويندو آهي.

اڄ به قاضي عارف ڪاليج جا شاگرد سائين عبيدالله لاڪير جو پيار ۽ محبت ڏِسي اهو نٿا چاهين ته سائين رٽائر ٿئي، چو ته سائين پنهنجي حاضر سروس دوران ڪافي غريب بي سهارا شاگردن جي اندروني طور مالي مدد پڻ ڪئي آهي. جيڪي غريب شاگرد هاري مزدور جا ٻار اسڪول جا فارم ڀرائي نٿا سگهن سائين پنهنجي ذاتي خرچ ذريعي انهن شاگردن جا فارم پڻ ڀرائيندو رهيو آهي. اهڙا پرنسپال تمام گهٽ هوندا آهن جيڪي اهڙي سوچ رکندڙ هجن. سائين جيڪو به وقت ڪاليج ۾ گذاريو ايمانداري، مخلصي ۽ جرئت سان گذاريو. قاضي عارف ڪاليج ۽ ان جا شاگرد ۽ استاد سڀ سائين عبيدالله لاڪير جهڙي پرنپسال کي ضرور ياد ڪندا. ڏٽيءَ کان دعا آهي ته سائين عبيدالله لاڪير هميشه آباد هجي ۽ ائين سائين جون شاگردن سان ۽ شاگردن جون سائين سان محبتون آباد رهن. سائين ڪاليج قاضي عارف کان ته ضرور رٽائر ٿي رهيو آهي پر اسان شاگردن جي دلين مان سائين ڪڏهن به رٽائر نٿو ٿي سگهي. اسان کي سائين مان اجان گهڻو ڪُجهه سِکڻ جي ۽ پڙهڻ جي اميد آهي. اسان شاگردن جو پيار ۽ مُحبت سدائين سائين سان گڏ رهندو. ڪجهه ماڻهو ويندي ويندي به پويان پنهنجي قدمن جا نشان ڇڏي ويندا آهن. سائين عبيدالله لاڪير رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ به ڪاليج سان ۽ اسان سان گڏ هوندو.[1]

1. ماجد علي جو هي مضمون عوامي آواز اخبار 20 مئي 2025ع ۾ ڇپيل آهي.

”زاهد ابڙو“ جو ماجد علي جي لکيل مضمون تي تبصرو

ماشاالله تمام بهترين ۽ زبردست آرٽيڪل آهي. سائين ماجد علي چنو پنهنجن انمول ۽ هيري جهڙن قيمتي لفظن جي چونڊ ڪري تمام سٺو ۽ خوبصورت پروفائيل لکيو آهي اوهان جو، ۽ مون کي اوهان جو هي پروفائيل ڏاڍو وڻيو ۽ اميد آهي ته سڀني دوستن کي به وڻيو هوندو. ماجد چنو تمام سٺي محنت ڪئي آهي. مان ڪيس جَس ڏيان ٿو. واقعي سائين اوهان پنهنجي پوري زندگي علم ادب ۽ انسانيت جي خدمت ڪندي گذاري آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي. تعليمدان، تاريخدان، مُحقق، ليکڪ، شاعر، مرتب، سياسي سماجي علمي ادبي شخصيت ۽ ٻين ڪيترن ئي خوبين ۽ خداد صلاحيتن جا اوهان هڪ ئي وقت مالڪ آهيو. اوهان نه صرف علمي ادبي پر عَملي زندگيءَ ۾ به پنهنجو بهترين ڪردار ادا ڪيو آهي. جناب محترم پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب نه صرف ميهڙ جي شخصيت ۽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف/ميهڙ جو پروفيسر/ پرنسپال پر هڪ سُٺو پيار ۽ احساس ڪندڙ عظيم انسان پڻ آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير تي لکڻ لاءِ لفظ ئي ذهن تي نٿا اچن. سائين پنهنجي سَموري زندگي عوام جي خدمت ڪندي گذاري. ڳوٺ سڌار سنگت، اسپيڊ، سنڌ سلامت فورم سَٿ، سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم ۽ انسانن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ ٻين ڪيترين ئي سياسي، سماجي ۽ علمي ادبي تنظيمن سان هميشه سَلهاڙيل رهيو ۽ تدريس جهڙي پيغمبري پيشي سان گڏوگڏ پنهنجون سَموريون ذميواريون احسن طريقي سان نڀايون. ميهڙ جي سڀني شاعرن، ليکڪن، سُگهڙن، صحافين، اداڪارن، تعليمدانن، تاريخدانن، مُحققن، مرتبن، پبلشرن ۽ ٻين سڀني عام خاص ماڻهن کي هڪ وڏو پليٽ فارم ڏنو. جيڪو ميهڙ اسپيڊ آفيس جي صورت ۾ اجان تائين جاري آهي ۽ بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي پنهنجي ڪيسي مان خرچ ڪندو سندن خدمت ڪندو رهيو آهي. اهو فيض ساهڙ هائوس منزل مين روڊ ميهڙ سامهون نيشنل بئنڪ اسپيڊ آفيس ۾ اجان تائين جاري آهي ۽ انشاءالله تعالىٰ، الله پاڪ ان جو ڪيس اجر ضرور ڏيندو.

حيرت جي حد تڏهن ٿيندي آهي جڏهن پاڻ پنهنجي اسپيڊ آفيس ۾ ڪو شاعر، ليکڪ، اديب ۽ عام نه ڏسندو، تيستائين پاڻ ڪجهه به نه کائيندو ۽ نه ئي وري پيئندو بغير دوستن جي. جَس هجي سائين اوهان کي الله پاڪ اوهان کي هميشه شاد آباد رکي، الله پاڪ اوهان کي هميشه پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي.

مون گاڏيون بنگلا نه ناهيا آهن
به ٽي دوست مولائي ناهيا آهن

چو ته سچي دوست جهڙي هن دنيا ۾ دولت ئي ناهي . منهنجي مولا عليؑ فرمايو آ ”سچو دوست وڏو سرمايو آ“. سائين ڪيترن ئي تنظيمن جو عُهديدار، ميمبر، سرواڻ، آرگنائيزر، باني ۽ رهبر وغيره رهي چڪو آهي. سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي خدمتن عيوض ڪيس ڪيترائي انعام، اعزاز، سرٽيفڪيٽ، شيلڊون، ايوارڊ، ٽوپيون، اجرڪ ۽ ڪتاب وغيره مِلي چڪا آهن. پاڻ ڪافي سارا ڪتاب مرتب ڪري چڪو آهي. جئين ”ڪلامِ قاصر“ وغيره. جڏهن ته پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جا مَهاڳ، به اکر، ٻيڪ ٽائيٽل ۽ مضمون وغيره به لکي چڪو آهي ۽ اجان تائين لکندو رهي ٿو. پاڻ ميهڙ/سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن ۽ ليکڪن کي ڪتاب ڇپائي لاءِ سندن لِڪ ڇَپ ۾ مالِي مدد به ڪندو رهي ٿو. جڏهن ته شاعرن، ليکڪن، سگهڙن، صحافين ۽ ٻين علمي ادبي سياسي سماجي شخصيتن سان ادبي پروگرام، روح رهاڻيون، ڪچهريون، ورسيون، سالگرهون، مهورتون، عيد ملن پارٽيون ۽ ٻيا پروگرام به لڳاتار ڪندو رهي ٿو. سائين عبيدالله لاکير جو اهو عمل اجان تائين جاري. مان پروفيسر عبيدالله لاکير تي ماجد علي چنو جي عوامي آواز اخبار ۾ لکيل مَضمون تي ڪيس ڪمينٽ ۽ جَس ڏئي رهيو هيس. پر سائين عبيدالله لاکير جي شخصيت ۽ پيار مون کي ايڏو ته ياد اچي ويو ۽ متاثر ڪيو جو مان سندس زندگيءَ ۽ ڪردار تي گهڻو ڪجهه لکي ويس جو شايد منهنجي هي ڳالهه ڪنهن کي نه وڻندي هجي جو مختصر ڪمينٽ ڏيڻ پئي چاهيم پر سائين جو پيار ۽ محبت سائين لاءِ گهڻو ڪجهه لِکڻ تي مجبور ڪيو ۽ اتساهيو.

بات کردار کی ہوتی ہے۔ ورنہ قد میں سایہ بھی انسان سے بڑا ہوتا ہے۔

جناب سائين پروفيسر عبيدالله لاکير تي لِکڻ ۽ ڳالهائڻ بيجا يا اجائي ناهي ۽ اهو اندازو شهر جا سڀ عام، خاص، صحافي، ليکڪ، شاعر، پبلشر، مُحقق، تاريخدان، تعليمدان، ٻيا سڀ ماڻهو ۽ دوست بلڪل آسانيءَ سان لڳائي سگهن ٿا. جنهن زندگيءَ جا 37 سال پنهنجون تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ سرگرميون بہ جاري رکيون. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير اسڪول ۽ ڪاليج دؤر ۾ موڪل ڪان پوءِ پنهنجو سَمورو ٽائيم دوستن، سنگت، ليکڪن، شاعرن ۽ صحافين کي ڏنو بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي. ٻيو تہ ٺهيو پر آچر جي ڏينهن بہ ڳوٺان اچي ادبي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو رهيو آهي ۽ پنهنجي "اسپيڊ" آفيس ميهڙ ۾ سَڄي سنگت جي خدمت بہ. حالانڪ هفتي ۾ هڪڙو ڏينهن ماڻهو گهمڻ ڦرڻ جو پلان ٺاهيندا آهن ۽ پنهنجي گهر کي ڏيندا آهن. شايد سائين عبيدالله لاکير کي گهر وارن، مِٽن، مائٽن، پائرن، رشتيدارن، عزيزن يا دوستن ياران کيس ڪجهہ ڳالهيون ناگوار لڳيون هجن ۽ کيس چوندا هجن تہ توهان پنهنجي سروس دوران ڪجهہ نہ ڪيو ۽ پارٽ ٽائيم ڪو ڪاروبار ۽ ٻيو روزگار وغيره نہ ڪيو ۽ گهٽ ۾ گهٽ پئسو اسان يا پنهنجي لاءِ نہ ڪمايو ۽ اوهان اسان کي بنگلو ڪار نہ وٺي ڏنو ۽ بئنڪ بيلنس نہ ٺاهيو. ٿي سگهي انهن ڳالهين سان اسان جي مانواري سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي دل آزاري ٿي بہ هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ صدمو بہ رسيو هجي ۽ سائين ان درد کي دل ۾ لِڪائي هميشہ اسان آڏو مُرڪيو بہ هجي، جئين هميشہ مُرڪندو رهندو آهي. ٻي صورت ۾ جيئن اڄ ڪلهہ عام پنهنجا گهر وارا ۽ ماڻهو ملازم کي چئي ڏيندا آهن تہ تو اسان لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو. اهڙا ناگوار لفظ اسان هر روز پنهنجي گهر وارن جي واتان بہ ٻُڌندا آهيون.

سائين عبيدالله لاکير گاڏيون بنگلا تہ ڪونہ ٺاهيا ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ڪرپشن ڪئي. پر انسانيت جي خدمت ضرور ڪئي ۽ پوري زندگي حق حلال ڪمايو. تاريخ ان جي گواهہ آهي ۽ رهندي. الله پاڪ پروفيسر پرنسپال سائين عبيدالله لاکير جي عمر دراز ڪري کيس

سُٺي صحت ۽ تندرستي عطا ڪري. الله پاڪ کيس هميشہ پنجتن جي ڇانوَ ۽ پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي.

مزو زندگيءَ جو وٺو زندگيءَ ۾
ڪرڻ جي گهرو ٿا ڪيو زندگيءَ ۾
مرڻ بعد ورسيون پلي مَلهايو
پر ڪنهن ماڻهو کي مجتا ڏيو زندگيءَ ۾
(تاج صحرائي)

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صرف هڪ شخص نہ پر شخصيت آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي زندگيءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکی سگهجن ٿا.

توسان ڳالهيون ڪندي چپ نٿا ڊاپجن
پر ايڏا لفظ مِنڙا ڪٿان آڻجن
هي حياتي تہ نہ پوري پَوندي هتي
پر پيار لاءِ ڪَيئي حياتيون هجن.

ڪُهنگ، مئگزين جي مهورتي تقريب ۽ رهاڻ

تحرير: زاهد ابڙو

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف تي مشتمل "ڪُهنگ"، مئگزين ساڳئي ڊگري ڪاليج قاضي عارف جي پرنسپال/ پروفيسر عبيدالله لاکير سَهيڙي ترتيب ڏئي پرنٽنگ ايڊوانس ايجنسي حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. جنهنجي اسپيڊ SPEED, سوسائيٽي فار پيپلز ايجوڪيشن اينڊ انوائرنمينٽ ڊولپمينٽ آفيس ميهڙ ۾ مهورت ٿي گذري ۽ مئگزين جي سهيڙيندڙ قاضي عارف ڊگري ڪاليج جي پرنسپال/ پروفيسر عبيدالله لاکير سان ان موقعي تي رهاڻ رچائي کيس ڀيٽا ڏني وئي. جنهن ۾ شهر جي معززين صحافين، ليکڪن، شاعرن سگهڙن، استادن، اديبن ۽ ٻين ڪيترن ئي علمي ادبي ۽ سماجي ماڻهن شرڪت ڪري پنهنجون نِڪور لکڻيون ۽ شاعري پيش ڪري خوب پذيرائي حاصل ڪئي. "ڪُهنگ"، مئگزين ۽ پرنسپال/ پروفيسر عبيدالله لاکير جي ڪيل

علمي، ادبي، تعليمي، سماجي خدمتن سندس عظيم ڪردار ۽ مئگزين تي روشني وڌي ۽ گهڻو ساراهيو. وڌيڪ چيو ته پرنسپال/پروفيسر عبيدالله لاکير مستقبل جي معمارن، نوجوان نسل، شاگردن ۽ نياڻين کي پوري زندگي تمام سٺي نموني سان پڙهايو آهي. ۽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جي تعليم جو معيار وڌ کان وڌ سٺو ڪري هن ڪاليج کي تمام جلد ترقي ونرائي ڏني آهي. جنهن تي اسان سڀني کي فخر آهي ۽ اڄ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سنڌ جي تمام سٺن ڪاليجن ۾ شمار آهي. ان سان گڏ پاڻ هڪ بهترين شاعر، ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ ۽ علمي ادبي شخصيت هئڻ ڪري ڪاليج ۾ ٻارن لاءِ مختلف قسم جون رانديون، وڻڪاري مهم، ٽوئرز جا پروگرام منعقد ڪيائين، سياست، ثقافت، تاريخ ۽ ادب کي اجاگر ڪري شاگردن ۽ نياڻين کي پنهنجي ڪاليج قاضي عارف ۾ وڏيون وڏيون لائبريريون جوڙائي ڏنيون. شاگردن ۽ نياڻين کي تعليم سان گڏوگڏ اخبارون،مئگزين ۽ ڪتاب پڙهڻ ۽ لکڻ جو ادبي ذوق ڏنو. ۽ اهو سلسلو سندس لڳاتار جاري آهي. اڄ سندس ڪيترائي شاگرد ملڪ جي وڏن عهدن تي فائز آهن. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف تي مشتمل هي ,ڪُهنگ، نالي ڇپيل مئگزين پرنسپال عبيدالله لاکير جي محنت جو نتيجو آهي. ۽ ان جو سجو ڪريڊٽ سندس پاڻ ڏانهن ئي وڃي ٿو. هن مئگزين ۾ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جون تمام علمي ادبي ۽ تعليمي سرگرميون، پوري اسٽاف ۽ ڪاليج جون تصويرون، مقالا، ڪُهنگ، پڪيءَ جو تعارف، انگريزي مضمون، سنڌي اردو شاعري، ڪهاڻيون، پروفائيل، معلومات، قديمي ماڳ، آرٽيڪل، ميهڙ شهر ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جو مڪمل تعارف، علائقي ۽ آس پاس جي مشهور دڙن ۽ ڍنڍن وغيره جو ذڪر ڪري پاڻ هن مئگزين کي وڌيڪ ياد گار بڻايو آهي. پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت سان ڪئي وئي. نامياري ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار اظهر آدرش مقالو پيش ڪيو. جنهن ڪانپوءِ اسٽيج تي وينل ۽ پروگرام جي صدارت ڪندڙ علي اصغر چانديو، مهمان خاص امتياز نادم ڦلپوٽو،

اعزازي مهمان الاهي بخش چانديو، سرور منير چنو ۽ "ڪُهنگ" مئگزين جي سهيڙيندڙ ۽ صاحب رهاڻ پرنسپال/ پروفيسر عبيدالله لاکير مئگزين هٿن ۾ ڪٽي مهورت جي رسم ادا ڪئي. سليمان ساقي،احمد علي سنياسي،يونس چانديو ترنم ۾ شاعري پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو. جڏهن ته زاهد ابڙو، احمد رضا آگرو، عمر تيوٽو، عاجز عاشق تنيو، منظور مولائي ڪوسو، صابر سيد پوري، عاشق ڪوسو، عبدالفتاح گائنچو، عبدالغفور چنو، غلام فاروق ملاح، يونس چانديو، يونس چنو ۽ ٻين مضمون مقالا بيت ۽ شاعري پڙهي سر عبيدالله لاکير کي ڀيٽا ڏني ۽ مئگزين تي تفصيلي روشني وجهي ڪيس جس ڏني. پروگرام جي ڪاروائي سگهڙ شاعر محبوب علي محبوب ڏيپر، هلائي ۽ مٿي اسٽيج ته وينل تمام مهمان وقفي وقفي سان مئگزين ۽ پروفيسر عبيدالله لاکير تي پنهنجا الڳ الڳ ۽ سهڻي نموني تاثرات ۽ موقف پيش ڪري. ڪيس عقيدت ۽ احترام سان خراج تحسين پيش ڪيو. آخر ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جي پرنسپال/ پروفيسر عبيدالله لاکير آيل سڀني مهمانن ۽ دوستن جو ته دل سان شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته مان پنهنجي سروس دوران اڳ به اهڙا معلوماتي،ادبي ۽ تعليمي رسالا ڇپائي چڪو آهيان. ۽ هاڻي رٽائر ٿيڻ وقت هي پڻ مَعياري ۽ ادبي مئگزين ,ڪُهنگ، ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. جيڪو ڪاليج جي سموري سٽ سميت مون لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي ۽ منهنجي اها جدو جهد ۽ جاکوڙ هميشه جاري رهندي[1].

1. 1. روزاني آجيان شڪارپور، خميس 16 آڪٽوبر 2025ع، 21 ربيع الثاني 1447ھ، شمارو 150، جلد 5.
2. روزانه هلال پاڪستان ڪراچي، جمعو 17 آڪٽوبر 2025ع، 23 ربيع الثاني 1447ھ، 24 آسو، سنبت 2082، سال 89، شمارو 351.

پروفيسر عبيدالله لاکير جي قلمي محنت

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جيکي قلمي پورهيو کيو آهي، انهيءَ منجهان جيتري تائين پهچ ممڪن ٿي سگهي اهو قارئين جي نظر ڪجي ٿو.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي ميهڙ واري آفيس منجهه محترم ڪامل امداد جتوئي سان رهاڻ ملهائي وئي. انهيءَ پروگرام ۾ سائين عبيدالله لاکير صاحب مٿس لکيل هڪ مقالو پڙهيو. اهو مقالو قارئين جي نظر ڪجي ٿو.

ڏات ۽ ڏاهپ جو مسافر

اڄ مان اوهان سيني کي صاحب رهاڻ ڪامل امداد جتوئي جو مختصر تعارف ڪرائڻ چاهيان ٿو. نالو: محمد ڪامل، ادبي نالو: ڪامل. امداد جتوئي پاڻ بنيادي طور استاد جهڙي پيغمبري پيشي سان لاڳاپيل رهيا آهن. مراد واهڻ لاڙڪاڻي جا هي واسي پوري عمر محنت ۽ جدوجهد جي علامت رهيا آهن. سندن نالو ئي سندن وڏو تعارف آهي. شاعر هجن، وري استاد هجن ۽ ڪامل نہ هجن ! اهو ممڪن ئي ناهي. پر سڀ ڪان وڏي ڳالهه هر ضرورتمند جي امداد نہ هجڻ اهو بہ ناممڪن آهي. سندن ضمير ۾ ضمير ۾ هر انسان سان محبت ۽ پيلائي شامل آهي. جائي چوندا آهن تہ مُنهن ڏسي مِنائي گهرجي، سو وڏڙن سائين جن جا وصف معلوم ڪري نالو ئي اهڙو رکيو جو وجي ٿيا ست خير. محمد ڪامل امداد نالي ۾ ئي خير و برڪت جي مهڪ اچي ٿي. سندن ميهڙ سان پراڻو لاڳاپو رهيو آهي جنهن ڪري ڪافي سالن کان اسان کين ادبي پروگرامن ۾ ميهڙ ۾ ڏسون ٿا. ڪڏهن سائين عبد مگسيءَ جي معرفت، ڪڏهن محبوب ڏيپر جي معرفت. ڪجهه سال اڳ ميهڙ جي علم، ادب ۽ سياست جي روح روان خاندان محترم سائين شمس ابن ضياء ابن بلبل مرحوم و مغفور جي اوطاق تي ٿيل رهاڻ ۾ کين ڏنو ۽ ٻڌوسين. سندن روين ۾ پنهنجائپ ۽ محبت جي مهڪار پسي ايئن لڳندو آهي تہ جڻ پاڻ پراڻا سنگتي هجون. اڄ اسان جي خوش نصيبي آهي جو پاڻ اسان

وٽ ميهڙ ۾ رونق افروز ٿيا آهن. اميد آهي ته اڄ سندن خوبصورت خيالن کان هي هال به متعارف ٿيندو. سائين ڪامل امداد جتوئي گهڻ رخي شخصيت آهن. 2000ع کان ريڊيو انائونسر به رهيا آهن. 2010ع کان ريڊيو ڪمپيئر جون خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا آهن. سندن شاعري جا چار ڪتاب اچي چڪا آهن ۽ سندن پنجون ڪتاب جيڪو مختلف مضمونن تي مشتمل آهي پڻ ڇپجي چڪو آهي. سندن شاعري مختلف فنڪارن ڳائي آهي، جن ۾ سندن شاعريءَ جا به عدد آڊيو ڪيسٽون فنڪار غلام شبير سمون جي آواز ۾ موجود آهن. ٻئي فنڪار سڪندر علي سَرڳاڻي جي آواز ۾ مڪمل ڪمپوز شاعريءَ جو البم، مڪمل نعتيه شاعريءَ جو البم نعت خوان ذڪيه مشتاق جي آواز ۾ پڻ موجود آهي. ان کان سواءِ نالي وارن فنڪارن جهڙوڪ برڪت ٻٽ، غلام علي سنديلو، الاهي بخش لغاري، سليم رضا ڪنپر، عاشق نظاماڻي، ديدار حسين سمون، وزير علي جمالي، شيراز عباسي، سرفراز علي جتوئي، سچل منگي، عزيز چنا، انور علي سانگي، نياز لاشاري، ممتاز لاشاري، ڪنول نظاماڻي، فائزه مارئي، راشده پروين، شاهنواز ڪوسو ۽ ٻين ڪيترن ئي فنڪارن سندن شاعري ڳائي داد حاصل ڪيو آهي. پاڻ آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻو جا به روح روان رهيا آهن. سندن فرزند سرفراز علي جتوئي هوبهو سندس خوبين جو ترجمان هو پر سندن جوانيءَ ۾ جدائي ڪامل امداد کي به پوري وڏو ۽ سندن رنگ ۽ روپ سخت متاثر ٿيار. ڪو وقت ته خوشي جڻ سندن کان رسي وئي هئي ۽ هر وقت پنهنجي جوان پٽ جي وڇوڙي ۾ ورتل آهه و زاري جو منظر ٿي ويا هئا. الله پاڪ کين صبر جميل عطا فرمائيندو ۽ سندن خوبصورت خصلتن واري فرزند سرفراز کي به الله پاڪ جنت ۾ اعلئ مقام عطا فرمائيندو. پاڻ هاڻي به سرفراز جي نالي سان ريڊيو تي پروگرام ڪن ٿا ۽ سندس ورسيءَ جا پروگرام لاڙڪاڻي ۾ هر سال ڪندا رهن ٿا.

مهاڳ (ڏات جي ڏيهه جو جاڪوڙي جوان)

لوڪ ادب سماج جي ريتن، رَسمن، رَوين، ٻُولي، لَهجي ۽ سوچ و فِڪر جو اَولڙو هوندو آهي. ان اولڙي ۾ نه صرف لوڪ ادب عام ماڻهو جي نفسيات بيان ڪندو آهي پر ان ۾ علائقي جي درد، تڪليفن ۽ احساسن جي به ترجماني نظر ايندي آهي.

هن ڪتاب " ڏات جي ڏيهه جو جاڪوڙي جوان" ۾ اسان جي علائقي جي مُحقق، اديب ۽ ڏاهي مُحترم مولانا اعجاز علي سوڍر تفصيلي انداز ۾ اسان جي ميهڙ جي مَهان انسان ۽ اُتم ڏات ڌڻي محبوب علي "محبوب" ڏيپر جي مُڪمل زندگيءَ جو خاڪو پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ هن جي ذاتي زندگي کان وٺي ڏات جي ڏيهه ۾ سندس تخليقي سفر جي تحقيق نِهايت ئي خوبصورت ۽ جامع انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ مُحترم محبوب علي "محبوب" ڏيپر جي فن ۽ فِڪر جي مُڪمل ڄاڻ مِلي ٿي. جنهن ۾ تفصيل وار سندس ڇپيل ڪتابن جو تعارف پڻ شامل آهي.

مقدمو جنهن ۾ محبوب علي "محبوب" ڏيپر جي جنم جو تفصيل، ان کان پوءِ سندس تعليم جو احوال، ادبي دنيا ۾ آمد جو سبب ۽ ادبي دنيا ۾ جن ماڻهن سان سندس رابطو ۽ واسطو رهيو انهن جا نالا شامل آهن. سندس ذاتي زندگيءَ متعلق مُحقق مُحترم مولانا اعجاز علي سوڍر سندس شادي، ان کان پوءِ اولاد جا تفصيل به خوبصورت انداز ۾ قلمبند ڪيا آهن. مُحقق طرفان محبوب ڏيپر کي هن ڪِيئن ڏِٺو بيان ڪندي چوي ٿو ته "محبوب ڏيپر انسانيت سان پيار ڪندڙ ۽ حقوق الله جي پورائي ڪرڻ ۾ مشغول نظر ايندو آهي. هو ڏينهن جو دوستن سان گڏ گهڙيون گهاريندي نظر اچي ٿو ۽ رات جي وقت پنهنجي ڏات ۽ ڏانءَ کي قلمي پورهئي ذريعي سَهيڙي ٿو." مُحقق پنهنجي تاثر ۾ محبوب ۽ محنت، محبوب ۽ ميهڙ کي تفصيلي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ان کان پوءِ سندس حُليو به سُهڻي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. محبوب جو تصوف سان ڪيترو لڳاءُ آهي ان کي به مُحقق بيان ڪندي چيو آهي ته سندس مذهب سان

لڳاءُ. ڏاڙهي مبارڪ رکڻ ۽ اهل تصوف بزرگن جي صحبت جو اثر سندس شخصيت ۾ نمايان نظر ايندو آهي. محبوب ڏيپر ڪي سندس محنت سبب مليل پذيرائي به مُحقق طرفان مُدلل انداز ۾ بيان ٿيل آهي. جنهن ۾ ڪيس ”عوامي سُگهڙ شاعر“ جو لقب ڏنو وڃي ٿو. مُحقق طرفان محبوب ڏيپر جي عوامي جهلڪ واري شاعري جا نمونا پيش ڪيا ويا آهن. جيئن:

انگريز اٿڪل ويڙهائي نيٺ، گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
راند تي پيا پار ويناهن، بازيون رکي پوتار ويناهن
ڦٽي ڪري سڀ ڪم ڪار ويناهن، هڪ ٻه نه هزار ويناهن

محبوب علي محبوب ڏيپر جي 12 ڪتابن ۾ سندس شاعري سادي ۽ عوامي اهنجن ۽ احساسن جي ڀرپور ترجماني ڪندي نظر اچي ٿي. محبوب ڏيپر جو ڪِتاب ”منا ٻول محبوب جا“ 2010ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو، جنهن ۾ سندس شاعري عوامي مزاج جو چٽو اظهار نظر اچي ٿي.

سائيڪل وني ڏي يا ڦٽ ڦٽ بابا،
اسڪول پهچان جهٽ پٽ بابا
بس ۾ رش به ڏاڍي آهي،
پير رکڻ جي جاءِ ڪا ناهي
بس مان ڪڏِ ڪڏِ ڇڏِن تا لاهي،
دير پڇان تو سٽ سٽ بابا
سائيڪل وني ڏي يا ڦٽ ڦٽ بابا.

شهر اسان جو پيارو پيارو،
اچو ته ميهڙ گهمون ٻارو.
توکي پوءِ جي ڳَل نه ڪائي آ،
تون غيرت جو ڪيپسول ڪائي آ.

ڏيهه سڄو پيو ڏِسي لڪاءُ، ٻهَ ڪِلو مان ٽئي تو پاءُ.
يارو تي ويو چا مَٺُون چاهي، ماٺهو ڪرندي مند ئي ناهي.
سڀ جو تو ڏي آهي خيال، واهڙي وا ڊش تنهنجو ڪمال.

انصاف ڪي اچي وئي ٻُڙي آ، جو گهر گهر مٿان ڪُڙهي آ
تو ڪي تِر جو يار نه پَوُ آ، خبر اٿئي گهٽي وِيهين سؤُ آ
ڪيڏو نه سادو غريب آهيان، اجان چئو تا شريف ناهيان

2020ع ۾ محبوب علي محبوب ڏيپر جو ڪتاب ”مون پي نور نِچوڙيو“ ڇپجي آيو. جنهن ۾ نظم، غزل ۽ ڪافيون نمايان آهن. سندس ڪيفيتون عوامي آهن. جنهن ۾ هڪ نظم ۾ چوي ٿو:

نوان سال تنهنجي آجيان ڪيون تا،
ڪهڙي خبر تو ڪي ڪيئن جِيئون تا.
ڏسون تا پنهنجن جا پرڪار، ڪهڙي آزادي آهي يار.
لڳي تيلي وئي جڻ تيل ۾ آ، هيءَ قوم اچي وئي وَيل ۾ آ.

سندس غزل به نئين دور جي ڪهاڻي پيش ڪن تا.

سکر، سيوهڻ، ميهڙ، مورو، دادو يا لاڙڪاڻي ۾
ونڻ حال موبائل تي اچ ڏاڍو تي پيو سستو آ.

سندس ڪافين ۾ به هن دور جي دانهن ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

اهو دور نه ٿئي مَتان حام هٽِي، دل ويندئي ڦُري سهٽا قسم ڪٽي
مان پُلجي هِڪڙي يار هٽان ڪائي چوٽ وينو آهيان گهٽي.

”مون جيئن ڏنو محبوب ڪي“ ڪتاب ۾ هڪ غزل ۾ چوي ٿو:

دنيا جو دور هر طرح زندان ٿي پوي،
انسانذات شل وري انسان ٿي پوي
ذليل جي ذلالت ڪي نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو
انهيءَ خطري جي حالت ڪي نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو

”ٽاندن تي پَير“ ڪتاب ۾ به عوامي اهنجن جي عڪاسي ڪري ٿو.

حڪومت جا پِرڪار ڏِنا مون، پَٽ تي پڙهندي ٻار ڏنا مون
گهٽو فتني فساد ڪان عاري هان،
مان پورهيت مزدور هاري هان
رونبي ڪان پوءِ لاٻُ ڪندو هان
ڪم ڪي ميڙي خواب ڪندو هان

محبوب ڏيپر پاڻ سان ٿيل ڏوڪن ۽ فريبن ڪي به پنهنجي ڏات

۽ ڏانءَ ذريعي رڪارڊ ڪندو رهيو آهي. جيئن هڪ دفعي پاڻ ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد ڏانهن ميهڙ جي پوسٽ آفيس ذريعي مواد موڪليائين. اتفاق سان محبوب ڏيپر جو اهو مواد پبلشر تائين پهچائڻ بجاءِ پوسٽ مين ميهڙ ۾ ئي گم ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڳالهه کي محبوب ڏيپر پنهنجي شاعري ذريعي بيان ڪري پوسٽ مين کي تنبيهه ڪئي ۽ پوسٽ مين کي هن طرح ڇُوهه ڇنڊي:

مواد گم جنهن سارو ڪيو، انهيءَ ٽپاليءَ جو مُنهن ڪارو ڪيو.[1]

محبوب ڏيپر کي هڪ اک ۾ سُور پوندو هو. انهيءَ ڪري ميهڙ جي هڪ مشهور ڊاڪٽر کان اک جو علاج ڪرائڻ جي سلسلي ۾ دوا ورتائين. انهيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب جي لاپرواهي هئي يا قدرتي طور محبوب ڏيپر سان ايئن ئي ٿيڻو هو، جو جيئن ئي اکين جي علاج وارا ڦڙا اک ۾ وڌائين ته سندس اک جا پردا ختم ٿي ويا ۽ سندس اک جي نظر هميشه لاءِ ختم ٿي وئي. جنهن جي علاج لاءِ گمبٽ ۽ ڪراچيءَ تائين ڊاڪٽرن وٽ ويو مگر اهو بي سُود رهيو. اهڙو حادثو پيش اچڻ کان بعد انهيءَ اکين جي ڊاڪٽر کي هن طرح ڏوراپو ڏنائين:

واهه جو تو نڀائي مون سان يار ياري،
ڏئي دوا مفت جي تو اک منهنجي ڪاري.[2]

محبوب ڏيپر سان ٻيو واقعو ميهڙ باءِ پاس تي پيش آيو. هڪ دفعي هڪ تيز رفتار موٽر سائيڪل واري ڪيس موٽرسائيڪل جو ٽڪر هنيو. ان ٽڪر جي نتيجي ۾ محبوب ڏيپر جي ڄنگهه ڀڄي پئي ۽ ڪافي عرصو گهر ۾ هڪ کٽ تي زير علاج رهيو. اهو وقت سندس تمام گهڻي تڪليف ۾ گذريو. ميهڙ جي هن عظيم عوامي نمائندي شاعر ۽ سُگهڙ سان ايڏو وڏو حادثو پيش آيو پر ميهڙ جي ڪنهن به صحافيءَ جي ڪَن تي ڪا جُون به ڪِين چُري. ڪنهن به

1. ڏيپر محبوب علي محبوب، مون جيئن ڏٺو محبوب کي، ص 117، حيدرآباد ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2019ع.
2. ڏيپر، محبوب علي، محبوب ۽ ميهڙ، ص191، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2017ع.

صحافيءَ سندس حادثي جي خبر نه هلائي ۽ نه ئي وري ڪنهن رپورٽ ۾ ڪيس ياد ڪيو. محبوب ڏيپر هڪ غريب ۽ مسڪين حال عوامي شاعر هو، ڪين وٽانئس ڪنهن پئسي ڏوڪڙ جو ڪو آسرو به نه هو. انهيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ محبوب ڏيپر ڪين هيئن چيو:

ميهڙ وارن جي چوندي لِکي مون چڱائي
پڳي ٺڳ، نمائندي ڪنهن خبر نه هلائي
آزمائي ڏٺا مون سڀئي نوري ناري.[1]

هن عوامي درد رکندڙ شاعر ڪراچيءَ ۾ ڪارساز واقعي ۾ شهيد ٿيندڙن کي به ناهي وساريو:

شهيد ڪراچي وارا توهان کي منهنجو سرخ سلام آ
ڌرتيءَ خاطر سِرڙو ڏيئي ڪٽيو توهان انعام آ[2]

محبوب ڏيپر هڪ سگهڙ شاعر آهي. سگهڙ شاعر خارجي لقاءَ کان گهڻو متاثر ٿي لِکندا ۽ محسوس ڪندا آهن. جيئن ڪنهن انگريزي ادب جي ليکڪ لکيو آهي: Seeing is believing معني ڏسڻ ئي عقيدو آهي. سُگهڙ لاءِ ڏِٺ وڏي اثر واري هجي ٿي. جڏهن اها ڳالهه عام ٿي ته سنڌ جا ٻيٽ وفاق ڦٻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت تي زور بار وِجهي رهيو آهي ته هن سُگهڙ شاعر قومي درد کي محسوس ڪندي چئي ڏنو:

ٻيٽ ڪپائين ٿو خواري ٿيندئي، ٿُو ٿُو سياٽي جاري ٿيندئي[3]

پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت وفاقي حڪومت جي دٻاءَ جي پرواهه نه ڪندي سنڌ جي ٻيٽن کي ”محفوظ سنڌ جي ملڪيت“ طور قانون سازي ڪري ڇڪي آهي.

محبوب ڏيپر سگهڙ شاعر جي حيثيت ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي ٻولي ۽ ثقافت جي سفير جو ڪردار ڀرپور انداز ۾ ادا ڪيو آهي:

1. محبوب ۽ ميهڙ، ص191.
2. ايضًا
3. ڏيپر، محبوب علي، ٽانڊن تي پَير، ص58، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2022ع.

اجرڪ پٽڪو شانُ اسان جو، ڌرتي پنهنجو مانُ اسان جو
هرڪو خاني خانُ اسان جو، اڄ مُرڪي پيو ايوان اسان جو
ٿي پيو پونءِ جو پاڳ پلارو، پنهنجي ايڪتا زنده آباد[1]

ڏيم وڏا پيي جوڙن پيا، رخ سنڌو جو مَوڙن پيا
سچ چوڻ تي گولي آهي، ٻي نہ هتي ڪا ٻولي آهي
ٻُک ۾ ٻُڏا ٻار ڏسان ٿو، سُورن ۾ سنگهار ڏسان ٿو
مُرڪي ملڻ ڏوهہ هتي آ، گڏجي هلڻ ڏوهہ هتي آ
ڏسون ٿا پنهنجن جا پرڪار، ڪهڙي آزادي آهي يار[2]

محبوب ڏيپر جي سموري ذات ڏيهہ جي ڏکن جو ورجاءُ آهي ۽ پنهنجي ڌرتي، ٻولي، ثقافت، ننگن ۽ دنگن جي هڪ برجستي محافظ وانگر للڪار بہ آهي:

ٻولي جا رکوالا سنڌي، ڪٽو ٻڙچون پالا سنڌي
اُٿو قومي ٻولي بچايو، پنهنجي سنڌي سَولي بچايو[3]
ثقافت آهي سنڌ جي ٻڍي ٻار ڪي ٽوپي آ
مان ڪيئن نہ گهمان پائي منهنجي يار ڪي ٽوپي آ[4]

محبوب ڏيپر سگهڙ شاعر جي حيثيت ۾ سماجي اهنجن ۽ تڪليف ڪي بہ سُهڻي انداز ۾ نپائيو آهي:

زبان تي ڪلمو دل ۾ گار، اهڙو مذهب ناهي ڪار[5]
ويهي حڪيمن ڪيا نٺ، سور مڙوئي سيون اٺ
دوائن ۾ آ اثر اهڙو، سُور نہ ڇٽي جهڙو تهڙو[6]
تون تہ هلين ٿو سينو تاڻي، زال ڪمائي ٿي گهر ڏي آڻي

---

1. ڏيپر، محبوب علي، مون پيي نور نچوڙيو، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2020ع.
2. مون پيي نور نچوڙيو، ص 52.
3. ايضًا ص 55.
4. محبوب ۽ ميهڙ، ص 36.
5. مون پيي نور نچوڙيو، ص 74.
6. ايضًا، ص 85.

لڳي الزام ڪوڙا سچا پيي وڃن ٿا،
ٿي زهر زندگي ۾ ٻچا پيي وڃن ٿا.[1]

دوستو! دنيا جي لالچ آ، نيٺ ڇڏي بگاڙي
ڪلمي گويا ڪري پيا، توبہ الا الاڙي[2]

ڪيبل ڊش ٻاري ڇڏيو هتي ڏچو آ
ننڍا وڏا ڪري پيا باقي ڇا بچيو آ[3]

رهيو خوف خدا جو نہ ڪنهن ۾ ذري آ
صديءَ ڏوهہ ڪهڙو ماڻهو پيو ڪري آ[4]

دنيا جو دور هر طرح زندان ٿِي پوي
انسان ذات شل وري انسان ٿِي پوي[5]

جڏهن ملڪ ۾ ڪورونا بيماري (COVID-19) جو ڌهڪاءُ هو تہ هر ماڻهو خوف ۾ مبتلا هو. دڪان ۽ بازارون بند رهيون. حڪومت خود احتياط لاءِ بار بار تاڪيدي پيغام نشر ڪري رهي هئي تہ ان لقاءَ کي بہ سُگهڙ شاعر هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڪرونا وات ۾ نَڪَ مان ويندئي، مُنهن تي ماسڪ پائي گهم،
حڪمران ڊاڪٽر ايئن چوندئي، مُنهن تي ماسڪ پائي گهم[6]

مجازي يا عشقيہ شاعري هر شاعر جي احساسن جي ترجماني ڪندي آهي. محبوب ڏيپر سُگهڙ شاعر جي حيثيت ۾ مجاز کي خوب نِباهيو آهي ۽ پنهنجن نازڪ احساسن جي خوبصورت ترجماني ڪندي چوي ٿو:

---

1. مون پيي نور نچوڙيو، ص 73.
2. محبوب ۽ ميهڙ، ص 215.
3. ڏيپر، محبوب علي، ڪلام محبوب ڏيپر، ص 33، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2016ع.
4. ، ٿاندڻ تي پَير، ص 78.
5. مون جيئن ڏنو محبوب کي، ص 123.
6. ٿاندڻ تي پَير، ص 64.

جهڙي باز جهرڪي جيئن ڪٽي ويو
ايئن ڏاڙو دل جو دلبر هٽي ويو[1]

نہ ٿو گيڙي سَگهان گاڏو آهي اونداهي اکين آڏو
وجين وينين يار پري تنهنجو ڪيئن ٿو ٽائيم ٽري[2]

اڄ سياڻي چئين ٿو پر تو واعدو هڪ نہ پاڙيو آ
باھ ساڙي جيئن سُڪي بُنڊ کي سُورن ايئن جڻ ساڙيو آ[3]

رکي يار ياري پو وساريون هليو وئين
کسي دل تون دلبر ڏِڪاريون هليو وئين[4]

اجان دل اوهان کي سَڏڙا ڪري ٿي
ٿڏا ساھ سُڏڪا ۽ آنهون پري ٿي[5]

شيءِ ڏاڍي ٿي پياري ڏِسجي،
ڪنهن سان رکي ٿو ياري ڏِسجي
جنهن جي هڪڙي جَهلڪ جي خاطر،
ٿي خلق پريشان ساري ڏِسجي[6]

يار توکي ڏاڍو ڳولهيم ڪالھ ميهڙ ۾ مِنا
ڏِسڻ ۾ نہ آئين جڻ کَي سال ميهڙ ۾ مِنا[7]

اسان کي يار سَودائي بڻائي تو ڇڏيو جهٽ ۾
چرين ۾ نالو منهنجو ڳڻائي تو ڇڏيو جهٽ ۾[8]

ڀُلجي تنهنجي سُونهن تي مون دير نہ ڪئي دل لائڻ ۾
ڪهڙي تنهنجي ٻانهن ٿلهي ٿي مون کي درد رسائڻ ۾[1]

1. ڪلام محبوب ڏيپر، ص 24.
2. ايضًا ص 38.
3. ايضًا ص 62.
4. ايضًا ص 72.
5. محبوب ۽ ميهڙ، ص 37.
6. محبوب ۽ ميهڙ، ص 47.
7. ايضًا ص 192.
8. ايضًا ص 194.

ميهڙ جا مور ماڻهو ميهڙ جا لاءِ ڇڏين ٿو
ڪهڙي آ تڪليف تو کي جو دلبر هِتان لڏين ٿو[2]

حيرت ۾ هڙ ماڻهو هجن ڪنهن جا نہ ڪپن پَير اتي
پتنگن وانگر جَلي پچي ماڻهو ٿين پل ڍير اتي

سونا سڳا ڪهڙي ڪم جا اهڙو گڇيءَ جو هار ڪجي
سُهڻن کان وَڏ سُهڻو چوندي اهڙو دنيا ۾ يار ڪجي
خبر نہ ڏينهن رات جي پئي ڪو ايڏو تنهن سان پيار ڪجي[3]

واھ جو حال سڄڻ تون اوري وَئين،
جڻ باھ ۾ ڪاني سَوري وَئين[4]

تنهنجو روز مون سان اهو دل ڦڏو آ
جيڪو تون ٿي چاهين سو مسئلو وڏو آ[5]

بهرحال مجاز ۾ محبوب ڏيپر جي شاعري ايتري تہ گهڻي آهي جو سندس شاعريءَ جا لاتعداد ڪلام سنڌ جي مشهور ڳائڻن ڳايا آهن ۽ سندس 12 ڪتاب جيڪي ڇپجي چڪا آهن ۽ تيرهون ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهي. سڀ سندس ڏات ۽ ڏانءَ جي گواهي ڏين ٿا. هتي صرف مختصر طور ڪجھ خيال پيش ڪيا ويا آهن. محبوب ڏيپر جنهن بہ شخصيت ۽ ڪردار کان متاثر ٿيندو آهي تہ ان تي ضرور لکندو آهي. ميهڙ جي مشهور شاعر، اديب، سياسي ۽ سماجي شخصيت رئيس شمس الدين بلبل جي چشم و چراغ سائين شمس ابن ضياء ابن بلبل سان سندن آخري زندگي ۾ ”بلبل هائوس“ ميهڙ ۾ منهنجون ۽ محبوب ڏيپر جون خوب ڪچهريون ٿيون. سائين خود بہ ادب شناس، حليم طبيعت جو مالڪ ۽ علم دوست هئا. سندن ڪچهري منجهان اسان ٿورڙي عرصي ۾ ڪافي گهڻو پرايو. پاڻ

1. ايضًا ص 206.
2. ايضًا ص 236.
3. مون پي نور نچوڙيو، ص 146.
4. ٽانڊن تي پَير، ص 84.
5. ٽانڊن تي پَير، ص 95.

تمام وڏا زميندار هجڻ باوجود غريب پرور ۽ علم جا گوهر هئا. وڏڙن جا ڪتاب ۽ علمي ورثو بيهر ترتيب ڏئي ڇپائڻ سندن عام مشغلو هو. ڪافي ڪتاب پنهنجي ڏاڏي رئيس شمس الدين بلبل ۽ رئيس ضياءُ الدين بلبل جا ڇپائي چڪا هئا. 2019ع ۾ 82 سالن جي ڄمار ۾ سندن وصال ٿي ويو.

سائين شمس ابن ضياء ابن بلبل سان تقريبًا هر آچر تي ملاقات ۽ ڪچهري ٿيندي هئي. مون کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته سائين جن مون سان ادبي رهاڻ پنهنجي مَسڪن ”بلبل هائوس“ تي وڏي پاٻوهه سان شاندار انداز ۾ منعقد ڪرائي، جنهن ۾ ڪافي اديب، شاعر ۽ علم دوست شريڪ ٿيا هئا. سائين جي وصال کان پوءِ جي ڪيفيت محبوب ڏيپر هن طرح بيان ڪئي آهي:

شمس ابن ضياء ويو
گلشن مان ڪُومائجي هر گل ويو
اهو ئي مُلڪ ۾ هلي هُل ويو
ادب جو وِسامي ڏيئو ڦُل ويو
تو بن ميهڙ سائين بُسي ٿي لڳي
تون هئين ته ڪيڏو مزو هو
تو آچر تي مِلڻ جو وار رکيو هو
سائين عبيدالله مون تي بار رکيو هو
هڪ ٻئي تي اسان ايڏو آر رکيو هو[1]

سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر ڏات جي ڏيهه جو سَگهارو جوان آهي. جنهن جو مختصر احوال پيش ڪري سگهيو آهيان. سندس حمد ۽ نعتون به تمام گهڻيون مشهور آهن، جيڪي سنڌ ۾ ڪافي مداحي ڳائيندا رهن ٿا.

ڏئي سمنڊ درياهن کي ڪرين ٿو ٻاجهه ٻيٽن تي
ملي ٿو مهل تي سڀ کي، رهندو ناهي پکي پرندو[2]

سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر عاشق رسول ﷺ ۽ فقير صفت

1. مون جيئن ڏٺو محبوب کي، ص 101.
2. ڪلام دائود، ص 13.

اعلىٰ ظرف رکندڙ انسان محبوبن ڪريمن ﷺ جو خوبصورت خيال رکندڙ مداحي آهي. ڪيس هڪ دفعو عمرو ۽ ديار حبيب جو ديدار پڻ نصيب ٿيو آهي. پاڻ رسول الله ﷺ جن جي چانئٺ چمي آيو آهي.

نه ٿي ميهڙ وٽي مون کي نه کي ڳوٺ اباڻو
اهو مان ڪرڻ مدنيءَ سان ادا اظهار چاهيان ٿو[1]

پيجي وئي بُت پرستي ۽ اپريو اسلام جو سورج
قدم تنهنجي تان صدقو ٿيو محبوب ڏيپر پلي آئين[2]

کهڙن لفظن ۾ تنهنجو شان چوان
تو کي طٰهٰ يٰس مهربان چوان
تنهنجي تعريف دم دم ڪيان ڪيان
تنهنجي نانءَ تان صدقي ٿيان ٿيان
ڏوئي پَير پرين تنهنجا پِيان پِيان[3]

منهنجي نبيءَ جي شانُ جهڙو ڪنهن جو شانُ آ
مليو رب کان اهڙو ڪنهن کي دانُ نه آ[4]

آيو معراج ماڻي مدني منو هڪ رات ۾
ڪئي ڪيڪار عربي کي مولا التحيات ۾[5]

ڪيو پوري صدا منهنجي، اچان ميهڙ ڇڏي مدني
تنهنجي گهر جي سامهون پنهنجو ويهان گهرڙو اڏي مدني[6]

بهرحال سُگهڙ شاعر محبوب ڏيپر جي شخصيت ڏات جي ڏيهه جي اهڙي صدا آهي جيڪا نه صرف هن دور ۾ گونجي ٿي پر ايندڙ

1. ڪلام دائود، ص 20.
2. ايضًا 15.
3. ڪلام دائود، ص 121.
4. محبوب ۽ ميهڙ، ص 25.
5. ڏيپر، محبوب علي، منا ٻول محبوب جا، ص 53، حيدرآباد، الرزاق پرنٽنگ ايجنسي 2010ع.
6. ايضًا ص 63.

دور ۾ اهو آلاپ دل جي حضور سان ٻُڌو ويندو. قادر بخش ڏيپر جي ڳوٺ ۽ خاندان جي هن چشم و چراغ پنهنجي زندگيءَ جو تمام گهڻو عرصو سنڌي ٻولي کي ڏئي پاڻ کي مَڃائهون ڪري ڇڏيو آهي. هر ادبي پروگرام جو هي ماڻهو سِينگار آهي ۽ سندس چيل ٻول هر ڪنهن جي زبان تي پيا گونجندا آهن. اهو ئي هڪ ڏات ڌڻيءَ جي ڏات جو ڪمال آهي جو هر روح ۾ وَسي ۽ رَسي ٿو ۽ ڪيس پذيرائي ملي آهي. آخر ۾ سنڌ جي هن سپوت ۽ مسڪين ماروئڙن جي وڪيل سُگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر لاءِ الله تعالىٰ کان هي دعا گهران ٿو ته شال پاڻ خضري حياتي ماڻي. آمين

پروفيسر عبيدالله لاڪير

پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ميهڙ

03003093627

30 مارچ 2022ع ڳوٺ بخش لاڪير

پيار ۽ پريت جو طالب "عارفي" علي اصغر چانڊيو

شاعري اُڌمن ۽ احساسن جو اظهار هوندي آهي. هن ڪتاب "پرينءَ جي پچار" جي سَرجڻهار علي اصغر چانڊيو پنهنجي نازڪ نفيس احساسن کي لفظن جو لباس پَهرائي اهڙي ته خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو پڙهڻ وارو ضرور لطف اندوز ٿيندو. سندس ٻولي عام رِواجي آهي پر سندس خيال ۽ فڪر انتهائي گهرا بيان ٿيل آهن. هن ڪتاب ۾ سندس لکيل حمد، نعت، ڪلام، ڪافي، غزل ۽ وائي شامل آهن. سندس نعتيہ غزل جو هڪ بند هن ريت آهي:

ڪري ويا قربان نبي تان سِرَ گهر،
اصحاب جنگ احد خندق ۾
فتح هڪل سان علی ڪئی، حيدر
ماڳ انهيءَ تي رساءِ مولا

هن شعر ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي اصحابن جو شانُ مبارڪ، سندن قربانيون ۽ ڪاميابيون بيان ڪيل آهن ۽ شاعر انهن ماڳن ۽ مَڪانن تي وڃڻ ۽ انهن جي اکين سان زيارت ڪرڻ جي شديد خواهش رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ سماجي قدرن جو تيزيءَ سان ڪِري پوڻ يا تبديل ٿيڻ شاعر کي سخت متاثر ڪيو آهي. جيئن سماج ۾ دوستي مضبوط رشتو هوندو آهي پر جتي دوستن کان ڌوکا ملن ته شاعر ايئن چوڻ تی مجبور ٿيو وجی:

سچا دوست بازو چئبا ته آهن
مگر اڄ منافق پنهنجا ٿی پيا هن
وڌي دوستيءَ مان وئي دشمني آ

اڄ ڪلهه اخبارن يا سوشل ميڊِيا تي پيءُ ۽ پُٽ جهڙي عظيم رشتن ۾ به اختلاف ٻُڌي انسان دنگ رهجيو وڃي. هن شاعر به انهيءَ لقاءَ کي محسوس ڪندي هيئن چيو آهي:

خدا خوبصورت جوڙي ساري ڪائنات آ
مگر اڄ تہ پيءُ ۽ پٽ ۾ تي پيو اختلاف آ
سچو ناهي چاهہ رهيو چاهت جو ڪال آ

جتي چاهہ ۾ سچائي نہ هجي تہ اتي چاهت جو ڪال يعني ڪوٽ محسوس ٿيندي آهي پر افسوس پيءُ ۽ پُٽ جا فطري محبت جا شاندار رشتا بہ لوڀ ۽ لالچ جي ڪري اهو چاهہ ۽ چاهت وڃائي چڪا آهن. سماج ڪي يا سماجي وڏڙن جو جيئندان محبت تي بَدَل رشتن سبب هوندو آهي، پر جتي محبت زيرو هجي تہ شاعر ڪان بي اختيار اهي لفظ نڪري پون ٿا تہ:

محبت وارا ماڻهو ويا وئي محبت آ
ڏسان ٿو باقي بچيو ڪَلَرُ ۽ ڪَيري آ

رشتن جو زوال تڏهن ٿيندو آهي جڏهن انهن رشتن ۾ محبت ۽ سچائيءَ جي رَسُ ۽ چَسُ نِڪري وڃي ٿي. جيئن هڪ جاءِ تي شاعر چوي ٿو:

وڃين پرديس تي پيارا وڻج واپار پيارو ڪئي
وِڃائيندي نيڻ راهن ۾ جوين منهنجي جواني وئي

وري پنهنجي محبوب کي ميارون بہ خوبصورت انداز ۾ ڏيندي چوي ٿو:

ميڙياسين ٻير ٻيرين مان، ڪاڏيون پسيون سنگر پِيرو
ڪيون سِين ڏندڙيون ڦوٽن جون سَجڻ چا يادون سي وِسريئي

نندي هوندي ٻير مَيڙڻ، پسيون، سنگر يا پِيرو ڪائڻ، ڦوٽن کي باهہ تي سَيڪي ڏندڙي ڪري ڪائڻ جو مزو پنهنجو هوندو آهي ۽ اهي گهڙيون نہ صرف شاندار هونديون آهن پر يادگار بہ هونديون آهن. انهيءَ شعر ۾ اڳتي فطرت جي مَنظر ڪشي ۽ ٻهراڙيءَ ۾ ٻنين اندر فصلن جي دلڪشي بہ شاعر تمام وڻندڙ انداز ۾ بيان ڪئي آهي .

ڦهري ڌرتي سائي چادر، سُهاني چيٽ موسم آ
پلي پالڪ جوئر ٻاجهر آهن سَنگ ڏس جهليا مَڪئي

سنڌ جا روايتي فصل جوئر، ٻاجهر يا ڪائڻ جون روايتي شيون/

ڪاڏا پَلِي، پالَڪَ يا ساڳ ڌرتيءَ جي تهذيب ۽ ثقافت جي سُڃاڻپ آهن. انهن جو ذِڪر ڌرتي ۽ ان جي روايتن سان محبت جو اظهار پڻ آهي. شاعر نہ صرف انساني پيار ۽ پاٻوهہ جا گُهرجائو هوندا آهن پر امن سندن خواهشن جو مرڪز هوندو آهي.

امن ۽ پيار ٿئي قائم هجن موجون محبت جون
سچي نيت سان هر ماڻهو پنهنجي نفرت پَلَي وہ وا

امن ۽ پيار قائم ٿي وڃي ۽ نفرت پلجي پئي تہ وہ وا ٿي وڃي. اها هر حساس دل جي خواهش هوندي آهي.

شاعر زندگي فاني سمجهي ٿو ۽ ان کي رنج جي حوالي ڪرڻ کان پنهنجي محبوب کي روڪيندي صلاح ڏئي ٿو:

بقا ناهي ڪنهن کي آهي جڳ هي فاني
هميشہ حُسن هي رهڻو ناهي
ڪنهن جو رَنج پيارا چڱو يار ناهي
هتي ڏينهن دلبر آيا چار آهيون

بهرحال هن ڪتاب ۾ پڪي پُختي شاعريءَ ۾ شاندار فڪر بيان ڪيل آهن. پڙهڻ وارو ضرور لطف حاصل ڪندو. شاعر ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار بہ خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي.

دلڪش حَسين آهن سنڌوءَ جا ٻئي ڪنارا
هيءَ سنڌ ۽ سنڌي هِن مِهراڻ موج ڌارا
ڏائڻ جي بد نظر کان سنڌ کي مولا بچائي

بس دعا ٿي ڪجي تہ سنڌ امن جو مرڪز هجي جتي محبتون قائم هجن ۽ روايتون زندهہ سلامت رهن، سنڌي ٻولي سنڌوءَ جيان چوهہ واريون چوليون هٽندي رهي ۽ علي اصغر چانڊيي جهڙا نازڪ نفيس قوي سنڌ ۽ سنڌ جي روايتن جا عاشق گيت لِکندا رهن. مان هن سادي سڀاجهڙي شخصيت واري، اعليٰ ظرف انسان ۽ ٻيباڪ جذبن جي نازڪ نفيس شاعر علي اصغر چانڊيو کي پنهنجي شاعريءَ جي ٻئي ڪتاب "پرينءَ جي پچار" آڻڻ تي لک لک واڌايون ڏيندي خوشي محسوس ڪيان ٿو ۽ يقين سان چوان ٿو تہ پڙهندڙ بہ هن شاعر جي منفرد شاعري کي پڙهي ضرور مزو ماڻيندا.

محبوب ڏيپر ۽ سندس نور نِچوڙيل

الحمدلله محبوب ڏيپر جو هِي ڏهون ڪتاب "مون پيي نور نچوڙيو" پڙهندڙ دوستن ڪي هٿن ۾ آهي. ڪيس لک لک مبارڪون. هن ڪتاب ۾ حمد، ثنا، نعت، قصيده، منقبت، بيت، نظم، غزل، ڪافي ۽ چؤ ستا شامل آهن.

محبوب علي "محبوب" ڏيپر سنڌ جو مجيل سُگهڙ ۽ شاعر آهي، جنهن تقريبًا شاعريءَ يا سُگهڙائپ سان لاڳاپيل هر صِنف تي پرپور طبع آزمائي ڪئي آهي. هي ڪيترن ئِي سُگهڙن ۽ شاعرن جو استاد پڻ آهي. محبوب ڏيپر جون لکيل سِٽون هڪ گهرو مُشاهدو ۽ منظر نگاريءَ جو عَڪس پيش ڪن ٿيون. سندس ڪلام ۾ طِنز سان گڏ اصلاح پڻ آهي.

ويهي حڪيمن ڪيا نٽ
سور مڙيو ئي سُيون اٽ

بئي هنڌ چوي ٿو:

ثقافت ڪاتي ڪرايا رَڄَ
نہ وننڌڙ ڪي شرم نہ ڏيندڙ ڪي لَڄَ

سُگهڙ سنڌ جي ثقافت جو سَفير آهي پر ثقافت ڪاتو سُگهڙ يا شاعر ڪي گهربل همت افزائي ۽ سَهائتا ڏيڻ ۾ قاصر رهيو آهي. اسان ڏِسون ٿا تہ هي انتهائي حساس ماڻهو ڪسمپرسيءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. محبوب ڏيپر جيڪي بہ ڪتاب ڇپرايا آهن ايئن ڪٽي ڇئجي پيٽ ڪي پٽر ٻَڌي ڇپرايا آهن. ڪنهن بہ اداري هن جي ڪتاب ڇپرائڻ ۾ مدد ناهي ڪئي. ڏنو ويو آهي تہ ادارا بہ انهن اديبن، شاعرن يا سُگهڙن جي مدد ڪن ٿا جيڪي يا تہ خود صاحب حيثيت آهن يا ڪين وڏن ماڻهن جي پُٺ پرائي آهي. محبوب ڏيپر جهڙا فقير صِفت ۽ پنهنجي انا جي ٻَل تي جيئندڙ انهن ادارن جي نظر ۾ نہ آهن. پر هي ٻوليءَ، ترقي ۽ ثقافت جا بيباڪ عاشق پل بہ ڪنهن جي آسري ۾ واندا نہ وينا آهن پر پنهنجو ڪم ڏينهن رات دل جي حضور سان جاري رکيون پيا اچن. محبوب ڏيپر ڪوبہ دل

ڪي رنج پهچائيندڙ واقعو جنهن ۾ ڌرتي ڌڻي بيگناهہ سر عام ماريا ويا هجن ناهي وساريو. جيئن 70 ڪلفٽن ڪراچيءَ جو واقعو هن جي مخصوص احتجاج واري رنگ ۾ رنڱيو آهي.

ڪشمير واري هتڙي ڪار
توڪي ڇئجي ڇا سرڪار
عاشق جتوئي فقير ڪُنو تو
مرتضىٰ مِنڙو مِير ڪُنو تو
هن واري جو وزير ڪُنو تو
سُورن ڪيو آ نڪئون تار
توڪي ڇئجي ڇا سرڪار

مِير مرتضىٰ ڀٽو ۽ عاشق جتوئي عوامي مزاج رکندڙ سياسي اڳواڻ هئا جن ڪي ان وقت جي طاقتور ڌرين سياسي ۽ نظرياتي اختلاف سبب مارائي ڇڏيو هو. محبوب ڏيپر جي شاعريءَ جا موضوع سماجي رويا ۽ سماجي غلط لاڙن سبب سماج تي پوندڙ اثر بہ اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيل آهن .

انگريز ڪان اسان جون ڇڙهي ويون چالون
اڄ جي مَردن ڪان ٿي ويون زور زالون
اڇن روز نِياڻي ڏي ڏهہ ڏهہ ٿيون ڪالون
گذري ڏينهن تہ ان لاءِ وِڄهون فالون
ختم ٿي ويو تنهنجي دِيدن جو دئو آ
خبر اٿئي تہ گهٽي وِيهين سؤ آ

ساڳي طرح ميڊيا ۽ موبائل جي غلط استعمال سبب جيڪي غريب ۽ شريف ماڻهن سان وَهَي واپري ٿو اهو هن سُگهڙ شد ۽ مَد سان ذڪر ڪيو آهي .

دؤر ميڊيا جي ماري وِڌو
ڪيئن ڪاليج ۾ ڌِيءُ پڙهايان
ڳٽي انهيءَ آ ڳاري وِڌو
ڪيئن ڪاليج ۾ ڌِيءُ پڙهايان

بئي هنڌ لکي ٿو:

واھ جو پڙھي آئي چوري
گھر مان هلي وئي زوري
نڪا لڪي نڪا چوري
ڳالھ تہ مون لئي ٿي پئي ڳوري
عام چون تہ هِنيانءُ نہ هار
اهڙو مذهب ناهي ڪار
زبان تي ڪلمو دل ۾ گار
اهڙو مذهب ناهي ڪار

بهرحال محبوب ڏيپر سماجي الميا ۽ انياءَ بيان ڪرڻ جو وڏو ڏانءُ رکي ٿو.

اڄ پنهنجن مان ٿو وڏي وير
ڪير نہ گھري ٿو ڪنهن جو خير

لڳي اهڙو ويو واءُ ڏسان ٿو
ياءُ جو دشمن ياءُ ڏسان ٿو

سندس هر ڪتاب ۾ جيڪو مواد آهي اهو بلڪل مختلف آهي. سندس هي ڏهون ڪتاب ٻين سيني ڪتابن کان منفرد مواد سان ڀرپور آهي .

ڏسون ٿا پنهنجن جا پرڪار، ڪهڙي آزادي آهي يار
ڏيم وڏا ڀي جوڙن پيا، رخ سنڌو جو موڙن پيا

سندس هي الڪا ۽ آواز عام ماڻهو جو آواز آهي جيڪو ڌرتيءَ جي سيني رُخن جي عَڪاسي ڪري ٿو. منهنجي طرفان ڪيس هڪ دفعو ٻيهر مبارڪون[1].

پروفيسر عبيدالله لاکير
ميهڙ 7 آگسٽ 2020ع

1. ڏيپر، محبوب علي، مون ڀي نور نچوڙيو، ص 16 کان 18، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2020ع.

ياد جا ڏيئا ٻاري ويهندڙ ذات ڏٺي (مهاڳ)

سنڌ جي مشهور سگهڙ شاعر ۽ ميهڙ جو ماڻُ مَٽانهون ڪندڙ محبوب علي "محبوب" ڏيپر جو هي تيرهون ڪتاب "رب نہ تنهنجي ياد وِساري" اڳين ڪتابن کان منفرد ۽ نوان خيال مُتعارف ڪرائي ٿو. هن ڪتاب ۾ مختلف صِنفون خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيون آهن. جن ۾ حمد، نعت، غزل، ڪافيون ۽ بيت بهترين انداز ۾ لکيا ويا آهن. هڪ نعت ۾ ليکڪ پنهنجو خيال هن طرح پيش ڪيو آهي:

بنا عمل بيڪارن جو الائي ڇا حشر ٿئي هان،
صدقي مصطفىٰ جي بدڪارن جي صورت سلامت آ.

محبوب علي "محبوب" ڏيپر جا استاد مرحوم اسحاق راهي سومرو جن هئا. جيڪي پڻ سنڌ جا مَجيل شاعر هئا. هن ڪتاب "رب نہ تنهنجي ياد وساري" ۾ ٻين شخصيتن سان گڏ پنهنجي استاد کي ياد ڪندي چوي ٿو:

استاد راهي کي هر هر ساري،
دل پئي رت جا ڳوڙها هاري،
مزو ميهڙ ۾ نہ ساڳيو رهيو آ،
وِسوسن ۾ مُنجهي مَنُ پيو آ.

ٽرڙي محبت سان تعلق رکندڙ ناظم مَنگي بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. بهترين شاعر ۽ اعلىٰ ظرف انسان هو، ان کي بہ سُگهڙ شاعر ياد ڪندي چوي ٿو:

تنهنجي وڃڻ جي ناظم ڪَلَ ڪانہ پئي،
لِڪائي ڇڏيان هان اها ڳالھ ويئي،
ڏکن مَٽان ڏکڙا، ڏيون ٿون هليو وئين.

تن سان گڏ استاد بخاري کي بہ ياد ڪيو اٿس. ميهڙ علم ۽ ادب ۾ شخصيتن سان ڀريل آهي، جيڪي پاڻ مَلهائي دارالفنا ڇڏي دارالبقا طرف راهي ٿيا. انهن ۾ شمس الدين بلبل، غلام محمد گرامي، ضياء بن شمس الدين بلبل خاص طور شامل آهن، جن جي

ياد ۾ سگهڙ شاعر چوي ٿو :

مَهان ماڻهو موتيءَ داڻا ويا،
شمس الدين بلبل ۽ گرامي ضيا،
ٻاري اونداهيءَ ۾ لاٽ هليا ويا،
ڏَسي اخلاق جي واٽ هليا ويا،
ڪيئون راهون روشن ٻاري ڏيئا،
شمس الدين بلبل ۽ گرامي ضيا.

ميهڙ جي ريسرچ اسڪالر محترم مولانا اعجاز علي سوڍر ميهڙ جي شخصيتن تي ڪتاب آندو هو تازو 2020ع ۾ ڇپجي آيو، جنهن ۾ جن ٻه شخصيتن ڪان متاثر هو انهن کي هڪ ڪتاب ۾ سهيڙي پيش ڪيائين. جنهن لاءِ سگهڙ شاعر چوي ٿو:

مَهان ماڻهو ميهڙ جا ويا ماڻُ ماڻي،
ويا تاريخ ۾ لکجي مون کي رب ٿو ڄاڻي.

هن ڪتاب ۾ شخصيتن، واقعن ڪان علاوه متاثر ڪندڙ حالتن کي سُهڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي:

منهن تي ماسڪ پائي جاني، نظرن سان گهٽا ناس ڪندين،
سونهن وارن ۾ سپني ڪان اڳ پنهنجو بل تون پاس ڪندين.

هر هڪ شاعر جي مجازي شاعري پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪيل هوندي آهي. سين کي مُختلف انداز ۾ ڏِسڻ، پرکڻ ۽ محسوس ڪرڻ هر ڪنهن جو مختلف ۽ مُنفرد هوندو آهي. فارسي جي هڪ شاعر چيو آهي ته: "جنهن عشق ناهي ڪيو اهو اسان جي قبيلي مان ناهي". شاعر اصل ۾ حُسن، فطرت جو عاشق ۽ مداحي آهي ۽ سندس شاعري جمالياتي ذوق جو اولڙو هوندو آهي. سُگهڙ شاعر محبوب ڏيپر جو جماليات کي ڏِسڻ، پَرکڻ ۽ محسوس ڪرڻ ڪمال جو آهي، پر سندس انهي احساس کي قلمبند ڪرڻ به شاندار آهي. هن ڪتاب ۾ سندس مختلف خيال پيش ڪجن ٿا:

واندڪائي ۾ موليٰ تو کي دلبر اهڙو ڏاهيو آ،
مصورن پنهنجا وَس ڪيا، پر ڏاڻُ نه ڪنهن کي آيو آ.
ڏندين آگريون ڏيهه کي آيون، وات غيرن جا پٽجي ويا،

پيار پنهنجي جي هاڪ دنيا ۾ هلي اهڙي جو ڳالهه نه پڇ.
نينهن ته شينهن آهي يارو متان ماکي اڪ جي،
ڏکيا ڏاڍا آهن تن جا انگل آرا ادا چپ ڪر.
پلي تون نه ڳالهاءِ ته به تنهنجي ڪري،
تنهنجي ڳوٺ مان ايندس پير پري.

هر شاعر مجاز سان گڏ سماجيات ڪان به مُتاثر هجي ٿو. سُگهڙ شاعر ته گهڻي قدر اصلاحي هوندو آهي، اهو سماج جي لاهِيُن، چاڙهين، خامين ۽ خوبين کي بهتر انداز ۾ پيش ڪرڻ جي سَگهه رکي ٿو. سُگهڙ شاعر محبوب ڏيپر جا اصلاحي شعر به ڪمال جا آهن:

لَلُو پنجو جي پويان نه لڳ تون،
ماڻهو مِني ڪنهن مَور سان هل تون،
پنهنجي مان بچائڻ خاطر سوچي،
نه گڏجي چغل خور سان هل تون.
ٿچ موبائيل پهتي يار،
هٿ پڙهڻ تان کڻي ويا ٻار،
موبائيل سان ياري ٿي پئي،
تعليم ڪان دل عاري ٿي پئي،
دلڙي ڪٿي ڪاري ٿي پئي،
مزي موبائيل لاءِ ويهن پيا ٻار،
هٿ پڙهڻ تان کڻي ويا ٻار.

نئين دؤر جا سماجي مسئلا به نوان آهن، جيئن موبائيل نئين دؤر جي فائديمند ايجاد آهي، پر ان ۾ نوجوان ايترا گم ٿي ويا آهن جو پنهنجي پڙهائي ۽ ضروري ڪمن ڪان غافل ٿي ويا آهن، ان ڪري هر شيءِ جو ضرورت ڪان وڌيڪ استعمال نقصان ڏيندڙ هجي ٿو .شاعر اهو منظر چٽِيو آهي ته نوجوان جو وقت تمام قيمتي آهي، ان کي فضول حرڪتن ۾ ضايع نه ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ هنڌ چوي ٿو:

مان سُگهڙ نه ٿيان ها چور هجان هان،
سنڌ سڀي ۾ گور هجان هان،

پوليس وڏيرا پاسو منهنجو،
سيني کان مان زور هجان هان.

معاشري جا الميا سُگهڙ شاعر خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيا آهن. جيئن پوليس جو ڪم عام عوام جي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ ڪرڻ آهي، پر اهي عام طور اعتماد ان ڪري وڃائي وينا آهن جو چور ۽ لوفر کي سَپورٽ ڪن ٿا ۽ انهن جي پُٺِ پَرائي وڏيرو به ڪري ٿو جيڪو معاشري ۾ پنهنجي رُعب ۽ غلط ڪارين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ سِياست جي مدد سان پوليس تي حاوي رهي ٿو. بهرحال اهڙا سماجي ناسور هر سُگهڙ شاعر پنهنجي ڏات ۽ ڏانءُ سان ظاهر ڪيا آهن ۽ اصلاحي خيال ڏنا آهن ته جيئن اهي بُرايون ختم ٿين ۽ معاشرو تهذيب يافته ۽ پُرامن ٿي وڃي. سُگهڙ شاعر جي هن ڪتاب ۾ به سماجي اصلاح لاءِ جاندار خيال هر هنڌ جَرڪن ٿا ۽ سَگهاري سَوچ پيش ڪن ٿا. پرپور اميد ڪجي ٿي ته پڙهندڙ هن ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ سُگهڙ شاعر محبوب ڏيپر جي ڏات ۽ ڏانءَ کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا[1].

پروفيسر عبيدالله لاکير

---

1. ڏيپر، محبوب علي، رب نه تنهنجي ياد وساري، ص 7 کان 10، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2022ع

ٿاندا ٻٽيل سماج جو وڪيل

سماج ماڻهن جي رهڻي ڪَهڻي، ثقافت، ٻولي، روايتن ۽ تهذيب جي عڪاسي ڪندو آهي. سنڌ ۾ هاڻي اهو سماج ناهي جنهن ۾ پنهنجائپ، سَهپ، ننڍ وڏائي ۽ اخلاق جا اعليٰ قدر موجود هُجن. سُگهڙ ديدار سَيال جي بقول:

هرڪو لڳو پيو آ تيز توائي، يار اهڙي ڪاوڙ ڪِٿان آئي؟

شاعر يا ليکڪ سماج جي نبض هوندو آهي جيڪو سماج جي بهترين روايتن سان گڏ اڻ وڻندڙ رَوَين جي مُشاهدي کي به پنهنجي فن ۽ فِڪر ذريعي پيش ڪندو آهي. ميهڙ جي مَشهور سُگهڙ ۽ شاعر محبوب ڏيپر سماج جي انهن اڻ وڻندڙ رَوَين، ڪوڙ ۽ ڪِروڌ جي دنيا ۾ سچ ڳالهائڻ معنيٰ ٿاندن تي پَيرُ رکڻ برابر آهي. جتي هر ماڻهو منافقت ۽ ڊوڪي بازيءَ کي پنهنجو هنر ۽ ڏاهپ سَڏيندو هُجي، اتي سَچ ڳالهائڻ وارو ماڻهو اڪيلو ۽ اڻ وڻندڙ سَمجهيو ويندو آهي. سُگهڙ شاعر محبوب ڏيپر هميشه اهڙي ٿاندن جهڙي سماج جو وڪيل رهيو آهي، جتي سماج اڻ برابري، مَعاشي قتل، لوڀ ۽ لالچ جي حڪمراني عام هجي اتي سچ جو پاسو ڪٽندڙ ويڳاڻو ۽ ويچارو ڪوئيو وڃي ٿو.

منهن تي ڪنهن کي مشابهت ڏئي، ڪوڙا پاڪر هٽندو ناهيان،
سچ چوان ٿو منهن تي سڀ کي تڏهن ڪنهن کي وڻندو ناهيان،

هن ڪتاب ۾ به سُگهڙ شاعر محبوب ڏيپر پنهنجي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن کي سُهڻي نموني ظاهر ڪيو آهي. جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو:

تنهنجي يار جدائي جا ڏُکي درد پيا ڏاڍا
ٿاندن کي ڏئي ڦوڪون وري مَچ مَچائن ٿا

جدائيءَ جي تڪليف اندر ۾ ٻَرندڙ چِٽنگ مِثل آهي جيڪا اندر ۾ دُکندي رهي ٿي ته پوءِ آخر مَچُ مَچي ٿو وڃي ۽ پوءِ اذيت ۽ تڪليف جي ڪيفيت اهو ئي سمجهي سگهي ٿو. جيئن چوندا آهن ته

"هنڌ اهو سَڙي جتي باھ ٻَري". ٻئي هنڌ ساڳي ڪيفيت هن طرح بيان ٿيل آهي:

هليو وئين طرف اهڙي جو جتان ڪوئِي وريو ناهي
هاريان ٿو لڙڪ ٿانڊن تي اندر پوءِ پيو ٺريو ناهي

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ماڻهو جو موت انسان جي مَٿان وِڄ وانگر ڪِرندو آهي. ڪيترو بہ روئجي پر اندر ٺرندو ناهي، چو تہ ڪي ماڻهو ايترا پسنديده ۽ پيارا هوندا آهن جو انهن جو وِڇوڙو دل ۽ دماغ قبول ناهي ڪندو. جيئن چوي ٿو :

پچري پچري ٿانڊن تي مون پنهنجي جان جلائي آ،
پر پيو ياد تنهنجي دل تان مِنٿا مون نہ ڀُلائي آ،
تنهنجي جدائي يار ڪرايا ويس مون کي من ڪارا هن.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ پنهنجي اهڙين ڪيفيتن جو ڪافي جڳهن تي وَرجاءُ ڪيو آهي. جيئن چوي ٿو:

ٿانڊن تي پير پائي اسان جُهومي نچي رهيا هُون،
پروانا بڻجي عشق ۾ دلبر پچي رهيا هُون.

فارسي شاعر چيو آهي تہ "جنهن عشق ناهي ڪيو اهو اسان جي قبيلي مان ناهي". عشق خود آتش جي انتها آهي، جتي انسان پنهنجي وجود کان لاتعلق ٿي محبوب جي ڪري باھ ۾ پچي بہ منزل حاصل ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. جيئن پروانا پاڻ کي باھ ۾ پسم ڪري عشق جي انتها جو ثبوت پيش ڪندا آهن. هن ڪتاب ۾ سياسي بيچيني ۽ ادارن جي ناقص ڪار گذاري بہ سُگهڙ شاعر طرفان عوامي اواز جو آلاپ بڻجي ظاهر ڪئي آهي .

هي لڳي مٽي ۾ نائي ويا،
ملڪ ميڙي سڀ ڪائي ويا،
اسپتالون ڇڏيئون اهڙيون پري،
ماڻهو ماڻهو کان رکيئون پري،

ٻئي هنڌ چيو اٿس:

ڪرونا وائرس جا ڏئي وٺ سٺ،
پني پئسا حڪومت ڪيا نٺ،

حڪومت جو عوام دشمن رويا شاعر چٽا ڪيا آهن تہ ڪرونا جي نالي تي وفاقي سرڪار سڄي دنيا کان اربين روپيا مدد طور ورتا پوءِ انهن کي اهڙي طرح ڪپايو جو عقل دنگ رهجي ويو. خير هن ڪتاب ۾ سُگهڙ شاعر محبوب ڏيپر سچ جو عَلم بلند رکيو آهي. سچ بہ اهڙو واقعي ٿانڊن تي پير جهڙو آهي. هن هميشہ سچ ڳالهائي عوام جي اهنجن ۽ احساسن جي وڪالت تمام سُهڻي انداز ۾ ڪئي آهي. وڌيڪ پڙهندڙ هن ڪتاب ۾ سندس اهڙيون ڪيفيتون خود پڙهي محسوس ڪندا. هن ڪتاب ۾ نظم، بيت، ڪافيون، نعت ۽ حمد سميت سڀ صِنفون بيان ڪيل آهن. مان پنهنجي طرفان سنڌ جي هن بزرگ سُگهڙ شاعر کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو جو هن سنڌي ٻولي کي ٻارهون ڪتاب ارپيو آهي ۽ هن پنهنجي دور جي احساساتي تاريخ لکي ايندڙ وقت لاءِ وڏو ڪم ڪيو آهي[1].

پروفيسر عبيدالله لاڪير (ميهڙ)

5جولاءِ 2021ع

مُقدمو (ڪنهن کي ڏجي دانهن؟)

لوڪ ادب عام ماڻهوءَ جي ٻولي، مِزاج ۽ نفسيات جو الڙو هوندو آهي، جنهن ۾ ان خطي جي تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ جو بيان هوندو آهي. لوڪ ادب ذريعي ئي ماڻهو ان قوم جي سماجي، معاشرتي ۽ ثقافتي قدرن کي سمجهي سگهي ٿو. هن ڪتاب "ڪنهن کي ڏِجي دانهن؟" سُگهڙ ديدار علي سيال جو لوڪ ادب متعلق چوٿون ڪتاب آهي. سندس پهريون ڪتاب "ديس وسي ديدار اسان جو " ۽ ٻيو ڪتاب "فيصلا انصاف جا" نثر ۽ نظم جو گڏيل مجموعو ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن. ٽيون ڪتاب "ڪل جڳ رهندا ڪاپڙي" پڻ مشهور آهي. هي ڪتاب پهرين ٽنهي ڪتابن کان وڏو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪتاب ۾ وزندار دانهن آهي. ليکڪ هن

1. ڏيپر، محبوب علي، سگهڙ شاعر، ٿانڊن تي پير، ص 7، 8، 9، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشر 2021ع.

سماج ۾ سماجي، معاشي ۽ معاشرتي ناانصافيون ڏسي شايد قوم کي هڪ اونهي ۽ اونداهي کاهيءَ ۾ ڪِرندو ڏسي دانهن ڪئي آهي. ڪتاب جي شروعات حمد ۽ ثنا سان ٿئي ٿي:

تو ڪان رحمت ڪافي گهران ٿو،
ڏوهن جي مان معافي گهران ٿو،
ڏاڍو هان ڏوهاري الله، منهنجي توبہ زاري الله،

سگهڙ ديدار علي سيال منهنجي پر واري ڳوٺ دائود ديرو جو رهواسي آهي. هي پيشي جي لحاظ کان مزدور آهي. پر سچ آهي تہ "الڪاسب حبيب الله". هن تي خدا تعالىٰ جي خاص مهرباني آهي. پنهنجي پورهيت هجڻ تي فخر ڪندڙ، بظاهر ميرڙو ۽ ميرانجهڙو ماڻهو اندر ۾ اونها ۽ جرڪندڙ خيال رکندڙ آهي. سندس نبي ڪريم ﷺ جن جي شانُ مبارڪ ۾ لکيل نعتون ٻُڌندڙ جي دل ۾ حرارت پيدا ڪري، ليکڪ جي لاءِ دل ۾ هڪ خاص عزت پريو مقام پيدا ڪن ٿيون. سندس هڪ هڪ لفظ ۽ جملو عشق مصطفىٰ ﷺ سان پرپور هوندو آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ نعتن جو هڪ پورو باب لکيو آهي. هڪ هنڌ دعا گهرندي چوي ٿو:

سگهو ڪر وراڻي تون سردار سائين،
غربت ۾ نہ گاڏو گيڙي سگهان ٿو،
ڪري ڏي ڪشادو تون روزگار سائين،
نہ ٻارو ٻنيءَ جو، نہ ڪي گهر آ پنهنجو،
اوهان جي ئي آهيان مان آڌار سائين.

ان ڪانسواءِ هن ئي ڪتاب ۾ "نبي پاڪ ﷺ جن جي ملاقات جي تڙپ ۾ گذاريل 30 راتيون" پڙهڻ جهڙيون آهن. ليکڪ هڪ باب حضرت علي ڪرم الله وجهه جي دليري ۽ فضيلت بابت "علي عليہ السلام جو نام آ افضل" جي عنوان سان لکيو آهي. ان ڪانسواءِ دادو ضلعي جي مشهور بزرگ هستي، جيڪا سيوهڻ هاڻوڪي ڄامشوري ضلعي ۾ مَدفون آهي، يعني حضرت عثمان مروندي المعروف قلندر لال شهباز، شاعر ان کي بہ نہ وساريو آهي ۽ سنڌ تي آيل مصيبتن

خاص طور پاڻيءَ جي کوٽ لاءِ خوبصورت انداز ۾ هڪ ڏکهي مدد جي اپيل ڪئي آهي. جنهن جي شروعات هن طرح آهي:

پاڻي جر جالارو ڪر تون،
مست قلندر وارو ڪر تون،

سينگار لوڪ ادب جي طاقتور صِنف آهي. ان ۾ ليکڪ "سُهڻل جا سِينگار" لکي هن صنف کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

ڪلي نيڻ ڪٽندي تہ شعلا شم ٿي پوندا

ليکڪ سُر عمر مارئي کي ٽيهہ اکري ۾ هن ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ مارئي جي ست ۽ عمر سومري جي صبر ۽ تحمل کي ساراهيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ ليکڪ هن ڪتاب ۾ سُر سسئي کي بہ منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جيڪو پڙهندڙ کي ڏاڍو دلچسپ لڳندو. ليکڪ بنيادي طور سُگهڙ آهي، ان ڪري هن ڪتاب ۾ ڳجهارتون هڪ نئين انداز سان متعارف ڪرايون اٿس. جيڪي شاهہ سائين جي رسالي جي بيتن تي لکيون ويون آهن. انهن ۾ خصوصيت اها آهي تہ ڏيڻ ۾ ڳجهارت ۽ پيچڻ ۾ شاهہ سائين جو بيت ٿي وڃن ٿيون. اهڙي طرح ليکڪ جو پنهنجي سُگهڙائپ جي فن تي عبور نظر اچي ٿو. مثال طور:

ڳجهارت: پنهنجو عضوي جو ٻولي ٽيو جيت،
نالو پيار جون ان جي نالو ٻولي،
پيچڻي: حوصلو حيرت ۾ وجي ٿيو ويچون،
محبت جون ميچون، ڪير پروڙي ڪين ڪي.

ليکڪ طرفان "گُر چيلو" جا نوان لاڙا سنڌي ۾ متعارف ڪرايا آهن، جيڪي لوڪ ادب ۾ هڪ نواڻ ۽ خوبصورت واڌارو آهن. سُگهڙ ديدار سيال هڪ طرف پلوڙ سُگهڙ ۽ ٻوليءَ جو پارکو آهي، تہ ٻئي طرف انتهائي حساس ۽ سماجي اٿل پٿل کي باقاعدي محسوس ڪندڙ آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ "زماني جو حالتون" جي عنوان سان سماجي ۽ معاشرتي مسئلن کي سِڌي سَنئين انداز ۾ پيش ڪندي ذهن کي جنجهوڙيندڙ سوال ڏنا آهن. هن هڪ قوم جي سچي ۽ انتهائي مخلص ليکڪ جي حيثيت ۾ خبردار ڪيو آهي تہ اسان

جو سماج جهڙي طرح اخلاقي قدر وڃائي جنهن طرف وڃي رهيو آهي، ان ۾ اونداهيءَ ڪان سواءِ ڪجهه به ڪونهي ۽ اسان جي نِج سنڌي تهذيب ۽ ثقافت ايندڙ وقت ۾ هڪ وڏي نقصان کي مُنهن ڏيندي. ان تي ليکڪ مايوس آهي.

ٿئي عام پيو اڄ گذارو غمن ۾،
نه ٿئي نوٽ ڳاڙها ته پوءِ هوندين ڏکن ۾.

عام ماڻهوءَ سان رياست جو ورتاءُ ڪهڙو آهي، ان تي به ليکڪ انتهائي نالان آهي.

وري ڏس حڪومت ۾ آهي انڌوڪار،
پٽيون وات وينا اڄ آهن صوبيدار،
فرياد ڦٽن تي نه ڦوٽي تي ٿيا ڦهڪار.

حقيقت ۾ اهل قلم عام ماڻهوءَ جي زبان هوندو آهي ۽ هر ڪتاب ۾ ليکڪ اهو حق بهترين انداز ۾ نڀايو آهي.

ظلم سِتم آ ظاهر زاري،
چور چٽي ويو، پاڳيو ڏوهاري.

ٻئي هنڌ چوي ٿو:

الائي ڪِٿان هي آڪڙ آئي،
هر ڪو آهي تيز توائي.

هن سماج کي ڦر لٽ ڪري کوکلو ڪندڙ وڏيري جي ڪردار کي به وائکو ڪيو اٿس:

ڦٻائي حق هيٺن جا، ڀري ٿو پيٽ هو پنهنجو،
اهڙو پٽيل پيٽي جي پڳدار ٿيو ته ڇا ٿي پيو،

اڄ ڪلهه اليڪٽرانڪ ميڊيا، خاص طور ڪيبل سسٽم اسان جي معاشري تي سُنا اثر گهٽ، منفي اثر وڌيڪ ڇڏي رهيو آهي. هر گهر ۾ ٽي وي موجود آهي ۽ جيڪڏهن ڪيبل سسٽم به آهي ته پوءِ هر گهر ۾ ذهني تعليم ۽ تربيت جو جڙ ته هڪ ادارو کليل آهي. عام طور اسان وٽ لٽريسي ريٽ تمام گهٽ آهي ۽ ذهن ايترا مضبوط، تربيت ورتل ۽ سگهاري سوچ رکندڙ نه آهن، جنهن ڪري

ڪيبل ذريعي ناهمواري، گهٽ تعليم، رياستي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو شڪار آهيون ته ٻئي طرف حَسِين خواب ڏيکاريندڙ ڪيبل اسان جي معاشري کي ثقافتي، تهذيبي، نفسياتي قدرن جي حوالي سان سخت متاثر ڪيو آهي. ان لاءِ ليکڪ پنهنجي لکڻيءَ ۾ هيئن ٿو چوي:

نندي پيڻ ڊش جي مان وِي سِي آر آهيان،

اهڙي قسم جي ميڊيا جي معاشرتي پيچ ڏاهه جو منظر چٽيو آهي. سنڌ اڄ به سَوين سال پوئتي پيل غربت جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ ماروئڙن جو مُلڪ آهي. ان جا سبب رياستي ڏاڍ سان گڏوگڏ هن ديس ۾ هميشه دلاليءَ جو ڪردار ادا ڪندڙ وڏيرو ۽ پير رهيو آهي. اهي ٻئي ڪردار اسان مان هئا، پر اسان جا نه رهيا. وڏيري مالي طرح ۽ پير ذهني طرح اسان جي قوم کي ڦري، لُٽي، مُفلس بڻائي، صديون پوئتي ڌِڪي، مُقدر جي چڪي ۾ اٽي ڦاسائي ڇڏيو. نتيجي ۾ سماجي جياپي لاءِ اسان وڏيري کي پنهنجو سهارو سمجهيو ۽ روحاني جياپي لاءِ اسان پير ۽ مرشد کي پنهنجو رهبر سمجهيو ۽ نتيجي ۾ ٻنهي عوام کي ٻال وانگر ٺڏي، هڪ ٻئي ڏانهن اڇلائي پنهنجا پنهنجا سياسي ۽ سماجي مفاد حاصل ڪيا. ليکڪ انهن تاريخي قوم دشمن ڪردارن کي به چٽو ڪيو آهي:

پاڻ ته چٽو چور وڏيرو،
مارائي ٿو مور وڏيرو،
پاڳين جا ڪائي ڍور وڏيرو،
ڪهائي ڪمزور وڏيرو.

ان ڪانسواءِ ليکڪ پنهنجي هڪ ڏکهي شعر "تون به خوش پوءِ مان به خوش" ۾ ڌرتيءَ جي ويرين سان جنگ جو اعلان ڪيو آهي. "هاري جوٽي هر هلاءِ" شعر ۾ هن سماجي حوالي سان هاريءَ کي غفلت ڇڏي بيدار ٿيڻ جي تلقين ڪئي آهي ۽ روحاني حوالي سان هن ساڳئي شعر ۾ انسان کي خدا جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ سخت پورهيو ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. ان ڪان سواءِ ليکڪ هن ڪتاب ۾ ٻاراڻو ادب، دوهيڙا ۽ عشقيا ٻول به پيش ڪيا آهن. خاص طور سنڌس دوهيڙا ۽ عشقيا ٻول موسيقيت سان ڀرپور آلاپ آهن.

سُهڻا تو سينگار عجب هن، مُساڳي مينار عجب هن،
چهري تي چمڪار عجب هن، ريشم هي رخسار عجب هن،
اثر تنهنجي يار اکين، تون هين مِنا ماڻهو مَن،

هن ڪتاب کي پڙهڻ کان پوءِ خبر پوندي ته "ڪنهن کي ڏجي دانهن؟" لوڪ ادب ۾ هڪ خوبصورت ۽ مُنفرد اضافو آهي، جيڪو ليکڪ پيٽ تي پٿر ٻَڌي، ذات جا ڏيئا ٻاري لکي ورتو آهي پر ڪنهن به ادبي ۽ ثقافت جي سَيوا جي دعويدار اداري يا ان ۾ ڪم ڪندڙ ناليواري عملدار ڪڏهن به ديدار سيال جهڙن غريب ۽ مِسڪين حال ذات ڏٽين کي ڪنگهيو به ڪونهي، جنهن سان سندن پنهنجي قوم، ٻولي ۽ منصب سان سچائيءَ سان پول پڌرا ٿي پون ٿا، پر اسان کي فخر آهي ته اسان جي قوم ۾ اهڙا ڪردار به آهن جيڪي پنهنجي پوري زندگي لوڪ ادب جي خدمت کي ارپي، رضاڪاراڻي طور ڪم ڪندي، فخر محسوس ڪن ٿا ۽ هو انهن ثقافتي ۽ ادبي ادارن جي پڳهاردار ڪامورن کان وڌيڪ قومي ڪارڪن جو درجو عوام جي دلين ۾ حاصل ڪن ٿا. جيئن ليکڪ پنهنجي قوم کان مايوس ناهي پر اميد رکي ٿو ته:

هونديون هميشه يادون اسان جون،
سچو ٻول سُهڻو ٻڌائي وينداسين.

شل ليکڪ پنهنجي حياتيءَ ۾ هن سچي ٻول جي مجتا ڏسي سگهي. (آمين)[1]

دعاڳو
پروفيسر عبيدالله لاڪير
باني: ڳوٺ سڏار سنگت بخش لاڪير ميهڙ

1. سيال، ديدار علي، سگهڙ شاعر، ڪنهن کي ڏجي دانهن، ص 13 کان 19، حيدرآباد، پارس پرنٽنگ ايجنسي 2008ع.

مون هِينئن ڏٺو محبوب کي

ميهڙ جي مِٽيءَ اصل کان علم، ادب، سياسي، سماجي تحريڪن کي سَگهارا ڪردار مُهيا ڪري ڏنا آهن. انهن ۾ سيد علي اڪبر شاهه، سيد علي اصغر شاهه، شمس الدين بلبل، ضياءُ الدين ابن بلبل، شمس ابن ضياء ابن بلبل، غلام محمد گرامي، غلام نبي مهيسر، ناظم منگي، محمد نواز محزون پٽي، شمس الدين "شمسي" ناريجو، امير الدين "قاصر" ناريجو، سُگهڙ فقير ديدار سيال، عبد مگسي، اسحاق راهي سومرو ۽ ڪوڙ سارا ڪردار شامل آهن. جيڪڏهن انهن جا نالا لکجن ۽ سندن ڪيل پورهيي تي ڳالهائجي ته هوند وڏو ڪتاب لکجي وڃي پر هتي مقصد صرف محبوب ڏيپر جي ادبي پورهيي متعلق ڪجھ خيال ونڊڻ آهي. ان ڪري مختصر هي ته محبوب ڏيپر جو شاعري ۾ استاد ۽ اصلاح ڪندڙ ميهڙ جو مِنڙو ۽ منفرد انسان ۽ اعلىٰ پايي جو شاعر اسحاق راهي سومرو جن هئا. محبوب ڏيپر خود به پنهنجي استاد جو نالو وڏي عزت ۽ احترام سان وٺندو آهي ۽ قبول ڪندو آهي ته جنهن شاعريءَ جي دڳ تي مان هي ذات جا ڏيئا روشن ڪرڻ جي سَگھ رکان ٿو، اها منهنجي استاد جي مُسلسل رهنمائي ۽ همت افزائي جي ڪري ئي ممڪن ٿي آهي. محبوب ڏيپر جو هي انون ڪتاب "مون جيئن ڏٺو محبوب کي" شاعري جي مختلف صِنفن حمد، نعت، قصيده، منقبت، نظم، ڪافي، غزل ۽ گيت تي پرپور طبع آزمائي ڪيل آهي. مان ڪيس مبارڪباد ڏيان ٿو ته سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ هن انون ڪتاب تخليق ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ شاعري جا روايتي انداز موجود آهن. جنهن ۾ انساني ۽ سماجي رومانس سان پرپور تخيل موجود آهي پر محبوب جو لهجو ۽ شين جي پيش ڪرڻ جو ڏانءُ مختلف ۽ مُنفرد ٿي رهيو آهي. جيئن هڪ ڪافي ۾ چوي ٿو:

هڪڙي منٽ جي تو کان ملاقات گهران ٿو
هفتو، سال، مهينو نه رات گهران ٿو
آءُ ته گڏجي پيئون چانهن ميهڙ ۾

واهه جي ٿو هلين لوڏي ٻانهن ميهڙ ۾
سُهڻا تنهنجي حُسن جي آ دانهن ميهڙ ۾

ٻئي هنڌ هڪ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

تو ڪي پاڻ خدا ويهي ناهيو مِنا
اهڙا ناز نه مون ٻئي ڪنهن ۾ ڏِنا
اهڙو سُهڻو ڏٺو مون نه اڳي اڳي
ماريو تنهنجي گلابي وڳي وڳي
دل ٻئي سان نٿي هي لڳي لڳي

سندس حُسن کي پرکڻ، مَوهجڻ ۽ پوءِ انهيءَ جو ٻي قابو اظهار ڪرڻ ڏاڍو عام فهم ۽ دل کي ڇُهندڙ آهي. منهنجي محبوب سان جڏهن کان ڏيٺ ويٺ ٿي ته مون کي نه صرف هن جي سُگهڙائپ ۽ شاعري واري ڏات مَوهي وِڌو پر هي فقير صِفت سَفا سِڌو ۽ سادو ماڻهو ۽ هر ڪنهن جي خير گهرڻ وارو لڳو، جنهن جي زبان تي جيڪو به گفتو مون ٻُڌو ان ۾ سچائي ۽ احساس جي گهرائي محسوس ٿي. مون خود به انگريزي ادب پڙهيو ۽ پڙهايو آهي، ان کان سواءِ سنڌي ادب جو شاگردي واري دؤر تائين نيڪ ناڪ مطالعو ٿيل آهي، ان ڪري مون کي هن انسان ۾ انسانيت، امن پسندي، پيار ۽ پريت جو اولڙو نظر آيو. هونئن ته سنڌ سَموري سَون آ پر هر ماڻهوءَ کي پنهنجي پنهنجي علائقي سان خاص نسبت ۽ محبت هوندي آهي. محبوب ميهڙ شهر، ان جي ماڻهن، ان جي ڪردارن سان سچي محبت ڪندڙ انسان آهي. بلبل هائوس تي گڏ هر آچر ڏهاڙي سائين شمس الدين ابن ضياء ابن بلبل سان ڪچهري ڪرڻ ويندا هئاسين. سائين شمس الدين ابن ضياء ابن بلبل خود هڪ ادب شناس ۽ انسان شناس ماڻهو هو، جيڪو محبوب سان تمام گهڻي کِل يَوڳ ڪندو هو ۽ ڪيس پنهنجي ڏاڏي شمس الدين بلبل جا مزاحيه شعر ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو ته هاڻي تون به ٻُڌاءِ. سندن علمي ۽ ادبي ذوق اعليٰ قسم جو ۽ ڪچهري جو رنگ ڏاڍو وڻندڙ هوندو هو. ان جي دارالفنا کان پوءِ دارالبقا ڏانهن روانگي ٿي ته اهي ڏينهن ۽ هي

ڏينهن محبوب سَميت اسان بلبل هائوس جو در نه ٽپيو آهي. ان جو سبب علي نواز ناز جي هن لفظن ۾ سَمايل آهي:

عشق هاڻي ڪجي ڪنهن سان جيءَ جو جانان نه رهيو

سائين شمس الدين جي ياد ۾ محبوب بهترين پيتا پيش ڪئي آهي:

سائين شمس الدين جهڙو ٻيو ڪونه ٿيندو
اهڙو عظيم انسان وساريو نه ويندو
هو ٻيوس اسان کان ڪري ويو جدائي
منا ماڻهو ميهڙ جا مني جيئن منائي
رکي يار ياري ناهي تن ڦٽائي

محبوب کي ڪوڙ ۽ ڪِروڌ کان سخت نفرت آهي. جيئن چوي ٿو:

هر ماڻهو سوا سير ڏسان ٿو
نه پٽ تي ڪنهنجو پير ڏسان ٿو
ٻي ڏوها جيل اماڻي ٿو
ڪوڙ ته ڪرسي ماڻي ٿو

سندس نظم معاشري جي اصلاح جي جَهلڪ پيش ڪن ٿا:

هن ماستري ۾ جي جنگهه اڙايان ٿو
هڪ نه شهر جو ٻار پڙهايان ٿو

محبوب بظاهر ته هَشاش بَشاش ۽ ٻين جي خوشيءَ ۾ خوش نظر ايندو آهي پر سندس ذاتي زندگي به ڪنهن درد پريو نوحو آهي. سندس نوجوان پٽ عابد 28 سالن جي عمر ۾ ڪيس ڇڏي دارالبقا ڏانهن هليو ويو ۽ سندس گهر گهر واري 20 سال اڳ فوت ٿي ويئي جيڪا اڪثر ڪيس چوندي هئي ته تون هر وقت سفر ۾ آهين پر اسان کي به وقت ڏي چوته اسان به تو سان ڪچهرين جي آس رکون ٿا. جنهن جو ڪيس بعد ۾ احساس ٿيو، جيئن چوي ٿو:

عابد جا پيءُ وڃين ٿو ڪاڏي
تون ته مسافر جڻ ٿو لڳين
تنهنجا مشاعره ڪونه هي ڪٽندا

ڳالهه نہ تو تون منهنجي ٻُڌين

محبوب ڏيپر هر ڪتاب ۾ سنڌ کي نئين انداز ۾ پيتا ڏني آهي. ايئن لڳندو آهي جڻ سنڌ جي ذڪر کان سواءِ سندس ڪتاب اڻ پورو آهي. جيئن چوي ٿو:

سنڌ سونهاري جيجل مَور
سِر ٻچا ڪيان تو تان گهور
پليت هنڙي پير تو پائي
تنهنجو ڪائي ٻئي جو ڳائي
ديس ڏٽين سان وير وڏائي
ڦورو ٻڻجي حق ڦٻائي
تنهن پاڙيئي کي ڪيان پور
سر ٻچا ڪيان تو تان گهور
سنڌ سونهاري جيجل مور

سندس سنڌ سان محبت ۽ عقيدت جو سفر نئين سِج نئون آهي. شال هي سنڌ جو پلوڙ شاعر خِضري حياتي ماڻي ۽ پنهنجي ذات جا ڏيئا روشن رکي سنڌ واسين جي رهنمائي ڪندو رهي[1].

پروفيسر عبيدالله لاکير
پرنسپال
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ميهڙ

1. ڏيپر، محبوب علي، مون جيئن ڏٺو محبوب کي، ص 15 کان 18 تائين، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2019ع.

مهاڳ (ڪلامِ دائود)

ميهڙ علم ۽ ادب ۾ ڏاڍي زرخيز رهي آهي. هتي تمام وڏا علمي ادبي نالا موجود آهن، جن ۾ خاص طور شمس الدين بلبل، غلام محمد گرامي، م.ن محزون پٺي، اسحاق راهي سومرو، ناظم منگي، نشتر ناٿن شاهي ۽ غلام نبي مهيسر سميت لاتعداد شاعر، اديب ۽ عالم هن ڌرتيءَ پيدا ڪيا، جن علم ۽ ادب جا واهڙ وَهائي ڇڏيا. دؤر حاضر ۾ علائقي اندر ڪوڙ سارا وڏا نالا موجود آهن. جن ۾ ڳوٺ قادر بخش ڏيپر جو محبوب علي "محبوب" ڏيپر هن ڏيهه جو چَمڪندڙ سِتارو آهي. جيڪو ماضيءَ جي علم ۽ ادب جي اعلىٰ ڪردارن جي ڪنيل عَلم کي اونچو ڪيون سلسلو جاري ۽ ساري رکيون پيو اچي. سندس هي يارهون ڪتاب آهي جيڪو هن سنڌيءَ ٻولي کي ڏنو آهي ۽ هي ڪتاب سندس لڳاتار محنت ۽ علمي جدوجهد جو پڪو ثبوت آهي. هن ڪتاب جو نالو سُگهڙ ۽ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر طرفان "ڪلامِ دائود" رکيو ويو آهي. جيڪو هو ٻُڌائي ٿو تہ نندپڻ ۾ ڪيس گهر پاتي ۽ ڳوناڻا پيار مان "دائود" سَڏيندا هئا. جيڪو عمومًا اسان جي ڳوٺن ۾ ٿئي ٿو تہ اڪثر ماڻهن جا ٻہ ٻہ نالا هجن ٿا. پاڻ هن طرح چوي ٿو:

ڪلام دائود ڪتاب جو ٿو نالو ڪيان نروار
سڏيندا ڏاڏو ڏاڏي هئا مون کي پل پل ڏئي پيار

هن ڪتاب ۾ سگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر گهڻي قدر ڪافيون شامل ڪيون آهن. ڪجهہ نعتون ۽ حمد بہ موجود آهي. حمد ۾ هن الله پاڪ جي هيڪڙائيءَ کي سُهڻي نموني نِڀايو آهي:

عقيدو ڪچو رکي دل ۾ وجائي هَڙ مون پنهنجي آ
اهو تار مان بيڙو بنا توحيد جي نہ ترندو

محبوب ڏيپر هڪ سَچي ۽ پَڪي مسلمان وانگر نبي ڪريم ﷺ جن سان عشق ۽ عقيدت ۾ ثابت قدم رهيو آهي. سندس لکيل نعتون ان جو مظهر آهن. جيئن هن ڪتاب ۾ بہ اهڙو اظهار ڪندي چوي ٿو:

پڄي وئي بت پرستي ۽ اپريو اسلام جو سورج
قدم تنهنجي تان صدقو ٿيو "محبوب ڏيپر" پلي آئين

ٻئي هنڌ نعت ۾ چوي ٿو:

نہ ٿي ميھڙ وڻي مون کي نہ کي ڳوٺ اباڻو ٿو
اھو مان ڪرڻ مدنيءَ سان ادا اظهار چاھيان ٿو

سندس لکيل ڪافين ۾ درد جو پڙلاءُ چٽو نظر اچي ٿو. جيئن ڪافين جي بادشاھ مخدوم طالب المولیٰ جو چوڻ آهي تہ جنهن ڪافي ۾ درد ناهي اها ڪافي ناهي ۽ ڪافي لِکڻ لاءِ دل ۾ درد جو هجڻ لازم آهي. محبوب ڏيپر جي ڪافين ۾ بہ اهڙي درد جي وارتا چٽي نظر اچي ٿي.

ڪٺي پيرو تنهنجي پويان پري ويس
مولا ڄاڻي پنڌڙو ڏاڍو ڪري ويس
نظرن سان هو دلڙي گھائي گھٽي ويو

ايندا ويندا "ڏيپر" بيھاري چڙيائين
ڪي مدهوش پاڳل ڪري ڪاري چڙيائين
وارن ڪي هو "محبوب" ڏيندو ڦٽي ويو

ٿي پيار جا دشمن سارا پيا هن
تنهنجا منهنجا ٿي مارا پيا هن
اھو هل هلي ويو هتڙي آهي

تون "محبوب ڏيپر" جو پرم ڪو رکين ها
غربت منهنجي کي ڍڪ ڏئي ڍڪين ها
ايئن لوڻ ڦٽن تي هارين نہ ها تون

هڪ حرص ۽ ٻي لالچ وڏي وئي
ڪري ڏار دلبر کان ويهين صدي وئي
ٻارڻ اهڙا دل تي ٻارين نہ ها تون

پنهنجو پاڻ لاءِ دشمن شهر ڪري وينو هان
پنهنجن کان پي يار ٿي مان پري وينو هان

تنهنجي پچر کان ناهيان يار واندو
رهان رات ڏينهن ٿو منا تو لئہ ماندو
وڏي تنهنجي سِڪ وئي سيني سوائي

محبوب علي "محبوب" ڏيپر پنهنجي شاعريءَ ۾ هميشہ سماج سڌارڪ جو بہ ڪردار ادا ڪيو آهي. هن سماجي برائين تي بہ پنهنجو آواز بلند رکيو آهي. جيئن چوي ٿو :

کھڙو ڏوھ ننڍن جو وڏا ئي ڪريا هن
مسجدون ڇڏي سڀ هوٽل تي پيا هن
اهڙو شر شيطاني ۾ رنگ رچيو آ

ٻئي هنڌ چوي ٿو:

نہ ٿو خوف خدا جو دل ۾ ڌارين
هي ڇا ٿو ڪرين، هي ڇا ٿو ڪرين

جڏهن انسان مان خدا جو خوف ختم ٿي ويندو آهي تہ هو وحشي بڻجي سماج ۾ برائين کي هٿي ڏيندو آهي ۽ پوءِ سماج ۾ منفي لاڙن جي وڌڻ سان ظلم ۽ زيادتين جو هڪ دور شروع ٿي ويندو آهي. سگھڙ شاعر جو خيال آهي تہ رڳو دنياوي تعليم انسان ۾ منفي لاڙا پيدا ڪري ٿي. ان ڪري مذهبي تعليم جي گھٽي ضرورت آهي. جيئن چوي ٿو:

ڊگري کپي ديني، ٻي تعليم ڇا ڪٻي
انسان حسد ۾ اڳتي ڪاهي اجان رهيو آ

حقيقت بہ اها آهي، سماج ۾ موجود ڪريل قدر، ڪوڙ ۽ ڪلفت جو عروج اهو ٻڌائي ٿو تہ علم انسان تائين انهيءَ انداز ۾ پهچي نہ رهيو آهي جنهن انداز ۾ پهچڻ کپي. جيڪو علم انسان کي انسان نہ ٿو بڻائي ۽ ان ۾ احساس نہ ٿو اپاري اهو علم بيڪار آهي. علم سهپ ۽ ڏاهپ جا ڏسَ ڏيندو آهي پر اسان جو سماج جنهن پيچ ڊاھ جو شڪار آهي تہ اتي ٻيهر حقيقي علم جي ضرورت آهي، جنهن ۾ اخلاقيات ۽ سماجي قدر پروان چڙهن.

بهرحال محبوب علي "محبوب" ڏيپر پنهنجي هن يارهين ڪتاب ۾ پنهنجي ويچارن جي ڀرپور وڪالت ڪئي آهي ۽ هو اندر ۽ ٻاهر جي دنيا ڪي صاف سٿرو ۽ انسان دوست ڏسڻ چاهي ٿو ۽ اهي هن جا واڪا هڪ ڏينهن هن سماج ۾ تبديليءَ جو سبب بڻبا[1].

پروفيسر عبيدالله لاڪير ميهڙ

04-01- 2021

هڪ دؤر جي تاريخ: سائين فيض محمّد چنجڻي

سائين فيض محمّد چنجڻي پنهنجي دؤر جو هڪ بهترين استاد ۽ هڪ مثالي انسان آهي. سندس ميهڙ ميونسپل آفيس هينان گهڻتا گهر لڳ دڪان آهي. جتي تمام گهڻي عرصي کان ميهڙ تعلقي جا انتهائي مُعتبر ۽ نالي وارا استاد ۽ آفيسر وينڻل ڏسندو رهيو آهيان. بابا سائينءَ جا استاد آخوند نور محمد لاڪير (مرحوم) بہ اڪثر سائين چنجڻي صاحب وٽ ويهندا هئا. سندن دڪان تي ڪچهريءَ جا دؤر هلندا آهن. انهن جا موضوع پراڻي دؤر جي تعليم، شخصيتون ۽ سماجي قدر هوندا آهن. منهنجا بابا سائين (محمد بچل لاڪير) بہ فائنل پاس پرائمري جا استاد هئا. پنهنجي دؤر جا بهترين استاد ۽ منتظم رهيا. بابا سائين بہ سائين فيض محمّد چنجڻي صاحب جي ذِهانت ۽ علم جي تعريف ڪندا رهندا هئا. مان پاڻ کي انتهائي خوش نصيب سمجهان ٿو جو سائين جن مون وٽ ساهڙ هائوس ۾ واقع آفيس ۾ خود آيا ۽ سندن هي ڪتاب ڇپائڻ ۾ مدد لاءِ چيائون ۽ اهو بہ بار رکيائون تہ بہ اڪر توهان بہ لکندا. سائين جن جا لک قرب جو مون ناچيز کي هي موقعو فراهم ڪيائون. هن ڪتاب جو سمورو خرچ سائين جن جو پنهنجو آهي. منهنجو ڪم صرف پبلشر سان رابطو

1. ڏيپر، محبوب علي، ڪلامِ دائود، ص 5 کان 8، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.

۽ ڪتاب جي ڇپائي جي حد تائين آهي. جيئن تہ ساحل پرنٽرز جو مالڪ محترم مَور ساگر جوڻيجو حيدرآباد ۾ بهترين دوست آهي، جنهن اسان جا ڪيترائي ڪتاب بهترين انداز ۾ ڇپيا آهن. ان ڪري هي ڪتاب بہ سائين چنجڻي صاحب جي صلاح سان سندس حوالي ڪيو ويو.

سائين چنجڻي صاحب جو هي ڪتاب پنهنجي دؤر ۽ زندگيءَ جي ساروڻين تي مشتمل آهي. هي ڪتاب مختصر پر هڪ دؤر جي تاريخ ۽ سندن زندگيءَ جي مختلف وقتن جي هڪ قسم جي ڊائري آهي، جنهن ۾ سائين فيض محمّد چنجڻي صاحب پنهنجي ننڍپڻ ۽ پڙهائيءَ کان وٺي نوڪريءَ جي مختلف جڳهن ۽ ان دؤر جي شخصيتن جو مختصر احوال ڏنو آهي. پاڻ سِڌو سَنئون ۽ بنا ڪنهن رَک رَکاءَ جي احوال ڏنو اٿن. پاڻ حقيقتن کي حقيقي ۽ سادي انداز ۾ بيان ڪيو اٿن. هن ڪتاب پڙهڻ سان پراڻي دؤر جي پڙهائيءَ جا انداز، شاگردن جي محنت ۽ پوءِ نوڪري ڪرڻ جي تڪليفن مان خبر پوي ٿي تہ اڄوڪي دؤر کان پراڻي دؤر ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو قدر ۽ شوق ڪيترو هو ۽ شاگرد ڪيڏي نہ محنت ڪندا هئا ۽ استاد جي پڙهائڻ جو جذبو بہ مثالي هو. شاگرد، استاد ۽ آفيسر (منتظم) جو نيت ورڪ انتهائي مؤثر هو. اڄ جڏهن هر ماڻهو سنڌ جي تباهہ حال تعليم تي هر وقت تبصرو ۽ شڪايتون ڪندو رهي ٿو. ان ڪري پراڻي تعليمي نظام ۽ هاڻوڪي تعليمي نظام کي سمجهڻ لاءِ هي ڪتاب گهڻي رهنمائي ڪندو ۽ ڪيس موجوده دؤر ۾ تعليمي نظام اندر ڪٿي خرابيون آهن؟ ان جو بہ اندازو ٿي ويندو. اڳ ۾ استاد پنهنجي ڪردار کان وٺي ڪم تائين پرفيڪٽ هيو. هن جو پنهنجي ڪم ۾ شوق ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هوندو هو. اڄ جو استاد اڪثر نوڪري ڪري ٿو پر ڪلاس ۾ ٻارن تي گهربل محنت نہ ٿو ڪري ۽ نہ ئي وٽس سِکڻ ۽ سَيکارڻ جو مثالي جذبو موجود آهي. جنهن ڪري ٻار انهيءَ ليول جا هوشيار ڪونہ ٿا ٿين جيڪي سائين فيض محمّد چنجڻي صاحب جي دؤر ۾ هوندا هئا. ان دؤر جا استاد مثالي هئا تہ شاگرد بہ نالي وارا ۽ مثالي ثابت ٿيا. اڄ ڏينهن تائين انهن استادن جي هاڪ هلي ٿي تہ انهن جي شاگردن جو نالو بہ مشهور ۽

مَعروف آهي. سائين فيض محمّد چنجڻي ٻہ انهن مان هڪ آهي. جيڪي پنهنجي دؤر جا مثالي شاگرد هئا ۽ پوءِ مثالي استاد ۽ منتظم ثابت ٿيا. اهو هڪ سِمپل فارمولو آهي ڪوالٽي ايجوڪيشن جو جيڪا هاڻي موجود ناهي. سائين فيض محمّد چنجڻي صاحب جي يادگيرين جي هن ڪتاب کي پڙهڻ سان سندن دؤر جي تصوير ڏسي هن دؤر جي تعليمي ۽ سماجي قدرن کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ نہ صرف پنهنجي دؤر جي استادن ۽ آفيسرن جو تعارف پيش ڪيو آهي پر سندن ويجهن مائٽن ۽ عزيزن جي زندگيءَ جو احوال بہ ڏنو آهي. بهرحال ڪتاب گذريل صديءَ جي مختصر ئي صحيح پر هڪ تاريخ محسوس ٿئي ٿي. جنهن ۾ هڪ شاگرد، هڪ استاد، هڪ مائٽ ۽ هڪ تعليم دوست انسان مختلف رُخن کان جائزو پيش ڪري ٿو جيڪو پڙهندڙن لاءِ ڪافي دلچسپ ۽ معلوماتي ثابت ٿيندو[1].

پروفيسر عبيدالله لاکير

اکين تي ڏوڙ ڌرتيءَ جي (مهاڳ)

پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ سُگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر شاعر ۽ خاص طور تي سُگهڙ پنهنجي شاعريءَ ۾ جتي عام ماڻهن جي مسئلن، مُونجهارن، تڪليفن، اذيتن، روايتن، سماجي رَوَيَن کي مُشاهدي واري اک سان ڏِسي ۽ پَرکِي لفظن جو لباس پارائي اهڙو تہ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪندا آهن جو ماڻهو ڪين پنهنجي احساسن جو امين ۽ ترجمان سمجهڻ لڳندا آهن. سُگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر جو هي پندرهون ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي "اکين تي ڏوڙ ڌرتيءَ جي" نہ صرف عوامي مسئلن جي خوبصورت شاعريءَ سان پريل آهي پر ڌرتيءَ جي محبت جو پڻ خوبصورت وَرجاءُ آهي. هر ڌرتي ڌڻي چاهيندو آهي تہ سندس

1. چنجڻي، فيض محمّد، زندگيءَ جون مختصر يادگيريون، 5 کان 7، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2017ع.

ڌرتي خوش ۽ خوشحال هجي ۽ ان ۾ رهندڙ ڌرتي ڌڻي امن ۽ سُڪون واري زندگي بسر ڪن. پر جتي تڪليفن جو نہ ڪٽندڙ سلسلو هجي تہ شاعر دعا گهرندو آهي تہ جيڪر ڌرتي ڌڻي انهن اذيتن کان آجپو حاصل ڪن ۽ دنيا جي ٻين قومن وانگر آزاد ۽ عزت پري زندگي گذارين. جيئن محبوب ڏيپر چوي ٿو:

اکين تي ڏوڙ ڌرتيءَ جي رکي هر هر تہ ٻرندو هان،
آزادي لئہ خدا ڄاڻي، دعائون هر پل مان گهرندو هان.

سنڌ شاد رهي آباد رهي، ٽوپي اجرڪ زنده آباد رهي،
جاڳي جوڌا سارا پوندا، گونجي سنڌ جا نعرا پوندا.

سنڌ جي پينڊ پتر تي سدا ناز مون کي بس رهندو آ،
"محبوب ڏيپر" سدا سنڌ جي چاه سان مٿي چمندو آ،
سدا رهن شل ڳوٺ ڳلين جا چونڪ ۽ چارا زنده آباد.

محبوب ڏيپر هڪ فقير صِفت سُگهڙ شاعر آهي، جنهن جون دعائون هڪ ڏينهن ضرور رنگ لائينديون ۽ هيءَ ڌرتي امن ۽ خوشحاليءَ جو خواب ساپيان ڏسندي. جڏهن ڪراچيءَ ۾ پناهگير ڌرتيءَ ڌڻين کي ڌمڪائڻ لڳا تہ هر شاعر ڪين بهترين موٽ ڏني. جيئن محبوب ڏيپر پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

ڌرتي گهرين ڌار تو ڪانئر، تنهنجي مٽي کي ڦيري آ،
تنهنجي سِسِي لاهڻ خاطر، مون بہ ڪهاڙي چيري آ.

محبوب ڏيپر ميهڙ جو محبوب ماڻهو آهي، هن ڌرتيءَ سان گڏ پنهنجي ماڳ مَڪان سان بہ الفت جو اظهار ڪيو آ:

هن جو مٿ ڪو ضلعو ناهي، ضلعو منهنجو دادو آهي.

محبوب ڏيپر عوامي مسئلن کي پرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي، خاص طور مَهنگائي ماڻهن کي موڳو بڻائي ڇڏيو آهي. سڄو ڏينهن محنت ۽ مزدوريءَ کان پوءِ بہ ماڻهن جو جيئڻ جنجال لڳو پيو آهي. ٻئي طرف موبائل جي مشغولي ايتري وڌي ويئي آهي، جو هر

ماڻهو سماجي طرح هڪ ٻئي کان ڪٽيل محسوس ٿئي ٿو. جيئن سگهڙ شاعر چوي ٿو:

مهانگائيءَ ماڻهو ڪيا گونگا ٻوڙا،
هٿ ۾ موبائيل ڪنڌ ۾ ٿوڙها.
عادت کان مجبور ڏٺا مون،
ڪچهريءَ کان ڏور ڏٺا مون،
انهيءَ موبائيل ۾ قاتل پڪا پوڙها،
هٿ ۾ موبائيل، ڪنڌ ۾ ٿوڙها.

ٽيڪنالاجي جو پوريءَ دنيا ۾ انقلاب آيل آهي. اسان جو ملڪ انهيءَ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال ۾ اڳتي آهي، چاڪاڻ ته ان جا فائدا به آهن ۽ سَهولتون به آهن، پر ساڳي جاءِ تي ان جا خراب اثر به پون ٿا. اسان جي سماجي ۽ روايتي زندگي سخت متاثر پڻ ٿئي ٿي ۽ اخلاقي قدر، سماجي روايتون پڻ آخري پَساهه کڻي رهيون آهن. هڪ طرف غير ضروري خرچ وڌي ويا آهن. ٻئي طرف پيٽ گذر مُشڪل ٿي پيو آهي. جيئن شاعر چوي ٿو:

ماني ڳيپي لئه ماڻهو بکيو آ،
ٿي پيو جڳ ۾ جيئڻ ڏکيو آ،
مهانگائيءَ وسيلا ڪيا سڀ سوڙها.

پاڻي پيئڻ جو هجي يا زراعت لاءِ هجي ان جو هجڻ ئي اسان جو جياپو آهي. ان ڪري سنڌي ماڻهو سنڌو درياءَ سان جذباتي حد تائين محبت ڪن ٿا. جڏهن ڪئنال ۽ واهه سُڪل نظر اچن ٿا ۽ سنڌ جو پاڻي چوري ڪيو پيو وڃي ته شاعر انهيءَ ڪُڌي عمل کان غافل ناهي ۽ چوي ٿو:

روڪي پاڻي راڄن جو تو ڪم ڪيو هي ڪهڙو آ،
ڪن ڪولي ٻڌ هي ظالم وحشي جابر تو سان جهيڙو آ.

ڪاش! جهيڙي جي نوبت نه اچي ۽ سنڌ جي ڪئنالن ۽ واهن ۾ پاڻي وَهِي اچي ۽ سنڌي ماڻهن جي معيشت کي تباهه ڪرڻ جون سازشون ناڪام ٿين. سُگهڙ شاعر محبوب علي ڏيپر جتي ڌرتي ۽

عوامي مسئلن لاءِ آواز اٿاريندو رهي ٿو، اتي پنهنجي اندر جي احساسن ۽ لڱ لاڳاپن کي بهترين انداز ۾ بيان ڪندي چوي ٿو:

جڏهن ٿين ٿا اکين کان پري پيار وارا،
خوشين کي اچي پوءِ وڃن ٿا ٻوهارا.
دل هنيون ڏرٽو اهو ويٺي آهي،
ڪپي يار هڪ ٻيو مسئلو ناهي.
تو وار ڪوليا رات ڏسان ٿو،
مَست تو تي ڪائنات ڏسان ٿو.

بهرحال هي ڪتاب سگهڙ شاعر جي هر رخ کان نفيس احساسن جو اظهار پيش ڪري ٿو. اميد ته پڙهندڙ ڀرپور مزو ماڻيندا[1].

پروفيسر عبيدالله لاکير

مشهور واقعي مشهور آهي

پروفيسر عبيدالله لاکير

محترم دوستو!

سڀ کان پهريان آءٌ ٿورائتو آهيان الشفيق ويلفيئر ايسوسيشن جو جنهن سنڌ جي بهترين ورڪر ۽ ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر مشهور ميمڻ (خادم حسين) جي رهاڻ ۾ مون کي صدارت جو اعزاز بخشيو. مشهور واقعي مشهور آهي. هو نه صرف هڪ سنو سياسي، سماجي ۽ تعليمي ورڪر آهي پر هو تمام سنو شاعر به آهي. الشفيق ويلفيئر ايسوسيشن بهترين ڪم ڪري رهي آهي جو مشهور ميمڻ جهڙي بهترين انسانن جي ۽ بهترين تخليق ڪارن جي مڃتا جا پروگرام ڪرائي رهي آهي. اڄ شاعر ۽ اديب جو ڪم ۽ ذميواريون وڌي ويون آهن. چاڪاڻ ته معاشري ۾ وڏي ڀڃ ڊاهه جاري آهي. سماجي قدر زوال پذير آهن. سَهپ ۽ ڀائيچارو تمام گهٽو گهٽجي ويو آهي. تمام ننڍڙا اختلاف ذاتي دشمنيءَ جو روپ وٺي رهيا آهن.

1. ڏيپر، محبوب علي، اکين تي ڌوڙ ڌرتيءَ جي، ص 5 کان 8 تائين، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2024ع.

هر ماڻهو ٻئي کي وفادار ۽ ايماندار ڏسڻ ٿو چاهي، باقي هو پاڻ کي آزاد رکڻ ٿو. مذهب کي هڪ ڪمرشل ايڪٽوٽي بنائڻ جي ڪوشش هجي ته ماڻهو هڪ ڪيڏانهن ٿيندا؟ پائيچارو ۽ رواداري ڪيئن پيدا ٿي سگهندا. سو انهيءَ ڳالهه جي سخت ضرورت آهي ته اڄ جو شاعر ۽ اديب سماج ۾ ترقيءَ لاءِ پنهنجون صلاحيتون ڪتب آڻي. ڪوڙو سچو ٿي چڪو آهي ۽ سچي کي ڪوڙو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. نتيجي ۾ معاشري ۾ بي يقينيءَ واري ڪيفيت آهي، جنهن ڪري ذهني دٻاءُ يا ڊپريشن عام ٿي ويو آهي. اديب يا شاعر قوم جا رهنما ۽ رهبر (Guide) هوندا آهن. ان ڪري ان کي پورو ڪردار نڀائڻ کپي. اسان جنهن معاشري ۾ رهون ٿا ان ۾ سچائي وارو سادو ۽ ڪوڙو ذهين سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو سراسر اسان جي سماج کي ڏٻڻ ۾ ڏِڪي ڇڏيندو. اسان کي هن جديد دؤر جي گهرجن کي سمَجھڻ کپي. جتي سيٽلائيٽ (Internet & Computer) جو نظام پيو هلي ۽ اسان جون ڪمزوريون پوري دنيا ڏسي رهي آهي. هاڻي اسان کي ٻين کي واعظ ڪرڻ بجاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻو پوندو تڏهن وڃي اسان معاشري کي تبديل ڪري سگهنداسين، ڇاڪاڻ ته ڪوڙ جو ڪو به بنياد نه هوندو آهي ۽ ڪوڙ معاشري کي ڪوکلو ڪري ڇڏيندو آهي. ڪرپشن، مَيرٽ جي لتاڙ، سماجي نا انصافي جا مکيه منفي پاسا آهن. جنهن ڪري سماج ۾ خود غرضي، مفاد پرستي ۽ غير انساني رويا وڌي رهيا آهن. هاڻي اديب ۽ شاعر اهو پاسو کڻي ته جيئن ڪا روشني جي لاٽ ٻري پوي، نه ته معاشري جي گگهه اونده اسان کي گم ڪري ڇڏيندي[1].

1. چنا، شفيق احمد، آس، ص 81، 82، ميهڙ، الشفيق ويلفيئر ايسوسيشن 2017ع.

ڊگري ڪاليج قاضي عارف جو مختصر تعارف

قاضي الله بخش گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ميهڙ کان فريدآباد روڊ تي 7 ست ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي قائم آهي. هي ڪاليج علائقي جي سياسي ۽ سماجي انتهائي متحرڪ ۽ علم دوست انسان مرحوم قاضي شفيق احمد مهيسر قائم ڪرايو. پاڻ ان لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪري 2008ع ۾ هي ڪاليج منظور ڪرايائون، جيڪو 2011ع ۾ 3 ايڪڙ 38.5 گهنٽا زمين تي ٺهي راس ٿيو ۽ 2013ع کان باقائده شروع ٿيو. هن ڪاليج جو پهريون پرنسپال مون ناچيز کي مقرر ڪيو ويو. ان کان پهريان مان گورنمنٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۾ مقرر هئس. مون هن نئين ڪاليج جي پرنسيپال جي چارج سنڀالي ۽ فيبروري 2013ع کان ڪاليج جي عملي سان گڏجي ڪم شروع ڪيو. 2013ع ۾ صرف گورنمينٽ هاءِ اسڪول فريدآباد جا 17 شاگرد داخل ٿيا، جڏهن ته قاضي عارف ۾ گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول اڳوات ئي سالن کان هلندڙ هو ان ڪري اسڪول جي انتظاميه ڪنهن به شاگرد کي مئٽرڪ کان پوءِ ڪاليج ۾ داخل ڪرڻ کان سِڌو جواب ڏنو. نتيجي ۾ مون کي تمام گهڻين تڪليفن کي مُنهن ڏيڻو پيو. ان لاءِ هن ڳوٺ جي معززين خاص طور مرحوم قاضي شفيق احمد مهيسر جي فرزند قاضي عبدالحميد (جاني) مهيسر ۽ سماج سُڌارڪ ۽ سياسي اڳواڻ قاضي واجد علي مهيسر سان روبرو ملاقات جو سلسلو شروع ڪيو ۽ فريدآباد تائين گهر گهر ڪاليج ۾ ٻار داخل ڪرائڻ لاءِ مُهم جو آغاز ڪيو جنهن ۾ پمفليٽ ورهائڻ، بينر لڳائڻ، لائوڊ اسپيڪر ذريعي اعلان ڪرائڻ ۽ قائل ڪرڻ شامل هو. نتيجي ۾ هر سال داخلا ۾ اضافو ٿيندو ويو ۽ 2016ع ۾ لاڙڪاڻو بورڊ طرفان هن ڪاليج کي امتحاني سينٽر جو درجو ڏنو ويو. 2017ع ۾ هن ڪاليج کي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي (SBBU) نوابشاهه کان به ڪافي ڪوشش بعد ڊگريءَ جو درجو ڏياريو ويو. جنهن ۾ يونيورسٽيءَ جي ڪاليجن لاءِ ڊائريڪٽر محترم علي عباس ڀٽي هن علائقي جي ٻارن جي

تعليمي ضرورتن کي محسوس ڪندي وڌ ۾ وڌ تعاون ڪيو، جنهن ڪري ئي اهو ممڪن ٿيو ۽ هن ڪاليج کي ڊگريءَ جو درجو ملي ويو. اها هن ڪاليج جي پرنسيپال، ڪاليج جي مثبت سوچ رکندڙ عملي ۽ علائقي جي همدردن ۽ گهڻ گهُرن لاءِ ڪنهن سوڀ کان گهٽ ڳالهه نه هئي. ان ڪوشش جي نتيجي ۾ الله سائين جي مهربانيءَ سان هن ڪاليج ۾ پڙهندڙ ٻارن جو تعداد هزار کان وڌي ويو. هن ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر (پري انجنيئرنگ گروپ)، فرسٽ ايئر (پري ميڊيڪل گروپ)، انٽر سائنس (پري ميڊيڪل گروپ)، انٽر سائنس (پري انجنيئرنگ گروپ)، فرسٽ ايئر آرٽس، انٽر ارٽس، بي ايس سي پارٽ ون، بي ايس سي پارٽ ٽو، بي اي آرٽس پارٽ ون، بي اي آرٽس پارٽ ٽو، بي ڪام پارٽ ون ۽ بي ڪام پارٽ ٽو ۾ ميهڙ ۽ فريدآباد تائين جا شاگرد توڙي شاگردياڻيون داخلا وٺي باقائده تحصيل علم جي محنت ۾ مشغول ٿي ويا. هن ڪاليج جي عمارت انتهائي خوبصورت ۽ شاندار آهي جنهن ۾ 10 ڪلاس روم آهن ۽ 5 ليبارٽريز قائم ٿيل آهن. انهن ۾ فزڪس ليب، ڪيمسٽري ليب، باٽني ليب، زولاجي ليب ۽ اسٽيٽڪس ليب شامل آهن. ان ڪانسواءِ ٻه منزل عمارت ۾ ملٽي ميڊيا جو هال، سيمينار هال جنهن ۾ 300 شاگرد ويهڻ جي گنجائش آهي ۽ هڪ خوبصورت ۽ ناياب ڪتابن سان سجيل لائبريري شامل آهي.

پروفيسر عبيدالله لاکير

هوٽلائي چانهن پيار

اڄ رات حيدرآباد ۾ سڄي ڏينهن جون گڏجاڻيون ۽ پَڄُ پَچان ڪانپوءِ آخر سِڄ لٿي ڄامشورو ڦاٽڪ تي پهتس. سوچيم غريبن جي عياشيءَ واري گاڏي اي سي ڪوچ ۾ چڙهڻ کان اڳ چو نه چانهن جو چُڪو پيئجي ته مَن ٽڪُ لهي. اڳي ته ڦاٽڪ تي دلبر هوٽل ڪلف ڪامريڊن جو مرڪز هوندو هو پوءِ رند هوٽل هاڻي اوور برج ٺهڻ جي ڪري شاهاڻي هوٽل چانس ۾ ڏنم ۽ مون کي به لوڪل بس اُتي اچي ڦٽو ڪيو. هوٽل جي صحن تي ڪيترائي ماڻهو چانهن جا چُسڪا وٺندي ڳالهين ۾ محو هئا. انهيءَ سَمَي چار نوجوان ڪاٽن ۾ ملبوس مُڇون وٽيندا وڏي ناز نخري سان اچي ڪرسين تي ويٺا. انهن مان هڪ نوجوان پنهنجي جوانيءَ واري جوش ۾ مُڇ وٽيندي بيري کي زور سان هڪل ڪئي: هوٽلائي چانهن ته پيار......! مون کي اهو منظر ڏسي پنهنجو سنڌ يونيورسٽيءَ وارو دور ياد آيو جڏهن اهڙا ٻَول ٻُڌڻ لاءِ ڄام ملندا هئا. هونئن به مون کي ڄامشورو خبر ناهي چو باغين جو شهر لڳندو آهي جتي هر ماڻهو سِتم کان بيزار ۽ شڪايتون ڪندي نظر ايندو، پر هاڻي ڪافي حد تائين مانار آهي. موضوع مَٽيل هئا. هاڻ حڪومتي حالات گهٽ، ذاتي حالات وڌيڪ تبصرن هيٺ هئا. مون کي لڳو ته جڏهن پيٽ جا مسئلا وڌي وڃن ته حڪومتي سِسٽم ڏانهن ڌيان هٽي ويندو آهي ۽ اهڙي عمل ۾ حڪمران ڪامياب ويا آهن. بهرحال مون به بيري کي چيو ته " مِٺڙا ميهڙ وڄڻو آ، جلدي ڪير پتي چانهن پيار ۽ نيسلي جي ننڍي پاڻيءَ واري ٿڌي بوتل ڪٽي آ ". دل ۾ چيم ته اهي لفظ مون کان به غير ارادي ۽ لاشعوري طور نڪري ويا. شايد سالن جي گرمائش جي تپش تپايو هو. پوءِ اسان به بريف ڪيس ڪٽي ٽيبل ۽ ڪرسين کان موڪلايو ۽ ياد کي پراڻي ڪاغذ وانگر اڇلائي ڇڏيو[1].

1. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير ڪنهن سفر يا ڪنهن ڏينهن جون يادون لکندو آهي. هي ٽُڪرو سندس اهڙين يادگيرين منجهان ڪنيو اٿم.

سالاري

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب ادب سان تمام گهڻو چاهه رکڻ وارو آهي. پاڻ جنهن وقت گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۾ تدريسي خدمت تي مامور هو ان وقت ڪاليج جي شاگردن ۾ ادب سان چاهه پيدا ڪرڻ ۽ اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ ڪاليج مئگزين شايع ڪرايائين. ان جا ٻه شمارا پبلش ٿيا. انهيءَ رسالي جو نالو "سالاري" آهي. هن مئگزين جو ٻيو شمارو 2012ع ۽ 2013ع جي سيشن دوران ڇپيو. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب هن رسالي جو چيف ايڊيٽر ۽ انگريزي حصي جو ايڊيٽر رهيو. هن مئگزين ۾ ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن طرفان توحيد، تاريخ، جاگرافي، تحقيق، سوانحي خاڪا، سائنسي مضمون، اصلاحي مضمون، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري، نظم، آزاد نظم، غزل، بيت، مزاح ۽ ٻين مختلف موضوعن تي لکيل مضمون شامل آهن. هن رسالي ۾ ڪاليج جي اساتذه ڪرام ۽ شاگردن جون تصويرون ۽ ڪاليج ۾ سرانجام ڏنل اساتذه ڪرام ۽ شاگردن طرفان مختلف ايڪٽوٽيز جون تصويرون پڻ شامل ڪيون ويون آهن. هي رسالو حيدرآباد جي ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز منجهان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن رسالي ۾ سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ لکيل مختلف مواد شامل ڪيو ويو. هن رسالي ۾ پنهنجي پاران اندر پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب هيئن لکيو:

پنهنجي پاران

اڄوڪو ڏينهن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه جي استادن ۽ شاگردن لاءِ نهايت ئي اهميت جوڳو ڏينهن آهي، جو هن ڪاليج جي تاريخ ۾ مئگزين سالاري جو ٻيو شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي. ڪاليج جتي اعلیٰ تعليم جو اهم ادارو هوندو آهي. اتي ادبي سرگرمين جي لحاظ کان نرسري جو ڪم ڪندو آهي. جاڪاڻ ته شاگرد مئٽرڪ کان پوءِ هتي ايندا آهن جن ۾ شعوري ۽ تخليقي صلاحيتن ۾ ڪافي ميچوئرٽي هوندي آهي ۽ پنهنجي تخليقي ميچوئرٽي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ آتا هوندا آهن. ان لاءِ هن قسم جون

سرگرميون ڪين همٿائڻ جو ڪم ڪنديون آهن. 2003ع ۾ پهريون ڪاليج جو مئگزين سالاري ان وقت جي پرنسپال علي اصغر بلوچ جي خاص دلچسپيءَ سبب منظر تي آيو هو، ان کان پوءِ انهيءَ سلسلي ۾ جمود طاري رهيو. 2012ع ۾ پروفيسر حسين علي ڳورڙ جڏهن پرنسپال ٿي آيو ته هن به انهيءَ سلسلي ۾ دلچسپي ڏيکاري ۽ مئگزين جي سلسلي کي ٻيهر جاري رکڻ لاءِ مون کي ٻيهر ساڳي ذميواري سونپي جيڪا منهنجي لاءِ ادب جي استاد هجڻ جي ناطي خوشي ۽ اعزاز جي ڳالهه هئي. ٿوري وقت ۾ پروفيسر حسين علي ڳورڙ صاحب بدلي ٿي ويا ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاسم آباد حيدرآباد جا پرنسپال ٿي ويا ته پروفيسر نزاڪت علي گاڏهي ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه جي پرنسپال طور ذميواريون سنڀاليون. هن صاحب اسٽاف جي ميٽنگ ۾ ڪاليج مئگزين جي سلسلي کي جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ۽ پوري طرح پرجوش طريقي سان تعاون ۽ رهنمائي ڪندا رهيا. جنهن ڪري ئي هي مئگزين ڇپجي اوهان جي هٿن ۾ پهتو آهي. مان هن موقعي تي ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر نذاڪت علي گاڏهي ۽ مئگزين ڪميٽي جي ساٿين پروفيسر اياز لاکير، پروفيسر محمد جمن جمالي، پروفيسر امتياز علي سولنگي ۽ پروفيسر ثناءُ الله اوڍو ۽ ٻين استادن ۽ خاص طور شاگردن جو ٿورائتو آهيان جن پنهنجون تخليقي لکڻيون منهنجي حوالي ڪيون جيڪي پڙهندڙن لاءِ علائقي جي نوجوانن جي سوچ ۽ شعور جو ڪليل اظهار ۽ عڪس آهن، جيڪي پڙهندڙن کي زندگيءَ جو مختلف ۽ نئون رخ متعارف ڪرائينديون. مون کي اميد آهي ته ايندڙ وقت ۾ به هي سلسلو جاري رهندو جيئن هن ڪاليج جي شاگردن کي پنهنجون ادبي صلاحيتون اجاگر ڪرڻ جو موقعو ملندو رهي[1].

عبيدالله لاکير

1. لاکير، پروفيسر عبيدالله، سالاري (ڪاليج مئگزين)، ص 5، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2013ع.

هن مئگزين ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو پنهنجو شامل مواد هن ريت آهي.

سائين انگريزي سيشن ۾ پنهنجي پاران ۾ لکيو آهي:

FROM THE DESK OF EDITORIAL BOARD

I am very much excited with joy and consolation because the efforts we made those all have come true. We have successfully got published the 2nd volume/ Edition of "SALARI" College Magazine which is in your hands. When you are turning over the pages with an inexpressible joy, really, I don't have words to express what the feelings I have. This is not just the only book in which our articles, prose, Photos or College activities reports are given, but it is a collection of our passions, experiences, observations and a bunch of flowers with the untiring efforts of our college Students and Colleagues.

I am heartily very thankful to prof Nizakat Ali Gadehi, principal of this college who always encouraged our efforts and extended his support at each and every step.

I am also grateful to the prof. Muhammad Juman Jamali, prof. Imtiaz Ali solangi, prof. Sanaullah Odho and prof: Ayaz Hussain Lakhiar and team members of the editorial board for their strenuous efforts, valuable advice and kind support from time to time.

Ubedullah lakhiar Chief Editor

FOOD FOR THOUGHT

Ubedullah Lakhiar

Assistant Professor English

For want of a nail, a shoe was lost,
For want of a shoe, a horse was lost,
For want of a horse, a battle was lost,
For want of a battle, a kingdom was lost.
And all for the want of a horse shoe nail.

This famous thyme is based on the demise of England's King Richard III, whose defeat at the battle of Bosworth Field in 1485 has been immortalized by Shakespeare's famous line; "A horse!

A horse! My Kingdom for a horse!
It reminds us that little duties neglected bring great downfalls.

WHICH LOVED BEST?

"I love you, Mother. "Said Little John,
Then, forgetting his work, his cap went on,
And he was off to the garden swing.
And left her the water and wood to bring.
"I love you Mother, "said rosy Nelc,
"I love you better than tongue can tell; Then she teased and pouted full; half the day,
Till her mother rejoiced when she went to play.
"I love you Mother, "said a little fan, "Today I'll help you all I can;
How glad I am that school doesn't keep"!
So she rocked the babe till it fell asleep.
Then, stepping softly, she fetched her broom,
And swept the floor and tidied the room;
Helpful and happy as a child could be,
"I love you, "Mother," again they said, Three little children going to bed;
How do you think the mother guessed,
Which of them really loved her best?
(**Lines from: Joy Allison**)

What do these two little pieces of Literature and rhyme have to do with anything? They remind us that these are the little things in life and follow through with what we have said that ultimately matters the most. Which child are you? Which child should we all be" Don't forget that the entire kingdom rests on a lowly little nail.1

ان کان علاوه سائين عبيدالله لاکير صاحب طرفان لکيل Groups of idiomatic expressions جيڪي 150کان مٿي آهن رسالي جي صفحي نمبر 12 کان 15 يعني چار صفحن تي ڇپيل آهن. گورنمينٽ

---

1. لاکير، پروفيسر عبيدالله، سالاري (ڪاليج مئگزين)، ص 19، 20، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2013ع.

ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه جو هي مئگزين واقعي پڙهڻ جوڳو آهي. هن ۾ مختلف موضوعن تي علمي ڄاڻ جو خزانو ڇپيل آهي.

محبوب ڏيپر هڪ مزاحمتي شاعر

پروفيسر عبيدالله لاکير

شاعري نہ صرف اُتساهه جو سبب هوندي آهي پر معاشري ۾ ۽ ماڻهن جي مزاج ۾ اصلاح جو سبب پڻ هوندي آهي. محبوب ڏيپر سنڌ جو منفرد سگهڙ ۽ شاعر آهي. هو سنڌي ٻولي ڪي پنهنجي تخليق سان چار ڪتاب ڏئي چڪو آهي ۽ هي سندس پنجون ڪتاب آهي. سندس شاعريءَ ۾ سڀ رنگ موجود آهن. رومانس ۽ عقيدت جا ويچار تہ آهن پر سندس شاعري ۾ مزاحمت وارو رنگ تمام گهڻو نمايان ۽ نروار نظر اچي ٿو. هن ڪي جيڪا بہ ڳالهه نہ ٿي وڻي ان تي هو مزاحمت ڪري ٿو ۽ پنهنجو احتجاج خوبصورت خيالن سان سُگهڙائپ واري انداز سان بيان ڪري ٿو. جڏهن پاڪستان ۾ محترم محمد خان جوڻيجو (مرحوم) نگران وزيراعظم هو، ان جو پنج نڪاتي ترقياتي پروگرام ڏاڍو مشهور ٿيو. محبوب ڏيپر جي ڳوٺ قادر بخش ڏيپر لاءِ بہ بجليءَ جي سَهولت ڏيڻ جو اعلان ٿيو. بجلي کاتي (واپڊا) وارا ڳوٺ مان چندو ڪرائي خرچي پاڻي وٺي گم ٿي ويا. صرف بجليءَ جا ٿنيا لڳي ويا پر بجلي چالو نہ ڪئي وئي. آخر ميهڙ ۾ جشن ميهڙ ٿيو، جنهن ۾ ان وقت ڊي سي دادو مير محمد پرهياڙ بہ موجود هو. محبوب ڏيپر ان پروگرام ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾ شعر ذريعي پنهنجي ڳوٺ جو مسئلو بيان ڪيو. جنهن تي ڊي سي دادو ترت نوٽس ورتو ۽ پوءِ محبوب ڏيپر جي ڳوٺ قادر بخش ڏيپر ۾ بجليءَ جو رهيل ڪم جلد مڪمل ڪيو ويو ۽ بجلي چالو ڪئي وئي. سندس شعر هن ريت هئا.

پنج نڪاتي پروگرام جو قرب اهو ڪورو آ
نہ قادر بخش ڏيپر بنائٽو جامشورو آ
ڪاتو واپڊا وارو ڪو چنيءَ جو پر چورو آ
ٿنيا تارون ڏئي تن ورتو جُتي سُوڏو جورو آ
هاڻي اهو بہ تن جو ٿورو آ
جي پنهنجا پول پٽي وڃن.
بجليءَ وارن اسان ڪي پريا اچي ٻول
نہ پورا ڪنداسين پنهنجا ڪيون تا جي قول
پوءِ نہ هو پئسن جا پري ويا جهول
ڏئي ٿنيا تارون تڪڙ ۾ ڊيرڪو پيا ڊول
وجي سُڪيا سمهي پيا پري پنهنجا ٻول
اچي بجلي ٻاري ڏيو، رُليا هاڻي رول
نہ تہ پٽي سيئي پول، محبوب ڏيندو مَيٺ تي.
ٻي نہ تون ڪائي ڪار، ڳولهي بجليءَ وارو مار

محبوب ڏيپر هر اڻ وڻندڙ عمل جي ڀرپور مزاحمت ڪئي آهي. هو ڪوڙ ۽ سَڪڻن اعلانن جو مخالف آهي. ڄامشورو ۾ ڪنهن اداري ڪيس ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو پر پوءِ ڪنهن جي راءِ تي اهو ڪينسل ڪيو ويو. جنهن جي رد عمل ۾ هن شاعر سگهڙ لکيو تہ:

ايوارڊ مون لاءِ ڪو عمرو ناهي، مان پيار پريت جو گهورو هان،
ڪوڙي واعدي ڪرڻ واري جو، مور نہ مجيندو ٿورو هان،
پرائي ٻوڙ تي اٿو ٻڌي مان، نپي نہ هلندو ڏورو هان،
تون "محبوب ڏيپر" ڪان واقف ناهين، مان جبل پهاڙ ڪان ڳورو هان.

ٻئي هنڌ اهڙن تعصب پرست ۽ ڪَنن جي ڪچي ماڻهن لاءِ چوي ٿو:

ماڻهو ڪردار پنهنجي جو خيال ڪري،
جيڪو ٻين جي راءِ تي ڪنڌ جهڪائي،
سو ڪهڙو سگهندو پال ڪري،
گل جيان سدائين مرڪي ٿو "ڏيپر"،
سدا مالڪ پيو مالا مال ڪري.

محبوب ڏيپر هڻ ڪڻ شاعر ۽ سُگهڙ چئي سگهجي ٿو. هو پاڻ کي چالاڪ سمجهندڙ ماڻهن جي اڻ وڻندڙ حرڪتن کي معاف نہ ٿو

ڪري. ميهڙ جي مشهور صحافيءَ هڪ بيهوده حرڪت ڪئي. هن ميهڙ ۾ بلبل هائوس تي هڪ ڪتاب جي مهورت ۾ پنهنجو قد وڌائڻ لاءِ بيجا تنقيد ڪئي، جيڪا پروگرام ۾ موجود حاضرين کي ڏاڍي ناگوار ۽ غير ضروري محسوس ٿي. پوءِ پاڻ کي سوير ۽ سياڻو سمجهندڙ ڪان خود نيچ قسم جي حرڪت اها ٿي جو هن ان پروگرام ۾ معزز مهمانن کي پارائجندڙ هار پروگرام جي آخر ۾ ميڙي ڪٽي وجي نڪ جي پَڪائيءَ سان پاڻ وٽائڻ لاءِ باءِ پاس ميهڙ تي آجيان طور هڪ مقامي سياستدان کي پارايا. جيڪا ڳالهه پڌري ٿي پئي. بس پوءِ محبوب ڪٿي ٿو بيهي بس ڪري. چئي ٿو:

"بلبل هائوس" جي هارن تي، آيو ٿورو ٿڦي ڪو يارن تي،
ڪو سلجهيل پيي نااهل ٿئي ٿو، پوءِ ڏوهه کهڙو ڏيون ٻارن تي،
نہ ٿو ڏوهه ڏسي ڪو پنهنجا "ڏيپر"، ڏين الزام پيا مون پارن تي.

سنڌ اسيمبليءَ ۾ جڏهن سنڌ جي حقن لاءِ ڳالهائيندڙ سنڌ اسيمبلي ميمبر محترمه نصرت سحر عباسيءَ کي خاموش ڪرائڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جي ٻئي ميمبر امداد پتافيءَ چيمبر ۾ هلڻ لاءِ چيو، جيڪا اشاري ۾ هڪ بيهوده گار هئي. جنهن تي سموري سنڌ ان جي شديد مذمت ڪئي. جنهن تي امداد پتافي بہ شرمندو ٿيو ۽ محترمه نصرت سحر عباسيءَ کي پيڻ چئي لوئي پارائي معافي وٺي جند ڇڏائي تہ هن شاعر بہ ان منظر کي نہ وساريو.

اسيمبليءَ ۾ ويهي پتافي، واهه جو تو داف آ دافي،
ضمير ملامت ڪندو هوندئي، لفظ تو لئہ بس اهو آ ڪافي،
ڳچيءَ ڳارو پاءِ اديءَ ڪان، "محبوب" چئي وجي وٺ تون معافي.

سندس نفرت بہ انتها جي آهي تہ سندس محبت بہ انتها جي. هڪ دفعو اتفاق سان فريدآباد ويندي محبوب ڏيپر ۽ ميهڙ جو هڪ ٻيو بہ خوبصورت شاعر عاجز عاشق تنيو منهنجي ڪاليج قاضي عارف لڙي آيا. انهن ڏينهن ۾ منهنجي ڪاليج ۾ وٽڪاري مُهم هلي

پئي. هڪ ڪاليج جي ملازم پنهنجي طرفان ڪجهہ گلاب جون چڪيون آنديون هيون ۽ مون کي لڳائڻ لاءِ زور پري رهيو هو تہ عين ان وقت هي ٻئي شاندار شاعر ميهڙ جا مون وٽ آفيس ۾ پهتا تہ مون کي بيحد خوشي ٿي تہ گلاب جا ٻوٽا ميهڙ جي هنن خوبصورت ۽ خوشبودار خيالن وارن شاعرن کان چوڻ لڳرائيان ۽ پوءِ آفيس ۾ ڪچهريءَ لاءِ ويهڻ کان اڳ ۾ ڪاليج جي باغيچي ۾ هنن کان گلاب جا ٻوٽا لڳرائيا ۽ دعا گهرائي. محبوب ان گهڙيءَ کي بہ پنهنجي تخليق سان پيٽا ڏني آهي.

ڪاليج قاضي عارف ۾ اسان وجي پوکيا پاڻ گلاب،
هن ڪاليج جو خود ٻين کان آهي باغ باغيچو لاجواب،
گلابن جهڙن ماڻهن کان "ڏيپر" ڪونہ ڪيوسين حجاب.

محبوب ڏيپر ڪان ڪو بہ ڪردار ڳجهو ڪونهي. سنڌ ۾ معاشري جي تنزلي ۽ تباهي ۾ سنڌ جي اڪثر وڏيرن تاريخي ظلم ۽ زيادتيون ڪيون آهن. سنڌ جي وڏيري طاقت جي هوڏ تي سنڌي عام غريب ماڻهوءَ کي هميشہ سندس غلام ۽ سَلامي رکڻ لاءِ ذهني اذيتون ڏيڻ کان سواءِ معاشي طور ڪنگال ڪرڻ لاءِ هر حربا استعمال ڪيا آهن. جنهن ڪري سنڌ جو عام ماڻهو اڄ بہ غربت جي گهاٽي ۾ پيڙبو رهي ٿو ۽ پنهنجي پيرن تي بيهي نہ سگهيو آهي. سنڌ جي مها ڏاهي امر جليل جون ڪهاڻيون پڻ سنڌ جي اهڙي تاريخ جو چٽو عڪس پيش ڪن ٿيون. محبوب ڏيپر بہ ڏوهاري ذهن رکندڙ ڪردار کي وائڪو ڪيو آهي.

تو ستائين روز مسڪين هاري وڏيرا،
پلي گهر ڪري تون ٻهاري وڏيرا،
لتاڙي لنديون ڪن پيٽ جي تا پوري،
ڪٽي وجي تن جي ملڪيت وڏيرا سموري،
ڏيارين ٿو پوري پڙ کي ٻهاري وڏيرا.

محبوب ڏيپر معاشري ۾ وڌندڙ بيهودگي ۽ بي حيائيءَ کي بہ سختيءَ سان ننديو ٿو ۽ خاموش نہ ٿو ويهي.

تنهنجي پيٽ کي غير کو پاڪر پائي،
مرڪ تہ پوءِ مان مجيندو سانءِ،
تنهن کي ويندي رستي ۾،
ٻانهن ۾ کو هٿڙو لائي،
مرڪ تہ پوءِ مان مجيندو سانءِ.

هن جي مزاحمت صرف معاشري ۾ مهذب پٽو ۽ برداشت پيدا ڪرڻ جي حد تائين ناهي پر هو مجموعي طور سنڌ جي حقن لاءِ بہ احتجاج ڪندي ڏنو ويو آهي.

اٿو منهنجا سنڌي سارا، چڙي پنهنجا ٻني ٻارا،
وک اڳتي وڌايو، سنڌ سڏي رهي آ،
هڻ هڻ جي وائي، پير پوئتي نہ ڪيو پائي،
پنهنجي جيجل بچايو، سنڌ سڏي رهي آ.

محبوب ڏيپر پنهنجي فن ۽ فڪر سان نہ صرف سُجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ڪيس اهڙا قدردان بہ مليا. جيئن محترم ڪمال الدين سولنگي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر دادو ڪيس ڳوٺ لاءِ مسجد اسڪول ڏنو، جيڪو هاڻي پڪو ٺي چڪو آهي. سوين ٻارڙا علم ۽ شعور حاصل ڪري رهيا آهن. ڪيس ٽئين ڪتاب جي مهورت تي ڄامشورو ۾ ٻَوسڪي پڳ پارائي ويئي ۽ چوٿين ڪتاب جي مهورت سنڌ جي سگهڙن جي ڪانفرنس 2016ع ۾ لالو رائنڪ ۾ ٿي جتي ڪيس سونو تاج پارايو ويو ۽ بوسڪيءَ جي پڳ ٻڌرائي ويئي. سندس ڳوٺ ۾ بجلي بہ سندس ڪوشش سان آئي. ڪيس سنڌ ۾ عوامي شاعر جو خطاب مليل آهي. چاڪاڻ تہ هن هميشہ عوامي مسئلن تي آواز اٿاريو آهي. هر ادبي ۽ عوامي حلقن ۾ محبوب ڏيپر کي بهترين شاعر ۽ سُگهڙ سان گڏ بهترين انسان هجڻ ڪري خاص پذيرائي ملندي آهي. هن پنجين ڪتاب آڻڻ تي ڪيس واڌايون ڏجن ٿيون. مون کي پڪ آهي تہ ايندڙ وقت محبوب ڏيپر جي خدمتن کي تمام گهڻو ياد رکندو.

غربت جا چاڪ

تحرير: عبيدالله"عبيد" لاڪير

(ايم.اي فائنل)، شعبوِ انگريزي، سنڌ يونيورسٽي

ٿاٽو هڪ پاسي ظالم جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ بدمعاشن جي بچاءَ لاءِ قانوني مورچو آهي، تہ ٻئي پاسي غريب، مسڪين ۽ ڏتڙيل انسانن جي بيگناهہ ڦاسڻ ۽ بي عزت ٿيڻ جي جاءِ. هتي مزدور، بيوس ۽ لاچار انسان طرحين طرحين جون صعوبتون سهن ٿا. ٿاڻي ۾ مقرر ٿيل قانون جا رکوالا ڪنهن ظالم وڏيري ۽ لٽيري جي اشاري تي نچن ٿا، ڪڏن ٿا ۽ هر نئين سج ڪنهن مجبور ۽ بيوس غريب جي جهڳي تي ٿاندو ٿا رکن. غريب روزانو موت جي انتظار ۾ پنهنجي ڦڪي ۽ بي لذت زندگيءَ جا ڏينهن ڪاٽيندو رهي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن باغي ٿي هن سماج ۽ قانون آڏو بيهي ٿو. پر قانون جا مالڪ ڪيس اسرڻ کان اڳ"خراب عضوو" سمجهي وڍي ڦٽو ڪري ڇڏين ٿا. موت کان اڳ ئي ماريل انسان کي پوءِ بہ"ويچارو غريب سڏڻ لاءِ تيار نہ ٿين ٿا، بلڪ ڪيس ڦورو يا ڏاڙيل قرار ڏين ٿا. شايد پنهنجي ڪڌي ڪارنامي کي لڪائڻ لاءِ. قانون تہ سندن محتاج آهي. ڪين قانون جو نيڪو مليل آهي. هو ڪنهن تي ڪهڙا بہ قلم لاڳو ڪن، انهن کان پڇڻ وارو ڪير آهي؟ ها، هي بلڪل سچ آهي تہ هو قانون جا محتاج ناهن، قانون انهن جو محتاج آهي. هو غريبن ۽ بيوس انسانن جي رت تي پلجندا آهن. ڪن ڏتڙيل، مجبور ماڻهوءَ کي للچائي يا غيرت جي پڙي پياري اهڙا ڪڌا ڪم ڪرائين ٿا ۽ پوءِ ڪيس سوگهو ڪري، سندس مائٽن ۽ عزيزن لاءِ بہ ويل وهائيندا آهن. آخر ۾ سندس گهر جو الھ تلھ لٽي ويندا آهن ۽ پوءِ ان جي بدلي ڪيس ڇڏائي بہ ڇڏيندا آهن، تہ جيئن مستقبل ۾ بہ هو سندن عزت افزائي لاءِ قدمن تي جهڪيل رهي. اهڙو انسان غربت جي چڪڻ ۾، آهستي آهستي، پنهنجي موت پاڻ مرندو رهي ٿو. مقتول جا وارث رب جي رضا تي راضي ٿي، پنهنجا زخم ڌوئي پي ڇڏيندا آهن، چاڪاڻ تہ ڪين خبر آهي تہ قانون هڪ تہ ان ۽ دوائن کان بہ وڌيڪ مهانگو آهي، ٻيو تہ اهو هڪ ڀيانڪ خواب آهي جيڪو

هميشہ غريب جي قسمت تي تعبير ٿئي ٿو. دانهون ڪوڪون ڪرڻ سان غريب کي قانون قرضي بڻائي دنيا ۾ ناڪاره ۽ بي وس ڪري ڇڏيندو. ان ڪري هو خاموش رهي ٿو ۽ هر ڳالهہ قسمت جي پٽر تي اُڪيل سمجهي برداشت ڪري ٿو.

اهڙي نموني لاچار، مسڪين ۽ بيوس انسانن جي رت تي قانون پلجندو رهي ٿو ۽ قانون جا ٺيڪيدار پنهنجن وڏن پيٽن تي هٿ رکي حڪومت کي دعائون ڏيندا رهن ٿا. حڪومت غريب کي سندس غربت جي سزا ڏيارڻ لاءِ روزانو نوان ٿاڻا قائم ڪري ٿي. وڏي واڪي اعلان ڪيو وڃي ٿو تہ غريب قانون کان مٿانهون ناهي، تنهن ڪري هو هر وقت سزا لاءِ تيار رهي. واهہ جي ريت آ! غريب قانون جي چڪيءَ ۾ پيسجي، پيسجي، تباهہ ٿي ويندو آهي. ها البتہ، جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪنهن بدمعاش وڏيري کي رحم اچي ويو تہ هو قانون سان سوديبازي ڪري، ڪيس آزادي ڏياري، وري ساڳي بيوس انسان کان سوين ڪڏا ڪم وٺندو آهي. لفظي انعام ڏئي ڪيس خوش ڪندو آهي ۽ هو سندس احسان ڳائيندو نسلن تائين خدمت جو وچن ڏيندو رهندو آهي. هي اسان جي سنڌي سماج جو نہ چٽندڙ ناسور آهي. هتي اهڙو نظام جوڙيو ويو آهي جنهن ۾ امير اجان بہ وڌيڪ امير ٿيندو پيو وڃي ۽ غريب جيئن پوءِ تيئن غريب ٿيندو پيو وڃي. قانون، اصول ۽ غربت جي لعنت صرف غريب لاءِ آهن؛ امير هر قانون کان بالاتر آهي، ڇاڪاڻ تہ هو قانون کي خريد ڪرڻ جي قوت رکي ٿو. ان سبب روزانو باغي پيدا ٿين ٿا ۽ اهي سڀ غريبيءَ جي موذي مرض جا مستقل مريض آهن. قانون وارا انهن کي ڏاڙيل قرار ڏئي سندن خاتمي لاءِ وڏا منصوبا ناهين ٿا، پر اهي ختم نٿا ٿين، ڇاڪاڻ تہ هتي غربت عروج تي آهي. جڏهن معاشي نظام ناقص هجي تہ اهو مرض ڪيئن ڇٽي سگهي ٿو؟

هڪ سنڌي جاگيردار سياستدان چيو تہ سنڌ ۾ 44 هزار ڏاڙيل آهن؛ پر جيڪڏهن انهن ڏاڙيلن جي مائرن کان پڇي تہ ڏسجي ڇا هو پنهنجن لخت جگرن کي ڏاڙيل چونديون؟ يا حق ۽ سچ لاءِ وڙهندڙ باغي؟ سچ تہ اهو آهي تہ جيڪي غريب اناج نٿا خريد ڪري سگهن، سي هن ملڪ جو مهانگو انصاف ڪيئن خريد ڪندا. جو ڪاري ناٽي

جي عيوض ظالم ۽ نام نهاد معزز شهرين وٽ وڪرو ٿيل آهي؟ اهي ئي اصل سماج جا دشمن آهن، جن جي ڏاڍ ۽ ڏمر غريب کي باغي ٿيڻ تي مجبور ڪيو آهي. قانون جا محافظ انهن جي پويان مشين گنون ڪٽي لڳن ٿا ۽ آخرڪار گوشت پوست جي انسان کي لوهي گولين سان سوراخ ڪري، سندس لاش لاوارث ڪري اڇلائن ٿا ۽ پوءِ تاريخ جي ورقن مان هڪ نالو غائب ٿي وڃي ٿو. حڪومت انهيءَ ڪارنامي تي عملدارن کي انعام ۽ پروموشن عطا ڪري ٿي ۽"قانون جو بول بالا رهي ٿو. پر ڏنو وڃي تہ حڪومت ڪڏهن بہ هن مسئلي جي حل لاءِ حقيقت پسنديءَ سان نہ سوچيو آهي، ڇاڪاڻ تہ حڪومت پاڻ سرمائيدار ۽ جاگيردار جي قبضي ۾ آهي. ڦل ماڇيءَ کان پرو چانڊيي تائين ۽ پرو چانڊيي کان نادر جسڪاڻي يا محب شيديءَ تائين ڏاڙيلن جو سلسلو هلندو پيو اچي، پر ختم نٿو ٿئي. پرو چانڊيو ڏاڙيل هو، ظالم بہ چئي سگهجي ٿو، پر جڏهن سندس لاش ڪچي آيو تہ ماڻهن جي اکين ۾ افسردگي ڇو هئي؟ سندس قبر تي گل ۽ پڙ ڇو پيا؟ شايد انڪري تہ هو ڏتڙيل معاشري جو پيڙهيل عنصر هو، جيڪو ذلت جون نوڪرون وڌيڪ برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ باغي ٿي اڀريو. اهو سندس شوق نہ پر مجبوري هئي. موت کي ڪير خوشيءَ سان قبول ڪري ٿو؟ پر حالتون انسان کي موت کان بہ لاپرواهہ ڪري ڇڏينديون آهن. آخر اهو خوشحال ۽ مهذب معاشرو ڪڏهن نهندو جنهن ۾ غريب بہ باعزت شهري وانگر آسودو ۽ محفوظ زندگي گذاري؟ جنهن ۾ سندس زندگي وبال نہ، پر نعمت هجي؟ پر جيسين ائين ٿيندو، تيستائين ڪيترا پرو چانڊيا مارجي ويندا ۽ ڪيترائي بيوس انسان پيٽ بکئي ۽ بنا علاج جي موت جي واديءَ ۾ لهي ويندا. .... او خدا! انصاف ڪڏهن ٿيندو؟

شيخ اياز: فڪر، جماليات ۽ جدوجهد جي ادبي تشريح

تحرير: عبدالله لاکير
ايم اي انگلش ڊيپارٽمينٽ ، سنڌ يونيورسٽي

شيخ اياز هميشہ مايوسين کي پري ڌڪڻ ۽ اميد جي روشني کي دلين ۾ جاڳائڻ جي ڳالھ ڪئي آهي. انگريزي ادب جي مشهور شاعر ۽ فلسفي سارتر جو چوڻ آهي تہ: "جڏهن بہ مان لکندو آهيان، مايوسيءَ جي ڄار ۾ خوبصورتي کي جهلڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان." پر شيخ اياز جي فڪري راھ ان کان بلڪل مختلف آهي. هو مايوسيءَ جي ڄار کي ٽوڙي، خوبصورتيءَ کي هٿ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ جو اتساھ ڏئي ٿو. نہ صرف اتساھ، پر ڌرتيءَ جي ڏوڙ خاطر، لوئي ۽ لڄ خاطر هو مسلسل جدوجهد جي تلقين ڪري ٿو، بلڪ ڪنڌ ڪپائڻ تائين لاءِ پاڻ کي پيش ڪرڻ جو جذبو بہ بيان ڪري ٿو. هو چوي ٿو:

مون ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏنا، مون ساٽا ساٽا سَنڌ ڏنا
مون ڇا ڇا مائيءَ لال ڏنا، جي لوئي بچائي ويا
سي جيءَ ڄِيارا ماڻهو، سي سڀ کان پيارا ماڻهو
جن ساھ ڏئي ويساھ ڏنو، جي دل ۾ درد دکائي ويا

ساڳئي غزل ۾ اڳتي چوي ٿو:

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجھ مٽيا،
پر مون کي اهڙا مڙس وٽيا،
جي سارو جڳ جرڪائي ويا،
پر پنهنجو پاڻ پلائي ويا.

واقعي، شيخ اياز پنهنجي ئي اصول تي هليو. پنهنجو پاڻ پلائي مٽين مٿي هيٺان ستو، پر اڄ بہ سندس شاعريءَ جا وکريل ڪرڻا سڄي جهان ۾ جرڪن پيا.

ڏس! باک پليري آئي آ، ڏس سنڌ مٿان سرهائي آ،
ڇو تن جي لاءِ اياز رنين، جي مارو ماڳ مٿائي ويا.

شيخ اياز انسان کي پنهنجي موت جي حوالي سان مايوسيءَ کان روڪي ٿو، پر مقصد، جدوجهد ۽ تحرڪ جي راھ ۾ اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪري ٿو. اهو مقصد جنهن جي پوري ٿيڻ سان ماروئڙن جي اکين ۾ سرهائي اچي وڃي ۽ پکي پڃرا ٽوڙي آزاد فضا ۾ اڏامندي نظر اچن. جيڪڏهن اسين واقعي شاھ سائين ۽ شيخ اياز جي ڏسيل راھ جا مسافر ۽ محاذ جا ساٿي آهيون، تہ پوءِ ان مقصد لاءِ پاڻ بہ پتوڙيون. زندگيءَ کي تحرڪ ۽ مقصد جي حاصلات لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي جيڪا علامتي تصوير اياز پنهنجي هائيڪو ۾ پيش ڪري ٿو، اها ڏسڻ وٽان آهي:

مڇيون ڳولن ٿيون
هيڏي ساري سمنڊ ۾
ڪنهن کي ڦولن ٿيون

۽ انساني ڊوڙ ڊڪ جي بيچيني ۽ رستن جي اوپرائين کي هو هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڪاڏي وڃين ٿو
اڳتي رستا اوپرا
مور نہ مڃين ٿو.

پنهنجي اندر جي بيچيني ۽ اضطراب جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

ڳڙن پيا گهنڊ
مون کي ڪيڏو دور تون
سڏين پيئي ننڊ

شاعرن محبوب جي ياد کي هزارين روپ ڏئي پيش ڪيو آهي، لوڪ اڳيان نروار پئي ڪيو آهي. پر شيخ اياز محبوب جي ياد کي موسمن جي تبديليءَ کان بي نياز قرار ڏئي ٿو:

ڪَتيءَ توڙي مانگهہ
آهي پوئين پهر ۾
مون کي تنهنجي تانگهہ

خدا جي وجود ۽ جمال بابت پڻ هو پنهنجي نرالي وجداني تشريح پيش ڪري ٿو:

مون سوال پڇيو خدا آهي به ڇا؟
توهان جو حسن ان جو جواب آ سائين.

شيخ اياز بين الاقوامي ادب کي رڳو پڙهيو ۽ پرکيو نه، پر ان جي تشبيهن ۽ معنائن کي پنهنجي سماج جي تجربن سان پڻ ڳنڍيو. Universal Approach کي سمجهڻ لاءِ هو دنيا جي وڏن شاعرن جي خيالن کي هڪ ئي سرچشمي جي وهڪرن وانگر ڏسي ٿو. جاپاني شاعر باشو جي فڪر کي هو پنهنجي اندر جو پڙلاءُ سڏي ٿو. باشو چوي ٿو:

اِهڙي سانت! پهاڙي جيت جون رڙيون
پهڻن ۾ پيهي ويون

۽ بي هنڌ چوي ٿو:

سمنڊ ڪاراٽجي ويو آهي
آڙين جون رڙيون
ٿوريون اڇيرڙيون آهن

شيخ اياز جي دوهي ۾ ساڳي علامتي روش جو اظهار ملي ٿو:

آئي سانجهي موٽيا مانجهي، ماني ٿي منجهدار
وئي وڳر ڪان وڇڙي جا، تنهن آڙي ڪئي پڪار

هڪ ٻئي جاپاني شاعر ڪڪاڪوءَ جي شعر سان شاهه سائين جي خيالن جي هڪجهڙائي هن طرح بيان ڪري ٿو:

سرن جي پانڌ تي، ڪوريئڙي جو ڄار — ڪڪاڪو
سر نسريا پانڌ، اتر لڳا، آءُ پرين — شاهه صاحب

هيءَ شاعرن جي فڪر جي هڪجهڙائي آهي. پر شيخ اياز مظلوم قومن ۾ پيدا ٿيندڙ ڏاڙيلن جي نفسيات ۾ به هڪجهڙائي ڏسي ٿو. بين الاقوامي ڏاڙيلن کي جڏهن لاکو ڦلاڻي ۽ ڦل ماڇي سان ملائي ٿو، تڏهن چوي ٿو ته انهن سيني ۾ هڪ ڳالهه هڪجهڙي

آهي ته: اهي اميرن کي ڦرن تا ۽ غريبن ۾ ورهائن تا. يعني جدوجهد جي راهه ۾ حق ڦري ونڻ تائين اياز همتائي ٿو.

رات (تاثر)

تحرير: عبيدالله"عبيد لاڪير
(ايم.اي فائنل)، انگريزي شعبو، سنڌ يونيورسٽي

رات هڪ پراسرار وهڪرو آهي. رات جي چانڊوڪيءَ ۾ ڪيڏو نه حسن ۽ ڪشش آهي. رات جي چانڊوڪيءَ ۾ شاعر جا منتشر خيال سموئجي اچي سندس جهوليءَ ۾ ڪرندا آهن. چنڊ جا صاف ۽ شفاف ڪرڻا سندس دماغ کي چست ڪري سندس خوابن ۽ خيالن جي دنيا پررونق بنائي ڇڏيندا آهن. ان وقت سندس رڳن ۾ سنڌوءَ جي ڇولين جيان اٿل پٿل هوندي آهي. سندس ستل جذبا جاڳي جوان ٿي پوندا آهن. رات جو اهو پُرسڪون منظر جڏهن دلي دنيا تي لهندو آهي، تڏهن لڳندو آهي جڻ فضائن ۾ ڪا الاهي موسيقي وڄي رهي هجي، جيڪا اندر جي هر تار کي ڇيڙي پئي. شاعر جو باطني جهان چنڊ جي هلڪي روشنيءَ سان ڳنڍ هڪ الڳ ئي جوت ۾ ٻڏي ويندو آهي. رات جي نِمرتا، چنڊ جي ٿڌڙي ڇهاءَ ۽ فضا جي خاموشي گڏجي هڪ اهڙي جمالياتي ڪيفيت پيدا ڪن ٿا، جيڪا هر حساس روح لاءِ الهام جو سرچشمو بڻجي پوي ٿي. وري جڏهن چانڊوڪيءَ جي پهر ۾ رات جي سانت ۾ درياهه جي مست ڇولين جي نظارن يا باغ ۾ مدهوش هوائن جا جهونڪا لڳندا ته ويتر انساني دماغ ۾ لهرن جي لَهه چڙهه ۽ جوش ڪيس هزار لذتون محسوس ڪرائيندو. رات جي انهيءَ خوبصورت پهر ۾ حساس دل ۽ دماغ زندگيءَ جون سوين روشن راهون ڳولهي وٺندا آهن. هڪ حسين رات، هڪ حسين دنيا جو هڪ حسين منظر لڳندي آهي ۽ اهڙيون راتيون زخمي دلين لاءِ مرهم پڻ آهن. انهن گهڙين ۾ رات جڻ ڪنهن شفقت ڀري ماءُ جيان ٽڪاوت لاهي ٿي، روح کي ڀرپور سڪون عطا ڪري ٿي ۽ وجود جي مٿان پڪڙيل ڳٽين جي ڏوڙ کي نرم ترنم سان ڏوئي ڇڏيندي

آهي. احساس ٿيندو آهي ته رات جي سينگاريل چانوڻ ۾ ڪائنات پنهنجا راز ڪنهن معتبر دوست وانگر انسان جي ڪن ۾ سرگوشيءَ جي صورت ۾ ٻڌائي ٿي. پر وري اونداهي ڪاري رات بدبختيءَ جي علامت نظر ايندي آهي. رات جي ڀاڻ اونداهيءَ ۾ هڪ عجيب وحشت پئي محسوس ٿيندي آهي، جڻ ڪو ڪارو ديو انساني مخلوق کي ڳڙڪائي رهيو هجي يا انهيءَ پهر ۾ ڪو پاپي پاپ جي ارادي سان دنيا ۾ عذاب وڌائي رهيو هجي ۽ جڻ ڪو پاڇو انساني وجود کي ڊاهي رهيو هجي.

ڪڏهن ڪڏهن اها ڪاري رات انهن درن جهڙي لڳندي آهي جن جي پويان درد جا ديس وسيل هوندا آهن ۽ هر چانوءَ ۾ خوف جو هڪ انوکو نانگ ور وڪڙ ڪائي اڳتي وڌي رهيو هوندو آهي. هوا جي هر چهاءَ ۾ بيچيني ۽ هر سرسراهٽ ۾ انساني وجود کي غم جي وڏنڊڙ لرزش محسوس ٿيندي آهي. تنهن ڪري مون کي رات نيڪي ۽ بدي، روشني ۽ اونداهيءَ جا ٻئا تصور محسوس ڪرائيندي آهي. جڻ ته انسان وانگر هر شيءِ ۾ قدرت طرفان چڱائي ۽ مڻائي قسمت ٻڌيل آهن. رات ڪڏهن نرمل مهربانيءَ جو پهر ٿيندي آهي، ته ڪڏهن تقدير جي ڳجهي واديءَ جو هڪ نه ڳُلندڙ راز.

Unfairmeans (Copy Culture)

ڪاپي ڪلچر

تحرير: عبيدالله لاکير، ليڪچرار انگلش
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ

ڪاپي ڪلچر اهو گدلو ۽ زهريلو ڪلچر آهي جنهن ۾ اڄ جو موجوده نسل بري طرح ڦاسي چڪو آهي ۽ انهيءَ ڪلچر جو عادي بڻجي چڪو آهي. جهڙي طرح ڪو نشي جو عادي مڪمل طرح جسماني ۽ ذهني طور مفلوج ٿي چڪو هوندو آهي ۽ هو هن معاشري تي نه صرف هڪ بد نما داغ هوندو آهي پر پنهنجي خاندان

۽ قوم تي بار پڻ هوندو آهي. ساڳيءَ طرح ڪاپي ڪلچر هڪ اهڙي زهر جو نالو آهي جيڪو دماغ ۾ اسرندڙ عقل، ذهانت، تخليقي قوتن ۽ لاتعداد صلاحيتن جو موت آهي. افسوس سان اهو چوڻو ٿو پوي ته اسان جو موجوده نسل ڪاپي جي سهاري ڪان سواءِ چرڻ پرڻ ڪرڻ ڪان بہ معذور آهي. علم کي انسان جي ٽين اک سڏيو ويندو آهي، چاڪاڻ ته انهيءَ جي ذريعي پرکڻ جي سگهه، شعور ۽ رهنمائي حاصل ٿيندي آهي. اسان جو موجوده شاگرد نالي ۾ تعليم جي شعبي سان وابسته آهي پر دراصل هو مڪمل طور تي بي نور ٿي چڪو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو هڪ انڌي جيان پنهنجي منزل جي ڳولها لاءِ هٿوراڙيون ڏيئي رهيو آهي. پر منزل ان ڪان ڪوهين پري ٿي چڪي آهي. جنهن ڪري رستي تان ڀٽڪي ۽ پلجي وڃڻ سندس مقدر بڻجي چڪو آهي. نئين نسل جي اها حالت ڏسي اسان جي قوم جو باشعور ۽ دانشور طبقو سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهي. چاڪاڻ ته نئون نسل ئي قوم جي مستقبل جو اولڙو هوندو آهي. ان ڪري ئي اها سوچ پريشاني پيدا ڪري ٿي ته آخر انهيءَ قوم جو مستقبل ڇا ٿيندو. جنهن جو نئون نسل علمي شعور ڪان بي نور ٿي چڪو آهي؟

اڳ ۾ صرف اسان جي قوم لاءِ معاشي بدحالي هئي ۽ هاڻي علمي بدحالي. اسان جو تعليمي نظام جنهن ابتريءَ جي حالت تائين پهتو آهي ان لاءِ ڪابہ هڪ ڌر ذميوار ناهي پر ان لاءِ معاشري جي سيني طبقن پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. جيڪو مان هن طرح سمجهان ٿو:

1. والدين

ڏنو ويو آهي ته والدين جي اڪثريت پنهنجي اولاد جي سرگرمين ڪان غافل رهي ٿي. هو نه صرف گهرو تربيت لاءِ ضروري گهربل خاص ڌيان ڏيڻ ڪان غير ذميوار رهن ٿا پر هو تعليمي اداري ۾ اچي پنهنجي اولاد جي ڪارڪردگي معلوم ڪرڻ جي زحمت ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نظر نه ٿا اچن. پوءِ انهيءَ جو سبب يا ته اڻ پڙهيل والدين آهن جيڪي انهن شين جي اهميت سمجهڻ ڪان قاصر آهن يا

تہ اهڙا والدين آهن جيڪي گوناگون مصروفيتن ۾ چڱي خاصي واقفيت يا ڏيٺ ويٺ جي ڏِي تي انهيءَ شيءِ کي اهم نہ ٿا سمجهن ۾ ايسيتائين جو امتحان جهڙي اهم مسئلي ۾ بہ پنهنجي اولاد جي حقيقي صلاحيتن کي پرکڻ (Testify) ڪرڻ ضروري نہ ٿا سمجهن ۾ پنهنجون مخصوص حڪمت عمليون ڪتب آڻي امتحان جي فارملٽي پوري ڪرائي پاڻ کي سوپارو تصور ڪن ٿا. نتيجي ۾ شاگرد امتحان جي مرحلي کي ايترو اهم يا ڏکيو نہ ٿو سمجهي جو ڪيس سڄو سال مطالعو ڪرڻو پوي يا ريگيولر ڪلاس اٽينڊ ڪري پنهنجي نام نهاد آزادي کي صلب ڪرڻو پوي. اهو ئي سبب آهي جو اهو شاگرد طالب علم گهڻ باقي تعليمي اداري جي اندر ۽ ٻاهر منفي سرگرمين ۾ وڌيڪ ملوث رهي ٿو. جنهن ڪري ان جو اثر نہ صرف ان جي شخصيت تي پئجي ٿو پر هو انهيءَ دائري ۾ ٻيا بہ ڪيترائي شاگرد آڻي بيهاري ٿو ۽ اهڙن عملن سان اداري کي بہ گهڻو ڪجهہ ڀوڳڻو پوي ٿو.

2. استاد

استاد هڪ اهڙي ڪاريگر جو نالو آهي جيڪو قومن جو مستقبل جوڙيندو آهي. انساني معاشري جي مشينريءَ جو هر هڪ پرزو تعليمي ادارن ۾ جڙندو آهي. ڪاريگر ڪيترو بہ وڏو ماهر هجي پر جيڪڏهن ان کي ذهني طرح اذيت ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪيو وڃي تہ هو ڪڏهن بہ پائيدار ۽ مثالي شيون هرگز ناهي نہ سگهندو. چاڪاڻ تہ هن جو ڌيان ورهايل هوندو آهي. اڄڪلهہ اسان جو استاد بہ اهڙين ئي ذهني ڪيفيتن جو شڪار آهي. اڄ بہ اسان جو استاد معاشي بدحالي ۽ سماجي ناهمواريءَ جو شڪار آهي. جهڙي طرح پاڪستان ٺهڻ کان اڳ انگريزن نظام تعليم جوڙيو هو، جنهن ۾ استاد جي ڪردار کي ڪمزور رکيو ويو هو. اڄ بہ استاد اهڙين ئي پاليسين جو شڪار آهي. استاد برادري هڪ انتهائي نظر انداز ٿيل طبقو آهي. جنهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪنهن بہ حڪومت سنجيدگيءَ سان ناهي سوچيو. اهو ئي سبب آهي جو معاشري ۾ اڄ تائين استاد کي اها اهميت ۽ عزت حاصل نہ ٿي سگهي آهي، جيڪا ان جو حق

آهي ۽ ان کي ملڻ گهرجي. جڏهن استاد جي حالت سڌاري ويندي تڏهن ئي هي معاشرو بہ سڌرڻ شروع ٿيندو ۽ ڦهليل انتشار ۽ بيچيني ختم ٿيڻ لڳندي. چاڪاڻ تہ منتشر ذهن جي تربيت سان منتشر معاشرو ٺهندو، اهو هڪ فطري عمل آهي. ڪاپي ڪلچر جي گند ۾ استاد کي زوريءَ چڪي لاٿو ويو آهي. جنهن ۾ استاد طبقي جي بيوسي ۽ زندگيءَ جون ڪڙيون حقيقتون انهيءَ جون شاهد آهن. نہ تہ ڪير هوشمند ماڻهو پنهنجي روزيءَ کي زهر ۾ تبديل ڪندو ۽ ڪهڙو هوشمند ۽ باذوق ماڻهو پنهنجي هٿن سان پنهنجي سرسبز باغيچي کي نظر آتش ڪندو؟

3. حڪومت

ڪاپي ڪلچر جا سڀ کان وڏا ذميوار حڪومت ۽ سياسي ادارا آهن. چاڪاڻ تہ هن ملڪ ۾ بدقسمتيءَ سان سياسي استحڪام نہ رهيو آهي. جيڪا بہ حڪومت آئي آهي، جيئن تہ اها عوامي نہ هجڻ سبب مسلسل چڪتاڻ ۽ بحران جو شڪار رهي آهي. ان ڪري انهن کي پنهنجي حڪمراني حيثيت برقرار رکڻ لاءِ عارضي بنيادن تي پاليسيون ٺاهڻيون پيون ۽ نتيجي ۾ ٻين شعبن جيان تعليمي شعبي ۾ بہ استحڪام ۽ ميچوئرٽي اچي نہ سگهي. هڪ طرف معاشري ۾ رشوت، سفارش ۽ لا قانونيت پير ڪوڙڻ شروع ڪيا تہ ٻئي طرف تعليمي ادارن ۾ ڪاپي ڪلچر جو ٻج پوڻ شروع ٿيو. حڪومت شروعاتي مرحلن ۾ براين کي روڪڻ لاءِ ڪوبہ خلوص ڀريو مؤثر قدم نہ کنيو. نتيجي ۾ آهي برايون ايتري تہ تيزيءَ سان وڌنديون ويون جو هن وقت اسان جو پورو معاشرو انهن براين جي لپيٽ ۾ آهي ۽ مڪمل مفلوج ٿي چڪو آهي. سياستدان بہ تعليمي ادارن جي تباهيءَ جا اهم ذميوار آهن. جن پنهنجي سياست ۽ سستي شهرت خاطر پنهنجي قوم جي نوجوان نسل کي هٿ وٺي تباهہ ڪيو. نتيجي ۾ هر نئين ڏينهن تعليمي ادارن ۾ پيچ ڊاهہ، تعليم کان بائيڪاٽ معمول بڻجي ويا. تعليمي ادارن ۾ درس و تدريس بجاءِ شاگردن جو سمورو ڌيان سياسي تنظيم سازيءَ ڏانهن رڌل رهيو. نہ صرف ايترو پر هر هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

نتيجي ۾ سياستدانن جي ٽيڪ تي منفي سياست پروان چڙهڻ لڳي ۽ شاگرد تنظيمن هڪٻئي تي خوني حملا به ڪيا. جنهن سان ويتر تعليمي ماحول مفلوج ٿي ويو ۽ تعليمي ادارا رڃ بڻجي ويا.

اڄ جڏهن ملڪ ۾ ڪافي وقت کانپوءِ جمهوريت موٽي آئي آهي ته باقاعده صاف شفاف اليڪشن ذريعي هڪ عوامي حڪومت وجود ۾ آئي آهي ته اميد پيدا ٿي آهي ته هاڻي معاشري ۾ سڌارو اچڻ جو قوي امڪان آهي. ڇاڪاڻ ته عوامي حڪومت ئي صحيح معني ۾ عوامي فلاحي منصوبا جوڙڻ ۽ عمل ڪرڻ جي اهل هوندي آهي. اڄ جي هي سيمينار به هن عوامي حڪومت جي ڪاوشن جي هڪ ڪڙي آهي. هڪ طرف عدليه ۽ انتظاميه ۾ انقلابي سڌارا اچي رهيا آهن. ٻئي طرف قوم جو مستقبل بچائڻ لاءِ تعليم جهڙي اهم شعبي کي تباهيءَ جي تري مان ڪڍڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. اسان هي جيڪو ڪڙو سچ ۽ سخت تنقيد گلو ڦاڙي ڪرڻ ٿا چاهيون، ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته اسان جي آڏو هڪ اهڙي سگهه موجود آهي جيڪي ٻڌڻ جي سگهه رکن ٿا. ڇاڪاڻ ته اهي انساني حقن جا علمدار آهن ۽ اسان جا حقيقي نمائندا آهن. انهن کي عوام جي درد ۽ پيڙائن جي تمام گهٽي پروڙ آهي. اميد ٿي ڪجي ته اسان جو نئون نسل جيڪو اسان جي قوم جو آئيندو آهي ۽ معاشري جو هڪ اهم ستون آهي، ان کي بچايو ويندو. ان جي بيماريءَ جي تشخيص ٿي چڪي آهي. هاڻي علاج باقي آهي. مان ايترو چوڻ ۾ پاڻ کي حق بجانب سمجهان ٿو ته خاص طور ڪاپي ڪلچر ۽ تعليمي ادارن ۾ منفي سياست ۾ اڄ جي شاگرد جو 0.5 سيڪڙو به قصور ناهي. اهي برايون ان کي ورثي ۾ مليون آهن. جن کان هو سخت بيزار ۽ تنگ آهي. ڇاڪاڻ ته هو باضمير ۽ سجاڻ آهي ۽ هو اڄ به وڏي واڪي انهيءَ گندي ڪلچر مان جند ڇڏائي هڪ صاف ۽ ستري ماحول ۾ ساهه کڻڻ چاهي ٿو ۽ هو اهڙيون فريادون ڪندو رهي ٿو پر ڪيس انهيءَ دلدل مان ڪڍڻ لاءِ معاشري جا سڀ طبقا ٻيوسي ڏيکارن ٿا. انهيءَ جو مستقل علاج يا حل صرف ۽ صرف حڪومت وٽ موجود آهي. اهڙين پاليسين جي ضرورت آهي جن ذريعي تعليمي ادارا درس و تدريس جا محور بڻجي وڃن. جتي

تخليقي قوتن جي پوک نسرجي ۽ اسان جي شاگرد ۾ قابليت ۽ اعتماد جو جوهر پيدا ٿئي. ان لاءِ پر خلوص ڪوشش ۽ سچائيءَ جي ضرورت آهي. ورنه هي سيمينار ڪابه تبديلي آڻي نه سگهندا. بقول علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي تي : "گڏ ٽياسين، ويناسين، ڳالهايوسين ۽ پوءِ سڀ ڇڙ وڇڙ ٿي وياسين."

آخر ۾ڪاپي ڪلچر جي مستقل خاتمي ۽ تعليمي سڌاري لاءِ منهنجون هينيون تجويزون آهن:

1. ٻار جي ذهني وسعت ۽ نفسياتي لاڙن مطابق موجوده ڪورس کي تبديل ڪيو وڃي ۽ ان کي سائنسي بنياد تي ترتيب ڏنو وڃي.
2. ڪورس مختصر هجڻ گهرجي.
3. امتحاني سرشتو تبديل ڪري ان کي حقيقي بنياد تي مختلف حصن ۾ ورهايو وڃي ته جيئن صحيح معني ۾ شاگرد جي ذهانت ۽ قابليت Testify ڪري سگهجي.
4. تعليمي ادارن ۾ هر قسم جي سياسي تنظيم جوڙڻ تي سختيءَ سان بندش وڌي وڃي .
5. تعليمي ادارن ۾ اداري جي سربراهه جي سرپرستيءَ ۽ رهنمائي هيٺ شاگرد يونين جوڙڻ جي اجازت ڏني وڃي، جيئن شاگرد پنهنجون تڪليفون ۽ مسئلا ٻڌائي سگهي. ان کانسواءِ تعليمي ادارن ۾ راندين ۽ ٻين غير نصابي سرگرمين ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري سگهي.
6. تعليم کاتي ۾ ڀرتي سياسي بنيادن تي هرگز نه ڪئي وڃي بلڪ تعليم کاتي ۾ ڀرتيءَ لاءِ هڪ غير جانبدار ۽ انتهائي قابل ماڻهن جي ڪميشن جوڙي وڃي جيڪا پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح جا استاد ڀرتي ڪرڻ جي مجاز هجي.
7. استادن کي ذهني اذيت ۽ معاشي بدحاليءَ کان نجات ڏيارڻ لاءِ مهانگائي سان منهن ڏيڻ جيتري پگهار مقرر ڪئي وڃي.
8. استاد طبقي کي معاشري ۾ سندس جائز مقام ڏيارڻ لاءِ خاص سهولتون ۽ مراعات ڏنيون وڃن.

9. استادن کي پنهنجي پيشي ۾ Perfect ۽ Skilled بنائڻ لاءِ هر ٻئي سال مختلف ٽريننگز جو اهتمام ڪيو وڃي.
10. تعليم کاتي ۾ هر استاد جي ڀرتي صرف ۽ صرف هڪ خاص معيار ۽ ميرٽ تي ڪئي وڃي ۽ کاتي نہ ڇڏڻ جو گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ سالن جو پابند ڪرايو وڃي.
11. شاگردن جي داخلا مطابق تعليمي ادارن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي پابندي ڪئي وڃي. مثال طور: بلڊنگ، اسٽاف، فرنيچر، ڪتاب، سائنسي سامان وغيره.
12. شاگردن جي سير و تفريح لاءِ ادارن کي هڪ خاص بجيٽ مهيا ڪئي وڃي. اداري جي سربراهہ کي اها بجيٽ صرف شاگردن جي سير و تفريح جو خرچ ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي.
13. طبقاتي تعليمي نظام جو هڪدم خاتمو آڻي برابريءَ جي بنياد تي تعليمي ادارن جي جوڙجڪ ڪئي وڃي.

جيڪڏهن انهن مختصر تجويزن کي عمل ۾ آندو ويو تہ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان جو تعليمي نظام سڌري پوندو ۽ اسان جو نئون نسل تاريڪي کان نڪري شعور جي روشني ۾ اچي ويندو. ان ڪري اچو تہ پنهنجي ڪوتاهين جو جائزو وٺون ۽ حقيقتن کي تسليم ڪري شعور طرف، انصاف طرف، برابريءَ طرف ۽ علم طرف اچون ڇاڪاڻ تہ اهو ئي اسان جي بقا جو بنياد ۽ سونهري مستقبل جو ضامن آهي[1].

[1]. هن پروگرام ۾ ميهڙ جو جج جيڪو پرنسپال پروفيسر عبدالستار شيخ جو دوست هو ان شرڪت ڪئي هئي ۽ منور ڀٽ ايم پي اي جيڪو پڻ پرنسيپال صاحب جو دوست هو، ان بہ خصوصي شرڪت ڪئي هئي. ان ۾ شاگردن ۽ والدين جو بہ وڏو تعداد شريڪ ٿيو هو. هي هڪ بهترين تعليمي سيمينار هو.

سيرت النبي ﷺ ايمان جو جز

اسان مسلمانن جي لاءِ رسول الله ﷺ جن سان محبت ۽ سندن حيات مبارڪ ۽ فرمانن موجب زندگي گذارڻ ايمان جو لازمي حصو آهي. اڄ تائين سيرتِ النبي ﷺ تي بيشمار ڪم ٿيو آهي ۽ دنيا جي مشهور عالمن، اديبن، عاشقن ۽ محققن پنهنجي پنهنجي علم موجب رسول الله ﷺ جن جي سيرت مبارڪ تي نثر ۽ نظم جي صورت ۾ لکيو آهي. اسان جي دوست ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر جو هي ڪتاب ”حضور اڪرم ﷺ جن جي مَڪِي زندگي“ رسول الله ﷺ جن جي انهيءَ زندگي جيڪا پاڻ مڪي شريف ۾ گذاريائون، جنهن ۾ سندن ولادت کان وٺي هجرت مدينہ منوره تائين شامل آهي جي متعلق هڪ منفرد معلوماتي آهي. هن ڪتاب جي اندر رسول اڪرم ﷺ جن جي سلسلہ نسب کان وٺي ولادت، رضاعي ڀائر ۽ ڀينرون، امڙ جي آغوش ۾ پرورش، حضرت عبدالمطلب جي پرورش، ان کان پوءِ حضرت ابو طالب جي سرپرستي ۽ سندن اعلىٰ طرزِ زندگي ۽ اصول، ڪين صادق ۽ امين جو لقب ملڻ، غار حرا ۾ حضرت جبرائيل عليہ السلام جي آمد، اسلام جي تبليغ جو آغاز، سندن خاندان ۽ قريش جي بااثر ماڻهن جي مخالفت، طائف جي سفر دوران مليل اهنج، معراج ۽ هجرت، هي سڀ واقعات جنهن ترتيب ۽ طريقي سان اسان جي محقق دوست بيان ڪيا آهن اهو طريقو انتهائي دلڪش ۽ روح پرور آهي. جنهن ۾ پڙهندڙ نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگي، سيرت ۽ واقعن جي سلسلي کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. ظاهر آهي تہ اها سموري معلومات گڏ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪتاب سندس مطالعي هيٺ آيا هوندا ۽ مختلف زاوين کان تحقيقي جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو سمورو مواد لکيو هونڊائين. اهو سمورو ڪريڊٽ ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر ڏانهن وڃي ٿو جنهن وڏي محنت سان عرق ريزي ڪري اها معلومات هن ڪتاب ۾ گڏ ڪري اسان جهڙن گهٽ علم وارن کي جيڪي اسلام ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي سيرت متعلق گهٽي ڄاڻ نہ ٿا رکن هڪ

رهنمائي ڪندڙ ۽ تحقيقي رڪارڊ هن ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. سندس دلچسپيءَ وارو سبجيڪٽ به اسلاميات رهيو آهي ۽ پاڻ ڪراچيءَ جي اعلىٰ پائي جي مفتيان ڪرام ۽ عالمن سڳورن وٽان جامعة الرشيد جهڙي منفرد ۽ جديد طرز جي مدرسي منجهان فارغ التحصيل ٿي هن عهدي تي رسيو آهي. مدرسي جي تعليم ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ منجهان تازو پي ايچ ڊي جي تعليم مڪمل ڪئي اٿائين. ٻنهي علمن جي امتزاج کيس وڌيڪ قابل بڻائي ڇڏيو آهي. پاڻ لکڻ جي بهترين صلاحيت رکي ٿو ۽ شين کي بهترين انداز ۾ پيش ڪرڻ جو هنر به خوب ڄاڻي ٿو. اميد آهي ته سندس هي ڪتاب هر عام و خاص ۽ خاص طور تي نوجوان طبقي لاءِ سيرتِ النبي ﷺ کي مستند حوالن سان سمجهڻ لاءِ مددگار ثابت ٿيندو ۽ مقبوليت ماڻيندو[1].

پروفيسر عبيدالله لاکير (ميهڙ)

28 جولاءِ 2025.

محبتن جو شاعر- الله ورايو پٽو

تحرير: پروفيسر عبيدالله لاکير

نڪِي مسجد ۾ نڪِي مَندر ۾
ڳولهي يار لڌو مون اندر ۾

هي سِٽون انهيءَ ڪوي جون آهن جيڪي اڄ صاحب رهاڻ آهي. الله ورايو پٽو محبتن جو شاعر آهي. سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم هن لڪيل ذات ڏٽيءَ کي منظر تي آڻي مڃتا ڏني آهي. هن تنظيم جي ميمبرن خاص طور هن تنظيم جي صدر ۽ باني محترم محبوب

1. سوڍر، اعجاز علي، ڊاڪٽر، حضور اڪرم ﷺ جن جي مَڪِي زندگي، حيدرآباد، شاد پبليڪيشنز 2025ع، ص 11

ڏيپر کي جس آهي جنهن هن محبتي ۽ پاڻ کي پس منظر ۾ رکندڙ شاعر کي چٽو ڪيو آهي. الله ورايو پٽو ميهڙ لڳ لالو گهاڙي ۾ 3 آڪٽوبر 1980ع تي هڪ غريب گهراڻي ۾ جنم ورتو. ميهڙ ۾ 90 واري ڏهاڪي ۾ ذريعه معاش جي تلاش ۾ سري اچي ويٺو. سندس طبيعت ۾ محبت ۽ مناس پيو ڇلڪندو آهي. ڪڏهن به سندس مُنهن تان مرڪ غائب ناهي هوندي. هو چوي ٿو ته مون کي خبر ناهي ته چو چڙ ناهي ايندي، باقي ڪنهن جي هروڀرو گلا غيبت ٻڌي خفا ضرور ٿيندو آهيان. سندس تعليم انٽر ميڊيئٽ ٿائين آهي پر سندس خيال ۽ سنجيده طبيعت کيس اعلي تعليم يافته محسوس ڪرائيندي آهي. پاڻ زندگي ۾ عشق ڪيائين ۽ کيس عشق جو جهٽڪو 1995ع کان شروع ٿيو آخرڪار 2000ع ۾ اهو بخار لٿو. جڏهن کيس منزل ملي وئي ۽ سندس چواڻي ته جنهن لاءِ لکين اهو ئي پاتم.

شاعريءَ ۾ هن جو رهنما محبوب ڏيپر رهيو آهي. باقي باقاعده سندس استاد ڪير آهي اهو هو پاڻ ئي ٻڌائي سگهي ٿو. سندس شاعري ۾ غزل، گيت، ڪافي ۽ وائي تي طبع آزمائي ٿيل آهي. سندس گيت ۽ ڪافيون تمام گهڻيون ڳايون ويون آهن. 30 کان به وڌيڪ ڪلام جن مشهور فنڪارن سندس ڳايا آهن انهن ۾: ثمينه ڪنول، رخسانه ماروي، مرڪ ماروي، صدف ناز، طارق چانديو، عابد لاشاري، مبين شيخ، اصغر چانديو، صادق سوڍر، سعيد سوهو، امير علي جتوئي ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن. گهڻي قدر ڪافيون لکيون اٿس. سندس شاعريءَ جو انداز سادو ۽ سڌو سنئون هوندو آهي پر ان ۾ فڪر ۽ احساس جي گهرائي نمايان هوندي آهي.

نچي ٿو يار مجايان، مان مجايان، پلي چا به چوي ڪو،
ڪننا قولابا ٿو پايان، مان پايان، پلي چا به چوي ڪو.

هر ماڻهوءَ جي پنهنجي سوچ آهي. ڪو چوي ٿو ته دولت ۾ طاقت آهي، ڪو چوي ٿو ته اقتدار ۾ طاقت آهي. پر مان چوان ٿو ته سونهن ۾ طاقت آهي. ڪيترن ئي اميرن کي فقير ڪري ڇڏيائين ۽ ڪيترائي سونهن جي پويان اقتدار وڃائي ويٺا. John Keats چيو آهي

تہBeauty is truth and truth is beauty، سو الله ورايو بہ سونهن جو شاعر ۽ مداح آهي.

تو سان دل جو لڳي وئي آ، هاڻي سات نہ تنهنجو ڇڏڻو آ،
تو سان اک جو اڙي وئي آ، هاڻي سات نہ تنهنجو ڇڏڻو آ.

سُونهن جي ڇڪ ڪيترن ئي مَستن کي سر مَست بنائي ڇڏيندي آهي.

روز تون رسندي، روز مان راٺا تو کي اچي پرچائيندس،
تو کي اچي پرچاييندس، ميڙيون ڪري بہ مڃائيندس.

الله ورايو پٽو جي شاعري ۾ مڪمل رومانس آهي. هو سونهن جو پرچارڪ آهي. هن جي شاعري انسان جي انسان سان محبت جو پيغام آهي. 37 سالن جي ڄمار ۾ هن شاعريءَ جي دنيا ۾ ڪجھ حد تائين پنهنجي جڳھ ٺاهي آهي. اميد ٿي ڪجي تہ جيڪڏهن الھ ورايو پٽو ساڳي جذبي ۽ جنون سان لکندو رهيو تہ هو اڳتي هلي اجان وڌيڪ سٺي مقام تي پهچندو. سندس پيغام آهي تہ ليکڪ ۽ شاعر ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ خدمت ڪن، هڪٻئي جو قدر ڪن. چو تہ سندس چواڻي آهي: محبت ۾ مزو آهي، ڪلفت ۾ رکيو ڇاهي.

سائين پروفيسر عبيدالله هڪ پروگرام ۾ هينئن فرمايو:

اڄ مان سنڌ سڄاڳ شاعر تنظيم ميهڙ جو انتهائي ٿورائتو آهيان. خصوصًا محبوب ڏيپر ۽ سائين شمس الدين ابن ضياء ابن بلبل جن هميشہ مون کي همٿائڻ ۽ اتساھ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان جيڪو هميشہ پاڻ کي زيرو سمجھندو آهيان. اڄ جن شخصيتن ۽ دوستن مون کي هيرو ناهي پيش ڪيو آهي مان انهن سان واعدو ٿو ڪريان تہ مان Idealistic هيرو نہ بہ ٿي سگهيس تہ ٻي ڳالھ آهي پر مان ڪوشش ضرور ڪندس تہ پنهنجي ڪردار کي گهٽ ۾ گهٽ وٽندڙ خصوصيات ڏانهن وٺي وڃان، جنهن سان سماج

کي Contribute ڪري سگھجي نہ کي لٽي ۽ ڦري سگھجي جيڪي عام هيروز ڪن پيا. هڪ هوندي آهي ليڊرشپ ۽ ٻيا هوندا هيروز. جيڪو شخص ليڊرشپ ۾ Perfect آهي اهو ئي هيرو هوندو آهي. هر دؤر ۾ سماجي، سياسي، لساني، ادبي ۽ ثقافتي هيروز جنم ورتو آهي ۽ انهن ئي Contribute ڪيو آهي جيڪو ورثو جنم بہ جنم، نسل در نسل هلندو پيو اچي. هڪڙا ماڻهو پنهنجون خدمتون ڪنهن نہ ڪنهن معاوضي عيوض سرانجام ڏيندا آهن ۽ هڪڙا خدائي خدمتگار هوندا آهن جن کي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ لالچ ۽ حرص جي بدعتن ۾ وجهڻ جي ضرورت ئي ناهي. اهو سڀ ڪجھ فطرت Natureيا جبلت Instinct جو نتيجو هوندو آهي. ڪير بہ ماڻهو پنهنجي خواهشن مطابق اهڙو نہ ٿو ٿي سگهي جيسيتائين سندس فطرت ۽ جبلت سات نہ ڏئي. هتي موجود استاد، شاعر، اديب، سماج سڌارڪ جيڪي دوست ويٺا آهن انهن سان منهنجو رشتو ڌرتيءَ جي ڪري آهي. اسين ٻولي ۽ ثقافت ذريعي سلهاڙيل آهيون ۽ هڪ ٻئي کي وڌيڪ ويجهو محسوس ڪيون ٿا. اهو هڪ تعارف آهي ۽ ٻيو تعارف جڏهن مون Words Worth جي Nature متعلق خوبصورت خيالات کي پڙهيو. جي ليکڪ Paradise Last جي John Milton ، (Blind Poet) جي Seven Deadly Sindh کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪئي. حرص، لالچ، شهوت ۽ ڪاوڙ جيڪڏهن ڪنٽرول ۾ رهن تہ جنت اسان ڪان وڃائجي نہ ٿي سگهجي. ساڳيءَ طرح Ralph Waldo Emerson (American Weiter) جي Transcendentalism کي پڙهيم تہ مون کي انسانيت ۽ انسانيت جي انس جو ٻيو تعارف مليو[1].

[1]. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب سان ملهايل هن رهاڻ جي صدارت سائين شمس الدين ابن ضياء ابن بلبل ڪئي. مهمان خاص ڊاڪٽر ڪامل امداد جتوئي صاحب جو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي بقول: سائين شمس الدين ابن ضياء ابن بلبل جهڙي عظيم شخصيت جي گهر ۾ مون جهڙي تمام ننڍڙي ورکر لاءِ هي هيڏو وڏو اعزاز منهنجي زندگيءَ جو سرمايو رهندو. هي الفاظ سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي اعلیٰ ظرفي جو ثبوت آهن. پاڻ اهل علم جي سامهون پاڻ کي ننڍو سمجهي پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهيائين. پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. سندس مقام جيڪو اسان جي

هڪ دلربا شخص جي آتم ڪهاڻي

هر ماڻهوءَ جي زندگي خود ڪيترين ئي ڪهاڻين جو مجموعو هوندي آهي ۽ هر ڪهاڻيءَ جو موضوع مختلف هوندو آهي. زندگيءَ جون يادگيريون سنيون هجن يا تلخ پر زندگي جا اهي لمحا ذهن ۾ محفوظ ٿي ويندا آهن، هر ماڻهو انهن کي ياد ڪري پيو جيئندو آهي. محترم دوست مسعود احمد منگي منهنجي ڳوٺ بخش لاڪير کان تمام ٿورڙي مفاصلي تي قائم ڳوٺ نئون ڳوٺ جو باسِي آهي. سندس پيدائش، ابتدائي تعليم ۽ شروعاتي زندگي جو محور ۽ مرڪز سندس پنهنجو ڳوٺ رهيو آهي. ان کان سواءِ سندس ناناڻا پر واري ڳوٺ سوڀو خان مگسي سان تعلق رکندا هئا. ان ڪري اتان جو ڪافي ذڪر سندس آتم ڪٿا ۾ نظر اچي ٿو.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ ننڍپڻ کان جواني جو ذڪر شد ۽ مد سان پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ سندس ذاتي زندگيءَ جا واقعا، سير و تفريح، رانديون ۽ ٻين مشغولين کي هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو آهي. سندس يادگيريون ۽ احساس گڏ گڏ هلندا رهن ٿا، جيئن ڪتاب کي پڙهجي ٿو. جتي ليکڪ بيروني حالتن کي بيان ڪري ٿو اتي هو داخلي محسوسات کي بہ دل جي سچاين سان پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي رکجي نہ ٿو. آتم ڪٿا هوئن بہ مانهو جي گذريل زندگيءَ جي هڪ اهڙي ڊائري هوندي آهي جنهن ۾ زندگيءَ جا سڀ رخ ۽ رشتا وقت ۽ حالات بيان ٿيل هوندا آهن. جيئن پنهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين کي ساريندي ٻڌائي ٿو تہ ميهڙ ۾ مارئي سئنما ۾ پهريون دفعو فلم ڏسڻ ويس. پنجابي فلم هئي جنهن ۾ مصطفيٰ قريشي ۽ سلطان راهي نمايان اداڪار هئا. جڏهن فلم شروع ٿيڻ واري هئي تہ سئنيما جي هال جون سڀ بتيون وسايون ويون ۽ سامهون هڪ اڇي پت تي فلم جا منظر ظاهر ٿيا. جيڪي هن لاءِ خوشي ۽ تجسس جو

دلين ۾ آهي، اگر ان جي حساب سان ڏٺو وڃي تہ سائين انهيءَ اعزاز کان بہ وڌي مان ۽ مرتبي جو حقدار آهي.

سبب بڻيا ۽ هن کي ڏاڍو مزو آيو ۽ پوءِ جڏهن بہ ريڊيو تي انهيءَ فلم جو گانو هن جي سماعتن تائين پهچندو هو تہ هي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. اها فطري ڳالهہ آهي پسندس جي يادگيرين مان ڪابہ يادگيري سامهون ايندي تہ ماڻهو ذهني طور ماضيءَ ۾ پهچي ويندو آهي ۽ لطف اندوز پيو ٿيندو آهي.

جڏهن وي سي آر جو دور شروع ٿيو تہ ليکڪ ٻڌائي ٿو تہ مهيني ۾ هڪ دفعو پنهنجي ذاتي خرچيءَ جا پئسا گڏ ڪري راڌڻ يا ميهڙ مان وي سي آر ڪرايي تي ڪٽي ايندو هو، جنهن جو ڪرايو 100 روپيا هوندو هو. ان ۾ پنجن فلمن جون ويڊيو ڪيسٽون ملنديون هيون. پوري رات جاڳي سڀ فلمون ڏسي صبح جو وي سي آر واپس ڏيڻي پوندي هئي. هاڻي اها ڳالهہ ڪو لطيفو محسوس ٿئي ٿي چاڪاڻ تہ هر گهر ۾ ڊش اينٽينا موجود آهي، سئنيما وڃڻ جو رجحان ذري گهٽ ختم ٿي چڪو آهي نہ ئي ڪو وي سي آر ڏسي ٿو. گهر ۾ جنهن وقت ڪو چاهي تہ فلم، ڊرامو، دنيا جون خبرون ۽ گهڻو ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي سگهي ٿو. هر ماڻهو وٽ سمارٽ موبائل آهي. ان ۾ ڪارڊ وجهي پسند جون فلمون هر وقت ڏسي سگهي ٿو.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ 1982ع کان شروع ٿيل ڌاڙيل ڪلچر جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ان وقت افغانستان ۾ مجاهدين آمريڪا جي جنگ روس خلاف وڙهيا هئا، انهن جي مڪمل سرپرستي هتان ٿي رهي هئي. جنهن ڪري پهريون دفعو آٽو ميٽڪ هٿيار ڪلاشنڪوف ڪچي جي ڌاڙيلن تائين سگهارين ذرين معرفت مقامي پاٽاريدار وڏيرن ذريعي پهتي هئي. سنڌ ۾ بدامني عروج تي هئي ملڪ ۾ ضياءَ جي مارشل لا نافذ ٿيل هئي. مشهور ڌاڙيل پرو چانڊيو، علي گوهر چانڊيو، نادر جسڪاڻي ۽ ٻيا ڌاڙيل علائقي ۾ گهمندا رهندا هئا. نئون ڳوٺ ۾ سيدي موساڻي جي درگاهہ تي زيارت ڪرڻ ۾ هوٽل تي چانهہ پيئڻ بهاني چڪر پيا هڻندا هئا. جنهن ۾ هو سيدي موساڻي درگاهہ تي آيل مسافرن کي پئسا بہ ڏيندا هئا ۽ نئون ڳوٺ جي دڪاندار کان ڪابہ شيءِ خريد ڪندا هئا تہ ان جا پئسا ڏيندا هئا. ان دور ۾ ڌاڙيل پنهنجي علائقي ۾ پنهنجا اصول متعارف ڪرائيندا هئا. جيئن لوڪل ماڻهن کي تنگ نہ ڪرڻ وغيره هاڻي تہ

ڏوهاري ڪوبہ اصول نہ ٿا رکن بلڪ واقفيت واري لاءِ عذاب پيدا ڪن ٿا. مسعود احمد منگي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ 1978ع ۾ جڏهن نئون ڳوٺ ۾ بجلي آئي تہ هوٽلن تي بليڪ اينڊ وائيٽ ۽ پوءِ رنگين ٽيليويزن جو دور شروع ٿيو. هي ٻڌائي ٿو تہ 1979ع ۾ مشهور ڊرامو آخري چٽان هلندو هو، جيڪو هي پنهنجي ڳوٺ ۾ غلام حسين پيرزادي جي هوٽل تي رنگين ٽي وي تي ماڻهن جي هجوم سان ويهي ڏسندو هو. اهڙي يادگيري مون کي بہ اچي ٿي تہ ڳوٺن ۾ وندر جا ذريعا تمام گهٽ هوندا هئا. ان ڪري ان دور ۾ هوٽلن تي رش هوندي هئي، سنڌي ۽ اردو ڊراما شوق سان ڏٺا ويندا هئا. اسان بہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ بخش لاکير ۾ ادا امداد حسين ناريجو ۽ سندس ڀاءُ خادم حسين ناريجو جي هوٽل تي ويهي شام جو اهڙا ڊراما ڏسندا هئاسين ۽ ڳوٺ جي صاف سٿري کير ۾ٺهيل چانهہ جو لطف وٺندا هئاسين. هاڻي تہ هوٽلن تي نہ اهو کير آهي نہ اُها چانهہ موجود آهي.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ محترم مسعود احمد منگي پنهنجي آتم ڪٿا کي مختلف ٽاپڪ ڏئي بيان ڪيو آهي، جيئن ”منهنجو ننڍپڻ (1969ع کان 1980ع) جنهن ۾ هن پنهنجي ننڍپڻ جون يادگيريون بيان ڪيون آهن. پرائمري تعليم کان هاءِ اسڪول تائين تعليمي سفر ۽ سندس شعور جي اوسر کي مختلف طريقن سان بيان ڪيو آهي. ان کان پوءِ 1980ع کان 1990ع واري ڏهاڪي ۾ هن جو راند روند سان ورونهن جو دور شروع ٿئي ٿو. خاص طور ڪرڪيٽ راند هن تمام گهڻي شوق سان کيڏي جيڪا اڄ تائين بہ ڪوچنگ ذريعي کيڏندو اچي ٿو. دنيا جي ڳولا ۾ نڪرڻ جو شوق بہ کيس شروع ٿيو ڪوئٽا بلوچستان جو سفر ڪيائين ان کان سواءِ ڪتاب پڙهڻ جي شروعات گل ڦل رسالي کان شروع ڪيائين. اها ساڳي سرگرمي مون بہ ڪئي جڏهن گورنمينٽ هاءِ اسڪول شاهہ پنجو سلطان ۾ محترم سڪندر علي سميجو ستين ڪلاس جو ٽيچر هو جيڪو مطالعي سان خاص لڳاءَ رکندو هو ۽ شاگردن کي بہ ڪتاب پڙهڻ لاءِ مشورا ڏيندو رهندو هو. ان وٽ گل ڦل ٻاراڻي ادب جو رسالو ڪافي ڪاپيون اينديون هيون، جيڪا ماهوار مون کي بہ ڏيندو هو ۽ ان جا پئسا منهنجي

والد صاحب کان وٺندو هو جيڪو بہ هڪ استاد هو، ۽ سائين سڪندر سميجو جي دڪان تي شاهہ پنجو ۾ ويهندو هو. محترم مسعود احمد منگي پنهنجي اعليٰ تعليم جو ذڪر ڪندي هن ڪتاب ۾ ٻڌائي ٿو تہ 1989ع ۾ هن لاڙڪاڻي ۾ بي ڪام ون جو امتحان ڏنو ۽ 1990ع ۾ بي ڪام فائنل جو امتحان ڏئي لاڙڪاڻو ڇڏي ڳوٺ آيو.

ليکڪ پنهنجي يادگيرين کي بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ 1990ع ۾ ڪاوش اخبار جي شروعات ٿي ۽ اها ڳوٺ ۾ بہ اچڻ لڳي جيڪا پڻ هن پڙهڻ شروع ڪئي. 1993ع ۾ نوجوانن ۾ قلمي دوستيءَ جو شوق عروج تي هو مسعود احمد منگي بہ اِن ڪم ۾ گهڻو سرگرم هو هن جا سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪيترائي قلمي دوست هئا، جن کي ريگيولر خط لکي حال احوال کان واقف ڪندو هو. ان کان پوءِ مسعود احمد منگي تفصيل ٻڌائي ٿو تہ هو ڪيئن لوڪل گورنمينٽ ۾ اڪائونٽنٽ جي پوسٽ تي پهتو. ٻڌائي ٿو تہ جڏهن لکت ۽ زباني امتحان بهتر ٿي ويو تہ ڪنهن صلاح ڏنس تہ هي دور غريب جي حق ۾ ناهي ان ڪري تون سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ محترم عبدالقادر منگي سان وڃي ڪراچيءَ ۾ ملاقات ڪري اچ جيڪا هن ڪراچيءَ ۾ وڃي ڪئي ۽ کيس پنهنجا حالات بيان ڪري ٻڌايا. آخرڪار هن جو پاس ٿيندڙن اميدوارن ۾ نالو اچي ويو، جنهن ڪانپوءِ هي ٻڌائي ٿو تہ آفرليٽر وٺڻ وقت هن کان 200 رپيا گهريا ويا ۽ ان وقت سندس کيسي ۾ صرف پنجاهہ روپيا هئا، جيڪي ان کي ڏئي آفر ليٽر ورتائين ساڳي طرح پوسٽنگ آرڊر وٺڻ وقت بہ ان دور ۾ 200 روپيا هر اميدوار کان ورتا ويا، جيڪي هن بہ ڏنا هئا. هاڻي تہ اجا حالتون بدتر آهن سنڌ جي بيروزگارن سان حڪومت جي کاتن وارا دڪان کولي ڦر ڪري رهيا آهن، جيڪا هن دور ۾ وڏي بي انصافي ۽ ظلم کان گهٽ ناهي جو هڪ تنگدست تعليم يافتہ نوجوان روزگار لاءِ پريشان هجي ۽ سرڪاري کاتن ۾ سرڪاري پگهارون کٽندڙ پيٽ ڀريل بدڪردار آفيسر ميرٽ بجاءِ نوجوان جي کيسي ۾ نظر وجهن تہ خراب حڪمراني باقي ڇا کي چئبو آهي؟ ڪابہ خدا خوفي ۽ فرض شناسي نظر نہ ٿي اچي. هر هنڌ سفارش ۽

رشوت ڪان سواءِ ڪوبہ ڪم نہ ٿو ٿئي. عام غريب ماڻهو تباهہ ٿي ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ محترم مسعود احمد منگي پنهنجي يادگيرين کي ورجائيندي چوي ٿو تہ 1994ع ۾ ڪيس سموري پگهار 1817ع رپيا ملي هئي، جيڪا هن پنهنجي امڙجي هٿ ۾ اچي ڏني هئي. اها ڪيڏي نہ خوشيءَ جي گهڙي هوندي جو مسعود احمد منگي هميشہ پنهنجي امڙ کان پئسا وٺندو هو ۽ پنهنجي بيروزگار پٽ کي روزگار سان ڏسي ڪيتري نہ گد گد ٿي هوندي. اڳتي هو ٻڌائي ٿو تہ روزگار ملڻ کان پوءِ هن وي سي رکي جنهن مان پوءِ لاڙڪاڻي مان 14 انچ ٽاپ ڊوم رنگين ٽي وي وني جڏهن هو گهر پهتو هو تہ گهر جون پيتيون بہ ٻهڪي رهيون هيون.

اهي ئي زندگيءَ جون خوشگوار يادگيريون هونديون آهن، جيڪي ليکڪ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ رقم ڪيون آهن. محترم مسعود احمد منگي سير ۽ سياحت جو تمام گهڻو شوقين رهيو آهي سندس اهو شوق اڄ بہ جاري آهي. هو پنهنجي آتم ڪٿا ۾ بيان ڪري ٿو تہ 1995ع ۾ هو ايران ويو جتي ايران جا مشهور شهر قم، اصفهان، شيراز، مشهد ۽ ٻيا گهمي ڏٺائين جن جو ذڪر تفصيل سان هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

1995ع ۾ ملڪي سياحت ۾ بهرو ورتائين جتي دوستن جي هڪ جٿي سان ڊيره غازي خان، اسلام آباد، ڪوهہ مري، لاهور، واهگہ بارڊر تائين ويو ۽ پنهنجي خوبصورت سفر جون يادگيريون هن ڪتاب ۾ سهيڙيل آهن. 1995ع ۾ جڏهن ايران جي سير سفر تي هو ۽ ڦم شهر پهتو هوٽل ۾ ڳوٺ رابطو ڪيائين تہ ڪيس سندس والد جي فوت ٿيڻ جو اطلاع مليو، جيڪا گهڙي هن لاءِ اذيتناڪ هئي ۽ وڏي صدمي ۾ ونجي ويو ۽ سندس سفر جو مزو ڦِڪو ڦِڪو ٿي ويو. جڏهن ڳوٺ پهتو تہ پنهنجي امڙ کان غلطي جي معافي ورتائين تہ هو سندس والد جي مرتيبي تي اتفاق سان ملڪ کان ٻاهر هجڻ سبب پهچي نہ سگهيو هو. ۽ ليکڪ ٻڌائي ٿو تہ والد جي وڇوڙي جي صدمي جي شدت کي گهٽائڻ لاءِ هن والد صاحب جي نالي سان

ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پڻ منعقد ڪرائي، جيڪا ڪافي ڏينهن جاري رهي ۽ آخر ۾ اها ٽورنامينٽ راڌڻ جي ٽيم کٽي ورتي هئي.

هن ڪتاب ۾ 1998ع جي اونهاري ۾ منهنجي ڳوٺ بخش لاکير ۾ نائيٽ ڪريڪٽ ٽورنامينٽ جو بہ ذڪر ٿيل آهي. ليکڪ ٻڌائي ٿو تہ آڪٽوبر 1999ع ۾ سندس شادي ٿي جيڪا سندس سوٽ حاجي غلام حيدر منگي جي وڏي نياڻي سان ٿي ۽ اها بہ رشتي ۾ سندس ماسات آهي. هن ڪتا ب ۾ 31 ڊسمبر 1999ع تي نئين صدي جي شروعات ٿي رهي هئي ۽ گذريل صديءَ جو سج آخري پساهہ کڻي رهيو هو تہ ليکڪ ذڪر ٿو ڪري تہ هو نئون ڳوٺ جي ٻچاءَ بند تي بيهي هن اهو منظر ڪيئن ڏٺو هو. هن ڪتاب ۾ آگسٽ 2001ع ۾ ميهڙ جي ٽن ٻين دوستن سان گڏ ليکڪ ٻيو دفعو ايران جي سفر تي اُسهيو هو ۽ 14 آگسٽ جو ڏهارو تهران ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۾ ملهايو هو، جتي سفارت ڪار سان سندن تعارف بہ ٿيو هو ۽ ان طرفان سفر متعلق رهنمائي ۽ همت افزائي بہ ٿي هئي. ڊسمبر 2001ع ۾ يونين ڪائونسل شاهہ پنجو سلطان ۽ يونين ڪائونسل نئون ڳوٺ جي ٽيمن وچ ۾ عيدجي ٻئي ڏهاڙي تي ڳوٺ بخش لاکير جي راند جي ميدان تي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو بہ ذڪر ٿيل آهي جتي محترم مسعود احمد منگي مون ناچيز کي مهمان خاص بنايو هو ۽ ٽيمن ۾ انعام گڏجي ورهايا هئا. هو بہ قلمبند ٿيل آهي. 2008ع ۾ سندس عمري جي سعادت جو ذڪر ٿيل آهن ۽ ان مقدس سفر کي بہ بهترين نموني سهيڙيو اٿس. بهرحال هي ڪتاب نہ صرف ليکڪ جي زندگي جي احوال سان ڀرپور هڪ ڊاڪيومينٽ آهي، پر علائقي جي تاريخ ۽ علائقي جي ماڻهن جي تاريخ جو پڻ دلچسپ داستان آهي. اميد تہ پڙهندڙ ڏاڍو مزو ۽ معلومات حاصل ڪندا.

مشاهدو منگي مسعود جو

مسعود احمد منگيءَ جي ڪتاب "مشاهدو منگي مسعود جو" جي مهورتي تقريب ۾ سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير جو پڙهيل مقالو

"مشاهدو منگي مسعود جو" محترم مسعود احمد منگي صاحب جي آتم ڪٿا آهي. آتم ڪٿا، يعني پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني. اها آتم ڪٿا نہ رڳو سندس زندگيءَ جي ظاهري سفر جي عڪاسي ڪري ٿي، پر سندس اندروني احساسن، فڪري تجربن ۽ روحاني تجليات جي بہ ترجمان آهي. جيئن اردو ۾ چون ٿا آپ بيتي، يعني جيڪو پاڻ تي گذريو، تنهن کي پاڻ بيان ڪرڻ. آتم ڪٿا دراصل زندگيءَ جي انهن سيني منن ۽ ڪٿن لمحن جو مجموعو هوندي آهي، جيڪي ڪنهن انسان جي شخصيت کي سنواري، ان جي فڪر ۽ وجود کي نئون رخ ڏين ٿا. مسعود احمد منگيءَ جي هيءَ آتم ڪٿا بہ هڪ اهڙو ئي ادبي ۽ تجربي وارو سفر آهي، جتي ليکڪ پنهنجي زندگيءَ جي وارتائن کي هڪ مصور جيان لفظن جي رنگن سان چٽي تصوير جي صورت ۾ پڙهندڙ آڏو پيش ڪري ٿو. سندس نثر ۾ مشاهداتي گهراين سان گڏ احساسن جي اُها تازي خوشبو آهي، جيڪا پڙهندڙ جي دل ۾ ويهي وڃي ٿي. مسعود منگيءَ نہ فقط پنهنجي ملڪ جا خوبصورت علائقا ڏٺا، پر غريب هوندي بہ دل جي اميريءَ سان دنيا جي مختلف ملڪن جو سفر ڪيو. الله پاڪ جي تخليق ڪيل هن حسين جهان کي ڏسڻ لاءِ پاڻ پنهنجي خرچ مان ڪجهہ رقم الڳ ڪري، دنيا جي رنگن ۽ ثقافتن کي ويجهو ڏسڻ جي تمنا پوري ڪئي. انڊيا، نيپال، سعودي عرب ۽ ايران جا مقدس مقام ۽ سياحتي مرڪز سندس مشاهداتي يادگيرين جو حصو بڻيا. جيئن انگريزيءَ ۾ چيو ويندو آهي Seeing is Believing ڏسڻ ئي يقين پيدا ڪري ٿو. مسعود منگيءَ جي هن مشاهداتي سفر مان بہ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ قدرت جي ڪائنات نہ رڳو وسيع، پر انتهائي حسين ۽ دلڪش آهي، جتي هر قوم جي ٻولي، ثقافت ۽ طور طريقا مختلف هوندي بہ انسانيت جو حسن هڪ جهڙو محسوس ٿئي ٿو. سندس

ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي محترم احمد رضا آڳري تمام خوبصورت مثال ڏنو آهي: گهڻو ڪاڏي ڪان گهڻو ڏنو چڱو، ۽ بلبل صاحب جي قول کي ياد ڪندي چيو آهي: دنيا سندا تماشا، گهر کان نڪر تہ ڏسندين. هيءَ چوڻي مسعود منگيءَ جي شخصيت تي بلڪل صادق اچي ٿي. ڪي ماڻهو هوندا آهن، جيڪي تنگدستيءَ باوجود دنيا ڏسڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ جو شوق پورو ڪرڻ لاءِ رستو ڳوليندا آهن ۽ منگي صاحب بہ انهن مان هڪ آهي. سندس مشاهداتي سفر رڳو سير و تفريح نہ، پر هڪ فڪري ۽ علمي واڌارو بہ آهي. مون هڪ ڀيري مسعود منگيءَ کان پڇيو تہ: جڏهن توهان ٿي ڳرا ڪارٽن ڪتابن جا سامان جي اڏي (Goods) تان ڪٽي گهر ۾ داخل ٿيو تہ گهر ڀاتين جو ردعمل ڪهڙو هو؟ هن مرڪندي وڏي خوبصورتي سان جواب ڏنو: منهنجي امڙ، پٽن، ڌيئرن ۽ سيني گهر ڀاتين جي چهري تي هڪ عجيب خوشي ۽ اطمينان هو، چڻ تہ گهر ۾ ڪا نئين زندگي آئي هجي. واقعي، اها ڳالهہ تمام معنيٰ خيز آهي. ڪتاب رڳو ڪتاب ناهي، پر ليکڪ جي روح، احساس ۽ فڪر مان جنم وٺندڙ هڪ نئون گهر ڀاتي هوندو آهي. جيئن اسپتال مان نئون ٻار گهر ايندو آهي تہ گهر ۾ خوشيءَ جي لهر پکڙجي ويندي آهي، تيئن ڪتاب جي آمد بہ فڪر ۽ احساس جي دنيا ۾ هڪ نئين زندگيءَ جي آمد آهي. هي ڪتاب بہ بلڪل اهڙي نئين زندگيءَ جو استعارو آهي، جيڪو لکندڙ جي تجربن، احساسن ۽ خيالن کي هميشہ لاءِ زندهہ ڪري ڇڏيندو. انسان تہ هڪ ڏينهن هليو ويندو، پر سندس لکيل لفظ، سندس ڏنو دنيا، سندس سوچ ۽ سندس احساس هميشہ ڪتاب جي صورت ۾ زندهہ رهندا. ان ڪري، ڪتاب جي خوشي واقعي بي بها آهي. اها خوشي جيڪا ڪنهن بہ تخليقڪار جي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي ڪاتي ۾ جمع ٿئي ٿي. مان هن موقعي تي محترم مسعود احمد منگيءَ کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو، "مشاهدو منگي مسعود جو" صرف هڪ آتم ڪٿا نہ پر هڪ فڪري شاهڪار آهي، جيڪو پڙهندڙ کي زندگيءَ، دنيا ۽ انسانيت کي نئين نظر سان ڏسڻ سيکاري ٿو.

9نومبر 2025ع

هائبرڊ زندگي کان خائف ۽ سگهاري سماج جا خواب ڏسندڙ ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر

ڪجهه سالن کان ميهڙ ۾ ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر سان ملاقات جو شرف حاصل رهيو. ڪيس علم جي حاصلات لاءِ ڊوڙون پائيندڙ، مطالعي ۾ غرق، تحقيق ۾ مشغول ۽ فڪر جي اُٿاهه گهرائي رکندڙ ڏٺم. هي نوجوان پنهنجي طبيعت ۾ نرالو، پنهنجي انداز ۾ لاجواب ۽ پنهنجي فڪر ۾ بي مثال آهي. سندس اکيون ۽ اکر ٻنهي ۾ سماج کي سگهارو، جڙيل، باوقار ۽ غير مصنوعي ڏسڻ جا خواب هميشه ڦٽندا رهن ٿا، جڏهن ته هائبرڊ زندگيءَ جي مصنوعيت کان بيزاري ۽ بيچيني صاف محسوس ٿيندي آهي. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته "پَنهوارن پَچار" نالي سان پنهنجو شاعريءَ وارو ڪجهه حصو ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪرڻ ٿو چاهي. هي ڪتاب رڳو شاعريءَ جو مجموعو نه، پر زندگي جي مختلف رخن، انساني روين، سماجي تجربن ۽ ذاتي مشاهدي جي روشنيءَ ۾ هڪ فڪر جو سفرنامو آهي، جيڪو ڊاڪٽر اعجاز پنهنجي فن جي سنجيدگي سان بيان ڪيو آهي. جيئن هو هڪ هنڌ چوي ٿو:

ويڇا پيا وڌندا وڃن، پنهنجا پاڻ ۾ ٿا ڪين ٺهن

هڪ زمانو هو جو سماج ۾ اها چوڻي عام هوندي هئي ته "رت دانگيءَ تي به وَرندو آهي" يا "پنهنجو ماري گهٽ ۾ گهٽ ڇانوَ ۾ اڇلائيندو آهي"، پر گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سماج ۾ ايتري تبديلي آئي آهي، جڻ صديون گذريون هجن. سماج جا قدر، سماج جون ريتون رسمون، سماج جو اٿڻ ويهڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ اوڍڻ سڀ ڪجهه تبديل ٿي چڪو آهي. سنڌي سماج جو روايتي ڪٽنب وارو تصور ٽٽي برباد ٿي ويو آهي. مائٽن ۾ نه ختم ٿيندڙ نفرتون، بي سبب دشمنيون ۽ ريتن رسمن جي خاڪ ٿيڻ سان رت جا رشتا به جڻ بي معني ٿي پيا آهن. خونريزي عام، جهيڙا گهڻا ۽ مٽ مائٽ پنهنجن سان ناراض ٿي غيرن جو سَهارو ڳولهڻ لڳا آهن. سماج جي المين مان سڀ کان وڏو الميو اهو آهي ته سرڪاري ادارن ۾ غير ذميوار

ماڻهن جي لوڊ سياسي آشيرواد هيٺ داخل ٿي وئي آهي. انهن جي حرڪتن رشوت جي منڊي گرم ڪري ڇڏي آهي، حالت اها آهي جو جائز ڪم به بنا رشوت جي ممڪن نه رهيو آهي. قانون جي عملداري جهڙو لفظ جڻ لغت مان ئي گم ٿي ويو آهي. اهڙين حالتن تي شاعر سچائيءَ سان چوي ٿو:

رِشوت سوا هنن وٽ ڪو رستو ڪونهي
پگهر پنهوارن جو ڪو سستو ڪونهي

جڏهن سماج ۾ شرافت جو سڪو پنهنجو قدر وڃائي ويهي، ۽ ٺڳ، ڌوڪيباز ۽ گهٽيا ماڻهو به عزت وارن هنڌن تي ويهاريا وڃن، تڏهن خلق جي زبان تي اهو جملو ٻڌڻ عام ٿي وڃي ٿو ته "ادا ڪجر ۽ ڪلر جو وارو اچي ويو آهي." ان صورتحال تي شاعر جو طنز ڏاڍو تيز ۽ بيباڪ آهي:

لُوسي لاف هڻندو، محفل جو مَور هوندو

سنڌي سماج ۾ اوطاق جو مقام اڳي اسڪول جهڙي درسگاهه جهڙو هوندو هو، جتي وڏن جون ڳالهيون ننڍن جي ذهنن ۾ روشني وجهنديون هيون، ننڍا وڏڙن وٽان تهذيب، عزت، احترام، پنهنجائپ، همدردي، محبت، ويساهه ۽ قرباني جهڙين خوبين جي تربيت حاصل ڪندا هئا. پر اڄ اهي اوطاقون ويران آهن ۽ محبت، جيڪا سنڌي سماج جو روح هئي، اسان جي زندگيءَ مان موڪلائي وئي آهي. ان درد کي شاعر هن نموني بيان ڪري ٿو:

ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

اوطاقن جو ويران ٿيڻ رڳو عمارتن جو خالي ٿيڻ نه پر غير رسمي تربيت، وڏي جي عزت، ننڍي سان محبت، گڏجڻ ۽ ٻڌجڻ واري ثقافت جو ختم ٿي وڃڻ آهي. جڏهن سماج ۾ ظلم ۽ ڏاڍ وڌي وڃي ته حساس دل وارو انسان اندر ئي اندر ٽٽي ٿو پوي. اهڙي ئي ڏک سان شاعر سوال ڪري ٿو:

اسان جو آ ڏوهه ڪهڙو هتي جي جمياسين؟
هر پل هر موڙ تي اسان ڇو رُناسين رڙياسين

هي مايوسيءَ جي انتها آهي. زندگي، جيڪا الله تعاليٰ عقل ۽ شعور ڏئي انسان لاءِ خوبصورت بڻائي آهي، اڄ ماڻهن جي هٿن ۾ بيساختگي ۽ بي قدريءَ جو ميدان بڻجي وئي آهي. ماڻهو چون ٿا تہ جمي قاسي ويا آهيون. سکڻ تہ پري جي ڳالھ رهي، ساھ کڻڻ بہ ڏکيو ٿي پيو آهي. سماج ۾ غير قانوني لاڙا وڌن ٿا تہ انسان سوچيندو آهي تہ آخر هن اونداهي سفر جي پڇاڙي ڪٿي دنگ ڪندي؟ ملڪ ۾ خاص طور نياڻي، اڄ بہ ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار آهي. هن جا حق ڪسجي ويا آهن. سندس عزت اڃان تائين محفوظ ناهي. ڊاڪٽر اعجاز سوڍر نياڻيءَ جي فرياد کي ”سور سليان“ جهڙي درد ڀري انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جيئن چوي ٿو:

انمول چريو آهين، تون چريا چپ ڪر
هٽ چوڻ بہ ڏوھ، هجڻ بہ ڏوھ

۽ پوءِ هڪ تلخ سچائيءَ سان چوي ٿو:

ديس اهڙي ۾ بغاوت جائز آ

جڏهن ڳالھ ڳري ٿي وڃي ٿو ۽ سماج پري رهيو هجي ۽ قدر ناياب ٿيڻ وارا هجن تہ پوءِ بغاوت کان سواءِ ڪهڙي واھ نظر ايندي؟ ترقي يافتہ سماجن ۾ رياست جي سياست اهڙي آهي جو ان ۾ خلق خدا جي ڀلائي سندن ايجنڊا هوندي آهي پر هتي سياست خدمت بجاءِ ڪوڙ جي علامت بڻجي وڃي تہ پوءِ ڪهڙو صحتمند معاشرو تعمير ٿي سگهندو؟ اهوئي سبب آهي جو شاعر چوي ٿو:

ڏڻ جو ڏٿي پڪو فصل ڪٽي، اڃان بہ پيٽ بڪارو چو؟
ڌوڪو فريب هنرمندي مڃيو آ هن
ايندڙ نسل کي اهو پڙهائي ٿو انسان

هائبرڊ زندگي، مصنوعي مُرڪ، جعلي رشتا، بنا احساسن جي ملاقاتون، بنا سچ جي گفتگو! شاعر انهيءَ مصنوعي دور کي ڏسي چوي ٿو:

هائبرڊ هلي پئي زندگي، مصنوعي مرڪ سجائي

اهڙو سماج، جيڪو ڪاڏي کان وني ڪردار تائين ملاوٽي ٿي چڪو آهي، جتي لفظن ۾ سچائي گهٽ ۽ نمائش وڌيڪ آهي، اتي

دانهون ڪوڪون ڪرڻ شاعر لاءِ فرض بڻجي ٿو. ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر پنهنجي ڪلام ۾ هر هنڌ حق جو هُوڪو ڏنو آهي ۽ هائبرڊ زندگيءَ کان سخت خائف نظر اچي ٿو. هو پراڻي دور جي سچائي، اصل ڪاڏن جي خوشبو، اصل احساسن جي گرمي، اصل قدرن جي عظمت ۽ اصل نسل جي ضرورتن لاءِ آواز اٿاري ٿو. هن جا خواب هڪ سگهاري، گڏيل، محبت ڀري ۽ باوقار سماج ڏانهن اشارو ڪن ٿا. مون ڪوشش ڪري سندس ڪلام منجهان ڪجھ انتخاب ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. اميد آهي تہ سندس هن پورهيي مان ايندڙ نسل رهنمائي حاصل ڪندو ۽ سماج کي بهتر بڻائڻ جي راھ اختيار ڪندو.

پروفيسر عبيدالله لاڪير — ميهڙ
15نومبر 2025ع

ادب جو ڪارج سمجھڻ کپي

تحرير: پروفيسر عبيدالله لاڪير

لکڻ کان اڳ ادب جو ڪارج سمجھڻ نهايت ضروري آهي، چوتہ بنا مقصد ۽ ڪارج جي لکڻ، هَوا ۾ گولي هلائڻ برابر آهي. اڪثر اديب ۽ شاعر محبوب جي نگاهن جا گهايل نظر اچن ٿا ۽ بار بار اُها ئي ڳالھ پنهنجي شاعريءَ ۾ ورجائين ٿا. پر حقيقت ۾، ٻُڪايل جي نگاهون محبوب جي نگاهن کان وڌيڪ گهايل ڪري ڇڏين ٿيون. ادب کي صرف خيالي پلاٽن تائين محدود نہ رکڻ کپي، پر ان کي زندگيءَ جي نزديڪ آڻڻ لازمي آهي. اڄ جو دؤر افراتفريءَ، بيچينيءَ ۽ انتشار جو دؤر آهي. عورتون ۽ ٻار غير محفوظ آهن: سندن زندگيون غير انساني حالتن ۾ گذري رهيون آهن. معصوم ٻارن کان جبري پورهيو ورتو پيو وڃي. معاشري ۾ سينا زوري، زيادتي ۽ جنسي تشدد عام ٿي ويا آهن. تنهن هوندي بہ اسان وٽ هي دعويٰ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي تہ هي صدي تهذيب يافتہ معاشرن جي صدي آهي. پر اها ڳالھ سچ کان گهڻو پري آهي. تهذيب يافتہ معاشري ۾ هر ماڻهو

بااصول، بااخلاق ۽ با مقصد زندگي گذاريندو آهي، پر اسان وٽ زندگيءَ کان نفرت عام ٿي وئي آهي. ان جو بنيادي سبب معاشرتي پيچڪڙيون، قدرن جي پامالي ۽ ضابطن جي لتاڙ آهي. اسان وٽ نه ڪو ضابطو باقي رهيو آهي، نه اصول ۽ نه ئي انهن جي پاسداري. هر ماڻهو ٻئي جو حق غصب ڪرڻ کي ذهانت ۽ چالاڪي سمجهي ٿو. اهڙي معاشري ۾ زندگيءَ کان بيزاريءَ جو وڏي وجڻ فطري نتيجو آهي. اديب اهڙي بيمار ۽ جهنجهٽ ۾ پيل معاشري لاءِ رهنما، راهه ڏيکاريندڙ ۽ سُڌار جو ذريعو هوندو آهي. پر سوال اهو آهي ته اڄ ادب ڪيئن لکجي پيو ۽ ڇا لکجي پيو؟ هي هڪ بحث طلب ۽ فڪري سوال آهي. اسان جي ذهنن ۾ جيڪا افراتفري، غير ذهني پختگي (Immaturity) ۽ فڪري ابهمت آهي، اها اسان جي روزمره جي عملن مان ظاهر ٿئي ٿي. هي سڀ ڳالهيون ٻڌائن ٿيون ته اسان وٽ صحتمند ادب جي کوٽ آهي. جيئن ڪو ڊاڪٽر بيمار جسم کي ڏسي چوندو آهي ته ان ۾ فلاڻي وٽامن يا پروٽين جي کوٽ آهي، جنهن سبب اهو جسم زرد ۽ ڪمزور ٿي ويو آهي، تيئن منهنجو ذاتي خيال آهي ته اسان جي نوجوان نسل کي به اهڙو ادب ميسر نه آهي، جيڪو انهن کي زندگيءَ جو ڪو رخ (Direction) ڏئي، اميد، پروسو ۽ جدوجهد جي نئين روح سان پري. اڄ جي مايوسين ۾ قاتل نوجوان کي اهڙو ادب گهرجي، جيڪو ڪيس پنهنجي ڪوشش کي منظم (Re-Organized) ڪرڻ سيکاري. انهيءَ ڪري، اڄ جي دور ۾ اديب تي ذميوارين جو ڳرو بار آهي. ڪيس صحتمند، تعمير ڪندڙ ۽ فڪري طور بيدار ڪندڙ ادب پيش ڪرڻ گهرجي. بيمار معاشرا ڪنهن طاقتور فڪري ٽانڪ سان ئي صحتمند ٿين ٿا ۽ اهو اديب جي ذهانت ۽ فڪري صلاحيت جو امتحان آهي ته هو معاشري کي ڪهڙيءَ طرح رخ (Direction) ڏئي ٿو. هي ڪم ڏاڍو پيچيده (Complicated)۽ منجهيل (Confused) آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ جي اليڪٽرانڪ ميڊيا، جيڪا اسان وٽ تمام سولي ۽ سستي صورت ۾ موجود آهي، نوجوان نسل کي اهڙا فڪري ڊوز ڏئي رهي آهي، جيڪي اسان جي قدرن(Values) ، ثقافت ۽ معاشرت جي ابتڙ آهن. نتيجي طور، نوجوان هڪ اهڙي آئيڊيلزم (Idealism) جو شڪار ٿي

رهيا آهن، جيڪو حقيقت ۾ آئيڊيلزم کان وڌيڪFanaticism ، يعني تصوراتي ۽ فرضي خيال تي ٻڌل آهي، جيڪو حقيقي زندگيءَ کان گهڻو پري آهي.

مذهب ۽ ثقافتون آزاد هجڻ کپن

تحرير: عبيدالله لاڪير

مذهب هر انسان جي بنيادي عقيدي ۽ ايمان جو نالو آهي. مذهب هڪ نظريو پڻ آهي. جنهن کي دل سان قبول ڪرڻ جو اختيار هر ماڻهو کي خود ساخته ملڻ کپي. ثقافت هر سماج جي پنهنجي اٿڻي ويهڻي ۽ سوين سالن کان مروج علائقائي ريتن ۽ رسمن، ٻولي ۽ پوشاڪ جو نالو آهي. عرب جيڪڏهن جبو ۽ مٿي تي انگل اوڍين ٿا ته اهو اتان جي ثقافت ۽ علائقائي، جاگرافيائي ۽ موسمياتي ضرورتن پٽاندر آهي. گرم وارياسو علائقو هجڻ سبب پوشاڪ ۽ ثقافت ساڳي هلندي پئي اچي. ساڳي طرح يورپ ۽ مغرب ٿڌن علائقن ۾ اتان جي ماڻهن جو لباس اتان جي موسمي ضرورتن پٽاندر آهي ۽ اهو ئي هلندو پيو اچي. جيڪو انهن جي علائقائي ثقافت جو حصو ٿي چڪو آهي. سنڌ ۾ ٿورڙو پوئتي وڃبو ته اسان وٽ ماڻهو گرميءَ ۽ سرديءَ ۾ پنهنجو علائقائي لباس پائيندا رهيا آهن. جيڪو سندن موسمي ضرورتن سان گڏ ثقافت پڻ بڻجي چڪو آهي. مثال طور: شلوار قميص يا پهراڻ ۽ پوتڙو مٿي تي پَٽڪو ۽ ٽوپ اها اسان جي روايتي لباس جو اهم حصو رهيو آهي. پَٽڪو حقيقت ۾ گرمي ۽ سردي ۾ دماغ کي موسمي اثرن کان بچائڻ جو حقيقي سبب هو، جيڪو هاڻي بلڪل ئي ختم ٿيندو پيو وڃي. لباس جو وقت سان گڏ تبديل ٿيڻ هڪ فطري عمل به آهي. ڇاڪاڻ ته هن وقت دنيا گلوبل وليج بڻجي چڪي آهي. وليج معنيٰ هڪ ڳوٺ جنهن جي محدود آبادي ٿيندي آهي. جنهن ۾ ماڻهو هڪٻئي کي چڱي طرح سڃاڻندا آهن ۽ پاڻپي برادري به رکندا آهن ۽ تقريبًا هو ان ڳوٺ جي ريتن، رسمن، رواجن کي پڻ سپورٽ ڪندا آهن. هن

وقت ماڻهو دنيا ۾ ڪهڙي به ڪنڊ ۾ ڪهڙي به مذهب ۽ ثقافت سان واسطو رکندو هجي، اهو دنيا جي سيني ماڻهن کي ڳنڍيل آهي. انٽرنيٽ ذريعي، موبائل ذريعي، فون ذريعي وغيره وغيره. هو ڇا ٿو ڪري، ڇا ٿو سوچي، اسين ڪيس ڄاڻون ٿا. ان ڪري دنيا سوڙهي ٿي هڪٻئي جي ويجهو اچي چڪي آهي. دنيا ۾ هاڻي هڪ مذهب، هڪ ذات، هڪ قبيلو بڻجي رهڻ جو خيال (Concept) ٽٽي رهيو آهي. هڪ گهر ۾ مختلف مذهبن کي مڃڻ وارا رهن ٿا. چاهي انهن جو رت جو رشتو هڪ آهي. هر ماڻهو عقيدي ۽ ايمان جي مڃڻ جي لحاظ کان آزاد آهي. ڪير به ان کي ٽوڪي ۽ روڪي نه ٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته مذهب هڪ ذاتي مسئلو آهي. ايشيا ۾ اڄ سهپ جو اهو دؤر هلي رهيو آهي ته هتي مذهبي اڻ سهپ عروج تي آهي. مسلمان، هندو، عيسائي مذهبي بنياد تي هڪ ٻئي سان الجهيل رهيا آهن. جڏهن ته هڪ ماڻهو پنهنجي لاءِ يا خيال ٻئي ماڻهو تي مڙهي ته اهو انساني بنيادي حقن جي خلاف ورزي آهي. نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي دور ۾ عيسائي، يهودي، منافق ۽ مسلمان به هوندا هئا پر پاڻ صرف پنهنجو پيغام پهچايائون ۽ اعلي ظرف سان انهن سنا ورتاءُ رکيو. نتيجي ۾ هو دليون کٽيندا رهيا. اڄ به عقيدا، رسمون، رواج ڏاڍ جي بنياد تي مڙهجي رهيا آهن، حالانڪ دل کٽڻ سان عقيدي کي به جاءِ ملي سگهي ٿي پر اسان دنيا ۾ اهو فلسفو ڀُلجي ويا آهيون. اسان هڪٻئي کي زبردستي فتح ڪرڻ جي چڪر ۾ لکين ماڻهو ماري چڪا آهيون پر پنهنجي انا ۾ پاڻ کي فاتح چوندا رهون ٿا. جڏهن ته اها بري شڪست آهي. ڇاڪاڻ ته عقيدي جي بنياد تي ڪنهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ڪيس صفه هستيءَ تان مٽائڻ هڪ ڪنڌي سوچ جو ڀيانڪ عمل آهي. جڏهن ته ڪنهن به مذهب ۾ عقيدي کي ڦهلائڻ جو اهو طريقو انتهائي اڻ وڻندڙ ۽ غير انساني تصور ڪيو ويو آهي. پر اڄ به دنيا ۾ مذهبي يا عقيدي جي بنياد تي انساني قتلام جاري آهي. جڏهن ته اهو الله تعالي سان جنگ ڪرڻ برابر آهي. ڇاڪاڻ ته ڪائنات ۾ ڪنهن به جاندار جو موت جو حق الله تعالي جي اختيار ۾ آهي.

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته عقيدي جي بنياد تي هڪ ٻئي ملائڻ جو ڪم اهي ماڻهو مذهبي جنونيت ڪرائي رهيا آهن. جيڪو خود ان عقيدي جا عالم ۽ مفتي چورائن ٿا. ڀلي اهو مسلمان هجي، عيسائي هجي، يهودي هجي يا هندو هجي، انهن جو تعلق انهن مذهبن يا عقيدن سان آهي. ماڻهوءَ کي مذهبي جوش ۾ آڻي پوءِ هو پنهنجي ذاتي ايجنڊا لاءِ استعمال ڪن ٿا ۽ هو آرام سان اهو ڪم ڪري وڃن ٿا، جو قاتل ۽ مقتول کي به خبر نه ٿي پوي ته اسان کي هڪ ٻئي جي سامهون آڻيندڙ ماهر شخص ڪيترو نه مڪار ۽ منافق آهي، جيڪو ڪنهن به عقيدي سان سچو ناهي. هن جو ڪم صرف ان جي ذاتي مفادن جو پورائو آهي. ملان، پادري، ڀکشو، پنڊت يا ربي سوين سالن کان اهو ڪم ڪندا پيا اچن ۽ هو بي انداز رت وهائي نالي ۾ ته پنهنجي عقيدي جي خدمت ڪري رهيا آهن پر اصل ۾ هو پنهنجي وجود جي بقا جي جنگ وڙهن پيا. انهن جو ڪوبہ مذهب ناهي، بس هو ڏوهاري آهن ۽ ڏوهاري جو ڪوبہ مذهب نہ هوندو آهي. مذهب عقيدي جو نالو آهي ۽ عقيدو احساس جي بنياد تي بيهندو آهي. جتي انساني قتل کان وٺي هر ڏوهه ۾ احساس ئي نه ٿئي ته اتي عقيدو مئل آهي. فقط ان وجود ۾ شيطان (Evil Forces) پنهنجو اڏو قائم ڪيون ويٺا آهن، جيڪي انساني وجود جا ويري آهن. سنڌ ته مذهبي رواداري جو گهر رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هتي صوفين پنهنجي محنت سان هتان جي ماڻهن جي مزاج جي تربيت ڪئي آهي، جنهن ۾ رواداري ۽ سهپ جو جذبو سمايل آهي، پر سنڌ ۾ به مختلف طريقن سان مذهبي افراتفري ڪرائڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي. هتي قبائلي جهڳڙا به ان جنونيت جو حصو رهيا آهن.

حاصل مطلب ته انسان الله سائين جي طرفان اشرف المخلوقات جو لقب ماڻي ويٺو آهي. عمل ئي انساني برتري يا ابتري ظاهر ڪندا آهن، ان ڪري انسان کي اهي ڪم ڪرڻا آهن جيڪي ان جي ذميوارين ۾ اچن ٿا. زميني خدا بڻجي خدا جي خلق کي مارڻ يا آزارڻ سندس اشرف المخلوقات هجڻ جي نفي آهي. ان ڪري انسان کي سڀ کان پهريان انسان ٿي رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽

دنيا ۾ امن ۽ ڀائيچاري لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي، اهو ئي انسانيت جو معراج آهي.

ڪلامِ قاصر

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي استاد محترم امير الدين ناريجو (قاصر) جي اڻ ڇپيل شاعري جي مجموعي کي سَهيڙي پنهنجي خرچ تي شايع ڪرايو. سندس سَهيڙ جو هي ٻيو ڪتاب آهي. سندس هي ڪتاب حيدرآباد منجهان ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز منجهان 2024ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هي ڪتاب 302صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب کي SPEED (سوسائٽي فار پيپلز ايجوڪيشن اينڊ انوائرونمينٽ ڊولپمينٽ) ميهڙ دادو جي سَهڪار سان ڇپرايو ويو. هن ڪتاب جي ارپنا پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي ڳوٺ جي معزز ماڻهن ۽ ناليوارن اساتذه ڪرام جن ۾ وڏيرو بخش لاکير (ڳوٺ بخش لاکير جو بنياد رکندڙ ۽ آباد ڪندڙ)، وڏيرو قادر بخش لاکير، مولانا ميان غلام رسول ناريجو، سائين محمد صديق ناريجو (سائين وڏو)، وڏيرو محمد ملوڪ لاکير، رئيس محمد يعقوب ناريائي، وڏيرو پيربخش لاکير، سيٺ واحد بخش ناريجو، بابُو نورالدين لاکير، منظور احمد ناريجو، امداد علي ناريجو ۽ ٻيا شامل آهن کي ڪئي اٿائين. هن ڪتاب جي ابتدا ۾ ميهڙ جي سُگهڙ شاعر محبوب علي ڏيپر طرفان لکيل منقبت، هن ڪتاب جو مهاڳ پاڻ پروفيسر صاحب لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ به اکر سائين شفيق احمد چنا، مسعود احمد ناريجو ۽ سائين محمد يوسف ناريجو طرفان لکيل آهن. هن ڪتاب ۾ سائين مرحوم امير الدين قاصر ناريجو صاحب جا لکيل حمد، نعتون، پيغام قاصر، جذبات قاضر ۽ تاثرات قاصر شامل آهن. هن ڪتاب ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو لکيل مهاڳ قارئين جي پڙهڻ لاءِ پيش ڪجي ٿو.

مهاڳ

پراڻي زماني جا استاد سالڪ ۽ سادا هوندا هئا، جنهن ڪري کين معاشري ۾ اهم مقام حاصل هو. اسان جو ڳوٺ بخش لاکير تعلقي ميهڙ ۾ بهترين استاد جي ڪري مشهور هو. سائين محمد صديق ناريجو المعروف سائين وڏو زميندار هجڻ سان گڏوگڏ سڄي علائقي جو استاد هو. منهنجو بابا سائين محمد بچل لاکير (مرحوم و مغفور) پڻ سائين وڏي جو شاگرد هو ۽ پاڻ سنڌي فائنل پاس پرائمري استاد هو. ان کان سواءِ سائين محمد صالح ناريجو، فيروز الدين ناريجو، امير الدين لاکير، جلال الدين ناريجو، سائين شمس الدين شمسي ناريجو، نورالدين ناريجو، محمد حسن ناريجو ۽ محمد علي قربان ناريجو وڏي نالي وارا استاد رهيا. سائين امير الدين قاصر ناريجو بهترين پرائمري استاد سان گڏ بااخلاق، بهترين ڪردار وارا ۽ همدرد انسان هئا. مون کي اهو اعزاز حاصل آهي ته چوٿون ڪلاس سائين جن مون کي پڙهايو. ان کان سواءِ بابا سائين ۽ سائين امير الدين قاصر ڪافي سال ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ گڏ استاد رهيا. ان ڪري منهنجو تعلق سائين قاصر صاحب سان گهڻو رهيو ۽ آخري عمر ۾ سائين جن سان تمام گهڻيون ڪچهريون به رهيون. جڏهن 1985ع ۾ مون ڳوٺ ۾ ڳوٺ سڌار سنگت بخش لاکير (GSSB) جو بنياد رکيو ۽ ڳوٺ ۾ عام ڀلائي جون سرگرميون شروع ڪيون ته اسان کي سڀ کان وڏيڪ همٿائڻ وارو سائين قاصر رهيو. سائين اسان نوجوانن کي همٿائڻ لاءِ ان وقت شعر لکيو: "ڳوٺ سڌار سان سنگت پنهنجي، ڳوٺ جي خاطر منگت پنهنجي". سائين شاعريءَ ۾ وزن بحر جو تمام وڏو ماهر شاعر هو. اڪثر شاعر سائين قاصر صاحب کان وزن بحر جي حساب سان اصلاح وٺندا هئا .

هي ڪتاب منهنجو خيال ۽ دلي خواهش هئي ته پنهنجي محسن استاد جو علمي پورهيو هڪ ڪتاب جي صورت ۾ آڻيان. مواد تمام گهڻو هو. ان ڪري چونڊ ڪري هي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي. جيڪو هڪ پڪي پختي شاعر جي شاهوڪار ويچارن جو مجموعو آهي.

امید تہ پڙهندڙ ڏاڍو پسند ڪندا. مان هن موقعي تي محترم سائين امير الدين قاصر ناريجو جي ٻن پٽن هڪ سائين مسعود احمد ناريجو جيڪو منهنجو ننڍپڻ کان دوست بہ رهيو. هن وقت ڪوٽڙي ۾ رهي ٿو ۽ هاءِ اسڪول جو استاد آهي ۽ ٻيو سائين مطلوب احمد ناريجو جيڪو انتهائي لائق انسان ۽ اسان جي ڳوٺ بخش لاڪير جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول جو گذريل ڪافي سالن کان هيڊ ماستر پڻ آهي. سائين مطلوب احمد ناريجو بہ بهترين استاد ۽ قابل منتظم آهي. مان انهن جو دلي طرح ٿورائتو آهيان جن منهنجي گذارش تي سائين قاصر صاحب جو پورو مواد منهنجي حوالي ڪيو ۽ سندن انهيءَ ڀروسي سبب هي ڪتاب ڇپجي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. هن ڪتاب ۾ جيڪي باب ڏنا ويا آهن تنهن ۾ ذات ڪبريا، حبيب ڪبريا، پيغام قاصر، جذبات قاصر (ٻہ ڀاڱا) ۽ تاثراتِ قاصر (ٻہ ڀاڱا) شامل آهن. اهي سائين امير الدين قاصر صاحب جا خود جا ترتيب ڏنل باب آهن. هر باب جو پنهنجو موضوع آهي. ان حساب سان مختصر جائزو هن ريت آهي: ذات ڪبريا باب حمد باري تعالىٰ تي مشتمل آهي. ڪجھ چونڊ شعر هن ريت آهن:

يا خدا هر حال ۾ تنهنجي عطا شمال هجي،
غور واري وقت ۾، پنهنجي صدا شامل هجي.

ڪاريگر سواءِ ڪجھ نہ ٿهندي ڏٺوسين،
اهڙو ڪو واقعو نہ ڪنهن کان ٻڌوسين،
ارادو ٿو پنهنجو ڪُن سان ٻڌائين.

ڪي نوري ڪي ناري ڪي خاڪي مناء،
سڀن جو تون سائين ۽ آهين خدا.

زمين جي مٿان ڪي درندا پرندا،
گھڻا ساھ وارا چَرندا پرندا،
تون الله! ان تي، سڀئي گڏ رهايا.

ٻيو باب حبيب ڪبريا يعني نعت شريف تي مشتمل آهي. هن باب ۾ بہ نبي پاڪ ﷺ جن جي شان ۾ سندن عاليشان ڀيٽا پيش ڪيل آهي. جيئن چون ٿا :

ابتدا نور سان ۽ انتها بشري لباس،
مظهر نور خدا، لک لک صلواتون ۽ سلام
ماهتاب روءِ زمين ۽ آفتاب دوجهان،
زينت ارض و سما لک لک صلواتون ۽ سلام

اگر دل ۾ صداقت آ، پڙهو صلوات سيد تي،
هميشہ محفل ميلاد جي ايوان ۾ اول

ٽيون باب پيام قاصر آهي جنهن ۾ سماجي حوالي سان نصيحتون ۽ حقيقتون بيان ٿيل آهن. پاڻ هن طرح مخاطب ٿين ٿا:

آهيو جي اڪابر عقل جا ظريف
ٿي رهجو دنيا ۾ هميشہ شريف

ادب ماءُ پيءُ جو آ ڪرڻو ضرور
انهن ساڻ استاد دل جو سرور

وطن جا اوهان سڀ نوان نياڻ آهيو
اميدن جي موتين جا مهراڻ آهيو

توڙي تنهنجي گھر ۾ چنل ڪتولي
مگر ياد توکي، هجي تنهنجي ٻولي
سنڌي ٻولي سنڌ جي آهي راڄ راڻي

نہ تنهنجي نہ منهنجي نہ هن جي هُن جي
مگر ڳوٺ سيني جي دل جي آ راحت

محبت ڳوناڻي، امانت اسان لئہ
امانت ۾ ويتر ڪيو پيا خيانت

ڪشاديون گھڻيون ۽ صفائي انهن جي
اها سونهن واري سهڻي سخاوت
ڪيو تنگ مسجد ۽ رستو ڪشادو
شريعت جي آهي سچي هيءَ شهادت

جذبات قاصر (ڀاڱو پهريون) ۾ سياسي سماجي ويچار ڏنل آهن. يادگار ذوالفقار ۾ جناب شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت کان متاثر ٿي لکن ٿا:

سِرُ رکي سوريءَ متي، دلدار اڄ ويندو رهيو،
افسوس! ڏيئي داغ هجرت يار اڄ ويندو رهيو،
ڪين گهٽ هي دؤر آهي، ان يزيدي دؤر کان،
وقت جو ثابت قدم، سالار اڄ ويندو رهيو.

جذبات قاصر باب ۾ ٻئي هنڌ هن طرح پنهنجا جذبات بيان ڪن ٿا:

مخالف سنڌين جا سنڌي پاڻ آهن،
لڙيا پاڻ ۾ سنڌ جا اڳواڻ آهن،
وڙهيا صرف ڪرسيءَ ونڊ ڪاڻ آهن،
لٽيرا ٿئي سنڌ جا وڏيرا، قلندر،
مدد ڪر سنڌين جي خدارا قلندر.

هن ئي باب ۾ گهوٽ پٽائي جي عنوان سان لکيل سندن جذبات به ٻڌڻ جهڙا آهن:

وئي قوم ڇڏي آهي پنهنجي راهه کي بلڪل
تو کي ٿو اها دانهن ڏيان گهوٽ پٽائي
سمجهون ٿا سنڌي قوم جو آهين تون سهارو
تڏهين ٿا رکون عرض اڳيان گهوٽ پٽائي.

هن شعر جي آخر ۾ چون ٿا:

قاصر ٿو چوي موت کان اڳ پنهنجي اکين سان،
آزاد سفا سنڌ کي ڏسان گهوٽ پٽائي

هن سڄي باب ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي اهنجن، سياسي ۽ سماجي ناانصافين جو بهترين انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

ٿيندي نيٺ آزاد سنڌڙي اي قاصر،
خدا شل اميدون پڄائي پڄائي.

پٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ سنڌ ۾ تمام گهڻي مايوسي پيدا ٿي، ان جو اولڙو هر ماڻهوءَ جي احساسن مان نمايان هيو ۽ آمر ضياءَ جي خلاف پٽون پاراتا عام هئا.

غداري ۾ لائق هو آهي سزا جو،
ويندو ساهه نڪري اچانڪ ضيا جو،
مخالف جي اڳيان جبل طور آهي،

پٽو سنڌ جي ڌرتيءَ جو منصور آهي.

هن ئي باب ۾ شاعر محترمه شهيد بينظير ڀٽو جڏهن سياست ۾ پير پاتو ته ڪيس دعا ڪندي چوي ٿو:

مددگار تنهنجو خدا بينظير،
رکي شاد توکي سدا بينظير،
ملي توکي ورثي ۾ سياست نئين،
جمهوريت جي تو وٽ صدا بينظير.

هن باب ۾ پنهنجي هِيرن کي پيٽا پيش ڪرڻ سان گڏ پنهنجي قوم جي نوجوانن کي مخالفن سان مقابلي لاءِ قاصر صاحب خوبصورت انداز ۾ تيار رهڻ جو درس ڏنو آهي.

تبديل ته قاصر نيٺ ٿئي، جي وقت هلي کو ساٿ ڏنو،
هن ڏاڍ تي ٿيندو ڏاڍ منجهان هر وار جي عيوض وار ميان.

آخر ۾ باب تاثراتِ قاصر پاڳو پهريون ۽ ٻيو آهي. پهرين باب ۾ سنڌ جي اوليائن ۽ فقيرن کي ياد ڪيو ويو آهي.

جاڳو سنڌ جا پير فقير،
قابو سنڌ جا ڪريو ڪِير

هن باب ۾ وطن سان محبت جو ورجاءُ آهي:

وطن پاڪ پنهنجو دنيا ۾ عيان،
ٻڌايان اوهان کي مان ان جو بيان،
ڪٽي اک جي ڏسي غير کو،
نه هوندو انهيءَ جو ادا خير کو.

شاعريءَ ۾ دادن فقير کي استاد سڏين ٿا ۽ ڪين ياد ڪندي چون ٿا:

ڪلهه ناز هيا انداز هيا، اڄ ساز وڃن ٿا سُورن جا،
پرواز ڪري همراز ويا، رمزن جو تدارڪ ڪير ڪري،
بيت، وائي، نظم، دوهو، هو عروضن تي عبور،
مان ڪري استاد توکي ٿو مڃان دادن فقير.

هن باب ۾ سندن يتيم سان سوال جواب جو نظم به ڏاڍو متاثر ڪندڙ آهي ۽ سماجي بي حسيءَ جي تصوير ڪشي ٿيل آهي.

روئندي گذريا ڪيئي ڏينهن،
سانوڻ جا جيئن وسن مينهن،
ڪنهن نہ چيو اڄ تائين هيئن،
روئان تڏ تو زارون زار.

هن باب ۾ قاصر صاحب ڏندي جي ڪرامت جي عنوان سان جيڪو غزل لکيو آهي سو بہ دلچسپ ۽ معنیٰ خيز آهي.

نہ اصليت رهي آ، نہ اهليت رهي آ،
رهي آ تہ پيسي جي عزت رهي آ،
مزن ۾ گذاري تو پيسو هميشہ،
رڳو انتظارن ۾ غربت رهي آ.

هن باب ۾ سماجي قدر خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ پئسي وارن جون مَستيون، غريب جي لاچار زندگي، عورت جي عظمت سميت ڪيترائي سماجي موضوع خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيل آهن . تاثرات قاصر پاڳو بيو بہ سماجي روين جو چٽو عڪس پيش ڪري ٿو. جيئن "نانگن ڪان وڌ نا اهل ماڻهو" جي عنوان سان چون ٿا:

ڪونجن وانگي ڪاٽي ڪاٽي تورا تورا ڪامل ماڻهو،
باقي ٻيا سڀ آهيون پائو نانگن ڪان وڌ نا اهل ماڻهو.

عجب دؤر دنيا ڏيکاري چڙيا ٽي،
مزا سڀ محبت جا ماري چڙيا ٽي،
پناڙن تان رابڙ اتاري چڙيا ٽي،
ڪيڏا سهڻا انسان ڪاري چڙيا ٽي،
زمانا پڇي ڪين تو سان سگهون ٿا،
سلامي صبح شام تنهنجي ڪيون ٿا.

هن ئي باب ۾ محترم سائين شمس الدين شمسي ۽ شائق بخاري سان ملهايل رهاڻ جا شعر بہ شامل آهن. ميهر فقير، چاچا اسحاق راهي سومرو کي بہ بهترين پيڻا پيش ٿيل آهي. هن ئي باب ۾ "پيرو مٺي وياسين" ۾ چون ٿا:

زماني ۾ ڏسي ڦيرو، پيرو مٺي وياسين،
اچي ويو آ ڏکيو ويرو، تڏهن ڦيرو مٺي وياسين.

محترم سائين امير الدين قاصر ناريجو (مرحوم) هڪ اعلیٰ فڪر وارو ۽ بيباڪ سوچ وارو شاعر هو ۽ سندن هن ڪتاب ذريعي پڙهندڙ خود بہ اندازو لڳائي سگهن ٿا ۽ سندن شاعري پڙهي خوب مزو ماڻي سگهن ٿا[1].

پروفيسر عبيدالله لاکير
پرنسپال
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف
رهواسي ڳوٺ بخش لاکير
تعلقہ ميهڙ، دادو

1. لاکير، عبيدالله، پروفيسر، ڪلام قاصر، ص 8 کان 15، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2024ع.

۽ ڪو نئون سماج جوڙجي

عبيد لاکير، ليڪچرر انگلش ڊپارٽمينٽ

سماج ۾ ايندڙ تبديليون انساني ذهن جي ارتقا ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. سماج جيڪو ماڻهن جو جوڙيل ٿئي ٿو جتي قائدا، قانون، اصول ۽ روايتون انسان جا خود ضرورت پٽاندر حالتن مطابق جوڙيل هوندا آهن. هڪ رياست جو قانون هوندو آهي جنهن جو مقصد ان رياست اندر رهندڙ ماڻهن جي زندگيءَ جي چرپر ڪي سولو بنائڻ لاءِ ڪي ضابطا جوڙيا ويندا آهن ۽ انهن جي ڀڃڪڙيءَ تي مختلف سَزائون بہ ڏنيون وينديون آهن، ان جو مقصد ڀڃڪڙي ڪندڙ ڪي غلطيءَ جو احساس ڏيارڻ ۽ ٻيهر ساڳي غلطي نہ دُهرائڻ هوندو آهي. ساڳي سزا مان ٻيا ماڻهو بہ سِکندا آهن. انهن قانونن ۽ ضابطن جو احترام رياست اندر رهندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ اولين فرض هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان سان ئي اسان جي اجتماعي طور مُهذب هجڻ جو ثبوت ملندو آهي. جنهن معاشري ۾ "جو ڏاڍو سو گابو" جو اصول هلندڙ هوندو اتي ڪوبہ قانون، اصول ۽ ضابطو نہ هلي سگهندو ۽ اهي قانون ۽ اصول ثانوي حيثيت وارا ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ معاشرتي قدرن جي پيچ ڊاھ جو سِلسلو جيڪو شروع ٿيندو آهي، انهيءَ جو انت وڃي ڪنهن وڏي تباهي تي ٿيندو آهي. ٻٽي مَعيار جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ هڪ طرف ڏاڍو ماڻهو قانون ڪي آسانيءَ سان اورانگهي پنهنجا جائز يا ناجائز مفاد پنهنجي مرضيءَ مطابق حاصل ڪندا آهن پر ٻئي طرف ڪمزور ماڻهو پنهنجي جائز مقصدن لاءِ بہ ڪوشش ۾ پنهنجون عمريون ڳاري ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن غريب جو ٻار غلطيءَ سان ٽريفڪ سِگنل ٽوڙي تہ سڄو ڏينهن ڪيس ڇوواٽي تي ڪَن گوشي ڪرٽي پوي پر امير جو ٻار ڏِسي وائِسي ساڳيو قانون ٽوڙي تہ ان ڪي سزا بجاءِ سُليُوٽ ڪيو ٿو وڃي. انهيءَ ٻٽي معيار سان مُنصف مزاج معاشرو پيدا نہ ٿي سگهندو. عام طور چيو ٿو وڃي تہ اسان جي معاشري ۾ ترقي آئِي آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ سڀ نہ تہ بہ ڪافي ڪم ڪمپيوٽر ڪري ٿو

۽ جڳهہ جڳهہ ڪيبل سسٽم پڻ ان جو ثبوت آهي. پر سوال اهو آهي تہ اسان جي ذِهن ۾ مُثبت ترقيءَ جو عمل ڪِٿي پهتو آهي ۽ ڇا اها ذِهني ترقي تعليم ۽ تربيت کان سواءِ مُمڪن آهي؟ اسان وٽ اڄ بہ پڙهيل لِکيل ماڻهن جو تعداد 38 سيڪڙو مَس آهي. جڏهن تہ 62 سيڪڙو ماڻهو بلڪل ڄَٽ ۽ جاهل آهن. اهڙي صورتحال ۾ ترقي يافتہ دؤر ۾ داخل ٿيڻ سان ان جا لوازمات ڪمپيوٽر ۽ ڪيبل جي صورت ۾ اسان جي ذهنن ۾ مُثبت تبديليءَ بجاءِ مَنفي رجحانات کي فروغ ڏيندا.

ڪابہ ٽيڪنالاجي انسانن جي بهتري لاءِ هوندي آهي، پر ان جي مُثبت استعمال لاءِ مُثبت ۽ روشن خيال ذِهن گهرجن تہ پوءِ ان مان چڱائي ڦهلجندي پر جتي ماڻهو اڪثريت ۾ سالن کان پيٽ جي پريشانين ۽ بي انصافيءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل هجن تہ اتي جديد ٽيڪنالاجي بُرائيءَ جي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي ۽ معاشرتي طور عام ماڻهو سخت متاثر ٿيندو. ان جو تازو مثال اسان جي آڏو وي سي آر آهي. جنهن اسان جي معاشري ۾ مثبت سوچ جي بَجاءِ منفي سوچ کي ڊولپ ڪيو، جڏهن تہ وي سي آر جي ٺهڻ جو اهو هرگز هرگز ڪارڻ نہ هو. هن وقت وي سي آر لفظ عُريانيت ۽ بي حيائي ڦهلائيندڙ اوزار طور ليکيو ٿو وڃي. ان ڪري ذِهن سڀ کان پهرين تعليم ۽ تربيت گهرن ٿا. تعليم ۽ تربيت سان ذِهنن ۾ روشن خيالي (Optimism)پيدا ٿئي ٿو. روشن خياليءَ سان صحتمند سوچ ۽ لاڙا پَروان چڙهن ٿا. ان جي برعَڪس جتي ذِهن انتشار جو شڪار هوندا اتي ڇُڙواڳي ۽ اخلاقي قدرن جي ٽوڙ ڦوڙ عُروج تي هوندي. اڄ اسان جنهن معاشري ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون ان ۾ اخلاقي پَستي انهيءَ حد تائين پهچي چُڪي آهي جتي رشتن جي سُڃاڻپ کي ثانوي حيثيت حاصل آهي. اڳ ۾ ذاتي مفاد يا غرض کي اهميت ڏني پئي وڃي. ان جي نتيجي ۾ پيءُ ۽ اولاد، استاد ۽ شاگرد، ڀاءُ ۽ ڀيڻ جهڙا عظيم رشتا بہ مُتاثر ٿيا آهن. رشوت ۽ ڪرپشن ذريعي هڪڙا نوان رشتا تعمير ٿي رهيا آهن، جيڪي پاڻيءَ جي ڦوٽي جهڙي حيثيت رکن ٿا. انهن ۾ ڪا پائداري نہ آهي. انسان ۽ جانور ۾ بہ فرق اخلاقي قدرن جي مختلف هجڻ ڪري آهي. پر جتي انسان

جانورن کان بہ بَدتر ٿي وڃي تہ ان سماج يا معاشري کي ترقي يافتہ چوڻ خود ڏوکو آهي. انسانيت ڪنهن جي بہ حقن جي لتاڙ جو نالو ناهي. انسان تہ انس يعني پيار، شفقت، رحم ۽ صبر جو نالو آهي. روس جي عظيم نفسياتي ناول نگار دوستووسڪي جو چوڻ آهي تہ "اصل ۾ ڏوھ احتجاج جو نالو آهي جيڪو سماج جي غير فطري ڍانچي خلاف هوندو آهي." وڌيڪ لاءِ سندس چوڻ آهي تہ "جيڪڏهن معاشرو باقائده مُنظم آهي تہ سڀ ڏوھ جلد ئي غائب ٿي ويندا ۽ ڪنهن جي خلاف احتجاج جي نوبت نہ ايندي پوءِ هر ماڻهو قانون جي پوئواري ڪندڙ ٿي پوندو.". دوستووسڪيءَ پنهنجي شاهڪار ناول "ڏوھ ۽ سزا (Crime & Punishment) "۾ ناول جي اهم ڪردار راسڪولنڪوف (Raskolnkof) هٿان هڪ ٻئي اهم عورت جي ڪردار جنهن جو نالو ايلينا اوانووينا (Alena Ivanovina) آهي. جيڪا وياج تي پئسہ ڏيڻ جو ڌنڌو ڪندڙ هوندي آهي. ان جو قتل ڪرائي ٿو ۽ ان ڪِردار کي سماج جي بُرائين کان الڳ ٿلڳ ۽ سماج ۾ بالاتر ڪردار ظاهر ڪندي ان جي واتان اهو چَورائي ٿو تہ (مون هڪ انسان جو نہ پر هڪ بُري اصول جو خاتمو آندو آهي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهو اصول اڳتي وڌيو تہ پورو معاشرو تباھ ٿي ويندو ۽ لاتعداد برايون وڌنديون.) اسان جي معاشري ۾ برائين جو ڪو ڪاٿو ڪونهي. ڪوڙ ۽ مَڪاريءَ کان وٺي رشوت، اقربا پروري، مِلاوٽ ۽ طرحين طرحين برايون موجود آهن. جيڪي چوٽيءَ کان وٺي تہ تائين نظر اچن ٿيون. اهڙي معاشري ۾ اصلاح جي شروعات ڪِٿان ڪجي؟ اهو وڏو پيچيده سوال آهي، چاڪاڻ تہ جڏهن بي ايماني معاشرتي جي اهم جز اچي وڃي ۽ معاشري جا قدر خود بي ايمانيءَ جي اصولن تي جُڙي ويا هجن جتي جيترو وڏو ڏوهاري اوترو مُعاشري جو وڏو مُعزز ۽ اهم فرد سمجهيو وڃي. جتي "حَيا ۽ شرم وارو بُک پيو مَري ۽ بي حيا مَوج پيو ڪري" وارو اصول هلي رهيو هجي تہ اتي معاشرو ترقي بَجاءِ تنزلي ڏانهن ويندو. اتي گندگي وڌي ويندي، پوري معاشري کي غليظ ڪري ڇڏيندي. انسان ان سخت گهُٽ ۽ بُوسٽ جي ماحول ۾ دَٻجي ازخود مَرڻ لڳندو يا تہ تنگ اچي خود کي مارڻ جي ڪوشش ڪندو چاڪاڻ تہ اهڙي ماحول

۾ هڪ سِڌو سادو ماڻهو همٿ هاري ويهي ٿو ۽ چوطرف ٻَگهڙن جون وڌندڙ اونايون ۽ اڳرايون ڪيس آخرڪار بيزار ۽ دل برداشتہ ڪري ٿيون ڇڏن. ان ڪري معاشري کي جيڪڏهن انهيءَ ڏٻڻ مان ڪَڍڻو آهي تہ وري بيهر اخلاقي قدر پيدا ڪرڻ لاءِ سَچائي کي ڳولهڻو پوندو ۽ ان کي عام ڪرڻ لاءِ تدبيرون سوچڻيون پونديون، هڪٻئي کي بُرو چوڻ بجاءِ انهيءَ بُرائيءَ کي بُرو چوڻ جو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو ۽ هر ماڻهو پنهنجي اصلاح پاڻ ڪرڻ لاءِ سوچي يا اهڙو شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ٽوڪ ۽ ننول بجاءِ همدرد ۽ مُثبت رويا پيدا ڪرڻ وارو ماحول پيدا ٿيڻ ڪپي، جيئن ماڻهو پاڻ مَٿان وِڄايل ضابطو ۽ ڪنٽرول بيهر حاصل ڪري سگهي. جڏهن ماڻهو سڀ کان پهرين پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول حاصل ڪندو، تڏهن اهو خود کي چڱائيءَ جي دڳ تي هلائي سگهندو. اسان جي ڪتابن ۾ مُدي خارج مواد آهي جيڪو دؤر حاضر جي ماڻهن جي رهبري ۽ رهنمائي نہ ٿو ڪري سگهي، چاڪاڻ تہ اڄ کان سؤ سال اڳ جي انسان جي سوچ ۽ ماحول ۾ ڏينهن رات جيتري وڇوٽي آهي. اسان کي اڄ اهڙي شعور جي ضرورت آهي جيڪو انسان کي انسان بنائي ڪيس انسانيت ۽ انساني رشتن جي سُڃاڻپ ڏياري. جتي ماڻهو پيٽ سان نہ پر ذِهن سان سوچين ۽ جتي بُرائي ۽ چڱائي ڏينهن جي روشنيءَ وانگر چٽا هجن ۽ ماڻهو ان جي سڃاڻپ رکندا هجن. اخلاقي جُرئت عام هجي ۽ هر ذِهن خود غرضي جي گهيري مان نڪري عام ڀلائي لاءِ سوچي تہ پوءِ معاشرو چڱائي جي دڳ لڳي سگهي ٿو ۽ معاشري جو سفر حقيقي ترقيءَ ڏانهن هوندو، جنهن جي اسان جي معاشري کي سخت ضرورت آهي. ان ڪري اچو تہ علم، اخلاق ۽ سچائيءَ جا پيرا کڻون ۽ حقيقت کي ڳولهي هٿ ڪيون، جيڪي اسان جي معاشري کي بلنديءَ ڏانهن وٺي هلندا، نہ تہ تاريڪيءَ جو موجوده سفر اسان کي ڪنهن پاتال ۾ ڪٽي وڃي گم ڪري ڇڏيندو[1].

1. سالاري مئگزين شمارو پهريون، ص 7، 8،

عشق سينگار آ

هي ڪتاب الطاف حسين لاڪير جي شاعري تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي ترتيب سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب ڏني آهي. هن ڪتاب ۾ سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جن جا تاثر ۽ الطاف لاڪير جي سوانح حيات تي مبني هڪ مضمون پڻ شامل آهي. سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جا لکيل تاثر ۽ مضمون پڙهندڙن اڳيان پيش ڪجن ٿا.

تاثر

نازڪ احساس وارو شاعر

شاعري اصل ۾ انساني احساسن، اُڌمن ۽ آلاپن جو اولڙو ۽ آواز آهي، جيڪو انسان جي حُسن پرست جبلت جو اڻ مَيَو اظهار آهي. سائين الطاف حسين جي شاعري پڻ محبوب جي مَيلاپ جي فڪر ۾ اُڻ تُڻ کان ويندي پنهنجي احساساتي ۽ جذباتي ڪيفيت جي سيني رنگن سان سَمايل اهو سينگار آهي جيڪو عشق لاءِ اُتساهه جو سبب بڻجندو آهي. هڪ طرف سندن ڪيفيت ۾ حِجاب جون رمزون مِلن ٿيون:

چئي ڪونہ تو ڪي ٿو مُنهن تي سَگهان،
طلب تات تنهنجي ٿو دل ۾ رکان،
ڏکايل ڪي دلبر نہ مجبور ڪر.

تہ ٻئي طرف سندن ڪيفيت ۾ شِڪايت جون جهلڪيون پڻ موجود آهن:

مگر ڪين آيا وطن وطن سي عجيبا،
اسان ڪانگ جن لئہ اڏاري ڏناسين،
آ افسوس "الطاف" تن جو گهٽو ئي،
سدا ساهہ ۾ جي ساري ڏناسين.

دنيا ۾ نفسا نفسي ۽ هڪٻئي سان دَولاب وارن رشتن کان بيزاري ڏيکاريندي چون ٿا:

عجب دوستي آهي اڄڪلهہ جي يارو،
بَجا دوست دشمن ويهاري ڇڏياسين.

دنيا ۾ خواب ٽيندڙ پريت ۽ پنهنجائپ جو ويچار هن طرح ڪن ٿا:

مزو ڪين الفت جو آهي ڪٽي ڪو،
مزيدار ماڻهو ويهاري ڏناسين.

اهو ئي سبب آهي جو شاعر هن فاني دنيا جي ختم ٿيڻ جو احساس بہ رکي ٿو ۽ محبوب سان ملڻ جي آس بہ رکي ٿو:

گهڙي پل جو هر ڪو مسافر ئي آهي،
سفر لاءِ ساٿي سَهارو گهرون ٿا،
ڪي ايندا، ڪي ويندا سفر جاري آهي،
اسان بس رڳو ئِي نظارو گهرون ٿا.

ڪٿي ڪٿي تہ هو پاڻ ڪي پَلڻ جو پَهہ بہ ڪندي نظر اچي ٿو :

دل پڪي ڏاڍي ڪيان ٿو پيار ڪان،
دل نہ ٿي پلجي ڏسي سينگار ڪي.

سُونهن ۽ سِينگار جو گهرو تعلق آهي. شاعر چوندا آهن تہ حُسن يا سُونهن سِينگار جو مجموعو آهي، ڪي تہ عددي طرح چون ٿا تہ سُونهن ۽ سَچائي ڪي پسند ڪرڻ جو جذبو ازلي ۽ ابدي آهي. ڪوبہ انسان دنيا جي ڪهڙي بہ خطي ۾ رهي، مذهب ڪهڙو بہ هُجيس پر جيڪڏهن هو انسان آهي تہ احساس واري دل ضرور رکندو هوندو ۽ جتي احساس آهي اتي سُونهن جي سَيلاب کان اها دل ضرور سيَراب ٿيل هوندي چاڪاڻ تہ اهو هڪ فطري جذبو ۽ عمل آهي تہ انسان جي اندر ۾ حُسن پرستيءَ جي حِس جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Aesthetic Sense) چون ٿا، اهو هڪ انساني جبلت طور موجود رهي ٿو. تڏهن تہ شاعر چوي ٿو:

محبت ئي محبت سان مِلي ٿي،
محبت جي ڪري دنيا هلي ٿي.

ٻين شاعرن وانگر هن شاعر بہ دل ڪي آٿت ڏيڻ جي هن طرح بہ ڪوشش ڪئي آهي ۽ بي باڪ ٿي چوي ٿو:

چا ڪندو الفت نہ ڏيندو، ڏڻ تہ ڪاھيندو ھو ڪونہ،
پوءِ آخر چو ڏجان مان، دلربا ڪان چو ڏجان.

۽ الفت جو آسرو نہ مِلڻ ۽ نِراسائي ۾ پَڇتاءَ جو پَرچار بہ ڪندي چوي ٿو تہ:

درد الفت جو ويو آ ڪائي، ۽ ملي پيار ۾ بہ رسوائي،
پار پنھنجو بہ ٿيو ھرجائي، دل اجائي مان وڃائي وينس،
آس الفت جي لڳائي وينس، دلربا ساڻ نِڀائي وينس،
زندگي پنھنجي ڦرائي وينس، ھر خوشي پنھنجي لُٽائي وينس.

پر ھر طرح جي تڪليف سَھڻ ڪان پوءِ بہ ھو وفاداريءَ جو عَلم اونچو ڪندو نظر اچي ٿو:

بي مھلي مھل مون سان ڪئي منھنجي يار آ،
تنھن يار ڪي ڇڏي نہ ٻئي ڏي نھارجي.

ھن شاعر نہ صرف پاڻ ڪي احساساتي ڪال ڪوٺڙين ۾ قيد ٿيندي محسوس ڪيو آھي، پر مُسلسل روحاني راحت جي تلاش ۾ ھو جسماني بيمارين سان مقابلو ڪندو جياپي لاءِ جنگ ڪندي نظر آيو آھي، پر پوءِ بہ وِصل جي آس ڪيس نِراس نہ ٿي ڪري ۽ شِڪايتي انداز ۾ چوي ٿو:

مَري مَري بَچو ھان آئين نہ اصل،
واھ جو وِصل "الطاف" ڪي ڪرايئي.

پنھنجي مُسلسل پيڙا ۽ تڪليف جي ڪيفيت ڪي بيان ڪندي چوي ٿو:

سُور سختيون سوين سجڻ آيون،
پيچو منھنجو ڪري ملڻ آيون،
دل غمن ئي ڪئي پسم آھي.

۽ ڪٿي ڪٿي تہ سندس ھمٿ ۽ جذبي جي اھا حالت آھي جو ھو انسانن ڪي کھڙي بہ حالت ۾ پنھنجو اصول ۽ اختيار پاڻ وٽ رکڻ جو تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

آسرو ڪنھن جو ڪرڻ آھي سراسر ئي غلط،
گھوٽ پنھنجي پوءِ متان رھجي وڃين ويچار ۾.

الفت جا اصول بہ ڇتا ڪندي ٻڌائي ٿو تہ:

لاڪير "الطاف" پنھنجي زندگيءَ جو رک اصول،
ڪين لوڌو ڦير جي بس ديد رکجي يار ۾.

مطلب تہ دل ڦينڪ ماڻھو سندس نظر ۾ ٻُرو ۽ بَيڪار آھي جيڪو عشق ۽ الفت جي قدرن ڪي نہ ٿو سمجھي اھو فقط انساني جذبن جي لتاڙ ڪندڙ ۽ جھالت جي جوش ۾ آھي. ھو پنھنجو پاڻ ڪي اصول ۽ وقار جي انمول جذبي ڪان پل پري نہ ٿو ڪندو نظر اچي.

ديد تو ڏي پئي نھاري ٿي،
دل رڳو تو ڪي ئي سنڀاري ٿي،
مون منا تو تي اعتبار ڪيو.

سندس دل نہ صرف انساني حسن جي احساساتي جار ۾ ڦاٿل آھي پر ھو ڌرتيءَ جي حُسن ڪان بہ بي خبر ناھي ۽ ڌرتي جي سونھن ڪي ھن طرح پيٽا ڏيندي نظر اچي ٿو ۽ نوجوانن ڪي ڌرتيءَ جي سيوا لاءِ تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

ھن ڌؤر نئين لاءِ دَوھا لکو،
ڪي گيت نوان مَن مَوھا لکو،
انمول آ ھن ڌرتيءَ جي رَئِي.

پاڻ سماجي قدرن جي ڏيوالو نڪري وڃڻ ڪان بہ پلي پت واقف ڪندي چوي ٿو:

ڪو اعتبار ناھي ڪوڙو جھان آھي،
ھر ڳالھ تي رڳو ئي ڪوڙو قسم ملي ٿو.

سائين الطاف حسين لاڪير جي شاعري سندن شخصيت وانگر باوقار ۽ با اصول آھي جيڪا سماج ڪي مثبت سوچ ۽ جذبا ارپي ٿي. پاڻ نہ صرف انسان دوست جذبا رکن ٿا پر برادريءَ جي سردار

جي حيثيت ۾ سندن شخصيت ۾ انصاف پسندي، غريب پروري، جرئت ۽ دليريءَ جا انيڪ رنگ موجود آهن[1].

مُصنف جي زندگيءَ جو احوال

الطاف حسين "الطاف" لاڪير ولد سردار احمد خان لاڪير ڳوٺ مُريد خان لاڪير تعلقہ ميهڙ ضلع دادو ۾ ڄائو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مريد خان لاڪير ۾ محمد دائود منگيءَ، ماستر محمد جمن ڪنير ۽ عبدالحليم سولنگي جهڙن عظيم استادن ۽ مُدبرن کان تعليم حاصل ڪئي. جنهن کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ سِيتا روڊ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي، جتان سال 1974ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ فرسٽ ايئر، انٽر سکر ڊگري ڪاليج مان پاس ڪيائين. تنهن کان پوءِ بي اي پارٽ ون ۽ ٽو جا امتحان گورنمينٽ ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. اڳ ۾ ضلع ڪائونسل دادو جو ميمبر ۽ ان سان گڏوگڏ ليگل افيئرس اسٽيبلشمينٽ ڪوآرڊيننس اينڊ سپرويزن ڪاميٽي جو ميمبر پڻ رهيو آهي. ڪيس ڪَچي، پَڪي ايراضيءَ ۾ ڪافي زمين آهي. سندس شمار دادو ضلعي جي سُٺن زميندارن ۾ ٿئي ٿو. شاعريءَ ۾ سندس استاد مرحوم دادن فقير هيو. الطاف حسين لاڪير کي شاعريءَ جو شوق 1976ع کان پيدا ٿيو ۽ ڪجهہ وقت ڪَچي پَڪِي شاعري ڪندو رهيو. جيڪا ان دؤر ۾ ناپسند ڪئي ويندي هئي پر شاعريءَ جي شوق خاطر مرحوم استاد دادن فقير تائين رسائي حاصل ڪئي. جنهن کان علم عُروض، حرڪات، سَڪنات ۽ لفظن جي باقاعده سمجهاڻي حاصل ڪئي. الطاف حسين لاڪير جا شعر تمام گهڻين اخبارن، رسالن ۽ مختلف ڪتابن ۾ ڇپيل آهن. ايم اي سنڌي ادب جي نصابي ڪتابن ۾ بہ سندس شعر. ڇپيل آهن. شاه سائين لاءِ مشهور آهي تہ پاڻ پنهنجي ڪلام جو ڪافي حصو ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلائي ضايع ڪري ڇڏيو هو. سائين الطاف لاڪير بہ پنهنجي

1. الطاف لاڪير، عشق سينگار آ، ص 13 کان 16، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2012ع.

شاعريءَ جو ڪافي حصو عمر جي هڪ عرصي ۾ اڻ ڄاڻائيءَ سبب ضايع ڪري ڇڏيو هو. پاڻ طبيعت ۾ سَچ مُنهن تي چئي ڏيندڙ، باوقار، بارعب ۽ مَزاح جي حِس رکندڙ پر گفتگو جو پڪو جو ڪچهري ڪندڙ هڪ لمحي لاءِ بہ بَور يا تنگ نہ ٿيندو. سندس طبعيت کي ڪوڙو مُنافق ۽ منهن ۾ مُلان اندر ۾ ابليس جهڙو ماڻهو بنهہ نہ وڻندو، جنهن ڪري اهڙا ماڻهو ساڻس مِلڻ کان بہ پيا لنوائيندا آهن. سندس زندگيءَ جو وڏو عرصو بيمارين سان ويڙهہ ۾ گذريو آهي پر سندس مزاج ۾ شفقت ۽ مِناچ نمايان هوندو آهي[1].

پروفيسر عبيدالله لاڪير
جنرل سيڪريٽري
آل سنڌ لاڪير ويلفيئر ايسوسيشن

پرينءَ جي پيار جي پچار ڪندڙ شاعر
عارفي علي اصغر چانڊيو

شاعري بہ قابو احساسن جي طاقتور وهڪري جي اُتل جو نالو آهي. شاعر جيڪو ڏسي ٿو يا محسوس ڪري ٿو، ان مشاهدي کي پنهنجي خوبصورت ۽ حساس خيالن جو لباس پارائي پيش ڪرڻ جو فن رکي ٿو. هن ڪتاب "پرينءَ جو پيار" جو سَرجڻهار ڳوٺ قاضي عارف جو رهواسي "عارفي" علي اصغر چانڊيو بظاهر انتهائي سادو انسان، پر سماجي حوالي سان پنهنجي برادريءَ جو رَئِيس ۽ مُعزز شخص پڻ آهي. هن جي شاعري ايتري تہ پَڪِي پُختي ۽ خوبصورت خيالن جو دِلڪش وَرجاءُ آهي جو ٻُڌندڙ بار بار ٻُڌڻ جي فرمائش ڪرڻ تي مجبور هوندو آهي. هن ڪتاب ۾ حمد، نعت، قصيدا، گيت، غزل، ڪافي، ٽيهہ اکري بيت، پنهنجي مخصوص خوبصورت خيالن ۽ ڌِيان ڇڪائيندڙ لفظن جي چونڊ مان پيش ڪيا آهن، جنهن ۾ سندس اعلىٰ تخيل جي پرواز پوي ٿي. جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو:

1. الطاف لاڪير، عشق سينگار آ، ص 7، 8، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2012ع.

آئي آ اڄ يادگيري يار جي،
پنهنجي پرديسي پرينءَ جي پيار جي،
ڇا سندس جي سُونهن ۽ ڇا سادگي،
دلربا جي نت نئين سينگار جي.

جڏهن بہ يار جي يادگيري ايندي تہ پرينءَ جو پيار ياد اچڻ فطري عمل آهي. پوءِ ان ۾ سُونهن، سادگي ۽ سِينگار جيڪي عاشق جي ذِهن تي اثر رکندڙ ادائون آهن، انهن جو بار بار اظهار ڪرڻ ڇڻ تہ عاشق جي ذِهني سُڪون جو سبب محور مجبوري هجن، شاعر هتي بہ اهڙي ڪيفيت خوبصورت انداز ۾ بيان ڪئي آهي. هڪ طرف شاعر پنهنجي محبوب جي موهت ڪي مختلف رنگ پري پيش ڪرڻ جو ڏانءُ رکي ٿو ان ۾ ان جا داخلي ۽ خارجي احساس ۽ اثر نمايان نظر اچن ٿا تہ ٻئي طرف هو دنيا جي پي خوبصورتيءَ ڪان پنهنجي دل جي دلدار ڪي اعلىٰ ۽ اتم ڳڻائي ٿو جيئن:

مجان ٿو حَسِين آ خدا جي خدائي،
منهنجي دل جو دلدار آ هڪڙو ماڻهو.

سماجي حوالي ڪان جيڪي ڪردار معاشري ۾ امن ۽ محبت ۽ پائيچاري جا مُتلاشي آهن انهن ڪي بہ شاعر هن طرح پيڻا ڏئي ٿو:

امن، چاهہ محبت آ پيغام جن جو،
اهي پي تہ آهن مزيدار ماڻهو.

شاعر وٽ شِڪايتن جو انبار هوندو آهي، پوءِ اهي پيار پريون شِڪايتون پنهنجي محبوب ڪان هُجن يا سماج ۾ دوستي ياري سان جُڙيل اهڙن رشتن سان هجن جيڪي سَماج ۾ ڏوڪي ۽ فريب جي تجربن سان پريل هجن. هتي شاعر اهڙي شِڪايت ڪندي چوي ٿو:

اڄڪلهہ جي دوستي جو اعتبار ڪهڙو آ؟
اڻڪل سان جيڪو يار هلي يار ڪهڙو آ؟

هن گيت ۾ هن شاعر علي اصغر چانديو بہ هڪ اهڙي ڪيفيت جو ذڪر ڪيو آهي تہ جيڪو عشق جو اثر آهي سو جوانيءَ جي جذبات ڪان سواءِ ڪجهہ ناهي. ٿوري مُرڪ مَوهجي ان ڪي جند جان

چوڻ يا احسان سمجهڻ سندس خيال ۾ وقتي جذبات جو اثر آهي ٻيو ڪجهہ ناهي.

جنهن ڪي پنهنجي جند پيو جان چوين،
ٿوري مُرڪ ٿو احسان مڃين،
سو تہ عشق جواني جو آ جنون،
سُڪ چين ڦِٽائي دل جو سُڪون.

ڪڏهن ڪڏهن جوش ۾ عشق جو جنون هوش ۾ انسان ڪي احساس ڏياريندو آهي تہ هي ڇا! جنهن لاءِ منهنجو سُڪ ۽ چَين موڪلائي ويو آ سو تہ ڪن پل جي جذبات جو جنون آهي.

جنهن تي جيجل جيڏو ويساهہ اٿئي،
اهو ڇئن ڏينهن جو چاهہ اٿئي.

هتي شاعر شايد نوجوانن ڪي پيغام ڏيندي نظر اچي ٿو تہ جنهن عشق ۾ اوهان پنهنجا مِٽ مائٽ قربان ڪيو ٿا، اهو اڳِتي هلي ڇئن ڏينهن جو چاهہ ثابت ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ جوش سان گڏ هوش ڪان بہ ڪم وٺڻ گهرجي. ڪنهن جُنونيت ۽ انتها پسندي واري فيصلن سان معاشري ۾ رشتن ڪي ٽوڙي مَروڙي اڇلائڻ صرف ۽ صرف جذبات جو اثر آهي، پر عقلمندي ناهي. ڪيتريون نوجوان ناريون موبائل تي ڪيل عشق جي نتيجي ۾ گهر ڇڏي، مٽ مائٽ ڇڏي، انهن مِنٿن ٻَولن تي ٽن ڪپڙن سان نڪري پون ٿيون. ڪورٽن ۾ ماءُ پيءُ ڪي جواب ڏئي جنهن پيار تي ويساهہ ڪري هليون وڃن ٿيون، پوءِ ڪجهہ ئي وقت ڪان پوءِ نتيجا مختلف ايندا آهن. اهي عورتون دارالامان ۾ پناهہ وٺنديون آهن. ان ڪري شاعر سماج ڪي اهڙي روين ڪان محفوظ رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو. شاعر معاشري ڪي مُهذب ۽ انصاف پسند ڏسڻ چاهي ٿو. مهذب ۽ انصاف پسند ٿيڻ لاءِ ٻين جي احساسن جو قدر ڪرڻ ۽ پنهنجي ريتن ۽ روايتن تي نظرثاني جو درس ڏئي ٿو.

ماءُ پيرن ۾ جنت آ، ڌيءُ خدا جي رحمت آ،
پيڻ تہ پاءُ جي عزت آ، تنهن ڪان تو ڪئي نفرت آ،
ڪري گمان تو ماري آ، ماري چوين ٿو ڪاري آ.

ڪاروڪاري جي رسم سنڌ ۾ جهالت ۽ مَردن واري معاشري جي ڏاڍائي ۽ ظلم کان سواءِ ڪجھ بہ ناهي. جڏهن تہ عورت الله سائين انسان لاءِ خوبصورت تحفو عطا ڪيو آهي. هوءَ ماءُ جي روپ ۾ فرشتو، ڌيءُ جي روپ ۾ خدا جي رحمت، ڀيڻ جي روپ ۾ عزت جو احساس ۽ زال جي روپ ۾ زندگي گذارڻ جو سَهارو ۽ ڏانءُ آهي. اهڙي نعمت کان انڪار خدا جي خدائيءَ سان بغاوت ناهي تہ ٻيو ڇا آهي ؟ شاعر زندگيءَ جي پل پل ڪي ويچار ۽ سوچن ۾ غرق ڏسي ٿو.

ساري حياتي آهن پل پل ويچار سوچون،
آهي نانءُ زندگي جو ڏک، سُور سوچون.

زندگي نالو ئي جدوجهد جو آهي، جنهن ۾ صرف خوشيون نہ هونديون پر ڏک بہ هوندا جيڪي انسان کي مضبوط ڪرڻ ۽ تجربن مان گذرڻ جو ماحول ڏين ٿا. بهرحال هن بهترين شاعر جي هن ڪتاب ۾ بهترين خيال ۽ سوچون متعارف ڪرائي ان ئي ذهن کي نئين سوچ ۽ لوچ جو پيغام ڏنو آهي. اميد تہ پڙهندڙ هن ڪتاب مان نوان خيال ۽ ويچار ڪٺي پنهنجي ذهني وسعتن ۾ اضافو ڪندو ۽ زندگي جي مختلف رخن جو تجربو ڪندا[1].

پروفيسر عبيدالله لاکير
پرنسپال
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف
ميهڙ

1. عارفي، علي اصغر چانديو، پرينءَ جو پيار، ص 7 کان 10، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2024ع.

ڌرتيءَ جو عاشق - محبوب ڏيپر

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ سُگهڙ شاعر پنهنجو مُنفرد مَقام رکن ٿا. سندن سُگهڙائپ جي هنر ۾ يا شاعريءَ ۾ اڪثر سندن موضوع ڌرتيءَ سان لاڳاپيل ريتون، رسمون، ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت هوندي آهي. سُگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر سنڌ جو هڪ مشهور ۽ منفرد ذات ڏٺي آهي، جنهن پنهنجي مشاهدي کي لفظن جو لباس پارائي نازڪ ۽ نفيس احساسن ذريعي اظهار ڪيو آهي. سندس شاعري ۾ سَرتيءَ کان وڌيڪ ڌرتيءَ جو ذڪر آهي. اهو ئي سبب آهي جو سياسي ۽ سماجي اجتماعن ۾ سندس شاعري پڙهي ويندي آهي. سندس هي ڪتاب "ڌرتيءَ پنهنجي ڏُوڙ سُجاتي" پڻ ڌرتيءَ جي ثقافت ۽ تهذيب متعلق بهترين احساس جو اظهار آهي.

سال پڄاڻان رهي جا آئي
ڌرتيءَ پنهنجي ڏُوڙ سُجاتي
ڪي پٽڪا، اجرڪ، ٽوپي ٽا پائن
ڪي جُهومي جمالا سنڌ جا ڳائن
ڪي پنهنجي ڪي پيا پنهنجو پائن
اها آهي تهذيب پنهنجي ذاتي
ڌرتيءَ پنهنجي ڏُوڙ سُجاتي.

ڌرتيءَ جو پيار ان کي نصيب ٿيندو آهي جيڪو ڌرتيءَ سان پنهنجو لڳ لاڳاپو مخلص ٿي نڀائي. محبوب ڏيپر ۾ اهي جوهر آهن تہ هو هميشہ ڌرتيءَ جي حقن لاءِ جنگ جوٽيندڙ جٿن جو حامي رهيو آهي.

اسان جيئي جيئي سنڌ ڪنداسين،
قربان جان ۽ جند ڪنداسين.

هن ذات ڏٺيءَ هميشہ ڌرتيءَ جي حق ۾ نعرا هنيا آهن ۽ نوجوانن کي اُتساهہ ڏيندي چيو آهي:

آزاديءَ جو هٽي نعرو، اونچو مٿي ڳاٽ ڪيو،
غير غدار ڪي لٽي گس ۾ الڳ پنهنجي واٽ ڪيو.

سندس واٽ هميشه ڌرتيءَ جو آجپو ۽ خوشحالي رهي آهي.

سائي ڌرتي ساري ڏسان،
خوشحال هاري ناري ڏسان

بهرحال سنڌ جي هن مُنفرد سُگهڙ شاعر ڪي مبارڪون جو هي مُسلسل لِکندو رهي ٿو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هنج ۾ سَورهون ڪتاب رکيو اٿس[1].

سَورهين ڪتاب جو سيني آڏو ٿو ڪيان اظهار،
ڌرتيءَ پنهنجي ڏُوڙ سُجاتي ڪيان اهو نالو ٿو نروار،
حامي مون سان هر دم رهيو صاحب رب ستار،
هن ذات سان ٿي ڏيپر جو پڪو ويو پيار.

قربانيءَ جو مجسمو

تحرير: پروفيسر عبيدالله لاڪير

ميهڙ جي نوجوان عبدالباسط عرف شايان ڳوروڙ جي زندگيءَ جو قصو ڏاڍو صدمو ڏيندڙ ۽ حيرت ۾ وجهندڙ آهي ته هن 21 سالن جي عمر تائين ٻه ڪونه ڪري سگهي، هن جو هڪ هڪ پل ٻين لاءِ هو، 8 سال جي ڄمار ۾ ٻارڙن جي حقن لاءِ جدوجهد ان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ جي جدوجهد، ڪمپيئرنگ ڪري پنهنجا خيال مَهان شاعرن شاهه لطيف، شيخ اياز، استاد بخاري، حليم باغي جي شاعري مان چونڊ ڪري عام ماڻهن تائين پهچائڻ، هو جيڪو ڌرتيءَ سان جذباتي حد تائين جُڙيل هو، نه صرف ماڻهن جي چاهت ۾ انهن لاءِ هر وقت سوچ ۽ فڪر ۾ هوندو هو پر ڌرتي جي ٻولي ۽ ثقافت سان ڪيس خاص قسم جو اُنس ۽

---

1. ڏيپر، محبوب علي، ڌرتيءَ پنهنجي ڏُوڙ سجاتي، ص 15، 16، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2025ع.

عقيدت هئي. هو ڀهرين جنوري 1996ع کان 14 مئي 2017ع جو هڪ مختصر قِصو هو، پر ان قِصي ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ قِصا لِڪيل آهن. هن هوش سنڀالڻ کان وٺي شهادت تائين پنهنجي زندگي پنهنجي لاءِ استعمال نه ڪئي. هن جي صرف هڪ ايجنڊا هئي ته زندگي نالو ئي ٻين لاءِ جيئڻ جو آهي. هن نه صرف اهو سمجهيو هو پر هن ثابت به ڪيو هو. پنهنجي عملي جدوجهد سان هڪ هڪ پل ڌرتي، ماڻهو، سماج، ٻولي ۽ ثقافت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو ۽ آخر ۾ به سندس شهادت پنهنجي عظيم رشتي ولاد صاحب جي زندگي بچائيندي ٿي. هي قربانيءَ جو مجسمو هو. هن جو هر پل ٻين لاءِ هو. هن جا پنهنجا ڪي به خواب نه هئا پر هو ٻين جي خوابن جي تڪميل لاءِ وقت ۽ توانائي قربان ڪندو رهيو ۽ آخر ۾ جان قربان ڪري امر ٿي ويو. شايان تون تاريخ جو اهو باب آهين جتان نوجوان اتساهه وٺندا رهندا ۽ تو کي ياد ڪندا رهندا[1].

Message

It is a moment of immense pleasure and consolation for me that our college's enthusiastic team, comprising teachers, students, and parents, has collectively supported the publication of this magazine, "KUHUNG", with their unwavering interest and effort. The magazine features informative and interesting articles, replete with innovative ideas. During the devastating super flood of 2022, our college building was severely affected, providing shelter to over 90 families as internally displaced persons (IDPs). The water level rose, inundating the ground floor portion of the building, boundary wall, lawn, and plants. Despite these challenging circumstances, I, along with the teaching and non-teaching staff, diligently monitored and maintained the college building and its precious materials, including furniture, records, and the library. The restoration of the plants and lawn, which adorn our college, has alleviated the sorrowful memories of that period. The publication of this magazine is a testament to our collective resilience and

---

1. احمد خان چانديو، پتنگ جيئن پيدا ٿيو، ڇاپو ڀهريون، ص 84، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي 2018ع.

determination. While this is undoubtedly a collaborative effort, I extend my sincere gratitude to the magazine's editorial board, particularly Professor Hafiz Ghulam Mustafa Chandio, Professor Raja Masood Ahmed Shaikh, and Professor Ashfaque Ahmed Sahar, for their invaluable support and contributions. I also express my appreciation to all individuals who played a crucial role in this endeavor, especially Dr. Aijaz Ali Sodhar (Ph.D.) and Deedar Shad Gopang. On this occasion, I advise our students to focus their attention on their academic pursuits, alongside co-curricular activities, to ensure a successful future in this digital and challenging world. I also encourage parents to take an active interest in their children's education, ensuring their regularity and punctuality in classes. I firmly believe that a collaborative effort and open communication between teachers and parents are essential in shaping the future of our generation. Lastly, I extend my gratitude to all students who contributed articles and assisted the editorial board in the publication of this magazine.

Prof. Ubedullah Lakhiar
Principal, Government Degree College
Qazi Arif, District Dadu, Sindh

ٻہ اکر

ڏيھہ جو ڏيپر رکوالو آ

شاعر احساسن جو ترجمان ۽ شاعري انهن احساسن جي اُپٽار هوندي آهي. سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر ٻہ پنهنجي شاعري هميشہ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪئي آهي، چاڪاڻ تہ سندس مشاهدا، خيال يا فڪر عوامي احساسن جو اُلڙو هوندا آهن. جيئن هي سندس ڪتاب "سنڌ سَموري منڇر ٿي وئي" خود هڪ احساساتي تاريخ لکيل آهي، جنهن ۾ هن 2022ع ۾ آيل ٻوڏ ۽ برسات ۾ بي گهر ٿيل عوام جي اهنجن جي منظر نگاري ڪئي آهي. روايتي طرح ٻوڏ تہ ڪڇي ۾ ايندي رهندي آهي پر 2010ع کان ٻوڏ جا رستا مَٽايا ويا آهن جو پڪو ۽ ڪچو ٻَوڏ جو هڪجهڙو منظر پيش ڪن ٿا. جنهن ڪري عوامي راءِ اها آهي تہ اها هٿرادو ٻوڏ آهي. 2010ع جي ٻوڏ کي مَها ٻَوڏ سَمجهيو ويو هو پر 2022ع جي ٻَوڏ تہ سَمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ۽ تباهيءَ جا اهڙا منظر پيش ڪيا جو هر ماڻهو سخت مايوسي ۽ صدمي جو شڪار هو. ماڻهن جي اذيت ۽ مشڪلاتن کي جنهن طرح محبوب ڏيپر بيان ڪيو آهي شايد ئي ڪو ڪري سگهي.

سنڌ سموري منڇر ٿي وئي، ڪٽڪ اچي ويو اهڙو آ،
جهل مگسي کان سيوهڻ تائين بچيو نہ ڪوئي ويڙهو آ.

ماڻهو مال متاثر ٿي ويا، لکين ٻڏا ڳوٺ هوندا،
ڪنهن جا گهر ڪکاوان، ڪنهن جا بنگلا ڪوٺ هوندا،
رستي راهن روڊن تي ٿيو متاثرن جو ميڙو آ.

2022ع جي ٻوڏ ڪچي کان وڌيڪ پڪي ۾ وڏي تباهي آندي. سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر جو ڳوٺ قادر بخش ڏيپر جيڪو لتڻ يوسيءَ ۾ آهي، خود متاثر ٿيو، نہ صرف ايترو پر سَموري لتڻ يونين ڪاؤنسل، قاضي عارف ۽ فريد آباد يونين ڪائونسلن جا ڳوٺ 10 فوٽ کان بہ مٿي پاڻيءَ هيٺ اچي ويا، جتي ٻَيڙيون گهمي

رهيون هيون ۽ ماڻهو پنهنجا سِرَ بچائي ميهڙ طرف نڪري آيا هئا. هر طرف لڏ پلاڻ جو منظر دردناڪ هو.

ٿِي سنڌ جا پيا بند مياڻ، جاڏي ڪاڏي لڏ پلاڻ،
نہ ثابت ڪنهن جو گهر ڏنو مون، لڙهندي دريون در ڏنو مون،
پريشان وڻيءَ ور ڏنو مون، ڪندي ياحسين گهوڙا ير ڏنو مون.

سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر جيڪو ڏنو يا محسوس ڪيو ان کي سادي ۽ عوامي ٻوليءَ جي انداز ۾ مَهارت سان بيان ڪيو آهي. پڙهندڙ سندس احساسن جي گهرائي خود بہ محسوس ڪري سگهي ٿو. 2010ع وانگر 2022ع جي مَها ٻوڏ ميهڙ شهر لاءِ خود وڏو خطرو ڪٿي آئي هئي. ڪچي ۽ پڪي ڪانسواءِ قمبر شهدادڪوٽ يا خيرپور ناٿن شاه جا هزارين خاندان پنهنجا ٻڏل علائقا ڇڏي ميهڙ ۾ پناه وٺي چڪا هئا، پر ميهڙ جي شهرين همت ڪري رِنگ بَند ٻڌرايو، جنهن ۾ دادو ضلعي يا لوڪل انتظاميا سندن ٻانهن ٻيلي هئي. پر پاڻي جو ايترو تہ دٻاءُ هو جو ساه مُٺِ ۾ هو، پر آخرڪار وڏي همت ۽ جذبي سان ميهڙ شهر کي بچايو ويو. ان ۾ ميهڙ جي عوام، دڪاندارن، سياسي اڳواڻن ۽ لوڪل انتظاميا پاڻ ملهايو هو. ان ڪري سگهڙ شاعر کين خراج تحسين پيش ڪري ٿو :

مولا سائين ميهڙ جو آ متي سڀ ڪان مانُ ڪيو،
شهر بچائي شهزورن آ، شاهي تنهن جو شان ڪيو.

شاعر نہ صرف عوام جي احساسن جو ترجمان هوندو آهي، پر انهن جي حقن جو نِگهبان پڻ هوندو آهي. ان ڪري سندس خيالن ۽ گفتار ۾ للڪار بہ هوندي آهي.

هي نظم "محبوب" جو مقالو آ، هر غير غاصب لئہ پالو آ،
هن ۾ سارو سچو حوالو آ، ڏيهہ جو "ڏيپر" رکوالو آ.

مان ايترو ضرور چوندس تہ هي 76 سالن جو جُهونو سُگهڙ شاعر واقعي ڏيهہ جو رکوالو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن هر دؤر ۾ پنهنجو آواز بلند رکيو آهي ۽ عام عوام جي ڏکن، اهنجن ۽ احساسن جي ڀرپور ترجماني ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ سندس هر شعر نازڪ احساسن جي ترجماني پيش ڪري ٿو، جيڪو پڙهندڙ خود بہ

محسوس ڪري ٿو. سگهڙ شاعر سنڌ جي هر منفي ڪردار کي ڀرپور طريقي سان ننديو آهي. جيئن چوي ٿو:

سمجهيوسين سنو پر ڏاڙي نڪتين، وڏو لوسي لباڙي نڪتين،
پونءِ جو وڏو پاڙي نڪتين، راشي، رهزن راڙي نڪتين،
ڪرين منافقت مجازي ٿو، پوءِ سڏائين تون غازي ٿو.

بند ڪرڻ ٿو اسڪول چاهين،
ديس جو دشمن پڪو آهين،
وڏيرا وير سنڌ سان وڌو ٿئي وڏو،
ٿُڪ تي ناز تنهنجو پاڏي تي لڏو،
رڳو راند رت جي هلي هِت رهي آ،
ڪُڏي ڪنهن نہ ڪونڊر ماڻي وَهي آ،
ڪردار جنهن جو آ ڪوڙ جي ڪمائي،
اخلاق ۾ لڳين ٿو چنيءَ جو تون چورو،
ووٽ ڏيندو سانءِ ڪونہ وڏيرا، منهن تي چئون چونہ وڏيرا.

سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر جي شاعريءَ ۾ رهزن ۽ رذيل سان ڪٿي بہ ٺاهہ نظر نہ ايندو، پر سخت مزاج ۽ بغاوت نمايان نظر ايندي. ڇاڪاڻ تہ هو انساني قدرن، ريتن، رسمن ۽ انساني حقن جو رکوالو آهي. سندس شاعري مجاز ۾ بہ جدت پسند ۽ اونها خيال پيش ڪري ٿي.

هڪ ستم تنهنجا ٻيو ظالم زمانو،
ٿيون مان غريبي جو ٿي ويس نشانو،
آهي پيار جي مون سزا ڏاڍي لوڙي.
هجي دل سُڪو بُند ساڙي چڙيان،
ڏيان ڪاڏي بَر مُنهن يا شهر مان لڏيان.
حَسينن سان لڳائي دل گهٽن پيتو ڍئو آ،
خبر ڏي هاڻي دل گهٽي ويهين سؤ آ.

نظر ڦيرين ٿو جاڏي ڪاڏي، خدا ڏسي ٿو خير ٿا ٿين،
مرڪ تنهنجي سان مولا ڇاڻي هيرا موري ڍير ٿا ٿين.

بهرحال هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي سڀ رنگ نظر ايندا ۽ پڙهندڙ هن شاعر جي پڪي پختي خيال جا مزا ماڻي سگهندو. مان آخر ۾ سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر کي سندس هن ڪتاب "سنڌ سموري منجهر ٿي وئي" سنڌي ٻولي کي مسلسل لکي چوڏهن ڪتاب ڏيڻ تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.[1]

پروفيسر عبيدالله لاکير
2 مئي 2023ع

مهاڳ

ماءُ جهڙي شفيق ميهڙ

انسان ازل کان قدرتي يا هَترادو مصيبتن سان مُسلسل مُنهن ڏيندو پيو اچي، پوءِ اهي زلزلا هجن، برساتون يا ٻوڏ، جنگيون، وبائي بيماريون ۽ ٻيون انيڪ مصيبتون هجن. اهي سڀ انسان جي موت يا تباهي جا سبب پئي رهيا آهن. دنيا ۾ هر ملڪ اندر اهڙيون مصيبتون وقت بوقت ايندييون رهن ٿيون. پوءِ ٿيندو ايئن آهي ته ترقي يافته ملڪ آسانيءَ سان اهڙن حادثن کي مُنهن ڏئي وڃن ٿا ۽ پوءِ تمام جلد زندگي مَعمول تي اچيو وڃي پر جتي ترقي پزير ملڪ هجن جيئن پاڪستان وري ان ۾ سنڌ جهڙو صوبو جيڪو قدرتي وسيلن سان ته مالا مال آهي پر تعصب ۽ نا انصافيءَ واري سياست هن صوبي جي عوام کي غربت جي ڏُٻڻ ۾ ڌِڪي ڇڏيو آهي. اتي جڏهن 2010ع جي ٻوڏ آئي ته ان کي مَها ٻَوڏ سَڏيو ويو. جنهن پڻ

1. ڏيپر، محبوب علي، سنڌ سموري منجهر ٿي وئي، ص 14 کان 17 تائين، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2023ع.

هزارين آباديون متاثر ڪيون ۽ هزارين ايڪڙ بيٺل فصل تباهه ۽ برباد ڪيا. ڳوٺن جا ڳوٺ ڊهي پٽ پئجي ويا. متاثر ماڻهن جو الهه تلهه لڙهي ويو ۽ سنڌ جا ماڻهو جيڪي اڳ ۾ ئي غربت، بيروزگاري، معاشي ۽ سماجي طرح وڏي حادثي جو شڪار ٿي تباهه ٿي ويا. ڪافي سالن جي مُسلسل جدوجهد کان پوءِ مَسَ وڃي عوام سُک جو ساهه کنيو هو ۽ معاشي طرح ڪجهه پاڻ پرا ٿيا هئا ته 2022ع جي آيل ٻوڏ سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ۽ هر زبان تي اها ڳالهه هئي ته سُپر فلڊ هيءَ آهي، جيڪا 2010ع کان گهڻو وڌيڪ پاڻي پاڻ سان کڻي آئي. نتيجي ۾ سڄي سِنڌ سخت متاثر ٿي. هزارين ڳوٺ 20 فوٽن کان به مٿي پاڻي جي حوالي هئا. سَوين انساني جانيون، جانور ۽ هزارين ايڪڙ فصل تباهه و برباد ٿي ويا. هر طرف خوف و هراس ۽ افراتفري جو عالم هو. اهڙي صورتحال جو منظرنامو هن ڪتاب "پاڻيءَ سان جنگ" ۾ ليکڪ محترم احسان علي سومرو بهترين انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ خاص طور ميهڙ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ 2022ع جي آيل ٻوڏ دوران صورتحال ڇا هئي، ليکڪ واقعا ۽ ڪردار سُهڻي انداز ۾ بيان ڪيا آهن .

2010ع وانگر 2022ع جي آيل ٻوڏ ۾ خيرپور ناٿن شاهه ٻُڏي چڪو. ان ڪري سيني جون نظرون ميهڙ شهر ۾ هيون ته اهو بچي ٿو يا ٻُڏي ٿو. ميهڙ شهر جي نوجوانن، بزرگن، سماجي ۽ سياسي اڳواڻن ميهڙ شهر کي بچائڻ لاءِ جيڪا تاريخي جنگ ڪئي، ان جو تفصيل هن ڪتاب ۾ ملي ٿو. ميهڙ هميشه علم ۽ ادب ۾ چمڪندڙ ستاري وانگر نمايان رهي آهي، پر هي شهر دادو ضلعي ۾ معاشي سرگرمين جي حوالي سان به هڪ خاص حيثيت رکي ٿو. ان ڪري ميهڙ واسي ميدان ۾ لهي پيا. ايئن جيئن مصيبت جي گهڙي ۾ ماءُ کي پنهنجا حلالي پٽ بچائيندا آهن. ميهڙ شهر اسان جي علائقي ۾ فريدآباد کان وٺي راڌڻ تائين سيني جي جيءَ جو جياپو پناهه ڏيندڙ شهر آهي ؟ خاص طور 2022ع جي مَها ٻوڏ ۾ خيرپور ناٿن شاهه جو اڪثر عوام وارهه قمبر کان به وڌو عوام ميهڙ جي روڊ رستن ۽ ميدانن ۾ پناهه گاهه ميهڙ شهر جي صورت ۾ هو، جنهن ڪري رات ڏينهن ميهڙ جي عوام پنهنجي مدد پاڻ تحت سڀ وسيلا ڪَتب آڻي

آخرڪار ميهڙ شهر ڪي بچائي ورتو. اهو مَعرڪو جن ڪردارن جي جدوجهد سان فتح ٿيو اهي سڀ ڪردار ليکڪ طرفان بيان ٿيل آهن. ليکڪ طرفان هي مختصر ڪتاب علائقي جي ماڻهن جي تاريخي جدوجهد، دليري ۽ سچائيءَ جي جذبن سان پرپور هڪ اُتساهه ڏيندڙ داستان آهي، جيڪو ايندڙ نسل کي بہ مصيبت ۾ گڏ ٿي مُصيبت سان مَهاڏو اٽڪائڻ لاءِ اتساهه جو سبب بڻبو. جيئن ميهڙ جي هر ماڻهوءَ جي زبان تي اهي لفظ هئا تہ "شال! اسان جي ماءُ جهڙي شفيق ميهڙ بچي!" ۽ پوءِ الله پاڪ جي مدد سان سيني همت ڪري پنهنجو شهر بچائي سچي سنڌ ۾ ميهڙ جو مانُ مٿانهون ڪيو. ليکڪ کي هن تاريخي جدوجهد کي ڊاڪيومينٽ ڪرڻ تي مبارڪباد ڏجي ٿي.

پروفيسر عبيدالله لاکير
پرنسپال
ڊگري ڪاليج قاضي عارف

مقدمو

فيصلا انصاف جا

مون جڏهن هوش سنڀاليو تہ اسان جي هڪ ڪچي پڪي ڪمري ۽ ٻن ڇَنن (لانڍين) واري اوطاق ۾ اڪثر ماڻهن جا ميڙاڪا نظر ايندا هئا. ماڻهو پنهنجي ننڍن وڏن مسئلن جي ازالي لاءِ صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ ايندا رهندا هئا. ايئن لڳندو هو تہ اوطاق هڪ ننڍڙي عدالت هجي، جتي نہ صرف هلڪا ڦلڪا فيصلا ٿيندا هئا، پر سماجي ننڍن وڏن مسئلن جي اڪلاءَ لاءِ مشاورت (Consolation) جو عمل تہ 12 ئي مهينا جاري رهندو هو. ان مشاورتي عمل جا مُکيہ مُحرڪ محمد ملوڪ لاکير (منهنجو نانو)، ميان عبدالرحمٰن سومرو، ميان غلام قادر لاکير (منهنجو چاچو) ۽ محمد صادق لاکير (گهاري وارو) جن هئا. اڪثر برادري ۽ علائقي جي مختلف برادرين جا

ماڻهو هنن صاحبن کان عقل ۽ دانش جو درس وٺي وڃي مٿانر ڪري ماحول کي سُلجهائي سَٽائو ڪندا هئا. منهنجي حيثيت پنهنجي اوطاق ۾ هڪ درٻان واري هوندي هئي. جنهن جو ڪم بابي وڏي (ناني) جا حڪم گهر وارن کي پهچائڻ (Communication) ڪرڻ هوندو هو تہ چانهه يا ماني جو بندوبست ڪرڻ وغيره ۽ مهمانن جي خاطر تواضع ۾ حصو وٺڻ شامل هوندو هو. مان پنهنجي اوطاق ۾ مَتل چوياريءَ ۾ اڪثر خانصاحب (عبدالحميد خان جتوئي) جو نالو وڏي عزت ۽ احترام سان وٺندي ٻُڌندو هيس. ايئن لڳندو هو تہ هتي وينل هر ماڻهو ان کي پنهنجو رهبر ۽ اڳواڻ سمجهندو هجي ۽ سيئي ان کي سماجي ۽ سياسي علم جي وڏي درسگاهه سمجهندا هئا ۽ فيصلن جي حوالي سان سيئي ان جي حڪمن جي تعميل ڪرائڻ پنهنجو اخلاقي فرض سمجهندا هئا. منهنجي دل ۾ اهڙي اعلىٰ شانَ واري شخصيت کي ڏسڻ جو تجسس اجان بہ وڌي ويو. آخرڪار معمول مطابق منهنجو نانو سائين هر سال عرس شريف وڏي ڌام ڌوم سان ڪندو هو، جنهن ۾ علائقي جا سڀ معززين وڏي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا. اهڙي ئي موقعي تي مون ڏٺو تہ هڪ قدآور ۽ رعبدار شخصيت پنهنجي گاڏيءَ مان لٿِي ۽ اتي موجود سؤ ڏيڍ سؤ ماڻهو هڪدم ان جي چوگرد جمع ٿي ويا. جيڪي ڪيس آڌر ڀاءُ ڪري رهيا هئا ۽ پوءِ جڏهن منهنجي سماعتن تي ان شخصيت جا گفتا پهتا تہ انهن ۾ ايتري تہ پختگي (Maturity) نظر آئي جو مون سمجهيو تہ واقعي هيءَ تمام وڏي شخصيت اهي. نہ صرف سندس ڳالهين اعلىٰ ظرف ۽ سچائي جا گڻ نظر پئي آيا پر سندس گفتگو پر لطف ۽ معنىٰ خيز مزاج سان پرپور (Sense of humor) بہ ايترو جو هر ماڻهو ان ڪچهريءَ ۾ محظوظ پئي ٿيو. مَعلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي اهو آهي. اڳتي هلي جڏهن 1984ع ۾ مون پنهنجي ڳوٺ بخش لاکير ۾ هڪ سَماجي تنظيم ڳوٺ سُڌار سَنگت جو بنياد وڌو تہ منهنجي سڀ کان وڏي خواهش هئي تہ ان جو افتتاح خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي جي هٿن تي ٿئي. آخرڪار جيئن ئي اسان جي تنظيم 1986ع ۾ حڪومت وٽ رجسٽرڊ ٿي تہ آگسٽ 1986ع ۾ مون پنهنجي تنظيم جي طرفان ڳوٺ

۾ ڳوٺ سڌار سَيمينار منعقد ڪرايو، جنهن ۾ شرڪت جي دعوت ڏيڻ لاءِ مان ۽ فاروق قادر لاڪير جيڪو تنظيم جي بانيڪار ميمبرن مان هڪ هو، گڏجي خانصاحب وٽ سندس اوطاق ۾ وڃي دعوت عرض رکڻ لاءِ سوچيو. پاڻ نہ صرف سنڌي موٽ ڏنائون پر سماجي ڪمن جي حوالي سان تمام گهڻي همٿ ڏياريائون. پروگرام ۾ تر جا معززين وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيل هئا. هن پروگرام ۾ سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت جو باني محترم سائين خان محمد پنهور ۽ سائين قلندر شاه لڪياري بہ خصوصي طور شريڪ ٿيا هئا. ڪنهن سبب جي ڪري خانصاحب اوائي ڪلاڪ دير سان پروگرام ۾ پهتا (حالانڪ عام طور پاڻ وقت جا تمام گهڻا پابند هئا) تہ چند ماڻهن جي سُس پُس جا پيغام ساٿين ذريعي مون تائين پهتا تہ دير ٿي ٿئي، پروگرام شروع ٿيڻ کپي. خانصاحب ڪٿي ٿو چوڪرن جي چوڻ تي اچي. انهيءَ ڪري اسان ۾ ويتر مايوسي ٿي وئي، پر جڏهن اچانڪ پنڊال ۾ خانصاحب (ان وقت جي ايم اين اي) قاضي شفيق احمد مهيسر (ان وقت جي ايم پي اي) سان گڏ نمودار ٿيا تہ ساٿين ۾ خوشيءَ جي حد نہ رهي ۽ وڏيڪ خوشي سندن خطاب ٻڌڻ دوران ٿي رهي هئي. جڏهن پاڻ سماجي ڪم جي اهميت تي روشني وجهندي اسان جي ٽيم کي شاباسِ ڏنائون. اڄ جي سياستدان وانگر خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي جي سياست ڪاروباري نہ هئي پر سندس سياست عوام جي خدمت ۽ صرف خدمت هئي. جنهن ڪري ئي هو عوامي خدمت جي ننڍڙي عمل کي اهميت ڏئي همٿائيندو هو ۽ اهڙي فورم ۾ جيڪڏهن ڪيس دعوت ملندي هئي تہ وقت ڪڍي ضرور شرڪت ڪندو هو. موت تہ اٽل آهي پر ڪن شخصيتن جو موت لکين انسانن جي آسُن ۽ اميدن جو موت ثابت ٿيندو آهي. خانصاحب جي شخصيت پاڪستان ۾ رواداري، انصاف پسند ۽ انسان دوستيءَ جي سياست لاءِ وِهائو ناري جي حيثيت رکندڙ هئي. دادو ضلعي جو عوام عام طور ۽ ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاھ تعلقن جو عوام خاص طور سندن باوقار ۽ اعلىٰ ڪردار سياست ۽ عوامي خدمت تي فخر محسوس ڪري ٿو. ان ڪري ڏاريا بہ چوندا هئا تہ عبدالحميد جو دادو نہ ڪہ دادو جو عبدالحميد، چاڪاڻ تہ ڪي

شخصيتون علائقن جي سُڃاڻپ جو سبب بڻجي وينديون آهن ۽ خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي جي ڪري دادو ضلعو پوري پاڪستان ۾ گهڻو مشهور هو. منهنجي پاڙيسري ڳوٺ دائود ديرو جو واسي مِنڙن ٻولن وارو ديدار سيال جڏهن مون وٽ ڪُهي آيو اها خوشخبري ٻڌايائين تہ مون خانصاحب جي شخصيت کي پيٽا ڏيڻ لاءِ چند لفظن جو سَهارو ورتو آهي ۽ پوءِ چڱو خاصو مواد منهنجي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيائين ۽ جڏهن مون ان کي پڙهيو تہ حقيقت ۾ منهنجي دل ٻَهڪي پئي تہ ڇا اهو مُمڪن آهي تہ ڪنهن جاگيردار يا وڏيري لاءِ ديدار سيال جهڙي انتهائي مسڪين ڏات ڏٽي جي نازڪ ۽ حساس احساس ۾ اهڙي تہ گهرائي واري اُڪير ٻَڪِي رهي هجي، اهو ان شخصيت جي غير پروري ۽ انسان دوستي جو ئي ثبوت آهي، جنهن اهڙي ماڻهو کي بہ متاثر ڪيو جنهن تي ڪنهن حاڪم جو حڪم نہ هلي سگهندو آهي. جيئن پاڻ چوي ٿو:

نہ سنڌ جي وڏيري تي پر عمل تي لکيو ٿم،
دادوءَ جي هڪ دلربا عادل تي لکيو ٿم.

سگهڙ ديدار سيال سان منهنجي ڏيٺ وَيٺ کي تمام ٿورو عرصو ٿيو آهي پر جڏهن سادڙي لباس ۾ چاپئيني ڏاڙهي سان مَٿي تي سنڌي ٽوپي ۽ سانوري رنگ جي قدآور شخص گفتگو ڪئي تہ سنڌي ٻوليءَ جا اهڙا لفظ سندس زبان مان ماکي جي منڙين لارن وانگر پئي نڪتا ڄڻ تہ پٿائي هن جي روح جي تهن ۾ سَمايل هُجي. مون کي تہ سندس جسماني قد، ڪاٺ ۽ زبان تي تند ۽ تنوار ٻڌي اهو لڳو تہ موئن جي دڙي جي عظيم آثارن مان شايد هي ماڻهو بہ لڌو ويو آهي، جيڪو وَتي ٿو سڄي سنڌ ۾ پٽڪندو، ايئن ڄڻ پنهنجي وڃايل نسل جي ڳولها ۾ هجي ۽ پنهنجي روح ۽ آتما کي آٿت ڏيڻ لاءِ بيچين هجي. سنڌ جي سچائي ڳولهي لهڻ ۽ ان جي اڏول ڪردارن کي مڃتا ڏيارڻ ڄڻ تہ سندس زندگيءَ جو هڪ عظيم مقصد ۽ مِشن آهي. مون کي جڏهن چيائين تہ مان پنهنجي پورهئي ۾ اوهان کي شامل ڪرڻ چاهيان ٿو تہ مون کي محسوس ٿيو تہ خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي جي لکين مداحن جي وڏي قطار ۾

منهنجو نمبر تہ تمام گهڻو پوئتي آهي، پر شايد سندس مقناطيسي شخصيت سان منهنجو نظرياتي، روحاني ۽ جذباتي لڳاءُ ۽ ان جي سچائي آهي جو خدا تعالىٰ مون کي اهو موقعو ڏنو تہ يوسف جي خريدارن ۾ مان بہ نالو لکرايان. خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي جي ڪردار ۽ گفتار جا هزارين مشتاق آهن ۽ سندس سنڌ ڌرتي ۽ ٻوليءَ سان لڳاءُ ۽ سنڌ جي قومي مسئلن تي چٽو مؤقف پڻ سندس مداحن لاءِ روح جي راحت بڻيل آهي، جيئن سگهڙ چيو آهي:

عمل سواءِ انسان کهڙو، انسان ٿيڻ ۾ ڪم ٿو ڪپي،
جو سنڌ جي خاطر سور سهي، قربان ٿيڻ ۾ ڪم ٿو ڪپي،
جنهن ميهڙ کي مشهور ڪيو، انهيءَ خان ٿيڻ ۾ ڪم ٿو ڪپي.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ سگهڙ ديدار سيال خانصاحب جي ذاتي زندگيءَ تي پڻ روشني وِڌي آهي ۽ خاص طور ڪيس اها مليل معلومات خود خانصاحب سان ملاقاتن مان حاصل ٿي آهي، سَنئين سِڌي ۽ پروسي جوڳي (Authentic) آهي. هونئن تہ علم ۽ عقل انسان کي بلند مقام تائين پهچائيندڙ آهي، پر ڪي شخصيتونException ڪيس طور اچن ٿيون جن کي عقل ۽ دانش قدرتي "آمد" ذريعي حاصل ٿيل هوندي آهي. خانصاحب جو ڳَيس پڻ اهڙو هو جو پاڻ صرف مئٽرڪ پاس هو ۽ ڪيس ڪابہ قانون جي ڊگري حاصل ٿيل نہ هئي، پر پاڻ مُنجهيل مسئلا بہ سُلجهائي انصاف تي مبني فيصلا ڏئي هڪٻئي جي رت جي پياسن کي سندس اوطاق ۾ کير کنڊ ڪري واپس ڪيو ويندو هو، جنهن تي سرڪاري عدالتن ۾ ويٺل وڏا مُنصف بہ حيران ۽ پريشان هوندا هئا. ليکڪ پاران فهم ۽ فراست سان ڀرپور اهڙن فيصلن جي پڻ واکاڻ ڪئي وئي آهي ۽ هي ان کان گهڻو متاثر ٿي چوي ٿو:

فيصلو فهم ذات ڏني سون،
سچ واري سوغات ڏني سون،
جوڙو ماڻهو جوان جتوئي،
انصاف سنڌِي آذان جتوئي.

ٻئي هنڌ چوي ٿو:

جي نہ ٿي ڳالھ نبري تہ پري ناهي پنڌ،
هلو حميد خان وٽ ڪل نوائي ڪنڌ،
هو فهميده فيصلي جو جانب ويٺو جنڊ،
ديس ۾ "ديدار" چئي اجان ڪونهي انڊ،
ٻوگها ٽپو ٻنڌ، جيئرو جتوئي ويٺو آ.

خانصاحب اليڪشن جي ڏهاڙن ۾ اسان جي اوطاق ۾ وڏي جلوس سان گڏ داخل ٿيندا هئا جتي منهنجو نانا سائين سندن آڌرڀاءُ لاءِ آتو هوندو هو. هڪ دفعي حال احوال وٺڻ کان اڳ ناني سائين خانصاحب کي چانھ پيئڻ جي صلاح ڪئي تہ پاڻ وراڻيائين تہ "محمد ملوڪ مون کي اعتراض ناهي پر مون سان گڏ جيڪي همراھ آهن اهي ڪوپ جو ڪڙڪو ٻُڌن ٿا تہ روئڻ شروع ٿا ڪن ." اوطاق ۾ انهيءَ گفتي تي وڏو ٺهڪڙو مچي ويو. ان کان پوءِ خانصاحب همراهن کان پڇيو تہ بابا چانھ پيئندؤ؟ تہ همراھ وٺي ڪليا ۽ ڏاڍيان چيائون تہ سائين تمام گهڻي پيتي اٿئون، پاڻ ڄاڻو ٿا. ٻئي دفعي چاچا غلام قادر لاکير جي وفات کان پوءِ اسان جي اوطاق ۾ خانصاحب تعزيت لاءِ پهتل هئا. ڪچهريءَ ۾ چاچي غلام قادر جو وڏو فرزند طارق قادر لاکير (جيڪو هاڻي پنجاب ريجمينٽ ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدي تي آهي) ويٺل هئا تہ پاڻ ۾ ڳالھ پئي ڪيائون تہ ڪير ٿو چوي سنڌي مارشل ريس (ويڙهاڪ) ناهن؟ سنڌي هر دؤر ۾ وڙهيا آهن ۽ پوءِ اچي مثال ڏيڻ شروع ڪيائون ۽ پاڻ ٻڌايائون تہ سنڌي ماڻهن کي گهٽ درجي جو ظاهر (Degrade) ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪيون ٿيون وڃن. پاڻ هڪ پنجاب جي چوڌري سياستدان جو مثال ڏيندي چيائين تہ ان جو سنڌ ۾ ڪاروڪاري جو مسئلو ان ڪري عام آهي جو شايد سنڌ جي عورت جنسيات (Sex) ڏانهن گهڻو مائِل آهي. خانصاحب چيو تہ اهڙن ريمارڪس تي مون کي باھ وٺي وئي مون ڪيس چيو تہ "معاف ڪجو ڪاروڪاري جا مسئلا خالصتًا سنڌ ۾ غيرت جا مسئلا آهن ۽ اسان جي سماج ۾ عورت جو غير مرد سان فري ٿي ڳالهائڻ بہ ناگوار سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري ڪاروڪاري جو مسئلو اسان جي روايتن جي ابتڙ

عمل جو نتيجو آهي، ان ڪانسواءِ ٻيا ٻه ڪوڙ سارا ان جي پس منظر ۾ سماجي مسئلا آهن، پر چوڌري صاحب مان ثابت ڪري سگهان ٿو ته پاڪستان ۾ سڀ ڪان اول اهڙي بازار جو بنياد لاهور ۾ هيرا منڊي ۾ پيو هو. ان وقت ڪنهن جو به ذهن ان طرف ڪونه هو، پر اها شروعات لاهور مان ٿي هئي ۽ اڄ به پاڪستان جي سيني اهڙين بازارن جي جيڪڏهن سروي ڪئي ويندي ته معلوم ٿي ويندو ته اتي انهيءَ پيشي ۾ ملوث عورتون گهڻي علائقي سان تعلق رکن ٿيون. مير علي نواز خان ٽالپر جهڙي ماڻهوءَ کي به جنسيات ڏانهن مائل ڪندڙ عورت "بالي" جو تعلق به پنجاب سان هو". خانصاحب جي وفات ڪان پوءِ جتي لکين ماڻهو سوڳوار نظر اچن ٿا اُتي ليکڪ جي دل کي جُهٻو اچي ٿو ۽ چوي ٿو:

ڳوٺن، ڳنوارن، ميهارن ۾ سڏڪا،
پورهيت، مزدورن، پنهوارن ۾ سڏڪا،
ڊاري سر مٽيءَ ۾ ڊولڻ به روئي پيو،
وڇوڙي تنهنجي تي اگڻ به روئي پيو.

ٻئي هنڌ خانصاحب جي وفات ڪان پوءِ هڪ وڏو خال محسوس ڪندي چوي ٿو ته :

هاڻي هن ڏيهه ۾ ڏاهو آهي ڪير؟
هر ڪنهن کي آ هيڪاندي دولت ڏيرئون ڏير،
وري ڏسو ويڙهيچن سان واريو ڪنهن آ وير،
عقل هوندي آدمي مَن ۾ رکي مَير،
ديس ۾ "ديدار" چئي جڻ چورن ٻڌي چير،
خدا ڪندو خير، منهنجي سانگين جو هي "سيال" چئي.

سنڌي ادب ۾ قصيدو يا مرثيو ۽ انگريزي ادب ۾ Elegies موجود آهي. جيڪي پڻ وڏين ناليوارن شخصيتن جي ڪارنامن ۽ عوامي محبت جو پڙلاءُ پيش ڪن ٿيون ۽ اڪثر انهن جي موت ڪنا پوءِ انهن جو خال محسوس ڪندي لکيو ويو آهي، پر هي ڪتاب منفرد آهي، انهيءَ ڪري جو اهو خانصاحب جي زندگيءَ ۾ لکيو ويو هو پر ان جو ظهور ان جي مرتئي ڪان پوءِ ٿئي پيو ۽ يقينًا

خانصاحب جي زندگي جي هر رخ جي جهلڪ هن ڪتاب ۾ سگهڙ ديدار سيال پنهنجي مخصوص انداز ۾ پيش ڪئي آهي، جيڪا خانصاحب جي ذات سان هن جي لڳاءُ جو اولڙو پڻ آهي. اميد ته اڳتي هلي خانصاحب جي زندگي جي سچائين کي پرکڻ لاءِ هي ڪتاب تاريخي حيثيت ماڻيندو.1 آمين

دعاڳو

پروفيسر عبيدالله لاکير

ڳوٺ بخش لاکير، تعلقہ ميهڙ ضلع دادو

30جون 2004ع

نشي جا سماج تي اثر

الله تعاليٰ انسان کي اشرف المخلوقات The Best Creation ڪري پيدا ڪيو آهي. انسان ۾ لاتعداد صلاحيتون موجود آهن. جيڪڏهن هو صرف پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ته هو الله تعاليٰ ۽ ان جي ڪائنات جي ڪافي رازن ۽ رمزن ڪان واقف ٿي سگهي ٿو. پر جڏهن اڄ جو غافل انسان باوجود سائنسي ۽ فني ترقيءَ جي جتي هر شيءِ واضح نظر اچي ٿي پر پوءِ به هو شعور هوندي لاشعور جي ڏنڊ ۾ ڪاهي پئي ٿو ۽ علم ۽ عقل جي روشن راهه کي ڇڏي برائين جي پٽڪيل مسافري قبول ڪري ٿو ته اهي ڳالهيون انسان ۽ انسانيت جي زوال جو پتو ٻڌائين ٿيون. ويهين صديءَ ۾سائنسي ترقي انسان جي سوچ ۽ فڪر ۾ انقلابي تبديليون آنديون آهن پر پوءِ به برائي ۽ بدڪاري جو خاتمو نظر نه ٿو اچي. جڏهن ته دنيا جي تخليق سان گڏ مذهبن وجود ورتو ۽ دنيا جو هر مذهب نيڪي ۽ بدي، ڏوهه ۽ ثواب جي ذڪر ڪان خالي ناهي. دنيا جي هر هڪ مذهبي ۽ اخلاقي نظريي ۾ برائي يا گناهه جي سخت ننڊا ڪئي ويئي آهي. جڏهن ته نيڪي لاءِ

1. سيال، ديدار علي، فيصلا انصاف جا، مرتب: آڪاش عاجز رحمت الله لاشاري، ص 36 ڪان 53، حيدرآباد، پاڪيزه پرنٽنگ پريس 2004ع.

واضح مثال ۽ مفروضه پيش ٿيل آهن پر پوءِ بہ اڄ تائين برائيءَ جي بازار گرم آهي ۽ انسان، انسان کي ويجهو نہ ٿي سگهيو آهي. پر اڄ جي دؤر ۾ انسانيت سوز ظلم ۽ بي انصافي عروج تي آهي. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري آهي تہ انسان پنهنجو مقدس مشن ڇڏي ڏنو آهي. ان جي تخليق هڪ مقدس مشن آهي. جنهن ۾ انسان کي دنيا ۾ امن پائيچاري، انسانيت جو نہ صرف عملاً مظاهرو ڪرڻو آهي پر ان جو پرچارڪ بڻجي رهڻو آهي . ماڻهو پاڻ کي نشي جي لعنت ۾ ڦاسائي نہ صرف انساني تخليق جي مقدس مشن جي نفي ڪن ٿا پر خدا تعالي جي طرفان جان يا جسم جيڪو امانت آهي. ان کي نشي جي حوالي ڪري پنهنجي انساني وقار کي مسخ ڪن ٿا ۽ نشو ڪندڙ ماڻهو جو ڪردار معاشري ۾ برائين جو گند ڦهلائي ٿو. چاڪاڻ تہ نشو "ام الخبائث" يعني سڀني برائين جي پاڙ آهي.

نشئي ماڻهو معاشري جي تعمير ۾ ڪوبہ اهم ڪردار ادا نہ ٿو ڪري سگهي پر اهو معاشري تي بوجهہ ۽ انسانيت جي لاءِ ناسور بڻجي اڀري ٿو. انسان قابل محبت شيءِ آهي پر جڏهن نشو واپرائيندو آهي تہ هو انساني وقار، غيرت ۽ انسانيت کان بلڪل وانجهو هوندو آهي. اهو بلڪل قابل نفرت بڻجي وڃي ٿو. سماج ۾ اهڙا گندا ڪردار انسانيت تان ويساهہ ختم ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿا. جنهن ڪري سماج مان سڪون موڪلائي وڃي ٿو. نشو ڪندڙ ماڻهو جيڪڏهن ڪو شاگرد آهي تہ اهو پنهنجي ياداشت (Memory Power)وڃائي ڇڏي ٿو. جنهن ڪري هو پنهنجون سڀ صلاحيتون تباهہ ڪري معاشري ۾ تعمير بجاءِ پنهنجي مستقبل کي ۽ قوم جي مستقبل کي بہ تاريڪ بڻائي ڇڏي ٿو. شاگرد قوم جو مستقبل هوندا آهن. صحتمند ۽ با صلاحيت شاگرد صحتمند ۽ باوقار مستقبل جي علامت هوندا آهن. پر جيڪڏهن شاگرد پنهنجي ڪچيءَ عمر ۾ نشي جي حوالي ٿي وڃي ٿو تہ ان جو مستقبل تاريڪ ۽ ان جي زندگي جا خوبصورت خواب صرف خيال بڻجي وڃن ٿا ۽ هو حقيقت کان گهڻو پري هليو وڃي ٿو ۽ پوءِ اهو نہ صرف پنهنجي والدين لاءِ ذهني عذاب جو سبب بڻجي ٿو پر سماج لاءِ هڪ بدنما داغ بڻجي وڃي ٿو. نشو ڪندڙ ماڻهو پورهيت آهي تہ اهو پنهنجي جسماني

سگهہ وڃائي پنهنجو پاڻ زندهہ کي موت جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو. بهترين معاشري لاءِ شاندار ڪردار گهرجن. انهيءَ ڪري نشي جهڙي لعنت کان اسان کي جند ڇڏائڻي پوندي. جيڪڏهن اسان کي خوبصورت مستقبل تعمير ڪرڻو آهي، جيڪڏهن اسان کي معاشري ۾ امن ۽ سڪون پيدا ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اسان کي حقيقت پسند بڻجي پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ ڪو فعال ڪردار ادا ڪرڻو آهي تہ اسان کي نشي کان پاڪ معاشرو تعمير ڪرڻو پوندو. شاگرد جيڪي قوم جو سرمايو ۽ مستقبل هوندا آهن انهن کي نشي کان بچڻ لاءِ پنهنجي اخلاقي ذميواري کي محسوس ڪرڻو پوندو. معاشري جي هر فرد کي سماج کي نشي کان پاڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجو پنهنجو فعال ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو . اڃو تہ انفرادي مفادن جي ٻنڌڻ کان جند ڇڏائي اجتماعي سوچ پيدا ڪيون ۽ معاشري کي نشي جهڙي گندگيءَ کان پنهنجي فعال ڪردار سان صاف سٿرو بڻايون. زندگي ڏاڍي مختصر آهي. اچو تہ انهيءَ مختصر زندگي جي هر لمحي کي خدا عزوجل جي هن ڪائنات کي خوبصورت بنائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون ۽ ڌرتي تي رهندڙ مخلوق لاءِ امن ۽ سڪون، محبت ۽ پائيچارو پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيون. جيئن ڪارل Karl Jaspersچيو آهي تہ." Man is the future of Man "

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي فيس بڪ جي وال تان

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جڏهن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ تدريس جي خدمت تي مامور ٿيو ته ڪاليج جي پرنسيپال جي ذميواري به کيس سَونپي وئي. پاڻ هن نئين ڪاليج ۽ نئين بلڊنگ کي پنهنجو گهر سمجهي ان کي سَنوارڻ ۾ جُنبي ويو. ڪاليج ۾ ضرورت جو سامان بجيٽ نه هجڻ يا گهٽ هجڻ جي به پرواهه نه ڪندي پنهنجي کيسي منجهان به کلي دل جي خوشيءَ سان خرچ ڪندو رهيو. ڪاليج جي لائبريريءَ لاءِ ڪتابن جو سُنو ذخيرو گڏ ڪري ورتائين، وري ڪاليج ۾ مختلف ايڪٽوٽيز ۽ پروگرام ڪرائي ٻارن جي دلچسپي وڌائيندو رهيو. مختلف ايڪٽوٽيز تي مشتمل پينافليڪس ٺهرائي ڪاليج جي ديوارن کي سَجائيندو رهيو. ڪاليج جي گرائونڊ ۾ مختلف وڻ، ٻوٽا ۽ ڇٻر پوکڻ جو به ڏاڍو حريص رهيو. ڪاليج کي جيترو سائين سَنواريو ان جا گواهه اهي ماڻهو آهن جن ان ڪاليج کي ڏٺو. جڏهن 2022ع واري سُپر ٻوڏ آئي ته فريد آباد، ڪاڇي ۽ آس پاس جي علائقي جي ماڻهن لڏ پلاڻ ڪري زبردستي ڪاليج کي پنهنجو مَسڪن بڻايو. ٻهراڙيءَ جا سادا ۽ علم کان وانجهيل ماڻهو، انهن کي ڪاليج جي تقدس جي ڪهڙي خبر؟ جنهن بلڊنگ ۾ وقتي طور پناهه ورتائون ان جي حُسن کي ڏاڍو بي درديءَ سان برباد ڪندا رهيا. ڪاليج جي بلڊنگ کي نئون رنگ ٿيل هو، ڪاليج ۾ تمام گهڻي صفائي رهندي هئي مگر جڏهن هي ماڻهو سوين خاندان اچي ويٺا ته انهن ڪلاس رومن منجهه ٻاهيون ٻاري پٽين ۽ ڇتين کي ڪارو ڪري ڇڏيو. ديوارن تي گند ڪچري جا داغ لڳائڻ شروع ڪيا. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب ڪاليج جو فرنيچر تالا لڳرائي بند ڪري رکرائي ڇڏيو هو مگر پوءِ به ڪاليج جي حُسن کي بچائڻ لاءِ سڄو سڄو ڏينهن ڪاليج ۾ وينو رهيو. انهيءَ وقت ۾ به ڪاليج اندر پڙهائي جاري هئي. وري جڏهن مختلف NGOs طرفان ڪجهه ڏيڻ جو سِلسلو شروع ٿيو ته ڪاليج ۾ انهن پناهگير مرد، عورتن ۽ ٻارڙن کان علاوه ٻاهريان ماڻهو به سَوَن جي تعداد ۾ اچي ڏاڍو افراتفري وارو ماحول پيدا ڪيو. آهستي آهستي ڪاليج جي باغيچي کي به نقصان رَسائڻ لڳا. سائين پروفيسر عبيدالله انهن کي ڏاڍو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي مگر ان جو ڪو خاطرخواه نتيجو نه نڪتو. پنهنجي ماروئڙن جي بيوسي، ناداني، لاچاري ۽ حماقت تي ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو. ڪاليج جي سُونهن وڃائڻ تي سندس اکين منجهه ڳوڙها اسان پاڻ ڏٺا. پاڻ به بيوس بڻجي روئندو به رهيو ۽ ڪاليج کي بچائڻ جي آخر تائين ڪوشش ۾ جٽيو رهيو. آخر ڪار اهو وقت به آيو جڏهن ڪاليج جي بلڊنگ اندر به ٻوڏ جو پاڻي ڪئي فوٽ اونچائي تي پهتو. انهيءَ وقت سائين عبيدالله لاکير صاحب جي چهري کي ڏسي ايئن لڳو جڻ ته سندس گهر پاڻيءَ هيٺ هجي ۽ سندس زندگيءَ جو ڪُل سرمايو ٻُڏي ويو هجي. ٻوڏ جو پاڻي داخل ٿيڻ کان بعد ڪاليج ۾ رهيل پناهگير ته اتان نڪري ويا پر پوءِ ڪاليج ۾ وڃڻ به ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. پر پوءِ به هن جَوڌي جوان پنهنجي همٿ نه هاري. پاڻ مستقل طور ڪاليج وڃي پاڻيءَ منجهان گذري ڪاليج کي ڏسي، گهمي ڦري واپس ٿيندو هو. هن جوان جي ڪاليج سان محبت واقعي مثالي رهي آهي. انهيءَ جي ترجماني اسان جي ميهڙ جي سُگهڙ شاعر محبوب علي ڏيپر پنهنجي شاعري ۾ ڏاڍي سٺي انداز ۾ ڪئي آهي. ڪاليج جي تباهي اکين سان ٿيندي ڏسي به هن جوڌي ماروئڙن سان ڪا نازيبا زبان استعمال نه ڪئي پر پوءِ بيوس ٿي چند جملا لکي پنهنجي فيس بڪ جي پيج تي رکيا. سائين جا لکيل اهي چند جملا قارئين جي نظر ڪجن ٿا:

”چوندا آهن ته غربت جهڙي گار نه آهي“. ڏاها چون ٿا ته غربت سيني برائين جي ماءُ آهي. غربت جي خاتمي لاءِ يا غريبن جي اَهنجن کي گهٽائڻ لاءِ ڪيش پئسا ڏيڻ وقتي طور بهترين عمل آهي. غريبن کي گهر ناهي ڏيڻ وارو عمل به هن ڏکئي دؤر جو شاندار قدم آهي. هن پروگرام کان پوءِ عورت جي پنهنجي مرد وٽ ڪجهه اهميت وڌي آهي. اسان جڏهن انهن ماڻهن کي ڏسون ٿا ته ايئن محسوس ٿئي ٿو جڻ هي مختلف مخلوق هجي. هنن جي پيٽ گذر جي مسئلن

هنن کي تعليم، شعور ۽ سوچ کان ڪوهين پري اڇلائي ڇڏيو آهي. هنن کي نہ مسجد جي تقدس جي خبر آهي نہ تعليمي اداري جي اهميت جي خبر آهي. سَوين عورتون مَردن سان اچن ٿيون، جن سان سَوَين ٻار بہ اچن ٿا، جيڪي پوري بلڊنگ ۾ ڊوڙون پائن ٿا، هو بلڪل انهيءَ عمل کان بي خبر آهن تہ ڪاليج ۾ شاگرد يا شاگردياڻيون علم پرائي رهيا آهن ۽ اسان کي جڏهن بلڊنگ جو هڪ پاسو مِليو آهي تہ اتي محدود رهون ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکون. اها سوچ بہ ڪونهي تہ جيڪي تعليم پرائي رهيا آهن اهي بہ اسان جا ٻچا آهن. ڪافي ماڻهو پاڻ سان گڏ ڇيلا بہ ڪاهي بلڊنگ ۾ اندر وينا رهيا. بس اسان کي اهو احساس ماري پيو تہ هي غربت جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل بيوس قوم آهي. هنن لاءِ صرف پنهنجي غرض سڀ کان وڏيڪ اتم آهي. امير زڪوات بہ نہ ٿا ڏين جنهن جي اسلام ۾ سَختي سان تاڪيد ٿيل آهي. جيڪڏهن صحيح نموني سان زڪوات مستحق ماڻهن تائين پهچي تہ شايد غربت جا هي اثر ڪافي گهٽجي سگهن ٿا. هنن کي ادائگي لاءِ ٻيو ڪو عزت ڀريو بندوبست ڪري ڏنو وڃي تہ بهتر ٿيندو. سوين عورتون ۽ مرد گڏ جيڪي هڪٻئي لاءِ اجنبي هجن ٿا، اهو اسان جي سماجي قدرن جي بہ خلاف آهي. بهرحال هي ماڻهو ذهني اعتبار سان بہ هاڻي ايب نارمل ٿي چڪا آهن. غربت ۽ سماجي پسماندگي ڪين نہ صرف احساس ڪمتريءَ جي پاتال ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي پر ڪين چيڙاڪ ۽ انيڪ نفسياتي بيمارين جو شڪار بہ ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي سنڌ تہ آسودي هئي، هنن وٽ تيل ۽ گئس جا انيڪ ذخيرا آهن. پنهنجو سمنڊ ۽ بيشمار وسيلا بہ اٿن پر پوءِ بہ هن ڌرتيءَ جا ماروئڙا آخر ايترا مفلس ۽ غريب ڇو آهن؟

اسان اڳ ۾ شاهوڪار هئاسين يا هاڻي

ڪو زمانو هو، جڏهن هر گهر پنهنجي ڪفالت پاڻ ڪندو هو. هر اوطاق ۾ مال ڍور جي موجودگي جڻ تہ گهر جي رونق جو حصو هوندي هئي. کير خريد ڪرڻ کير کپائڻ تہ جڻ گناهہ سمجهيو ويندو هو، ڇو تہ گهر گهر کان کير جا وٽا مفت ملندا هئا. صبح جي خوراڪ لسي، مهي، ڏونئري، مکڻ ۽ ماکيءَ تي مشتمل هوندي هئي. سادي پر سُک ڀري ڪاڏي جي خوشبو هر گهڙي گهرن ۾ پکڙيل هوندي هئي. ڪڪڙ جو گوشت مارڪيٽ مان خريد ڪرڻ جو رواج ئي ڪونہ هو. هر اڱڻ ۾ ڪڪڙ جام گهمندا ڦرندا هئا. جڏهن بہ ضرورت پئي تہ هڪ پڪڙي، ڪهي، تازو گوشت پچايو ويندو هو. بيدا يا انڊا بہ هر گهر ۾ موجود، ڪنهن کي خريد ڪرڻ جي تڪليف نہ هوندي هئي. تکر جي ڪنن (ٿانون) ۾ ساڳ يا ڀِلي پچندي هئي ۽ هيٺان ڪنڊين جي ڪاٺين جي ٻاهہ پڙڪي ايندي هئي، جنهن جو نرمل ٻاف گهرو سڪون ڏيندي هئي. چانور، جوئر يا ڪٽڪ جي ماني گهر ڀاتين جي مزاج ۽ پسند مطابق پچندي هئي ۽ تکر جي گندڙن ۾ هر اٽو هميشہ موجود هوندو هو. خاص ڏهاڙن ۽ مهمانن جي اچڻ تي سُڳداسي چانور، مڇي، پَلو يا ديسي ڪڪڙ جي ڀاڄي پچائڻ رواج هو. گوگڙو، پالڪ، ٿوم، ڏاٽا، بصر، هر ماڻهو پنهنجي ضرورت موجب پاڻ پوکي پاڻ کائيندو هو. سياري جي آمد جو پتو تڏهن پوندو هو، جڏهن ڳوٺاڻيون پنهنجن ڪچن گهرن ۽ پٽين کي راڱو هٽي سُونهن ڏينديون هيون ۽ پوءِ اهي ڪچا گهر ۽ اڱڻ نئين گاري ۾ چمڪندا نظر ايندا هئا. اهو ڪم گهڻو ڪري محنتي ڳوٺاڻيون عورتون ڪنديون هيون. صبح جو ٻاڪ ڦٽيءَ ويل هر ڪو هاري ڏاندن سان هر جوٽي ٻنيءَ تي پهچي ويندو هو ۽ پوءِ هر ڪنڊ ۽ هر پاسي کان ”الله توهار“ جي هونڪار ڳوٺ جي فضا کي معطر بڻائي ڇڏيندي هئي. لباس سادو، دلون صاف، زبان تي سچ، ڪردار ۾ وقار عام هو. ڪوڙو، چور ۽ اوباش ماڻهو سماج ۾ ڪابہ عزت نہ رکندا هئا. عورتن ۽ نياڻين جي عزت سيني تي فرض هئي ۽ گهر جو وڏو هر فيصلي ۾ معتبر ۽ مرڪزي حيثيت رکندو هو.

خواهشون گهٽ، پر دلين ۾ سڪون بي حساب هوندو هو. هي سڀ ڪجهه فقط پنجيتاليهه ورهه اڳ جو قصو آهي. منهنجو پنهنجو ڏٺو ۽ حقيقي مشاهدو آهي. اڄ جنهن کي ترقي يافته دور سڏيون ٿا، تنهن ۾ ڪير پئسن تي ملي ٿو، پر اهو به ملاوت کان پاڪ نٿو هجي. سچائي جي جاءِ تي ڪوڙوپڻ، سادگيءَ بدران چالاڪي، اعتماد بدران ڏوڪو اچي چڪو آهي. بجلي به آهي پر ناهي، گيس به موجود آهي پر دستياب ناهي. ڪائيون ناياب، وڻ گهٽجي ويا ۽ قدرت جا تحفا هٽن مان نڪري ويا. ماڻهو چيٽن جي باهه تي رڌ پچاءُ ڪن ٿا. ٽريڪٽر جي اچڻ سان ڏاندن جو وجود پوئتي رهجي ويو. گهر پڪا ٿي ويا، پر دلين ۾ اها مٺيءَ واري خلوص پريل خوشبو نه رهي. تيل ۾ ترندڙ کاڌا ۽ بيمارين ۾ وچڙندڙ زندگيون، هر ٻيو ماڻهو هاءِ بلڊ پريشر ۽ شگر ۾ مبتلا آهي. هر وقت موبائل جي چارج ۽ لوڊ جو انتظار، پنهنجو پيٽ پريل هجي پاڙي واري سان منهنجو ڇا؟ پئسو جام پر سُڪون جي تلاش آهي. بک وگهي خودڪشي عام پر امير امير تر جي چڪر ۾ گُم قصو مختصر ڪندي سوچجي ٿو ڇا اسان اڳ ۾ شاهوڪار هئاسين يا هاڻي آهيون ....؟؟؟!!!!

رَوَين ۽ مَحسوسات ۾ تضاد

تحرير: پروفيسر عبيدالله لاڪير

هڪڙا ماڻهو انهيءَ ڪري پڙهي آفيسر ٿين ٿا ته هو پئسا ڪمائيندا ۽ معاشري ۾ مَٿيري درجي سان ٻين تي دابو ڪري زندگي گذاريندا. اهڙن ماڻهن جي سوچ ۾ پئسي وارن ماڻهن سان تعلقات رکڻ، دعوتون ڪائڻ، نيون گاڏيون وٺڻ، عاليشان محل نهرائڻ ۽ گاڏين ۽ جڳهن جي تعريف ٻڌي خوش ٿيڻ سندن مشغلو ۽ مَعمول هجي ٿو. پاڻ کي چالاڪ ۽ مانَ مرتبي وارو سندن نفسيات جي هڪ خاني ۾ رهي ٿو. جڏهن ته ٻيا ماڻهو الله جي رضا تي راضي رهڻ وارا هوندا آهن. هي ماڻهو خدا جي مخلوق جي اهنجن کي دل ۾ سَانڍَي ڳَڙهڻ وارا، رشتن ۽ انسانيت آڏو پئسي ۽ ڏوڪڙ کي هيچ سمجهڻ وارا تنگي يا تنگدستي ۾ به ڪنهن سان شِڪايت

نه ڪرڻ وارا، دل ۽ هٿ جا سخي، هر ماڻهوءَ جي مدد ۾ اڳڀرا، جيڪو حال حبيبان تهڙو پيش پريان. هي به مختلف زندگيون آهن، جيڪي انسان گذارن ٿا. هنن جي جڻ ته دنيا ئي الڳ الڳ هجي ٿي.

ڪرونا وائرس

تحرير: پروفيسر عبيدالله لاڪير

نوبل پرائيزڊ سائنسدان جنهن اسرائيل جي ليبارٽين ۾ چاليهه سال ڪم ڪيو چوي ٿو ته هي ڪرونا وائرس اسرائيل جي هڪ ليبارٽري ۾ نهيو ۽ هٿ سان ڦهلايو ويو. مون کي شڪ ٿيو ته هي قدرتي وبا هجي هان ته هر ملڪ ۾ ساڳئي زور شور سان اثر نه ڏيکاري هان ڇاڪاڻ ته هر ملڪ جو يا دنيا جي مختلف خطن ۾ قدرتي ماحول ۽ ٽيمپريچر مختلف آهي ۽ وائرس فقط هڪ ٽيمپريچر ۾ رهي سگهي ٿو. جنهن ليب ۾ هن کي شڪ هو هن اتان معلوم ڪرڻ لاءِ فون ڪيا ۽ پنهنجا ذريعا استعمال ڪيا پر ٽن مهينن تائين انهن جا فون بند مليا يا ته ڪين سزا مِلي يا ڪين اندر گرائونڊ ڪيو ويو. قرآن پاڪ ۾ يَهودين جي ذِهنيت يا حديثن ۾ هن قوم متعلق جيڪو ملي ٿو ان ۾ هي صدين کان پنهنجي مذهب ۾ انتها پسند رهيا آهن ۽ ازل کان انسانيت جا وَيري آهن. مون کي خود اهو شڪ هو ڇاڪاڻ ته گذريل وِيهن سالن کان اسرائيل جا سائنسدان بايولاجي، ڪيميسٽري ۽ مَيڊيسن ۾ نوبل پرائيز کٽندا رهيا آهن ۽ هاڻي يقين ٿي ويو ته هي بايولاجيڪل وار (حياتياتي جنگ) جو هڪ ننڍڙو ٽيلر آهي، خبر ناهي ايندڙ وقت ۾ انسانن کي ڪهڙين اذيتن ۽ مصيبتن کي مُنهن ڏيڻو پوندو. دنيا جي شعور کي پنهنجو آواز بلند ڪرڻ کپي ته عالمي عدالت هن انساني الميي جو خود ساختا نوٽيس وٺي ۽ تحقيقات شروع ڪري ته آخر پنج لک کان مٿي جيڪي انساني جانيون ڪورونا وائرس سبب ضايع ٿي چڪيون آهن ان جو ذميوار ڪير آهي ۽ ان کي سزا ڇو نه مِلڻ کپي؟ چاهي اهو طاقتور ملڪ ڇو نه هجي. (سٿون ۽ ذاتي راءِ ياران عبيد لاڪير)

فيس بوڪي اوطاق

تحرير: پروفيسر عبيدالله لاکير

اڄ ڪلهه انٽرنيٽ تي فيس بوڪ جو وڏو چرچو آهي. هن ۾ هر ماڻهو پنهنجي سَمجهه ۽ ڄاڻ موجب ويچار ونڊي ٿو. هن ۾ ڪافي ناليوارا اديب ۽ دانشور به اوهان کي مِلندا ته ڪافي غير سنجيده ماڻهو به ملندا جيڪي خوامخواه ڦُوڪون پيا ڏيندا. بهرحال هي هڪ اهڙي اوطاق آهي جتي سَرحدن ۽ لاڳاپن کان گهڻو مٿانهان ٿي ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪليل ذهن سان راءِ ڏين ٿا. ڪوبه اهو سوچي راءِ نه ٿو ڏئي ته مٿان دوستن سان اختلاف وڌي پَون ۽ تعلقات خراب ٿين. چاڪاڻ ته فيس بوڪ جي سنگت پاڻيءَ جي ڦوٽي واري حيثيت رکي ٿي يا ڪٽي چئجي هوائي دوستي. جنهن ۾ ڪير به ڪنهن جو لحاظ ڪونه ٿو ڪري. هڪڙا نوجوان پنهنجي آئڊيز تي غلط ڦوٽو يا نالا ڏئي غلط قسم جا احوال به ڪٿين ٿا، پر انهن سڀني ڳالهين جو مطلب اهو ناهي ته فيس بوڪ وارو رابطو ڪو بي معنىٰ ۽ صرف شوشو آهي. ان ۾ ڪوڙ سارا سنجيده ماڻهو معني.؟... خيز بحث مباحثو ڪن ٿا، جنهن مان ڪيترن ئي نوجوانن کي صحيح رستو ۽ سوچ ملي سگهي ٿي. انٽرنيٽ هڪ اهڙو مؤثر رابطو آهي جيڪو سرحدن، مذهبن، سياسي لاڳاپن، ٻولين ۽ عقيدن کان هٽي ڪري انسانن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿو يا هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. سماج ۾ انتهائي پتڪڙي قد وارا ۽ ڪوڙ تي ڪاروبار ڄمائي ويهندڙ بهرحال سخت پريشان آهن ته هي ڇا پيو ٿئي؟ ان ڪري اهي هڪ طرفي مهم هلائين پيا ته فيس بوڪ معنىٰ شوشو ڪوڙ. چاڪاڻ ته هنن سچ ڪڏهن نه ٻُڌو آ، نه ئي وري ٻُڌايو آ. انهن کي خوف آهي ته هن جديد طريقي سان انتهائي ذهين ماڻهن سان به خيالن جي ڏي وٺ ۾ انهن جو اصل قد ۽ قيمت صفا وائکي ٿي پوندي. جيئن ڪو به ڪاري شڪل وارو يا بندري قد وارو ماڻهو شيشي (آئيني) جي سامهون اهو ئي نظر ايندو جيڪو هوندو. ان ڪري دنيا ۾ ڪمپيوٽر ايج وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. هڪ ڪِلڪ سان هر حقيقت کُلي سامهون اچي ٿي. ڪوبه لِڪڻ جي

ڪيتري به ڪوشش ڪري ته به هو لِڪي نه سگهندو. اسان جي معاشري ۾ اتفاق سان ايتري بي يقيني آهي جو خبر ناهي پوندي ته سچ ڪهڙو ۽ ڪوڙ ڪهڙو، پر هر شيءِ جي پَرک جا پئمانا موجود آهن. هاڻي جنهن معاشري ۾ هڪڙا ڊاڪٽر هجن جيڪي صحت جو علم حاصل ڪيل ايم بي بي ايس هجن ۽ ٻيا اهي جيڪي شارٽ ڪٽ سان عطائي ڊاڪٽر بڻجي وڃن، هاڻي سَمجهڻو پوندو ته صحت کي خطرو ڪنهن مان آهي؟ هڪڙا تعليم ۽ تربيت يافته صحافي آهن جيڪي ماحول ۽ معاشري جا اخلاقي قدر پائمال ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي خدمت ڪن ٿا ۽ ٻيا عطائي صحافي آهن جن کي صحافت جهڙي اهم شعبي جي هڪ سيڪڙو به ڄاڻ ڪانهي پر پاپي پيٽ ڪين عطائي صحافي بڻائي ڇڏيو. نتيجي ۾ سماج ۾ غلط لاڙا ۽ رويا ڪير متعارف ڪرائيندا، عامل صحافي يا عطائي صحافي؟ اهو فيصلو ڪرڻ عام ماڻهوءَ لاءِ ڪو ڏکيو به ڪونهي. ساڳيءَ طرح سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ سمجهڻ به هاڻي ڏکيو نه رهيو آهي. ڪوڙو ماڻهو سچ نه ٿو سيڪاري سگهي.

پروفيسر عبيدالله لاکير ميهڙ

ڪاليج قاضي عارف جو سائين، تو کي سڏي ۽ ساري پيو

ڪاليج قاضي عارف جو سائين، تو کي سڏي ۽ ساري پيو
تنهنجون يادون ساري ساري، رت جا ڳوڙها هاري پيو

تنهنجي الوداعي سائين، ڏيل منهنجي کي ڏاريو آ
تو بن ڪاليج روئي روئي، راڄن کي ته روئاريو آ
تات هئس تنهنجي تن ۾، وائي نه ٻي ڪا واري پيو

منهن ڏئي ڪاڏي پڇي وڃان، واهه نه مون کي سجهندي آ
انهي ڏک سورن ۾ سائين، منهنجي دل پئي پُڄندي آ
هر ڪو غم ڏيون پنهنجا، خوشيون منهنجون ٻهاري پيو

كاليج قاضي عارف جو تو، واهه جو سائين سينگاريو آ
اونداهي ۾ مچ مچائي تو، ڏيهه کي سائين ڏيکاريو آ
اهڙو نظارو ڏسي سهڻو، هر ڪو جيءُ جياري پيو

گل ۽ ٻوٽن ڏسي هتي ڪيڏو رنگ رچايو آ
شاگرد شان وارن اچي ميلو خوب مچايو آ
شوق شاهي سان هر ڪو اچي ٽئم نه ڪوئي ٽاري پيو

ڪنهن جي دل تي ڪو نه هو سائين منزل وڏي ماڻي ويو
سائين عبيدالله لاڪير ڏسو، تبديلي تر ۾ آڻي ويو
راضي راڄو راڄ ڪري سڀ، دليون سڀ جون ٺاري پيو

گل ٻوٽن جو ڏسي نظارو هر ڪنهن دلڙي ٺاري آ
سائين وڏي ڪوشش سان هي بڻائي ٻهاري آ
هن ڪاليج کي قرب منجهان اجان سائين سُڌاري پيو

ڪاليج متل هيڏو ڏسي، هر ڪو حيرت ڪائي پيو
ڪاليج هن جون پوري دنيا ۾، هر ڪو ڳالهيون ڳائي پيو
توبن ڪاليج ساڳيو سائين، غمن ۾ ته گهاري پيو

توبن هر هڪ ٻار کي سائين، اچي اکين ۾ پاڻي ويو
سٺ سالن جي پوري عمر ڪري سر پُڄاڻي ويو
هيٺن کي سائين هٿڙو ڏئي پنهل پاڻ أُتاري پيو

چورو ڪان وڌ چورو ٿي ويو ڪاليج قاضي عارف جو
سڀ ڪو سائين کي سڃاڻي پيو محتاج نه هو تعريف جو
ٻين کي خوشيون ارپي سائين، پنهنجي مَنَ کي ماري پيو

پروفيسر ٻيا پي ايندا پر ڪاليج هن تي ڪُڏندو هو
سنڌ جي سيني ڪاليجن ڪان عرشن تي هي اُڏندو هو

سبق ساڃهَ وارا ڏئي سڀ کي يار سيڪاري پيو

تنهنجي وڃڻ ڪان پوئتي سائين، ڪاليج ڪنڊڙو هيٺ ڪيو
ڪلام "محبوب" تنهنجي شان ۾ سهڻو هي آ سَيٺ ڪيو
"ڏيپر" چئي تنهنجو اچڻ وڃڻ دلڙيون راڄن جون ٺاري پيو

نظم

سائين عبيدالله لاڪير ماڻهو آ مَهانُ
خير خواهه سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ

ڳوٺ سڏار سنگت جو جي گهريو جاني،
رهيو سڄي سنڌ جو بيشڪ هي باني،
ڏيندو اٽويهه سؤ ڇهاسي ڪان آيو قرباني،
رهيو چيئرمين اسپيڊ جو ڏسي انساني،
ايئن سڄي سنڌ ۾ ماڻيو جنهن مانُ
خير خواهه سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

ميهڙ جي ڪاليج ۾ گهڻو جنهن گهاريو،
ٽيو سپلا جو اڳواڻ نه پير پوئتي واريو،
ٻه هزار ٻارهن تائين نه دادو کي وِساريو،
انهي قرباني تنهن جو شاهي ڪيو شانُ
خير خواهه سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

سنڌ جي شاگردن جو تي رهيو اڳواڻ،
سنڌ سگهڙ تنظيم جو باني رهيو پاڻ،
گڏ مرحوم ديدار سان رهيو سال ساڻ،
ديس دشمن کي تي لڳو ڪُڪِ ۾ هِي ڪانُ
خير خواهه سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

جتو اهڙو پاڻ سان جوڙي هليو هي،
پيرَ پنهنجا پختا کوڙي هليو هي،
ٻيڙو ايئن غير جو ٻوڙي هليو هي،
ناتا پنهنجا وَيريُن کان ٽوڙي هليو هي،
ٿيو نہ ٿيندو ڪو اهڙو انسانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

ديس سان اهڙو سچو رهيو آهي،
اهڙو نہ ڪنهن جو ٻچو رهيو آهي،
سدائين واعدي وچن جو پڪو رهيو آهي،
اهڙي اداري ۾ هي يڪو رهيو آهي،
ڪنهن جو نہ هيڏانهن رهيو ڌِيانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

پيرُ هي پوئتي هٽيو ير ناهي،
پنهنجن کان جنهن مُنهن مَٽيو ير ناهي،
جنهن ساهہ سُک جو پَٽيو ير ناهي،
هن کي ڪنهن بہ ڪَٽيو ير ناهي،
شانُ وارن ۾ آ رهيو ذِيشانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

قاضي عارف جي ڪاليج ۾ آيو،
روح سيني جي ڏنو اهو رايو،
مليو سائين ياڳ ۾ آ هليو اهو وايو،
هر ماڻهو هن کي ڳِلِي ڳِلِي ڳايو،
ملهائي وينو سائين واهہ جو ميدانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

دعائن هن کي اهڙي پنڌ اندو،
نديو وڏو هن لئہ آهي يار ماندو،

ڪم ڪري سنڌ ۾ ڏسيو جنهن هيڪاندو،
ويهي نہ ڪنهن سان رهيو پل واندو،
تڏهن ٻڻجي ويو خانن جو خانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

هر تنظيم سان گڏ رهيو آيو،
سڏ ۾ ڏيندو سڏ رهيو آيو،
گهوريندو سر چم هڏ رهيو آيو،
پوئتي نہ هرگز ڪڏ رهيو آيو،
هي لکڻ کان گهڻو آهي داستانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

ماڻهو اهڙا ٿورا هن هتڙي،
گهڻا هن جا گهورا هن هتڙي،
اهڙن جا بيشڪ دورا هن هتڙي،
قرب تنين جا ڪَورا هن هتڙي،
اجان گهڻو اڳتي پيو آ جهانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

حق جي خاطر ڊڪيو ۽ ڊوڙيو،
بيشڪ رَتَ سَتَ هن آ ولوڙيو،
جڳ ۾ هن آ اهڙو جتو جوڙيو،
نہ اٽئين اک ٻوٽي نہ گوڏو ڪاٽي ڪوڙيو،
هر هنڌ حق جو ڪري پيو اعلانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.

انسان آ يا فرشتو ڪو آهي،
وسارڻ جهڙو هي "محبوب" ناهي،
تو "ڏيپر" خوشحالي سنڌ جي چاهي،
جمار پنجاهہ ۾ بہ اڳتي پيو ڪاهي،

جتايو نہ جنهن هيڏو ڪري احسانُ،
خير خواهہ سڀ جو آ جاڪوڙي جوانُ.[1]

پروفيسر محترم عبيدالله لاڪير لاءِ چند سِٽن جي پيٽا

عبدالحميد حميد جسڪاڻي

دل ٿي چوي ڪنهن ڪي پيٽا ڏجي.
سائين عبيدالله جي ئي ڳالهہ ڪجي.

شروعات ڪٿان ڪان ڳالهہ ڪجي؟
ڪنهن ڪنهن جو ير مثال ڏجي؟
بس لکجي لکجي پيو لکجي.

محبت هن جي پڻ آهي وڏي؛
محنت هن جي پڻ آهي وڏي؛
شاداب سدائين هي يار هجي.

ڳالهہ ڪجي ڊگري ڪاليج جي؛
يا هن جي اعلىٰ ناليج جي؛
اهڙي شايد ڪنهنڪي جاڻ هُجي.

هن جو علم پڻ آهي وسيع؛
محب ماڻهو هي آهي شفيع؛
ڪردار سندس ٿو هرهنڌ مڃجي.

ڪيئن سندس جي پيٽا لکان؛
اجا سبق پهريو پيو آئون سکان؛
پيار سدا پيو هِت پَسجي.

1. محبوب علي "محبوب" ڏيپر

قاضي عارف ۾ پرنسپال رهيو؛
هن ئي ڪاليجان هو رٽائر ٿيو؛
هن جي صحبت جو رس وڻجي.

درس گاهي ۾ آ نمبر اڳ؛
درس پرايو هن ڪان جڳ؛
هن تي لکجي هن ڪي پڙهجي.

هن جي طبيعت بہ نماڻي آ؛
هن تي لکيو تڏهن جسڪاڻي آ؛
ڏيهَن ڪي وڃي هي ڏسجي.



هلندو هل نہ پوئتي تاڻ،
گڏ مهورت سان آهي رهاڻ.
سائين عبيدالله ماڻهو پيارو،
رهاڻ تنهن سان ٿيون رچائي يارو،
جنهن علم ادب ۾ آندو سڌارو،
آهي سچ سراپا ماڻهو سارو،
هيرن موتين جي آهي ڪاڻ،

ڪوڙي تي رياءُ نہ ذرو ڪري،
هيڻن ڪي وڻي اڳيرو ڪري،
سچ ڪي سڀ ڪان ڳرو ڪري،
ٿو قرب ڪوڙي سان ڊِرو ڪري،
ڄاڻي ڪاڻي هن جي واڪاڻ،

هن پيچ سچ سان اهڙو پاتو،
ادب هن کی رنگڙو لاتو،
هن پنهنجی پرائی کی تہ سجاتو،
هن کی ٻارن ٻين دل سان چاتو،
کنهن جي نہ کديئين کڏهن ڪاڻ،

اهڙي وينو هی بات ٻٽائی،
کريل کی پيو متی کٽائی،
سپ جو پيو نالو ڳٽائی،
دوستن کی پيو هر هنڌ وٽائی،
کن غير پيي ياد تا هن کي هاڻ،

مون هن سان گهڻو گهاريو آهی،
هن سانگين کی هر ساريو آهی،
جنهن محبوب کی نہ وساريو آهی،
هن ٻوٽو اهڙو ٻاريو آهی،
هلي ڏيپر سان گڏ مزو ماڻ،

سالگرهہ

سالگرهہ سائين جی سپ هلندا هلندا اچو،
پاڳ پليرا مولا کياهن ڳائي جمالا نچو.

سائين عبيدالله جا ڳڻ ۽ ڳالهيون هر کو يار ٿو ڳائی،
چونجاهہ سال پورا کري اڄ پنجونجاهہ ۾ پير ٿو پائی،
انشاء الله سؤ سال ماڻيندو، قول ٿيندو هي سچو.

کيک کٽی ۽ گلڙا چٽی خوب وڄايو تاڙيون،
هار گلن جا پارائی تنهن کی قول پنهنجا اڄ پاڙيون،
متان اهڙو وقت وڃائي کم نہ کجو کچو.

کهڙي کيان پيٽ مان هن سان، راڄن جو آ راڻو،
ٻيو نہ اهڙو ڏنو ٻڌو مون، موتیءَ جو آ داڻو،
سيئي گڏجي پاڻ ملهائي ميار ير هن جي کان بچو.

محبتون هن جون مٽين سپ کی، ياد رهن ٿيون يارو،
علم ادب ۾ بيشک بيشک هن آ جرکايو جڳ سارو،
هلي مزو ماڻي الفت جو رنگ انهيءَ ۾ رچو.

لاکير لکين مون بہ ڏنا پر کو مٽ نہ جو ٿيندو،
جیءَ ۾ جايون سڏي "ڏيپر" چئی بيو نہ ايئن کو ڏيندو،
سائين عبيدالله سان گڏ "محبوب" کي سجاڻي ٻچو ٻچو.

هڪ اهڙو ماڻهو، جيڪو وساري نہ ٿو سگهجي

اڄ قاضي عارف، ميهڙ، دادو ۽ ٻين علائقن ۾ سندس نالو صرف استاد جي طور تي نہ پر هڪ اميد جي علامت طور ورتو وڃي ٿو. ڪيترائي نوجوان، شاگرد، والدين، معذور، اڪيلا ۽ بي سهارا ماڻهو سندس نالي سان ڳنڍيل ڪا نہ ڪا همدردي ۽ محبت پري ياد رکن ٿا. هو جيتوڻيڪ ڪنهن پريس ڪانفرنس يا سياستدانن جي صف ۾ ناهي، پر ماڻهن جي دلين تي سندس حڪمراني حقيقي آهي.

(تحرير: ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر)

غزل

زاهد ابڙو ميهڙ

ماڻهون پيارو جيءَ جيارو،
علم ادب جو چنڊ ستارو.

سڀ سان مرڪي ملندو آهي،
ان جو نيهن سڀن کان نيارو.

بيحد سچو کَرو ماڻهو،
سڀ سان پيار ڪندڙ ۽ پيارو.

جنهن جي دل تعليم جو رستو،
علم ادب آ ان جو چارو.

سائين عبيد آ سائين اسانجو
بيحد مان ۽ عزت وارو.

استادن سان ساٿ آ جنهن جو،
شاگردن جو آهي سهارو.

سڀ کی دل سان مان ڏيندو آ،
عزت عظمت جو گهنوارو.

هن جون ڳالهيون ويهی ٻڌجن،
ٻول آ هن جو پيارو پيارو.

جڳ ۾ آ تعليم جی مشعل،
علم ادب جو آهي ادارو.

"زاهد" پيار سڏي ڏيندو آ،
ناهي ڪندو ڪنهن کان ٻہ ڪنارو.

مون ڏٺو مون کي نظر اچن پيا،
ماڻِڪ موتي جواهر لال،
محبوب، مُنور، اقبال، عبيدالله،
چنجڻي، شاهہ، آگرو، ڳِلال[1].

مون سين ڏِنا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ کي
تنين سنڌي ڪا، ڪري سگهان نہ ڳالهڙي

1. آگرو، احمد رضا، سپنو ئي زندگي، ص 167، آل آگرا ويلفيئر ايسوسيشن سنڌ 2024ع

سائين عبيدالله لاڪير کي خراج تحسين

(ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر)

علم جي روشني هر دل ۾ ٿو جاڳائي لاڪير،
ظلم جي اندهيري ۾ شمع ٿو ٻارائي لاڪير.

سيلابن جي شور ۾ همت جو آواز ٻڌيو،
مشڪل جي منهن ۾ راهه ٿو ڏيکارائي لاڪير.

حقِ عورت، حقِ ٻار ۽ حقِ انسان سندو،
هر ويچار، هر ڪلام ۾ رنگ ٿو چمرائي لاڪير.

استادن جو پيشوا، شاگردن جو سهارو هي،
قوم جي تاريخ ۾ نئون ورق ٿو لکرائي لاڪير.

جرئت شعور جو آهي ترجمان سچو سارو،
هر محفل، هر فورم تي سچُ ٿو ٻُڌرائي لاڪير.

علم ۽ خدمت ۾ آهي روشن مثال موچارو،
هر ڳوٺ، هر وستي نئون مثال ٿو بڻرائي لاڪير.

سماجي ڪم ۽ ترقيءَ ۾ آهي اڳواڻ انمول،
پنهنجي عمل سان وقار قوم ٿو وڌرائي لاڪير.

ماحول ۽ پاڻيءَ جي حفاظت ۾ آهي سرگرم،
قدرتي وسيلن کي نئون رنگ ٿو لڳرائي لاڪير.

سيڪاري صبر ۽ حوصلو ٿو هشمت سان،
انسانيت ۽ علم جو چراغ ٿو ٻارائي لاڪير.

”سوڍر“، ساراهه لائق اٿئي هيءَ سائين سدورو،
عبيد، الف پريو بي ساخته ٿو چَورائي لاڪير.

وفائن جي سفر ۾

وفائن جي سفر ۾، هو سدائين رهبر آهي،
سچائيءَ جي راهه ۾، روشني جو منظر آهي.

ڪتابن جي خوشبو ۾، قلم جي سونهن رچي،
خيالن جي گلشن ۾، سخن جو اثر آهي.

روشن شمع ڄڻ ٿو، اجالن کي بخشي هو،
حق جي واٽ تي هلڻ، سندس سچو هنر آهي.

محبت جو پيغام، صداقت جو استعارو،
نسل نو لاءِ هر دم، حوصلن جو گهر آهي.

اديبن جي محفل جو، هو تاج آهي سدائين،
شاگردن جي دلين ۾، محبت جو سفر آهي.

نه رڳو هو استاد، پر سماج جو امين اهڙو،
هرهڪ دلِ بيدار ۾، اميدن جو اثر آهي.

سچائيءَ جي ساگر جو، سراپا آهي شهڪار،
وفائن جي زبانن تي، سندس نانءُ امر آهي.

ڪڏهن درس ۾ مصروف، ڪڏهن فڪر جو راهي،
هر واٽ تي قدم سندس، صداقت جو صبر آهي.

سماج لاءِ اميد سراپا، ڏاهپ جو ڏيئو ٻٽيو،
اصولن جي امارت جو، هو مضبوط وکر آهي.

شاگردن جي ساهن ۾، امنگ پريو اجالو،
هر نسل جي نگاهن ۾، وفائن جو ولر آهي.

نہ واءُ روڪي سگهيو، نہ وقت ٽوڪي سگهيو،
اول کان تا آخر تائين، هو تاريخ جو تر آهي.

لاکير جي سخن ۾، سچائي جو گهر آهي،
علم ۽ وفا جي دنيا ۾، اهو نانءُ امر آهي.

ڪڏهن درس ۾ نرم، ڪڏهن قول ۾ سخت،
"اعجاز" اصولن ۾، عبيد سايہ شجر آهي.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي خدمتن تي لکيل آرٽيڪل

عاجزي، قرباني ۽ خدمت خلق جو پيڪر

(ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر)

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا جو هڪ اهڙو نالو آهي، جيڪو پنهنجي شخصيت، عمل ۽ ڪردار جي ڪري هڪ مثالي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. پاڻ پنهنجي زندگيءَ جا بهترين سال تعليم، تربيت ۽ تحقيق لاءِ وقف ڪري، هزارين شاگردن جي ذهنن ۾ علم جي مشعل روشن ڪري چڪو آهي. سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڏو خصوصي پهلو اهو آهي تہ پاڻ پنهنجي سڄي وجود کي قوم، سماج ۽ شاگردن لاءِ وقف ڪري خدمت ۾ مصروف رهيو آهي. استاد هجڻ جي باوجود، پاڻ رڳو پڙهائڻ تائين محدود نہ رهيو، پر پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪيو اٿائين، جنهن سماج ۾ مثبت تبديلي آندي. سندس فڪر، سندس تربيت ۽ سندس انسان دوستيءَ سبب اڄ بہ ماڻهو کيس زنده شخصيتن مان هڪ اهڙي انسان طور سڃاڻن ٿا، جيڪو رٽائر ٿيڻ بعد بہ سماج ۾ علم ۽ خدمت جي روشني ڦهلائڻ ۾ مصروف آهي. عاجزي سندس شخصيت جو بنيادي خاصو آهي. وڏي علمي مقام تي پهچڻ، هزارين شاگردن جي دلين ۾ عزت حاصل ڪرڻ ۽ سماج ۾ اعليٰ مرتبي تي فائز ٿيڻ باوجود، سندس اندر ڪڏهن بہ غرور يا وڏائي پيدا نہ ٿي. پاڻ هر ماڻهوءَ سان محبت ۽ نرميءَ سان پيش ايندو آهي. سندس چهري تي هميشہ هڪ نرم مسڪراهٽ ۽ لفظن ۾ هڪ اهڙي نرمي رهندي آهي، جيڪا سامهون واري کي پنهنجي دل جي گهراين تائين محسوس ٿيندي آهي. الله رب العزت قرآن ۾ فرمايو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ﴿۱۸﴾[1]

ترجمو: بيشڪ الله مغرور ۽ فخر ڪندڙ کي پسند نٿو ڪري.

[1]. القرآن 31: 18.

هيءَ آيت سندس زندگيءَ جو عملي اظهار آهي، چو ته هو پنهنجي علم ۽ ڪاميابين باوجود عاجزي ڪي پنهنجو زيور بڻائي رکندو آهي. ڪيس انهيءَ ڳالھ جو استحضار آهي ته وڏائي، عجب ۽ فخر الله رب العزت کي ناپسند آهي. پروفيسر عبيدالله لاکير جي عاجزيءَ جو ثبوت سندس روزمره زندگيءَ ۾ نظر اچي ٿو. پاڻ نه رڳو علمي محفلن ۾، پر عام ماڻهن سان به ساڳي محبت ۽ احترام سان پيش ايندو آهي. ڪيترائي ماڻهو، جيڪي پهريون ڀيرو ساڻس ملاقات ڪندا آهن، اهي سندس انڪساريءَ کي ڏسي حيران ٿي ويندا آهن. پنهنجي ڪاميابين ۽ اعليٰ مقام جي باوجود، هو پاڻ کي عام ماڻهو سمجهي، ٻين سان همدردي ۽ سهڪار سان رهندو آهي. سندس شاگرد اڪثر چوندا آهن ته استاد هجڻ جي باوجود، سائين عبيدالله لاکير شاگردن سان دوستن جهڙو رويو رکندو آهي، جيڪو هڪ عظيم استاد جي خوبي هوندي آهي. سندس قربانيون به ڪنهن کان لڪل نه آهن. استاد هجڻ جي حيثيت سان هو پنهنجي وقت، صلاحيت ۽ توانائيءَ کي هميشه شاگردن لاءِ وقف ڪري ڇڏيندو آهي. ڪيترن ئي وقتن ۾ پنهنجي آرام ۽ ذاتي ضرورتن کي پاسي تي رکي، شاگردن جي تعليم ۽ تربيت کي اوليت ڏيندو رهيو آهي. سندس قربانيون رڳو وقت ڏيڻ تائين محدود نه رهيون، پر اهي مالي سهائتا تائين به پهتل رهيون آهن. ڪيترن ئي غريب شاگردن جي مالي مشڪلاتن کي پنهنجي وس آهر ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ اڳتي وڌندو رهيو. ڪيترائي شاگرد، جيڪي تعليم ڇڏي ڏيڻ وارا هئا، اهي سندس سهائتا سبب نه رڳو تعليم مڪمل ڪري سگهيا، پر سماج ۾ اعلیٰ مقام به حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيا.

پروفيسر عبيدالله لاکير جي هڪ وڏي خوبي سندس علمي ايمانداري آهي. پاڻ هميشه پنهنجي تدريس ۾ اهڙي سنجيدگي ۽ محنت ڏيکاريندو آهي، جيڪا ٻين لاءِ مثال بڻجي ويندي آهي. ڪڏهن به پنهنجي فرضن کان غفلت نه ڪيائين. جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي رهنمائي جي ضرورت پوندي هئي، ته هو بنا ڪنهن تڪلف ۽ عذر پيش ڪرڻ جي پنهنجو وقت ڏيندو رهيو. سندس قربانيءَ جو سڀ کان وڏو اثر اهو ٿيو جو سندس شاگردن جي دلين ۾ نه رڳو علم جي محبت پيدا ٿي، پر استادن لاءِ عزت ۽ احترام پڻ وڌيو. عظيم استاد اهو هوندو آهي، جيڪو علم سان گڏ اخلاق ۽ انسانيت به سيکاري. سائين عبيدالله لاکير اهڙو ئي استاد آهي. پاڻ هر شاگرد کي اهو سيکاريندو رهيو آهي ته انسان جي اصل عظمت سندس علم ۾ نه پر سندس اخلاق ۾ آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو:

إِنَّمَا بُعِثْتُ لِأُتَمِّمَ صَالِحَ الْأَخْلَاقِ[1].

ترجمو: مون کي ان لاءِ موڪليو ويو آهي ته مان چڱن اخلاقن کي مڪمل ڪريان.

سائين عبيدالله لاکير پنهنجي تدريسي زندگيءَ ۾ هن نبوي حڪمت کي مڪمل طور تي اختيار ڪيو. خدمت خلق سندس زندگيءَ جو هڪ نمايان باب آهي. پاڻ نه رڳو استادن ۽ شاگردن لاءِ مددگار جي حيثيت سان رهيو، پر عام ماڻهن لاءِ به سهائتا جو ذريعو رهيو. ڪنهن کي علمي رهنمائي گهرجي، ڪنهن کي مالي مدد يا ڪنهن کي اخلاقي حمايت گهرجي، پاڻ هر حال ۾ ٻين لاءِ موجود رهندو آهي. سندس خدمت خلق جو انداز بي لوث ۽ خالص آهي. حديث ۾ آهي:

لَا يَرْحَمُ اللَّهُ مَنْ لَا يَرْحَمُ النَّاسَ.[2]

ترجمو: الله ان تي رحم نه ڪندو جيڪو ماڻهن تي رحم نه ٿو ڪري.

سندس زندگيءَ جا ڪم هن حديث شريف جو عملي اظهار آهن. رٽائرڊ ٿيڻ باوجود سندس خدمت جو جذبو گهٽ نه ٿيو آهي. اڄ به هو پنهنجو علم، تجربا ۽ بصيرت سماج جي نئين نسل تائين پهچائڻ ۾ مصروف آهي. هن جو يقين آهي ته استاد ڪڏهن به رٽائر نٿو ٿئي، چو ته علم جو سفر هميشه جاري رهندو آهي. هو اڄ به ادبي محفلن،

[1]. امام احمد بن حنبل، مسند احمد، جلد 4، ڪتاب: صحيفہ همام بن منبہ رحمت الله عليہ، حديث نمبر .8939

[2]. صحيح بخاري، جلد 8، ڪتاب: الله جي توحيد (وحدانيت) ان جي ذات ۽ صفات جي بيان ۾ ۽ جَهِمِيَه وغيره جي ترديد، باب: الله تعالي جو ارشاد سورة بني اسرائيل ۾ ته توهان چئي ڇڏيو ته الله کي پڪاريو يا رحمان کي، جنهن نالي سان به پڪاريندؤ ته الله جا سڀ نالا سنا آهن، حديث نمبر .7376

رقم طرازي ۽ ڪچهري ذريعي رهنمائي ڪري ٿو، علمي ۽ ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪري ٿو ۽ نوجوانن کي همٿ ڏئي ٿو ته هو تعليم کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائين. سندس وجود هڪ اهڙي مشعل راهه آهي، جيڪا اڄ به نئين نسل جي ذهنن کي روشن ڪري رهي آهي. سندس عاجزيءَ انهيءَ ڳالهه مان پڻ عيان ٿئي ٿي ته هو پنهنجي ڪيل خدمتن جي ڪڏهن به نمائش نه ڪندو آهي. جيڪي ڪم ٻين لاءِ فخر ۽ وڏائي جو سبب بڻجن ٿا، اهي هو خاموشيءَ سان ڪري ڇڏيندو آهي. سندس نيت ۾ هميشه خلوص ۽ اخلاص رهيو آهي، جنهن سبب سندس ڪيل عمل ۾ برڪت هوندي آهي. سندس قربانيءَ جو اثر اڄ تائين سماج ۾ موجود آهي. ڪيترن ئي شاگردن جون زندگيون سندس سهائتا ۽ قربانيءَ سبب بدلجي ويون. ڪي شاگرد مالي تنگي سبب تعليم ڇڏڻ وارا هئا، پر سندس حوصلا افزائي ۽ مالي سهائتا سبب اهي نه رڳو تعليم حاصل ڪري سگهيا، پر سماج ۾ عزت ۽ ڪاميابي پڻ حاصل ڪيائون. پروفيسر عبيدالله لاکير جي تدريس هميشه شاگردن لاءِ علمي روشني جو ذريعو رهي آهي. پاڻ پنهنجي ڪلاسن ۾ رڳو ڪتابي مواد ئي نه پڙهائيندو هو، پر هر سبق سان گڏ زندگيءَ جا عملي مثال به ڏيندو رهيو. سندس گفتگو هميشه علمي، ادبي ۽ اخلاقي رنگ سان ڀريل هوندي آهي. پاڻ ڪنهن به موضوع کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪندو آهي، جو مشڪل ڳالهه به شاگردن لاءِ آسان بڻجي ويندي آهي. سندس تدريس ۾ اها خوبي آهي ته پاڻ علم کي دل سان محسوس ڪري سيکاريندو رهيو، جنهن ڪري شاگردن جي دلين ۾ علم لاءِ محبت وڌندي رهي.

سائين عبيدالله لاکير جي زندگيءَ جو هڪ وڏو مقصد اهو رهيو آهي ته سماج ۾ تعليم کي عام ڪيو وڃي. سماجي ترقي ۽ اخلاقي بهتري رڳو علم جي ذريعي ئي ممڪن آهي. جهالت سان جنگ ۾ ڪاميابي علم جي روشن شمع ساڻ ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته ماڻهو تعليم ڏانهن مائل ٿين. ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پاڻ نوجوانن جي حوصلا افزائي ڪندو رهيو ته هو تعليم کي پنهنجي زندگيءَ جو اصل مقصد بڻائن. سندس تبليغ جو نتيجو اهو نڪتو

ته ڪيترائي نوجوان، جيڪي تعليم کان پري هئا، سي تعليم ڏانهن واپس موٽيا. سندس عاجزيءَ جو هڪ ٻيو ثبوت اهو آهي ته پاڻ ڪڏهن به پنهنجي ڪاميابين تي فخر نه ڪندو آهي. ڪيترائي موقعا آيا، جتي هن کي وڏو علمي مقام مليو، پر پاڻ هميشه انهن ڪاميابين کي الله جي فضل سان ڳنڍيندو رهيو. سندس گفتگو ۾ اهو جملو اڪثر هوندو آهي: "جيڪڏهن الله نه چاهي ها ته مان ڪجهه به نه ڪري سگهان ها." اهو جملو سندس شخصيت جي انڪساريءَ ۽ عاجزيءَ جو وڏو ثبوت آهي. سندس قربانيءَ جو هڪ ٻيو اهم پاسو اهو به آهي ته هو پنهنجي ذاتي آرام کي وساري ٻين جي آسانيءَ لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائين. ڪيترائي موقعا اهڙا به آيا، جتي ڪيس پنهنجي صحت ۽ آرام کي نظرانداز ڪري شاگردن کي ترجيح ڏيڻي پئي. بيماريءَ ۾ به پاڻ پنهنجو وقت شاگردن لاءِ ڪڍندو رهيو. مينهن هجي، طوفان هجي يا ڪوهيرو، پر پاڻ هميشه وقت تي اسڪول يا ڪاليج پهچڻ جا جتن ڪندو رهيو. خدمت خلق سندس زندگيءَ جو هڪ مستقل عمل آهي. پاڻ ماڻهن جي مدد لاءِ ڪڏهن به پٺتي نه هٽيو. ڪيترائي غريب ماڻهو، جيڪي علمي يا مالي مشڪلاتن ۾ هئا، پاڻ بنا ڪنهن ڏيکاءَ جي انهن جي مدد ڪندو رهيو. سندس خدمت جو مقصد ڪنهن کان شاباسي يا شهرت حاصل ڪرڻ نه هو، پر الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ئي هو. قرآن پاڪ ۾ فرمان الاهي آهي:

مَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ.[1]

ترجمو: جيڪو به خير اوهين پاڻ لاءِ اڳتي موڪليندؤ، اهو الله وٽ اوهان کي ملي ويندو.

هي آيت مبارڪ سندس زندگيءَ تي بلڪل فٽ بيهي ٿي. پروفيسر عبيدالله لاکير هميشه پنهنجي شاگردن کي سيکاريندو رهيو ته اصل عزت ٻين جي خدمت ۾ آهي. پاڻ چاهيندو آهي ته سندس شاگرد سماج ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪن، جيڪو ٻين لاءِ سهارو بڻجي. سندس تربيت جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترائي شاگرد نه

1. القرآن 2: 110.

رڳو اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهيا، پر سماج ۾ به خدمتگار شخصيتون بڻيا آهن. سندس شخصيت ۾ اخلاص ۽ خلوص جي جيڪا خوشبو آهي، اها هر ڪنهن کي متاثر ڪري ٿي. جيڪو به ماڻهو سندس صحبت ۾ ٿورو وقت گذاريندو آهي، اهو پاڻ کي هڪ نئين روشني ۾ محسوس ڪندو آهي. سندس گفتگو ۾ اهڙي نه روحانيت ۽ سچائي هوندي آهي جيڪا دل تي سڌو اثر ڪندي آهي. پاڻ علم سان گڏ دلين کي به جوڙڻ ڄاڻي ٿو. رٽائرڊ ٿيڻ کان بعد به سندس زندگي خالي نه ٿي آهي. ڪيترائي ماڻهو سمجهن ٿا ته رٽائر ٿيڻ کان پوءِ انسان جو ڪردار ختم ٿي وڃي ٿو، پر سائين عبيدالله لاڪير اهو ثابت ڪري رهيو آهي ته استاد ڪڏهن به ريٽائر نٿو ٿئي. هو اڄ به علمي ۽ ادبي محفلن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. نوجوانن کي تحقيقي مقالا لکڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو ۽ انهن جي حوصلا افزائي پڻ ڪري ٿو. سندس عاجزيءَ جو هڪ ٻيو پهلو اهو آهي ته پاڻ ٻين جي تعريف ڪرڻ ۾ هميشه اڳڀرو رهيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شاگرد يا ساٿي ڪا به ڪاميابي حاصل ڪئي، ته هو ان جي همٿ افزائي ڪندو رهندو آهي. ڪنهن شاگرد جي ڪاميابي تي سندس خوشي واقعي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. سائين پروفيسر صاحب به پنهنجي شاگردن کي پنهنجو روحاني اولاد ئي مڃيندو آهي. ٻين کي عزت ڏيڻ سندس زندگيءَ جو معمول رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ هر ڪنهن جي دل ۾ عزت ۽ محبت سان رهندو آهي.

پروفيسر عبيدالله لاڪير جو ڪردار صرف هڪ استاد تائين محدود نه رهيو، پر پاڻ هڪ سماجي رهبر جي حيثيت ۾ به رهيو آهي. پاڻ ماڻهن کي محبت، اخوت ۽ انسانيت جو پيغام ڏيندو رهي ٿو. پاڻ هميشه نفرتن کي ختم ڪري محبت وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. سندس زندگيءَ مان اهو سبق ملي ٿو ته علم جو اصل مقصد ماڻهن کي ويجهو آڻڻ آهي، نه ڪي ڪين ورهائڻ. رسول الله ﷺ جن فرمايو:

خَيْرُ النَّاسِ أَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ.[1]

ترجمو: بهترين ماڻهو اهو آهي، جيڪو ٻين لاءِ سڀ کان وڏيڪ نفعو رکندڙ هجي.

سائين پروفيسر صاحب جي زندگي هن حديث جو مصداق نظر اچي ٿي. سندس گفتگو ۽ رويو ماڻهن جي دلين ۾ اميد پيدا ڪندو آهي. ڪيترائي شاگرد، جيڪي مايوسيءَ ۾ مبتلا هئا، سندس صحبت ۾ اچي حوصلو ۽ همٿ حاصل ڪندا رهيا. پاڻ ماڻهن کي مايوسيءَ مان ڪڍي، روشنيءَ ڏانهن وٺي ويندڙ آهي. سندس وجود ماڻهن لاءِ هڪ اميد ۽ سهارو رهيو آهي. سندس علمي ڪردار ايترو ته وسيع آهي، جو پاڻ صرف نصاب تائين محدود نه رهيو پر ادب، فلسفو، سماجيات ۽ انساني قدرن تي به ڳالهائيندو رهيو. سندس علم جي وسعت ڪيس ٻين کان ممتاز بڻائيندي رهي. سندس شاگرد چوندا آهن ته هو هر سوال جو اهڙي وضاحت سان جواب ڏيندو آهي، جو مشڪل سوال به آسان ٿي قابل فهم بڻجي ويندو آهي. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي زندگيءَ مان اهو سبق ملي ٿو ته استاد کي ڪڏهن به پنهنجي ذميواري وسارڻ نه گهرجي. پاڻ اهو چوندو رهندو آهي ته استاد جو ڪردار سماج جي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ آهي. جيڪڏهن استاد پنهنجي ڪردار کي ايمانداريءَ سان نڀائي، ته سماج ۾ علم ۽ اخلاق ٻنهي جي ترقي ٿيندي. سندس خدمت خلق سماج ۾ هڪ تحريڪ بڻجي وئي. ڪيترائي ماڻهو سندس ڏنل مثال کي ڏسي ٻين جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. سندس زندگيءَ جو اهو اثر آهي جو اڄ به ڪيترائي ماڻهو چون ٿا ته جيڪڏهن استاد چاهين ته سماج ۾ تبديلي اچي سگهي ٿي. سائين عبيدالله لاڪير جي زندگيءَ مان اهو سبق ملي ٿو ته اصل استاد اهو آهي، جيڪو شاگردن جي دلين ۾ محبت، اخلاق ۽ خدمت جا ٻج پوکي. سندس عاجزي ۽ انڪساريءَ جو هڪ مثال اهو به آهي ته هو ڪڏهن به پنهنجي استادن کي وساري نه سگهيو آهي. پاڻ اڪثر چوندو آهي ته جيڪڏهن مان جيڪو ڪجهه

1. المعجم الاوسط للطبراني، حديث 5787.

حاصل ڪري سگهيو آهيان، اهو منهنجي استادن جي دعا ۽ محنت جو نتيجو آهي. پروفيسر عبيدالله لاڪير جو ڪردار رڳو سندس زندگي تائين محدود نه رهيو آهي، پر پاڻ ايندڙ نسلن لاءِ به هڪ مستقل رهنمائي بڻيل رهندو. سندس نالو سدائين عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو ويندو ۽ سندس عاجزي، قرباني ۽ خدمت خلق ايندڙ نسلن لاءِ هڪ روشن مثال بڻي رهندي.

علمي ۽ تحقيقي جستجو

سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا جو هڪ معتبر نالو آهي، جنهن پنهنجي سڄي زندگي علم، تحقيق ۽ تدريس لاءِ وقف ڪئي آهي. هو رٽائرڊ ٿيڻ باوجود به علم ۽ فڪر جي دنيا ۾ سرگرم آهي. سندس زندگيءَ جو مرڪزي محور علمي ۽ تحقيقي جستجو آهي، جيڪا سندس شخصيت کي ٻين کان منفرد بڻائي ٿي. پاڻ سمجهندو آهي ته علم ڪنهن به وقت ۽ ڪنهن به مرحلي تي مڪمل نٿو ٿئي، پر اهو هڪ اهڙو سفر آهي، جيڪو زندگيءَ جي آخري لمحن تائين جاري رهندو آهي. سندس سوال ڪرڻ جي صلاحيت هميشه نمايان رهي آهي. پاڻ ڪنهن به ڳالهه کي بنا پرک جي قبول نه ڪندو آهي، پر ان جا پس منظر، سبب ۽ نتيجا ضرور پرکيندو آهي. سندس تدريس جو انداز به اهڙو رهيو آهي، جنهن ۾ شاگردن کي سوال ڪرڻ ۽ نوان رستا ڳولڻ سيکاريندو رهيو. هن لاءِ سوال ڪرڻ علم جي جستجو جو پهريون درجو آهي. سندس شاگردن جي چوڻ مطابق، هو چوندو آهي ته جيڪو سوال نه ٿو ڪري، اهو سکڻ جي سفر ۾ اڳتي نٿو وڌي. سندس علمي جستجو ۾ قرآن پاڪ ۽ حديث شريف بنياد ۽ راهه ڏيکاريندڙ رهيا آهن. پاڻ علم کي رڳو دنياوي ذريعو نه پر هڪ روحاني سفر سمجهي ٿو. قرآن مجيد ۾ فرمان باري تعاليٰ آهي:

وَ قُلْ رَّبِّ زِدْنِیْ عِلْمًا ﴿۱۱۴﴾ [1]

ترجمو: "اي منهنجا رب! مون کي علم ۾ وڌيڪ وڌاءِ (ترقي ڏي).

[1]. القرآن 20: 114.

هيءُ آيت سندس علمي زندگيءَ جو بنيادي اصول آهي. پاڻ سمجهي ٿو ته علم حاصل ڪرڻ سان انسان نه رڳو دنيا ۾ ڪامياب ٿئي ٿو پر الله جو قرب به حاصل ڪري ٿو. سندس علمي تحقيق ۾ سنڌي ادب ۽ ثقافت کي خاص جاءِ حاصل آهي. پاڻ پنهنجي مقالن، ليڪچرن ۽ لکڻين ۾ سنڌ جي فڪري ورثي کي نئين دور جي ضرورتن سان ڳنڍي پيش ڪري ٿو، چو ته سندس مقصد اهو آهي ته علم رڳو ڪتابن ۾ قيد نه رهي، پر سماج جي ترقي ۽ تبديليءَ لاءِ هڪ عملي قوت بڻجي ٿو. پروفيسر عبيدالله لاڪير جي زندگيءَ مان اهو سبق ملي ٿو ته تحقيق صبر، محنت ۽ مستقل مزاجي ڪانسواءِ ممڪن ناهي. پاڻ ڪيترائي ڪلاڪ ڪتابن ۽ حوالن ۾ محو رهندو آهي. پنهنجي تدريسي دور ۾ به هو گهڻو وقت شاگردن جي تحقيقن ۾ لڳائيندو هو ۽ سندن مقالن کي بهتر بڻائڻ لاءِ رهنمائي ڪندو رهيو. مون (راقم) جڏهن سندس آفيس ۾ اچڻ شروع ڪيو ته منهنجي ريسرچ آرٽيڪلن ۽ ڪتاب لکڻ ۾ حوصلا افزائي ڪرڻ سان گڏ ڪجهه هدايتون به ڏيندو رهيو. سندس خوشي ۽ همت افزائي مون کي هميشه حيران ڪندي هئي، ڇاڪاڻ ته اها سندس قلبي چاهت ۽ علم سان عشق مان نڪرندي هئي. هو نه رڳو علمي رهنمائي ڪندو رهيو، پر ٻين جي ڪاميابيءَ تي به دلي خوشي محسوس ڪندو آهي. سندس نظر ۾ استاد جو اصل ڪم رڳو ڪتابي ڄاڻ پهچائڻ نه آهي، پر شاگردن کي اهڙو فڪر ڏيڻ آهي، جيڪو ڪين زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ سيکاري. پروفيسر صاحب جو چوڻ آهي ته: "اصل تحقيق اها آهي، جيڪا ماڻهن جي زندگين ۾ تبديلي آڻي".

پروفيسر عبيدالله لاڪير جي شخصيت جو هڪ اهم رخ بي لوثي آهي. هو ڪڏهن به پنهنجي علمي ڪاميابين جو ڏيکاءُ نه ڪندو آهي، بلڪ هميشه سمجهي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه الله جو فضل آهي. فرمان رسول ﷺ آهي:

مَنْ نَفَّسَ عَنْ مُؤْمِنٍ كُرْبَةً مِنْ كُرَبِ الدُّنْيَا نَفَّسَ اللَّهُ عَنْهُ كُرْبَةً مِنْ كُرَبِ يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَمَنْ يَسَّرَ عَلَى مُعْسِرٍ يَسَّرَ اللَّهُ عَلَيْهِ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَمَنْ سَتَرَ مُسْلِمًا سَتَرَهُ اللَّهُ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَاللَّهُ فِي عَوْنِ الْعَبْدِ مَا كَانَ الْعَبْدُ فِي عَوْنِ أَخِيهِ وَمَنْ سَلَكَ طَرِيقًا يَلْتَمِسُ فِيهِ عِلْمًا سَهَّلَ اللَّهُ لَهُ بِهِ طَرِيقًا إِلَى الْجَنَّةِ وَمَا اجْتَمَعَ قَوْمٌ فِي بَيْتٍ مِنْ بُيُوتِ اللَّهِ يَتْلُونَ كِتَابَ اللَّهِ وَيَتَدَارَسُونَهُ بَيْنَهُمْ إِلَّا نَزَلَتْ عَلَيْهِمْ السَّكِينَةُ وَغَشِيَتْهُمْ الرَّحْمَةُ وَحَفَّتْهُمْ الْمَلَائِكَةُ وَذَكَرَهُمْ اللَّهُ فِيمَنْ عِنْدَهُ وَمَنْ بَطَّأَ بِهِ عَمَلُهُ لَمْ يُسْرِعْ بِهِ نَسَبُهُ[1].

ترجمو: جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ڪنهن مسلمان جي دنياوي تڪليفن مان ڪا تڪليف دور ڪئي، ته الله تعاليٰ سندس قيامت جي تڪليفن مان ڪا تڪليف دور ڪندو ۽ جنهن ڪنهن تنگ دست لاءِ آساني پيدا ڪئي، الله تعاليٰ سندس لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾آساني ڪندو ۽ جنهن ڪنهن مسلمان جي پرده پوشي ڪئي، الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت ۾ سندس پرده پوشي ڪندو ۽ الله تعاليٰ تڏهن تائين بندي جي مدد ۾ لڳل رهي ٿو جيستائين بندو پنهنجي ڀاءَ جي مدد ۾ لڳل رهي ٿو ۽ جيڪو ماڻهو ان رستي تي هلندو آهي جنهن ۾ هو علم حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، الله تعاليٰ ان جي ذريعي سندس لاءِ جنت جو رستو آسان ڪري ٿو، الله جي گهرن مان ڪنهن گهر ۾ ماڻهو گڏ ٿيا ٿين، اهي قرآن جي تلاوت ڪندا آهن ۽ ان جو درس و تدريس ڪندا آهن، پر انهن تي سڪونت (اطميناں ۽ سڪون قلب) نازل ٿئي ٿي ۽ (الله جي) رحمت انهن کي ڍڪي ونندي آهي ۽ فرشتا انهن کي پنهنجي گهيري ۾ وننda آهن ۽ الله تعاليٰ پنهنجي مقربن ۾ جيڪي وٽس آهن انهن جو ذڪر ڪندو آهي ۽ جنهن جي عمل کيس (ڀلائي جي حاصل ڪرڻ ۾) پوئتي رکيو، ان جو نسب کيس تيز نٿو ڪري سگهي.

[1]. صحيح مسلم، جلد 6، ڪتاب: ذڪر الاهي، دعا، توبہ ۽ استغفار، باب: قرآن مجيد جي تلاوت ۽ الله جي ذڪر کي ٻڌڻ ٻڌائڻ جي لاءِ گڏ ٿيڻ جي فضيلت، حديث نمبر6853 : 2699.

پاڻ پنهنجي تحقيق ۾ جديديت ۽ روايت ٻنهي کي گڏ رکندو آهي. هڪ طرف جديد تحقيق جا طريقا استعمال ڪندو آهي، ته ٻئي طرف سنڌي سماج ۽ اسلامي روايتن کي به بنياد بڻائيندو آهي. سندس لکڻين ۾ هميشہ اهو احساس موجود هوندو آهي ته علم جو مقصد پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ماڻهن جي ڀلائي هجي. تنقيدي سوچ سندس تحقيقي انداز جو بنياد آهي. پاڻ تنقيد برائي تنقيد جي بجاءِ تنقيد براءِ اصلاح جو قائل آهي. سندس مقالن ۽ تحريرن ۾ حوالن، دليلن ۽ منطقي ڳالهين کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي. سندس راءِ ۾ تحقيق جو اصل مقصد دليلن جي بنياد تي علم جا نوان افق کولڻ آهي. پاڻ شاگردن کي سيکاريندو آهي ته علم ۾ جذبات کان وڌيڪ دليل ۽ ثبوت جي اهميت آهي. سندس علمي جستجو ۾ هڪ نمايان خصوصيت وسعتِ نظر آهي. هو علم کي ڪنهن هڪ شعبي تائين محدود نہ ٿو ڪري، پر مختلف شعبن ۾ دلچسپي رکي ٿو. ادب، تاريخ، فلسفو، مذهبيات، سماجيات ۽ جديد سائنس تائين سندس مطالعو گهرو ۽ وسيع آهي. پاڻ سمجهي ٿو ته علم جي هر شاخ انسان کي نئون رخ ڏيکاري ٿي ۽ مختلف شعبن جو گڏيل مطالعو ئي مڪمل ڄاڻ جو دروازو کولي سگهي ٿو. سندس لکڻين ۾ هميشہ بين العلومي فڪر جي عڪاسي ٿئي ٿي.

ڪتابن سان سندس محبت جو ذڪر به ضروري آهي. پاڻ چوندو آهي ته ڪتاب انسان جو بهترين دوست آهي، جيڪو هر وقت ساٿ ڏئي ٿو. سندس ذاتي لائبريري ۾ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب موجود آهن. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پڙهندو آهي ۽ پڙهڻ کي عبادت سمجهي ٿو. سندس راءِ ۾ پڙهندڙ ذهن ڪڏهن به پراڻو نٿو ٿئي. تحقيق ۾ سندس انداز منظم ۽ اصولي آهي. پاڻ هر تحقيق کي مرحليوار طريقي سان ڪندو آهي: موضوع چونڊڻ، مواد گڏ ڪرڻ، تنقيدي مطالعو ڪرڻ ۽ آخر ۾ نتيجا پيش ڪرڻ. سندس شاگردن لاءِ اهو عمل عملي مثال رهيو آهي. سندس چوڻ آهي ته بنا ترتيب ۽ طريقيڪار جي تحقيق صرف خيالن جو ڦيرو رهجي وڃي ٿي، پر اصل تحقيق دليلن ۽ ثبوتن تي ٻڌل هجڻ گهرجي. سندس ڪلاس روم هڪ اهڙي ليبارٽري هئي، جتي شاگردن کي فڪر ڪرڻ، سوال

ڪرڻ ۽ لکڻ لاءِ آزادي ملندي هئي. ڪيترائي شاگرد اڄ پاڻ بہ محقق ۽ استاد بڻجي چڪا آهن، جيڪي سنڌس تربيت جا نتيجا آهن. سنڌس علمي جستجو ۾ صبر ۽ استقامت بنيادي حيثيت رکن ٿا. پاڻ چوندو آهي تہ تحقيق جي راهہ تي نڪرندڙ کي ڏکيائين، مايوسين ۽ رڪاوٽن لاءِ پاڻ کي تيار رکڻو پوي ٿو، ڇوتہ انهن ڪانسواءِ حقيقي نتيجا حاصل نٿا ٿين. اسلامي تعليمات بہ سنڌس جستجو ۾ مرڪزي حيثيت رکن ٿيون. قرآن مجيد ۾ فرمان آهي:

قُلْ هَلْ يَسْتَوِى الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ.[1]

ترجمو: "ڇا ڄاڻ وارا ۽ اڻ ڄاڻ برابر ٿي سگهن ٿا؟"

پروفيسر صاحب سمجهي ٿو تہ علم انسان کي الله جي سڃاڻپ ڏانهن وني ٿو وڃي. سنڌس علمي تحقيق ۾ اهو روحاني پهلو نمايان آهي تہ علم انسان جي دل کي صاف ۽ ذهن کي روشن ڪري ٿو. سنڌس جستجو ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جو مطالعو بہ اهميت رکي ٿو. پاڻ سمجهي ٿو تہ پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ ڄاڻڻ ڪانسواءِ عالمي علم جي ڪا اهميت ناهي. ان ڪري سنڌس تحقيق ۾ سنڌ جي ادبي ورثي، لوڪ روايتن ۽ تاريخي حوالن کي هميشہ اهميت ڏني وئي آهي. سنڌس لکڻين مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ پنهنجي ماڻهن ۽ ڌرتي سان گهري محبت ڪري ٿو.

سنڌس زندگيءَ جو هڪ ٻيو پاسو اهو آهي تہ هو علم کي عمل سان ڳنڍي ٿو. سنڌس خيال آهي تہ جيڪڏهن علم ماڻهن جي زندگيءَ ۾ سڌارو نہ آڻي تہ اهو علم اڌورو آهي. ان ڪري هو شاگردن کي سيکاريندو آهي تہ پنهنجي تحقيق کي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو. هن ڪيترائي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن ۽ ڪيترن ئي شاگردن کي تربيت ڏني آهي، پر پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي تعريف پاڻ نہ ڪئي اٿائين. سنڌس نظر ۾ علم جي وڏي علامت عاجزي آهي. حديث شريف ۾ اچي ٿو:

[1]. القرآن 39: 9.

"مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰهُ فَهُوَ فِي نَفْسِهِ صَغِيرٌ وَفِي أَعْيُنِ النَّاسِ عَظِيمٌ وَمَنْ تَكَبَّرَ وَضَعَهُ اللّٰهُ فَهُوَ فِي أَعْيُنِ النَّاسِ صَغِيرٌ وَفِي نَفْسِهِ كَبِيرٌ حَتَّى لَهُوَ أَهْوَنُ عَلَيْهِمْ مِنْ كَلْبٍ أَوْ خنزير[1]".

ترجمو: جيڪو شخص الله جي خاطر تواضع اختيار ڪندو آهي تہ الله ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي، هو پاڻ پنهنجي نظرن ۾ تہ ننڍو خيال ڪندو آهي، جڏهن تہ ماڻهن جي نظرن ۾ عظيم هوندو آهي ۽ جيڪو شخص تڪبر ڪندو آهي، الله ان کي پستي جو شڪار ڪري ڇڏيندو آهي، هو ماڻهن جي نگاهن ۾ ننڍو هوندو آهي جڏهن تہ هو پنهنجو پاڻ کي وڏو تصور ڪندو آهي، ايسيتائين جو هو انهن جي نزديڪ ڪتي يا خنزير کان بہ وڌيڪ ذليل ۽ حقير هوندو آهي.

سنڌس زندگيءَ ۾ هيءَ حديث عملي طور تي نظر اچي ٿي. پروفيسر عبيدالله لاکير جي علمي ۽ تحقيقي جستجو اسان لاءِ هڪ مثال آهي. رٽائرڊ ٿيڻ باوجود هو پنهنجي مطالعي ۽ تحقيق ۾ مصروف آهي، جيڪو سنڌس سچي وابستگيءَ جو ثبوت آهي. سنڌس نالو ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهہ رهندو، ڇوتہ هن علم کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻايو آهي ۽ اهو مقصد کيس هميشہ زنده رکندو.

تنظيمي ۽ انتظامي صلاحيتون

پروفيسر عبيدالله لاکير پنهنجي علمي خدمتن سان گڏ انتظامي صلاحيتن ۾ بہ نمايان حيثيت رکي ٿو. هڪ استاد هجڻ سان گڏ پاڻ هميشہ تعليمي ادارن ۾ تنظيمي ۽ انتظامي ڪردار نڀائيندو رهيو آهي. سنڌس فطرت ۾ نظم ۽ ترتيب شامل آهي، جيڪو ڪم جي هر شعبي ۾ ظاهر ٿئي ٿو. تعليمي ادارن ۾ ڪامياب انتظام لاءِ صبر، حوصلي ۽ منظم سوچ ضروري آهي ۽

[1]. مشڪواة المصابيح، جلد 3، ڪتاب: آداب جو بيان، باب: غصي ۽ تڪبر جو بيان، حديث نمبر 5119.

اهي سڀ خوبيون سندس شخصيت ۾ نمايان رهيون آهن. انتظامي ذميواريون نڀائڻ وقت سندس انداز هميشہ مشاورت تي ٻڌل رهيو آهي. پاڻ اڪيلو فيصلو ڪرڻ بدران ساٿين، استادن ۽ شاگردن کي گڏ وٺي هلندو آهي. سندس خيال آهي تہ تعليم هڪ اجتماعي عمل آهي، جنهن ۾ سڀني جي راءِ کي اهميت ملڻ گهرجي. ان طريقيڪار جي ڪري سندس دور ۾ ادارن ۾ هم آهنگي ۽ سڪون جي فضا قائم رهي. مالي ۽ انتظامي معاملن ۾ پاڻ هميشہ ايمانداري ۽ شفافيت کي بنيادي حيثيت ڏنائين. سندس اصول آهي تہ جيڪو ڪم سڀني لاءِ آهي، اهو ڪنهن هڪ شخص يا گروهہ جي فائدي لاءِ نہ هجڻ گهرجي. ان سوچ جي ڪري ساٿين ۽ شاگردن ۾ سندس عزت ۽ اعتماد وڌيو. نئين ادارن جي قيام ۾ بہ سندس ڪردار نمايان رهيو. جتي بہ تعليمي يا ادبي تنظيم وجود ۾ آئي، اتي سندس تجويزون بنيادي حيثيت ۾ رهيون. پاڻ چوندو آهي تہ نون ادارن جو بنياد نظرياتي ۽ اخلاقي اصولن تي هجڻ گهرجي، نہ تہ اهي ڊگهي عرصي تائين قائم نہ رهي سگهندا. سندس خيال موجب ادارن جي طاقت سندن شفاف انتظام ۽ مقصد سان وابستگي ۾ آهي. تعليمي پاليسين ۾ بہ سندس ڪردار اهم رهيو. ڪيترين ڪانفرنسن ۽ پاليسي ساز گڏجاڻين ۾ پنهنجي تجربي سان تجويزون پيش ڪيائين. سندس راءِ هميشہ اها هوندي آهي تہ پاليسيون ڪتابن تائين محدود نہ رهن، پر عملي طور لاڳو ٿين. خاص طور تي پاڻ زور ڏيندو آهي تہ شاگردن جي ضرورتن ۽ استادن جي سهولتن کي پاليسي جو مرڪز بڻايو وڃي. انتظامي ڪم ۾ سندس انساني رويو نمايان رهيو آهي. پاڻ سختيءَ بدران نرمي ۽ ڳالهہ ٻولهہ ذريعي مسئلا حل ڪرڻ ۾ يقين رکندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن استاد يا شاگرد کي تڪليف پيش ايندي هئي تہ پاڻ ذاتي طور ان جي ڳالهہ ٻڌي حل ڪيندو هو. قرآن پاڪ جي حڪم:

وَشَاوِرْهُمْ فِي الْأَمْرِ.1

ترجمو: "۽ انهن سان معاملن ۾ صلاح مشورو ڪر."

1. القرآن 3 : 159.

جو عملي اظهار سندس انتظامي زندگي ۾ صاف نظر ايندو آهي. سندس انتظام ۾ وقت جي پابندي ۽ ذميواري اهم حيثيت رکي ٿي. پاڻ هر ڪم کي وقت تي مڪمل ڪرڻ جو پابند رهيو آهي ۽ ٻين کي بہ ان جي تلقين ڪندو آهي. سندس قائم ڪيل ادارن ۾ "ڳوٺ سڌار سنگت (بخش لاڪير)" ۽ "اسپيڊ" اهم مثال آهن. پاڻ پرنسپال هجڻ باوجود باقاعده ڪلاس پڙهائيندو رهيو ۽ ريٽائرمينٽ تائين ڪڏهن بہ پاڻ کي تدريسي عمل کان ڌار نہ رکيو.

سندس فڪر ۾ انتظام تعليم جي خدمت جو هڪ ٻيو روپ آهي. بحرانن کي منهن ڏيڻ ۾ بہ سندس صلاحيت نمايان رهي. مشڪل حالتن ۾ پاڻ متوازن ۽ پرامن انداز اختيار ڪندو آهي. فيصلا ڪرڻ وقت سڀ پاسا سمجهي پوءِ اهڙو فيصلو ڪندو آهي جيڪو سڀني لاءِ فائديمند هجي. انتظامي ڪم ۾ شفافيت سان گڏ جوابدهي کي بہ لازمي سمجهندو آهي. پاڻ ڪڏهن بہ ذاتي مفاد کي ترجيح نہ ڏنائين، پر هميشہ اداري جي بهتري کي اوليت ڏنائين. سندس انتظامي انداز ۾ هڪ خوبي اها بہ آهي تہ ٻين ۾ بہ قيادت جا اوصاف پيدا ڪندو آهي. پاڻ چوندو آهي تہ ادارو تڏهن مضبوط ٿيندو آهي، جڏهن هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملي. سندس سوچ موجب سماج جي ترقي لاءِ نون ادارن جو قيام ضروري آهي. سندس رهنمائيءَ سان ڪيترن ئي ادارن جو بنياد رکيو ويو، جيڪي اڄ بہ علم ۽ ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن. پروفيسر صاحب جي ڪاميابين ۾ سندس رابطي جي صلاحيت اهم آهي. پاڻ شاگردن، ساٿين ۽ آفيسرن سان عزت ۽ احترام سان ڳالهائيندو آهي. سندس گفتگوءَ ۾ نرمي ۽ سنجيدگي هوندي آهي ، جيڪا ادارن ۾ کليل ماحول پيدا ڪندي آهي. پاليسين بابت سندس خيال حقيقت پسندانہ آهن. پاڻ زور ڏيندو آهي تہ پاليسي ناهڻ وقت ان جي عملي امڪانن تي ضرور سوچڻ گهرجي. انتظامي صلاحيتن ۾ عدل ۽ انصاف بہ سندس خاص خوبي رهي. پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن سان امتيازي سلوڪ نہ ڪيائين. حديث شريف مطابق:

إِنَّ الْمُقْسِطِينَ عِنْدَ اللهِ عَلَى مَنَابِرَ مِنْ نُورٍ1".

ترجمو: "عدل ڪندڙ الله وٽ ساڄي پاسي نور جي منبرن تي هوندا".

جي عڪاسي سندس زندگيءَ ۾ نظر ايندي آهي. سندس تنظيم سازيءَ جي مهارت هر پروگرام ۾ ظاهر ٿيندي آهي، پوءِ اهو سيمينار هجي، ڪانفرنس يا ادبي تقريب. سندس انتظام ۾ وقت جي پابندي، واضح مقصد ۽ ذميوارين جي ورهاست هميشہ شامل هوندي آهي. اڳواٽ منصوبابندي سندس انتظام جو اهم پاسو آهي. پاڻ ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ مڪمل خاڪو تيار ڪندو آهي، جنهن ڪري ادارا مشڪلاتن کان بچي سگهندا هئا. ريٽائرڊ ٿيڻ بعد بہ پاڻ ادارن سان وابستہ رهي ٿو. مختلف ادارا اڄ بہ سندس تجربي مان فائدو وٺڻ لاءِ ڪيس دعوت ڏين ٿا، جيڪو سندس صلاحيتن جو زنده ثبوت آهي. ٻوڏ جي حالتن ۾ بہ سندس انتظامي صلاحيتون نمايان رهيون. جڏهن اسڪول ۽ ڪاليج متاثرن لاءِ پناهہ گاهہ بڻايا ويا، تڏهن پاڻ تعليم جو سلسلو جاري رکڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪيائين. متاثرن ڪي عزت ۽ احترام سان ڏنو، صفائيءَ لاءِ رضاڪارن جون ٽيمون ناهيائين،

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿۲۲۲﴾2

ترجمو: بيشڪ الله انهن کي دوست رکي ٿو، جيڪي پاڪ صاف رهندا آهن.

کاڌ خوراڪ منظم طريقي سان ورهايائين، ۽ عورتن، ٻارن ۽ بزرگن لاءِ الڳ سهولتون مهيا ڪيائين.

سندس صبر ۽ نرميءَ سان ڪيترائي تڪرار ختم ٿيا. حديث مطابق:

وَالصَّبْرُ ضِيَاءٌ.3

---

[1]. صحيح مسلم، جلد 5، ڪتاب: حڪومت جي معاملات جو بيان، باب: عادل حڪمران جي فضيلت، ظالم حاڪم جي سزا، رعايا سان نرمي ڪرڻ جي تلقين ۽ ان کي مشقت ۾ وجهڻ جي منع، حديث نمبر .1827 /4721.

[2]. القرآن 2: 222 .

[3]. صحيح مسلم، جلد 1، ڪتاب: پاڪائيءَ جو بيان، باب: وضو جي فضيلت، حديث نمبر 223 /534.

ترجمو: صبر روشني آهي.

جو عملي اظهار سندس رويي ۾ نظر آيو. ٻوڏ جي متاثرن جي خدمت ۾ نوجوانن کي شامل ڪرڻ سندس انتظامي سوچ جو حصو هو. پاڻ عملي طور سيڪاريائين تہ سماج جي ترقي گڏيل ڪوشش سان ئي ممڪن آهي. سندس ڪردار ثابت ڪري ٿو تہ هو رڳو استاد يا منتظم نہ، پر هڪ سماجي اڳواڻ بہ آهي. سندس انتظامي صلاحيتن سان ادارا منظم ٿيا ۽ انساني خدمت جا عملي مثال قائم ٿيا.

شاگردن لاءِ سهولتون، لائبريري ۽ رانديون

پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي پرنسپالي واري دور (2013—2025) ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ڪي شاگردن لاءِ علمي، ادبي ۽ تحقيقي مرڪز بڻائڻ لاءِ بي مثال ڪوششون ڪيون. سندس نظر ۾ تعليم صرف نصابي ڪتابن تائين محدود نہ آهي، پر اها هڪ مڪمل تجربي جي حيثيت رکي ٿي، جتي شاگرد نہ رڳو علم حاصل ڪن ٿا پر سماج ۾ اڳيرا ٿيڻ لاءِ عملي تربيت بہ وٺن ٿا. پاڻ هميشہ انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندو رهيو تہ شاگردن جي معلومات تائين پهچ کي سولو ۽ آسان بڻائجي، جيئن اهي جديد دور جي ضرورتن مطابق پاڻ کي تيار ڪري سگهن. شاگردن لاءِ معلوماتي سهولتن جو بنياد رکندي، پروفيسر عبيدالله لاڪير ڪاليج ۾ جديد ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائي. ڪمپيوٽر ليب کي جديد بڻايو ويو، جتي شاگرد ڪمپيوٽر سکڻ سان گڏ انٽرنيٽ ذريعي دنيا جي علمي ذريعن تائين رسائي حاصل ڪندا هئا. ان سان گڏ سيمينار، ورڪشاپ ۽ ليڪچر منعقد ڪيا ويا، جتي ماهرن پنهنجو علم ۽ تجربي جي نچوڙ کي پيش ڪيو. پروفيسر صاحب ڄاڻ جي تبادلي لاءِ رڳو نصابي ڪتاب ڪافي نہ سمجهندو آهي ، تنهن ڪري ڪمپيوٽر ليب ۾ جديد تحقيق ۽ علمي مواد مهيا ڪرايو، جنهن سان شاگردن ۾ مطالعو ڪرڻ جي عادت ۽ ڄاڻ وڌائڻ جو جذبو پيدا ٿيو. لائبريري کي پروفيسر صاحب خاص اهميت ڏني. سندس نظر ۾ لائبريري

کنهن بہ تعليمي اداري جي دل هوندي آهي، تنهن ڪري نوان ڪتاب، علمي رسالا ۽ ڊجيٽل وسيلا شامل ڪرايا ويا. لائبريريءَ ۾ خاموشي ۽ مطالعي لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪيو ويو، جتي شاگرد آسانيءَ سان تحقيقي ۽ علمي ڪم ڪري سگهيا. مطالعي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ موضوعاتي سيڪشن قائم ڪيا ويا، جيئن سوشيالاجي، لسانيات، شاعري، مذهب، ناول، ڪهاڻيون، تاريخ ۽ سائنس جا ڪتاب الڳ رکيا ويا. اهڙي قدم سان تحقيق ۾ آساني ۽ علم سان دلچسپي وڌي. جديد ريسرچ جرنل ۽ سائنسي ميگزين بہ شامل ڪيا ويا، جن سان شاگرد عالمي سطح جي تحقيق کان واقف ٿيا ۽ پنهنجي مقالن ۾ حوالا ڏيڻ جي عادت وڌي. گڏيل مطالعي جا ڪمرا بہ سيٽ ڪيا ويا، جتي گروپ اسٽڊي وسيلي تنقيدي سوچ، تجزيي ۽ اظهار جي صلاحيت وڌندي رهي. پروفيسر صاحب شاگردن کي سيکاريو تہ نصابي ڪتابن سان گڏ غير نصابي ڪتابن جو مطالعو بہ شخصيت ۾ وسعت آڻي ٿو. رانديون ۽ گڏيل سرگرميون بہ پروفيسر صاحب جي ترجيحن ۾ شامل رهيون. پاڻ سمجهندو آهي تہ شاگردن جي جسماني ۽ ذهني صحت تعليم سان گڏ ضروري آهي. ڪرڪيٽ، فٽبال، بيڊمنٽن، والي بال، ڊوڙ، رسا ڪشي ۽ جمناسٽڪ جا مقابلا باقاعدي منعقد ٿيندا رهيا، جن ۾ شاگرد جوش ۽ جذبي سان حصو وٺندا هئا. راندين ذريعي شاگردن ۾ مقابلي جو روح، برداشت، گڏيل تعاون ۽ مثبت سوچ پيدا ٿيندي هئي، ۽ ڪيترائي صوبائي ۽ قومي سطح تي نمائندگي ڪرڻ تائين پهتا. امتحانن کان اڳ ۽ بعد ۾ خاص مقابلا ڪرائي دٻاءُ گهٽايو ويندو هو. راندين لاءِ گرائونڊ ۽ اسپورٽس ڪلب قائم ڪيا ويا، تربيت يافتہ ڪوچ مقرر ٿيا ۽ شاگردن کي مالي سهائتا فراهم ڪئي وئي. اهڙي ريت ڪيترائي شاگرد پنهنجي قابليتن کي نکارڻ ۾ ڪامياب ٿيا. غير نصابي سرگرمين ۾ ڊبيٽ ڪانٽيسٽ، ڪهاڻي نويسي، مشاعرا، علمي مقابلا ۽ ڪوئز ڪامپيٽيشن شامل هئا. اهي سرگرميون شاگردن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيون ۽ کين اعتماد مليو. اهڙن مقابلن ذريعي شاگرد دنيا جي تاريخ، سائنس، ادب ۽ سياست بابت ڄاڻ وڌائي ۽ مقابلي جو جذبو پيدا ڪيو. پروفيسر

صاحب وقت جي پابندي ۽ زندگيءَ ۾ نظم ۽ ضبط تي زور ڏيندو رهيو ۽ اهڙو شيڊول تيار ڪرايو، جنهن ۾ علمي ڪم، غير نصابي سرگرميون ۽ رانديون توازن سان شامل هيون. سندس انتظامي حڪمت عملي اها هئي تہ هر شاگرد کي علمي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جو پورو موقعو ملي. ڪاليج ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪيو ويو، جتي علم، لائبريري ۽ رانديون گڏيل طور شاگردن جي شخصيت کي نکارڻ ۾ ڪم آيون. قيادت جون صلاحيتون وڌائڻ لاءِ شاگردن کي ڪاليج جي ڪلبن ۽ سوسائٽيز ۾ اڳواڻ طور ڪم ڪرڻ جا موقعا ڏنا ويا. هر شاگرد جي قابليت کي سڃاڻي، کين اڳتي وڌائڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪئي وئي. ساليانو اسپورٽس ميلا ۽ گڏيل علمي سرگرميون استاد ۽ شاگرد ٻنهي لاءِ دوستاڻو ماحول پيدا ڪندا رهيا، جن ۾ سماجي ميل جول ۽ ليڊرشپ جون صلاحيتون وڌيون. 2013ع کان 2025ع تائين پروفيسر عبيدالله لاکير جو دور ڪاليج لاءِ سنهري دور ثابت ٿيو. هن دور ۾ معلوماتي سهولتن، لائبريري جي بهتري ۽ راندين جي واڌ ويجهہ سان گڏ تخليقيت، اعتماد ۽ سماجي شعور کي فروغ مليو. اهو ئي سبب آهي جو سندس دور کي ڪاليج جي تاريخ ۾ يادگار باب طور مڃيو وڃي ٿو.

اخلاقي ۽ روحاني پهلو، شخصيت جو مزاج، اخلاقيات، شاگردن سان محبت ۽ خلوص

پروفيسر عبيدالله لاکير سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا جو هڪ روشن نالو آهي، جنهن جي شخصيت ۾ علم، عاجزي، خلوص ۽ خدمت جا سڀ رنگ گڏيل آهن. سندس مزاج نرم، محبت ڀريو ۽ انسانيت سان ڀرپور آهي. وڏو عالم ۽ استاد هجڻ باوجود هو شاگردن سان سادگي ۽ سهولت سان پيش ايندو آهي، جنهن سبب شاگرد پاڻ کي محفوظ ۽ باعزت محسوس ڪندا آهن. سندس زندگيءَ جو مرڪزي محور اخلاص ۽ عاجزي آهي، جنهن ڪري هو هر طبقي ۾ عزت ۽ احترام جو مرڪز رهيو. سندس چهري تي هميشہ تبسم

هوندو، جيڪو هر ملاقات کي يادگار بڻائيندو. رسول الله ﷺ جو فرمان آهي:

تَبَسُّمُكَ فِي وَجْهِ أَخِيكَ لَكَ صَدَقَةٌ1 ".

ترجمو: "تنهنجي ڀاءُ جي سامهون تنهنجو مسڪرائڻ بہ تنهنجي لاءِ صدقو آهي.

اخلاقي طور تي پروفيسر صاحب مثالي شخصيت آهي. پاڻ اعليٰ اخلاقي قدرن تي عمل ڪري ٻين کي بہ هميشہ انهن تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪندو آهي. سندس گفتگو محبت ۽ نرميءَ سان ڀرپور هوندي آهي ، ڪڏهن بہ سختي يا بدزباني نہ ڪندو آهي. شاگردن کي نہ رڳو ڪتابي علم پر عملي زندگي جا اصول بہ سيکاريندو رهيو آهي ، جيئن سچائي، ايمانداري ۽ عزت نفس. روحاني طور سندس زندگي الله پاڪ جي ياد ۽ سنت رسول ﷺ جي پيرويءَ سان ڀريل آهي. پنج وقت نماز جو پابند آهي ۽ ٻين کي بہ انهيءَ لاءِ ترغيب ڏيندو آهي. قرآن پاڪ ۾ آهي:

اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ2.

ترجمو: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بري ڪمن کان روڪي ٿي.

پاڻ انهيءَ آيت جو عملي مثال آهي. سندس شاگردن سان تعلق والد ۽ فرزند جهڙو آهي. شاگردن جا مسئلا پنهنجي مسئلا سمجهي حل ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي مالي يا تعليمي تڪليف هوندي آهي تہ پوري سنجيدگيءَ سان سهارو ڏيندو آهي. ان ڪري سندس شاگرد نہ رڳو پڙهائي ۾ ڪامياب ٿيا پر اخلاقي ۽ روحاني طور بہ اڳتي وڌيا. ڪيترائي شاگرد ٻڌائين ٿا تہ سندس نصيحت ۽ دعا سندن زندگيون بدلائي ڇڏيون. رسول الله ﷺ فرمايو:

الدِّينُ النَّصِيحَةُ.1 ترجمو: "دين خيرخواهيءَ جو نالو آهي ".

1. سنن ترمذي، جلد 3، ڪتاب: نيڪي ۽ صلہ رحمي، باب: ڀلائي ڪرڻ جو بيان، حديث نمبر 1956.

2. القرآن 29: 45.

عاجزي سندس سڀ کان وڏي خوبي آهي. عهدن ۽ اعزازن جي باوجود پاڻ پاڻ کي عام انسان سمجهندو آهي ۽ ٻين جي خدمت کي زندگيءَ جو مقصد بڻائيندو آهي. سندس شخصيت ۾ صبر ۽ شڪر نمايان آهي. قرآن مجيد ۾ آهي: وَ اصۡبِرۡ وَ مَا صَبۡرُکَ اِلَّا بِاللّٰہِ2.

ترجمو: (اي پيغمبرﷺ!) تون صبر ڪر ۽ تنهنجو صبر الله جي ئي توفيق سان آهي.

هو هر حال ۾ الله تي ڀروسو ڪري ماڻهن کي بہ ساڳي تلقين ڪندو سندس ڪلاس روم فقط پڙهائيءَ جو هنڌ نہ هوندو آهي ، پر .آهي هڪ اخلاقي ۽ روحاني درسگاهہ بہ هوندي آهي. هو ٻڌائيندو تہ علم جو اصل مقصد نوڪري نہ پر بهتر انسان بڻجڻ آهي. سندس محبت ۽ خلوص سبب ڪيترائي شاگرد کيس روحاني والد ۽ رهنما سمجهندا آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃڻ باوجود بہ شاگردن جي پروفيسر صاحب .دلين ۾ سندس محبت ۽ اخلاص زنده رهندو آهي جي زندگي ۾ انصاف ۽ برابري اهميت رکي ٿي. هو ڪڏهن بہ ڪنهن شاگرد يا ساٿيءَ ۾ فرق نہ ڪندو آهي. سيني کي هڪجهڙي عزت ڏيندو آهي. سندس روحاني سوچ انسانيت سان محبت تي ٻڌل آهي. پاڻ سمجهندو آهي تہ عبادت صرف نماز ۽ روزي تائين محدود ناهي، پر ٻين جي مدد ڪرڻ ۽ دل آزاري کان بچڻ بہ عبادت آهي. رسول الله ﷺ جن جو فرمان عاليشان آهي:

الْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُونَ مِنْ لِسَانِهِ وَيَدِهِ.3

ترجمو: "مسلمان اهو آهي، جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن ".

پاڻ هن حديث تي مڪمل عمل ڪندو آهي. سندس تربيت جو وڏو اثر شاگردن جي زندگيءَ ۾ نمايان آهي. صبر، سچائي، خدمت ۽ قربانيءَ جا عملي سبق کين سيکاريا. هو هر نعمت تي الله جو شڪر

1. صحيح مسلم، جلد 1، ڪتاب: ايمان جو بيان، باب: دين خيرخواهي (۽ خلوص) جو نالو آهي، حديث نمبر 55 /196.

2. القرآن 16: 127 .

3. صحيح بخاري، جلد 1، ڪتاب: ايمان جي بيان ۾، باب: مسلمان اهو آهي، جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن (ڪا تڪليف نہ ملين)، حديث نمبر 10.

ادا ڪندو آهي ۽ شاگردن کي به سيڪاريائين ته شڪر سان الله وڌيڪ نعمتون عطا ڪري ٿو. قرآن پاڪ ۾ آهي:

"لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ." 1

ترجمو: "جيڪڏهن توهان واقعي شڪر ادا ڪندا ته مان اوهان کي وڌيڪ ڏيندس".

سندس محبت شاگردن لاءِ ڪنهن رسم جي ڪري نه پر دل جي جذبي سان آهي. ڪيترن لاءِ هو اهڙو سهارو آهي ، جيڪو سندن زندگيءَ ۾ اميد بڻيو. وقت جي پابندي، وعدي جي پاسداري ۽ شاگردن سان عزت ڀريو رويو سندس نمايان خوبيون آهن. سندس زندگيءَ جو اصول نيت جي صفائي آهي. حديث ۾ آهي: "سڀ عملن جو دارومدار نيت تي آهي". پاڻ هميشه سيڪاريندو آهي ته ڪاميابي ڊگريون نه پر سٺو انسان بڻجڻ ۾ آهي. سندس محبت ۽ اخلاص ڪيترن کي ڀڄڙن صحبتن کان بچائي سٺن عملن ڏانهن آندو. وفاداري ۽ سچائي سندس شخصيت جا اهم پهلو آهن. ذاتي مفاد لاءِ ڪڏهن اصولن کان نه هٽيو آهي. سندس لاءِ حقيقي عزت وفاداري ۽ اصولن جي پاسداريءَ ۾ آهي. هو تڪرار کي محبت ۽ حڪمت سان حل ڪندو آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

وَ الصُّلْحُ خَيْرٌ.2 ترجمو: "صلح بهتر آهي ".

پاڻ هميشه ان اصول تي عمل ڪندو رهيو آهي. عفو ۽ درگذر سندس زندگيءَ ۾ نمايان آهن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلطي ڪندو هو ته ڪيس پيار سان سمجهائي ڏيندو هو. رسول الله ﷺ فرمايو:

الرَّاحِمُونَ يَرْحَمُهُمُ الرَّحْمَنُ، ارْحَمُوا مَنْ فِي الْأَرْضِ يَرْحَمْكُمْ مَنْ فِي السَّمَاءِ، الرَّحِمُ شُجْنَةٌ مِنَ الرَّحْمَنِ فَمَنْ وَصَلَهَا وَصَلَهُ اللَّهُ، وَمَنْ قَطَعَهَا قَطَعَهُ اللَّهُ. 3

ترجمو: رحم ڪرڻ وارن تي رحمٰن رحم ڪندو آهي، توهان زمين وارن تي رحم ڪريو توهان تي آسمان وارو رحم ڪندو. رحم

1. القرآن 14: 7.
2. القرآن 4: 128 ..
3. ترمذي، جلد ، ڪتاب: ، باب: ، حديث نمبر 1924.

رحمٰن مان مشتق (نڪتل) آهي، جنهن ان کي جوڙيو الله ان کي (پنهنجي رحمت سان) جوڙيندو ۽ جيڪو ان کي ٽوڙيندو الله ان کي پنهنجي رحمت کان ڪٽي ڇڏيندو. سندس مزاج ان حديث جو حقيقي اظهار آهي. سندس سوچ ۾ ميانه روي ۽ محبت جو پيغام غالب آهي. هو ڪڏهن به نفرت جي ڳالهه نه ڪندو پر هميشه اتحاد ۽ ڀائيچاري جي تلقين ڪندو آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ.1

ترجمو: "بيشڪ سڀ مؤمن پاڻ ۾ ڀائر آهن ".

سندس تعليم ۽ عمل ان آيت جي عڪاسي ڪندا آهن. مشڪلاتن ۾ به صبر ۽ دعا سان اڳتي وڌندو ۽ ٻين کي به حوصلو ڏيندو آهي. قرباني سندس زندگيءَ جو اهم حصو آهي. هو پنهنجو وقت، آرام ۽ مالي سهارو به ٻين لاءِ قربان ڪندورهيو آهي. ريٽائر ٿيڻ باوجود به پنهنجي شاگردن لاءِ رهنما ۽ سهارو آهي. سندس زندگي هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن مان شاگرد، ساٿي ۽ سماج سڀ سبق حاصل ڪن ٿا. سندس مزاج ۾ عاجزي، گفتگو ۾ محبت، عمل ۾ اخلاص ۽ زندگيءَ ۾ خدمت جو جذبو آهي. اهڙيون شخصيتون ئي معاشري کي روشن ڪن ٿيون ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه بڻجن ٿيون.

تدريسي طريقيڪار، شاگردن جي تربيت، جديد ۽ روايتي طرز تدريس

پروفيسر عبيدالله لاکير سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا جو هڪ معتبر نالو آهي، جنهن پنهنجي زندگي تعليم، تربيت ۽ خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي. پاڻ نه صرف استاد پر هڪ فڪري رهنما پڻ آهي، جيڪو شاگردن جي ذهنن ۾ نيون راهون ۽ خواب پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. سندس علم ۽ تجربو شاگردن کي ڪتابي ڄاڻ کان علاوه عملي زندگيءَ ۾ سکيا حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم

1. القرآن 49: 10.

ڪري ٿو. پاڻ شاگردن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ صبر ۽ مهارت سان ڪم ڪندو رهيو ۽ تعليم کي سماج جي بهتري سان ڳنڍيو. سندس شخصيت عاجزيءَ جو بهترين مثال آهي. وڏي علمي مقام تي پهچڻ باوجود غرور کان پاڪ رهيو آهي. شاگردن، همراهن ۽ ماڻهن سان محبت ۽ همدرديءَ سان پيش ايندو آهي. گفتگوءَ ۾ نرمي، چهري تي تبسم ۽ دل جي صفائي سندس سڃاڻپ آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

"اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ﴿۱۸﴾"1

ترجمو: "بيشڪ الله هر هڪ مغرور ۽ فخر ڪندڙ کي پسند نٿو ڪري".

هي هدايت سندس شخصيت ۾ واضح طور نظر ايندي آهي. پاڻ شاگردن کي سيکاريندو رهيو ته علم ۽ قابليت جو اصل مقصد غرور نه پر خدمت آهي. استاد هجڻ جي حيثيت سان پاڻ پنهنجو وقت ۽ توانائي شاگردن لاءِ وقف ڪئي اٿائين. پنهنجي آرام کان وڌيڪ شاگردن جي ضرورت کي ترجيح ڏنائين. سندس قربانيون مالي، علمي ۽ اخلاقي سهائتا تائين پکڙيل آهن، جيڪي شاگردن لاءِ روشن مثال بڻيون. سندس تدريسي فلسفو اهو آهي ته انسان جي عظمت علم ۾ نه پر اخلاق ۽ خدمت ۾ آهي. رسول الله ﷺ فرمايو: اللَّهَ بَعَثَنِي لِتَمَامِ مَكَارِمِ الْأَخْلَاقِ وَكَمَالِ محَاسِنِ الْأَفْعَال.2

ترجمو: الله تعالي مون کي چڱن اخلاقن ۽ سنن ڪمن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.

مسند امام احمد بن حنبل ۾ هيئن روايت آهي:

إِنَّمَا بُعِثْتُ لِأُتَمِّمَ صَالِحَ الْأَخْلَاقِ.3

---

[1]. القرآن 31: 18.

[2]. مشڪواة المصابيح، جلد 3، ڪتاب: فضائل ۽ خصائل جو بيان، باب: سيد المرسلين ﷺ جن جي فضائل ۽ مناقب جو بيان، حديث نمبر 5770.

[3]. مسند احمد، جلد 4، ڪتاب: صحيفه همام بن منبهؒ حديث نمبر 8939.

ترجمو: مون کی مبعوث ئي انهيءَ لاءِ ڪيو ويو آهي ته عمده اخلاق جي تڪميل ڪري ڇڏيان.

پروفيسر صاحب انهي نبوي حڪمت کي پنهنجي زندگيءَ ۾ عملي شڪل ڏني. پاڻ شاگردن کي عملي زندگيءَ ۾ علم لاڳو ڪرڻ ۽ اخلاقي معيار قائم رکڻ سيکاريندو رهيو. پاڻ جيون ڀر خدمتِ خلق کي عبادت سمجهي جاري رکيون آيو آهي. علمي رهنمائي، مالي سهائتا يا اخلاقي مدد لاءِ هميشه موجود رهيو آهي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به سماجي ۽ علمي خدمتون جاري رکيون اچي پيو. اڄ به ادبي ۽ علمي محفلن ۾ حصو وٺي نئين نسل جي حوصلا افزائي ڪندو آهي. سندس زندگي اهو ثابت ڪري ٿي ته استاد ڪڏهن به رٽائر نٿو ٿئي. پاڻ شاگردن جي ذهني سطح ۽ ضرورت مطابق تدريسي انداز چونڊيندو آهي. ڪمزور شاگردن کي وڌيڪ وضاحت ۽ مثال سان سبق سمجهائيندو، جڏهن ته اڳيرن کي چيلينجنگ سوال ڏئي تجزياتي سوچ پيدا ڪندورهيو. اهڙي رويي سان شاگردن ۾ اعتماد، مسئلا حل ڪرڻ ۽ تجزياتي صلاحيتون وڌيون. پاڻ سکيا کي ڪتابن تائين محدود نه رکيائين، پر عملي زندگيءَ سان ڳنڍيائين. تاريخ ۽ ادب پڙهائيندي حقيقي زندگي جا مثال ڏيندو رهيو. اهڙي طريقي سان شاگردن ۾ دليل ڏيڻ، سوال ڪرڻ ۽ عملي سوچ پيدا ٿي. سندس نظر ۾ علم جو اصل مقصد صرف امتحان پاس ڪرڻ نه پر زندگي ۾ اثر ڇڏڻ آهي. جديد تدريس ۾ ٽيڪنالاجي کي شامل ڪيو. پروجيڪٽر، سلائيڊ ۽ وڊيو ذريعي بصري ۽ عملي سکيا کي دلچسپ بڻايو، ساڳي وقت روايتي ليڪچر ۽ ڪتاب پڙهائڻ به برقرار رکيا. اهڙي ميلاپ سان شاگردن ۾ علمي ڄاڻ سان گڏ تجزياتي ۽ عملي سوچ ترقي ڪئي. سندس نصيحتن سان شاگردن ۾ ايمانداري، عاجزي، سچائي ۽ خدمت جا جذبا پيدا ٿيا. پاڻ زور ڏيندو هو ته علم جو اصل قدر زندگيءَ ۾ مثبت اثر پيدا ڪرڻ آهي. سندس ڪلاس روم جو ماحول دوستانه ۽ همدردانه هوندو هو. شاگرد آزاديءَ سان سوال ڪندا ۽ بحث ۾ حصو وٺندا هئا. پاڻ سدائين سيکاريندو هو ته سکيا هڪ ٻطرفو عمل آهي، جتي استاد ۽ شاگرد گڏجي سکندا آهن. پاڻ شاگردن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ لاءِ

مباحثا ۽ سيمينار ڪرائيندو رهيو. اهڙي مشق سان شاگردن ۾ پيش ڪرڻ جي صلاحيت، اعتماد ۽ قيادت وڌي. سندس محبت ۽ شفقت سبب ڪمزور شاگرد بہ آسانيءَ سان تعليم ۾ اڳتي وڌندا هئا. نظم ۽ ضبط کي ضروري سمجهندو هو پر سختيءَ بدران محبت ۽ احترام سان. ان سان شاگردن ۾ وقت جي اهميت، ذميواري ۽ گڏيل ڪم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي. پاڻ قرآن پاڪ جي آيت " وَقُلْ رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ﴿۱۱۴﴾"1 ترجمو: ۽ اها دعا ڪندا رهو تہ: اي منهنجا پروردگار! منهنجي علم ۾ وڌيڪ ترقي عطا فرماءِ. کي پنهنجي تدريسي فلسفي جو حصو بڻايو. سندس چوڻ هوندو آهي تہ سکيا جو عمل زندگي جي پڄاڻي تائين جاري رهڻ گهرجي ۽ علم سماج جي بهتري لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجي. سندس تدريس ۾ روايت ۽ جديديت جو شاندار ميلاپ نظر اچي ٿو. هر سبق ۾ علمي مواد سان گڏ عملي زندگيءَ جا مثال ۽ اخلاقي قدر شامل هوندا هئا. پاڻ زور ڏيندو هو تہ علم بنا اخلاق جي بي معنيٰ آهي. ان ڪري شاگردن جي شخصيت کي متوازن بڻائڻ لاءِ ايمانداري، سچائي ۽ خدمت جي اهميت سيکاريندو هو. پاڻ ٽيم ورڪ تي بہ زور ڏيندو هو. شاگردن کي گروپن ۾ ورهائي بحث ڪرائيندو، جنهن سان تعاون، سمجهوتي ۽ ٻين جي عزت ڪرڻ جي صلاحيت وڌندي آهي. اهڙي طريقي سان قائدانہ صلاحيتن کي اجاگر ڪيو. شاگردن ۾ سماجي ۽ قومي ذميوارين جو احساس بہ پيدا ڪيو. پروفيسر عبيدالله لاکير جو تدريسي ڪردار هڪ مڪمل مثال آهي. سندس انداز ۾ جديديت ۽ روايت، علم ۽ عمل، اخلاق ۽ خدمت سڀ گڏ ٿي هڪ مڪمل فلسفو بڻجن ٿا. سندس شاگرد کيس صرف استاد نہ پر رهنما، دوست ۽ مشير سمجهن ٿا. سندس زندگي اهو ثابت ڪري ٿي تہ استاد رڳو علم ڏيندڙ نہ، پر زندگيءَ لاءِ روشنيءَ جو ڏيئو آهي.

1. القرآن 20: 114 .

سماجي بهتري لاءِ جدوجهد، تعليمي ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ

پروفيسر عبيدالله لاکير پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو سماجي بهتري لاءِ وقف ڪيو آهي. سندس خيال ۾ سماج جي ترقي رڳو ادارن، نصاب يا امتحانن تائين محدود نہ آهي، پر ان جو دارومدار فرد جي شعور، اخلاقي تربيت، علمي قابليت ۽ عملي تربيت تي آهي، جيڪي گڏجي سماج کي مثبت رخ ڏيئي سگهن ٿا. هو شاگردن کي هميشہ سيکاريندو رهيو آهي تہ علم جو مقصد صرف ذاتي فائدو نہ، پر سماج جي بهتري ۽ ٻين جي خدمت آهي. سندس فلسفو اهو آهي تہ علم سان گڏ اخلاقي تربيت ضروري آهي، جيئن معاشري ۾ انصاف، امن ۽ عزت قائم رهي. پروفيسر لاکير عملي مثالن ذريعي شاگردن کي سمجهايو تہ علم، شعور ۽ عمل گڏجي سماجي تبديلي آڻي سگهن ٿا. اهڙي تربيت شاگردن کي ذميوار ۽ باشعور فرد بڻائي ٿي، جيڪو سماج لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهي. سندس خيال ۾ علم جو مقصد رڳو نمبر يا سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ نہ، پر سماجي بهتري ۽ عملي زندگيءَ ۾ ان جو صحيح استعمال آهي. ان لاءِ شاگردن کي مختلف پروجيڪٽن، سيمينارن ۽ گروهي سرگرمين ۾ شامل ڪيو ويندو هو، جيئن هو علم کي عملي سطح تي آزمائي سگهن. سندس جدوجهد جو مرڪز اهو هو تہ شاگردن ۾ سماجي ذميواري، تعاون ۽ خدمت جو جذبو پيدا ٿئي. هن زور ڏنو تہ سماجي بهتري لاءِ صرف علم ڪافي نہ آهي، پر عملي قدم، تعاون ۽ حوصلا پڻ ضروري آهن. ان لاءِ هو شاگردن کي صفائي مهم، تعليمي پروجيڪٽن ۽ مقامي مسئلن جي حل جهڙين سرگرمين ۾ شامل ڪندو رهيو، جنهن سان انهن ۾ عملي شعور ۽ خدمت جو جذبو وڌندو رهيو. اهڙي تربيت سان نہ صرف علمي قابليت وڌي، پر سماجي ذميواري جو احساس بہ پيدا ٿيو. پروفيسر لاکير جو ڌيان شاگردن ۾ تنقيدي سوچ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ تي بہ رهيو. سندس خيال ۾ سماجي مسئلا احتجاج يا الزام سان نہ، پر علم، رهنمائي، تعاون ۽ عملي قدم سان حل ٿي سگهن ٿا. هن

شاگردن کي سيکاريو تہ مسئلن جو تجزيو ڪيئن ڪجي، متبادل حل ڪيئن ڳولجن ۽ عملي قدم ڪيئن کڻجن. اهڙي تربيت سان شاگردن ۾ ذميواري، تنقيدي سوچ ۽ عملي قابليت وڌي. سندس انداز ۾ تعاون ۽ ٽيم ورڪ جي اهميت نمايان آهي. شاگردن کي گروهن ۾ ڪم ڪرڻ، بحث ڪرڻ ۽ گڏجي مسئلا حل ڪرڻ جي تربيت ڏيندو رهيو. اهڙيون سرگرميون قيادت، سماجي شعور ۽ عملي تجربو وڌائينديون رهيون. سندس خيال ۾ سماجي مسئلا گڏجي، علم ۽ تعاون سان ئي حل ٿي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ڪو فرد اڪيلو سماج ۾ مڪمل تبديلي نہ ٿو آڻي سگهي. پروفيسر لاکير جو بنيادي مقصد اهو هو تہ شاگردن ۾ علمي قابليت سان گڏ سماجي شعور، اخلاقي تربيت ۽ عملي ذميواري پيدا ٿئي. هو مقامي مسئلن جهڙوڪ صفائي، تعليم ۽ صحت ۾ شاگردن کي عملي طور شامل ڪندو رهيو، جنهن سان انهن ۾ سماجي خدمت جو جذبو وڌندو رهيو. اهڙي رهنمائي سان شاگردن کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪم اچڻ جهڙا تجربا مليا. سندس جدوجهد نتيجي ۾ شاگردن ۾ علم سان گڏ عملي تربيت، سماجي شعور، تعاون ۽ خدمت جو جذبو پيدا ٿيو. پروفيسر عبيدالله لاکير جو شاگردن سان تعلق هميشہ بي لوث ۽ حوصلا افزا رهيو، جنهن سان انهن ۾ قومي ۽ مقامي مسئلن جو شعور پيدا ٿيو ۽ انهن کي سماج لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جو حوصلو مليو.

قومي ۽ اجتماعي ڪردار

پروفيسر عبيدالله لاکير جي زندگيءَ جو اهم پهلو سندس قومي ۽ اجتماعي ڪردار آهي، جيڪو شاگردن ۽ سماج لاءِ هڪ روشن مثال رهيو آهي. سندس خيال ۾ فرد جي ذميواري صرف ذاتي ڪاميابي تائين محدود نہ هجڻ گهرجي، پر ان ۾ قومي ۽ اجتماعي شعور بہ شامل هجڻ ضروري آهي. هو شاگردن کي سيکاريندو رهيو تہ علم، قابليت ۽ اخلاق صرف ذاتي فائدي لاءِ نہ، پر قوم ۽ سماج جي خدمت لاءِ بہ استعمال ٿيڻ گهرجن. قومي ترقي

۽ اجتماعي بهتري لاءِ هر فرد جو عملي ڪردار اهم آهي، ڇوتہ هر قدم جو اثر سماج جي مختلف شعبن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. پروفيسر لاکير جي تعليم ۾ قومي شعور، عملي تربيت ۽ اخلاقي رهنمائي گڏجي هلندا رهيا. هن شاگردن کي سيکاريو تہ مقامي، قومي ۽ عالمي مسئلن جو شعور رکڻ، انهن جو تجزيو ڪرڻ ۽ حل ڳولڻ ضروري آهي. گڏيل ڪوشش، تعاون ۽ علم جي درست استعمال سان ئي قومي بهتري ممڪن آهي. سندس قومي ڪردار ۾ وطن سان محبت ۽ وابستگي کي خاص اهميت حاصل آهي. سندس خيال ۾ هڪ سچي انسان جي سڃاڻپ ملڪ سان محبت، خدمت ۽ قومي ذميواري سان ٿيندي آهي. پروفيسر لاکير تعليم ۽ عملي تربيت کي گڏ رکندي، قومي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ سيمينار، ورڪشاپس ۽ گروهي سرگرمين جو اهتمام ڪندو رهيو. هن زور ڏنو تہ شاگردن کي نہ صرف علمي قابليت پر عملي تربيت، رضاڪارانہ ڪم ۽ سماجي خدمتن ۾ بہ حصو وٺڻ گهرجي. اهڙي تجربي سان انهن ۾ قيادت، ذميواري ۽ سماجي شعور پيدا ٿيندو آهي، جيڪو قومي بهتري لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو. سندس رهنمائي ۾ شاگردن کي سيکاريو ويندو هو تہ قومي ڪردار صرف ذميواري محسوس ڪرڻ تائين محدود ناهي، پر ان ۾ عملي قدم، خدمت خلق ۽ تعاون پڻ شامل آهن. ڪو بہ سماجي يا قومي مسئلو رڳو نظرياتي علم سان حل نہ ٿو ٿي سگهي، ان لاءِ عملي قابليت، حوصلو ۽ صبر بہ ضروري آهن. پروفيسر لاکير جو انداز هميشہ بي لوث رهيو، جنهن سان شاگردن ۾ قومي وابستگي، اخلاقي تربيت ۽ اجتماعي شعور پختو ٿيندو رهيو.

سائين پروفيسر عبيدالله لاکير جي زندگيءَ جي ڪجهه جهلڪ تصويرن جي روپ ۾



انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ پنهنجي ڪلاس فيلوز غلام حيدر ڪيريو، پير منير شاهه ذاڪري ۽ محمد ابراهيم لُنڊ



محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر، سائين جوهر بروهي، پروفيسر عبيدالله لاکير ۽ سائين محمد هاشم ڏيرو



اعجاز مهيسر سان



حيدرآباد ۾ ڪاليج ٽيم سان گڏ



ڳوٺ بخش لاکير ۾



گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ شاگردن سان گڏ



گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾



جيم خانہ دادو ۾ ڪاليج جي دوستن سان گڏ



تعليمي سيمينار ۾ خيرپور ناٿن شاھ



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ محبوب ڏيپر سان رهاڻ



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ ادبي ويهڪ



حيدرآباد ۾ اسپورٽس گالا دوران



استاد بخاري ڪاليج دادو ۾ تعليمي سيمينار دوران



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ شاعرن ۽ اديبن سان



ڳوٺ بخش لاکير واري اوطاق ۾ اصلاح الدين ناريجو سان



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ دادو جي دوستن سان



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ مسٽر عبدالحميد چنا ۽ ٻيا دوست



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ ادبي ويهڪ



ڳوٺ ڪوندي ۾ اداري بستي جي ٽيم سان گڏ سماجي خدمت دوران



ڳوٺ بخش لاڪير واري اوطاق ۾ ڀاءُ سميع الله لاڪير ۽ آفتاب چنا سان



ڳوٺ بخش لاڪير واري اوطاق ۾ مائٹ خدا بخش لاڪير (ڳوٺ لَڪو لاڪير) سان



ڳوٺ بخش لاڪير واري اوطاق ۾ ڊاڪٽر محراب لاڪير ۽ نظير لاڪير سان



ڳوٺ بخش لاڪير واري اوطاق ۾ ڀڦاٽ گلزار لاڪير ۽ آفتاب چنا سان



ڳوٺ واري اوطاق ۾ مائٽن سان



پٽ ثناءُ الله جي شادي جي پروگرام ۾ ڪلاس فيلو ۽ سردار گهراڻي جي فرزند محترم خالد حسين لاڪير سان



سالگرهه دوران دادو ڪاليج پرنسپل ۽ ڪاليج جي دوستن سان



پنهنجي ڀاءُ مرحوم اسدالله جي ٻچڙن حسنين ۽ بلاول جي طُهر سنت وقت



گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ پروگرام دوران



خيرپور ناٿن شاهه ۾ سالگرهه وقت ڪاليج جي دوستن سان



گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ مرحوم پاويل جوٽيجو ۽ قاضي عزيزالله مهيسر سان

2010 واري مها ٻوڏ دوران ايف پي بند تي خدمت دوران





ميهڙ ۾ تعليمي سيمينار 2024ع SP طارق عباسي سان



سيد محمد شاهه (پير آف ميهڙ) سان



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ ادبي پروگرام دوران



مزدورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ڪاليج قاضي عارف پروگرام ۾



S.U -Batch 89 -M.A final english department استادن ۽ ڪلاس فيلوز سان گروپ فوٽو



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾سائين عبدالستار مگسي، محبوب ڏيپر ۽ مرحوم پاويل جوڻيجو


ڳوٺ واري اوطاق ۾ سائين متارو شاهه ۽ ”دودو“ مقبول احمد لاکير


اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ ڪتاب سنڌ سلامت جي مهورت وقت


مختيار بن محمد قاسم ساند ۽ ڊاڪٽر محمد آدم ٻٽ سان


اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ ادبي پروگرام دوران


اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾ احمد رضا آگرو جي ڪتاب جي مهورت دوران


اويس قرني مهيسر جي ڪتاب جي مهورتي پروگرام ۾



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾



استاد بخاري ڪاليج دادو ۾



گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جي اسيمبلي



راندين جي هفتي دوران







سائين شمس الدين ابن ضياء ابن بلبل سان حبيب حضوري جي ڪتاب جي مهورتي پروگرام ۾



سائين عبيدالله جو ياءُ سميع الله پنهنجي مائٽن منظور، راشد ۽ بين سان



يونيورسٽي جي ڪلاس فيلوز پروفيسر ڊاڪٽر فريده پنهور ۽ پروفيسر ابراهيم لُنڊ سان نومبر 2023ع



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾



رٽائرمينٽ پروگرام گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾



ڪراچيءَ ۾ NGOs جي ٽريننگ دوران



پاڪستان ڏي ملهائڻ دوران قاضي عارف ڪاليج ۾



سيد محمد شاهه (پير آف ميهڙ) پرنسپل ٿيڻ وقت مبارڪباد ڏيندي



اسپيڊ آفيس ميهڙ ۾



ڳوٺ سڌار سنگت بخش لاڪير طرفاب ڳوٺ بخش لاڪير ۾ شوٽنگ بال ٽورناميٽ 2009ع



گورنمينٽ پرائمري اسڪول بخش لاڪير ۾ ثقافتي پروگرام ۾ مبين علي بن عبيدالله لاڪير تقرير ڪندي



گورنمينٽ پرائمري اسڪول بخش لاڪير ۾ ثقافتي پروگرام دوران

مختلف ڪاليج جي دوستن سان نئين گاج تي



خيرپور ناٿن شاهه ڊگري ڪاليج ۾ ڪاليج دوستن سان





گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف جي اسٽاف سان رٽائرمينٽ وقت



پنهنجي پڦات ۽ پيٽويي گلزار لاکير ۽ مائٽ محراب لاکير سان



پير مظهرالحق صديقي ايجوڪيشن منسٽر سان SEF آفيس ڪراچي ۾



پروفيسر غلام سرور لغاري ۽ ٻين ڪاليج جي دوستن سان


پنهنجي پٽ حماد الله سان


پنهنجي نياٽي (ناٽي) ڪرم الله لاڪير سان


علي اصغر لاڪير بن بخش لاڪير (سائين عبيدالله جو پيٽويو)


سائين ماستر محمد بچل لاڪير


مرحوم اسد الله لاڪير


مرحوم اسد الله لاڪير جا ٻچڙا


مرحوم اسد الله لاڪير ۽ ويجهو مائٽ صغير احمد لاڪير



مٺياري ڪاليج ۾ پرنسپل پروفيسر ممتاز شاھ بخاري ۽ ٽيچنگ اسٽاف سان




ايڊووڪيٽ محمد يعقوب لاکير سان اسلام آباد جي NGOs پروگرام ۾



محمد عثمان بن ٺارو خان لاکير (محراب لاکير) سان ميھڙ آفيس ۾



Briefing to Dr. Mahreen Bhutto MNA & USAID Representative at Islamabad



Dr Adam Butt, Poet Hassan Dars, Professor Ubedullah, Dr Azam Chandio at Karachi PC Hotel



سائين امير الدين ”قاصر“ ناريجو، غلام قادر ناريجو ۽ رسول بخش ناريجو



نعمت الله بن محمد بچل لاڪير
آيت ۽ نمسا پنهنجي نياڻين ۽
مريم(عرف خديجه) بنت
سميع الله لاڪير سان



پروفيسر
عبيدالله لاڪير






ڊاڪٽر
اعجاز علي سوڍر








غلام نبي، محمد حسين ۽ محمد ملوڪ (مگيو خان لاڪير جا فرزند)







غلام مصطفىٰ لاڪير، محمد ابراهيم لاڪير



ذوالفقار بن غلام نبي بن مگيو خان لاڪير



حاجي رحمت الله بن ڀڳو خان لاڪير (پروفيسر عبيدالله جو پڦڙ)




سيد فقير محمد شاھ جي آستاني تي ميهڙ



برگيڊيئر جميل احمد بن عبدالجبار لاکير سان ميهڙ آفيس ۾

راند دوران ڳوٺ بخش لاکير جي ميدان تي مرحوم عبدالغفار ناريجو سان گڏ





1988ع ۾ GSSB جي آفيس ۾ الاهي بخش عباسي، سليم رضا ناريجو، محمد يوسف ناريجو ۽ ٻيا



1988ع ۾ ڳوٺ سڏار سنگت جي پروگرام ۾



21 آگسٽ 1986ع ۾ ڳوٺ سڏار سيمينار دوران محترم غلام قادر لاکير سپاس نامو پيش ڪندي

دلدار راڏٽائي، گل حسن جانوري، عبد مگسي، عبدالوحيد ڪلهوڙو
گلزار علي لاکير، غلام نبي جتوئي ۽ سميع الله لاکير 2008ع ميهڙ آفيس ۾





1990ع ۾ ڳوٺ بخش لاکير جي عيدگاهہ ۾ سائين شمس الدين شمسي ۽
ڳوٺ وارن سان گڏ عيد نماز کان بعد

ڳوٺ بخش لاکير جي راند دوران ميدان تي نورالدين (بابُو) لاکير ۽ منظور
احمد ناريجو سان گڏ



حاجي رحمت الله لاکير ۽ نورالدين (بابُو) لاکير پروگرام ۾





ڳوٺ بخش لاکير ۾ سائين وڏي محمد صديق ناريجو سان گڏ





حسنين بن اسد الله، سميع الله ۽ مبين بن عبيدالله



علي بن گلزار، مزمل بن اصغر، قادر بخش سان گڏ ثناءُالله بن عبيدالله شادي (3 مارچ 2024ع) جي موقعي تي



شاهه نواز بن وڏيرو شمن لاکير سان گڏ



يسرىٰ بيبي ۽ عزير (ڪرم الله لاکير جا ٻچڙا) پنهنجي نانا سائين سان گڏ



حمادالله بن عبيد الله، حسنين بن اسد الله ۽ بلاول بن اسدالله


سنڌ پريس


TOMMY















کھنگ" قاضي عارف ۾ واھ جو ھنيو نعرو"
مئگزين آٽي محبوب چئي، جنھن جرڪايو جڳ سارو
واھ جو ھن کي وارو، ڏاتر ڏنو ڏيھ ۾
کھنگ ڪاليج مئگزين
مھورتي تقر
کھنگ








CERTIFICATE OF
APPRECIATION
ميتا جو سرٽيفڪيٽ
Professor Ubedullah Lakhair



OPPO A5 2020










Literary Activities: 2018
at SPEED Office 2nd floor Sahar House Mehar


Free Admission
No Examination Fees

S.S.S.T
MEHAR
سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم
SOCIETY FOR PEOPLE'S EDUCATION DEVELOPMENT (SPEED)
OPPO A5 2020 ©Ubaid


SOCIETY FOR PEOPLE'S





OPPO A5 2020





DEVELOPMENT (SPEED)
speed.org@live.com
speed.sindh@yahoo.com








SPEED


S.S.C.T
MEHAR




TOMMY


OPPO A5 2020


OPPO A5 2020


SOCIETY FOR PEOPLE'S EDUCATION
+92-300-3093627
OPPO A5 2020 · ©Ubaid


ادبي رهاڻ
تاريخ: 20 آڪٽوبر بروز آچر 2024
هنڌ: سماجي تنظيم اسپيډ (SPEED) آفيس ميهڙ


ct:Dadu Sindh










Supreme


OPPO A5 2020 · ©Ubaid


LAS VEGAS
OPPO A5 2020 · ©Ubaid

Professor Ubaidullah Lakhiar's Office: An Intellectual and Scholarly Hub in Mehar

The progress and survival of any society depend on knowledge, awareness and intellectual awakening. As long as a community remains connected with learning and literature, it not only stays alive intellectually and culturally but also advances towards success and prosperity. Such societies always produce remarkable individuals who, through their personal efforts and sincerity, open the doors of wisdom and guidance for others. Professor Ubaidullah Lakhiar is one such shining example who has given a new direction to the literary and academic environment of Mehar through his dedication and personal sacrifices. Professor Ubaidullah Lakhiar's office is not just an ordinary workplace; it has evolved into a center of intellectual and literary activities. It serves as a gathering place where a person from different walks of life come together to benefit from the light of knowledge and literature. This intellectual circle is attended by scholars, researchers, thinkers, poets, writers, authors, social activists, students and general readers. It is not limited to academic debates; rather, it also includes the exchange of creative ideas, literary discussions and reflections on contemporary issues. This environment has turned into a training ground and research laboratory for those who seek knowledge. One of the most remarkable qualities of Professor Ubaidullah Lakhiar is his hospitality and cheerful demeanor. He warmly welcomes everyone who visits him whether a renowned scholar or an ordinary student granting equal respect and kindness. This attitude makes the intellectual environment of his office even more attractive and inspiring. This moral greatness reflects his philosophy that knowledge is not confined to books or lectures but is a living experience where respect, compassion and brotherhood are essential components.

From his own personal resources, Professor Lakhiar organizes a variety of intellectual and literary programs, including poetry gatherings, seminars, symposiums and study sessions. These activities are highly beneficial for the youth, as they provide opportunities to learn directly from experts in knowledge and literature. The selection of topics for these gatherings is done with

great seriousness. Sometimes social issues are discussed, sometimes literary trends, sometimes research related subjects and at other times ethical and philosophical aspects. In this way, the office has become a multidimensional platform of learning. The greatest impact of his office is the intellectual awakening it has brought to Mehar. Those who attend develop a taste for research, critical thinking and the habit of reading. Its influence is especially visible among students, many of whom seek guidance there for their research, thesis writing and creative endeavors. Moreover, this space promotes intellectual harmony. People from diverse fields gather here and benefit from each other's ideas. Such dialogues foster tolerance, broaden perspectives and lay the foundation for positive change in society.

It is worth noting that Professor Lakhiar provides all these intellectual services from his own pocket without relying on the financial support of any institution or organization. This sacrifice and commitment make him a true example of service to knowledge. Looking at his efforts, one can say that he is not only a teacher but a genuine Servant of Knowledge who has devoted his life and resources to the promotion of wisdom and learning. His intellectual gatherings hold a valuable message for the younger generation: education is not limited to classrooms but is a lifelong process that encompasses all aspects of life. Young people should participate in such environments so that their thinking may expand, their character may strengthen, and they may play a constructive role in the betterment of society. The academic and literary contributions of Professor Ubaidullah Lakhiar are a source of pride for the intellectual atmosphere of Mehar. His office has become a center that promotes love for learning, intellectual awakening and moral development at the social level. His hard work, sincerity and sacrifices will remain a guiding light for generations to come.

I salute Professor Ubaidullah Lakhir, who has dedicated his self, time and resources to the service of knowledge in society. He is not only a beacon of light for Mehar but for the entire region, and his services will always be remembered.

Professor Ubaidullah Lakhiar: A Radiant Chapter of Knowledge, Literature, and Philanthropy

Teachers are the true foundation of any society. They shape the intellectual, moral, and academic development of the younger generation, imparting not only knowledge but also building character. History bears witness to the fact that only those nations achieve progress whose teachers are not merely diligent and capable but also imbued with sincerity, service, and a spirit of humanity. Among such distinguished teachers, one radiant name is that of Professor Ubaidullah Lakhiar, who devoted his life to spreading the light of knowledge, promoting social welfare, and advancing Sindhi literature. His personality embodied simplicity, dignity, love, and service. He was not only a teacher but also a guide, a philanthropist, a man of letters, and, above all, an ideal and a beacon of light for his students.

Teaching Services and Student Guidance

Professor Ubaidullah Lakhiar served in the field of teaching for several decades. His classroom instruction was highly effective and captivating. He did not rely solely on bookish knowledge but drew the attention of students toward real-life problems and their solutions. For him, the true purpose of a teacher was not merely to complete the syllabus but to develop in students the ability to think, comprehend, and analyze. His students often stated that his lectures had a unique charm and depth. He encouraged students to ask questions and would listen attentively to each one, no matter how small. This approach instilled self-confidence in students and gave them the courage to advance in the academic world. Professor Lakhiar's most remarkable contribution was the confidence, curiosity, and positive mindset he nurtured in his students. For them, he was not just a teacher but a mentor and role model. His students still proudly acknowledge that their professional achievements are deeply influenced by his guidance and counsel.

The Aspect of Being an Ideal and an Inspiration

The true success of a teacher does not lie in how many subjects he teaches but in the place he secures in the hearts of his students. Professor Ubaidullah Lakhiar achieved this distinction with great grace. His students always remember him as their ideal. His simple yet dignified personality, love for knowledge, spirit of human service, gentle speech, and inclination to help others were a source of inspiration for his students. Many of them, after achieving success in their professional lives, acknowledged that Professor Lakhiar not only educated them but also shaped their thinking, perspectives, and principles of living. One of his distinctive qualities was to give individual attention to every student. He possessed the ability to recognize the hidden potential of his pupils and to nurture it. This is why his students regard the principles of his life as a guiding light for themselves.

Philanthropic and Social Services

Professor Lakhiar did not confine himself to teaching alone but also played a prominent role in the sphere of social welfare. He firmly believed that the educated class bore the responsibility of taking practical steps to improve the lives of underprivileged segments of society. He extended both financial and moral support to poor and needy students. Many of them, unable to afford educational expenses, completed their education through his assistance. Furthermore, he actively participated in various welfare projects and social activities. In his view, true knowledge is that which benefits others through service.

Contributions to Sindhi Literature

The field of literature was also a significant aspect of Professor Ubaidullah Lakhiar's interests and services. He rendered invaluable contributions to the promotion and development of Sindhi literature. His writings are not only of scholarly and research importance but also serve as a bridge for the younger generation to remain connected with their language and culture.

His objective was that the youth should never forget their mother tongue and cultural heritage but embrace them as integral parts of their identity. His literary endeavors are regarded with esteem in academic circles.

The Moment of Retirement

On 26th July 2025, Professor Ubaidullah Lakhiar retired from Government Degree College Qazi Arif after completing his teaching services. This moment marked not only the conclusion of a chapter in his life but also the beginning of a new journey. On his retirement, students, teachers, and colleagues paid glowing tributes to him. While recalling his services, all acknowledged that he would always be remembered not merely as a successful teacher but as an ideal and an inspiration in the hearts of his students.

Tribute and the Love of Students

His students continue to regard him not just as a teacher but as the most precious asset of their lives. Many of them, despite excelling in various professional fields, never forget the guidance and blessings of their teacher. They acknowledge him as the true source of their accomplishments. This very bond is what renders a teacher eternal. Professor Ubaidullah Lakhiar nurtured this bond with his students through sincerity, love, and knowledge. In the end, we pray that Allah Almighty bless Professor Ubaidullah Lakhiar with good health, grant abundance in his life, and make his knowledge and services an ongoing charity. May Allah grant him success and honor in this world and the Hereafter.

Ameen.